# چالڪان



عبدالقادر جوڻيجو

روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چالڪا

(تاريخي، سماجي، سياسي ۽ ادبي مضمونن جو ڳٽڪو)

## عبدالقادر جوڻيجو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2007ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مضمون


■مهاڳ 7
1. گَڏھ. 9
2. ڪتا. 12
3. سنڌ ۾ تعليم جا ترا ڪيئن نڪتا؟ 15
4. ليڊر. 29
5. اقتصادي مامرو. 32
6. ڇا صحيح تاريخ لکڻ ممڪن آھي؟ 38
7. خبرون. 41
8. بلائون. 44
9. ٽي وي ناٽڪ ۽ ھٽ ڪڙيون. 49
10. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون. 54
11. ٻارن جي ڏکن جو قافلو 58
12. برسات اچڻ کان اڳ ۾ 61
13. ڪجھ صلاحون. 66
14. نظام. 70
15. عورت جي اقتصادي آزاد 73
16. اين جي او ڪلچري. 78
17. ڪجھ ڪوڙڪيون ۽ ڪجھ سوال. 85
18. ھاڪڙو ۽ مھراڻو. 90
19. بين الاقوامي سازش. 95
20. ڇا لکان؟ 99
21. آئي چن کان شبير سولنگيءَ تائين. 102
22.خودڪشي: قسم، ڪارڻ ۽ سماجي جوڙجڪ تي اثر. 110
23. خبر چار. 116
24. ڪرڪيٽ، جواري ۽ ميڊيا. 121
25. جرڳا ۽ راڄوٽيون. 129
26. ڪجھ ادبي مامرا. 134
27. ورھين جا وڇوڙا. 137



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| 28. هي خلقت ڪيڏانهن ويندي؟ | 143 |
| 29. جهنگ جي دنيا ۾ زلزلو. | 151 |
| 30. زلزلي بابت ڪجھ وڌيڪ ڳالهيون. | 159 |
| 31. نيون هجرتون. | 168 |
| 32. هڪ ذهني سفر. | 171 |
| 33. اسڪرين، يورپ ۾ ڪتاب. | 177 |
| 34. ٻہ ٻہ هٿ. | 186 |
| 35. جنگ جا ڪَڪَر. | 189 |
| 36. هٿ جي وِڇا. | 195 |
| 37. عشق جو اصلي ڪوڙ. | 201 |
| 38. پڙهي تہ ڏسو. | 208 |
| 39. دهشتگردي. | 214 |


## ترجما


| | |
|---|---|
| 40. جارج مائيڪس. | 221 |
| 41. خوشونت سنگھ. | 233 |
| 42. ليري ڪولنس. | 261 |
| 43. سزائر بورڪا. | 281 |
| 44. ميلان ڪنديرا. | 288 |
| 45. گارشيا مارڪئز. | 289 |
| 46. نورالدين فرح. | 290 |
| 47. جارج آرويل. | 290 |
| 48. جيڪ ڪيروبي. | 291 |
| 49. آرٿر ڪوئسلر. | 291 |
| 50. ماريوس وارگاسا للوسا. | 292 |
| 51. آچي بي. | 292 |
| 52. ممتاز مفتي. | 293 |
| 53. ارون ڌتي راءِ. ۽ | 298 |
| 54. اميتاو گھوش. | 307 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

هيستائين مون ٻيءَ سنگت جي ڪتابن تي تہ جام مهاڳ لکيا آهن، جو اها انهن جي مرضي هُئي تہ ڪو ٻيو ماڻهو سندن ڪتابن تي مهاڳ لکي. پر منهنجن ڪتابن تي اڄ تائين ڪنهن دوست کي مهاڳ لکڻ جي ڪا نہ تڪليف ڏني اٿم ۽ نہ وري ڪو اڳتي هلي ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ جو ارادو ٿو رکان جو سياڻن جو چوڻ آهي تہ "جيڪا ڇٽي، سا نپائي." سو آئون بہ انهيءَ خيال جو ماڻهو آهيان ۽ پنهنجي ٿي ڪتاب جو پاڻ مهاڳ لکڻ وينو آهيان.

هتي توڙي ولايت ۾ اخبارن ۾ ايڊيٽوريل کي ڇڏي ڪري اندرئين صفحن ۾ ٿلهي ليکي ٽن قسمن جون لکڻيون پاتيون وينديون آهن. هڪڙي تہ هوندي آهي خاص رپورٽ، جيڪا ڪنهن خاص واقعي يا مامري تي تفصيلي طور تي لکي ويندي آهي. اهو ڪم گهڻو ڪري اخبار جو پيشہ ور خاطو ڪندو آهي. پر ڪن خاص حالتن ۾ وري ڪنهن اديب کي ٻانهن مان جهلي، واقعي يا مامري واري هنڌ موڪليندا آهن تہ اُهو وڃي اصلي خبرون ڪڍي رپورٽ لکي، جنهن ۾ حقيقتن سان گڏوگڏ زبان جو چشڪو (Diction) بہ هجي. اديبن ۾ وري اهو ڪم Fictionلکڻ ورا ڪندا هن، جو اهڙن ڪمن ۾ شاعرن، نقادن ۽ محققن جي پهچ جي پيٽي نہ هوندي آهي. اخبارن ۾ اديب کان اهڙو ڪم وري ولايت جون سنجيده، ساڪائٽيون ۽ مال پاٽي اَچلائڻ واريون اخبارون وٺنديون آهن. هتي پاڻ وٽ اهو رواج گهٽ آهي جو اهي اخبارون اديبن جا نخرا ڪٽي نہ سگهنديون آهن.

ٻئي لکڻي هوندي آهي "ڪالم نگاري". ڪالم وري مقرر ٿيل تاريخ يا ڏينهن تي ڪنهن هڪ ئي عنوان تحت لکيو ويندو آهي ۽ انهن ڪالمن جي مواد ۾ هڪ قسم جو تسلسل بہ پاتو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪالم نگار پنهنجن

مقرر ٿيل موضوع تان هٽي به ويندو آهي، ته به سندس مقرر ڪيل ”عنوان“ ڪن ڪڍيو شامل ٿيو ويٺو هوندو آهي ته بابا پاڻ ڪالم نگار آهيون.

ٽيو قسم هوندو آهي ”مضمون نگاري“ مضمون لکندڙ ڪنهن به Dead Line ۽ ڪنهن به خاص موضوع جو محتاج نه هوندو آهي. اها مضمون نگار جي مرضي هوندي آهي ته هو جڏهن به چاهي ۽ جيئن به چاهي، پنهنجيءَ دل وٽان مضمون لکي ايڊيٽر کي ڇپجڻ لاءِ اُماڻي ڏيندو آهي. انهيءَ حساب سان پاڻ نه ته رپورٽر آهيون ۽ نه ئي وري ڪو ڪالم نگار. پر جي ڪجهه آهيون ته مضمون نگار (Essayist) آهيون. مضمون لکڻ وقت پنهنجي ناڙ بي آهي. ائين ئي هي مضمون مون اخبار ڪاوش ۾ ڇپائيا آهن. مون کي جڏهن به ڪو ”ڪالم نگار“ چوندو آهي ته چڙ ته ڏاڍي لڳندي اٿم. پر مزاج جي حساب سان Happy go lucky هئڻ جيءِ ڪري پنهنجيءَ چڙَ کي ڪنهن مزاحيه جملي ۾ اُڏائي خوش ٿي ويندو آهيان. پوءِ نه ڪنگهه رهندي آهي ۽ نه ڪڙڪو. تنهن هوندي به هن مهاڳ جي ذريعي پڙهندڙن کي هٿ ادب جا ٻڌي گذارش ٿي ڪجي ته هن ڪتاب ۾ گڏ ٿيل ”مضمونن“ کي ”ڪالم“ نه سمجهن ته اهو وڏو ٿورو ۽ قرب ٿيندو.

هن پيري هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون ترتيب ڏنا ويا آهن، اُهي سال وار آهن ته جيئن پڙهندڙ کي اهو اندازو ٿئي ته لکڻ وارو ڪهڙن ڪهڙن مرحلن مان نڪري ڪهڙي هنڌ تي پهتل آهي. ائين ئي هن ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ جيڪي ترجما ڏنا آهن ويا آهن، اهي به سال وار ترتيب ڏنا ويا آهن.

رهي اها ڳالهه ته منهنجو هيءَ ڪم ڪيتري پاڻي ۾ آهي، اهو فيصلو ڇڏيون ٿا عام پڙهندڙ تي.

آخر ۾ آئون ”ڪاوش“ اخبار وارن جو ٿورائتو آهيا، جن منهنجا هي مضمون هڪ لفظ به ڪٽڻ کانسواءِ جيئن جو تيئن شايع ڪيا. باقي اويرون سويرون اخبار وارن جي مجبوري هوندي آهي.

ربُ رحيم ڪريم آهي، سيني جي پلي ڪندو.

**عبدالقادر جوڻيجو**

**21-06-2003**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گڏھ

گُرو: اڳئين زماني ۾ گرو پڇندو هو ۽ چيلو جواب ڏيندو هو. هاڻي چيلو پڇندو آهي ۽ گرو جواب ڏيندو آهي، جيڪو پڇڻو اٽئي سو پڇي ڪڍ.

چيلو: سچو پچو سچ ٻڌائيندين؟

گُرو: سچي ڳالھ تہ اها آهي تہ جيئن هتي هر چور پاڻ کي ساڌ ۽ ٻين کي چور سمجھندو آهي، جيئن هر گڏھ پاڻ کي افلاطون ۽ ٻين کي گڏھ سمجھندو آهي. ائين هن ملڪ جو هر مها ڪوڙو پاڻ کي سچو ۽ ٻين کي ڪوڙو سمجھندو آهي. پاڻ وٽ ايترو تہ گھڻو ڪوڙ ڳالهايو ۽ لکيو ويو آهي جو مون کي تہ هاڻي پنهنجيءَ ڳالھ تي بہ اعتبار نہ رهيو آهي. البتہ ايتري خاطري ٿو ڏيانءِ تہ دل ۾ لُڪل ڪا بہ بدي وهاري ڳالھ ڪونہ ڪندس. جيڪي دل ۾ آيو سو ڦهڪائي ڪيندس.

چيلو: چون ٿا تہ جڏهن ڳائڻو ڪرندو آهي تہ قوالي ڳائيندو آهي ۽ جڏهن اديب ڪرندو اهي تہ ڪالم لکندو آهي. اها ڳالھ ڪيتري قدر صحيح آهي؟

گُرو: بابل سائين اهو تہ ڪالم ڪالم تي آهي. ڪالم لکڻ وارو اديب هجي يا جرنلسٽ، چوٿو هجي يا ڏگهو، مفت ۾ لکي يا پئسا وٺي لکي، انهيءَ سان ڪو بہ فرق نٿو پوي. ڪالم ۾ قوالي بہ ڳائي سگھجي ٿي، عوام کي ٺمري بہ هٽي سگھجي ٿي ۽ حاڪمن اڳيان مرلي بہ وڄائي سگھجي ٿي.

چيلو: چوڻ وارا چون ٿا تہ اديب کي جرنلزم ۾ اچڻ نہ گھرجي.

گُرو: چوڻ وارا گھڻو ڪجھ چوندا رهندا آهن ۽ ڪرڻ وارا بہ گھڻو ڪجھ ڪندا رهندا آهن. هن صديءَ جي ٻئي ۽ ٽئين ڏهاڪي ۾ ڌماچوڪڙي مچائيندڙ افسانہ نگار مائي ڊوروٿي پارڪر زبان سان چيرا ڏيڻ سان گڏ نيويارڪر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالم لکي ماڻهن کي پاڻيءَ مان ڪيي ڇڏيندي هئي. اهڙي ئي قسم جي ٻئي ڇتي ليکڪا قرت العين حيدر السٽريٽيڊ ويڪلي آف انڊيا ۾ صحافت ڪئي ڪجهه وقت اڳ گذاري ويل ناول نگار گراهم گرين ويٽنام جي اونداهين گهٽين ۾ ويهي آفيم جو حقو ڇڪڻ سان گڏ ويٽنام جي جنگ جي باري ۾ اخبارن لاءِ رپورٽنگ به ڪندو هو. جرنلسٽ مان اديب بڻيل گارشيا مارڪيز ”سو سالن جو اوڇاڳو“ ۽ ”لُوس ۾ قاتل پيار“ جهڙا ناول لکڻ کانپوءِ ڪولمبيا جي ڊرگ مافيا تي اخبار ۾ رپورٽنگ ڪئي آهي. ويٽنام جي جنگ ۾ نڪارا گوئا ۽ يونان جي خانہ جنگين ۾ بمن ۽ گولين جا ڏک ڪائي بچي ويندڙ مائي اوريانا فلاچي سنڌ جي فقيرن واڻگيان اٿن ئي آڱرين ۾ ڪُوڙيون منديون پائي ”مرد“ ۽ ”انشاءَ الله“ جهڙا ناول لکي ڦٽا ڪيا آهن. تون ڪيئن ٿو چوين تہ اديب کي جرنلسٽ ٿيڻ نہ گهرجي. ڏاڍو ڪو جاهل آهين. بس! هاڻي سوال جواب ختم. اڄ ڪان مون سان نہ ڳالهجانءِ.

چيلو: پر استاد مون تي ڇو ٿو ڪاوڙجين؟

گُرو: مون کي رشوت خور ڪامورن تي ايتري ڪاوڙ نہ ايندي آهي، جيتري جاهل پروفيسرن تي ايندي آهي. مون کي ڳنڍي ڇوڙن تي ايتري ڪاوڙ نہ ايندي آهي، جيتري ٽرڙن جرنلسٽن تي ايندي آهي. مون کي ٽرڙن وڏيرن تي ايتري ڪاوڙ نہ ايندي آهي، جيتري جاهل اديبن تي ايندي آهي.

چيلو: پر استاد آئون نہ پروفيسر آهيان، نہ جرنلسٽ آهيان، نہ، اديب آهيان ۽ نہ ڪو وري سياستدان آهيان. آئون تہ مسڪين چيلو آهيان.

گُرو: ڪوڙ تہ نہ ٿو ڳالهائين؟

چيلو: استاد، ڪوڙي تي لعنت هجي.

گُرو: ڇڱو تہ پوءِ پلي سوال ڪر.

چيلو: ڪا تازي خبر؟ ڪا نئين خبر؟

گُرو: هن ملڪ ۾ ڪا بہ خبر، نئين خبر نہ هوندي آهي. گڏهہ، ڪالهہ بہ گڏهہ هو، اڄ بہ گڏهہ آهي ۽ سڀاڻي بہ گڏهہ رهندو. رڳو آٽر بدلبا رهندا آهن.

چيلو: گڏهہ ڪنهن کي ٿو چوين؟

گُرو: جنهن جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک آهي.

چيلو: ڪک ڪنهن جي ڏاڙهيءَ ۾ آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُرو: جيڪو پنهنجي ڏاڙهي پيو ڪنهي.

چيلو: ڏاڙهي ڪير پيو ڪنهي؟

گُرو: نظر جهڪي ٿي ويئي اٿئي ڇا. عينڪ وٺي ڏيانءِ ڇا. رڳو مون ڪان نہ پڇ، پاڻ بہ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو ڪر.

چيلو: استاد. تنهنجي ڳالهہ اکين تي، پر ڏينهون ڏينهن گڏهن جو تعداد وڌي رهيو آهي ۽ عينڪون مهانگيون ٿينديون پيون وڃن. ڀلا عينڪون ڇو مهانگيون ٿي ويون آهن؟

گُرو: عينڪون انهيءَ ڪري مهانگيون ٿي ويون آهن جو تازي بجيٽ ۾ لفاظيءَ، بي ايمانيءَ، بليڪ ميلنگ. چمچہ گيري ۽ بيان بازيءَ تي هڪ پئسو بہ ٽئڪس نہ لڳايو ويو آهي، جڏهن تہ باقي هر شيءِ تي ٽئڪس لڳايو ويو آهي. ايتري قدر جو پوليس ۽ وڪيلن بہ پنهنجيون فيون وڌائي ڇڏيون آهن. ٻين لفظن ۾ انصاف گهرندڙ مظلومن جي لڙڪن تي بہ ٽئڪس لڳي چڪو آهي. انهن لڙڪن کي لڪائڻ لاءِ عينڪون گهڻ پئجي ويون آهن.

(1994ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪُتا

گُرو: اڳئين زماني ۾ گرو پڇندو هو ۽ چيلو جواب ڏيندو هو، هاڻي چيلو پڇندو آهي ۽ گرو جواب ڏيندو آهي، جيڪو پڇڻو اٿئي سو پڇي ڪڍ.

چيلو: استاد، ڪتن جي باري ۾.......

گُرو: ميان جا فقير! خير ته آهي. اڳئين ڀيري گڏهن جي باري ۾ پئي پڇيئه، هن ڀيري ڪُتن جا پار پتا پيو ڪڍين؟

چيلو: انهيءَ ڪري ٿو پڇان ته انهن ٻنهين جنسن جو تعداد تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. آئون فيملي پلاننگ وارن وٽ به ويو هوس ته "بابا ڪتن ۽ گڏهن جي فيملي پلاننگ ڪريو". جواب ڏنائون، "ميان! ملڪ ۾ فساد ڪرائڻو اٿئي ڇا؟" پڇيو مانِ، "فساد ڇو ٿيندو؟" جواب ڏنائون، "گڏھ پنهنجي پليٽ فارم تان هينگون ڏيندا ۽ پُستون هٽندا ته نتيجي ۾ ڪُتا فساد ڪري وجهندا." سو تڏهن ٿو ڪُتن جي باري ۾ پڇان.

گُرو: ائين چئه نه. آئون ڇوان الائي ڇو منهنجو چيلو ماڻهن کي ڇڏي ڪُتن جي پويان ڪاهي پيو آهي. ته هاڻي چڱيءَ طرح ڪن ڪولي ۽ اڪيون پوري ٻُڌ.

چيلو: جي استاد.

گُرو: هڪڙا ڪتا ٿيندا اٿئي "اصيل ڪتا"، جيڪي جهڙي تهڙي تي ڀُچ ئي نه ڇنڊيندا آهن. پيرن تي ڪنڌ رکي آرام ڪندڙ اهي ڪُتا صرف ساڄي اک کولي ڏسندا آهن ۽ سمجهي ويندا آهن ته هيءُ چور آهي ۽ هيءُ فقير آهي. جي چور هوندو ته هڪڙي ٽپ سان چور جي ڳچيءَ چڪ هوندس، پر جي فقير هوندو ته پوءِ پنهنجو ۽ ٻين جو آرام ڪو نه ڦٽائيندو. اهي ڪتا ڏينهن جا تارا ۽ رات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا بادشاهه هوندا آهن. انهن جو نسل اڳي به گهٽ هو هاڻي به گهٽ آهي ۽ آئيندي به گهٽ رهندو. ٻيا ڪتا ٿيندا اٿئي "ٽُڪريل ڪتا". اهڙا ڪتا نه ڪنهن جي ٻن ۾ هوندا آهن نه ٽن ۾. اهي نه فقير ڪي سڃاڻن نه چور ڪي. جي سڃاڻن ته صرف پنهنجي پيٽ ڪي سڃاڻن ۽ پوَنڪڻ جي بدران ماني ٽڪر ڪائڻ ۾ مصروف هوندا آهن. اهي ڪتا نقصان انهيءَ ڪري ڏيئي نه سگهندا آهن، جو سخين جي درتي تي پاتا ويندا آهن. جڏهن سخي لڏي ويندا آهن ۽ موضي اچي ڪن ڪڍندا آهن ته اهي ڪتا غائب ٿي ويندا آهن. ٽيان ڪتا ٿيندا اٿئي "لوسي ڪتا." اهي پري ڪان بيهي پوَنڪندا آهن، جڏهن وجهه ۾ ايندا آهن ته پيچ پيچڙن ۾ وجهندي، ڏند شيڪي ڪلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهي ڪتا جنهن ٿانوَ ۾ ڪائيندا آهن، انهيءَ تي ئي مٿان ٽنگ ڪٽي پيشاب ڪندا آهن. جنهن در جا ٻانها هوندا آهن، انهيءَ در تي حشروڙ مچائيندا آهن. جيئن ته انهن ڪتن جو نالو وٺي تي به نه هوندو آهي، انهيءَ ڪري سندن ڪوشش رهندي آهي ته نالي وارن ماڻهن تي پوَنڪي پوَنڪي پنهنجو نالو روشن ڪن. مطلب ته پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي هوندي اٿن. گهڻين ۾ رلندڙ انهن "بي نام" ڪتن جي پوري پوري ڪوشش هوندي آهي ته جيئن پاڻ انسانن تي پندي پاريو وينا آهن، ٽيئن انسان به مٿانئن پوَنڪي پوَنڪي هڦ ٿين. اهڙن ڪتن جي دماغي اهليت ۽ ناڻءُ ڪي اهميت ڏيڻ جي بدران ڪين پنهنجي حال تي ڇڏي ڏجي ته پوَنڪي پوَنڪي ختم ٿي وڃن. چوٿان ٿيندا اٿئي "چور ڪتا" اهي ڪتا حڪمت عمليءَ جا بادشاهه هوندا آهن ۽ انهن وٽ اهڙي سليماني ٽوپي به هوندي آهي جيڪا سڌي ڪري پائيندا آهن ته گم ٿي ويندا آهن، پر اهائي سليماني ٽوپي جڏهن اونڌي ڪري پائيندا آهن ته اها ٽوپي سليماني ٽوپيءَ مان ڦري چڱي مڙس جو پٽڪو ٿي ويندي آهي. تنهن ڪري اهي ڪتا پوريءَ پوريءَ پلاننگ ۽ حڪمت عمليءَ، سان ماڻ ماٺوڙي ۾ پويان چڪ هڻي فقير جي ٽنگ جي ٻوٽي ۽ سٿڻ جو اڌ ڪڍي ويندا آهن. چيلا، ٻڌين پيو يا سمهين رهين؟

چيلو: ٻڌان ته پيو استاد.

گُرو: اهي ڪتا چور ڪي چڪ نه هڻندا آهن، چاڪاڻ ته پاڻ به چور هوندا آهن. انهن جي سڄي ڪاوڙ فقيرن تي هوندي آهي. پر ساڌن سان سنمڪ ۽ پڻنچن سان پورا اهي ڪتا وقت اچڻ تي پنهنجي همه پيشه چور ڪي چوندا آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چوري ڪر“ ۽ پاڳين کي چوندا آهن ته ”هوشيار رهه.“ باغين کي چوندا آهن، ”بغاوت جي لٺ کڻ“ ۽ حاڪمن کي چوندا آهن، ”اک پٽ“. تاريخ جو شعور رکندڙ انهن ڪتن جي هر دؤر ۾ چاندي هوندي آهي. هر دؤر جي حاڪمن جا اهي ڪتا هر دؤر ۾ سنڌ جا سڄڻ، سنڌي قوم جا هڏڏوکي ۽ سنڌي ثقافت جا ابا ڪري ليکيا ويندا آهن. انهن ڪتن جو خيال آهي ته جيئن ڏگهڙي واري پاسي نوحاڻين پنهنجن ڪتن مٿان مقبرا اڏايا هئا. تيئن سندن مڙهن مٿان به سنڌي قوم مقبرا اڏائيندي پر يار چيلا هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچيم.

چيلو: ڪهڙي؟

گُرو: مرڻ ڪانپوءِ جي مقبرو اڏبو ته چا، جي چوڻڪ تي بت کڙو ڪبو ته چا. جي تاريخ ۾ نالو لکبو ته چا. لڳي ٿو ته مرڻ کان پوءِ به انهن جي بک مرڻي ناهي.

چيلو: استاد اها ته هر ڪنهن کي خبر آهي پر هڪڙا ڏوهيءَ جا ڪتا به ٿيندا آهن.

گُرو: پاڻ هِئي چا آهيون؟ پاڻ ئي ته ڏوهيءَ جا ڪتا آهيون، نه گهر جا نه گهاٽ جا. نه ته بنگلي ۾ ويٺل سرڪار تي سهي ۽ نه وري ڏوهيءَ جي گهاٽ تي ويٺل سرڪار جي مخالف سرڪار تي سهي.

(1994ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ ۾ تعليم جا ترا ڪيئن نڪتا؟

سنڌ جي هڪ اڳئين وزيراعليٰ ڪي پنهنجي دؤر ۾ شوق اچي ڪنيو ته جهونن جهونن نالي وارن تعليمي ماهرن کي گهرائي، تعليم جي ڀلي لاءِ ڪي صلاحون سُوڙهيون ڪجن. ڳالهه ته ڀلي هئي، پر علي احمد بروهي، ولي رام ولڀ ۽ مون کي الائي ڪهڙي ڪاتي ۾ وجهي سڏ ڏنو ويو هو مون کي خبر آهي ته اهڙين ميٽنگن ۽ ميڙن مان ڪجهه به ورڻو ناهي، رڳو ڳالهائي ڏندن مان چيڙهه ڪڍڻو هوندو آهي. مون کي ڪنهن ٻڌايو هو ته وزير اعليٰ صاحب انگريزيءَ جي ملاڪڙي ڏسڻ جي شوق ۾ ڏاڍيون ٽاٽايون وٺي ڪُوڙيل مڇن کي تيل هٽي اچي، وزير اعليٰ هائوس مان نڪتو. يارن کي صلاح آهي ته جي ڪنهن کي پنهنجي شڪل حاڪم کي ڏيکارڻي آهي ته وڃي اڳئين سيٽ تي ويهي، جي تماشو ڏسڻو اٿس ته پوئينءَ سيٽ تي وڃي ويهي. سو هيءُ بندو به وڃي پوئينءَ سيٽ تي ويٺو. پهرئين ته انگريزي ڳالهائڻ جو خفتي وزير اعليٰ انهن سڀني ڪمزورين ۽ خامين تان پردو کڻي ويو، جن جي ڪري تعليم جو، خاص ڪري پرائمري تعليم جو بنيادي پٽر ڪري پيو آهي. تقرير ڪانپوءِ تعليمي ماهرن جي اڳيان اها ڳالهه رکيائين ته مون کي صلاح ڏيو. انهيءَ تي سنڌ ۾ سالن جا سال انسپيڪٽر آف اسڪولس، ڊائريڪٽر تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم جي عهدي تي رهندڙ هڪ جهونو تعليمي ماهر وڏي ڪڙڪي سان چوڻ لڳو، ”سائين! سنڌ جي تعليم تباهه ٿي ويئي آهي، ٻيڙو ٻڏي ويو آهي، خانو خراب ٿي ويو آهي ۽ وڏو ظلم ٿيو آهي.“ انهيءَ تي وزير اعليٰ چيس، ”سائين منهنجا! اهي ڳالهيون ته آئون ڪري ويٺو آهيان. اوهان کي انهيءَ لاءِ گهرايو اٿم ته مون کي انهيءَ ظلم جو حل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايو.“ اتي وري تعليمي ماهر چيو تہ، ”سائين ڦهر ٿي ويو آهي، تعليم تباهہ ٿي وئي آهي“. وزير اعليٰ وري بہ پنهنجي انهيءَ ذات ڀائي سيد کي ٻي وسيءَ وچان چيو، ”سرڪار اها ڳالهہ تہ آئون ڪري ويٺو آهيان، مون کي انهيءَ ڦهر ختم ڪرڻ جو ڪو حل ٻڌايو.“ انهيءَ تي تعليمي ماهر وري ٻئي ڦهر ۽ ظلم جو رڪارڊ وڄائڻ شروع ڪيو تہ وزير اعليٰ ڪاوڙجي پيو ۽ چيو، ”پٽيائيس تہ، ”آئون هڪڙي ڳالهہ پيو پڇان، تون ٻئي ڳالهہ پيو ڪرين. ماٺ ڪري ويهي رهہ، منهنجا ڪن نہ کاءُ.“ وزير اعليٰ جي انهيءَ دڙڪي تي تعليم کاتي جي سابق صاحب بهادر جي بهاديءَ هيٺ اچي ڦهڪو ڪيو ۽ سندس حالت اهڙي ٿي وئي، جهڙي برسات ۾ پنل ڪکڙ جي ٿيندي آهي. ميٽنگ ۾ گهري خاموشي ڇانئجي وئي. شڪر ٿيو جو علي احمد بروهي هو، جنهن بہ ٿي چرچا هٽي حالتن کي سنوت ۾ آندو. بهرحال محفل جي توڙ تائين ڪنهن بہ تعليمي ماهر کو بہ حل نہ ٻڌايو ۽ ڪئين ميٽنگن وانگر اها ميٽنگ بہ لنچ جي موقعي تي هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيئي ۽ پليٽون ڦريندي پڄاڻيءَ تي پهتي، ۽ مانيءَ مٿان هڪ ٻئي کي ٺونٺيون هٽي ڪيرائڻ وارا تعليمي ماهر ڪپڙن تي هاريل ٻوڙ ڇنڊيندا، وزير اعليٰ اڳيان پنهنجي ڏيکاريل بهاديءَ جا ٻٽاڪ هڻندا روانا ٿي ويا.

جنرل ضياءُ الحق پنهنجي دؤر ۾ حڪم ڪڍيو تہ تعليمي نصاب مان اسلامي ڳالهيون خارج ڪيون وڃن. نتيجي ۾ فونون کڙڪيون، گاڏيون ڊوڙيون ۽ سنڌ جا وڏا وڏا تعليمي ماهر غير اسلامي جملن جو شڪار ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي جهنگ ۾ ڪاهي پيا. وڏي هڻ هٽان کان پوءِ هڪ غير اسلامي جملو پڪڙيو ويو، جيڪو ڪنهن بہ وقت تعليم کاتي جي ڪامورن جي ڪرسين جي نظرياتي سرحدن کي نقصان پهچائي پئي سگهيو. جملو هو، ”انگريز ماني ڪانٽي ڪان اڳ بيئر پيئندا آهن.“ فيصلو اهو ويٺو تہ ”بيئر“ جهڙي خوفناڪ غير اسلامي لفظ کي بنا دير جي ڏيهہ نيڪالي ڏني وڃي ۽ ”بيئر“ جي جاءِ تي ”پاڻي“ جي لفظ کي اپوائنٽ ڪيو وڃي. اپوائنٽمينٽ جي آرڊر کان پوءِ جملو هيئن بيٺو تہ، ”انگريز ماني ڪائڻ کان اڳ پاڻي پيئندا آهن.“ انهن تعليمي ماهرن عرف سنڌي دانشورن کي ڪير سمجهائي تہ انگريز ماني ڪائڻ کان اڳ پاڻي پيئندا ئي ناهن.

ڪجهہ مهينا اڳ ڪاپيءَ ڏر جي هڪ سياسي جماعتن جي نوجوان تعليمي ماهرن اهو مباحثو ڪرايو تہ ”مار پار جي سنوار آهي“. ڏيو منهن! هاٽي انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يارن کي کير سمجهائي ته مباحثو هميشه اهڙن موضوعن تي ڪرائبو آهي جيڪي اختلافي هجن. جڏهن ته اها طئه شده ڳالهه آهي ته مار ته ڇا پر ڇڙو دڙڪو به ننڍي ٻار کي نفسياتي بيمارين جي اونداهي کاهيءَ ڏانهن وٺي ويندو آهي. برطانيه ۾ جيڪي مائرون ۽ پيئر ٻارن کي مارينديا يا هيسائينديا آهن، انهن کي ٽاٽي جو منهن ڏسڻو پوندو آهي. مون کي ته اهو ڪُٽڪو ٿي ٻيٺو آهي ته سياڻي ڪي نوجوان دانشور انهيءَ موضوع تي مباحثو نه ڪرائي وهن ته ”واٽ ويندڙ ماڻهن کي گولين سان اڏائڻ سٺو ڪم آهي يا خراب ڪم؟“

ڪجهه مهينا اڳ اخبارن ۾ خبر ڇپي ته هڪ بااختيار اداري جي بااختيار لساني ماهرن جي ميٽنگ مان ”ڻ“ جو حرف غائب ٿي ويو آهي. الائي پڇي وڃي جهنگ ۾ پناهه ورتائين يا ڪراچي جي شهر ۾ غائب ٿي ويو آهي. آمريڪي ايف بي آءِ جا جاسوس ملڪ ۾ لٿل آهن. منهنجي خيال ۾ ته انهن جاسوسن کي گذارش ڪجي ته ”ڻ“ کي ڳولي هٿ ڪن ۽ سنڌي قوم کي 52 جو انگ پورو ڪري ڏين.

ديڳ جا اهي چار داڻا چکڻ ڪانپوءِ هر ڪو اندازو لڳائي سگهي ٿو ته ديڳ جو حال ڇا هوندو. سون مٿان سهاڳو اهو ٿيو آهي ته ماستر ٿا چون ته تعليم جو ٻيڙو ’دانشورن‘ ٻوڙيو آهي ۽ موٽ ۾ پاڻ کي دانشور سمجهندڙ رٽائر ٿيل ڪامورا ٽالهيون پيا وڄائين ته تعليم جو ٻيڙو ’ماسترن‘ ٻوڙيو آهي. اسان وٽ اها وڏي مصيبت آهي ته ڪنهن به مسئلي جي پيدا ٿيڻ جو ڏوهه ڪنهن هڪڙي ڌُر تي هٽي ڇڏيندا آهيون. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ٻين مسئلن وانگيان تعليم جي ٻيڙي ٻڏڻ پويان ڪيترائي ڪارڻ ۽ ڪيتريون ئي ڌريون موجود آهن.

اسان وٽ سنڌ ۾ جن سببن ۽ ڌرين جي ڪري زوال آيو انهن مان ڪجهه هت بيان ڪجن ٿيون.

1. ماضي قريب جي تاريخ تي لکيل ڪو به ڪتاب، ڪو به مضمون کڻي ڏسو اوهان کي انگريز جي گلا لکيل ڏسڻ ۾ ايندي. پر جي سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺاڻي سياڻي ماڻهوءَ کان پڇي ڏسو ته اوهان کي انگريز جي واکاڻ ٻڌڻ ۾ ايندي. الائي ڪتاب ڪوڙا آهن يا ماڻهو ڪوڙا آهن! ميجي ٿو ته انگريز ڌاريو حاڪم هو. ديسي ماڻهوءَ کي لٽ جي مُڇي تي جهليندو هو. فتح ڪيل ملڪن جو مال پاڻي برطانيا ڪهي ويندو هو. پر اهو انگريز ئي هو، جنهن سنڌي الف بي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺهرائي. آفيسن مان فارسيءَ کي نيڪالي ڏيئي سنڌي زبان کي آندو. بئراج ڪوٽائي ملڪ کي سائو ڪيائين. ريل وڇائي اينڊڙ ويندڙ کي سک ڏنائين. پليون ٺهرائي ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندائين ۽ عمارتون ٺهرائي ماڻهن کي سٺي گهر ناهڻ جي ريس ڏياريائين. انگريز ملڪ کي پنهنجي وقت جي حساب سان اهڙي عدالتي ۽ انتظامي جوڙجڪ ڏني، جنهن لاءِ اڄ به چوٽي آهي ته "انگريز جي واري شينهن ۽ ٻڪري هڪڙي گهيڙ تان پاڻي پيئندا هئا." انهيءَ ساڳئي انگريز، تعليم کاتي ۾ ميرٽ تي آفيسر ڀرتي ڪيا. انگريز جي واري، ٻه ٽي درجا پڙهيل ماڻهو اڄڪلهه جي گريجوئيٽ سطح تي بيٺل آهن. نصاب جي سطح تي پُـٺائيءَ جي انگي حساب جهڙا ڪيترائي ڪتاب اڄ به مشهور آهن. ميرٽ تي ڀرتي ڪندڙ ڏارئين حاڪمن جڏهن هي ملڪ ڇڏيو ته پوپان تعليم کاتي ۾ اهڙا ڪامورا ڀرتي ڪيا ويا يا اهڙن ننڍن ڪامورن کي ترقي ڏني وئي، جيڪي ديسي وزيرن، پيرن، ۽ وڏيرن جي درجا ٻانها يا دادلا هئا. يا وري اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ تعليم کاتو ڏنو ويو، جيڪي ٻه ٽي انڊا منڊا مضمون لکي ڪانڊيري مان ڦري درخت ٻڌجي چڪا هئا. جيتوڻيڪ انهيءَ وقت ۾ سنڌ ۾ ڪئين اهڙا شاهه ڪاريگر ماستر وينا هئا، جن کي جيڪڏهن تعليم کاتي جون واڳون هٿ ۾ ڏنيون وڃن ها ته تعليم کاتي جو هي حشر نه ٿئي ها. پر انهن ڇاڻو ۽ سياڻن ماسترن وٽ سفارش جو رئڪٽ نه هو ۽ نه وري ڇاڻو ۽ سياڻو ماڻهو وڏن ماڻهن جي جتين ڪڻڻ جو عادتي هوندو آهي. نتيجي ۾ سفارش ۽ لپاڙ جي زور تي ڀرتي ٿيل ڪامورا تعليم کاتي کي وقت جي حساب سان ترقي نه ڏياري سگهيا، پر اڳيون سوجهرو به چٽ ڪري ڇڏيائون. انهن ڪامورن تعليم کاتي سان ته جيڪي ڪجهه ڪيو سو ته ڪيو، پر الٽو پنهنجي چيلن چپاٽن جي پروپئگنڊا جي زور تي اهي ڪامورا عرف نام نهاد عالم اهڙيون پويتر ڳئون ٻڌجي چڪا آهن، جو جيڪڏهن هينئر به سندن نالا ڪٽجن ته سڄيءَ سنڌ ۾ ٻاهوڙ مچي وڃي. بهرحال اهي پويتر ڳئون ايتريون ته سنڌ ۾ پوڄيون ويون آهن، جو ڪنهن نالي ڪٽڻ جي ڪا ضرورت به ناهي. چار ڇڪا ڀاڻي پيئڻ وارو هر ماڻهو انهن نالن جي حقيقت کي سمجهي سگهي ٿو. انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ڦهريون چڙو ميرٽ مٿان هليو ۽ تعليم کاتي جون وڏيون ڪرسيون ننڍن ماڻهن جي ور چڙهي ويون. انهيءَ جو نتيجو اڄ به اسان جي اڳيان آهي ۽ ميرٽ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قتل عام ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي.

2. سڀ ملڪ ۾ هڪڙو جملو ذري ذري ورجايو ويندو آهي ته ”انگريز پنهنجي پويان ڪلرڪ پيدا ڪرڻ جو تعليمي نظام ڇڏي ويو آهي.“ جنهن به شخص فيشن بڻجي ويندڙ اهو جملو گهڙيو آهي، انهي جي ذهانت کي داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي، پر فيشن بڻجي ويندڙ هر جملو حقيقت نه هوندو آهي. هي جملو انگريز دشمني جي ويڙهه ۾ ته ڪارائتو آهي ۽ خوبصورت به آهي، پر حقيقت جي بلڪل ابتڙ آهي. حقيقت کي پرکڻ لاءِ انگريزن جي دؤر جي پرائمري ڪتابن جو مهرباني ڪري گهرو جائزو ورتو وڃي. انهن ڪتابن ۾ جيڪي سبق موجود آهن، جن ۾ واپار، پرڏيهي واپار، صحت، هنر، سماجي سائنسن ۽ اطلاقي سائنسن جي انهيءَ وقت جي حساب سان تربيت جا بنياد موجود آهن ۽ ڪلرڪ بڻجڻ جي ڪا به تبليغ ٿيل ناهي. تنهن ڪانپوءِ ڇا انگريز جي دؤر ۾ پڙهي ڊاڪٽر، انجنيئر، واپاري ۽ ٻيا اهڙي قسم جا پروفيشنل ماڻهو پيدا نه ٿيا؟ اها ڳالهه آهي ته انهن ۾ وڏي اڪثريت سنڌي هندوئن جي هُئي، جو اهي شهرن جا رهاڪو هئڻ ڪري تعليم ڏانهن ڌيان ڏيندا هئا. ڪجهه سنڌي انجنيئر ۽ ڊاڪٽر به انگريز جي واري جا پڙهيل رهيا آهن. ڪي ته حال حيات به آهن.

ٻڌاءِ ڪونه ٿو هٿان، پر اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته هن وقت سنڌي ريسرچ لئبرري سنڌيالاجي ۾ آهي. انهيءَ لئبريري ۾ روز ڪو نه ڪو غير ملڪي، غير سنڌي ۽ سنڌي ريسرچ ڪرڻ لاءِ پهچي ٿو ته انهيءَ کي اهي ئي ڪتاب ڪم اچن ٿا، جيڪي انگريزن جي واري ۾ لکيا ويا آهن. هن لئبريري ۾ رڳو تاريخ، ادب ۽ لسانيات جا محقق نٿا اچن، پر انٿراپالاجي، آرڪيالاجي، قانون، صحت، انجنيئرنگ ۽ زراعت سان لاڳاپيل سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جا ماڻهو به اچي نڪرن ٿا ۽ کين انگريزن جي ڪيل ريسرچ ئي ڪم اچي ٿي. باقي اهڙو ماڻهو ته لئبريريءَ ۾ مون اڃا تائين نه ڏٺو آهي، جنهن کي آفيسر يا ڪلرڪ بڻجڻ جو شوق ڪٺي آيو هجي ته انگريز بادشاهه جيڪو علمي سرمايو ڇڏي ويو آهي، انهيءَ کي پڙهي ڪلرڪ بڻجڻ جو شوق پورو ڪجي. انهيءَ هوندي به ڪٿي اها ڳالهه مڃيون ٿا ته انگريز پنهنجي پويان ڪلرڪ پيدا ڪرڻ جو تعليمي نظام ڇڏي ويو آهي. ڀلا انگريز اهو تعليمي نظام ڇڏي ويو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اها ته وصيعت بئنڪ جي لاڪر ۾ ڇڏي ڪو نه ويو آهي ته سندس پويان ايندڙ حاڪم انهي تعليمي نظام سان ڇيڙ ڇاڙ نه ڪن. جي ڪنهن وڪيل وٽ انگريز جي اهڙي وصيعت ڇڏيل هجي، ته اهو ڪٽي ڦاٽي.

حقيقت ته اها آهي ته ڪلرڪ بڻجڻ جي بيڪاري اسان پاڻ، پاڻ ۾ پيدا ڪري پنهنجو پاڻ کي پُڙي ڏني آهي. پنهنجا ڏوهه گناهه ٻين جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ جي عادت به تعليم جي زوال جو هڪ وڏو سبب آهي.

3. مال پاڻي توڙي رعبِ داب جي خيال کان جيڪي مزا ۽ موجون سي ايس ايس ڪامورن، انجنيئرن ۽ ڊاڪٽرن کي آهن يا گهٽي پگهار، غير ملڪي دورن، ٽي اي ڊي اي جو ڊالرن سان ڀرپور جيڪو اين جي اوز جو ريڪٽ لڳل آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه چالاڪ ماڻهو پنهنجا اصل ڏنڊا ڇڏي، انهن غير سرڪاري ادارن جي ذريعي هڪ پاسي گورن ڊونرن کي اسڪيمن جي ٺمري هٽي ۽ ٻئي پاسي سنڌ جي غريب عوام کي هوائي توائي ڳالهيون ٻڌائين ٿا ته اجهو ٿا سڄيءَ سنڌ کي سون ڪريو وجهون. انهن پنهنجن گهرن کي سونو بنائڻ جو جيڪو ڏنڌو شروع ڪيو آهي، اهڙيون موجون ۽ سهوليتون تعليم کاتي جي عام ڪامورن ۽ ماسترن جي نصيب ۾ ناهن ۽ نه وري غريب ماسترن کي معاشري ۾ اها عزت آهي جيڪا مٿي ڄاڻايل ڪامورن ۽ چالاڪ ماڻهن کي ملي ٿي. معاشرو اڄ ڪلهه انسان جي بدران ڪڙڪ نوٽ کي عزت ڏئي ٿو. انهيءَ صورتحال جي نتيجي ۾ جيڪي ذهين ۽ اعليٰ تعليم يافته ماڻهو آهن، اهي ته ٻين کاتن ۾ هليا ٿا وڃن ۽ باقي جيڪا ڪُرڙ بچي ٿي، اها تعليم کاتي جي حوالي ٿي وڃي ٿي. ظاهر آهي ته جيڪو شخص گهٽ پڙهيل آهي ۽ جنهن جي معاشري ۾ ڪا عزت به ناهي ته اهو اهڙي ئي تعليم ڏيندو، جنهن جو روئڻو اڄ اسان روئون ويٺا. ماستر کي جيڪڏهن سٺو پگهار ۽ گهٽي عزت نه ملندي ته تعليم ويندي پٺ پوندي.

4. يونين ٺاهڻ جو تصور ته اهو آهي ته يونين وارا پنهنجن ساٿين جا حق وٺن ۽ پنهنجن ادارن کي سڌارڻ لاءِ جدوجهد ڪن. پر اسان وٽ تعليم کاتي ۾ جيڪي يونينون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، انهن جي عهديدارن کي پنهنجن ووٽرن ۽ پنهنجن ادارن جي بدران پنهنجي پيٽ ۽ پٽڪي جو فڪر هوندو آهي ۽ اهي تعليمي مسئلن جي بدران پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن. اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهو ڪنٽرولرن تي دٻاءُ وجهي، پيپر ناھڻ جو ڪم پنهنجن ڳرڳن کي وٺي ڏيندا آهن ۽ پوءِ پيپر آئوٽ ڪري مال پاڻي ڪمائين ٿا. تنهن ڪانپوءِ اهي عهديدار دٻيا ڏيئي پيپر به پنهنجن ماٺهن کي وٺي ڏيندا آهن. نتيجي ۾ مون ڏٺو آهي ته ڪيترن ئي شاگردن جا چالاڪ مائٽ نوٽن جون ٿهيون کڻي پيا گهمندا آهن ته جيئن اولاد کي گهٽيون مارڪون ڏيارين ۽ ڪنهن اهڙي شعبي ۾ داخل ڪرائين ته جيئن اولاد جو مستقبل ٺهي. اها پريڪٽس مئٽرڪ، فرسٽ ييئر ۽ انٽر جي تعليم ڏيندڙ ادارن ۾ ايڏي ته پيماني تي پکڙيل آهي جو حقيقت ته اها آهي ته اخبار ۾ انهن ڳالهين جي ڇپجڻ جي به ضرورت ناهي. انهيءَ پريڪٽس ۾ اهڙا شخص به رڌل آهن، جيڪي پبلسٽي جي زور تي بظاهر سنڌ جا هيرو به ٿيو پيا هلن ۽ لڳندو ائين آهي ته همراهه کي سنڌ جو ڪو وڏو فڪر لڳل آهي. ”ڏک به پاڻ هٽي ۽ روئي به پاڻ“ جي چوٽي تي هلندڙ انهن همراهن به سنڌ جي تعليم کي تري سان وڃي هنيو آهي. مطلب ته يونين بازيءَ جو به تعليم جي ٻيڙي ٻوڙڻ ۾ حصو آهي.

5. ڇٽي ڳالهه آهي ته ماستر کي ايترو پگهار ملي ٿو، جنهن مان هن جو ڪنهن به صورت ۾ گذارو ناممڪن آهي. مجبوري ته مجبوري ئي ٿيندي آهي. انهن مجبورين ڇگن ماٺهن کي اهڙي هنڌ بيهاري ڇڏيو آهي جو انهن کي ڏسي اکين مان لڙڪن سان گڏ رت به وهي اُٿي ٿو. آئون پاڻ پرائمري ۽ سيڪنڊري ماستر رهيو آهيان. مون کي خبر آهي ته عام غريب ماستر ڪهڙو نه پٽ سان لڳل آهي. هن ننڍي ۽ غريب ملازم کي پيٽ پرڻ ۽ عزت بچائڻ لاءِ ڇيو ڏنڊو ڪرڻو ٿو پوي. ٻهراڙيءَ جو ماستر ڪوشش ڪري وقت بچائي ڊِگهن جي جوڙي يا مال جي ڏڻ تي گذر سفر ڪندو آهي. شهر جو ويچارو پرائمري ماستر ٻهراڙيءَ واري ماستر کان به وڌيڪ مالي دٻاءُ هيٺ رهي ٿو، جو شهر ۾ ماڻهوءَ جون ضرورتون به وڏي ويل آهن. انهي ڪري ماستر لاچار ٿي ڪوشش ڪري ٿو ته هو ٽيوشن جو ڏنڊو اختيار ڪري، ٻچن جو پيٽ پري. ٽيوشن لاءِ اهو ضروري آهي ته ڪلاس ۾ ايتري سٺي تعليم نه ڏجي ته جيئن شاگرد ٽيوشن تي مجبور ٿئي. نتيجي ۾ شاگرد ٽيوشن تي مجبور ٿي، چڱي خاصي معاوضي ڏيڻ تي ٽيوشن وٺي ٿو ۽ ماستر ٽيوشن مان ڪمايل پئسن جي زور تي ڪنڌ کڻي هلڻ جهڙو ٿئي ٿو. ڪجهه ماسترياڻيون به ٽيوشن جو ڪم ڪن ٿيون، پر جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيوشن نٿيون ڏين. انهن جي حالت ڏسي ڇوٽو پئجي وڃي ٿو ته ڪي ڳالهيون نه ڪرڻ جهڙيون نه سلڻ جهڙيون. ظاهر آهي جن غريبن کي پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ ڪجهه ناهي ته هو پنهنجن شاگردن جو پيٽ علم سان ڪيئن پريندا. ڪجهه وقت اڳ ڪجهه رٽائر ڪامورن پنهنجن شاندار بنگلن جي شاندار ڪمرن ۾ ويهي ماسترن خلاف جيڪي اخباري بيان ڏنا آهن يا ڪجهه اخبارن کي انٽرويو ڏنا آهن، انهن پيٽ پرين ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته هڪ غريب ماستر جو خالي پيٽ دهل وانگر ڪيئن ٿو وڄي. ڊرائنگ رومن ۾ قيد ٿيل ۽ عوام کان ڪٽيل اسان جي انهن نام ڪنين سڪين ستاين سابق تعليمي ڪامورن کي ڪپي ته جيڪڏهن ڪين ناٺو ۽ نالو ڪمائڻ مان فرصت نٿي ملي يا جيڪڏهن منجهن چرڻ پرڻ گهمڻ جي طاقت ناهي ته پلي گهر وينا رهن. پر وٽن ڪيئي چمچا پاليل آهن. ڪين ڪپي ته هو انهن چمچن کي هيڏانهن هوڏانهن موڪلي غريب ماسترن جو واءُ سواءُ وٺن، پوءِ غريب ماسترن تي جلهه ڪن ته تعليم جو ٻيڙو ٻوڙڻ ۾ ڪنهن جو هٿ آهي ۽ ماستر هيئنئر ڪهڙين حالتن مان گذري رهيو آهي.

6. غريب ماڻهو غربت جو ماريل آهي، پر عقل جو ماريل ناهي. منهنجي خيال ۾ ته عام ماڻهو اسان پڙهيل لکيل ماڻهن کان وڌيڪ سمجهو آهي جو ڪيس اسان کان وڌيڪ زندگي جي ڏنل مختلف تجربن مان گذرڻو پوي ٿو. انهيءَ ڪري هر هاري ۽ مزور مڙهو ۽ ڪلرڪ ڪڙو پنهنجي اولاد جي آئيندي جي باري ۾ وڌيڪ حقيقت پسنديءَ سان سوچيندو آهي. هڪڙو وقت هو جو گهٽيون نه، ته ٿوريون نوڪريون ميرٽ تيٰ ملي وينديون هيون. بعد ۾ ڏينهون ڏينهن ميرٽ ختم ٿيندي ويئي ۽ هاڻي ذري گهٽ ٻڙي تي اچي پهتي آهي. ته ائين پراڻي زماني ۾ ته غريب ماڻهو پنهنجو پيٽ ڪاٽي اولاد کي تعليم ڏياري ويندا هئا ۽ بنا سفارش جي يا تمام معمولي قسم جي سفارش تي غريب جي ٻار کي نوڪري ملي ويندي هئي. خود سفارش ڪرڻ وارا به ميرٽ کي خيال ۾ رکندا هئا. ڪيترن ئي غريبن جا ٻار ائين سٺن عهدن تي وڃي پهتا. هاڻي ته ميرٽ جو ڪپو ڪچ ۽ جهڳو جهڻ تي چڪو آهي. انهيءَ حقيقت کان غريب ماڻهو اسان کان وڌيڪ واقف آهي ۽ ڪيس خبر آهي ته هو پنهنجو سڀ مال مڙهو داءُ تي هٽي به پنهنجي اولاد کي پڙهائيندو ۽ اولاد ڪيترو به ذهين نڪري، پر ڪيس نوڪري ملڻي ناهي اسان جي اڪثر دوستن جو خيال آهي ته اولاد کي تعليم صرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڪري ڏيارڻ لاءِ ناهي ڏياربي، پڙهي لکي ڪري ماڻهو پنهنجو ڌنڌو ڌاڙي بہ شروع ڪري سگهي ٿو. پر انهيءَ معاملي ۾ عام غريب اڻ پڙهئي ماڻهو جي سوچ اسان کان وڌيڪ گهري ۽ حقيقت پسندانہ آهي. ڪيس خبر آهي تہ جي پنهنجي ٻار کي هر هاري بنائڻو آهي تہ ڪيس ڪنهن بيڪار اسڪول ۾ ويهاري وقت وڃائي ”ڌوبي جو ڪتو نہ گهر جو نہ گهاٽ جو“ بنائڻ جي بدران شروع کان ئي ٻنيءَ ۾ ڪيڙي پوکيءَ جي تربيت ڏني وڃي. ڪيڙي پوکي جي تربيت اسڪول ۾ پڙهيل زراعت جي سبقن کان سؤ ڀيرا وڌيڪ ٻنيءَ ۾ ئي ڏيئي سگهجي ٿي. ڪيس اها بہ خبر آهي تہ جيڪڏهن پنهنجي ٻار کي مستري بڻائڻو آهي تہ انهيءَ لاءِ گئريج اسڪول کان وڌيڪ ڪارائتي آهي. ڪيس اها بہ خبر آهي تہ جيڪڏهن اولاد کي ڪنهن هنر ۾ وجهڻو آهي تہ انهيءَ لاءِ اسڪول کان وڌيڪ ڪنهن هنرمند جو هٽ وڌيڪ لاڀائتو آهي. ڪيس اها بہ خبر آهي تہ جيڪڏهن اولاد کي واپار وڙي جي تربيت ڏيڻي آهي تہ اها ڪنهن دڪان تي ويهاري ڏيئي سگهجي ٿي، جتان هو وڏي خوشي سان واپاري بڻجي ٻاهر نڪري سگهي ٿو. هن ملڪ ۾ جيڪي هنري تعليم جا ادارا آهن، انهن متعلق وڏا ٻٽاڪ هڻي، انهن ادارن جا سربراهہ يا وقت جا حاڪم يا اسان جا نام نهاد سماج سڌارڪ پنهنجو نالو تہ روشن ڪري سگهن ٿا، پر غريب جي ٻار کي انهن ادارن مان ڪنهن بہ قسم جو فائدو پهچڻو ناهي. هونئن بہ اها حقيقت چٽي پيئي آهي تہ پڙهڻ ڪانپوءِ غريب جو ٻار نہ ڪنهن ڌنڌي جو رهي ٿو ۽ نہ وري ڪيس ڪو روزگار ملي ٿو. انهي ڪري عام ماڻهو تعليم ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني آهي ۽ نتيجي ۾ تعليم اڄ ٺرڙي تي لڳي آهي.

7. ماشاءَ الله اسان جي ملڪ ۾ زندگي جي مختلف شعبن جي باري ۾ جيڪا رٿابندي ٿئي ٿي ۽ انهي رٿابنديءَ جي نتيجي ۾ ملڪ جي خوشحالي جو جيڪو راڳ ڳائيو ٿو. وڃي ۽ پوءِ جيڪي نتيجا نڪرن ٿا تہ دل ٿي چوي تہ ويهي منهن مٿو پٽجي. اسان وٽ رٿابندي تي اهڙن ماڻهن کي لڳايو ويندو آهي جن کي ملڪ جي عام ماڻهو جي زندگي جي مختلف شعبن جي مسئلن بابت هڪڙي پئسي جي بہ خبر نہ هوندي آهي ۽ اهي ماڻهو صرف ڪاڳرن تي انگن اکرن جون بندوقون پيا ڇوڙيندا آهن. اسان جي تعليم جي رٿابندي بہ شروع کان وٺي اڄ تائين اهڙن واڳوئن جي ور چڙهيل آهي. شيشي جي آٽوميٽڪ ڪلنڊڙ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ٿيندڙ دروازن مان سنهيون بٺگون ڪٽي لنگهندڙ ماڻهن کي کهڙي خبر ته جهوپڙين ۾ ڪچن ڪڏن جا در ڪيئن کلندا ۽ بند ٿيندا آهن.

تعليمي رٿابندي ڪندڙن جو ڪعبو ۽ قبلو گهڻو ڪري اڳي برطانيه ۽ هاڻي آمريڪا آهي. ڇاڪاڻ ته اتان جي تعليمي ماهرن وٽ وڃي صلاحون ڪرڻ سان هڪ ته مغرب جي زيارت به ٿي ويندي ۽ پيو ته ٽي اي ڊي اي به جام ملندو. انهن ماڻهن ڪڏهن به انهيءَ ڳالهه تي غور نه ڪيو آهي ته مغرب جي سڪين ستابن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي زور تي هلندڙ زندگيءَ ۽ اسان جي زندگيءَ جي وچ ۾ وڏي ڪاهي آهي. اهي همراهه گهوڙي جي سواري سکڻ لاءِ هوائي جهاز تي چڙهي سواريءَ جا ست انگ سکندا آهن.

تعليمي رٿابندي ڪرڻ لاءِ پهرئين ڳالهه ته پنهنجي ئي ملڪ تي پاڙڻ کپي ۽ پنهنجي ملڪ جي ثقافتي، سماجي ۽ اقتصادي حقيقت کي اڳيان رکي ڪم ڪرڻ لاءِ اڳتي رڙهجي. پلا جي ٻئي هنڌان ئي مدد وٺڻي آهي ته پنهنجي ئي پاڙيسري ملڪ ڀارت جي صوبي ڪيرالا جي تعليمي تجربي مان فائدو وٺجي، جتي تعليم جو تناسب 99 سيڪڙو آهي، جيڪو آمريڪا ۽ برطانيا کان به وڌيڪ آهي. تنهن کانپوءِ پاڪستان سان لڳندڙ ڀارت جا صوبا اوڀر پنجاب، راجستان ۽ گجرات به ايترا پري ناهن. اتي وڃي ڏسجي ته تعليم جي رٿابندي ڪيئن ٿي ٿئي. هاڻي تعليم جي ڪجهه ماهرن بنگلاديش، سريلنڪا ۽ ملائيشيا ڏانهن رخ ڪيو آهي، پر سندن مغرب هڻان مار ڪاڌل ڏڏ ذهن انهن ايشيائي ملڪن جي تجربن کي هضم ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ڏسجي. تنهن کانپوءِ هڪ ٻئي پويان ايندڙ حڪومتون پنهنجن پنهنجن سياسي چڪرن ۾ دشمنين ۾ ايڏو ته قابو رهن ٿيون جو تعليمي رٿابندي به مسلسل انهن سياسي دشمنين جي ڪاڪ محل ۾ ڦيريون پائيندي رهي ٿي. ائين اسان وٽ ٿيندڙ تعليمي رٿابندي به اسان جي تعليم کي پٽتي ڪري ڇڏيو آهي.

8. هن ملڪ ۾ هر سال بجيٽ پيش ڪرڻ وارو ريڊيئي ۽ ٽي وي تان خلق خدا کي اهڙا انگ اکر ڏيندو آهي ۽ اهڙا اهڙا آسرا ڏيندو آهي جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو سمجهندو آهي ته سڀاڻي ملڪ ملير ٿي ويندو، کير جون نديون وهي وينديون، دڪانن تان سڀ شيون ڀڳڙن جي مٺ تي ملي وينديون ۽ گهر سامان سان ڀرجي ويندو. بجيٽ پيش ڪرڻ جي انهيءَ دل کي وڻندڙ تماشي کانپوءِ هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار پنهنجن پنجن ڇهن ڇاڙتن اقتصادي ماهرن جون رسيون ڪولي ڇڏيندي آهي ۽ اهي ريڊيئي ۽ ٽي وي تي اچي بجيٽ جي حق ۾ اهڙا اهڙا پلٽا هٽندا آهن جو ڇئہ تہ غريب اجهو ٿو سون جي سرن سان گهر گهڙائي. انگن اڪرن جي اهو ڪيل ورنديءَ رات جو غريب جي ننڊ ڦٽائي وجهندو آهي تہ ڪڏهن ٿو صبح ٿئي ۽ ڪڏهن ٿي بازار واڪ تي لڳي. گراهڪ صبح جو سوير ڪٽ تان اٿي ترٽ تڪڙ ۾ بنا هٿ منهن ڌوئڻ جي هٿ ۾ ڇبو ڪٽي بازار لٽڻ لاءِ جڏهن دڪان تي پهچندو آهي تہ بازار جا اگهہ ٻڌي سندس تاڪ لڳي ويندا آهن. بجيٽ ۾ ڏنل آسرن جو محل هيٺ اچي ڪرندو آهي، هر سال جون جولاءِ ۾ پنهنجي وقت جا مداري ٽي وي تي اچي انگن اڪرن جو ڪيل رچائيندا آهن ۽ هر سال بازار ۾ پهچي گراهڪ جا خواب ڇيهون ڇيهون ٿيندا آهن. جنهن بہ انهن انگن اڪرن ۽ تبصرن تي اعتبار ڪيو آهي، انهي جي هٿ مان پولڙي ڇڏائي ويئي آهي. ڏينهون ڏينهن مهانگائي چوٽ تي چڙهندي هاٽي انهيءَ حد تي اچي پهتي آهي جو اڄ ڪلهہ پنهنجي اولاد کي سٺي تعليم ڏيارڻ تہ پنهنجي جاءِ تي، پر پيٽڪي بچائڻ ڏکي ٿي پئي آهي اڄ ڪلهہ پنهنجي اولاد کي سٺي تعليم اهوئي ڏياري سگهي ٿو، جنهن وٽ حرام جي پئسي جي ريل ڇيل هجي. حق جي روزي ڪمائيندڙ لاءِ اولاد کي تعليم ڏيارڻ جو حق ڦرجي چڪو آهي. تعليم تي اوهان ڪيترا بہ ليڪچر ڏيو، ڪيتريون بہ ڳالهيون ڪريو، پر جڏهن غريب ماڻهو جي وس ۾ ئي نہ رهيو آهي تہ اولاد کي تعليم ڏياري تہ هو ڪيئن تعليم ڏياريندو. هتي شايد ڪجهہ دوست اهو سوال اٿارين تہ ڪيرالا ۾ غربت گهٽي آهي تہ اتي تعليم وڌيڪ ڇو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ عرض آهي تہ ڪيرالا ۾ تعليم ونڊ وس ۾ آيل ضرورت آهي، جڏهن تہ اسان وٽ تعليم حاصل ڪرڻ عياشي آهي ۽ ٻين ائٽمن جيتري ئي مهانگي آهي. سو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي بہ اسان وٽ تعليم جي عمل اڳيان بند ٻڌندي ٿي وڃي.

9. دنيا جي تاريخ ۾ بدترين واقعو هيرو شيما تي ائٽم بم ڪرڻ جو ڪري ليکيو وڃي ٿو. تاريخ 6 آگسٽ تي صبح جو پوڻين اٺي وڳي ڌاري هيرو شيما تي جيڪو بم ڪريو ۽ تباهي آندائين، انهيءَ واقعي جي سربستي خبر عام آمريڪي ماڻهوءَ کي بہ مهينا پوءِ پئي ۽ نيويارڪر جي ايڊيٽرن وقت جي مشهور ناول نگار جان هيريسيءَ کي جپان ۾ پنهنجو خاطو ڪري موڪليو تہ هو انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعي جي رپورٽ تيار ڪري جان هيريسي ڏينهن رات هڪ ڪري اها رپورٽ تيار ڪئي. جنهن ڏينهن اها رپورٽ نيويارڪر ۾ شايع ٿي ته نيويارڪر ۾ ٻئي ڪا به خبر، ڪارٽون ۾ ڪالم وغيره نه هو. صرف اها رپورٽ هئي. نيويارڪ جو اهو پرچو اڌ ڪلاڪ ۾ اسٽال تان کڄي ويو. بعد ۾ اها رپورٽ، Hiroshima نالي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي ۽ انهيءَ ڪتاب جي اشاعت جو انگ ٻن ڪروڙن کان چڙهي ويو. چيو وڃي ٿو ته صحافت جي تاريخ ۾ اهڙي ڀرپور رپورٽ اڄ تائين شايع نه ٿي آهي. اها رپورٽ ڇهن مردن ۽ عورتن جي ڏنل انٽرويوئن جي بنياد تي لکي ويئي، جيڪي انهيءَ موت جي ڪاري وانڊ مان بچي نڪتا هئا. انهيءَ رپورٽ ۾ جان هيريسي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ٻن ڇوڪرين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته جنهن وقت ائٽم بم شهر مٿان ڪريو ته هڪ ڇوڪري جي اڳيان پيل ڪتابن جي ڪٻٽ مان ٻه جي ڏڪ ساڻ ڪجهه ڪتاب اڏامي اچي ڇوڪريءَ کي ايترو زور سان لڳا جو ڇوڪري کي پيو ساهه ٻه ڪٽڻ نه ڏنائون. فاضل ليکڪ لکي ٿو ته دنيا جي تاريخ ۾ اهو پهريون واقعو هو جو هڪ انسان ڪتابن جي وڳهي مري ويو. اڄ آئون جڏهن سنڌ ۾ اسڪول ويندڙ ٻارن کي ڪتابن جو ڳرو ٿيلهو کڻي ويندي ڏسندو آهيان ته هڪدم مون کي خيال ايندو آهي ته متان هلندي ٻار ٿيڙ کائي ڪري پوي ۽ ڪتابن جي ڍير هيٺان اچي دٻجي مري نه وڃي ۽ تاريخ جو ٻيو نمبر واقعو جنم نه وٺي. ايڏو ڳرو نصاب به اسان جي تعليم جي زوال جو ڪارڻ آهي.

10. اسان وٽ جنهن نموني نصاب ٺاهيو ويو آهي. اهو به تاريخ جو هڪ دلچسپ باب آهي. اهو دلچسپ باب هڪ اهڙو مزاحيه ڊرامو آهي، جنهن کي ڏسي کل به اچي ٿي ۽ چڙ به اچي ٿي. مون کي دنيا ۾ ڪو به اهڙو ملڪ نٿو سجهي، جتي پرائمري اسڪول جي ننڍي ٻار جي مٿي ۾ اُٺڻ سان چار ٻوليون لڳن. پر سنڌ دنيا جو واحد عجيب و غريب علائقو آهي، جتي اٺڻ سان ٻار کي هڪ ئي وقت سنڌي، اردو، انگريزي ۽ عربي ٻولين جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وڌو ويندو آهي. اهڙي حالت ۾ ٻار علم حاصل ڪري يا چئن ٻولين جي سکيا ۾ پنهنجو پاڻ کي وڃائي ويهي رهي؟ ٻار سان چئن ٻولين سکڻ جي اها مهرباني ڪنهن غريب پرائمري ٽيچر نه ڪئي آهي، پر اهو قرب نصاب ٺاهيندڙ اسان جي تعليمي ماهرن ڪيو آهي. جيڪو ٻار کي علم جي دنيا ۾ ايرڻ ئي نٿو ڏئي.چئن ٻولين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انھيءَ نصابي ظلم اسان جي تعليم کي ٿوڪي ٿوڪي نقصان پهچايو آهي.

پرائمري جا جيڪي ٻه ڪتاب جڙندا آهن، انهن مان ڪو ٻه ڪهڙو ٻه ڪتاب ڪٽي ڏسو ته انهن ۾ مصنفين ۽ ايڊيٽرن جي پوري ڪرڪيٽ ٽيم نظر ايندي آهي. سون مٿان سهاڳو اهو ته هر ٻئي ۽ ٽئين سال مصنفين ۽ ايڊيٽرن جي ٽيم جا نالا بدليل نظر ايندا ۽ نئين ٽيم اڳئين ڪتاب ۾ بدليل وقت جي حساب سان ڪا مناسب تبديلي آڻڻ جي بدران ڪتاب کي اپ ٽو ڊيٽ ڪرڻ جي بدران معمولي قسم جون مدي خارج تبديليون آڻي، ڪم ٽپائي ۽ پنهنجا نالا ڳنڍائي ڇڏي. ڪنهن کي اعتبار نه اچي ته اهو گذريل ڏهن سالن ۾ ڇپيل ڪتاب کولي ڏسي ته پاڻيهي اچا ڪارا پڌرا ٿي پوندا. ٻيو ته ٺهيو پر "واهه ڙي تارا گول تارا" ۽ "جو کير پئي سو وير ٿئي" جهڙن ردم سان پڙهيل ۽ سولائي سان سمجهه ۾ ايندڙ نظمن جي جاءِ تي جيڪي نوان نظم آندا ويا آهن، انهن جو جائزو وٺي ڏسو ته خبر پئجي ويندي ته اسان جا نصاب جوڙيندڙ دوست ڪيتري پاڻي ۾ آهن ۽ انهن پوري نسل جي تعليم کي ڪيئن ڏک هنيو آهي.

دنيا جهان جون ٻوليون کڻي ڏسو، پوءِ اها چيني هجي، جپاني هجي يا اردو، هندي هجي يا انگريزي ۽ گجراتي هجي، سڀني ٻولين ۾ الف بي جو اهو ئي سٽاءُ هلندو ٿو اچي، جيڪو شروع کان هيو. پر سنڌي ٻولي دنيا جي اها واحد ٻولي آهي جنهن ۾ رکي رکي ڪڏهن "پ" پويان ته ڪڏهن "ٻ" پويان رکي ٿي وڃي ۽ ذر الف بي سٽاءُ بدلايو ٿو وڃي. تحقيق موجب هستائين سنڌي الف بي جو سٽاءُ کي 13 ڀيرا بدلايو ويو آهي، جيڪو هڪ اهڙو (ڪارڊ آهي، جنهن کي گنيز بوڪ ۾ عالم خان چني جي نالي وانگيان لکائي، سنڌ جو نالو دنيا ۾ روشن ڪري سگهجي ٿو. جتي حرفن جي سٽاءُ جي بيوقوفي جا سپ رڪارڊ ٽٽي چڪا هجن، اتان جي تعليمي ماهرن مان تعليم جي سڌاري واڌاري جي ڪهڙي اُميد رکي ٿي سگهجي؟ اها ڳالهه ماني ٽڪر ڪائيندڙ هر ماڻهو سمجهي سگهي ٿو.

اڳي پرائمري تعليم جي ابتدائي مرحلن ۾ گوناٽي ٻار جي حال سارو هڪ سڌي سادي باقاعدي ترتيب رکيل هوندي هئي. الف بي سيکارڻ ڪانپوءِ هر حرف تي زيرون زبرون ۽ پيش وغيره هٽي ٻار کي صرف اُچار سيکاريا ويندا هئا. اُچار سيکارڻ ڪانپوءِ ٻه حرف کڻي انهن کي ملائي، سادا لفظ سيکاريا ويندا هئا. مثلن "هيءَ آهي" ۽ "هو آهي" پوءِ انهن اکرن کي ملائي جملو لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو. مثلن ”هيءَ ڪٽ آهي“ ۽ ”اهو مٽ آهي“ وغيره. ائين ٻار روان تي ويندو هو ۽ بنا مونجهاري جي اڳتي سبق پڙهندو ويندو هو. ايڏي سولائي سان سڪنڊڙ ٻار ڪي نصاب ٿاهيندڙن اوچتو مغز تي چرو هٽي ڪڍيو ۽ زيرن زبرن جي ترتيبوار سکيا ڏيڻ جي بدران سڌو سڌو ڏکيو جملو متي ۾ هنيو ويو. جنهن اڻ سان ٻار ڪي مونجهاري جو شڪار بڻائي، ذهني طور تي تباهه ڪري ڇڏيو. مثلن ”هيءَ ڪٽ آهي“ ”يا هو وڃي پيو“ يا ”ننڍ مان اٿي“ وغيره. اهو نصاب اچڻ ڪانپوءِ! پڙهڻ وارا توڙي پڙهائڻ وارا هٿ متي تي ڏيئي ويهي رهيا. جنهن به شخص نصاب ٺاهيندي سڌو جملو سيکارڻ جو رواج وڌو. اهو شخص انگريزي ٻولي جي گهاڙيٽي ۽ سنڌي ٻولي جي گهاڙيٽي جي فرق کي سمجهي نه سگهيو. ڪانٺس اها ڳالهه وسري وئي ته انگريزي جي حرفن کي زيرون نه لڳنديون آهن. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جو ٻار سڌو جملو سولائي سان پڙهي ويندو آهي، مثلن This is a cat. پر سنڌي ٻار لاءِ پهرين ڏڪ ۾ ”هيءَ ٻلي آهي“ جهڙو جملو سکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، جيستائين کيس زيرون زبرون نٽيون سيکاريون نٽيون وڃن. تنهن ڪانپوءِ نصاب ٺاهيندڙ انهيءَ نام نهاد تعليمي ماهر کان اها ڳالهه به وسري وئي ته انگريز جو ٻار هڪ اهڙي معاشري ۾ رهي ٿو، جتي اهو اسڪول ۾ وڃڻ کان اڳ گهڻو ڪجهه سکي ٿو وڃي. جڏهن ته اسان جي ويچاري جهنگ جي ٻار کي اها سهوليت حاصل ناهي. منهنجي خيال ۾ سڌي جملي ذريعي پڙهائڻ جي تجويز سنڌ جي تعليم لاءِ ڪاپاري ڏڪ ثابت ٿيو. چاڪاڻ ته پيڙهه جو پٿر ئي غلط رکيو ويو. جنهن به شخص اها نصابي حرڪت ڪئي، اهو ڪنهن به صورت ۾ جنگي مجرم کان گهٽ ناهي. ظاهر آهي ته جڏهن پرائمري تعليم جو ئي بيڙو ٻڏي چڪو آهي ته ثانوي ۽ اعليٰ تعليم به اهڙن واڳن جي وَر چڙهيل آهي.

(1995ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو. همراهه جي گهر ۾ ڪُڪڙ پلي سنئين ڳاٽ پيو هلي پر ڦوڪون اهڙيون ڏيندو، جو ڄڻ ته آمريڪا جي صدر جي ڪُک ٿو ڪڍي ۽ چين ملڪ کي ڦوڪ سان ٿو اڏائي. اهڙا ليڊر هڪڙيءَ سيٽ جي زور تي چڱن خاصن عوام جي چونڊيل اصلي ليڊرن کي هائي جيڪ ڪري وٺندا آهن. اها حالت ڏسي دل چوندي آهي ته يا ته مٿو پٽ سان هٽجي يا پٽ پٽي مٽي ۾ هٽجي. بهرحال جتي لوپي هوندا آهن، اتي ٺوڳي بک نه مرندا آهن. بابل سائين! پنهنجي پنهنجي قسمت آهي، جنهن ملڪ ۾ سسٽم نه هوندو آهي، انهيءَ ملڪ ۾ قسمت پنهنجو رنگ ڏيکاريندي آهي. جتي ايمان ڪچو هوندو آهي، اتي اڌ اگهاڙن فقيرن جون لنيون، نجومين جون پيشنگوئيون ۽ انگن اکرن جو کيل رچائيندڙ اڌ پڙهين ۽ اڌ ڪڙهين نالي ۾ نهال ٽيڪنوڪريٽن جون ڦوڪون رنگ رچائينديون آهن. پنهنجي پنهنجي قسمت آهي بابا.

چيلو: استاد اهي ته ٿيا هوائي توائي ليڊر. پاڻ کي اصلي ليڊرن جي خبر ڪپي.

گرو: ٻچا! اتر سنڌ جي هڪڙي سيد سڳوري کي گهوڙن جو ڏاڍو شوق هوندو هو. سو جتي به ذات پلو گهوڙو يا گهوڙي سجهندي هيس ته واٽين کان قرض ڪڙا به ڪٽي پلو گهوڙو ضرور خريد ڪندو هو. گهوڙن جي شوق ۾ گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ کان به ڪونه گسندو هو. سو ڏس پيس ته هڪڙي همراهه وٽ اهڙو گهوڙو آهي، جو وڃي ٿيا ست خير. اصل کير جو وٽو پري ترڻيءَ تي رکي چوٽ چڏينس ته کير جو ڦڙو به وٽي مان هيٺ نه ڪري. وک، ڊُگ، رلو، مُن، ته پيري، سراڙو، مطلب جنهن به چال ۾ هٽينس ته ڏسي اکيون ٺرن. سو سيد سڳوري ڪاراوا ڪمدار ڊوڙائي، نوٽ وهائي اهو گهوڙو خريد ڪيو. پلي گهوڙي جي وري عادت اها هئي جي موڊ خراب هجيس ته چڪ هڻندي به دير نه ڪري. اهڙي گهوڙي جي موڊ جي خبر گهوڙي جي ڪنن مان پوندي آهي. اها هيئن ته اهڙو گهوڙو چڪ هڻڻ کان اڳ ڪن ڪيٽا ڪندو آهي يعني ته ڪن اپا ڪندو آهي. سو اهو گهوڙو به ڪاراون ڪمدارن سيد سڳوري جي اوطاق اڳيان اچي بيهاريو. سائين بادشاهه به ڏاڍو ڏاڙهيءَ مڇن کي تيل هڻي لڪڻ ڪٽي بدڪ وانگر ٽلندو حويليءَ مان نڪتو، پر جڏهن گهوڙي وٽ پهتو ته چرک پري پري ٿي بيهي رهيو. ڪمدار پڇيس ”سائين بادشاهه خير ته آهي، گهوڙي کان پري ٿي بيهي رهيا آهيو؟“ شاهه سائين ڪمدار کي جواب ڏنو ”بابا گهوڙو لک لهي، پر پلو گهوڙو چڙهڻ کان اڳ جي ڪن ڪيٽا ڪري ته سمجهه ته چڪ هٽي يا گهمائي لت هٽي. سو هن گهوڙي جي ته خبر ٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتي پوي تہ من ۾ چا اٿس، گهوڙي جا ڪن تہ آهن ئي ڪونہ. تہ ڪيئن خبر پوي تہ چڪ هڻندو يا سواري ڪرڻ ڏيندو." شاهہ سائين بہ ڳالهہ لڪ جي ڪئي. سوچيلا پائو! پاڻ جا جيڪي ليڊر آهن انهن جا بہ ڪن آهن ئي ڪونہ. الائي چڪ هڻندا، الائي سولا ٿي هلندا. سو بابل سائين عوام سان مصيبت اها آهي تہ نڪو حزب اقتدار جا ليڊرن جا ڪن آهن ۽ نہ وري حزب اختلاف جي ليڊرن جا. سو ملڪ سان الائي چا ڪندا پر رک خدا تي. اميدون الله ۾ آهن. تون بہ ليڊرن جو فڪر ڇڏ. ڪا ٻي ڳالهہ ڪر. ڀلا دنيا ۾ رڳو وڃي ليڊر بچيا آهن چا؟

چيلو: بادشاهہ ليڊر ئي تہ وڃي بچيا آهن. ٻيو چا بچيو اهي؟ سو وري بہ ڳالهہ ڪبي ليڊرن جي.

گرو: لڳي ٿو تہ تون ڪو نہ مڙندين.

چيلو: بادشاهہ! جيڪي مڙن سي وڃي ڳاهہ ڪائين.

گرو: تہ ٻڌ. جيئن آئون تنهنجو گرو آهيان. تيئن منهنجو بہ هڪڙو وڏو گرو آهي. اهو گرو اک ڪڻي نهاري تہ نظر سٽن ڪوهن مان پار وڃي، جي جملو منو چوي تہ سڪل وڻ سائو ٿي وڃي، جي جملو ڪڙو چوي تہ دشمن جي دانگي چٽ ڪري. جي لکڻ جي ميز اڳيان ويهي تہ سمنڊ کي لوڏي وجهي. سو منهنجو اِهو گُرو شيخ اياز چوندو هو تہ "ملڪ آهي سياري جي رات. ليڊر آهي ماٿهو ۽ ورڪر آهن ڪاٺيون. سياري جي رات ۾ ويهي ليڊر يعني ماٿهو. ڪاٺين يعني ورڪرن کي چلهہ ۾ وجهي ڏيندو آهي باهہ. پوءِ ليڊر پنهنجا هٿ بہ سيڪيندو آهي ۽ باهہ جي روشنيءَ ۾ سندس شڪل بہ چٽي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. معنيٰ تہ گرمي بہ حاصل ڪري ۽ شهرت بہ ماڻي." ڪيئن ٿو ڀائين مون واري گروءَ جي ڳالهہ؟

چيلو: بلي! اصل هڻ تہ چٽي. پر ليڊرن جي ٻي بہ ڪا خاصيت ٻڌاءِ.

گرو: ليڊر ڪهڙي بہ پارٽي جو هجي، ڪهڙي بہ ٻولي ڳالهائيندو هُجي ۽ ڪيتري بہ قد ڪاٺ جو هجي، پر ليڊر جي وڏي ۾ وڏي خاصيت اها آهي تہ هو پنهنجي گهر وارن سان هڪڙي ڳالهہ ڪندو آهي، يارن پيارن سان ٻي ڳالهہ ڪندو آهي، ڪچن ڪئبينيٽ سان ٽين ڳالهہ ڪندو آهي، سينٽرل ڪميٽيءَ سان چوٿين ڳالهہ ڪندو آهي، ورڪرن سان پنجين ڳالهہ ڪندو آهي، صحافين سان ڇهين ڳالهہ ڪندو آهي ۽ عوام سان جلسي ۾ ستين ڳالهہ ڪندو آهي. معنيٰ تہ ليڊر جا ست وات ۽ ست شڪليون هونديون آهن. ڳالهہ جي تان وري بہ انهيءَ ڳالهہ تي ٽا ٽوڙيون تہ گهوڙو تہ لڪ جو آهي، پر الائي چڪ هڻندو يا سولو ٿي هلندو.

(1995ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اقتصادي مامرو

چيلو: استاد خير تہ هو؟ نہ خبر، نہ چار، نہ نياپو نڙو. اسان جو اڪيلائي ۾ هتي اوباسيءَ جو نڪاءُ پئي پيو. ٻاهر ٿا نڪرون تہ هڪڙا هڪڙيون پيا خبرون ڪن، پيا پيون پيا خبرون ڪن، ٽيان وچان ئي ٽيون راڳ پيا ڳائين. اصل ڪن ئي پچيو پون. تون بہ جيئن جتي چنڊي روانو ٿئين تہ يڪي ڪٽي ٽپي ڏنئہ.

گرو: يرا ڳالهہ ئي ڇڏي ڏي. هڪڙو گرمين اچي تنجي ڪنيو، اصل ساهہ ڪڻ تہ ساهہ سان گڏ ٻاهہ بہ اندر ۾ هلي وجي. مٿان وري لاهور جي سرائيڪي وڏيرن وٽان ٽٽاسين، تن ايڏيون وني مانيون ڪارائيون جو اجا پيٽ جهليو پيا هلون.

چيلو: استاد لاهور وجي ڪو ڪانچو تہ نہ هنيئہ؟

گرو: پٽ، هيءَ وري وچان ئي چوٽون راڳ. ٻابا ڪانچا هٽٽا هجن ها تہ ڪراچيءَ وجي چو نہ ويهي رهون ها يا ڪانچن هٽڻ لاءِ تہ وڏي ڪوڙي بازار اسلام آباد ۾ آهي. چئن چگن جون جتيون ڪڻ تہ پٺون پارنهن تي وجن. پيٽ جهلڻ جي بدران ڪر ڪيسو جهليو پيا هلون ها.

چيلو: پلا تنهنجا جيڪو هٽ پيرست ڇڏي ويا هئا، هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟

گرو: هيءَ جيڪا ماڻهوءَ جي حياتي آهي، اها رڳو جهيڙو ئي جهيڙو آهي اهي فلمن وارا چورا چوريون هڪڙو پلو گانو ڳائيندا اهن تہ ”زندگي ايڪ جنگ هي!“ واهہ سائين واہ! گانو واهہ جو آهي. حالتن سان جهيڙو، ماڻهن سان جهيڙو، پنهنجي جيءَ سان جهيڙو، بيماريءَ سان جهيڙو، اصل لٺ جو ڪڙڪو پيو پوي. پاڻ بہ بسم الله ڪري ور ڪنجي سندرو ٻڌي لٺ ڪٽي پڙ ۾ ڪاهي پياسين. هڪل ڪئي سين تہ جي تون بيماري آهين تہ اسين بہ اسين آهيون. سو الله جي حڪم سان بيماريءَ ڪي هٽي ڊاهي وڌو سين. سورنهن مهينا لڳي ويا پر لٺ هٽ مان نہ ڪڍيسين. جي همٿ ڇڏيون ها تہ پاڻ ڪوئلي جي ڪاڻ ۾ قاتل انگريز وانگر ڦهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي پٽ تي ڪريون ها.

چيلو: اهو ڪاڻ ۾ قاتل انگريز وري ڪير آهي؟

گرو: اهي جيڪي بي بي سي وارا آهن، وڏا استاد اٿئي. ريڊيا ڏار هلائين، ٽي ويون ڏار هلائين هاٽي وري ڪتاب پيا ڇاپين. انهن ڪتابن ۾ ڏکيون ڳالهيون سولن اکرن ۾ ٿا سمجهائين. هڪڙو ڪتاب ڇاپيو اٿن. ”ذهني دٻاءُ“، مطلب تہ ”هرو ڀرو ٿلهو مٿي تي بار.“ سو گورو بادشاهہ لکي ٿو تہ هڪڙو مزور ڪوئلي جي کاڻ ۾ رهجي ويو تہ اوچتو ئي اوچتو بجلي بند ٿي وئي، پر مزور پرواهہ نہ ڪئي.

چيلو: ڇو پرواهہ نہ ڪائين؟

گرو: وچ مان ٽپ نہ ڏئي، ڪن ڪولي منهنجي سچي ڳالهہ ٻڌي وڃ. پرواهہ انهيءَ ڪري ڪا نہ ڪيائين جو کاڻ مان نڪرڻ لاءِ ڇئني ڏسين کان رستا ٻاهر ٿي نڪتا. تهان پوءِ وٽس ماچيس بہ هو. سو تيليون دکائيندي هڪڙي پاسي ڪٽي منهن ڪيائين تہ اجهو ٿو ٻاهر نڪريو وڃان. سو همراهہ هلندو رهيو هلندو رهيو، رستي جو ڇيهہ ئي نہ پيو اچي. هلندي هلندي نيٺ ڪري پيو ۽ مري ويو. اصل ۾ ڳالهہ هيئن آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اونداهہ ۾ ماڻهوءَ کان ڏسيون ڀلجي وينديون آهن. سو انهيءَ گوري بادشاهہ کان بہ ڏسيون ڀُلجي ويون. نيٺ خبر اها پئي تہ همراهہ رستي تي هلڻ جي بدران انهيءَ ٿُلهي ٿنڀ جي چوڌاري گهمندو رهيو هو. جنهن ٿنڀ تي کاڻ بيٺل هئي. سو هلي هلي ٿڪجي پيو، رت جو داٻ وڌي ويس، ڪري پيو ۽ مري ويو. ائين ئي ڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ڪا وڏي شئي سمجهي پنهنجو پاڻ کي عقل ڪل سمجهي، پنهنجي وجود جي ٿنڀ جي چوڌاري گهمندا رهندا آهن ۽ پنهنجي شخصيت جي چوڌاري طواف ڪندا ڪندا مري ويندا آهن. رهي ناءُ الله جو.

چيلو: استاد! پوءِ اهڙن ماڻهن تي تہ رحم ڪائي، ڪين ڪٽي دعا ڪجي.

گرو: ابا! دعا بہ اهڙن ماڻهن کي لڳندي آهي، جن جو ضمير هوندو آهي. بي ضميرن کي تہ دعا لڳڻي ئي ناهي.

چيلو: بلي! مطلب تہ ڳالهہ ڳڙ لڳي پئي آهي. استاد! هڪڙي ٻي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ.

گرو: اها وري ڪهڙي؟

چيلو: انهيءَ تو واريءَ اخبار ٻاهہ ٻاري ڏني آهي، نيون ڳالهيون ڪٽي شروع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون اٿس. جيڪو ڏس سو مون وٽ ٿڻو اچي تہ هن جو مطلب سمجهاءِ، هُن جو مطلب سمجهاءِ. آئون پاڻ منڊو پيو آهيان تہ اهو "مارڪيٽ ڪريش" چا آهي؟ اهي "اسٽاڪ ايڪسچينج"، "ايشين ٽائيگر"، "آئي ايم ايف"، "ورلڊ بئنڪ"، "روپئي جي لاٿ ۽ چاڙهہ"، "بيين جو بحران"، "زرمبادلو"، "مالي ذخيرو"، "مني چينجرز" ۽ "هُنڊي" ڪهڙيون بلائون آهن؟ چون ٿا تہ انهن اکرنُ جي ڪري اندونيشيا ۾ ڏڪار ڪاهي پيو آهي. آمريڪا جهڙي غوراب ملڪ کي رت جا ڏڪ پيٽاريندڙ ويٽنام هاٿي پاڻ وينو رت روئي. ملائيشا جهڙي امير ملڪ جو سياٽو بادشاهہ ڳٽتين ۾ ورتو پيو آهي. شيشي جهڙن رودن ۽ بلڊنگن واري ملڪ سينگاپور جي حاڪمن جو هڪڙو پگهر ٿو سڪي تہ ٻيو پگهر ٿو اچي. نراڙ تان پگهر ئي نٿو لهين. اهي تہ چتا. پر سڄي دنيا جي رودن تي ڊوڙندڙ گاڏيون، ريڊيا، ٽي وي ۽ ڪمپيوٽر ۽ ٻيون شيون ٺاهي ڏوڪڙ روڙيندڙ جپان بہ ڏڪيل ڪکر وانگيان ڦيرين ۾ اچي ويو آهي. اتان جي وزيراعظم ڪرسي ڇڏي پيرن تي اچي زور رکيو اٿس. هوڏانهن آفريقا ۽ لئٽن آمريڪا جي ملڪن ۾ اچي ٻڙڏڪ متو آهي ۽ آمريڪا جي صدر جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن. اهو آمريڪا جو صدر جيڪو ڪنهن کي آڏو هٿ بہ نہ ڏيندو آهي. انهي پورا نو ڏينهن چين ملڪ ۾ ويهي هٿ پئي جوڙيا. مطلب تہ وڏو اچي دونهاڙ اٿيو آهي. آخر مصيبت ڪهڙي اچي پئي آهي؟ سرڪار! ڳالهيون ٻڌي ٻڌي منهنجا تہ ڪن پچي پيا آهن. اسين بہ تہ سمجهون تہ اهو آهي چا؟

گرو: ير ڪچون ٿا تہ پت ٿو ٿئي گهاٽو. اها رڙ مون اڳ ئي ڪئي هئي پاڻ واري اخبار ۾ جيڪو NGOتي مضمون لکيو هئم. انهيءَ ۾ مون سان گڏ سهيل سانگي بہ رڙيون ڪيون. انن تہ تڏهن پئي رڙيون ڪيون جڏهن ٻورا پئي سباٽا. پر سائين ڪير ٿو مڃي! چي، "اهي ٻئي ڇٽ ٽريا گوڏيون چنبي اچي هٿ ٽٽا آهن. ٺلها پيا زٽ هڻن. انهن گوڏرن ٽرين کي ڪهڙي خبر تہ دنيا ۾ چا پيو وهي واپري؟" نيوز ويڪ جو تازو پرچو پڙهيو اٿئي؟

چيلو: سائين! تون بہ بادشاهہ ماڻهو آهين. جن کي انگريزي اچي ٿي اهي ئي ڪو نہ پڙهن. رسالا ۽ ڪتاب ڪچ ۾ ڪٽيو ٺلهيون شوبازيون پيا ڪن. مون غريب کي تہ انگريزي اچي ئي ڪا نہ ٿي. آئون تہ انهي رسالي جو نالو بہ پهريون ڀيرو پيو ٻڌان تہ پڙهندس ڏوڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرو: جيڪا اسان رڙ ڪئي، ساڳئي رڙ دنيا جي انهيءَ غوراب رسالي به تازي پرچي ۾ ڪئي آهي. مائيڪل هارش نالي هڪ وڏي خفتيءَ صحافي صفحي نمبر 2 تي اٽڙ سان رڙ ڪئي آهي. رڙ ته ڇا، ريهه ڪئي آهي ته:

"Asia's helpless, Russia's hapless and the IMF is running dry. But Japan may yet hold out"

چيلو: استاد! وري ڪٽي انگريزيءَ جو جملو مون غريب جي مٿي ۾ هنيو اٿئي، اسان لاءِ جهڙيون دبي ۾ نڪريون.

گرو: انگريزي اکرن ۾ نه ڦاس، منهنجي ڳالهه ٻڌ انهيءَ مضمون ۾ اڳتي هلي اهو آمريڪا جو گرڙ پڪي صحافي لکي ٿو ته ڪوريئڙي جو هڪڙو قسم اهڙو به ٿيندو آهي، جيڪو جڏهن جوان ٿيندو آهي، تڏهن پنهنجي ماءُ کي کائي ويندو آهي. اهڙي ساڳي طرح جنهن آءِ ايم ايف ايشين ٽائيگر ملڪ ٺاهيا، اهي ملڪ پنهنجي ماءُ آءِ ايم ايف کي کائي چڪا آهن ۽ هاڻي انهيءَ مالي اداري ۾ ٺڻ ٺڻ گوپال ڏار لڳي پيئي آهي، ويچارا ايشين ٽائيگر پنهنجو ماس پٽڻ ۾ پورا آهن. جپان جهڙو ملڪ انڌي گهوڙيءَ وانگر ڪل ۾ ڪاهي پيو آهي، وائيٽ هائوس ۾ ويٺلن تي هڪڙا پور لهن ٿا ته ٻيا چڙهن ٿا ۽ يورپ وارن پنهنجي ديڳڙي ڏار چاڙهي آهي.

چيلو: استاد اهو ٺي ته پچيم پئي ته اهو دونهاڙ ڇا جو اٿيو آهي؟

گرو: هاڻي ڪن کولي ٻڌ. ننڍي هوندي مون کي ڇڪي ترڻ واري جوا ڏسڻ جو شوق هوندو هو. اهو جيڪو دٻليءَ ۾ داٽا وجهي "آ...... ڇڪو!" ڪري پڌر تي هٽندا آهن ۽ داٽو رڙهندو ويندو آهي. ٿيندو ڇا هو جو اڻ ڏهه ڄٽا جهنگ ۾ پوڪاري ٺاهي جوا ڪندا هئا، ٻه ٽي ڄٽا وري پنهنجن کيسن ۾ ڏوڪڙ وجهي جوارين ۾ اکيون وجهي چپ پيا چٽيندا هئا. جڏهن ڪو جواري هارائيندو هو ته اهو چپ چٽيندڙ همراهن کان اوڌر ڪٽندو هو. جواريءَ کي اوڌر ۾ انهيءَ شرط تي ڏهن ڏهن يا پنجن پنجن جا نوٽ ملندا هئا ته جي جواريءَ کٽيو ته پڙ تي ڏيڍوٽا پئسا قرض ڏيندڙ کي ڏيندو. جي هاريائين ته ڳوٺ وڃي ڍڳن جي جوڙي يا ٻڪرين جا ٻه ڇهرو وڪڻي قرض لاهيندو. تنهن ڪانپوءِ ٻه همراهه وري مٽي وٽن جي چوٽين ۾ لڪا ويٺا هوندا ته ڪو اوڦٽو ماڻهو يا پوليس ته ڪا نه ٿي اچي اهي پهريدار جڏهن ڪنهن اوپري ماڻهو کي ايندو ڏسندا هئا ته سيٽي هٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوارين کي خبردار ڪندا هئا ۽ جواري وياج خورن سميت ڀاڄ ڪائيندا هئا. هاڻي آئيہ ڳالھ سمجھ ۾؟

چيلو: استاد! سمجھ ۾ تہ ڇا، اهو تماشو تہ مون بہ ڏٺو آهي.

گرو: تہ بس هاڻي ڳالھ ڇٽي تي ويئي، گڏھ ساڳيا آهن رڳو آتر بدليا آهن. راند ساڳي آهي رڳو اکر بدلجي ويا آهن. جيڪا جوارين جي پوڪاري (لکي ويهڻ جو هنڌ) هوندي هئي انهيءَ کي اڄڪلھ چوندا آهن ”اسٽاڪ ايڪسچينج“. جيڪي جواري هوندا هئا اهي اڄ ”ايشين ٽائيگر“. جيڪي ڇپ ڇنيندڙ وياج خور ويهندا هئا. اهي اڄ مالياتي ادارا جهڙوڪ IMFوغيره يا ’مني چينجر‘ پڙ ۾ جيڪي ڏوڪڙ هلندا هئا، اهي هوندا هئا ”مالي ذخيرا.“ جيڪي ماٺهو پهرو ڏيندا هئا، اهي اڄ ”آمريڪي سپاهي يا ڪٽي ڇڻ 52 جهاز“، جيڪي داڻا دلپيءَ ۾ هوندا هئا، اهي اڄ ”ٽيڪنالاجي“.

هاڻي ڳالھ اتي تي اچي ٽڪي تہ هن فقير پنهنجيءَ سڄيءَ عمر ۾ جوارين کي ڏٺو. جواري ۽ وياج خور سڄي عمر سنوان ٿيندي نہ مون ڏٺا، نہ تو ڏٺا ۽ نہ ٻين ڏٺا. جي ڏٺاسين تہ مال وڪڻندي ڏٺاسين. ٻيٺل فصل وڪڻندي ڏٺاسين. زمين وڪڻندي ڏٺاسين ۽ جويون وڪڻندي ڏٺاسين. مطلب تہ تباھ ٿيندي ڏٺاسين. فرق اهو آهي تہ ماڻهو جلد تباھ ٿيندو آهي، ملڪ تباھ ٿيڻ ۾ دير لڳندي آهي. هيسٽائين پاڻ جوا تي ٻڌل سرمائيداري ڏٺي سين. هاڻي اهو نظام سڀ ڪجھ وڪڻي، پنهنجي جوءِ کي وڪڻڻ تي اچي بيٺو آهي، جنهن کي اڄ ڪلھ چيو وڃي ٿو تہ ”مالي بحران“ يا ”مارڪيٽ ڪريش.“ هاڻي آئيہ ڳالھ سمجھ ۾؟

چيلو: استاد سورهن جا ويھ آنا ڳالھ سمجھ ۾ اچي ويئي، پر ڪو علاج ٻلاج؟

گرو: علاج سولو پيو آهي. هاڻي پاڻ سڄيءَ دنيا جي ماڻهن کي ڊالرن جي بدران انسان جي هٿن کي اهميت ڏيڻي پوندي، جيڪي هٿ لوھ ٽا ڪُٽين، جيڪي هٿ هر ٽا هلائين ۽ فصل ٽا اپائين، جيڪي هٿ مشينون ٽا هلائين، جيڪي هٿ هنر ٽا پيدا ڪن ۽ جيڪي هٿ هٿن سان ملي پيار ٽا ڪن. اسان کي ”اسٽاڪ ايڪسچينج“ تي ڌيان ڏيڻ جي بدران انهن دماغن تي ڌيان ڏيڻو پوندو، جيڪي دماغ پليون ٽا ڻاهين، جيڪي دماغ بيماريءَ جي علاج جا نسخا ٽا لکن، جيڪي دماغ ڪاغذن ۽ اسڪرينن تي ڪم جون ڳالهيون ٽا ڪن ۽ جيڪي دماغ اهو سمجهن ٽا تہ جواريءَ جو انت خواري آهي. هاڻ اسان کي ”مني چينجرز“ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدران انهن دلين ڏانهن ڌيان ڏيٺو پوندو، جن ۾ انسان ذات لاءِ محبتن جا مٺ ڀريا پيا آهن. هن وقت هيءَ ڌرتي مدار سان گڏوگڏ سڪن جي مدار تي پيئي هلي، هاڻي انهيءَ ڌرتيءَ کي انسان ذات جي دامدار تي گردش ڪرڻي پوندي. پئسو هٿ جي مير آهي، پر هٿ هن دنيا جو سينگار آهي. هاڻي هيڏي دونهاڙ ڪانپوءِ بہ جي انسان اک نہ پٽي ۽ اک تي ڊالرن جي پٽي ٻڌي ويهي رهيو تہ دنيا جو هيءُ گولو گهمندو گهمندو، ڪنهن بلئڪ هول ۾ ڪر ٿي ويندو.

(1995ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇا صحيح تاريخ لکڻ ممڪن آهي؟

پاڻ فتويٰ ڪا نہ ڏيون جو مفتيءَ جي پڳ نہ ٻڌائي اٿئون، حرف آخر ڪو نہ چئون جو ڪورٽ سڳوريءَ جا جج نہ ٿيا آهيون ۽ ڪا ڳالهہ ڪري پوءِ انهيءَ تي ليڪو ڪڍي ويهي رهڻ جي پاڻ جي عادت ناهي جو علم جي واٽ ڏگهي آهي. ننڍي دماغ جا ننڍا ماڻهو آهيون، وڏو ٿيپ ڏينداسين تہ ٽنگون پيچائي ويهي رهنداسين. البت ڪتابن ۾ لکيل ۽ سياڻن جا چيل بہ اکر پيٽ ۾ ضرور آهن. انهيءَ ڪري ڪجهہ ڳالهين تي پيٽ ۾ وٽ پوندا رهندا آهن ۽ دماغ ۾ ڪئين سوال اٿندا رهندا آهن. ڪيترن ئي مهينن کان هڪڙو سوال ذهن ۾ ڪُنڊي هڻيو ويٺو آهي تہ "ڇا تاريخ لکڻ ممڪن آهي؟" مون ڪي انهيءَ سوال جو جواب ٿو ڪپي، فيصلو پڙهڻ وارن تي ٿا ڇڏيون. انهيءَ سوال جا جواب ڪجهہ ڪُنڊون پاسا هت بيان ڪجن ٿا.

ويٽنام جي هلنديءَ جنگ ۾، گولين ۽ بمن جي وچ ۾ ويهي آفيم جا ڏگها سلفا ڇڪيندڙ گڙنگ ڏوپار موالي گراهم گرين مرهيات هڪڙو اهڙو صحافي ٿي رهيو آهي، جنهن کي ويهين صديءَ جي اٺن ڏهن بهترين صحافين مان هڪ ڪري ليکيو ويندو آهي. پاڻ وڏي تعداد ۾ شاهڪار ناول بہ لکيا اٿس. پنج ست سال اڳ سندس ننڍپڻ جي يادگيرين تي لکيل ڪتاب "Sort of life" هڪ دلچسپ ڪتاب آهي، پر انهيءَ ڪتاب جو جيڪو مهاڳ لکيو اٿائين، اهو تهائين وڌيڪ دلچسپ آهي. پهرئين مهاڳ ۾ پنهنجي انهيءَ آتم ڪٿا کي رجيڪٽ ڪيو اٿائين ۽ پوءِ آتم ڪٿا لکيءَ اٿائين. مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ صحيح آتم ڪٿا لکڻ ناممڪن آهي، جنهن جا ڪارڻ هو هن ريت ٿو لکي:

1. (الف) انسان انسان آهي، ڪمپيوٽر ناهي، ويسر انسان جي فطرت ۾ شامل آهي، جو انسان ڀُل جو گهر آهي. تنهن ڪري ضروري ناهي تہ هو جيڪا آتم ڪٿا لکي ٿو، اها ڪا صحيح هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ڪافي عرصو گذرڻ ڪانپوءِ انسان جي دماغ ۾ نالا، جڳهيون، ڳالهيون، رويا ۽ واقعا مَٽ سَٽ ٿي ويندا آهن. ڪي ڳالهيون اصلي ماڻهن جي بدران ٻين سان منسوب ٿي وينديون آهن. ڪي واقعا هڪڙي هنڌ پيش آيا هوندا ته اهي ٻئي هنڌ ۽ ٻين حالتن سان منسوب ٿي ويندا آهن. ڪي حقيقتون اگهتي پوئتي ٿي وينديون آهن ۽ ائين آتم ڪٿا اعتبار جوڳي نه رهندي آهي.

(ت) هلندي ڦرندي ۽ وهندي اٿندي جيڪي حقيقتون ۽ واقعا ماڻهو ڏسي ۽ ٻڌي ٿو ته ٿوٽلٽيءَ ۾ نٿو ڏسي، پر ڪنهن هڪ اينگل کان ٿو ڏسي. انهيءَ ڪري انسان جون اکيون، ڪن ۽ دماغ ڌوڪا کائيندا رهندا آهن. اهڙي قسم جا ڌوڪا کائڻ انسان جي فطرت ۾ شامل آهن. انهيءَ ڪري وقت گذرڻ ڪانپوءِ هو پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ جيڪي ڳالهيون بيان ٿو ڪري ته ضروري ناهي ته اهي صحيح هجن.

(ث) ننڍيءَ عمر ۽ پوءِ ڪچيءَ جوانيءَ ۾ هر ماڻهو پڇ پچائيندو آهي. ٻين لفظن ۾ هو فئنٽسي تخليق ڪندو رهندو آهي. اهي پچايل پَڇ وقت گذرڻ سان گڏ انسان جي دماغ ۾ اهڙيون ته پختيون پاڙون هڻي ويندا آهن جو اهو شخص انهن پَڇن کي حقيقتون سمجهڻ لڳندو آهي. هو پنهنجي ذهن جي ئي ڌوکي ۾ اچي، انهن پَڇن کي حقيقتون سمجهي قلم بند ڪندو آهي. اها ذهني ڪيفيت آتم ڪٿا کي اعتبار جوڳي رهڻ نٿي ڏئي.

گراهم گرين جي انهيءَ راءِ کان انڪاري ٿيڻ جو ڪارڻ ئي نٿو سُجهي، ته پوءِ اهائي حقيقت سامهون ٿي اچي ته لکندڙ جڏهين پنهنجي باري ۾ ئي صحيح ڳالهه نٿو لکي سگهي ته ٻين جي باري ۾ ڪيئن ٿو صحيح ڳالهه لکي سگهي؟ جڏهن آتم ڪٿا ئي لکڻ ناممڪن آهي، ته تاريخ لکڻ ڪيئن ممڪن آهي؟

2. پري نه وڃو، ٿورو دل تي هٿ رکي خدا ڪارڻ شاهدي ڏيو ته زمان حال جي اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي جيڪا اسان جي تاريخ رڪارڊ ٿي رهي آهي. ڇا اها صحيح تاريخ آهي؟ جيڪڏهن زمان حال جي اها تاريخ غلط رڪارڊ پيئي ٿئي. ته زمان ماضيءَ جي لکيل تاريخ تي ڪيئن ٿو اعتبار ڪري سگهجي؟

3. راڳ ناچ، کيل تماشن ۽ سخت جانيءَ ۾ ۽ ٻن عظيم جنگين ۽ اوير يورپ ۾ ايندڙ ڪميونسٽ انقلاب جي طوفان ۽ نازين جي ڀَڙڪ دوران پنهنجي شناخت قائم رکندڙ آواره گرد ڪميونٽي جپسيءَ جو نالو سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. ڪميونيڪيشن جي وانئر به جپسين جي طرز زندگيءَ ۾ ڪو ڦيرو آڻي نه سگهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. شيطان وانگر مشهور انهيءَ ڪميونٽي لاءِ سنڌ جا اسڪالر چون ٿا ته جيسي اصل ۾ سنڌي آهن. پارت جي ٻن ٽن شاندار يونيورسٽين مان هڪ چنديگڙهه يونيورسٽيءَ جو نالو اچي ٿو. چنديگڙهه يونيورسٽيءَ جي تاريخ جي اسڪالرن وڏيڪ پختگيءَ سان مغربي دنيا ۾ اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيسي اصل ۾ پنجابي آهن. راجستان جا سڀ تاريخدان انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته جيسي اصل ۾ راجستاني آهي. مطلب ته جيسين ڪي هر ڪو پاڻ ڏانهن ڇڪيو بيٺو آهي. اهڙي ساڳي طرح اسان علائقن تان هتي شهرن تي ايندا سين ته دادو، وارا چون ٿا، ”دادو جادو آهي.“ لاڙڪاڻي وارا چون ٿا ته ”هجيئي ناٿو ته گهم لاڙڪاڻو“. لاهوار وارا چون ٿا ته ”جنان ني لهور نئين ويکهيا، او جميائي نئين“ لنڊن وارا چون ٿا ته "A man who is tired of London is tired of life" مطلب ته عام ماڻهو هجي يا اسڪالر، اها هڪ انساني فطرت آهي ته هر ڪو ماڻهو پنهنجي نسل، شهر، علائقي کي ڪريڊٽ ڏئي ٿو. ظاهر آهي ته تاريخدان به ڪا آسمان مان لٿل مخلوق ناهي، تنهن ڪري تاريخ لکندي/رڪارڊ ڪندي هو انهيءَ فطري ڪمزوريءَ جو شڪار ٿئي ٿو. ته ڇا انسان جي اها فطري ڪمزوري تاريخدان جي لکيل تاريخ کي پٽاڪن ۾ تبديل نٿي ڪري؟

4. پنهنجي نسل، شهر ۽ علائقي وانگر هر شخص پنهنجي عقيدي ۽ نظرئي سان ٻڌل آهي عقيدو ۽ نظريو رکڻ ڪانسواءِ انسان جو جيئڻ محال آهي. ظاهر آهي ته تاريخ لکڻ وقت ماڻهو پنهنجي عقيدي وارن ۽ نظرياتي هم آهنگين کي نظر انداز نٿو ڪري سگهي. انسان پنهنجي روح کان الڳ ٿي نٿو سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڇا صحيح تاريخ لکڻ ممڪن آهي؟

5. اڄ ڪلهه ته تعليم عام آهي، پر ماضيءَ ۾ تعليم خاص ماڻهن کي مليل هوندي هئي، جيڪي يا ته درٻاري ٻڌجي وقت جي حاڪمن جي واڪاڻ ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيند هئا يا وري جيڪي باغي هوندا هئا، سي وقت جي حاڪمن جي لاڪ لاهي ڦٽي ڪندا هئا. جيئن درٻارين کي حاڪمن ۾ ڪو به اوگڻ ڏسڻ ۾ نه ايندو هو، تئين باغين کي حاڪمن ۾ ڪو به گڻ ڏسڻ ۾ نه ايندو هو. جڏهن ته ڪو حاڪم هجي يا محڪوم، اهو انسان ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ ڪجهه گڻ هوندا ته ڪجهه اوگڻ به هوندا ته انهيءَ حالت ۾ لکيل تاريخ ڪيتريءَ حد تائين صحيح هوندي؟

ته اهي آهن ڪجهه سوال، جيڪي سياڻن دوستن جي اڳيان رکجن ٿا ۽ عام پڙهندڙ جي به اڳيان.

(1996ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خبرون

صحافي دوست خبر جي ڊيفينيشن هيءَ بيان ڪندا آهن تہ جي ڪتو ماڻهوءَ کي چڪ پائي وجهي تہ اها خبر ناهي، پر جي ماڻهو ڪتي کي چڪ پائي وجهي تہ اها خبر آهي. جي ائين آهي تہ پاڻ وٽ خبرون ئي خبرون آهن.

تہ پڙهو خبرون.

جنهن ملڪ ۾ ڏهہ مهينا گرميءَ جو هاڃو هجي ۽ جتي جون جولاءِ ۾ گرمي جو درجو ڊوڙ پائي 40 ڊگري سينٽيگريڊ کان ٽپي وڃي ۽ ذرڙي بجلي ٽنگ کڻيو بيٺي هجي، اتي پنهنجا صاحبلوڪ ڪمپليٽ سوٽ پائي گهمندا هجن ۽ پوءِ بہ جيئرا هجن. نہ رڳو جيئرا هجن پر ملڪ جا وڏا وڏا ادارا سنڀاليندا هجن تہ انهيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ خبر ڪهڙي هوندي. عقل جا اهي وير سچ مان وسندڙ ٻاهہ کي لفٽ نہ ڪرائيندا هجن تہ اهي غريب غربي عوام کي ڪهڙي لفٽ ڪرائيندا. جتي صاحبلوڪن جو عقل پورا ڏهہ مهينا گاهہ چرڻ هليو ويو هجي، اتي ملڪ جو ڪهڙو حشر ٿيندو. اوهان پاڻ ويٺا ڏسو تہ گڏهيون گج پائيو پيون هلن ۽ انڌين جو سبيل رليون رئيس اوڍيو پيا هلن.

جيڪي صاحبلوڪ نوڪريون ڏيڻ لاءِ اميدوارن کان انٽرويو وٺندا آهن، اهي پاڻ کي تہ جادوگر وڌيڪ ۽ ماڻهو گهٽ لڳندا آهن. اهي صاحب ٻن ٽن سوالن کان پوءِ جادوءَ جي ڇڙيءَ کي گهمائي خبر ڪڍي وٺندا آهن تہ فلاڻو لائق آهي ۽ فلاڻو نالائق آهي. جتي ٻن ٽن سوالن ڪانپوءِ ماڻهن جي اهليت ۽ ذهانت جي قسمت جو فيصلو ٿي وڃي تہ ڇا اها اهڙي خبر ناهي، جنهن ۾ ماڻهو ڪتي کي چڪ پائي ويو هجي؟ ڇا اهو ضروري آهي تہ جيڪو اُميدوار سليڪشن بورڊ اڳيان ڇاڙي هڻي ڄاڻندو هجي، اهو ڪم بہ سٺو ڪري ڄاڻندو هجي يا جيڪو تقرير سٺي ڪندو هجي اهو روڊ بہ سٺو ٺاهي وجهي؟ ڇا اهو ضروري آهي تہ جنهن اُميدوار کي يحي نہ هڻڻ اچي ۽ هو خاموش طبيعت جو ماڻهو هجي، اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالائق هجي؟ ڇا اهڙن ماڻهن کي انٽرويو وٺڻ جو حق آهي، جيڪي جون جولاءِ جهڙي مهيني ۾ ڪمپليٽ سوٽ پائي ڏسندڙ کي پگهر ڏياري ڇڏين؟

هت ته اسان وٽ عقلمند انهيءَ کي سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي انگريزي ايندي هجي، پوءِ اهو ڪو آمريڪي گڏهه هجي يا ڪنهن انگريز لارڊ جو بورچي. ڇا جن جرمن، فرانسين، روسين، جاپانين ۽ چينين کي انگريزي نٿي اچي، اهي سڀ بي عقل آهن؟ ڇا اها خبر ناهي ته اسان وٽ جن کي انگريزي نٿي اچي اهي بيوقوف آهن ۽ جن کي انگريزي ٿي اچي اهي سڀ بيرمل آهن، عقل جا اڪابر آهن.

هت ذڪر ڪبو خشونت سنگهه جي ٿاهيل هڪ چرچي جو. اهو چرچو ڪجهه هن ريت آهي ته ڀارت جي صدر گياني ذيل سنگهه کي انگريزي سيکارڻ لاءِ آمريڪا جي صدر ڏانهن موڪليو ويو. ڪجھ عرصي کان پوءِ جڏهن آمريڪا جي صدر کان پڇيو ويو ته صدر گياني ذيل سنگهه ڪيتري انگريزي سکيو آهي ته آمريڪي صدر پنجابي زبان ۾ جواب ڏنو ته "گهٽيئي متو هنيم پر گياني انگريزي سکي نه سگهيو." اصل ۾ خشونت سنگهه جي چرچي مان مراد اها هئي ته گياني ذيل سنگهه ايڏو ذهين ۽ چالاڪ ماڻهو هو جو آمريڪا جي صدر کي پنهنجي ٻولي پنجابي سيکاري ڇڏيائين، پر پاڻ سنوت نه ڏنائين. اصل ۾ خشونت سنگهه جيڪو گياني ذيل سنگهه جو پورٽريٽ لکيو آهي، انهيءَ ۾ هن گياني جيءَ کي ڀارت جي سيني صدرن کان وڌيڪ پڙهيو لکيو، چاٺو ۽ چالاڪ صدر ڪري ليکو آهي. جنهن ڀارت جي وڏن شهرن ۾ رهندڙ کوهه جي ڏيڏرن انگريزيدانن کي ۽ انگريزي پريس وارن کي "تلي لگا دتا"(گوڏن هيٺيان ڏئي ڇڏيائين). هن قرآن شريف، گيتا، بائيبل ۽ گرنٿن کان وٺي ڀارت جي لوڪ شعور تائين جا حوالا ڏئي، تقريرون ڪري انگريزيدانن کي مٿي چڻرائي ڇڏي ۽ کين اهو احساس ڏياريائين ته رڳو انگريزي ڇاڻڻ عقل جي نشاني ناهي. عوام سان ملو ۽ عوام جون ٻوليون استعمال ڪريو.

انهيءَ کي به ڇڏيو. اڃون ٿا اهڙي مائيءَ تي، جيڪا پنهنجي ٻولي مرائي اڃا تائين سکي نه سگهي آهي. جنهن جو ڪائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ سڀ ڪجهه انگريزي آهي. انگريزي به اهڙي جهڙي ريل ڇٽي. نالو اٿس شويادي. ڪجهه عرصو "اسٽار ڊسٽ" ۽ "سوسائٽي" رسالي جي ايڊيٽر رهي. هن وقت اسان وٽ سندس بيسٽ سيلر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناول مشهور آهن. ظاهر آهي تہ سندس قدبت ايڏو ناهي جيڏو خشونت سنگهہ، وڪرم سيٺ ۽ آرڪي نارائڻ پارن جو آهي. پر تازو سندس انگريزي مضمونن جو مجموعو پڙ تي لٿل آهي جنهن جو عنوان "Shooting From The Hip" آهي. ڏسو تہ سهي مائي ڪٿان پئي ڳالهائي. انهيءَ ڪتاب ۾ هن ڪوهہ جي ڏيڏرن انگريزيدانن کي سندن ئي ٻوليءَ ۾ شوٽ ڪيو آهي. سندس لکڻ آهي تہ خاص ڪري ڪانگريس پارٽي جي وڏن اها غلطي ڪئي تہ هو غير ملڪي ۽ ملڪي انگريزي پريس جي اڳيان تہ فراسين وانگر وڇائجي ويندا هئا ۽ دعوتون ڪندا رهيا، پر پنهنجي ملڪ جي ٻولين جي ايڊيٽرن ۽ نمائندن کي فون تي بہ گاهہ نہ وجهندا هئا. نتيجو اهو نڪتو جو اليڪشن ۾ اچي ڦهڪو ڪيائون ـ مقامي ٻوليءَ جي ميڊيا سندس ترا ڪڍي ڇڏيا.

مسئلو هتي بہ اهڙو آهي. مسئلو اهو ناهي تہ ڪو انگريزيءَ ۾ نہ پڙهجي لکجي پر جيئڻ جو تيئن پڙهجي لکجي، چاڪاڻ تہ انگريزي زبان ۾ ئي علم گهٽو ٿو ملي. علم حاصل ڪرڻ ٻي ڳالهہ آهي ۽ پراوا بنگلا ڏسي پنهنجي جهوپڙي ڍاهڻ ٻي ڳالهہ آهي. ڌوٻي ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي ۽ ڌوٻي جو ڪتو ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي.

(1997ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بلائون

آهيان تہ آئون پاڻ بہ جهنگ جي بلا، پر پوءِ نصيب جا ڦيرا آهن جو چئن چڱن ۽ چڱين ۾ رهڻ جو موقعو مليو وچي ۽ چار نيون ڳالهيون پڙهڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ مليون وڃن. هن ڀيري ايبٽ آباد ۾ جبلن جي چوٽيءَ تي انگريزيءَ جي مشهور جرنلسٽ نجم صادق جي ڪوٽ تي چئن چڱن ۽ چڱين جون نيون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ مليون ويون ۽ مون پاڻ بہ چڱي خاص ڇاڙي هٽي ڏندن مان ڇيڙهہ ڪڍيو.

رب الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي. اڳين زمانن ۾ ماڪڙ، ڏڪار، وبا، ٻوڏ ۽ زلزلن جهڙيون بلائون لکن جي منهن ماڻهن کي ڳڙڪائي ويندڙيون هيون ۽ ملڪن جا ملڪ، راڄن جا راڄ ۽ گهرن جا گهر چٽنٽي تي ويندا هئا. هاڻي ورِي نين بلائن منهن اچي ڪڍيو آهي. تہ ايبٽ آباد ۾ جيڪي ڊگهيون گڏجاڻيون ٿيون، اُهي انهن نين بلائن جي باري ۾ هيون تہ انهن بلائن کان ڊڄڻ جي بدران منهن ڪيئن ڏجي. انهيءَ بحثا بحثيءَ مان ڪجهہ چوند ٽڪرا هت بيان ڪجن ٿا.

سج جي چوڌاري گهمندڙ ۽ پنهنجي محور تي ڦرندڙ زمين تي اڳي انسان، پکي پکڻ، جانور جناور، جيت جڻيا، پاڻي، هوا ۽ قدرت جون ٻيون نعمتون برابريءَ جي سطح تي موجود هونديون هيون پر هن وقت انسان ذات زمين تي رهندڙ ٻين ساٿين کي ڪائي ڪپائي رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ انسان انڌ ۾ اچي ڪيس ٿي فائدو ڏيندڙ شين کي ڪائي ڪپائي ڌرتيءَ جو مرڪز تي ويهي رهيو آهي، اڪيلائي جو شڪار ٿي رهيو آهي ۽ قدرت طرفان ملندڙ هٿيءَ کان محروم ٿي پنهنجي تباهيءَ ڏانهن تيزي سان وڌي رهيو آهي. امڪان اهي اچي بيٺا آهن تہ ڌرتيءَ مٿان بچاءُ ڪندڙ پيچ ۾ پيدا ٿيل ٻرڙن (وڏا سوراخ) جي نتيجي ۾ (1) اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب ۾ موجود برف ڳري وڏيون ٻوڏيون آڻي سگهي ٿي. (2)

سمنڊ زمين ڏانهن وڌي زمين جي ڪجھ حصي کي ڳڙڪائي سگهي ٿو. سمنڊ جي اها واڌ 2030ع ڌاري برطانيا جي آسپاس جا ٻيٽ ڳڙڪائي ويندي ۽ ڪاريءَ وارا ڪک وڃي رهندا. اسان وٽ خود سنڌ سان لڳندڙ ننڍا ننڍا ٻيٽ سمنڊ جي پاڻي هيٺ اچي رهيا آهن. اهڙو هڪ ٻيٽ ٻڏو به آهي. (4) درياءَ وڏو ٻوڏڪ مچائڻ وارا آهن. اهي سڪي ويندا يا رخ بدلائي ويندا يا ٻوڏيون آڻيندا. (5) پاڻي جو ذخيرو ڪرڻ لاءِ جيڪي وڏا ڊيم ٺاهيا پيا وڃن، اهي جيترا وڏا هوندا، اوتري وڏي تباهي آڻي سگهن ٿا. خود تربيلا بند پنهنجيءَ رٿيل عمر کان اڳ تباهه ٿيڻ وارو آهي. جڏهن اهو بند ٽهيو ته تڏهن ڪيترائي ماڻهو هيٺ مٽي ٿيا هئا. هاڻي جڏهن تباهه ٿيندو ته انسان جي به تباهي آڻيندو. نوان بند نيون تباهيون آڻيندا. دريائن سان ڪس ڪبي ته درياءَ انسان سان اهڙي ڪس ڪندا جو انسان کي پڇڻ جي گهٽي نه ملندي. (6) انسان پنهنجي ٻين قدرتي ساٿين کي ڌرتيءَ جي پِڙ مان ڌهيون هٽي پنهنجو پاڻ کي ڌرتيءَ جو مرڪز بڻائي ويٺو آهي. تنهن ايڏو گند ڪيو آهي، جنهن جو ڪو آئوٽ ليٽ موجود ناهي. انهيءَ ڪري انسان جي جسماني سگهه لوڏي ۾ اچڻ واري آهي.

هن وقت سپر پاور ته آمريڪا آهن. پر سياڻپ جو گهر اڃا تائين برطانيه آهي. انهيءَ ڪري برطانيه ۾ قدرت جي عنايتن (ماحوليات) کي بچائڻ جي تحريڪ ايتري وڌيل آهي جو هڪ انگريزي اخبار ۾ ڪارٽون ڇپيو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته ماحوليات پرستن جو ٽولو ايڊز جي جيوڙي کي به بچائڻ جي چڪر ۾ مصروف آهي.

اڳي انسان پئسي کي ڪمائيندو هو. پوءِ پئسي کي پئسي ڪمائڻ شروع ڪيو ۽ هاڻي پئسي انسان کي ڪمائڻ شروع ڪيو آهي. جيئن انسان پنهنجي قدرتي سنگين ساٿين کي ڪائي ڪپائي ڌرتيءَ جو مرڪز بڻجي ويهي رهيو آهي، تيئن پئسو انسان ۾ موجود چڱائين مٺائين کي ڪائي انسان جو هڪ اهڙي قسم جو مرڪز ٿي پيو آهي، جنهن کي وڏيءَ خوشيءَ سان محور به چئي سگهجي ٿو. جنهن جي چوڌاري انسان ايئن گهمڻ شروع ڪيو آهي، جيئن ڌرتي پنهنجي محور تي گهمندي آهي. دنيا جو سرمائيدارانه نظام پنهنجي شڪل بدلائي هاڻي جوا تي اچي بيٺو آهي.

ڳالھ اتي ڇيھ ڪا نه ٿي ڪري پر اڳتي ٿي وڌي. وڻ انسان جي چانو به آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزي بہ آهي ۽ پناھ گاھ بہ آهي. پئسي جي لالچ ۾ اچي انسان انهيءَ ٽاري کي وڍڻ شروع ڪيو. جنهن تي هو ويٺل آهي. اسان وٽ تہ خير هوڻ ئي ٻينگ ٿي ويئي آهي، پر سائبيريا کان وٺي اوپر يورپ جي چيڙي ٽائين جيڪا جهنگن جي بهار هئي، اتي بہ ماڻهن ٻينگ ڪري ڇڏي آهي ۽ اجا ٻينگ ٿئي پئي. نتيجي ۾ درياءَ، سمنڊ، ڇپون، هوا ۽ خلا ڪنهن ڏڪيل هوائي جهاز وانگر لوڏن ۽ گهمرين ۾ اچي ويا آهن ۽ پئسنجر يعني انسان تيزيءَ سان تباهيءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. بيلٽ ٽٽي چڪا آهن. آڪسيجن جا ماسڪ الائي کلن يا بند رهن.

اچون پاڻ جي ملڪ تي. اسان جا آبادگار پئسي جي وقتي لالچ ۾ اچي گهٽو، گهاتو ۽ قيمتي فصل پوکڻ جي چڪر ۾ پاڻ ۽ جيتن کي مارڻ جي دوائن جي صورت ۾ دنيا جا خوفناڪ زهريلا ڪيميڪلز استعمال ڪري رهيا آهن. اهي زهر ڪارٽيزون دوا وانگر عارضي فائدو تہ ڏين ٿا، پر اڳتي هلي اها زمين هيروئين جي مواليءَ وانگر ايڊڪٽ ٿي وڃي ٿي. انهيءَ اڊڪشن جو نتيجو موت آهي. اهڙي طرح هڪڙي پاسي زمين پنهنجو ست وڃائيندي پئي وڃي تہ ٻئي پاسي اهي زهر خوراڪ ۾ شامل ٿي اهڙيون بيماريون پيدا ڪري رهيا آهن جن جو ويچ نڪو طبيب. هونئن بہ سنڌي جي چوڻي آهي تہ هٽ جو وڍيءَ جو نڪو ويچ نڪو طبيب. شگر، بلڊ پريشر ۽ پيٽ جون بيماريون پنهنجي جاءِ تي پر مليريا تہ هڪ ٽڪي جي بيماري ۽ چئن گورين جو خرچ آهي. پر مغربي ملڪن ۾ تہ مليريا پيدا ڪندڙ مڇر ڪيميڪلز ڪائي ڪائي ايڏو مضبوط ٿي ويو آهي جو ماڻهوءَ کي اهڙو ڏڪ ٿو هڻي، جهڙو هڻ ڪڻ بلا ڪائي وئي. مغربي ملڪن ۾ مليريا آهستي آهستي ناقابل علاج مرض بڻجندو وڃي. ظاهر آهي تہ اُهو هتي پهچڻ ۾ بہ دير نہ ڪندو. ڪيميڪلز جي خوراڪ ۾ شامل ٿيڻ جي ڪري هن وقت پاڪستان ۾ ست لک ماڻهو شگر جا مريض آهن.

سو ڳالهہ جي تان اتي وڃي ٿي ٽٽي تہ پئسو رڳو انسان کي ڪمائي نہ رهيو آهي، پر ڳڙوڳڙ ڪائي بہ رهيو آهي.

سنڌو درياءَ جي ڊيلٽا جون ست ڇاڙون هيون، جيڪي سمنڊ ۾ ڪرنديون هيون. انهن مان ڇهہ ڇاڙون سڪي چڪيون آهن. باقي هڪ ڇاڙ وڃي بچي آهي، جيڪا انڊي منڊي ڇاڙ آهي. سمنڊ ۽ درياءَ جو صدين کان وٺي جيڪو Love affairپئي هليو. اهو ختم ٿي رهيو آهي. رقيب رو سياھ انسان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن عاشق معشوق کي ملائيندڙ اها چاڙ به سڪي ويندي ته سمنڊ ۾ درياءَ
ڪاوڙ ۾ اچي انسان سان اهو حشر ڪندا جو خبر ڪاڻ ڪي پوندي. پاڻيءَ ۾ باهه
سان به ڪو ضد ڪبو آهي ڇا.

ڪراچيءَ شهر ۾ گنديءَ پاڻي جي نيڪال لاءِ ڇهه عدد نالا هئا. جيڪي
لياري نئين جي ذريعي گندي پاڻيءَ جو نيڪال ڪندا هئا. هن وقت هڪ انڌو
منڊو نالو وڃي بچيو آهي. ٿورڙو مينهن ٿو پوي ته ڪراچيءَ ۾ حشروڙ ڪريو ٿو
ڇڏي. خدانخواسته جيڪڏهن ڪراچيءَ مٿان اهڙو مينهن ٿو ٿئي، جهڙو مينهن
1963ع ۾ ماتليءَ، بدين ۾ ڏگهڙيءَ مٿان وسندو ٿر جي وٽ واري علائقي ۾
ڪاهي پيو ته پٽون ڍهر بڻجي ويا هئا. ڍهر پٽون بڻجي ويون هيون. بلالاڻي
فقيرن جي ڳوٺ ونجهڙياري جي آسپاس ته نيئن اهڙو ڏک هنيو هو جو واري
ڪچي وٺي ۾ هيٺان پٽر جي ته ظاهر ٿيو هو. اهڙو مينهن ڪراچيءَ ۾ پيو ته سر
نه ڳڏبي سر سان. اڄ ڪلهه موسم جو ته اعتبار ئي نه رهيو آهي.

ڪارن، رڪشائن، جيپن ۾ بين گاڏين کي ڇڏيو پر ڪراچيءَ جي بندرگاهه
تان روزاني ستر هزار ٽرڪون دونهان ڇڏينديون لنگهن ٿيون. ڪراچيءَ جي
ٽريفڪ هاڻي انهيءَ جاءِ تي پهچي وئي آهي، جنهن جاءِ تي ڪجهه سال اڳ
ڪلڪتو ۾ چين جو شهر (Xian) شيئان پهتل هئا. بين اکرن ۾ خوفناڪ قسم
جي بلاڪيج ٿيڻ واري آهي.

بيڙي سگريٽ کي اڄڪلهه صحت لاءِ ايڏو خراب ٿو سمجهيو وڃي، جو
ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٽي ويءَ تان ڪروڙين رپيا ڪمائيندڙ اشتهار بند ڪيا ويا
آهن. جن نيٽ ورڪس تان اشتهار ايندا آهن ته اشتهار ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هڪدم
صحت کاتي جي وارننگ ٽيلي ڪاسٽ ٿيندي آهي جنهن ۾ چاٽايل هوندو آهي
ته سگريٽ Most Injurious آهي. ماهرن جي راءِ آهي ته جيڪو ماڻهو ڪار ۾
سفر ڪندو آهي، انهيءَ جي جسم ۾ ڪار مان نڪرندڙ جيڪي گئسون وينديون
آهن، اهي ڏهه هزار سگريٽ ڇڪڻ جي برابر هونديون آهن. بين لفظن ۾ جيڪو
ماڻهو ڪار ۾ چڙهي گهمندو آهي، اهو روز ڏهه هزار سگريٽ ڇڪي ويندو آهي.
اها ٻي ڳالهه آهي ته مون هيءَ مضمون لکندي سانيڪو سگريٽ ڇڪيا هوندا.
بهرحال جيڪڏهن هڪ ڪار مان انسان کي ايترو نقصان ٿو پهچي ته ڪراچيءَ ۾
بين اهڙن وڏن شهرن ۾ جيڪي ماڻهو بسن جي اڏن تي انتظار ڪن ٿا ۾ فوٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ تان لنگهن ٿا. انهن جي جسم ۾ ڪيترو زهر دخل ٿئي ٿو، انهيءَ جو انداز هر ڪو لڳائي سگهي ٿو. موالين تي ميار نہ ٿلهي آهي.

سو ادا منهنجا انسان جيڪو پنهنجو پاڻ سان قهر پيو ڪري ۽ نتيجي ۾ جيڪي نيون بلائون اڃي نڪتيون آهن، اهي ڪڏهن نہ ڪڏهن نهوڙي نينديون، پر الله خير ڪندو، اهڙين بلائن کي منهن ڏبو. انسان ڪاري مٽي جو ڏٺي آهي. رهي ڳالهہ تہ هنن معاملن تي وڏين بلائن کي ٽارڻ لاءِ جيڪي پاڻ وٽ (O.G.N) اين جي او ٺهيا آهن ۽ لکين ڊالر هڙپ ڪيا ويا آهن، اهو هڪ الڳ داستان آهي ۽ جيڪو ڏکوئيندڙ آهي. انهيءَ معاملي تي ٻئي ڪنهن موقعي تي ڪجهہ اکر لکبا ڪو ڪاوڙجي تہ ست پچائي وجي ڪائي.

(1997ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽي وي ناٽڪ ۾ هٿ ڪڙيون

(ٽيليويزن اڳي لکڻ واري کي شهرت ڏيندو هو. هاڻي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ اچڻ ڪانپوءِ ليکڪ چڱا خاصا ڏوڪڙ به ڪمائي سگهي ٿو. ٽي ويءَ جو ليکڪ جيڪڏهن مڙس ماڻهو ٿي ڪم ۾ لڳي وڃي ته ڪيس ڪنهن جي به ڪاڻ ڪڍڻ جي ضرورت ناهي ۽ روزيءَ ڪارڻ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٻڌي حاضري ڀرڻ، چمچہ گيري ڪرڻ ۽ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي ويٽنگ روم ۾ ويهي انتظار جون اوٻاسيون ڏيڻ جي ضرورت ناهي. مون وٽ توڙي ٻين سينئر ڊرامہ نگارن وٽ ڪيترائي سنڌي نوجوان لنگهي ايندا آهن يا خط لکندا آهن ته اسان کي ڊرامو لکڻ سيکاريو. چڱي خاصي رش ٿيندي آهي. انهيءَ صورتحال کي سامهون رکي، ٽي وي ناٽڪ جي هڪ پهلوءَ بابت هيءَ مضمون سنڌ جي وڏ ۾ وڏ پاپولر اخبار ۾ لکجي ٿو. ٻيا پهلو وري ڪنهن ٻئي موقعي تي لکبا.)

ڪنهن ماڻهوءَ مشهور لوڪ ڳائڻيءَ ريشمان کان پڇيو ته اوهان راڳ ڪٿان سکيو آهي ته ريشمان کيس جواب ڏنو. "اسان لاءِ ڪو اجا اسڪول ٺهيو ئي ناهي." سو آرٽ ۽ تخليقي ادب سکڻ لاءِ ڪنهن به اڪيڊمي جي ضرورت ناهي. هي ته ڪي انسان جي اندر ۾ جن وينا آهن، جيڪي تخليق کي جنم ڏيندا آهن. پر جيئن ته اڄڪلهہ ٽي وي ڊرامي کي تخليقي ادب جي ذمري ۾ نٿو ڳڻجي جو ٽي وي ناٽڪ شوبزنس جي ذمري ۾ اچي ٿو. ان ڪري ڪنهن اُسرندڙ ڊرامہ نگار کي چار چڱيون صلاح ڏبيون. جن جي زور تي ۽ ڊرامہ نگار پاڻ محنت ڪندو ته انهيءَ جا ڪارگر نتيجا نڪرندا. هتي هڪڙي ڳالهہ ڪري ڇڏجي ته جيڪو ليکڪ دلچسپ آکاڻي بيان ڪرڻ جي قدرتي اهليت رکي ٿو، اهو ئي ڊرامو لکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ ڪيس ڊرامي جي فيلڊ ۾ اچڻ جي بدران پنهنجيون صلاحيتون ڪنهن ٻئي ڪم ۾ لڳائڻ ڪپن ۽ پنهنجو پاڻ کي ڊيٽي نه وڻٽي ضايع نه ڪري.

ڊرامي لکڻ لاءِ قلم ڪڻڻ وقت جيڪي دٻاءُ پون ٿا، اهي ساڳيا دٻاءُ جيڪڏهن ليکڪ پرنٽ ميڊيا ۾ قبول ڪندو آهي ته انهيءَ کي چوندا آهن Compromise (مفاهمت). جيڪا چڱي ڳالهه ناهي. پر ٽي وي ڊرامي لکڻ وقت ليکڪ جيڪڏهن ساڳيا دٻاءُ قبول ڪري ٿو ته انهيءَ کي چوندا آهن Cooperation(سهڪار) جيڪا چڱي ڳالهه آهي. اهي دٻاءُ ڪجهه هن ريت آهن:

(1) ٽي وي نيٽ ورڪ جيڪڏهن سرڪار جي ملڪيت آهي ته سرڪار جا حڪم هوندا آهن ته فلاڻي ڳالهه لکڻي آهي ۽ فلاڻي ڳالهه نه لکڻي آهي. پوءِ جهڙي به سرڪار هوندي آهي، اهڙو موچڙو سندس هٿ ۾ هوندو آهي. سرڪاري سيڪٽر ۾ جوتن جون سائيزون به الڳ الڳ هونديون آهن. ڪنهن ليکڪ لاءِ ڪهڙو جوتو ته ڪنهن لاءِ ڪهڙو. ٻئي طرف جيڪڏهن ٽي وي نيٽ ورڪ ڪنهن سيٺ جي ملڪيت هوندو آهي ته اهو چوندو آهي ته بابا ڊرامو اهڙو لکي ڏي جيڪو مون کي ڪمائي ڏئي. ٻنهي صورت ۾ بولڊ رائٽر ٽيڻ جي چڪر ۾ اچي ڪو ليکڪ پنهنجو پاڻ کي شينهن شير خدا جو سمجهي مالڪن جي پاليسي جي خلاف لکندو ته ظاهر آهي ته اهڙي ڊرامي کي اسڪرين تي اچڻ نه ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن اچڻ ڏنو ويندو ته انهيءَ تي سينسر جي ڪئنچي ايئن هلندي جو پاڻ ڏٽي ليکڪ به پنهنجي لکڻيءَ کي سمجهي نه سگهندو. پر جيڪڏهن اتفاق سان اهڙو بهادريءَ جو ڪارنامو اسڪرين تي هليو به وڃي ته اها بهادري ليکڪ جي ڪاتي ۾ اچڻ جي بدران مالڪ جي ڪاتي ۾ ويندي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن بولڊ لکڻيءَ کي اسڪرين تي آڻڻ جو خطرو ته مالڪ ئي کڻندا آهن يا سرڪاري ٽي وي جا ذميوار آفيسر آهي. ليکڪ ته پرائي ڪلهي تي بندوق رکي هلائيندو آهي. بهرحال تنهن هوندي به هو اهڙو ناٽڪ لکي، جيڪو نيٽ ورڪ جي پاليسيءَ مطابق هجي. ايئن نه ٿئي جو مالڪ يا منتظر ناٽڪ کي سينسر ڪري ٻيڙو ٻوڙي ڇڏي. انهيءَ کان بهتر آهي ته سيلف سينسرشپ کان ڪم وٺجي ته جيئن ٻيو ڪو انهيءَ ڊرامي تي سينسر جي ڪئنچي هلائي ڊرامي جو ٻيڙو نه ٻوڙي سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ٽي وي جي استاد پروڊيوسر ياور حيات هڪ ليکڪ کي چيو، ”يار! اوهان تہ پنن تي لکي ڇڏيندا آهن تہ گهمسان جي جنگ لڳي رهي آهي پر اسان اها جنگ ڪيئن لڳرايون.“ ٻين لفظن ۾ ياور حيات جو چوڻ هو تہ اوهان جيڪو ڏيک لکيو آهي تہ انهيءَ جو خرچ ڪٿان آڻيون. اهڙيءَ جنگ جا تفصيل پرنٽ ميڊيا ۾ تہ لکي سگهجن ٿا، پر اسڪرين لاءِ لکبا تہ اهڙيءَ جنگ کي رڪارڊ ڪرڻ جو خرچ ڪرڻ لاءِ هن ملڪ ۾ ماءُ ڪو اهڙو پٽ ڄڻيو ئي ناهي. تہ ليکڪ تي هڪ ٻيو اهو دٻاءُ آهي تہ هو پراڊڪشن جي بجيٽ کي اڳيان رکي ٽي وي ڊرامو لکي.

(3) ڊرامي جو ليکڪ هڪ الڳ شخصيت آهي، جڏهن تہ ڊرامي جو پروڊيوسر هڪ الڳ شخصيت هوندي آهي. ظاهر آهي ليکڪ جي ذهن ۾ جيڪي ڏيک هوندا تہ ضروري ناهي تہ هڪ ٻيو شخص بہ ايئن ئي سوچيندو هجي. هر انسان جي پنهنجي سوچ آهي. ڊائريڪٽر/ پروڊيوسر تہ ليکڪ جي سوچ کان هٽي ڪري پنهنجي سوچ سان انهيءَ کي اسڪرين تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو. تہ ائين پروڊيوسر جي شخصيت بہ هڪ فطري دٻاءُ هوندو آهي.

(4) اهڙي ساڳي طرح اسڪرپٽ جڏهن آرٽسٽ جي هٿ ۾ ايندو آهي تہ اها وچان ئي هڪ ٽئين شخصيت هوندو آهي، جنهن جي سوچ ليکڪ ۽ ڊائريڪٽر کان الڳ هوندي آهي. اهو پنهنجي ليکي پنهنجي ڪردار کي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو. تہ ليکڪ کي اهو دٻاءُ بہ سامهون رکڻ گهرجي.

(5) ڪئميرا کي اکيون تہ هونديون آهن، پر اها ڪنن کان ٻُٽ ٻوڙي هوندي آهي. ضروري ناهي تہ اوهان پنهنجي اسڪرين ۾ جيڪي ڏيک لکيا آهن، اهي Image(عڪس) هيءَ ٻوڙيءَ ۽ ظالم مشين ايئن جو ايئن جهٽي وٺي. اهڙي طرح ڪئميرا جي رڪارڊنگ کان وٺي سيٽ ڊزائيننگ، روشنيءَ جي گهاٽي واڌي، آڊيو رڪارڊنگ ۽ آخر ۾ ايڊيٽنگ تائين ڪم ڪندڙ مشينن ۽ ٽيڪنيشنس تائين هر ڳالهہ جو ۽ هر شيءِ جو خيال ليکڪ کي رکڻ گهرجي.

(6) ڪتاب اهي ماڻهو پڙهندا آهن، جيڪي اڳ ۾ ئي ڪتابن پڙهڻ تي هريل هوندا آهن. اخبار اهي ماڻهو پڙهندا آهن، جيڪي ٿورو گهڻو پڙهيل هوندا آهن يا انهن کي خبرن سان دلچسپي هوندي آهي. فلم ۽ اسٽيج اُهي ماڻهو ڏسڻ ويندا آهن، جيڪي پنهنجيءَ مرضيءَ سان ٽڪيٽ وٺي سئنيما هال ۾ ويندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ٽيليويزن هر ماڻهوءَ جي مٽي ۾ لڳل آهي. ٽيليويزن کي ڌار ڌار ذهني سطحن، عمرين ۽ مزاجن جا ماڻهو ڌار ڌار موڊن ۾ ڏسندا آهن. هتي هڪ ڏيک جو مثال ڏيون ته هڪ ماڻهو ڪاوڙ ۾ اچي ٻئي ماڻهو کي ڳترا ڳترا ڪري رهيو آهي. اهو ڏيک پرنٽ ميڊيا جو اهو ئي شخص پڙهندو. جيڪو اهڙا ڏيک پڙهندو رهي ٿو. اهڙي ساڳيءَ طرح اهڙو ڏيک جيڪڏهن اسٽيج ناٽڪ يا سئنيما ۾ ڏيکاريو ٿو وڃي ته اها ذميواري ڏسڻ واري جي آهي ته هو پنهنجي مرضيءَ سان ٽڪيٽ وٺي داخل ٿئي ٿو. جي ڪو نقصان ٿيو ته اهو سندس کاتي ۾ ويندو. اهڙو ساڳيو ڏيک جيڪڏهن ٽي وي تي آڻبو ته ظاهر آهي ته ٽي وي ڊرامو ڏسڻ وارا لکن جي تعداد ۾ نه پر ڪروڙن جي تعداد ۾ هوندا آهن. جن کي ٽي وي مٽي ۾ لڳل هوندي آهي. ايڏن سارن ڏسندڙن ۾ دل جا مريض به هوندا آهن، ٻار به هوندا آهن ۽ پيٽ سان مائيون به هونديون آهن. هاڻي جيڪڏهن اهڙو ڏيک ڏسي ڪو دل جو مريض دل کي جهلي هي دنيا ڇڏي ٿو ته اهو قتل ڊرامه نگار ۽ پروڊيوسر جي ڳچيءَ ۾ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻار اهڙو ڏيک ڏسي يا عمر لاءِ خوف جو نفسياتي مريض بڻجي وڃي ٿو يا شاڪ ۾ اچي اُميد سان عورت جو ٻار ڪري پوي ٿو ته انهيءَ انساني نقصان جا ذميوار به ڊرامه نگار ۽ پروڊيوسر آهن، جن کي ڏسندڙن جو اهو دٻاءُ قبول ڪندي عوام سان Cooperation(سهڪار) ڪرڻ گهرجي ته جيئن ظلم ڳچيءَ ۾ پوڻ کان بچي سگهجي.

اهڙي ساڳي طرح ليکڪ کي اها حقيقت به سامهون رکڻ گهرجي ته هر علائقي جي اخلاقيات پنهنجي آهي. پاڻ جو ملڪ قدامت پسنديءَ مان نڪري زندگيءَ جي جديد قدرن ڏانهن وڌي رهيو آهي. سوسائٽيءَ جي انهيءَ ارتقائي سفر ۾ رڪاوٽون وجهڻ واريون قوتون جيئن جو تيئن پنهنجي ڏنڊي سان لڳل آهن. اهڙيءَ صورتحال ۾ ليکڪ کي ڪو به اهڙو غير اخلاقي ڏيک نه لکڻ گهرجي. جنهن جو فائدو وٺي قدامت پرست قوتون ارتقائي سفر ڪندڙ قافلي کي روڪڻ لاءِ عوامي سگهه حاصل ڪري سگهن ۽ اڳتي وڌڻ جا دروازا بند ٿي وڃن. چين ۽ ايران جي آزاد خيال ليکڪن اهڙي ساڳيءَ طرح جي هوشياريءَ کان ڪم ورتو آهي ۽ ارتقا جي عمل کي جاري رکيو اچن. خود يورپ ۾ اهڙا انتظام رکيا ويا آهن ته جيئن 18 سالن جي عمر کان گهٽ فرد اهڙا ڏيک ڏسي نه سگهن. رهي ڳالهه ته ڪو جيڪڏهن لڪي لڪي وڊيو تي اهڙا ڏيک ڏسي ٿو، ته اها انهيءَ جي پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذميواري آهي. اها ئي صورتحال پرنٽ ميڊيا، فلم ۽ اسٽيج ناٽڪ تي لاڳو ٿئي ٿي. تنهن ڪري پرنٽ ميڊيا، فلم ۽ اسٽيج جو ليکڪ ته آجو آهي ۽ ڪيس روڪڻ به نه ڪپي، پر ٽي ويءَ جو ليکڪ اها ذميواري ڇو ڪٽي.

(7) هڪ ڳالهه نوٽ ڪرڻ ضروري آهي ته ڪو به ماڻهو اخباري تبصرو پڙهي ڪري ڪو ٽي وي ڊرامو نه ڏسڻ شروع ڪندو آهي ۽ نه وري ڏسڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي. ڪا سيريل هلندي آهي ته ڏسندڙ هڪ اڌ قسط ڏسڻ کان پوءِ جي سمجهندو آهي ته ڊرامو دلچسپ آهي ته پوءِ هو اها سيريل آخر تائين ڏسندو رهندو آهي. پر جي ڪيس ڳالهه نه وڻي ته هو ڊرامو ڏسڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي. هيءَ ميڊيا نپ عوام جي ميڊيا آهي. جن ۾ گهٽو تعداد اڻ پڙهيلن جو آهي. انهيءَ ڪري ليکڪ کي اخباري تبصرن جي بدران عوامي نفسيات کي اڳيان رکڻ کپي. هن ڪم ۾ عوامي نفيسات جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. انهيءَ ڄاڻ جي زور تي ئي اهڙو ڊرامو لکي سگهجي ٿو، جيڪو پروفيسر کان هاريءَ تائين ۽ حاڪم کان محڪوم تائين، سڀ دلچسپيءَ سان ڏسن. ٻئي مرحلي ۾ راءِ کي سامهون رکڻ گهرجي ته راڄ ڇا ٿا چون، پوءِ جيڪا راءِ اچي، انهيءَ جي آڌار تي پنهنجي ايندڙ ٻئي ڊرامي جي اٽڪ ڪرڻ گهرجي.

ته اهي ايترا سارا دٻاءُ آهن. جن کي مُنهن ڏيڻو ٿو پوي. شايد اهائي ڳالهه سوچي مشهور ڊرامه نگار ارون شا چيو آهي ته ”ڊرامو هٿ ڪڙيون پائي پوءِ لکيو ويندو آهي.“

(1997ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوڪرا ۽ چوڪريون

هت آئون سوشيالاجي جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ زمين مان ڦٽل ڪجھ کهريون حقيقتون بيان ڪندس. چاڪاڻ تہ هن مامري تي بحثا بحثيءَ جي گهرج آهي. سوال هيءُ آهي تہ تہ چوڪرا چوڪريون هڪ ٻئي کان چو تا ٿهن. هن بحثا بحثيءَ ۾ سوال هيءُ آهي تہ بابا پهرين بيمارين کي ڊائگنوز ڪريو، پوءِ ئي علاج ٽيندو. انهيءَ ڪانپوءِ ئي آزاديءَ سان لاپ پرائي سگهبو. اهڙي طرح چوڪرن ۽ چوڪرين جي هڪ ٻئي کان ٿاهہ ڪائڻ جي پاڙ ڪجھ سماجي بيمارين مان نڪتل آهي، جنهن کي ڊائگنوز ڪرڻو آهي. ٻيءَ صورت ۾ ڏُکي تي اسان جيڪڏهن سوئين جا انيا هٽنداسين تہ مريض مري ويندو يا ائين ڪٽي چئجي تہ سماج ڳجهن جي ور چڙهي ويندو، جيئن افغانستان ۾ ٿيو آهي. سو ڪجھ ڪارڻ آئون بيان ڪو ڪريان ۽ ڪجھ ڪارڻ مون کان وڌيڪ ڄاڻو ماڻهن جي حوالي ڪجن ٿا.

(1) اها سنڌ جي خوش نصيبي چئو يا بدنصيبي چئو تہ گذريل ڪجھ سالن کان سنڌ مان پنج پيرا ملڪ جا وزيراعظم ٻڌيا آهن. ظاهر آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ پنهنجن کي نوازڻ جو رواج آهي، جيڪا هڪ فطري ڳالھ بہ آهي ۽ روايت بہ آهي. جڏهن ماڻهو پنهنجن کي نوازڻ تي ايندو آهي تہ اهو ميرٽ، محنت ۽ بي ريائي کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي. اها ڳالھ بہ ڪنهن کان لڪل ناهي تہ سنڌ ۾ ميرٽ رکندڙ ماڻهو هٿا، آهن ۽ پيدا ٿيندا رهندا، چاڪاڻ تہ ميرٽ ڪنهن خاص علائقي يا صوبي يا ضلعي يا ڪنهن خاندان جي وراثت ۾ لڪيل نہ هوندي آهي. ميرٽ تہ الله سائين عنايت ڪندو آهي ۽ محنت ماڻهو پاڻ

ڪندو آهي. ميرٽ واري ماڻهو جي اها بدقسمتي چئو يا خوشقسمتي چئو جو اهڙو ماڻهو حاڪمن جا در پيئڻ جي بدران پنهنجي ميرٽ جي مان ۾ مست هوندو آهي. اسان جي حاڪمن ۾ شروع کان اها خامي رهي آهي ته هو سڀ ڪجهه هوندا آهن، پر ٽيلينٽ هنٽر نه هوندا آهن. ميرٽ واري ماڻهن کي ته گهرجيءَ ڪنڌ مان ڇڪي، ڪن مان جهلي پاڻ وٽ وهاربو آهي. منهنجي انهيءَ پٽاڙ جو حاصل مطلب اهو آهي ته سنڌ مان گذريل سالن ۾ وزيراعظمن جي ڪري جن به ماڻهن کي نوڪريون، ٺيڪا، پرمٽون ۽ ڪمائيءَ جا بيا ذريعا مليا، انهن مان اڪثريت نااهل، خوشامدڙين ۽ ڪرپٽ ماڻهن جي آهي. ته اسان جي سنڌ ۾ جيڪو وچولو طبقو وجود ۾ آيو، انهيءَ طبقي جي اڪثريت اهڙن ماڻهن مان جڙيل آهي.

حرام جي پئسي مان ٺاهيل بنگلا، ورتل ڪارون ۽ لڳايل فونون انهيءَ طبقي جي اولاد جي ور ائين چڙهي ويون آهي، جيئن پولڙي جي ور ناريل چڙهي ويندو آهي. پولڙو ناريل کي پچي نه سگهندو آهي، انهيءَ ڪري وڻ هيٺان مٽندڙ واٽهڙن جي مٿي تي هٽندو آهي. سنڌي ۾ چوندا آهن ته ”ڏيءَ يا واٽيو جهلي يا مينهن“. اتفاقن ناجائز طريقن سان مٿي آيل اهو طبقو نه واٽيو آهي ۽ نه مينهن. سو ٿيو ايئن ته انهيءَ پوءِ ڏائي طبقي جون حرام جي ڪمائيءَ مان ورتل گاڏيون ۽ فونون ڏيئڻ جي بدران پٽن کي ملي ويون. نتيجي ۾ انهن ڇوڪرن وري ڇوڪرين کي عزت ۽ محبت ڏيڻ بدران سندن پويان گاڏيون بچيون ۽ فونن تي ڌمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون، ۽ ڇوڪرين کي هيسائڻ ۽ بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجي ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن کان ٽاهه ڪائي پري ٿي بيهي رهيون. چوندا آهن ته ڪير جو ساڙيل لسيءَ کي به ڦوڪي ڦوڪي پيئندو آهي ته اهڙي طرح جيڪي ڇوڪرا دل ۽ دماغ جا ڪليا آهن، انهن کان به ڇوڪرين دوري اختيار ڪري ڇڏي. هونئن به جيڪڏهن پيار سان گڏ عزت شامل نه هجي ته ڇوڪرين جو ڇوڪرن کان پري رهڻ هڪ فطري عمل آهي. پولڙي جي ور چڙهيل ناريل کان پاسو نه ڏبو ته انسان مٿو ڦاڙائي ويهي رهندو.

(2) اٽڪ کان وٺي ميلسيءَ تائين ميلسيءَ کان وٺي ٿر پارڪر تائين مون رلي پني ڏٺو آهي ته جيڪو پراڻو جاگيردار يا وڏيرو هو. جيڪي پيڙهيائيا ماڻهو هئا. وٽن ۽ ساڻن لاڳاپيل ماڻهن ۾ جيڪي شاندار قسم جا اخلاقي قدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. انهن لاءِ سوشلزم جي زبان ۾ ”جاگيردارانہ شرافت“ جو اصطلاح استعمال ٿيندو آهي. انهن خاندانن مان تقريبن 75 سيڪڙو پنهنجي سخاوتن، شاهہ خرچين ۽ ساده دليءَ جي ڪري ختم ٿي چڪا آهن يا ختم ٿيڻ جي مرحلي مان گذري رهيا آهن. انهن سان گڏ سندن پراڻي فيوڊل نظام جو بہ خاتمو اچي چڪو آهي، جنهن ۾ نياڻي سياڻيءَ جي عزت جو خيال رکڻ ۽ اوڙي پاڙي تي هٿ رکڻ سان گڏوگڏ عشق محبت جو جيڪو عزت پريو ۽ شاعراڻو تصور هو يا جيڪا ست راڇي ٿيپي ۽ يارن دوستن کان هٿي ڪري اڪ جي چوريءَ جي جيڪا شاندار روايت هئي يا وري عمر لاءِ نياڻڻ جو جيڪو تصور هو، اهو بہ ختم ٿي چڪو آهي. محبتن ۾ جيڪي نزاڪتون هيون، انهن جي جاءِ هاڻي اره زوراڻي وٺي چڪي آهي. هن وقت اسان مان اڪثر مرد بکين بگهڙن وانگيان عورتن ڏانهن نهارين ٿا. سامهين جنس يعني عورت کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ جيڪا باڊي لئنگويج استعمال ڪئي ويجي ٿي، جيڪي تاثرات ڏنا وڃن ٿا ۽ جيڪي طور طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا، انهن ۾ ڏاڍ مڙسيءَ جو گند سمايل آهي. هاڻي سائين جتي محبت ۾ بہ ڏاڍائيءَ جي ملاوت ٿيل هجي تہ اتي ڇوڪري ڇوڪري کان پڇي، ٿري ٿارو نہ ڪندي تہ ٻيو ڇا ڪندي.

(3) ٻهراڙيءَ ۾ پراڻو رواج آهي تہ جيڪڏهن ماڻهو مدي جي بخار يا اهڙي ٻيءَ ڪنهن بيماريءَ جو شڪار ٿئي ٿو تہ بنهہ ڪمزور ٿي ويندو آهي يا عورت ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ڪمزور ٿي سوئانجي ۾ هوندي آهي تہ اُنهي کي ٻاهر تازيءَ هوا ۾ نڪرڻ نہ ڏيندا آهن تہ متان تازي هوا لڳڻ جي ڪري بيماريءَ مان اٿيل ڪمزور عورت اڌ رنگ جو شڪار نہ ٿي وڃي. انساني جسم جي باري ۾ تہ انهيءَ ڳالهہ جي تصديق يا ترديد ڊاڪٽر ئي ڪري سگهندا. پر انهيءَ ساڳئي ڳالهہ کي اسان سماجي نفسيات جي دائري ۾ ڪٽي ويندا سين تہ پوءِ اها ڳالهہ سورهن جا ويهہ آنا صحيح ثابت ٿي سگهي ٿي. اهو هن طرح تہ اسان جي اڪثريت ٻهراڙين يا ننڍن شهرن جي گهٽيل ٻوساٽيل ماحول مان آيل آهي. اهڙي طرح اسان جا ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون انهيءَ گهٽيل ماحول يا بند ٿيل ڪمري مان ٻاهر اچي آزاديءَ ۾ ساهہ کڻن ٿا تہ اها سماجي اڌ رنگ جو شڪار ٿين ٿا. سندن ڌڙ ريڊيو سر ٻاڪرو ٿي وڃي ٿو. ائين ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون انهيءَ سماجي اڌ رنگ ۾ ونجي وڃڻ ڪانپوءِ آزاديءَ ۽ ڇڙواڳيءَ جي فرق کي سمجهي نٿا سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجي ۾ اهڙا واقعا جنم وٺن ٿا، جن جو ذڪر پري محفل ۾ آئون ڪرڻ نٿو گهران. ڇاڪاڻ ته اهڙي ڳالهه پورنوگرافيءَ جي ذمري ۾ اچي ويندي. اهڙيءَ صورتحال ۾ جڏهن سمجهو ڇوڪريون توڙي ڇوڪرا هڪ ٻئي کان پري رهي ڪري ڪندون پاسا جهلي پنهنجو وقت ڪاٽين ٿا يا وري دل ۾ ارمان ڪٽي هلندڙ ڪو ڇوڪرو ڪن ڇپا ڪري هلي ٿو. ته دوريءَ جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو به آهي.

(4) هن وقت ڪميونيڪيشن وڏي وڃڻ جي ڪري جيڪا سماجي اڏ نگ جي بيماري آهي، انهيءَ جو شڪار ڇوڪرين جا مائٽ به آهن. ظاهر آهي ته ڇوڪريءَ جا مائٽ قدامت پسند ماحول مان آيل آهن. تنهن ڪري هو نه پنهنجين ڇوڪرين سان اهڙن مامرن تي کلي ڳالهائي سگهن ٿا ۽ نه ڇوڪريءَ کي اهڙي همت ڏياري سگهن ٿا. جيڪا ساڻن کُلي ڳالهائي يا گهرن کان ٻاهر ڪا اڻ وڻندڙ صورتحال تي پوي ته ڇوڪري پنهنجي ليکي مڙس ماڻهو تي منهن ڏئي سگهي ۽ پتر جو جواب پٿر سان ڏئي سگهي. ٻاهر جيڪو ڇوڪريءَ کي معاملو درپيش اچي ته سندس مائٽ انهيءَ جو مقابلو ڪرڻ جي بدران مرڳو ڇوڪريءَ کي ڪاليج يا يونيورسٽي مان ڪڍي وهاري ڇڏيندا آهن ۽ ڇوڪري پنهنجي تعليم ختم ٿيڻ جي ڊپ ۾ مٺيءَ به ماٺ ته مٺيءَ به ماٺ ۾ رهندي آهي. ڪوشش ڪندي آهي ته ڇوڪرن کان ڪن ٽار ڪري پنهنجي تعليم پوري ڪري وڃي. ته دوريءَ جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي.

هت آئون ڪجهه سياسي ذڙن جي مڙس ماڻهن ليڊر ڇوڪرن کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان جن کي ڪڏهن ”ڪامريڊ“ ته ڪڏهن ”گينگسٽر“ ڪري ليکيو ويندو آهي. اهڙي قسم جا ڪافي ڇوڪرا ڪنهن شريف ڇوڪريءَ جي نه رڳو عزت جو خيال رکن ٿا پر سندن ٻاران وڙهندي به دير نٿا ڪن. لوسي ڇورا اهڙن ڏاڍن مڙسن ڇوڪرن کان ڊڄندا آهن. نتيجي ۾ ڇوڪرين کي هڪ تحفظ جو احساس به رهندو آهي. شايد انهن شاگردن جي ڪري ڇوڪرين جي رونق موجود آهي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ ايتري به دوري ناهي. جيتري سمجهي وڃي ٿي. انساني فطرت ته هر دؤر ۾ هر ماحول ۾ پنهنجو رنگ ڏيکاريندي رهندي. جتي کهاڙيون پيون ڦرنديون آهن اتي به انساني فطرت پنهنجو رنگ ڏيکاريندي رهي ٿي. باقي سڙيا ويچارا ته اسڪينڊينيوين ملڪن ۾ وڃي به روئندا ئي رهندا ته ڇوڪريون لفٽ نٿيون ڪرائين.

(1997ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻارن جي ڏکن جو قافلو

اڄ جڏهن دنيا جهان جي ڏار قومن، ٻولين ۽ مذهبن جي ٻارن جو قافلو ڏکيو پنڌ پٽي، ٻارن جي دلين ۽ دماغن ۾ لڳندڙ ٻاهرن ڪنڊن جي ڏاڻهن ڪٽي هٿن ۾ ايندڙ اميدن جا گل جهلي، حيدرآباد جي حدن ۾ داخل ٿي رهيو آهي، ته هئڻ ته ائين کپي ته سندن مٿن تي هٿ رکي، ڳلن تي هٿ ڦيري اميدن جا ڪٽا سندن جهولين ۾ وجهي سندن جهوليون ڀري ڇڏجن. پر جڏهن پنهنجي ٻارن جي ٻڪين پيٽن، ڦاٽل ڪپڙن ۽ خوفزده چهرن ۽ خالي اکين ۾ وسندڙ ڏوڙ تي نظر ٿي پوي ته دل ٿي چوي ته ٻارن جو جيڪو قافلو فرياد کڻي اسان وٽ پهتو آهي، انهيءَ کي امين بڻائي اسان پنهنجن ٻارن جو فرياد داخل ڪرائيون ته ڏک ته هر هنڌ هڪ جهڙي ئي تڪليف ڏيندو آهي. ڪنڊا ته ڪنڊا ئي ٿيندا آهن، صرف سائيزن جو فرق هوندو آهي.

اسان پنهنجن ٻارن جو هي فرياد داخل ڪرائڻ وقت عظيم ليکڪ فرانز ڪافڪا جي ننڍپڻ کي وساري نٿا سگهون. جيڪو جڏهن پراگ شهر جي اسڪول ۾ پڙهڻ ويندو هو ته ڪو ماستر ڪيس پنهنجي غير فطري خواهش جو نشانو بنائڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته ڪي ماستر مٿس موچڙن جي وٺ وٺان لڳايو ويٺا هوندا هئا. هو جڏهن اسڪول مان لڪي ڀڄي جند ڇڏائيندو هو ته سندس مائٽ اسڪول مان ڀڄڻ جي ڏوهه ۾ مٿائنس موچڙن جو زيپٽ لائي ڏيندا هئا. نتيجي ۾ اڳتي هلي هن صديءَ جي شروعات ۾ هن پنهنجين لکڻين ۾ جيڪا ڏکن جي دونهين دکائي، اها اڄا تائين دنيا جي ادب مٿان دونهينءَ وانگر ڇانيل آهي ۽ ڏکن جي اها دونهين اڳتي به به دکندي رهندي. اسان 19 سالن جي خوبصورت جرمن ڇوڪريءَ ڊورا ڊائيمنٽ کي به وساري نٿا سگهون، جيڪا ٽي بي سينيٽوريم ۾ مرندڙ ڪافڪا جي مٿان آري تي ويٺل ڪڪڙ وانگيا ڪنيي وچائيو ايستائين ويٺي رهي (تہ مٿان ڪيس ڪا لهس نہ اچي) جيستائين

ڪافڪا جا پساهه پورا ٿيا ۽ ڊورا ڊائيمينٽ جو اهو چلو سيپٽمبر 1923ع کان هلي مارچ 1924ع تي ختم ٿيو.

پنهنجن پارن جو هي فرياد داخل ڪرڻ وقت اسان يهودي ٻارڙي اينيفرئنڪ کي به وساري نٿا سگهون. جيڪا هڪ تهه خاني ۾ لڪي پنهنجي ڊائري لکندي رهي ۽ هڪ ڏينهن پاڻ تي بم ڪرڻ سان هن دنيا مان هلي وئي، پر سندس ڊائريءَ ادب جي دنيا ۾ لڙڪن جي ٻوڏ آڻي ڇڏي ۽ پڙهندڙن کي ٻوڏاريون ڏيئي ڇڏيون.

پنهنجن پارن جو هيءُ فرياد داخل ڪرڻ وقت اسان بوسنيا جي سرائيوو شهر جي ننڍڙي ڇوڪرڙيءَ زلاٽا کي به وساري نٿا سگهون. جيڪا هن وقت ته پئرس ۾ جوانيءَ جون موجون ماڻي پئي، پر سندس سرائيوو ۾ رهائش دؤران لکيل ڊائريءَ جون ڪروڙ کن ڪاپيون ڇپجي چڪيون آهن. جڏهن معصوم ٻارڙيءَ زلاٽا جي اها ڊائري پڙهجي ٿي، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته ڪيئن هڪ هڪ ڪري سندس مسلمان سهيليون بک، سيءَ، گهٽ، ٻوسٽ، بيوسي، ظلم ۽ موت جو شڪار ٿينديون، غائب ٿينديون ٿيون وڃن تان جو سندس آخري سهيلي ٻلي ۽ دوست ڪتڙو گولين جو شڪار ٿي وڃن ٿا، ته ايئن لڳي ٿو ڄڻ ڪتاب پرنٽ ڪرڻ ۾ رت ۽ لڙڪن جي مس استعمال ڪئي وئي هجي.

اسان پنهنجن پارن جو فرياد داخل ڪرڻ وقت مشهور پولش ليکڪ جيرزي ڪوسنسڪي کي به وساري نٿا سگهون. جيڪو ڇهن سالن جي ڄمار ۾ ٻي عظيم جنگ هلندي مليون پيڙي پولينڊ مان ڀڳو ۽ گولين، بمن، لاشن ۽ رت جي دريائن مان ٽپندي پهرين برطانيا ۽ پوءِ آمريڪا پهتو.

اسان پنهنجن پارن جو فرياد داخل ڪرڻ وقت هن وقت جي وڏي ۾ وڏي پولش نسل جي فلم ڊائريڪٽر رومين پولنسڪيءَ کي به وساري نٿا سگهون جيڪو پولينڊ ۾ اڃا ننڍڙو ٻار هو فليٽن جي چونڪ ۾ ٻين ٻارن سان راند ڪري رهيو هو ته سندس سامهون فليٽن مٿان نازين جو اوچتو بم ڪريو ۽ سندس پيءُ، ماءُ مري ويا. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن سندس 15 سالن جي ڀيڻ فليٽن جي چونڪ ۾ داخل ٿي ته نازي فوجي به اچي پهتا. نازي فوجين سندس سامهون سندس ڀيڻ سان زوري زنا ڪئي، جنهن ۾ سندس ڀيڻ مري وئي. هن وقت هو جيڪي فلمون ناهي ٿو، انهن ۾ اهڙو ته ڪراهت ڀريو تشدد ڏيکاري ٿو، جو فلم (سواءِ فلم Tess جي) ڏسڻ وقت الٽيون ٿيون اچن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان هي فرياد داخل ڪرڻ وقت متي ڄاڻايل ٻارن تي ٿيندڙ ظلم جو ذڪر ڪندي اها ڳالهه به وساري نٿا سگهون ته انهن ٻارن سان ٿيل ظلم ته سڄيءَ دنيا ۾ رڪارڊ تي آيل آهن. پر اسان جي ٻارن متان ٿيل ظلمن کي ڪو رڪارڊ ڪرڻ وارو ڀرپور قلم ۽ فلم ملي نه سگهيا آهن“ سواءِ انهيءَ جي ته، ”سرجيس تان سور، ساماٿيس ته سک ويا - اِهي ٻئي پُور مون نماڻيءَ نصيب ٿيا“ (لطيف) يا وري ”هم جو تاريڪ راهون مين ماري گئي.“ (فيض)

اسان اها دانهن ڪنهن کي ڏيون ته اسان جي ڳوٺن جا ٻارڙا اسڪول ۾ مارون کائڻ ۽ ذليل ٿيڻ جي ڪري اسڪولن مان ڀڄي مال چارڻ يا ٻنيءَ ٻاري ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪم کي ترجيح ڏين ٿا. اسان اها دانهن ڪنهن کي ڏيون ته اسان جي شهرن جي ٻارڙن کان ڇيلهه ڀڃندڙ ڪم ورتا ويندا آهن. اسان اها دانهن ڪنهن کي ڏيون ته جڏهن اسان جا ٻارڙا ڪتابن جا ڳرا ٿيلها کڻي نڪرندا آهن ته اهو ڊپ ٿيندو آهي ته ڪٿي ٻار ٽيڙهه نه ڪائي، ڪري پوي ۽ متائنس ٿيلهو اچي وڃي ۽ ٻار ٿيلهي جي ٻار هيٺان اچي پنهنجا عضوا نه بچائي ويهي رهي. اسان اها دانهن ڪنهن کي ڏيون ته بسن ۾ لڙڪندڙ ٻارڙا ڪري زخمي ٿي پون يا مري وڃن ٿا. اسان اها دانهن ڪنهن کي ڏيون ته هاءِ ويز تي هلندڙ ٽرڪن جي ڇتين تي ڊرائيورن سان ستل ٻارڙا عذابن جي رستن تان گذرندا آهن. اسان اها دانهن ڪنهن کي ڏيون ته اسانجي ٻار کي هڪ ئي وقت چار چار ٻوليون سکڻ لاءِ مجبور ڪيو ٿو وڃي ۽ پرائيون ٻوليون سکڻ جي هڻ هٺان ڪانپوءِ ڪيس ”علم پرائڻ“ جي ونڊ ملي ٿي. اسان اهو ڪنهن کي ٻڌايون ته قازق لوڪ گيت وانگيان. اسان جي دريائن ۾ ايترو پاڻي نٿو وهي جيترا مظلوم عورتن ۽ ٻارن جا لڙڪ وهن ٿا.

ظاهر آهي ته اها دانهن ٻارن جي انهيءَ قافلي کي ڏئي سگهجي ٿي، جيڪو حيدرآباد مان ٿيندو اڳتي روانو ٿيندو. لطيف جي لفظن ۾ ڏکن واريون ئي ڏکن جي پچار سمجهي سگهنديون.

قافلي وارئو! منهنجا يارو! اوهين ئي اسان جي ڏکن کي محسوس ڪري ٿا سگهو ۽ اسان اوهان جي ڏکن کي سمجهي سگهون ٿا. جڏهن هڪ ٻئي جا ڏک، هڪٻئي کي سمجهه ۾ ايندا تڏهن ئي دلڙيءَ جا درد دور ٿيندا، اکين ۾ اميدن جا ترورا جرڪندا، قافلي جي قدمن هيٺان ئي گل ڦٽندا. ”چلي چلو ڪه ابي بهار نهين آئي.“ فيض

(1998ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لوڪ سائنس جو هڪ باب

# برسات اچڻ کان اڳ ۾

هاڻي وقت اهڙو اچي ويو آهي جو هيٺ ماڻهوءَ اندر جي خبر نٿي پوي ۽ مٿي آسمان جي اندر جي خبر نٿي پوي. پر هڪ وقت اهڙو به هو جو هيٺ ماڻهوءَ جي اندر جي به خبر پوندي هئي ۽ مٿي آسمان جي به خبر پوندي هئي.

اپريل جو مهينو شروع ٿي چڪو آهي. مند ته واهوندي (ڏکڻ جي هوا) جي لڳڻ واري آهي ۽ ڏڏڙ اڏامڻ واري آهي، پر هڪ ٻه مهينا واهوندو لڳي ڏڏڙ اڏائي، گرمي ٿيو ٿو وڃي ۽ اها خبر نٿي پوي ته آسمان جي دل ۾ ڇا آهي. واهوندي جي هن مند جي مٿان وسڪاري جي اچڻ جي مند آهي. جيتريقدر ملڪ ۾ موجود موسم جي اڳ ڪٿي ڪرڻ وارين پاڪستاني مشينن جو سوال آهي ته اُهي ملڪ جي سياست وانگر ٿنگ ڪٽيو بيٺيون آهن. موسم جي اڳڪٿي ڪرڻ وارا جڏهن ٻڌائيندا آهن ته ايندڙ چوويهن ڪلاڪن ۾ ملڪ بادلن جي لپيٽ ۾ اچي ويندو ۽ ڦلاٽن ڦلاٽن هنڌن تي ڪٿي گهٽ ته ڪٿي وڌ مينهن پوڻ جا امڪان آهن ته انهن ايندڙ چوويهن ڪلاڪن ۾ آسمان چنچرين (نياڱين مائين) جي اکين وانگر خالي هوندو آهي. وري جڏهن موسم ڪاتي وارا اها اڳڪٿي ڪندا آهن ته ”ڪل مطلع صاف رهي گا“ ته انهيءَ ڏينهن آسمان موسم ڪاتي وارن جي حال تي رحم کائي روئي ڏيندو آهي ۽ ڦڙ ڦڙ شروع ٿي ويندي آهي. سو هن وقت ڪا خبر نٿي پوي ته سياڻي ڇا ٿيندو آهي، پر اڳي ماڻهن کي خبر پئجي ويندي هئي ته سياڻي ڇا ٿيندو آهي، خاص ڪري برسات جي موسم ۾ برسات لاءِ سڪندڙ ٿرين ماڻهن کي.

اها خبر ڪيئن پوندي هئي؟ اچو ته ڏسون ته ڪيئن خبر پوندي هئي.

اپريل ۽ مئي جي مهينن ۾ لاڳيتو واهوندو هلڻ ۽ ڏڏڙ اڏامڻ کان پوءِ اوچتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي اوڇتو چنڊ جي چوڏاري پڙ ٺهندو هو. جنهن رات ب چنڊ جي چوڏاري پڙ نڪرندو هو، انهيءَ رات مينهن جي اوسيئڙي ۾ موجود ماڻهن جي دل ۾ اميدن جو سنهون چنڊ اڀرندو هو ته هيل آسمان خوش آهي ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڪٽا جهوليءَ ۾ وجهندو. انهي ڪان پوءِ جون مهيني ۾ آسمان تي تتر ڪرڙي ٺهندي هئي. ڪجهه يارن کي شايد ”تتر ڪرڙيءَ“ جي خبر نه هجي ته انهيءَ جي هتي چٽائي ڪري ڇڏجي. جڏهن سياري جي مند ۾ اتر جي سنهي ڦرڪ هلندي آهي ته اهو وقت انسان سميت گهڻن ساهوارن جي لڳ جي موسم هوندي آهي. انهيءَ موسم ۾ تتر پکي ب مستيءَ ۾ اچي زمين کي چنبن سان ڪوٽي مجرد. پر عاليشان قسم جي ڊزائين ٺاهيندو آهي. انهيءَ ڊزائين کي تتر ڪرڙي چئبو آهي. اهڙي ئي طرح جون جي شروعات ۾ آسمان تي ڪڪرن جي جيڪا پچ ٺهندي آهي يا ايئن ڪٽي چئون ته جيئن ڪکر ڪير وانگر ڦٽي ڊهڙ ڊهڙ ٿي ويندا آهن ته انهيءَ کي ب تتر ڪرڙي چيو ويندو آهي. آسمان تي ٺهيل تتر ڪرڙي ماڻهوءَ ۾ وڏيڪ اميد پيدا ڪندي آهي ته هاڻي آسمان ٺپو هڻي صحيح ڪري ڇڏي آهي ته مينهن پوندو، پر ريڊ ٽيپ ازم رکو آفيسن ۾ نه هلندي آهي، آسمان ۾ ب هلندي آهي، انهيءَ ڪري شڪ جي گنجائش موجود هوندي آهي.

بهرحال انهيءَ ٺپي لڳڻ کان ٽورا يا گهٽا ڏينهن پوءِ گُهٽ شروع ٿي ويندي آهي، ماڻهن کي پگهر اچڻ لڳندو آهي ۽ ڳلن تي گهم محسوس ٿيندي آهي ته ماڻهو سمجهندا آهن ته سندس قسمت جو فائيل صاحب وڏي جي ٽيبل تان نڪري چڪو آهي انهي وچ ۾ جي اوڇتو ڪا واهوندي ٻي تکي هوا لڳي ته اهو فائيل ماڻهن تائين پهچڻ کان اڳ اڏامڻ لڳندو آهي، پر اميدون نه ٽٽنديون آهن.

آسمان جي انهيءَ آخري ڏيک کان پوءِ برسات جي اڳڪٿيءَ جو معاملو ساهوارن جي هٿ ۾ اچي ويندو آهي. جنهن ۾ ماڪوڙا ۽ ماڪوڙيون شروعات ڪنديون آهن. ماڪوڙا ۽ ماڪوڙيون پنهنجن پنهنجن واتن ۾ داڻا ڪٽي ڊگهي قطار ٺاهي هڪ ٻئي جي پويان ڪنهن مٿانهينءَ جاءِ ڏانهن هلڻ شروع ڪنديون آهن. ڪين ڪڙڪ پئجي ويندي آهي ته مينهن اچڻ وارو آهي، تنهن ڪري هاڻ مال مڏيون ڪٽي ڪنهن محفوظ جاءِ تي پهچڻ کپي.

ماڪوڙن ۽ ماڪوڙين کان پوءِ ”لنڊي“ نالي بلا جو وارو ايندو آهي. سنڌ ۾ بلائن جا ڪيئين قسم رهن ٿا جن ۾ هڪ پاسي ”ب منهين“ ۽ ”تڪلي“ جهڙيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي ضرور بلائون اچن ٿيون، جن ۾ زهر نہ هوندو آهي، پر ”بہ منهينءَ“ جي شڪل ۾ ”ٽڪلي“ جي تيز رفتاري ڏيڇاريندڙ ضرور هونديون آهن. ٻئي پاسي وري ”هڻ ڪڻ“ جهڙيون ننيڙيون سانڊين جيڏيون بلائون هونديون آهن، جيڪي جڏهن ڪنهن بہ ساهواري (ٻلي ڪي ڇڏي) ڏک هٽنديون آهن تہ اهو ساهہ وارو ٻي وک ڪٽي نہ سگهندو آهي، تنهن پاسي ڪارو نانگ بہ ٿيندو آهي، جنهن کي انهيءَ ڪري ”اصيل نانگ“ چيو ويندو آهي جو جيڪڏهن کو ڪيس تنگ نہ ڪندو تہ اصيل اصل کو نہ وڙهندو ۽ پاسو ڏئي لنگهي ويندو. بلائن جا جيترا بہ قسم سنڌ ۾ موجود آهن. انهن ۾ لڳ ڀڳ اسي سيڪڙو لنڊين بلائن جو تعداد موجود آهي. ٿر ۾ تہ انهن جو تعداد لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو سان وڃي لڳي ٿو. هيءَ بلا گهڻو ڪري اڃـر جهلي، ماڻهن جي واٽ جهلي ويڙهجي سيڙهجي ويهي رهندي آهي. جڏهن اتان کو ماڻهو مٽندو آهي تہ ڦوڪارو ڪري ڊوڙ پائي ماڻهوءَ تي حملو ڪندي آهي. سندس حملي جي پهچ پنجن انچن کان ڏهن انچن تائين هوندي آهي. انهيءَ ڪري ٿر جا ماڻهو رات جو جهاڙولا (لانگ بوٽ جو هڪ ديسي قسم) پائي هلندا آهن. جوڳي هن بلا کي ”بي گُري“ ڪري چوندا آهن تہ لنڊيءَ جو کو گر پير ناهي. هن بلا کي بي گري انهيءَ ڪري چوندا آهن جو ٻين بلائن جي بنسبت هيءَ بلا ڪين جهلڻ نہ ڏيندي آهي ۽ ڦٽڙي نڪري جوڳي کي ڏنگ هڻي وڃهندي آهي ۽ ڪيترائي جوڳي سندس شڪار بڻبا آهن. البتہ هيءَ بلا مارڻ ۾ سولي آهي. ڇاڪاڻ تہ روشنيءَ ۾ لنڊي انڌي ٿي اونڌهہ ڏانهن ڀڄڻ لڳندي آهي. اوهان وٽ ٽارچ هجي تہ منهن ۾ هٽوس تہ واٽڙي تي ويڙهجي پئجي رهندي ۽ پوءِ جوتو لاهي ڪٽي اڇي وٺوس. پهريون ڏک چيلهہ ۾ هڻي پوءِ مٿو ڪٽيوس. آمريڪي ڪائو بواءِ فلمن ۾ بہ نظر ايندڙ اها لنڊي بلا ڪٽ تي يا پٽ تي يا وڻ تي چڙهي نہ سگهندي آهي. پر برسات اچڻ کان اڳ الائي ڪيئن ڦٽڙي ڪري ۽ زور لائي وڻ تي چڙهي ويندي آهي. وڻ جي ٿڙ مان نڪتل ننڊ ۽ ٽارا ڪيس چڙهڻ ۾ مدد ڪندا آهن. بهرحال جيئن پڇندڙ چور ڊپ ۾ وڏا وڏا لوڙها ٽپي ويندو آهي، تئين ٻڏڻ جي خوف کان هيءَ بلا وڻ تي چڙهي ويندي آهي. جڏهن ڊراڙن کي لنڊي وڻ تي چڙهيل ڏسڻ ۾ ايندي آهي تہ پوءِ پڪ ٿي ويندي آهي تہ برسات اچڻ واري آهي.

ڳوهہ جي عادت آهي تہ هوءَ گهڻو وقت ٻر ۾ پنهنجي ڊگهي زبان ڪڍي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو جيڪو ڪڪڙ پڪي فجر جو ٻانگ ڏيندو هو، اهو بہ نوڪرين مان نڪتل ڪائو ڳامورن وانگر منجهي پيو آهي. ڪڏهن ٻڌ تہ منجهند جو ٻانگ پيو ڏئي، ڪڏهن ڏس تہ سج لهڻ سان ئي ٻانگن جو وارو وار اٿس. ايئن ئي ٻيا ساهوار بہ منجهي پيا آهن. آسمان پاڻ منجهي پيو آهي تہ انسان سان ڪجي تہ چا ڪجي

(1998ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجھ صلاحون

مون وٽ ڪيترائي اهڙا خط ۽ فونون ايندڙيون آهن ۽ ڪجھ نوجوان روبرو اچي پڇندا آهن تہ اسان پنهنجن تجربن ڪي ۽ پنهنجيءَ سوچ ڪي پني تي ڪيئن لاهيون. سوال تمام وڏو آهي ۽ انهيءَ سوال جي مقابلي ۾ آئون ننڍو ماڻهو آهيان. پر جيڪو حال حبيبن ۾ آهي اهو پرين ڪي پيش ڪجي ٿو. ڪا ڪوٽ ٽوٽ رهجي وڃي تہ انهيءَ جو پورائو دوست پاڻ ڪن. اسان جي دل تہ انهيءَ ۾ خوش آهي تہ اسان جو نئون نسل پڙهي بہ ٿو، ٻڌي بہ ٿو ۽ پوءِ پاڻ بہ چاهي ٿو تہ ڪجھ ڳالهيون ڪجن تہ ڪجھ ڳالهيون لکجن. ڳالھ چڱي آهي، تنهن ڪري انهيءَ جو جواب لازمي آهي، پوءِ ڪٿل تنل ئي سهي.

جيڪڏهن ڪو لکڻ ۽ چوڻ وارو اهو ٿو سمجهي تہ هو پنهنجي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کان وڌيڪ عقلمند آهي تہ اها انهيءَ جي ڀل آهي. انهيءَ ڪري ٻين کي گهٽ سمجهي ڪلاس روم لڳائڻ جي ڪا ضرورت ناهي، پر لکت ۾ يا زباني طور هڪ اهڙي ڪچهري لڳائڻي آهي، جنهن ۾ اوهان ڪي پنهنجا خيال ٻين سان شيئر ڪرڻا آهن، ايئن جيئن ماني گڏجي کائبي آهي. ڪا فتويٰ ڏيڻي ناهي. ٿي سگهي ٿو اوهان جا جيڪي ويچار هجن اهي سورنهن جا ويھ آنا صحيح نہ هجن يا انهن ۾ ڪوٽ رهيل هجي يا وري ايئن هُجي تہ اوهان جيڪي پنهنجا ويچار پڌرا ٿا ڪريو، انهن کي وقت غلط ثابت ڪري ٿو وجهي، ڇاڪاڻ جو وقت ڪنهن جو بہ مائٽ يا دوست ناهي. انهيءَ ڪري اوهان پنهنجا ويچارا پڌرا ڪرڻ وقت ڪنهن بہ قسم جي آنا ڪاني نہ ڪريو. جيڪڏهن ڪا ڪوٽ ٽوٽ رهجي ٿي وڃي يا اوهان جي ڪا ڳالھ غلط ٿي ثابت ٿئي تہ انهيءَ جو ايترو فڪر نہ ڪريو جو ويچارن جي پڌرائيءَ تان ئي هٿ ڪڍي وڃو. اوهان ڪن مسترين جو ئي ڪٿي مثال وٺو. ڪو بہ مستري جڏهن ڪا مشين ناهڻ وقت غلطي ڪري ٿو وجهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ٻئي مستريءَ وٽ وڃي ٿو ۽ ٻيو مستري اها غلطي پڪڙي انهيءَ غلطيءَ کي ختم ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي ته پهريون مستري اها صلاح مڃڻ ۾ دير نٿو ڪري ۽ پنهنجي غلطي دور ٿو ڪري اها انهيءَ مستريءَ جي سياڻپ به آهي ۽ عملي تجربو به آهي. سٺو هاري به ائين ٿو ڪري. زندگيءَ جي ٻين شعبن جا ماڻهو به ائين ڪن ٿا. اهڙي طرح پنهنجن ويچارن جي پڙتال ڪرڻ وقت به ائين ئي ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ڪو به ماڻهو عقل ڪل ناهي. هر فيلڊ جي ماڻهو کي پنهنجي ڪم جي رد ڪرڻ، ڪم ۾ ترميم ڪرڻ ۽ ڪم ۾ سڌارو آڻڻ جي سگهه هئڻ گهرجي. اها سگهه ئي سوچ جي پڙتاليءَ کي بهتريءَ جي رستي ڏانهن وٺي ٿي وڃي.

اسان سوچ جي پڙتالي ڪرڻ وقت صرف ٻن رنگن ۾ ٿا سوچيون ته فلاڻو ماڻهو يا شئي يا مسئلو خراب آهي يا سٺو. فلاڻو ڪم نيڪيءَ جو آهي يا بديءَ جو آهي. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته هر اُنسان ۾ ڪجهه چڱائيون هونديون آهن ته ڪجهه خرابيون. انسان نه فرشتو آهي ۽ نه ئي وري شيطان آهي. هڪ انسان جا ڪئين چڱا مـنا پهلو ٿيندا آهن. ائين ئي هر شئيءَ توڙي مسئلي جا به چڱا مٺا پهلو ٿيندا آهن يا نفعا نقصان ٿيندا آهن. ڪنهن به معاملي تي ويچار ڪرڻ ۽ پوءِ ان جي پڙتالي ڪرڻ وقت نه ته ڪارو رنگ ڦيري ڇڏجي ۽ نه ئي ان مٿان سفيدي ڦيري ڇڏجي. ائين ڪرڻ سان معاملي جا ٻيا رنگ ۽ ٻيا پهلو گم ٿي ويندا ۽ سچي ڳالهه اڌوري رهجي ويندي يا ٺپ گم ٿي ويندي. نتيجي ۾ اوهان پنهنجي پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي منجهائي ۽ ٿوائي ڪري وجهندا. هو توهان سان پنهنجا ويچار شيئر ڪرڻ جي بدران اوهان جي ٻڌايل خيالي، هوائي ۽ غير فطري چار ۾ ڦاسي پوندو ۽ پاڻ به بليڪ اينڊ وائيٽ ۾ سوچڻ لڳندو. انسان جي انهيءَ ڪيفيت کي مشهور پولش ليکڪ سزشزلا مائلوشز "Captive mind"سڏي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٺي چئو ته ٻڌندڙ يا پڙهندڙ ماڻهو پنهنجي ذهني سگهه وڃائي پرائي ڏهل تي نچڻ لڳندو آهي. سولي سنڌيءَ ۾ اهڙن ماڻهن کي ”پراوا ڪن“ به چئي سگهجي ٿو. پراوا ڪن نه ٿجي ته چڱو آهي.

اسان وٽ لکڻ توڙي ڳالهائڻ جي معاملي ۾ هڪڙي ڳالهه ڏاڍي خراب آهي ته اسان لفظ ائين خرچ ڪندا آهيون، ڄڻ لک تي مٿو ڏوئيو وينا هجون. جيڪا ڳالهه هڪ جملي ۾ وڏي سولائيءَ سان چئي سگهجي ٿي، انهيءَ کي سڄي صفحي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي چوندا آهيون ۽ جيڪا ڳالهه هڪ صفحي جي هوندي آهي انهيءَ تي ڏهه صفا خرچ ڪري ڇڏيندا اهيون. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئون ته اسان لفاظي ايتري ڪندا آهيون جو بقول اردوءَ واري جي جبل کوٽي انهيءَ مان ڪوئو ڪڍندا آهيون. ٺيڪ آهي، گهٽين صورتن ۾ ڳالهه سمجهائڻ لاءِ ڊيگهه پناڙ ڪرڻي پوندي آهي. پر انهيءَ ۾ معنيٰ سمايل هئڻ گهرجي. اسان انهيءَ صورت ۾ به جڏهن ڏهه صفحا خرچ ڪريون ته انهيءَ ۾ مواد پنجاهه صفحن جو ئي هئڻ کپي. جيڪاڳالهه چئن جملن ۾ سمجهائي سگهجي، انهي کي رٻڙ وانگر ڇڪي ڊگهو ڪرڻ مان اهو ئي ٿيندو ته رٻڙ ڇڄي پوندو ۽ رٻڙ جو جيڪو حصو هٿ ۾ هوندو، اهو منهن ۾ اچي لڳندو ۽ متان اک به ڪڍي وجهي. ته لکڻ يا ٻڌائڻ وقت انهيءَ ڇتي ڪوريءَ واري ڊيگهه کان پاسو ڪجي ته چڱو. اڄ ڪلهه ماڻهو به اهڙا واندا نه رهيا آهن جو ٻاڪو ڦاڙيو اسان جي ڳالهه ويٺا ٻڌن ۽ پنهنجي منهن تان مکيون پيا اڏائين. اسان جا گهڻا دوست جڏهن اسٽيج تي بيهي اچي تقرير ڪندا آهن ته اها تقرير ڄاڻايل موضوع يا شخصيت جي باري ۾ گهٽ ۽ پنهنجي باري ۾ وڌيڪ هوندي آهي، جيڪا نرگسيت تائين پهتل هوندي آهي. سياسي ليڊرن ۾ پکڙيل اها نفسياتي وبا اسان جي ليکڪن کي به وٺي وئي آهي. اسان جا جيڪي ڪمپيئر آهن، اهي ڪمپيئرنگ ڪرڻ جي بدران تقرير ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. جڏهن ته ڪمپيئرنگ جو فن ايئن آهي ته اوهان هڪ اڌ چهنڊڙي هٿي مائيڪ تان هٽي وڃو. انهيءَ فن سان وڏيءَ نزاڪت سان نڀائڻو پوندو آهي. اهڙي ساڳي طرح جيڪي وري انٽرويو وٺندا آهن، اهي ته ايئن لڳندا آهن ته ڄڻ پاڻ انٽرويو ڏئي رهيا هجن. انٽرويو ڏيڻ وارو ويچارو ڪنڌ ڌوڻيندو رهجي ويندو آهي. مطلب ته اجائي ڊيگهه کان پاسو ڪري ئي پنهنجي سوچ جي پڌرائيءَ کي سگهه ٻڌائي سگهجي ٿو. لفاظيءَ جي معاملي تي مون کي دنيا جو چوٽيءَ جو افسانه نگار انٽن چيخوف ياد ٿو اچي. وٽس گهڻا ماستر ايندا هئا، جن کي لفاظيءَ جي عادت هوندي هئي پوءِ جيڪو به ماستر لفاظي ڪندو هو ته چيخوف باقاعدي ڪيس گاريون ڏيئي، نيٽ ڪٽي موڇڙا هڻڻ لاءِ ماستر جي پويان ڪاهي پوندو هو ۽ سندس اهي پرستار پڇي جند ڇڏائيندا هئا. پاڻ چيخوف به بيمار رهندو هو، انهيءَ ڪري گهٽو پڇي نه سگهندو هو ۽ سهڪندو سهڪندو واپس پنهنجي ڪلينڪ ۾ اچي ويهندو هو. انهيءَ ڪري سنگت کي صلاح اها اهي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفاظيءَ کان پاسو ڪريو. نہ تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪو نہ ڪو چيخوف لڪ ڪٿي سنگت جي پويان ڪاهي پوندو ۽ اهو چيخوف اسان جا ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. اڄ ڪلهہ ماڻهن ۾ رهي ڪانهي، ڪنهن جو پنڪو لاهيندي دير نٿا ڪن.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نہ رڳو اسان وٽ پر سڄي ايشيا ۾ ماڻهن جي سماجي نفسيات ۾ "شهنشاهہ" ۽ "پير سڳورا" ويٺل آهن. گذريل ڪافي عرصي کان جيڪا شخصيت پرستي هلندي ٿي اچي، اها انهيءَ نسلي نفسيات جو نتيجو آهي، پر ڪيترائي ملڪ انهيءَ "هيرو" جي تصور کان جند ڇڏائي چڪا آهن ۽ هاڻي "هيرو" صرف فلمن تائين محدود رهجي ويو آهي پر اسان اڃا انهيءَ نفسياتي چار ۾ ڦاٿل آهيون تہ ڪو "بادشاهہ" يا "پير" اچي اسان جي مسئلن مان جند ڇڏائيندو. اسان جي لکڻ ۽ ٻڌائڻ واري ڪي ڪپي تہ هو انهيءَ اجتماعي نفسياتي بيماريءَ کان جند ڇڏائڻ ۽ پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ جي سوچ پيدا ڪري. "هيرو" جو تصور ڪنهن رانديگر يا فنڪار تائين محدود رکجي تہ چڱي ڳالهہ آهي، پر پير جي حيثيت بہ سائيڪوٽراپسٽ جي حد تائين رکجي ماڻهو پرائين ٽنگن تي هلڻ جي بدران پنهنجين ٽنگن تي هلي تہ چڱو آهي. لکڻ ۽ ڳالهائڻ واري کي کپي تہ هو پنهنجن ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن کي هيروورشپ مان ڪڍي ۽ ڪيس پاڻ پرو ٿيڻ جي صلاح ڏئي، نہ تہ اسان جو ماڻهو مٽيءَ ۾ ٻوٽ پر ڪريو پيو هوندو. سو اهي آهن ڪجهہ صلاحون.

(1998ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظام

اَدبي دنيا ۾ عورت ۽ مرد جي لڳ لاڳاپن جي سلسلي ۾ ڀڙڪ مچائڻ واري فيمينسٽ ليکڪا ائنائس نن پنهنجي ڪتاب "حساس مرد جي حق ۾" چٽن چٽن اکرن ۾ لکيو هو ته، "اسان کي اڳ ۾ ئي خبر آهي ته نشن پتن جو واپار، ڏوهه، جنگ ۽ بي انصافي اهڙيون بيماريون آهن جن جو علاج ڪنهن نظام ۾ نه پر نظام هلائيندڙ ماڻهن جي هٿ ۾ آهي."

اها ساڳي ڳالهه ميلان ڪنديرا وڌيڪ چٽن، گهرن ۽ کهرن اکرن ۾ چئي آهي ته "جيڪڏهن ڪو نظام اوهان تي اهو فرمان جاري ڪري ته اوهان پنهنجي ٽُڪ تي ميل پري اڇلائي ڏيکاريو ته اوهان جي ٽُڪ ۾ ايتري طاقت اچي نه سگهندي جو ٽي ميل پري وڃي ڪري."

نظام سياسي هجن يا اقتصادي هجن يا ڪٽي تعليمي نظام هجي. نظام ڪيترو به سٺو هجي، پر جيڪڏهن انهيءَ نظام کي هلائيندڙ شخصيتون نااهل، مدي خارج، انائيت جو شڪار، ڪرپٽ ۽ بزدل هونديون ته اهي گهربل نتيجا نه ڏئي سگهنديون.

تازو مهراڻ يونيورسٽيءَ وارن ڏاڍو سٺو ڪم ڪيو. هنن جڏهن ڏٺو ته انٽر سائنس جي امتحان کان پوءِ ڪيترائي پئسي وارا ماڻهو نوٽن جون ستيون ڪٽي بورڊن جي عهديدارن، ليڊر اُستادن، پيپر چيڪ ڪندڙ ليڪچررن ۽ پروفيسرن تائين پهچي گهربل مارڪون خريد ڪري ٿا وٺن ۽ پوءِ هو انهن مارڪن جي آڌار تي پنهنجي اولاد کي ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ۾ داخلا وٺائي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا، پوءِ ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کي پلي ڪٽي ڪجهه به نه ايندو هجي. ڪرپشن جي انهيءَ رش کي روڪڻ لاءِ داخلا کان اڳ ٽيسٽ وارو جيڪو نظام

عمل ۾ آندو ويو آهي. خير، ايئن نظام ته عمل ۾ اچي ويو، پر اها ٽيسٽ جيڪڏهن هڪ ديانتدار، ايماندار، محنتي ۽ ذهين شخص ڊاڪٽر عبدالوهاب نه وٺي ها ۽ سندس جاءِ تي تعليم کاتي جا ڪي ڪرپٽ، ڊچٽا ۽ پنهنجن چمچن کي نوازڻ وارا ماڻهو وٺن ها ته جيڪر مهراڻ يونيورسٽيءَ وارن جي سڄيءَ محنت پاڻي ۾ وڃي ڪري ها ۽ اهي نتيجا نه اچي سگهن ها. انهيءَ سڄي ڳالهه جو مطلب اهو وڃي بيٺو ته انهيءَ سڄي معاملي ۾ ڊاڪٽر عبدالوهاب ۽ سندس ساٿين جي شخصيت ڪامياب ٿي، نه ڪا نظام جي ڪاميابي.

هيءُ جيڪو چوندا آهن ته چيڪ ۽ بئلينس وارو نظام، هجي ته اهو ڪامياب ٿو وڃي ته آئون انهيءَ ڳالهه کي نه مڃيندس. جيڪڏهن چيڪ ۽ بئلينس ڪرڻ وارو ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ کوٽ پريل هوندي ته اهو نظام ڪيئن هلندو؟

تازو هڪ تمام سٺو قانون ٺاهيو ويو ته جيڪي غريب ماڻهو شادين مرادين ۾ پنهجي پينگ ٽا ڪن يا پئسي وارا ماڻهو پنهنجا پئسا ڪنهن پلي ڪم تي خرچ ڪرڻ جي بدران بي مقصد دعوتن تي اڏائي ٽا ڇڏين، انهن کي روڪڻ لاءِ شادين مرادين جي موقعي تي پيٽ ڪرڻ ڪان منع ڪئي وئي آهي. پئسن کي اجلايل هڏيون بنائڻ جي انهيءَ ڪُم کي روڪڻ لاءِ نظام يا قانون ته سٺو ٺهيو آهي، پر سيني کي خبر اهي ته انهيءَ قانون جو ڪهڙو حشر ٿيو آهي. خاص ڪري ڀهراڙين ۾ ٿيو ايئن آهي ته رشوت خور ڪامورن جي پيٽ ۾ وڏيڪ پئسا اچڻ لڳا آهن ۽ پيٽ ڪرڻ ڪان اڳ ڪامورن جو کيسو گرم ڪرڻو ٿو پوي، پوءِ پلي وڃي قرض ڪٽي ست رڇيون ماڻهن کي کارائيو. اڳي رڳو پيٽ تي خرچ ايندو هو، هاڻي ڪامورن جو حساب ڪتاب الڳ وڃي بيهي ٿو. انهيءَ سڄي پٽاڙ مان اها ڳالهه ثابت ٿي ٿئي ته جيڪڏهن شخصيتون غلط قسم جون آهن ته اوهان جيترو به سٺو نظام ڏيندؤ اوترو ئي اهو وڏيڪ نقصانڪار بڻجي ٿو پوي.

ايئن ئي ڪنهن به تعليمي نظام سان اها ڄڻ ٿيندي ته جيترو توهان سٺو نظام ڏيندئو، اوتروئي ڪانچا هٽڻ وارن جا ڪانچا وڏي ويندا ۽ تعليم سڌرڻ جي بدران ڪرڻ لڳندي. تعليم لاءِ اين جي او وارن کي تمام گهڻا پئسا ملن ٿا ۽ تجويزون به ملن ٿيون پر توهان سندن لائيف اسٽائيل به ڏسو ۽ پوءِ سرزمين تي وڃي تعليمي ادارن جي حالت ۽ شاگردن جي تعليم جو معيار به ڏسو ته اوهان جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ وڃي ويندا تہ هيڏو پئسو ڪيڏانهن ہڏي ويو.

انهيءَ ڪري تعليمي نظام ڪي سڌارڻ وارن ڪي ڪپي تہ اهي نظام جي بدران اهڙين شخصيتن تي هٽ رکن، جيڪي چاڻو، ايماندار، بهادر ۽ غير متعصب هجن. ڇڻ ڇواءِ کي رد ڪري سگهن ۽ کين تعليم جي هاڪاري قدرن جو احساس هجي.

هتي مون ”تعليم جا هاڪاري قدر“ جا لفظ انهيءَ ڪري آندا آهن جو دنيا ۾ جيڪي ٻہ عظيم جنگيون لڳيون، اهي تعليم يافتہ ماڻهن لڳرايون. دنيا ۾ جيڪي وڏا وڏا نسلي ۽ فرقيوارانہ فساد ٿيا انهن جي پويان تعليم يافتہ ماڻهن جو هٿ رهيو آهي. تازو آفريڪي ملڪن ۾ آزاديءَ کان پوءِ انسان ذات جي جيڪا دل ڏاريندڙ تباهي ٿي آهي، اها مهرباني بہ پڙهيل ماڻهن جي آهي. خود اسان جي بزرگ ڊرامہ نگار اشفاق احمد هڪ سواليہ نشان هٽي ڇڏيو آهي تہ اهو ٻڌايو تہ هن ملڪ کي جيڪي گهٽو نقصان پهچايو ويوآهي. جيڪو مال پاڻي کاڌو ويو آهي، اهو پڙهيل ماڻهن جو ڪارنامو آهي يا اڻ پڙهيل ماڻهن جو ڪارنامو؟

ڳالهہ ڦري گهري اتي ئي اچي بيهي تہ تعليمي نظام جوڙڻ وقت اها ڳالهہ ذهن ۾ رکجي تہ نظام کان وڌيڪ انسان ڳرو آهي ۽ سندس ذاتي ڪارڪردگي ڳري آهي.

(1998ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عورت جي اقتصادي آزادي

1901ع ۾ جمڙائو ۽ منڙائو واهن کوٽجڻ کان اڳ يا ائين کڻي چئجي ته 1921ع ۾ مڪمل بئريج سسٽم جي اچڻ کان اڳ سنڌ جي ماڻهن جو گذر سفر مال تي هوندو هو. انهي وقت جي عورت مرد سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي آزادانه طور تي مال چاريندي هئي ۽ جسماني طور تي ايتري ئي مضبوط هوندي هئي جيترو مرد. جي ڪو جهيڙو جهٽو ٿيندو هو ته عورت به ڪهاڙيون ۽ لٺيون کڻي جهيڙي ۾ ٽپي پوندي هئي. انهيءَ وقت عورت جي صحت جي اها حالت هوندي هئي جو ڪيس پنهنجي بلوغت جو احساس به ويهن ورهين جي ڄمار کان پوءِ ٿيندو هو. انهيءَ جو ڪارڻ آسپاس جو وڻن ۽ گاهه سان سٽيل ماحول، سڌي سادي ڊائيٽ ۽ جسماني پورهيو هوندو هو ۽ متاثنس مرد جو نفسياتي دٻاءُ به نه هوندو هو. پردي يا برقعي جو ته تصور ئي نه هوندو هو.

عورت جي صحت ۽ بلوغت جي انهيءَ صورتحال جي ڪري ڪيس اولاد دير سان ٿيندو هو. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته فئملي پلاننگ جو عمل به فطري طور تي موجود هوندو هو. مطلب ته انهيءَ وقت جي عورت سماجي ۽ اقتصادي طور تي آزاد هوندي هئي ۽ زندگيءَ جو گاڏو ٻن برابر برابر سائيز وارن ڦيٿن تي هلندو هو.

بئريج سسٽم جي اچڻ ڪانپوءِ زراعت جو ڏنڊو پڙ تي لٿو. جيڪو جهنگ ۽ جيڪا زمين خدا جي ڪري ليکي ويندي هئي، اها زمين ڪجهه ماڻهن جي ملڪيت بڻجي وئي ۽ ائين ملڪيت جو تصور وڏو ويو. زمين سان گڏ هاري به زميندار جي ملڪيت بڻجي ويو ته ٻئي پاسي عورت مرد جي ملڪيت بڻجي وئي. جيئن زميندار پنهنجي هاريءَ ڪي ملڪيت بڻايو، ائين ئي رد عمل طور تي هاريءَ وري عورت کي ڏڳن جي جوڙي وانگر ملڪيت بڻائي ڇڏيو. هاري ٻنيءَ ۾ عورت کان ائين ڪم وٺندو هو جيئن ڏڳن جي جوڙيءَ کان. ائين عورت جي اقتصادي آزادي ختم ٿي وئي ۽ زندگيءَ جو گاڏو ٻن ڦيٿن جي بدران هڪ ڦيٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هلڻ لڳو. هڪڙي ڦيٽي تي هلندڙ گاڏيءَ جو ڪهڙو حشر هوندو، ان جو اندازو اوهان پاڻ لڳائي سگهو ٿا.

هن وقت اهوئي اقتصادي نقصان آهي، جنهن جي ڪري عورت جي حقن تي بحثا بحثي وڌي رهي آهي ۽ عورتن جي حقن لاءِ آواز اپاريو پيو وڃي. اها عورت جي اقتصادي آزادي آهي، جيڪا مرد کي به فائدو ڏيندي آهي ۽ گاڏي به ٻن ڦيٽن تي هلڻ لڳندي آهي.

ظاهر آهي ته هن وقت صورتحال بدليل آهي. ان ڪري "مال چارڻ واري آزاد عورت" کي بدليل حالتن جي پيش نظر پنهنجو رول بدلائڻو پوندو.

ضمني طور تي هت آئون اها گذارش به ڪري ڇڏيان ته اسان وٽ ۽ اسان کان وڌيڪ پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ عورت جي حقن جون جيڪي تنظيمون آهن، انهن جي سٺي نيت تي ڪنهن کي ڪو به شڪ نه هئڻ گهرجي. پر انهن تنظيمن مان ڪجھ اهڙيون تنظيمون آهن، جن جي طريقه ڪار ۾ اها کوٽ رهجي وئي آهي ته عورت جي اقتصادي آزاديءَ جي بدران ذاتي آزاديءَ جو تصور وڌيڪ ٿو اڀري. آئون عورت جي ذاتي آزاديءَ جي قطعي خلاف ناهيان جو عورت به مرد وانگر انسان آهي. کيس پنهنجي زندگيءَ پنهنجي مرضيءَ سان گذارڻ جو حق آهي. ڪجھ وقت اڳ مشهور ليکڪا ۽ خود آزاديءَ واري زندگي گذاريندڙ سعديه دهلويءَ جو ڀارت جي غريب عورتن جي باري ۾ دل کي ڏک هٽندڙ مضمون ڊان اخبار ۾ ڇپيو آهي. انهيءَ مضمون ۾ اهو ڄاڻايل آهي ته عورتن جي حقن جي تنظيمن جي غير متوازن پروپئگنڊا ۾ اچي ڪري ڪيترين عورتن مڙسن کي ڇڏي آزاد زندگيءَ گذارڻ لاءِ ٻاهر نڪتيون ته کين پيٽ گذر لاءِ يا پنڻو پيو يا وري کين پنهنجو جسم وڪڻڻو پيو. ڀارت ۾ اهڙين عورتن جو تعداد لکن ۾ وڃي بيهي ٿو. اها ساڳي ڳالھ ڪيترائي سال اڳي ورجينا وولف ڪئي هئي ته "عورت کي کوٽن جي بند مان ڪڍي شيشي جي شوڪيس ۾ بند ڪيو ويو آهي."

هن سڄيءَ ڳالھ جو مقصد اهو آهي ته جيستائين عورت کي اقتصادي آزادي نٿي ملي، تيستائين ٺلهي سماجي آزادي فائدي جي بدران عورت کي نقصان تي ڏئي، خاص ڪري غريب عورت کي. جيڪڏهن عورت اڳ ۾ اقتصادي آزادي حاصل ڪري وٺي ته پوءِ سماجي آزادي پاڻهي ئي سندس در جهلي اچي ويهي رهندي. ايئن سماج ۾ سڌاري واري تبديلي ايندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي وري اهو سوال ٿو اٿي تہ اها اقتصادي آزادي حاصل ڪيئن ڪجي؟

(1) اسان وٽ عورت جي حقن جي هٿ ۾ جيڪي بہ تنظيمون آهن، انهن جون واڳون سکين ستابين عورتن يا مردن جي هٿ ۾ آهن، جيڪي فطري طور تي پنهنجي اينگل کان معاشري کي ڏسن ٿيون ۽ ڪم ڪن ٿيون. انهيءَ ڪري هڪ تہ عورت جي اقتصادي آزاديءَ جو پهلو بئڪ گرائونڊ ۾ هليو ٿو وڃي ۽ ٻيو تہ غريب عورتون جيڪي اڪثريت ۾ بہ آهن ۽ ڏاڍيون سمجهُو بہ آهن، انهن جي شرڪت کي ۽ انهن جي مسئلن کي اها جاءِ نٿي ملي، جيڪا ملڻ کپي. جيڪي ڪئين غريب مرد بہ اهي ڳالهيون سمجهن ٿا، اهي بہ شريڪ ٿيڻ کان رهجيو وڃن. ان ڪري تنظيمن کي کپي تہ هنن ڪمن ڪارين ۾ هيٺيئن طبقي کي وڌ ۾ وڌ شريڪ ڪن. ائين ڪرڻ سان نہ ئي عورت جي اقتصادي آزادي جو مسئلو بہ سمجهہ ۾ ايندو ۽ مسئلي جا حل بہ ملي ويندا.

(2) انگريزي ٻولي جي اهميت پنهنجي جاءِ تي. آئون خود انگريزي ادب پڙهڻ جي ايڊڪشن جو شڪار آهيان ۽ انگريزيءَ جو علم ئي اها حاصلات ٿو ڏئي تہ هر ملڪ جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ زبان کي استعمال ڪن. پر انهيءَ کي اسان جي بدقسمتي چئُو يا احساس ڪمتري چئُو تہ سماجي پلائيءَ سان لاڳاپيل تنظيمون اسان جي پنهنجين ٻولين کي نظرانداز ڪري انگريزي زبان کي ڪميونيڪيشن جو ذريعو بڻايو ويٺيون آهن. دفتري ڪاغذن کان ڊيٽا ڪليڪشن تائين يا ڪمپيوٽر وغيره جي استعمال تائين تہ انگريزي زبان ڪانسواءِ ٻي ڪا واهہ ناهي. پر غريب عورتن جي مسئلن کي سمجهڻ، انهن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ پوءِ انهن کي عوامي سطح تي آڻڻ لاءِ مقامي زبان کان سواءِ ڪم هلي نہ سگهندو. جنهن اقتصادي آزاديءَ جي آئون ڳالهہ ڪري ويٺو آهيان انهيءَ جي حاصلات لاءِ جيستائين پاڪستاني زبانن جي استعمال تي زورڙنہ ڏنو ويندو، تيستائين گهربل حاصلات نہ ٿيندي.

(3) اسان جي عام ماڻهوءَ وٽ، جيڪو هر ٿو هلائي يا مزدوري ٿو ڪري يا مال ٿو چاري، انهيءَ وٽ زندگيءَ جي پنجن هزارن سالن جو تجربو منتقل ٿيل آهي، جنهن کي توهان لوڪ شعور يا لوڪ سائنسون چئي سگهو ٿا. انهن سائنسن ۾ ڪيترن ئي مسئلن جا حل رکيا ويا آهن. عورت جي اقتصادي آزاديءَ لاءِ هر تنظيم ۾ اهڙو ريسرچ سيل قائم ڪيو وڃي، جنهن جا ڪارڪن جهر جهنگ رلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ماڻهو تائين پهچي، سندن مسئلا ۽ مسئلن جي باري ۾ سندن نفسياتي ۽ سماجي رويا ۽ پوءِ علم جي روشنيءَ ۾ حل ڳولي اڳيان رکن. هئي مرحلي ۾ووري تجويز ڪيل حل کي ڪم ۾ آڻين. ائين ڪرڻ سان ئي اسان سٺا ڪارگر نتيجا ڪڍي سگهون ٿا.

(4) هي جيڪي اسان وٽ هوم اڪنامڪس جا ادرا آهن اتي جهڪو عورتن کي ڪم سيکاريو ٿو وڃي يا سلائي مشينن ورهائڻ جو جيڪو ڊرامو رچايو ٿو وڃي تہ منهنجي خيال ۾ اهڙي قسم جا ادارا عورتن کي ڪنهن بہ قسم جي اقتصادي آزادي ڏياري نہ سگهيا آهن. انهيءَ ساڳئي ڪم کي خلوص سان موڙ ڏنو ويندو تہ سٺن نتيجن جي توقع آهي. اهي ڪم ڪجهہ هن ريت آهن. اسان جو لوڪ ورثو تمام امير آهي ۽ انهيءَ ورثي جي امين عورت آهي. اسان جي عورت کان نوان فيشني ڪپڙا سبائڻ جو ڪم ڇڏائي جيڪڏهن اصلي پرت جو ڪم ڪرائيو وڃي، خاص ڪري گج، پوتيون، پڙا، تيلين مان ٺهندڙ شيون وغيره اصلي رنگ ۾ ٺهرائي، پوءِ مڊل مين کي موچڙا هٽي، وچ مان ڪڍي، اسان جي ڪابہ سماجي تنظيم انهن ثقافتي شاهڪارن کي مغربي ملڪن ۾ ڪٽي وڃي ۽ وڪڻي سڌا پئسا اڇي ڪاريگرياڻي جي هٿ تي رکجن تہ اها عورت توهان مون کان وڌيڪ ڪمائي سگهي ٿي. مون خود ريسرچ ڪئي آهي تہ ٿر جي ڪاري ڪٽي ڪاريگر وٽان چئن سون ۾ ملي ٿي ۽ اها ساڳئي ڪاري ڪٽي اصلي ڊزائين وارو گج آمريڪا ۾ ڪنهن صورت ۾ هزار ڊالرن کان گهٽ اگهہ نہ ڪندو. تہ هڪ ڪم تہ اهو آهي جيڪو تمام سولائي سان ڪري سگهجي ٿو. هلو سائين سلائي جون مشينون بہ قبول. پر ڏنو ويو آهي تہ انهيءَ مان اسان جي عورتن کي فائدو نٿو ملي. انهيءَ لاءِ جيڪڏهن اسان پنهنجن ننڍن ننڍن شهرن ۾ ريڊي ميڊ ڪپڙن جا ننڍا ڪارخانا کوليون يا کولرائيون ۽ انهن ۾ آسپاس جي عورتن کي مصروف ڪيو وڃي تہ اهو سامان بہ ٻاهر موڪلي ناڻو ڪمائي، مزدور کي سٺي مزدوري ڏيئي سگهجي ٿي. توهان هينئر بہ ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي دوڪانن تي هليا وڃو تہ اتي چيني عورتن جي هٿ جو هنر ڇانيل نظر ايندو. اهو ڪم اسان بہ ڪري سگهون ٿا. خود مشينن جا ننڍا ننڍا پرزا عورتون ئي ٺاهي سگهن ٿيون. انهيءَ ڪم لاءِ جپان ۽ چين وغيره ۾ مرد کان وڌيڪ عورتن کي اهميت ڏني وڃي ٿي. جيڪڏهن اسان جي عورت انهيءَ فيلڊ ۾ وڃي تہ ٺٺ ٿي ويندس. ڪوشش ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي قسم جا ڪارخانا ننڍن شهرن ۾ هٽرايا وڃن ته اتي ڪارخانيدار لاءِ نه مزورن جي کوٽ رهندي ۽ نه ئي وري عورت لاءِ بيروزگاريءَ جو مسئلو رهندو. پنهين ڏرين جو پلو ڀري ويندو. سيٽڙپ ڪنڊڙن ڪي جي اها ڳالهه سمجهائي ويندي ته هو آماده ٿي ويندو. ڪمپيوٽر جي دوستي مرد کان وڌيڪ عورت سان آهي مون کي اهو معلوم ڪري خوشي ٿي آهي ته اسان جون ڪيتريون شهري علائقن جو غريب ڇوڪريون ڪمپيوٽر تي لڳل آهن. سماجي تنظيمن کي کپي ته اهي انهن ڇوڪرين جي اقتصادي حقن جي پرگهور لهن. سو تجويزون ته گهٽيئي آهن پر اسان کي سيني ڳالهين کان اڳ اهو ڳُٺ ختم ڪرڻو آهي جيڪو فائيو اسٽار هوٽل ۽ ٿر جي پٽ تي ٺهيل چٺوري يا ڪڇي ۾ ٺهيل لانڍيءَ ۾ آهي. جنهن ڏينهن اهي فاصلا ختم ٿيا انهيءَ ڏينهن عورت کي اقتصادي آزادي ملي ويندي.

(1998ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اين جي او ڪلچر

"اسان جي ڊنل پئسن مان سرحد صوبي ۾ 75 سيڪڙو ڪمن ڪارين تي خرچ ٿئي ٿو ۽ 25 سيڪڙو ڪاٽي وڃي ٿو. پنجاب صوبي ۾ 60 سيڪڙو خرچ ٿئي ٿو ۽ 40 سيڪڙو ڪاٽي وڃي ٿو. پر سنڌ صوبي ۾ 10 سيڪڙو ڪمن ڪارين تي خرچ ٿئي ٿو ۽ 90 سيڪڙو ڪاٽي وڃي ٿو." اهي اکر ٽي سال کن اڳ مون کي هڪ غير ملڪي ڊونر دانهن ڏيندي چيا هئا. اها دانهن هن مون کي انهي ڪري ڏني هئي جو هڪ ته هن اهو سمجهيو هو ته آئون سنڌي ليکڪ هئس ۽ سمجهيو هئائين ته جيئن سندس ملڪ ۾ ليکڪن جو وڏو اثر رسوخ هوندو آهي تيئن سنڌ ۾ به هوندو. ٻيو اهو ته سمجهيائين ته جيڪو سنڌي ليکڪ لاهور جي فائيو اسٽار هوٽل ۾ ٽڪيو پيو آهي، اهو ضرور ڪجهه نه ڪجهه دانهن اونائيندو. ڪيس جيڪڏهن اها خبر هجي ها ته سنڌ جو ليکڪ صاحب ڄامشوري ۾ مٽي چٽيندو وتي ۽ لاهور جي فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڪن يارن پيارن جي خرچ تي ٽڪيو پيو آهي ۽ پاڻ ٿپ سڄو ماٺهو آهي ته مون کي ڪڏهن به اها دانهن نه ڏئي ها. اهو ڊونر ڪئناڊا مان آيل هو.

جيڪي ڪجهه به هو، مون کي ته پنڊڻ ۾ ڇهنڊڙي هٽي ڪڍي هئائين. واپس سنڌ ۾ پهچي مون کي سک نه آيو. مون کي ذهن ۾ آمريڪا جي شاهه ڪاريگر ليکڪ وليم فاڪنر جا اهي لفظ ڪتل هئا ته "جيڪڏهن اوهان ليکڪ ٿيڻ گهرو ٿا ته جيڪو در ڪليل ڏسو، انهيءَ ۾ گهڙي وڃو ۽ ڏسو ته ڇا پيو ٿئي. ڏسندئو ته لکندئو. نه ته پيا هوا ڪائيندئو." سو هٽي ڏٽي وڃي اها خبر ڪڍي سين ته ڪنهن اين جي او ٿر ۾ وڏو خرچ ڪري به ٿي ڪوهه مٺي پاڻيءَ جا ڪوٽائي خلق کي صاف پاڻي پيئڻ لاءِ مهيا ڪيو آهي. ٿرئي ڪان ٿر نه وڃي. مائي ڀاڳيءَ جي اکرن ۾ "تارن مان ترندا" هڪ ڪوهه تي وڃي بيٺاسين. مون سان گڏ پنجاب جا ساڪائتا ۽ منصف مزاج نالا منو ڀائي ۽ شرين پاشا به گڏ هئا. منو ۽ شيرين پنهنجي ڊاڪيومينٽريءَ جي سلسلي ۾ ڪتن ناهڻ وارن جي پويان پئجي ويا، سنڌ

يونيورسٽيءَ جو ڊرائيور ميان ولي محمد نوحاڻي ”ديدار بازي الله راضي“ ۾ لڳي ويو ۽ پاڻ وڃي ڇاڻايل کوهہ جي مٿان ويهي رهياسين. کوهہ جي چوڌاري ڦري کوهہ ۾ لڳل سرن کي نظرن مان ڪڍيوسين تہ خبر پئي تہ سرن جو گهاڙيٽو ستر اسي سال پراڻو آهي. پنهنجين اکين تي اعتبار نہ آيو. سو اتي ويٺل همراهہ کان پڇا ڪئي سين تہ سندس جواب ٺڪ ٺڪ وانگر اچي منهنجي ڳل تي لڳو تہ ”هيءَ کوهہ تہ اسان جي ابن ڏاڏن جو کوٽايل آهي. تون الائي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين؟“ ائين شيخ کي پٽ پڇي ويو.

کوهہ تان موٽي اچان تہ ڇا ٿو ڏسان تہ شيرُو ۽ منو پائي مٽي تي هٿ ڏيو روئڻ جهڙا ٿيا ويٺا آهن. ”ڪهڙو ظلم ٿيو؟“ شيرُو ڦاٽي پيئي ۽ هڪ سهٽو ڪٽو هٿ ۾ کڻي چيائين ”هيءَ ڪٽو هتي ٺاهڻ وارو چار سئو روپين ۾ وڪڻي ٿو. اهو ساڳيو ڪٽو ڪراچي ۾ اسلام آباد ۾ ڇهن هزار روپين ۾ وڪرو ٿئي ٿو ۽ آمريڪا ۾ هڪ هزار ڊالرن ( 46 هزار روپيا) ۾ ملي ٿو. ٿر جي هڪ غريب ڪاريگر تي انهيءَ کان وڌيڪ ڪهڙو ظلم ٿي سگهي ٿو.“

ٻنهي کي مون جڏهن کوهہ جو قصو ٻڌايو تہ منو پائي ۽ شيرين ٻئي ٽپي باهہ ٿي ويا. ماٺهو بي وس ٿي ويندو آهي تہ ٻنا ڪنهن سينسر شپ جي گاريون ڏيڻ لڳندو آهي. ايئن اسان گاريون ڏيندا واپس ٿياسين.

قصو ڪوتاهہ. هاڻيءَ انهيءَ تي اچون ٿا تہ اين جي او جو سلسلو ڪٿان ٿو شروع ٿئي. آمريڪا، ڪئناڊا، جپان، آسٽريليا، برطانيا ۽ ٻين اهڙن شاهوڪار ملڪن ۾ ايڏا ايڏا گڙنگ سيٺيون ويٺا آهن، جن وٽ پئسن جا پريل کوهہ هئڻ تہ ڇا پر درياءَ وهندا آهن، جن جا ڪنارا ئي نظر نہ ايندا. جن ملڪن ۾ سڄڻ سڄڻ ليکڪن کي ايڊوانس ۾ ڪروڙ ٻہ ڪروڙ رپيا ڏنا وڃن تہ اتان جي سيٺين جو ڇا حال هوندو، انهيءَ جو ڪاٿو اوهان پاڻ لڳايو. اهي سيٺيون ڍيي خرچ ڪندا آهن تہ خيرات بہ اهڙي حساب سان ڪيندا آهن. انهن سيٺين جي هٿن مان نڪرندڙ پئسا فردن جي بدران ڊونر ايجنسين جي حوالي ڪيا ويندا آهن تہ اهي پئسا غريب ملڪ جي تعليم، صحت، صفائي، ماحوليات ۽ وڌندڙ آباديءَ کي روڪڻ تي خرچ ڪيا وڃن. سو هڪڙي ڏر تہ اها آهي.

هت پنهنجي ملڪ تي نظر وجهو تہ اوهان کي ڪئين اسمگلر ۽ مافيائن جا سرواڻ نظر ايندا. جيڪي احساس جرم هيٺ اچي يا پنهنجيءَ دل کي خوش ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ملڪن ڪي جيڪا عزت نفس ڏني آهي هن وقت اهو جذبو غريب مسلم عوام ڏانهن وڌي رهيو آهي ۽ ڪيترائي مسلمانن ملڪ اسلامي زفاحي رياستون بنجڻ ڏانهن وڌي رهيا آهن.

ٽئين پاسي ڀارت، چين، ملائيشيا، سنگاپور ۽ جاپان ۾ موجود ڌريون قوم پرستيءَ ڏانهن وڌي رهيون آهن. جن مان چين ته پاڻ پرو ملڪ آهي. پر ٻيا ملڪ به پنهنجا هٿ پير آجا ڪرائي اقتصادي توڙي سياسي آزاديون حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي انسنا ڪري رهيا آهن. قوم پرستيءَ جو اهو جذبو ڏينهون ڏينهن انهن ملڪن ۾ وڌي رهيو آهي.

انهيءَ سڄيءَ ڳالهه کي جيڪڏهن مختصر ڪجي ته اسلام، سوشلزم ۽ قومپرستي ٽئي اهڙيون قوتون ٻڌجي چڪيون آهن، جيڪي غريب ملڪن جي غريب عوام تي تمام گهرو اثر ڇڏي رهيون آهن، جيڪي هڪ نه هڪ ڏينهن رنگ لائڻ واريون آهن

انهن حالتن ۾ رهندي ڪري اها سيني کي خبر هئڻ گهرجي ته مغرب جا پراڻا جواري وڏو تجربو رکندڙ ماهر آهن ۽ جوا ۾ ڪم ايندڙ هٿي کي ڦري پيننگ ڪرڻ جا گر ڄاڻن ٿا. ڪين اڪين جي وچ مان نڪ ڪڍڻ جو گر اچي ٿو. انهن سرمائيدارانه نظام وارن هڪ وڏو پتو اڇلايو آهي. اهو ڪاري جو يڪو اين جي او جي صورت ۾ هڪ اهڙي ميز تي اڇلايو ويو آهي، جنهن جي چوڌاري غريب ملڪن جا غريب ماڻهو ويٺل آهن، جن کي عرف عام ۾ ٽئين دنيا چيو ويندو آهي.

ڪين خبر آهي ته غريب ملڪن وٽ قدرتي ذريعا ته جام آهن، پر وٽن انهن ذريعن کي استعمال ڪرڻ ۽ عوام ۾ صحيح قسم سان ورهائڻ ۽ ونڊڻ جا طريقا نٿا اچن. گڏوگڏ ڪين اها به چڱيءَ طرح خبر آهي ته اڳتي هلي ٻڪن جا چڪ ڪائي چتڪتائي ۾ اچي ٽئين دنيا جو غريب عوام سپ ٽپا اونڌا ڪري سندن هنج مان نڪري سگهي ٿو ۽ اڳ ۾ ڄاڻايل نين قوتن سان ٻڪ ٻڪ ۾ وجهي سامراجي جوارين کي واندو ڪري سگهي ٿو.

سو ڊونرس جي اها تين ڏر آهي. جنهن جو مقصد اڳ ۾ ڄاڻايل ٻن ڌرين سخي سيٺين ۽ مافيائن جي برعڪس سراسر سياسي آهي. انهيءَ ۾ سياست اها آهي ته جيڪڏهن ٽئين دنيا جي عوام پاڻ پنهنجي ذهن ۽ هٿ پير استعمال ڪري پنهنجي پيرن تي بيهي هٿ پير چندي پرئي تو ٽئي وجي ۽ مالڪن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون ٿو ڏيکاري تہ هتي پري ٿيءَ تنهن کان اڳ انهيءَ عوام کي هٿ ۾ ڪشتو جهلائي خيرات وٺڻ تي هيرائي ڇڏجي. ڪين خبر آهي تہ جيڪي هٿ هڪ ڀيرو خيرات وٺڻ تي هري ويا اهي ٻيهر واپس ڪيسن ۾ نہ ويندا. هڪ ڀيرو ڦرجي ويل عزت وري واپس نہ موٽندي آهي. جيڪا پٽڪي لٽي سان لٿي، اها وري سنئين نہ ٿيندي آهي. انسان جي انهيءَ نفسياتي لاڙي کي استعمال ڪندي اها ٽئين ڌر هڪ تہ سڌو سڌو پوئتي پيل ملڪن جي سرڪارين کي امداد ڏيندي آهي ۽ پوءِ ويندي آهي وياج مٿان وياج چاڙهيندي. ٻيو طريقو وري اهو آهي تہ اها ڌر بين الاقوامي مالياتي ادارن جي معرفت بہ سرڪارين کي امداد ڏياريندي آهي. اهي ادارا بہ غريب ۽ پوئتي پيل ملڪن سان اهڙي ساڳي جٺ ڪندا آهن جهڙي جٺ سڌي سرڪاري امداد جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. اها ڌر انهن ئي بين الاقوامي مالياتي ادارن جي ذريعي بہ ڊونرس ايجنسين تائين پئسو پهچائيندي آهي. جيڪو ڦري گهري اچي اين جي او کي ملندو آهي.

اهي تہ ٿيا ٿي وسيلا. هاڻي اچون ٿا اين جي اوز تي، جيڪي گهٽو ڪري تعليم، صحت، صفائي، ماحوليات، خانداني رٿابندي، انساني حقن ۽ اپوجهہ ۽ غريب عوام کي روزگار مهيا ڪرڻ جي نالي ۾ قائم ٿيل آهن ۽ اجا قائم ٿين پيون.

ڪنهن بہ پلي ڪم لاءِ NGO قائم ڪرڻ ڏاڍي هٿ جو کيل آهي. توهان کي جيمس جوائس جي ڏکين لکڻين کان وٺي مايا اينجلو جي شيدڪي آمريڪي انگريزي تائين ۽ GRANTA جهڙي ادبي رسالي کان وٺي نيوز ويڪ جهڙن پرچن ۾ صحافين جي هنيل Punchs تائين ڪنهن بہ ڪتاب يا رسالي جي پڙهڻ جي ضرورت ناهي. ايڏي گهٽي انگريزيءَ جو بار کڻڻ جي ضرورت ناهي ۽ نہ ئي وري اوهان کي سنڌ جي هيٺئين طبقي جي سٽايل عوام سان گوڏوگوڏي ۾ ڏيٺي سندن مسئلا ٻڌڻ ۽ پنهنجا ڌوبيءَ جا ڌوتل ڪپڙا خراب ڪرڻ جي ضرورت آهي. البت انگريزيءَ ٻوليءَ مان علم حاصل ڪرڻ جي بدران سنڌ جي آفيسن ۾ هلندڙ محدود انگريزي ٻولي سکڻ جي سخت ضرورت آهي. پلا جي پاڻ مڙس نہ ٿجي تہ مڙسن جي پاڙي ۾ وهجي يعني تہ ٿوري گهٽي انگريزي چاٽندڙ کي چانهن جي ڪوپ تي دوست بڻائي وجهجي. جهونا انگريزي دان چانهن پيئڻ، پنهنجي واکاڻ ٻڌڻ ۽ ٻڌي حساب سان ليڪچر ڏيڻ جا شوقين آهن. انهن جا صبر سان ليڪچر ٻڌو ۽ واه واه ڪريو تہ پڪي پاٺيهي اوهان جي ڪوڙڪي ۾ ڦاسي پوندو ۽ اوهان کي انگريزيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو گاڏو هلائڻ ۾ ڪم اچي ويندو. اڄڪلهه ڪئين ڇوڪرا ڇنير ڪمپيوٽر سکي پيا آهن ملڪ ۾ بي روزگاريءَ جو هاجو لڳو پيو آهي، سو ڪو نه ڪو ڪمپوٽر ڄاڻندڙ ڇوڪرو روزي حاصل ڪرڻ جي بهاني يا اوهان جي ڏيکاريل خوابن پويان لڳي اوهان جو ساٿي بڻجي ويندو. هر ماڻهوءَ جا اٺ ڏهه ماڻهو سنگت ساٿ وارا هوندا آهن. اوهان پنهنجا اهڙا سنگتي گڏ ڪري پهرين پهرين ته اوهان ماڻ ميڻ ۾ ڪا ايسوسيئيشن ٺاهيو، جنهن تي غير سياسي هئڻ جو ٺپو لڳل هجي. ۽ اهو به ڄاڻايل هجي ته اوهان صرف اپوجهه ۽ غريب عوام جو پلو ڦٽا چاهيو ۽ توهان کي پنهنجن ٻچن، پائرن ۽ وڏن جو ڪو به فڪر ناهي. اوهان سنڌ جي اپوجهه عوام جي عشق ۾ ٻڏا پيا هلو. اهڙي قسم جي تنظيم ٺاهڻ ڪانپوءِ اخبارن جي آفيسن تائين جتيون گسائي، منٿون ميڙيون ڪري ۽ پٽڪا پلاند وجهي پنهنجي قائم ڪيل ائسوسيئيشن جو ملڪ ۾ هُل هلائيو. چوڻ وارا چون ٿا ته ڪجهه عرصو اڳ لاهور مان نڪرندڙ هڪ انگريزي اخبار جو حيدرآباد وارو خاص نمائندو وهسڪيءَ جون بوتلون وٺيNGO وارن جي ڏاڍي مدد ڪندو هو. اهڙو ڪو جرنلسٽ هٿ اچي ته ٻڌيءَ جا پيٽا ٿي ويندا. پنهنجي مشهوري ڪرائڻ ڪانپوءِ اوهان پين اهڙين تنظيمن جا ٺاهيل رٽيل پٽيل فارمولا هٿ ڪريو ۽ انهن جي بنياد تي اوهان ڪنهن جهوني جوڳيءَ کان ائسوسيئيشن جا مول متا انگريزي ٻوليءَ ۾ ٺاهي تيار ڪرائي، ڪمپيوٽر واري جوان کان اهي ڪاغذن تي ڇپائيو. انهيءَ وچ ۾ اوهان اهڙيون پليون هٿ ڪريو جيڪي سست ڪوٺا ڪائي حج تي هليون هجن. اهي پليون پاڻ وٽائڻ جي چڪر ۾ اوهان جو ابتدائي خرچ پريندو. اهي سڀ ڪم ڪري اوهان اسلام آباد ۾ موجود ڊونر ايجنسين کي امداد لاءِ لکو ۽ گڏوگڏ اسلام آباد ۾ ڊونر ايجنسين جي ويٺل دادلن جي دل خوش ڪريو. چوندا آهن ته ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي، هڪ نه هڪ ڏينهن اوهان جون ڪوششون رنگ لائينديون ۽ نتيجا تمام سٺا نڪرندا. شاندار ايئر ڪنڊيشنڊ آفيس اوهان جي هٿ ۾ هوندي، جنهن ۾ فونون، فيڪس، انٽرنيٽ ۽ آمريڪي ٽائيپ فرنيچر موجود هوندو. چڙهيءَ لاءِ شاندار فوروهيل گاڏيون ملي وينديون. 40 هزارن کان وٺي 80 هزار روپيين تائين ماهوار پگهار ملندو. جيترا گهٽا دوڙا ڏيکاريندو اهڙي ٺي حساب سان في ڏهاڙي هڪ هزار رپيا الڳ ملندا. مزي جي ڳالهه اها آهي ته جيڪي ڏنا ۽ ٻٽاڪ فيڪس ذريعي اسلام آباد موڪليندئو، اهي سڀ اوهان کي ڦبي ويندا. اسلام آباد ۾ ويٺل انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايجنسين جي وڏن ماڻهن وٽ ايترو وقت ئي ناهي، جيڪي فيلڊ ۾ اچي اوچتا ڇاپا هڻن. ڇاڪاڻ تہ اهي صاحبلوڪ ۽ ڀصاحبلوڪاڻيون وري بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ وڃي موجون ماڻيندا آهن ۽ ٽي اي ڊي اي جي ناليءَ تي لکين رپيا ڪمائيندا آهن ۽ جڏهين اتان واندا ٿيندا آهن تہ ملڪ جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ ملڪ جي عوام جي غربت، جهالت ۽ بيماريءَ جو روئڻو روئڻ لاءِ گڏجاڻيون ڪوٺائيندا آهن، جن ۾ ٻين ملڪن جي پنهنجيءَ ڏنڊي ڀائين سان گڏوگڏ توهان جهڙا سنڌ جي عوام جا عاشق ۽ اسان جهڙا نيمڪ حرام ميڊيا جا ماڻهو گهرائيندا آهن تہ جيئن دولت سان گڏ شهرت بہ ڪمائي سگهجي. عوام جي ڏک ۾ اهي محفلون گهٽ ۾ گهٽ پورٻن جي پرل ڪانٽينينٽل جهڙي مهانگي هوٽل ۾ رچائيون ويندئيون آهن، ٻئي نمبر تي اسلام آباد، لاهور، پشاور جون فائيو اسٽار هوٽلون اچي وڃن ٿيون ۽ ٽئين نمبر تي ڪراچيءَ جون فور اسٽار ۽ ٿري اسٽار هوٽلون.

جيئن تہ ٽي وي ڊرامہ نگار جي حيثيت ۾ ۽ ميڊيا جي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ آئون بہ اهڙين ڪيترين ئي محفلن ۾ شريڪ ٿي چڪو آهيان. جيڪڏهن ڪراچي ڪان ٻاهر هڪ هفتي جو سيمينار هجي تہ صرف مون پنهنجو حساب ڪڍيو آهي تہ مون جهڙي ماڻهوءَ تي سنڌن خرچ لڳ ڀڳ 30 هزار روپيا اچي ٿو. اهڙين محفلن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 30 ماڻهو ۽ وڌ ۾ وڌ 100 ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. انهن محفلن ۾ جيڪي ليڪچر ڏيندڙ ماڻهو هوندا آهن. انهن کي الڳ اسپيشل معاوضو ملندو آهي ۽ جيڪي وري ٻاهرين ملڪن مان ماهر اچي ٽڪندا آهن تہ انهن جو ڀاڙو ڀتو ۽ خرچ پکو ڊالرن ۽ پائونڊن ۾ ڪڍو تہ باقي سچو ليکو هيءَ مضمون پڙهندڙ ماڻهو پاڻ وڃي ڪڍي تہ ڪيترئين ويهين سئو ٿو ٿئي. پورٻن جو هوٽل تي پارهو ڪنهن نہ ڪنهن NGOسان سٽيل نظر ايندو آهي.

آخر ۾ سنڌ ۾ هنڌين ماڳين موجود ماڻهن کي گذارش آهي تہ هو انهن NGO تي ٿيندڙ خرچ جو ڪاٿو ڪن ۽ پوءِ پنهنجي چوڌاري شهرن ڳوٺن ۾ نهارين تہ اتي جي غريب ماڻهوءَ کي ڪهڙو لاڀ پهتو آهي. سچي ڳالهہ چٽي اچي پٽ پوندي.

(1998ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪُجھ ڪوڙڪيون ۽ ڪُجھ سوال

هٿ جي چنبي جيڏي ڪوڙڪي سهن، گدڙن ۽ ٻين اهڙن ننڍڙن جانورن کي ڦاسائڻ لاءِ هوندي آهي، انهيءَ کان وڏي ڪوڙڪي وڏن جانورن کي ڦاسائڻ لاءِ هوندي آهي. انهيءَ کان به وڏي ڪوڙڪي وڏن جانورن کان به وڏي جانورن کي ڦاسائڻ لاءِ هوندي آهي، جنهن کي عرف عام حضرت انسان چيو ويندو آهي. جيڏو جانور اوڏي ڪوڙڪيءَ جي سائيز. جهڙو عقل اهڙو ڪوڙڪيءَ جو گهاڙيٽو. حضرت انسان کي حضرت انسان ئي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي سگهندو آهي. جيئن جانور ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي، پنهنجي تنگ ڇڏائي هلڻ کان هلاڪ ٿي پنهنجي آزادي وڃائي ويهي رهندو آهي. تيئن اها ساڳئي جڻ ماڻهن سان به ٿيندي آئي آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندي پيئي وڃي.

ماضي قريب جي اها جُڻ زنجيبار جي شيدين سان ٿي، جنهن جو ذڪر سنڌ جي هڪ نظرانداز ڪيل تمام وڏي تعليمي ماهر، عالم ۽ تمام سگهاري ليکڪ محمد صديق "مسافر" پنهنجي رت روئندڙ قلم سان ڪيو آهي ته ڪيئن معصوم، بي ضرر ۽ ڪلندڙ ڪڙڪندڙ شيدين کي جهنگلي جانورن وانگر ڦاسائي هلڻ کان هلاڪ ڪري، ٻڌي ۽ پنهنجي وطن جي وٽن مان ڪڍي سنڌ جي پيرن ۽ ميرن وٽ وڪڻي غلام بڻايو ويو. خود محمد صديق "مسافر" مسڪين شريف ماستر هو ۽ سنڌس علمي حيثيت نامر ڪنين عالمن تعليمي ماهرن ۽ ليکڪن کان ست هٿ مٿي هئي. پر جيئن ته هو غريب شيدي ماستر هو، انهيءَ ڪر سنڌس Mighty قلم ۽ شاندار نالي کي ڪوڙڪين ۾ ڦاسائي اونداهيءَ ڪنډ ۾ اڇلائي گمنامين جو شڪار بڻايو ويو. پر وقت ڪنهن جو مٽ مائٽ ناهي. اهو ڪرا ڪوتا پڌرا ڪري ڦٽي ڪندو ۽ اصلي نقلي جو فرق پڌرو ٿي پوندو.

سو پهرئين پهرئين ته شيدي ڪوڙڪين جو شڪار بڻيا، پر وڏن چالاڪ شڪارين گهڻو وقت پوءِ منهن ڪڍيو، جن وٽ نئين قسم جون اوجهل رهندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙڪيون آهن. جن کي زبان جو ڪيل ۽ آڏي هٿ جو تماشو بہ چئي سگهجي ٿو. خلق جو پيڙو ٻڏي تہ ٻڏڻ ڏئينس، پر پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ جون فگرس وڌائٽيون آهن. ائين فطرت. ماحول ۽ قدرت جي جوڙ سان ڪس شروع ٿي وئي.

ميرين اکين وارن شڪارين جي ڀِهرئين ڀِهرئين نظر زمين جي جوانيءَ تي پيئي. ڪيميڪل ڀاڻ ۽ جيت ماردوائون نڪتيون تہ بابا اصل ڀاڻ ڇڏي ٻنين ۾ ڪيميڪل ڀاڻ وجهو ۽ ٽيڻ تي فصل ڪٽو. تنهن ڪانپوءِ انهيءَ فصل تي جيوڙا مار دوائون ڇنڪاريو تہ فصل بيمارين کان بچي پوندو ۽ پيڙا پار هوندا. ايڏيءَ لالچ تي اسان جا آبادگار هرکي پيا. ڪي ڏس تہ ڪيميڪل ڀاڻ جهولين ۾ ڀري هٿ جي چنبڪي سان پيا ٻنين ۾ اڇلائين، تہ ڪي وري منهن تي ٻُٺ ٻڌي، ڦوهارو هٿن ۾ ڪٽي جيوڙا مار دوائون ڇنڪاري اڌ مئا ٿي پوءِ پيا جند ڇڏين. نتيجو اهو نڪتو جو هڪ پاسي زمين جي جواني کي ڪاٽ لڳو ۽ زمين آهستي آهستي زهريلا ڪيميڪلز ڪائيندي ٿڪجي، دم ڇڏيندي ۽ رڻ پٽ ٻڻجندي ٿي وڃي. ٻئي پاسي جيوڙا مار دوا جتي فصل کي نقصان ڏيندڙ جيوڙن (Bad Guys) کي ختم ٿي ڪري تہ اُتي اهو ساڳيو زهر نقصان ڏيندڙ جيوڙن کي ڪائي ڪپائڻ وارن فائديمند جيوڙن (Good Guys) کي بہ ساڙي ٿو وجهي. ٽئين پاسي اهي ڪيميڪلز فصلن ذريعي خوراڪ ۾ شامل ٿي جڏهن ماڻهن جي پيٽ ۾ وڃن ٿا تہ ڪئين بيماريون ماڻهن کي ڏوئي ڦٽو ٿيون ڪن. ائين زمين جي صحت سان گڏوگڏ انسان جي صحت بہ ڏَکبي ٿي وڃي.

ڳالھ اتي نہ بيٺي، چوڌاري هُل هُليو ۽ چير وڳي تہ "ريفريجريٽر" پيو اچي. ٿڌا پاڻي پيئو. گهر ويٺي برفون ٺاهيو. هڪ ٽڪ تي ڇهن ٽڪن جي ماني پچائي ۽ پوڙ رڌي فرج ۾ رکي ڇڏيو ۽ بورچي خاني جي باھ کان بچو. چير جي انهيءَ چمڪي تي جيڪو ڏس تہ اوڌر ڪٽيو فرج وٺيو گهر ٽٽو اچي. زال بہ خوش تہ مڙس ۽ ٻار بہ خوش. جنهن گهر ۾ فرج ناهي جهڙوڪر گهر ۾ ڪاري اوندھ ٿي. نتيجو اهو نڪتو جو ٽڙھ اونهاري ۾ ڪوري گهڙي جي بدران همراھ فرج جو ٿڌو پاڻي پيئي اچا پيٽ تي هٿ ٿي مس ڦيرائي تہ چڪ جو نڪاءُ ٿئي، خبر پيئي تہ همراھ زڪام ۾ ٻڌو پيو آهي. سنگهہ، ڇڪون، اکين ۾ پاڻي، مٽي ۾ سور ۽ دماغ ٻُٺيل. نہ پنهنجي جي خبر نہ پرائي جي. عقل ڳاھ چرڻ هليو وڃي. مغز مٿو اچا جهليل ٿي هجي تہ مٿان فرج ۾ رکيل ٽن ڏينهن جو پاروٿو پوڙ پيٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪجهه وقت ڪان پوءِ ٻئي هٿ پيٽ تي، پيٽ ۾ ڪلاشنڪوف جون ڪڙڪو شروع ٿيو وڃي، برسٽ پيا هلن هڪڙي زڪام جي دٻ مٿان وري پيٽ ۾ ڊوڙيا. ڪچهريءَ ۾ ويهه ته ٻڪريءَ وانگر چڪ ساڻ هيٺان به ٺڙڪو ٿيو وڃي، راڄ ڪلي ڪيرا ٿين. جهل پيرا! وٺ مزا فرج جا! اڄ ڪلهه ڪو به اهڙو ماڻهو قسم کڻڻ لاءِ نه بچيو آهي، جيڪو قسم کڻي چوي ته سندس پيٽ درست آهي. گئسٽرو ڪان وٺي السر تائين هر ماڻهو پيٽ جي ڪنهن نه ڪنهن بيماريءَ ۾ ورتل آهي ۽ مهينو اڌ رڪي زڪام گهر جو مهمان ٿيو وينو آهي، جهڙوڪر پٽس جو گهر هجي.

حسرتن جي دنيا به عجيب دنيا آهي. خواهش پوري ٿئي ٿي، پر حسرت فجر جو نظر ايندڙ خوابن تائين محدو رهندي آهي ۽ جڏهين اک ڪلندي آهي ته حسرتن جا خواب اکين جا لڙڪ ٿي وهي ويندا آهن. مون کي ڄام شوري ڪان باءِ پاس ذريعي حيدرآباد ويندي ڪاپي پاسي هڪ شاندار فارم جي ٻر ۾ ٻيٺل نمن هيٺان پيل کٽن تي ويٺل ڪجهه پورهيت ڪچهري ڪندا نظر ايندا آهن ته منهنجي دل گهرندي آهي ته آئون سڀ ڪجهه ڇڏي انهن خوش نصيب پورهيتن جو حصو ٿي وڃان. پر مون کي خبر آهي ته اها منهنجي خواهش ناهي، پر حسرت آهي، جيڪا ڪڏهن به پوري ٿيڻي ناهي. انهيءَ ڪري سامهون لڳندڙ هوا سبب اکين ۾ آيل لڙڪن سان گڏ منهنجي حسرتن جا لُڙڪ شامل ٿي ويندا آهن. انهيءَ ڪانسواءِ ڪڏهين ڪڏهين آئون صدر ۾ ڪاڇيلي جي بنگلي جي بلڪل سامهون حلوي پوريءَ جي دڪان جي اڳيان وڃي ويهندو آهيان. (انهيءَ دڪان تان ڪڏهين ڪڏهين حليم بروهي حلوو پوري وٺي ڪائيندو آهي) اُتي مون کي هڪ نوجوان پورهيت نظر ايندو آهي، سندس چوڏري ٻاهه جا ڇلها پيا ٻرندا آهن ۽ هو آمريڪي شيدين وانگر اُبتي ٽوپي پائي، پگهر ۾ شم ڏڙا ڏڙ پوريون ٺاهيندو ويندو آهي. اتي ويٺي ويٺي منهنجي من ۾ حسرت جا بادل پرجي ايندا آهن ته جيڪر آئون به اهو شهري پورهيت هجان. اسان ماڻهن جون خواهشون ۽ حسرتون پنهنجيءَ جاءِ تي پر جي ڪو ماڻهو ٻه وکون پري انهن نمن هيٺان ويٺل ڳوناٺن پورهيتن ۽ پوريون پچائيندڙ شهري پورهيت ڪان سندس حسرتون ۽ خواهشون پڇندو ته ڪيس بنا ڪنهن هٻڪ جي اهو جواب ملندو ته رهڻ لاءِ ايئرڪنڊيشنڊ بنگلو هجي ۽ چڙهڻ لاءِ ايئر ڪنڊيشنڊ گاڏي هجي. گرميءَ ۾ سڙي هلاڪ ٿيڻ ڪان ايئرڪنڊيشنڊ جون ٿڌيون هيرون هجن. ظاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته اهي ڳالهيون ايئرڪنڊيشنڊ ڳاهيندڙن ۽ خريد ڪندڙن سرنديءَ وارن ماڻهن جي مغز ۾ ڪلين وانگر نوڪيون آهن ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن جي ڏيکا سيکيءَ ۾ پورهيت جي من ۾ اهي ڳالهيون خواهشون بڻجي اُپرنديون آهن ۽ اهي خواهشون، حسرتون بڻجي غريب ماڻهن جي من ۾ باهه وانگر دکنديون آهن پر انهيءَ ايئر ڪنڊيشنڊ اسان ماڻهن ڪي ڇا ڏنو؟ هڪ ته اسين ماڻهو پيڙهين کان وني گرميءَ تي هريل آهيون، نتيجي ۾ ڪجھ وقت ايئرڪنڊيشنڊ ۾ رهڻ جي ڪري بت مان جهڙپ جهلڻ جي سگهه (Resistance Power) نڪري وڃي ۽ پوءِ جڏهن ڪا به بيماري ماڻهو کي اچي هيٺئين مان تي جهلي ته اها وڏي وڻ تي هٿيو ڊاهيو رکي. وڏيءَ عمر جا ماڻهو ته چٽا پر جيڪي ٻار ڄمن، پلجن ۽ وڏا ٿين ايئرڪنڊيشنڊ ۾، اهي ته اٽڻ سان چٽٽي ٿيو وڃن. ٻيو ته ماڻهو لاءِ اهو ضروري آهي ته ٻاهر نڪري هٿ پير هلائي، گهوم ڪري ۽ ڊوڙ به ڪري. پر ايئرڪنڊيشنڊ تي هريل ماڻهو ٿڌي ڪمري مان منهن ڪيڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. ائين جسم جي ورزش نه هئڻ جي ڪري، سندن جسم ڍهڻ ۾ دير نٿو ڪري. ٿيون ته اسان زرعي ملڪ جا ماڻهو آهيون، اسان جا اڪثر آبادگار ۽ زميندار ٻنين ۾ وڃڻ جي بدران ڏينهن رات ٿڌن ڪمرن ۾ ڍونڊ ڪڍيو، اوڳرايون ڏينديو، پيٽ تي هٿ ڦيريندي اندر ويٺا حڪم هلائيندا آهن. نتيجي ۾ پويان ٻنين جي پيڻگ ٿيو وڃي. ائين پيا به ڪٿين اڳرا نتيجا ٿا نڪرن. همراهه اچا چاليهن ورهين کان ٽپي ئي مس ٿو ته ٺا اسپتال ۾. پوءِ ڊاڪٽرن جا بل، سوئين جا انيا، دلين جا باءِ پاس، اچا بسترا ۽ موت جا ڦيرا شروع ٿيو وڃن. موت ڪو مهٺو ناهي، موت برحق آهي. پر هٿ وني موت جي پڙي وٺڻ به ته گناهه آهي، پوءِ ماڻهو ڪوهه ۾ ٽپو ڏئي محبتين کي رلائي يا اسپتال ۾ ٽپ ڏيئي پونئين کي رت رئاڙي.

هتي مون رڳو ٽن ڪوڙڪين ڪيميڪل پاڻ، فرج ۽ ايئرڪنڊيشنڊ جو ذڪر ڪيو آهي پر اصل ۾ اسان جي سوسائٽيءَ کي Consumer Society بڻائي، وک وک تي ڪوڙڪي وڇائي ويئي آهي. هڪڙي ڪوڙڪيءَ مان بچي نڪر ته ٻئي تيار آهي جيڪا ڪمائي ڪر. سا سڀ شڪاريءَ جي وات ۾.

نڳي اها ڪئي ويئي آهي ته ولايت وارا هي جيڪو روز روز نيون مشينون ناهي اسان ٻاران غريبن جي ڳچيءَ ۾ وجهن ٿا ۽ ڪن صورتن ۾ پاڻ به ڦتنجي پون ٿا ته انهيءَ جا هي ڪارڻ ڄاڻائين ٿا: ڪم ۾ سهوليت پيدا ڪرڻ، پيداوار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌائڻ ۽ ڪم ۾ گهٽ وقت لڳائڻ.

هاٿي دل تي هٿ رکي پڇايو ڇا ڪم اڳي سولو هو يا هاڻي؟ ڇا ماڻي ميڇي اڳي ڪم جي ملندي هئي يا هاڻي؟ ڇا ڪم ۾ وقت اڳي گهٽ لڳندو هو يا هاڻي؟ ڇا هن وقت هر ڪو ماڻهو پيچ ڊڪ. هڻ هٽان. پريشانين ۾ ورتل ناهي؟ ڇا سڀ ڪجهه هوندي به ماڻهو ويل ۾ ناهي؟ ڇا اڳي جي نسبت هن وقت ٻارن ٻچن ۽ يارن پيارن کي وقت ڏيڻ، رشتن کي قائم دائم رکڻ جو ڪنهن وٽ وقت آهي؟ ڇا هن وقت راڄن ۾ گڏڙ نه ڪاهي پيو آهي؟ ڇا هن وقت ڪو ڪنهن جو مٽ آهي؟ ڇا ڪهاڙي گهٽا ماڻهو مارينڊي هئي يا ڪلاشنڪوف وڏيڪ ماڻهو ماري ٿي؟ ڇا ڪنهن جو ڪنهن کي لحاظ رهيو آهي؟ انهن سوالن جا جواب پڙهندڙ ماڻهو پاڻ ڏين.

آخر ۾ هڪ وڏو سوال به پڙهندڙن جي اڳيان رکجي ٿو ته انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي نتيجي ۾ جيڪو Global Villageجو تصور ڏنو ويو آهي ته ڇا واقعي دنيا هڪ محبتن جو ڳوٺ بڻجي وئي آهي يا نسلي، مذهبي ۽ علائقائي بنياد تي اٿندڙ جهيڙن ۽ ٻارا ماريءَ جو مرڪز بڻجي وئي آهي ۽ ڏينهون ڏينهن اهو آڙاهه وڌي رهيو آهي؟ ڇا جيڪو انسان ذات کي رت رئاڙيندڙ مشينن تي خرچ ڪيو ويو آهي. انهيءَ خرچ جي سوين پتيءَ جيترو ميڊيڪل سائنس تي خرچ ڪيو ويو آهي، جيڪا انساني صحت لاءِ ڪارائتي هجي؟

(1999ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هاڪڙو ۽ مُهراڻو

هاڪَ وهندو هاڪڙو، پڇندي پنڌ ارڙو،
ٻھ مڇي لوڙھ، سمي ويندي سوڪڙي.

ٿرپارڪر وارو ٿر اباڻا ڪک آهن ۽ اڇڙو ٿر ننڍي هوندي بابا سائينءَ جي نوڪريءَ سانگي اُتن تي چڙهي ڏٺوسين. ذهن جي اسڪرين تي ايتري ياد رهجي وئي آهي تہ چوڏهينءَ جي چنڊ واريءَ رات ٻن ڏينهن جي وچ ۾ پٽ جي ٽوئنڪ تي ويهبو هو تہ هڪڙيءَ ڏنڍ کان ٻيءَ ڏنڍ تائين ايترين اڙيون، ڪوما، نيرنگيون، رتُونبا ۽ ٻيا پکي اڏامندا هئا، جو آسمان ڪارو ٿي ويندو هو ۽ چنڊ لڪي ويندو هو. ايڏا پکي پوءِ وري ڪڏهين ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيا. هن وقت انهيءَ ڏينهن جو کهڙو حال آهي؟ انهن خبرن لاءِ لاڪيٽي جرنلسٽ اسحاق مگرٽي جي تازيءَ رپورٽ لاءِ واجهائيون پيا، جو سندس هڪڙي سون ۾ مڙهڻ جهڙي اڇڙي ٿر تي لکيل رپورٽ ڪاوش ۾ ڇپجي چڪي آهي. رهي ڳالھ روهي چولستان واري ٿر جي تہ انهيءَ ٿر واري علائقي جون خبرون پهرئين پنهنجن محبوبن جي واتان ٻڌيوسين، پوءِ ”گوري ني لاھ ڪي پزيبان رکيان، ڌرتي نون ڦُل لگ گئي.“ جهڙي سٽ تخليق ڪندڙ پنجابي زبان جي شاعر مشتاق صوفيءَ (جيڪو هن وقت لاهور ٽي ويءَ جو پروگرام مئنيجر آهي) ۽ اسان ٻنهين جي گڏيل دوست سردار غلام اڪبر ڪڇيءَ جي دعوت تي وڃي روهي چولستان جا رنگ ڏٺاسين. انهيءَ کان اڳتي ٿر اوپر طرف موڙو ڪائي پارت ۾ هليو ٿو وڃي.

اکين ڏٺي شاهدي اها ڏبي تہ هاڪڙي جي پيٽ جا نشان روهي چولستان جي اترئين ڇيڙي کان وٺي بدين ضلعي جي ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ تائين ٿر جي ساڃي ڪس ۾ نظر اچن ٿا. انهيءَ هاڪڙي درياءَ جي ڪاهي پاسي ٿر ئي ٿر آهي ۽ ساڃي پاسي ساوا پٽ آهن، جن ڪي نارو ڇنبو آهي. تاريخدان لفظ ”سنڌ“ جون کهڙيون بہ معنائون ڪوٺي ڪيندا هجن، پر عوام جي نظر ۾ ”سنڌ“ جي معنيٰ ”سدا سائو پٽ“ آهي. باقي اکرن ۾ جن ڪي وٽ وجهٽو آهي، سي وڃي وٽ وجهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اونڌيون سونڌيون معنائون ڪڍن ۽ ڇيد پد ڪن.

سو خئرن جي انهيءَ هاڪڙي درياءَ جي پنهي ڪپرن تي ڪوهہ بہ ڪوهہ رکي "نڪريانو" (آثار قديمہ) نظر اچي ٿو. پري ڪو نہ ٿا وڃون، منهنجو پنهنجو ڳوٺ جنهاڻ انهيءَ پراڻي هاڪڙي درياءَ جي ڪپر تي آهي. "جنهاڻ" لفظ جي سڌي سادي عوامي معنيٰ آهي "وسندي". اهو جنهاڻ نئين ڪوٽ کان سڌ ۾ اوپر طرف اٺ ميل آهي. جي اتان بہ ٻيا اٺ ميل اڳتي هلبو تہ "نُهتو" ايندو. اُنهن سورنهن ميلن جي پنڌ ۾ هي نڪريانا يا پڙا مون رلندي اکين سان ڏٺا. (1) سائينداد پنيري وارو پڙو (2) عقلان وارو پڙو (3) روهلڙيءَ وارو پڙو (4) جنهاڻ وارو پڙو (5) فدرلا وارو پڙو (5) هئدي وارو پڙو، (6) ٽالهي وارو پڙو، (7) نهتي وارو پڙو. انهن ستن نڪريانن ۾ تاريخدانن کي رڳو نهتي وارو پڙو نظر آيو آهي جو اُتي پهرئين مرحوم حاجي اسماعيل نون ۽ هاڻي سندس پٽ حاجي مير جسن نون روايتي تاريخدانن جا وڏا ميزبان رهيا آهن. اُهي ايڏا سارا نڪريانا ٻڌائين ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ هاڪڙي جي ڪپرن تي توڙي هاڪڙي جي هيٺن ۾ وڏا رنگ رتل هئا.

هاڻي پهرين تہ اچو هڪڙيءَ ڏند ڪٿا تي.

چون ٿا تہ ڪئين سال اڳ جوڳين جو وڏو گرو گرو گورکناٿ هماليہ جي جبلن ۾ نانگن جيءَ ڳولاءِ ۾ هو تہ اوچتو ٺي ڪيس هڪ ارڙ (حد کان وڌيڪ ڊگهو ۽ ٿلهو) نانگ نظر آيو. گروگورکناٿ انهيءَ نانگ جي پويان ڪاهي پيو. پوءِ اڳ ۾ هو ارڙ نانگ ۽ پويان هو جوڳي گرو گورکناٿ. ميلن جا ميل سٽيندا آيا، جتان جتان نانگ مٿيندو ويو، اتان جيڪو ليڪو ٿاهيندو ويو. انهيءَ واٽ تان هماليہ جبل مان لهندڙ پاڻي وهندو پئي آيو. نيٺ هٽي ڏٽي ارڙنانگ رڻ ڪڇ وٽان سمنڊ ۾ هليو ويو ۽ جوڳي گرو گورکناٿ هٿ ڇنڊي ويهي رهيو. پر جتان جتان نانگ مٿيو تہ نانگ جي ڇڏيل ليڪي تان وهندڙ پاڻي ڦري هاڪڙي درياءَ بڻجي ويو.

اصل ۾ تہ اها آهي ڏند ڪٿا، پر انهن ڏند ڪٿا جي پويان ڪي رمزون رکيل هونديون آهن. انهي رمز کي پاڻ وٽ اڄڪلهہ "علامت" بہ (Symbol) چيو ويندو آهي. هت تہ پڇاڻو ڪري ٿڪاسين تہ پئي انهيءَ ڏند ڪٿا ۾ ڪهڙي رمز رکيل آهي. ڪنهن ڪو نہ ٻڌائي. نيٺ جڏهين آئون پوئيون پيرو چين ويس تہ اتي Dragon(ارڙ نانگ) جو جشن پئي هليو ۽ ماڻهن Dragonsجا سانگ پئي رچايا. اسان جي مترجم، اتان جي شاعره، تاريخدان ۽ جمنازيم جي ماهر هئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو هوس ليو شاخوا. مون سان ڪمپني گهڻو ڏيندي هئي. ٻين دوستن سندس نالو ”حسينہ عالم“ جي بدران ”عالم حسينہ“ رکيو ۽ پاڪستاني عادت موجب اسان ٻنهين کي اک ۾ رکندا هئا. سو عالم حسينہ کان جڏهن مون نانگن جي جشن جو ڪارڊ پڇيو تہ ٻڌايائين تہ سڄي ڏور اوپر ۾ نانگ کي ساوڪ جي رمز سمجهيو ويندو آهي تہ گرو گورکناٿ ۽ نانگ واري ڏند ڪٿا واري ڳجهارت پڇي پيئي. واپس موٽي اچي انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا جا پنا اٿلايم تہ خبر پئي تہ Dragon(نانگ) کي ڏور اوپر ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ ساوڪ جي رمز يا علامت سمجهيو ويندو آهي. ظاهر آهي تہ ساوڪ درياءَ جي ڪناري تي ئي گهڻي هوندي آهي.

خير اها ڳجهارت پڳي، پر ٻہ مهينا ڪن اڳ ۾ اخبار ڊان ۾ هڪ تفصيلي رپورٽ ڇپي تہ آرڪيالاجسٽن روهي چولستان ۾ هاڪڙي جي ڪناري کوٽائي ڪئي تہ اتان هٿ ايندڙ شين مان معلوم ٿيو تہ اُهو شهر موئن جي دڙي کان ٽي هزار سال اڳ آباد هو. انهيءَ جو صاف مطلب اهو ٿو بيهي تہ پهرئين ”هاڪڙو“ مُک دريا هو ۽ موجوده سنڌو درياءَ هاڪڙي جي وڏي ڇاڙ هئي، پوءِ جڏهين هن پورالي درياءَ پنهنجي رخ بدلايو تہ ”سنڌو درياءَ“ مک درياءَ بڻجي ويو ۽ هاڪڙو سنڌو درياءَ جي وڏي ڇاڙ بڻجي ويو.

انهيءَ پراڻي هاڪڙي درياءَ جيُ وهڪري جي بچيل نشانن جي ڪاهي پاسي واري يعني ٿر واري پاسي کي سڄي پنجاب ۾ ”روهي“ چيو وڃي ٿو. جڏهن تہ سنڌ ۾ سکر ڊويزن جي اترئين ڇيڙي کان وٺي ڏکڻ ڏانهن عمر ڪوٽ تائين ۽ عمر ڪوٽ کان ڪجهہ ميل اڳتي هلي اولهہ طرف رخ ڪندي ڪلوئيءَ تائين واري علائقي کي ”مهراڻو“ چيو وڃي ٿو. اهو جاگرافيائي نالو اڄ تائين قائم دائم آهي. مون اڳ ۾ جن نڪرياڻن جا نالا ڏنا آهن اُهي بہ مهراڻي ۾ اچن ٿا.

عمر ڪوٽ کان اتر طرف واري جاگرافيائي نالي ”مهراڻي“ واري پٽ جي تاريخي نالي جي خبر تہ اتان جي ماڻهن کي هوندي پر عمر ڪوٽ واري ”مهراڻي“ جي پٽ کي ”امراڻو“ سڏين ۽ ”امراڻي“ جي باري ۾ ڪئين لوڪ گيت موجود آهن. اهو امراڻو ڦري عِمراڻو ٿئي ۽ عمر سومري جي حڪومت ٿئي، اها تہ سنئين سڌي ارهہ زورائي آهي. خود هن وقت بہ انهيءَ پٽ ۾ جيڪو سومرن جو پهرئيون ۽ وڏي ۾ وڏو خاندان ويٺل آهي. اهو صوفي صادق فقير سومري وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اهي، جنهن لاءِ ڏر ڏٽي چون ٿا ۽ ننڍي وڏي کي خبر آهي ته صوفي سائينءَ وارن جو اصل ڳوٺ ضلع ڪڇ جو ڳوٺ "ٻني" آهي، اتان پوءِ فقير سائين جن لڏي اچي ڊوڊاري تعلقي ڏيپلي ۾ ويٺا. جتي هينئر اربابن جون زمينون آهن. اتان پوءِ مرشدن جي حڪم تي لڏي موجوده عمر ڪوٽ جي پِر ۾ ويٺا. سومرن جو اهو پهريون خاندان آهي، جيڪو ميرن جي زماني ۾ لڏي اچي اِتي ويٺو. هن وقت اهو ڳوٺ عام طرح سان "صوفي فقير" سڏجي ٿو. جڏهن ته پارت ۾ موجود ڳوٺ "ٻني" توڙي اربابن وارو ڊوڊارو سومرن جي گاديءَ جي هنڌ "وڱهه ڪوٽ" جي ويجها آهن. اهو عمر سومرو الائي ڪهڙو بادشاهه هو، جيڪو بنا سيڪيورٽيءَ جي وائڙو ٿيو سوين ميل پري ننگر پارڪر جي پٽن ۾ پيو رلندو هو ۽ جيڪڏهن پلا مارئيءَ کي کوهه تان کڻڻ جي بدران "سگ" گهري وٺي ها ته ڪير مسڪين انڪار ڪري ها. عقل جي حساب سان ته عمر ڪوٽ، وڱهه ڪوٽ جي آسپاس هئڻ کپي، پر ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا. جيڪي وڃي جهڙيون آکاڻيون جن سان منسوب ڪن. باقي شاعرن ته رکيون آهن پنهنجيون رمزون، "آزادي" جي رمز لاءِ عمر مارئيءَ جي قصي کان وڌيڪ سٺو بيان ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. آزاديءَ جي اها رمز چٽني ڏسين ۾ مار ڪرڻ جهڙي آهي. سياسي آزادي، روحاني آزادي، نفس کان آزادي ۽ فڪري آزادي وغيره.

خير گاريون کائڻ لاءِ اچا ٻه اڳتي ٿا وڌون.

عمر ڪوٽ تعلقي ۾ ٿي مهراڻو "امراڻي" مان لنگهي، جتان اولهه طرف رخ رکي ٿو. اتان کان وٺي نئين ڪوٽ تائين واري "مهراڻي" کي سڏين، "پيل واڙو." هڪڙو "پيل واڙو" راجستان ۾ ٻه آهي، هڪڙو جو اهو آهي. اڄ ٻه انهيءَ پٽ ۾ هاڪڙي جي اتران توڙي ڏکڻان ڪيترائي پيلن جا پراڻا ڳوٺ آهن. ڪيترن ئي پيلن سان منهنجي ياري باشي آهي. ٻارين ٻچين هڪبئي وٽ سڏ تي لنگهي ويندا هئاسون. انهن پيلن جون ڪيتريون ئي ريتون رسمون، ڪپڙن جا اصلي چٽ ۽ سندن سماجي ۽ نفسياتي رويا ۽ خود اتان جي پيلن ۽ ٻين پيلن جو فرق ٻڌائين ٿا ته اهي ڪنهن زماني ۾ انهيءَ پٽ جا حاڪم رهيا آهن ۽ تقريبن ٻه اڍائي سئو سال اڳ ٻين ماڻهن جي گوڏي هيٺان اچي ويا آهن.

نئين ڪوٽ کان اڳتي جيئن ته هاڪڙو درياءَ گهٽا ور وڪڙ کائي ٿو. انهيءَ ڪري اتان جي "مهراڻي" کي سڏين "ونگو". جيئن ته ارباب انهيءَ پٽ جا رهاڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، انهيءَ ڪري ڪين ٽر جا ماٺهو سڏين "ونگي جا چام". هت مون ڪي اها ڳالهہ نٽي سمجهہ ۾ اچي تہ اربابن "چام" جهيڙو خوبصورت ٽائيٽل ڇڏي "ارباب" جو ٽائيٽل ڇو اختيار ڪيو آهي؟

(1999ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بين الاقوامي سازش

مون کي جڏهين اها خبر پئي ته منهنجي مايوسيءَ سان ڀريل مضمون ”چا لکان؟“ جي ڇپجڻ سان جيڪب آباد کان وٺي ننگر پارڪر تائين مايوسيءَ جي سخت لهر ڇانئجي ويئي ۽ ماڻهن مايوسيءَ وچان پنهنجي گهرن ۾ پيل ڪتون ۽ ٻليا اونڌا ڪري ايڏو روح راڙو ڪيو ۽ اوچنگارون ڏيئي اکين مان ايڏا لڙڪ وهائيا جو سندن لڙڪن سان سنڌو درياءَ سميت سڄيءَ سنڌ جا واهه، شاخون، واٽر ڪورس، نيون ۽ شهرن جا گندا نالا اٿلي پيا. سنڌ ٻيءَ دنيا کان چاليهه سال اڳ غرق ٿيڻ لڳي. جڏهين انهيءَ لڙڪن جي ٻوڏ جو پاڻي ڄامشورو جي ٽڪريءَ تي اڏيل منهنجي سرڪاري گهر ۾ ڪاهي پيو ۽ ٻئي پاسي ڳوٺان منهنجي ڀائٽي امان الله فون ڪيو ته پنهنجي واريءَ جي دڙي تي نهيل گهر ۾ به لڙڪن جو لوڻاٺو پاڻي گهڙي آيو آهي، هاڻي مهرباني ڪري پنهنجي مايوسيءَ جو راڳ بند ڪر، نه ته ٻڏيو ٿا چٽ ٿيون. تڏهين وڃي اک پٽيم ته مارا هيءَ ته ڪا وڏي بين الاقوامي سازش هئي، جنهن جي چار ۾ ڦاسي غلط ڪم ڪري ويٺو آهيان. جڏهن انهيءَ ”سنڌ دشمن“ سازش جا اُبتا پيرا کنيم ته اها ڳڙڪ پيم ته دنيا جي سڀ ۾ سڀ مايوس ترين ليکڪ فرانز ڪافڪا جي روح جي سٽ سٽيل هئي. پراگ شهر جي مٽان گهمريون پائيندڙ ڪافڪا جو روح ڪن بين الاقوامي سازشين کان ڪروڙين ڊالر رشوت ۾ وٺي هر وقت بجلي نه هئڻ جو فائدو وٺي، اونداهيءَ رات ۾ مون تي حملو ڪيو. انهيءَ حملي ڪانپوءِ مون به پنيلجي ڪٽي مايوسيءَ جو راڳ ڳائي ماڻهن جون نندون ڦٽائڻ شروع ڪيون ۽ مٺي پاڻي لاءِ سڪندڙ سنڌ کي لوڻاٺي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ لڳس. هاڻي جڏهين مون کي اصلي سازش جي خبر پيئي آهي ته سخت پڇتاءُ وچان دل ئي دل ۾ ڪافڪا جي روح کي ناقابل اشاعت گاريون ڏيئي پنهنجي مضمون ”چا لکان؟“ جي سخت لفظن ۾ ترديد ڪريان ٿو.

مون انهيءَ واهيات مضمون ۾ لکيو هو ته ”غريب هاريءَ ۽ مزدور تي اڄان به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو سرڪاري راز ظاهر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ جهلي ويئي آهي. مهرباني ڪري اهڙي گرفتاري کي دل ۾ نه ڪجو ۽ سڄي عمر جيل ۾ صبر سان گذارجو. جي اوهان جو مٽ مائٽ يا دوست ڏڙو اوهان سان جيل ۾ ملڻ اچي ۽ اوهان جي حالت تي روئي پوي ته کيس مايوسي پکيڙڻ جي ڏوهه ۾ جوتو لاهي مٿي ۾ هڻجو.

اڳئين تکي جي مضمون ۾ لکي وينس ته ”سنڌ ۾ ڊاڙيلن رڻ ٻاري ڏنو آهي“ مار! مايوسيءَ وچان هيڏو ڪوڙ هٿي ويهي رهيس. ڊاڙيل ويچارا ته جين ڌرم جي پوئلڳن وانگيان مک ۽ مڇر کي به ڪو نه مارين. اهي ويچارا ته ڪچي جي جهنگ مان ڪانئيون ڪري ۽ هتان هتان پنِي سني چار پئسا گڏ ڪري پيا کائين. تڏهن ته سنڌن ٻت ڪان ميڇون وڏيون ڏسڻ ۾ ايندڀون آهن. ڪو ويچارو ڊاڙيل ڏسو ته اوهان کي ڪا خبر پوي. اها سنڌن شرافت ئي ته آهي جو اوهان ڪچي ۾ وڃي سنڌن پنيءَ سان لڳل پيٽ ڏسڻ ۽ پوءِ مٿن رحم کائي اوچنگارون ڏيڻ نٿا گهرو. ڪڏهن ڪڏهن روڊن تي اچي نڪرندا آهن ته سنڌن قابل رحم حالت ڏسڻ جي بدران پوليس وارا ۽ ٻيا ماڻهو پٺي ويندا آهن ۽ ڊاڙيلن کي ايجا به وڌيڪ مايوس ڪندا آهن. اهي ويچارا ڊاڙيل ڪلهن تي جيڪو ڪلاشنن ۽ راڪيٽ لانچرن جو بار کڻيو هلندا آهن ته انهيءَ ڳالهه ۾ ڪي رمزون ۽ ڪي نصيحتون موجود آهن ته جيئن عام ماڻهو انهن هٿيارن کي ڏسي، هٿيارن جي تباهيءَ کان واقف ٿين ته جن مسترين انسان جي تباهيءَ جو هيءَ سامان ٺاهيو آهي، انهن ڪيڏو ظلم ڪيو آهي ۽ جنهن وٽ به انسان کي تباهه ڪندڙ اهي هٿيار هجن ته اُهي ٿاڻي ۾ جمع ڪرائي ڇڏين. خود پوليس به اهڙو تباهيءَ جو سامان کڻي نه هلي. انسان ذات کي صحيح سبق ڏيڻ لاءِ ڊاڙيل اهي هٿيار هلائي به ڏيکاريندا آهن ته ڏسو ڏسو! اي سنڌيو ڏسو ته هي هٿيار ڪيڏو نه نقصان ٿا پهچائين. پاسو ڪريو اي سنڌيو! ههڙن هٿيارن کان پاسو ڪريو ۽ امن.جي واٽ وٺو. ته ڊاڙيل ويچارا ته امن جا ڪبوتر پکي آهن. مار پوي ڪافڪا جي روح کي، جنهن مون کي اونڌا سبق پڙهائيا ۽ مون اِمن جي پانڌيئڙن تي قلم سان حملو ڪري، سڄي سنڌ ۾ مايوسي پکيڙي ڇڏي.

پرائين پُوزين تي لڳي مون پنهنجي مضمون ۾ لکيو ته .”ڇورا پڙهڻ کان پڙ ڪڍيو ٻيٺا آهن.“ ڪير ٿو چئي ته ڇورا پڙهن نٿا. جيڪب آباد کان وٺي ننگر پاکر تائين سڀ ڇوڪرا ڏينهن رات ايترو ته پڙهن ٿا، ايترو ته پڙهن ٿا، جو پڙهي پڙهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن ئي ويچارن ڇوڪرن جون اکيون خراب ٿي چڪيون آهن. ڪيترائي ويچارا شاگرد ننڊ ڦٽڻ جي ڪري انسومينيا جي بيماريءَ جو شڪار ٿي ويا آهن ۽ ونسٽن چرچل وانگر ڪين ننڊ ئي نٿي اچي. ڪيترائي شاگرد پڙهندي پڙهندي آڌي رات جو اهڙيون رڙيون ٿا ڪن جو سندن مائٽ ڇرڪ پري اٿين ٿا ۽ خوف جي نفسياتي بيماريءَ جو شڪار بڻجي وڃن ٿا. ڪيترائي ويچارا ڇوڪرا ڏينهن رات ايترو ٿا پڙهن جو گهر يا هاسٽل کان ڪاليج يا يونيورسٽيءَ تائين ايندي ويندي روڊ تي ڪمزوريءَ وچان ڪري ٿا پون. ايئن نہ رڳو شاگرد پر انهن جا مائٽ بہ ڪيترين ئي بيمارين جو شڪار ٿي چڪا آهن. شاگردن جي ڌڪن ڪائڻ سببان روڊن جا چڪڙ بہ لهي چڪا آهن. ڊاڪٽر ۽ روڊن جا انجنيئر ڊوڙي ڊوڙي ٿڪا آهن. بلڪ بيمارن جو علاج ڪندي ڪندي ڪيترائي ڊاڪٽر ۽ روڊن جو علاج ڪندي ڪندي ڪيترائي انجنيئر ايترا پئسا ڪمائي چڪا آهن، جو بئنڪن جا مئنيجر گجها ڪاتا کوليندي کوليندي چريا ٿي پيا آهن ۽ ماڻهن سان وڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو اٿن. خود ڊاڪٽر رات جو ننڊ مان اُٿي گهر جي سٺل پاتين ڪي سوئيون هڻڻ شروع ڪريو ڇڏين ۽ انجنيئر رات جو اٿي پنهنجي گهر جي پٽين ڪي ڊاهڻ شروع ڪريو ڇڏين. ٻئي پاسي ماستر ايترو ٿا پڙهائين جو پڙهائيندي پڙهائيندي ڪري بيهوش ٿي ٿا وڃن. اهي ئي ماستر جڏهين گهر ٿا پهچن تہ آڌي رات جو اٿي ڪمري جي پٽ ڪي بورڊ ۽ پنهنجي آڱرين ڪي چاڪ سمجهي گهر جي پاتين ڪي پڙهائڻ شروع ڪريو ڏين ۽ موٽ ۾ گهر جي پاتين سندن اها حالت ڏسي روئڻ شروع ڪريو ڏين. مطلب تہ پڙهائي جي اها هڻ پٽ اسان لاءِ خوشيءَ جو پيغام آهي، پر ڇرين جون اسپتالون ڪٽي پيون آهن. ڇرين جي اسپتالن جي ڪوٽ ڪا اهڙي مايوسي جي ڳالهہ ناهي، پاڻ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ملڪ ۾ جيترائي ڇريا وڌيڪ هوندا، تہ اُهي اوترا وڌا ٺهڪ ڏيندا ۽ ٺهڪ ڏيئي ملڪ ۾ مايوسيءَ جي بدران خوشين جو پيغام ڪٽي ايندا.

اُميد تہ منهنجيءَ هن ترديد کان پوءِ سنڌ ۾ مايوسيءَ جي بدران خوشي پکڙجي ويندي ۽ اُميدن جا ڏيئا ٻرڻ لڳندا. پر اميدن جا ايترا بہ ڏيئا نہ ٻارجن جو ٻوڏ جي بدران باهہ لڳڻ شروع ٿي وڃي ۽ ڪافڪا جو روح وري ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪري. هل ڙي! سازشي ڪتان جا، هاڻي ڪر بين الاقوامي سازش تہ توکي ڏسي وٺندس.

(1999ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇا لکان؟

يار چون ٿا تہ لک. لکان تہ ڇا لکان؟ جي لکندس تہ لکڻ مان ڇا ورندو؟ ڏيئي وٺي اندر جي باھ ڪيندس، ٻيو ڇا ورندو. مسڪين ماڻهوءَ تي اهوئي موچڙي جو زيپٽ آهي. هڪڙو موچڙو لهي ٿو تہ ٻيو موچڙو تيار آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان موچي موچڙا ٺاهڻ ڇڏي ڏيندا؟ ڪامورو اهوئي پيٽ ڀرڻ ۾ پورو آهي. هڪڙي هٽ سان ڏوڪڙ روڙي ڪيسي ۾ وجهي ٿو تہ ٻيو هٽ تيار اٿس. ڇا منهنجي لکڻ سان درزي سندس ڪيسا سبڻ ڇڏي ڏيندا؟ واپاري پرواوا ڪيسا ڪترڻ ۾ پورا آهن. هڪڙو ڪيسو ڪتري ٿو تہ ٻئي ڪيسي کي ڪترڻ لاءِ ڪئنچي تيار آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان لوهار ڪئنچيون ٺاهڻ ڇڏي ڏيندا؟ ڪم ڪان واندو ماڻهو پنهنجو ڏنڊو ڏاڙهي ڪرڻ جي بدران آفيسن ۾ ٽڪي جي نوڪريءَ لاءِ هڪڙي درخواست ڏئي ٿو تہ ٻي درخواست تيار آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان منشي درخواستون لکڻ ڇڏي ڏيندا؟ نالي ۾ نهال سفيد پوش طبقو مداريءَ وانگيان پنهنجي بگريءَ مان دوکو ڏيندڙ هڪ شئي ڪڍي ٿو تہ ٻي شئي تيار آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان اِهي بگريون ڪتا ڪٽي ويندا؟ اسان جو اسڪالر بنا ثبوت جي زڻ مٿان زڻ هٽندو ٿو وڃي. هڪڙو ڪوڙ ڪٽي ٿو تہ ٻيو ڪوڙ شروع ٿيو وڃي. ڇا منهنجي لکڻ سان ڪوڙن جون فئڪٽريون بند ٿي وينديون؟ مرد جو عورت مٿان ڪهاڙين جو زيڪو آهي. هڪڙيءَ عورت جو رَتُ سڪي ئي نٿو تہ ٻئي ڪهاڙي اُپي آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان مرد جي ڪهاڙي ۽ عورت جي ڪنڌ جي وچ وارو فاصلو گهٽ ٿي ويندو؟ حرام جي پئسي مانءُ ورتل موٽر ڪارن ۽ فونن اشراف ماڻهن کي رَتُ ڪري ماريو آهي. هڪڙي سِر تان ڪٽي ٿي تہ ٻي تيار آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان ڪارخانا موٽر ڪارون ۽ فونون ٺاهڻ ڇڏي ڏيندا؟ هاري وڏيري کان قرض ڪٽي رات جو جوا ڪيڏڻ، نرو پيئڻ ۽ زالن کي موچڙا هڻڻ ۾ پورو آهي. هڪڙو قرض ڪٽي پورو ٿو ڪري تہ ٻئي قرض ڪڻڻ لاءِ هٿ ٽنگيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيٺو آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان هاري رات جو ننڊ ڪري صبح سان پنهنجي ڏنڊي سان لڳي ويندو؟ زميندار هاريءَ کي پنج هزار قرض ڏيئي ڏهه هزار روپيا لکي هاري جي ٻن ٻچي کي ري گناهه قرضي ڪري هاريءَ جي ستن پيڙهين کي پاڻ وٽ گروي رکيو ڇڏي. ڇا منهنجي لکڻ سان زميندار ٺهر جو اهو ڪاروبار ڇڏي ڏيندو؟ شاگرد پڙهڻ جي بدران اوٻاسيون ڏيڻ ۽ آرس ڀڃڻ ۾ پورو آهي. هڪڙي اوٻاسي ڏئي ٿو ته ٻي اوٻاسيءَ جو نڪاءُ ٿيو وڃي. ڇا منهنجي لکڻ سان شاگرد اوٻاسيون ڏيڻ ڇڏي پڙهڻ ۾ لڳي ويندو؟ استاد شاگردن کي پڙهائڻ جي بدران چانهه جي ڪوپ تي ٻٽاڪ هڻڻ ۾ پورو آهي. هڪڙو ٻٽاڪ شروع ٿئي ٿو ته ٻيو ٻٽاڪ شروع ٿيو وڃي. ڇا منهنجي لکڻ سان پنيوالا ماسترن کي چانهه ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندا ۽ ٻٽاڪن جو ڏکهو سلسلو ختم ٿي ويندو؟ ڪرسيءَ پويان مينهن واءُ ٿي ڀڄندڙ سياستدان هڪڙي شهر کي پئرس بڻائڻ جو واعدو ڪري ٿو ته ٻيو واعدو تيار آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان سياستدان شهرن کي پئرس بڻائڻ جا واعدا ختم ڪري ڇڏيندا؟ انجنيئر هڪڙو روڊ ٺاهي ٻئي روڊ ٺاهڻ لاءِ اجا وڏي ئي مس ٿو، ته اڳيئين روڊ جا ڇلڙ لهي وڃن ٿا. ڇا منهنجي لکڻ سان روڊن جا ڇلڙ لهڻ بند ٿي ويندا؟ ڊاڪٽر هڪڙي مريض کان ڦر مار ڪري بس ٿو ڪري ته ٻيو مريض هڪيو تکيو حاضر آهي. ڇا منهنجي لکڻ سان ڊاڪٽر ڦر مار ڪرڻ جي بجاءِ علاج شروع ڪري ڏيندا؟ اسان جا ليکڪ ٽڪي جي ڳالهه لکڻ لاءِ اکرن جون ٻوريون ڀڏي ڀڏي پڙهندڙن جي متي ۾ هڻن ٿا ۽ پڙهندڙ گهمريون کائيو وڃيو هيٺ ڪري. ڇا منهنجي لکڻ سان ليکڪ هڪ ٻئي ۾ ايندڙ ڳالهه تي پنن جا پنا ڪارا ڪرڻ ڇڏي ڏيندو؟ ٽي. ٽي، ڪلاشن، جي ٿري، اوزي ۽ راڪيٽ لانچر جي منهن مان نڪرندڙ ڪارو راڪاس ڪجهه زندگيون اجهائي مس ٿو ته ڪڙڪي مٿان ٻيو ڪڙڪو ٿئي ٿو. ڇا منهنجي لکڻ سان ڪارا راڪاس زندگيون ڳڙڪائڻ ڇڏي ويندا؟

ڪجهه به نه ٿيندو. منهنجي لکڻ سان ڪجهه به نه ٿيندو. آئون انهن ليکڪن مان نه ناهيان، جيڪي پاڻ کي وٽ ٽنيهر پکيءَ وانگيان سمجهندا آهن. وٽ ٽنيهر پکي رات جو ٽنگون مٿي ايئون ڪري انهيءَ ڪري سمهندو آهي ته جي آسمان ڪري پوي ته مٿان ڪرندڙ آسمان کي پنهنجي پيرن تي روڪي سگهي. نه ئي آئون پنهنجو پاڻ کي لومڙيءَ سمجهندو آهيان، جيڪا هڪڙي ٽنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ڪٽي ٽن ٽنگن تي ڊوڙندي آهي. ڪيس شڪ هوندو آهي ته جي چوٿين ٽنگ زمين تي رکيائين ته متان زمين سندس انهيءَ ٽنگ جو زور جهلي نه سگهي ۽ زمين چوٿينءَ ٽنگ جي بار هيٺان اچي ڌڙجي پاتال ۾ نه هلي وڃي.

جنهن ليکڪ کي اهو وهم وڻيل هجي ته اهو پلي لکي.

(1999ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آئِي چِڻ ڪان شبير سولنگيءَ تائين

اسان جو ڳوٺ جنهاڻ مُهراڻيءَ جي ڪس تي اهڙي هنڌ آهي، جتان ڪئين قافلا لنگهندي ڏٺاسين. ڏڪار جي ماريل ٿرين، لاهيارن، جوڳين، لاڙ جي جتن، ريباڙين ۽ مالوند ماڻهن جي قافلي جي اچ وڃ اڃا به جاري آهي. پر ننڍپڻ ۾ عاشقن جا اهڙا به قافلا ڏٺاسين، جيڪي هن دؤر ۾ ته غائب ٿي چڪا آهن، پر سندن قدمن جا نشان اڃا تائين دلين تي ڇاپيا پيا آهن. هڪڙا قافلا هئا پيرين پنڌ ملتان ويندڙ.زيارتُو فقيرن جا. اهي فقير مٿا روٺلا هڙن ۾ ٻڌي، هڙون ڪلهن تي رکي هنيا (پير بهاوالحق جا سُر ۾ لڳندڙ نعرا) هڻندا لنگهي ويندا هئا. اُنهيءَ زماني ۾ به ملتان تائين ريل گاڏيون هلنديون هيون، پر عشق جي چوٽ انهن فقيرن کي پيرن تي ڪٽيو ويندي هئي.

ٻيا قافلا ڏٺاسين سنياسين جا. گيڙو رتا ڪپڙا ۽ زالين مڙسين گڏ. پڇائون ڪيونسين ته اها خبر پيئي ته عاشقن جي انهيءَ قافلي ۾ موجود سنياسين جي ڪا هڪ نُڪ يا ذات يا قبيلو ناهي ۽ نه ئي وري عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ ڪو ڦند ڦير آهي. اهي مرد ۽ عورتن ڏار ڏار ذاتين ۽ مذهبن جا ماڻهو آهن، جيڪي انسان ذات جي روح ۽ جسم جا ڦٽ پرڙ نڪتا آهن ۽ لوڪ طبيب آهن، جن کي واپس پنهنجن راڄن پاڳن ڏانهن موٽڻو ناهي. عاشق جڏهين جتيون ڇنبي ٻاهر نڪرندا آهن، اُهي موٽون ڪانه ڪائيندا آهن.

جڏهن جواڻ ٿيا سين ۽ پاڪي (بليڊ) هٿ ۾ ڪنيوسين ته ڪارل مارڪس جو ڪتاب "داس ڪئپيٽال" هٿ ۾ آيو. پر ڪا ڳالهه پلئه ڪا نه پيئي سين. اُنهيءَ مٿان ڪامريڊ لينن جي تقريرن جو ڪتاب ۽ مائوزي تنگ جو ڳاڙهو ڪتاب هٿن ۾ آيا. ٻئي ڪتاب سمجهه ۾ ته آيا پر دل ۽ دماغ کي لوڏي نه سگهيا. دل ڦاٽي ته ڪٿي وڃي ڦاٽي! رب جي ذات ڪئين رنگ ٿي ڏيکاري. نيٺ، عاشقن جو هڪڙو خوفناڪ قافلو اُتران ايندڙ ٻڪراڙ ڪنوڻ وانگر ڪڙڪا

ڪندو دماغ مٿان اچي ٽٽو ۽ دل ۽ دماغ ٻنهي کي ويڙهي ويو. اهو قافلو ڪونجن جي اصلي ملڪ ۾ وينل هڪ قوزئيق ماستر جي قلم مان دوڙهيا ڪندو نڪتو هو ۽ هن ويڙهيچي کي ويڙهي ويو هو. ڊان دريا جي ڪنڌين مان اُٿندڙ انهيءَ ماستر جو نالو هو ميخائيل شولو خوف ۽ سندس ٽڙڪا ڪندڙ قلم مان جيڪو ڪتاب نڪتو هو اُهو هو ”ڊان درياءَ جي ڪپرن تي (Quite Flows the Don)“ الله غني! ڪٿي ”ڊان“ درياءَ جي ڪپرن جو ڇائو ماستر ته ڪٿي ”هاڪڙي“ درياءَ جي ڪپرن تي ڇائو ماستر! ڪٿي مهر علي شاهه تان ڪٿي ميدي صدا! آئون اڃ به جڏهن پنهنجي انهيءَ سائينءَ مرحيات شولو خوف جي اُها تصوير ڏسندو آهيان، جنهن ۾ هو ڪاغذن جي ستن ۾ ويهي سگريٽ ڇڪيندو ۽ لکندو نظر ايندو آهي ته منهنجي اندر مان هي سٽون نڪرنديون آهن ته:

اســان قصـوري اسان دي ذات قصـوري،
تـي اسـين شهـر قصـور دي رهـڻ والـي.
تســـان اُچـــي، تـســـان دي ذات اُچـــي،
تـــي تـســـان اُچ شهـــر دي رهـــڻ والـــي.

لڳ ڀڳ 1500 صفحن تي پکڙل شولو خوف جي هن ناول ۾ مٿو مٿي تي ڏيئي وڙهڻ وارا قوزئيق انقلابي هاري، گهوڙن جي پيرن مان اُٿندڙ ڪنوٽيون ۽ هٿڪارن مان ڦوهارا ڪري نڪرندڙ گجيون، تلوارن جا چمڪاٽ، پراڻين بندوقن ۽ توبن مان ريهون ڪري نڪرندڙ گوليون ۽ بمن جا ڦهڪا، مڙسن جون هڪلون، مارجي ويل مٽيرن جا رت جون نينديون ڪري گهوڙن جي پيرن هيٺان ايندڙ سِر، مردن، عورتن ۽ ٻارن جا ايندڙ ويندڙ قافلا، ريل گاڏين جون سيٽيون، انقلاب لاءِ وڙهندڙ جوانن جي زالن سان پوڙهن مڙسن جي ٻنين ۾ ڪس، عشق جا ڦهري داستان، محبوبن جي اکين مان وهندڙ لڙڪ ۽ وڇوڙي جا گيت پڙهندڙ کي پاڻ سان ڪٺيو وڃن. اهو ناول پڙهڻ وقت محسوس ايئن ٿو ٿئي ته انقلابي عاشقن جو اهو قافلو ڇاتيءَ مٿان لنگهندو هجي. عاشقن جو اهو قافلو ماستر ميخائل شولو خوف جي قلم مان نڪرندي ڏٺوسين. (اڳتي هلي انهيءَ ناول ڪري شولو خوف کي نوبيل پرائيز به مليو.)

اڳتي هلي اها خبر پيئي ته اهڙن انقلابي قافلن جو اصل سرواڻ ۽ ٽيڪنيشن ڊگهي ۽ ڇدڙي ڏاڙهي وارو هلڪي بت جو مڙس ٽراٽسڪي هو، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نہ رکو تڏا هٽي وطن جا وڻ ڇڏائيا ويا. پر پرديس (ميڪسيڪو) ۾ ڪيس بي درديءَ سان قتل بہ ڪيو ويو. ٻي خبر اها پيئي تہ اردو ادب جي دنيا ۾ آڙاهہ مچائڻ وارن ڏهالٽ ليکڪن قرت العين حيدر، راجندر سنگهہ بيدي، سعادت حسن منٽو ۽ عصمت چغتائي تي سنڌن سنگت ئي اها فتويٰ جاري ڪئي تہ اهي انقلاب دشمن آهن ۽ انهن کي انقلاب اچڻ ڪانپوءِ ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندو. جڏهن قافلي ۾ شريڪ دوست اکيون ڦيريندا آهن ۽ فتوائون جاري ڪندا آهن تہ پوءِ اهو قافلو عاشقن جو قافلو نہ رهندو آهي. پر جڏهين ٽئين ۽ آخري خبر اها پيئي تہ انهيءَ قافلي ۾ شريڪ اسان جو پيارو دوست مُنير احمد مانڪ وڻ مان ڪٽيل ڪنهن ڏار وانگيان اچي زمين تي ڪريو اهي تہ منهنجي جگري يار شوڪت حسين شوري فرانسيسي ليکڪن جين پال سارتري ۽ البر ڪامئو جي ڪتابن جي پري ڪلهي تي ڪنئي ۽ مون ماستر شولو خوف جو نالو ”ڊان دريا جي ڪپرن تي (Quite Flows the Don)“ ڪڇ ۾ وڌو ۽ اسان پنهي اردو محاوري موجب ”سنهڙي گهٽي جهلي“ ۽ اهڙن عاشقن کان پچي جند ڇڏائي سين. طبيعت جي حساب سان هونئن بہ اسان ٻئي چٽا پنهنجي ناڙڻ وارو ماڻهو آهيون ۽ عاشقن ۾ شريڪ ٿيڻ جي بدران ڪنهن اديب يا صحافيءَ وانگيان عاشقن جا پير ڪڻ وارا پيري آهيون تہ ڪير چا آهي ۽ ڪيڏانهن پيو وڃي.

1987ع جو سال هجي. محمد خان جوڻيجي جي بادشاهي هجي. ڪو خٽڪ صاحب وزير داخلا هجي. پر مهرباني ٿي عڪسي مفتيءَ (لوڪ ورثہ جو ڊائريڪٽر جنرل) جي. عڪسي مفتيءَ جي مهربانيءَ سان اسان چار چٽا اسلام آباد ۾ گڏ ٿياسين. جتان اسان کي چين ولايت وڃڻو هجي. انهيءَ قافلي جو سرواڻ مظهرالاسلام هجي ۽ باقي ميمبرن ۾ سرحد جو بزرگ تعليمي ماهر عبدالڪافي خٽڪ، لاهور جو مصور غلام مصطفيٰ ۽ سنڌ جو ليکڪ هيءَ ٻندو هجي. انهيءَ زماني ۾ مون کي خبر ڪا نہ هئي تہ سنڌ جي برعڪس ٻين صوبن ۾ نوڪريون ڪندڙ دوست پنهنجي پاچي کان بہ ڊڄندا آهن. همراهن ۾ اها ڦس ڦس لڳي پيئي هجي تہ انهيءَ قافلي ۾ هڪڙو جاسوس بہ آهي، جنهن جو نالو عبدالڪافي خٽڪ آهي ۽ جيڪو وزير داخلا خٽڪ جو خاص ماڻهو آهي. انهيءَ ڪري چيني بيئر پيئڻ کان محروم رهجي ويندا سين. جڏهين خٽڪ صاحب پهتو تہ همراهن تي جهڙي ڪر وڄ ڪري پيئي. پر پاڻ پنهنجن وڏن کي ياد ڪرڻ کان پوءِ ڇهين نمبر جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگريٽ کيسي مان ڪڍيو سين، اهو سگريٽ مٺ ۾ جهلي هڪ زوردار سوٽو هٽندي ۽ وڏو ڪوڙ سٽيندي هڪل ڪئي سين ته "جي ڪو هن قافلي ۾ اسان سان گڏ وزير داخلا خٽڪ صاحب جو چڙيل جاسوس موجود آهي ته اهو ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏي ته ساٽس هڪ عدد جوٽيجو به ويٺل آهي. جيڪو وزيراعظم محمد خان جوٽيجي جو چڙيل هڪ وڏو جاسوس آهي." انهيءَ وقت شريف النفس محمد خان جوٽيجي جي فرشتن کي به ڪا خبر نه هئي ڪو ٽريو سندس نالي تي پنهنجن هم سفر دوستن کي بلئڪ ميل وينو ڪري. ظاهر آهي ته ڪوڙ نه ڪنهن پيءُ جي ملڪيت آهي ۽ نه ئي وري ڪوڙ يا ٺٺاڪ تي ڪا ڊل لڳل آهي. سو ڇڪي ٺٺاڪ هنئي سين، تنهن يارن لاءِ شاندار چيني بيئر پيئڻ جا در کولي ڇڏيا. ٻئي پاسي الله جنت نصيب ڪريس عبدالڪافي خٽڪ جاسوس هئڻ بدران هڪ نيڪ نمازي ۽ "مين رب رب ڪردي" قسم جو الله لوڪ بزرگ هو ۽ اڳتي هلي چين ملڪ جي ماڻهن جيءَ رش ۾ مون کي ئي ڪيس سنڀالڻو پئجي ويو ۽ اهو پشتون جو ٻچو يارن جو يار نکتو ۽ منهنجي ڪل پوڇ کي برداشت ڪندو رهيو. جڏهين چين پهتاسين ته اتي منهنجين لاپرواهين کي محسوس ڪندي هجت وچان چيني مترجمن مون کي "بادشاهه" جو لقب ڏيئي ڇڏيو. ايئن هڪ ٽريو ڦري ٿيو، "بادشاهه".

قصو ڊگهو آهي، تنهن ڪر هٽون ٿا شارٽ ڪٽ ۽ اچون ٿا عاشق شاعر آئي چن تي.

چين جو هيءَ عظيم شاعر آئي چن اصل ۾ هڪ ڪروڙ پتي خاندان جو امير زادو هو ۽ فرانس جي پئرس شهر ۾ وڏي ٺٺ ٺانگر سان زندگي گذاري رهيو هو يا ائين ڪٿي چئجي ته پئرس شهر وڏيري جي پيرن هيٺان هو. جڏهن چين ۾ انقلاب.جون دونهيون دکيون، لانگ مارچ جا سانباها ٿيا ۽ انقلابي عاشقن جا قافلا گڏ ٿيڻ لڳا ته ڪيس سندس يار مائوزي تنگ جو نياپو پهتو ته "جلدي پُڄ". انهيءَ نياپي پهچڻ ڪان پوءِ آئي چن محل ماڙيون ڇڏيون، ست رڃيون ڇڏيون، طول وهاٽا ڇڏيا، فرانسيسي يارڙين جا ٻڪ ڇڏيا ۽ سسئي وانگر پنهل جي عشق ۾ ووءِ ووءِ ڪندو اچي لانگ مارچ م شريڪ ٿيو. سندس نازڪ پير پٿون ٿيندا رهيا ۽ بدن ڦٿبو رهيو. پر هو عاشقن جي قافلي ۾ وڳندو رهيو. انساني تاريخ جي اها ڊگهي ۾ ڊگهي ۽ اٽانگي ۾ اٽانگي جدوجهد هئي.

جنهن سائي ۽ هينئون ڏاريندڙ ڏونگر جيءَ اڏ ڪڙ ۾ مائوزي تنگ، آئي چن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ہين اڙہنگ ساٿين چيانگ ڪائي شيڪ کي وچي دسيو ھو، اھو ڏونگر چين جي ثقافتي شھر شيئان جي ويجھڙ ۾ آھي. ٽرئي بادشاھ انھيءَ ڏونگر جي پاڙ وٽان بيھي جڏھن انھيءَ اڌ ڪڙ ڏانھن.نھاريو تہ ڪانئس رڙ نڪري ويئي، ”الله غني! اھڙا جُنگ جوان بہ خلقيا اٿئي! ڪٿي نہ وچي مڙسن ڏک ھنيو آھي!“

قصو ڪوتاھ. بيجنگ شھر جي ھڪ ٿڌڙي شام جو اسان چارئي جڻا انھيءَ عاشق آئي چن جي گھر ۾ سندس اڳيان وچي ويٺاسين. ڪجھہ منٽن گذرڻ ڪانپوءِ خبر پيئي تہ آئي چن اکين کان انڌو آھي، پر ساڳئي وقت چين جھڙي اٿاھ ملڪ جو وزير مملڪت بہ آھي. سندس ڪاتو آھي شاعري ڪرڻ ۽ ڪم آھي ھر سال نوبيل ادب لاءِ نامينيٽ ٿيڻ. اکين جو نور وڃائڻ جي باوجود خوش مزاجيءَ وچان اھڙيون ڳالھيون پيو ڪري، جو ھر ڳالھہ ٻڌڻ سان ٻڌڻ واري کان ٽھڪ نڪري وڃي. ٻيا دوست تہ حسب معمول احتياط جو چُنو چپن تي ھڻي ويٺا رھيا. پر ”بادشاھ“ کان رھيو نہ ٿيو ۽ حسب معمول پنھنجي بادشاھيءَ (لاپرواھيءَ) کان ڪم وٺندي ھڪ اٽانگو سوال ڪري وڌو تہ ”منھنجي اکين جا نور آئي چن! تنھنجين اکين جو نور ڪيئن ويو؟ ھھڙو ڪيس ڪنھن ڪيو؟“

انھيءَ سوال تي ڏک وچان جواب ڏيڻ جي بدران آئي چن جي چپن تي بليڊ جي ڌار جھڙي تکي مرڪ تري آئي ۽ چيائين ”بادشاھ! سياسي انقلابن جي دنيا ۾ اکين جو نور دوست ئي کسيندا آھن. يارن کي منھنجين اکين جو نور تي ڪتو، سو کسي ويا. انقلاب کان ڪجھہ سال پوءِ مون کي وڏيرا شاھيءَ جو ايجنٽ سمجھي گوبيءَ جي پڙپانگ واريءَ جي رڻ ۾ موجود ھڪ لئبر ڪئمپ ۾ اچلائيو ويو. آئون ڪوڏرون ھڻندو ۽ ڪيٽون چڪيندو رھيس ۽ گوبيءَ جي رڻ جي سنھڙي واري منھنجين اکين جو نور چڪيندي رھي. ھاڻي ڪي ٻيا يار اچي ويا آھن، انھن يارن مون کي گوبيءَ مان ڪڍي ڪٽي تو جھڙو بادشاھ بڻائيو اٿن. اکيون بہ يار ڦريندا آھن تہ ٽورا بہ يارئي ڪندا آھن. بادشاھ، ھاڻي انھن ڳالھين کي ڇڏ. پنھنجي ملڪ جي ڪنھن شاعر جو شعر ٻڌاءِ.“

سنڌيءَ ۾ ڏاڍي ڪم جي چوڻي آھي تہ ”زبان چم جي ڪنھن نہ ڪم جي“ پر جي ڪو ”بادشاھ“ بہ ھجي ۽ چين جي‌ چيتي بيئر جا چار ٽِن بہ چاڙھيو ويٺو ھجي تہ پوءِ زبان ايڏا تي تيزھ ڪائي، جو صفا ڪنھن ڪم جي نٽي رھي. بادشاھ کان اھا ڳالھہ وسري وئي تہ آئي چن اکين جو نور وڃائيو ويٺو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهہ جيءَ زبان مان شيخ اياز جو هڪ شعر گولين جو برسٽ بڻجي نڪري ويو. جيئن ڏڏل کير ٿڻن ۾ واپس نہ ايندو آهي، تيئن گن مان نڪتل گولين جو برسٽ بہ واپس گن جي ناليءَ ۾ نہ ويندو آهي. ائين وڏو ڦهر ٿي ويو ۽ شيخ اياز جي شعر جو ترجمو سوالن جوابن ۾ ڪجھ هن ريت ٿيو:

”ڀلا ڪو رڻ ڏٺو اٿئي؟“

”بادشاهہ منهنجي خيال ۾ دنيا ۾ گوبي ڊزرٽ کان ڪو خوفناڪ رڻ آهيئي ڪونہ. ڪئين قافلا ٻوڙيا اٿس. ٻڍايو ماڻ نہ تہ اُتي لئبر ڪئمپ ۾ رهيو آهيان.“

”ڀلا اتي گرميءَ جي موسم ٿيندي آهي؟“

”گرميون سرديون تہ جتي ڪٿي ٿينديون آهن.“

”تہ ٻڌ. اسان جو شاعر شيخ اياز ٿو چوي تہ منهنجي سڄڻ جون اکيون اهڙيون آهن، جيئن گرميءَ جي رُت ۾ رڻ ٿرندو ويندو آهي.“

اهي لفظ ٻڌي عاشق آئي چن روئي ويٺو. چاڪاڻ تہ بادشاهہ پنهنجي بيوقوفيءَ وچان ڪيس اکين بابت هڪ دک کي ڇهندڙ شعر ٻڌائي ويٺو هو. اُهي ئي اکيون، جيڪي آئي چن کان ڦريون ويون هيون.

ٿوري دير روئڻ ڪانپوءِ آئي چن چپ ڪري سوچيو ۽ پوءِ بادشاهہ کي جوش وچان هڪل ڪندي چيائين تہ ”تون بہ پنهنجي شاعر کي منهنجو هيءُ شعر ٻڌائجانءِ.“ ائين چئي آئي چن پنهنجو هيءُ شعر ٻڌائيو:

”آئون ڪوئلو آهيان، ۽ هزارين سالن کان وٺي هزارين فوٽ هيٺ زمين ۾ پوريو پيو آهيان، پر اڄ بہ تون مون کي تيلي ڏيکار تہ آئون ڀنڀٽ بڻجي ڏيکاريندو سانءِ.“

تہ ائين چين جي هڪ عاشق شاعر جي پوري ڪلام جو انگريزي ترجمو سندس خواهش موجب سنڌ جي هڪ عاشق شاعر تائين پهچي ويو ۽ بيوقوف بادشاهہ خالي هٿين رهجي ويو.

ڪارل مارڪس هجي يا لينن هجي يا ٽراٽسڪي هجي يا مائوزي تنگ هجي يا آئي چن هجي يا شيخ اياز هجي. اهي سڀ پنهنجي پنهنجي رنگ جا عاشق هئا. جو عشق ست رنگو ٿو ٿئي. اهي سيئي عاشق سواءِ آئي چن جي هن وقت رب جي درٻار ۾ پهتل آهن ۽ اُهو ئي سندن صحيح فيصلو ڪرڻ وارو آهي. انهن عاشقن کي رب جيءَ ذات حوالي ڪري پاڻ اچون ٿا سنڌ جي ڪجھ جيئرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳندن عاشقن تي.

اسان جو يار نثار کوکر پاڻ پير پٽون ڪرڻ وارو هڪ آواره گرد عاشق آهي. انهيءَ ڪري هو عاشقن جون اهڙيون خبرون اسان پارن پڙهندڙن جي سر تي ٺوڙيندو آهي، جن جو اسان کي اڳ ۾ ئي اوسيئڙو هوندو آهي. پوءِ اهي خبرون بي بي سي ريڊيو ٻڌندڙ جهونن عاشقن جون هجن يا هنگلاڄ جو پنڌ سٽڻ وارن پانڌيئڙن جون هجن يا ڀيڙين جي ٻاڏارن سابق ڪميونسٽن جون هجن يا ڪٽي امن سان عشق ڪرڻ وارن ناري جي پٽ جي يارن جون هجن. انهيءَ ساڳئي نثار کوکر ڪجهه ڏينهن اڳ وڏي پيار وچان پراڻي عاشق ڪميونسٽ ۽ هن دؤر جي عاشق فقر شبير سولنگيءَ جي پيرن ۾ ٻڌل ڇير جي ڇمڪن جي اهڙي ته خبر ڏني جو انهيءَ ڇير مان ڪيترائي گهنگهرو ٽٽي ڄامشوري ۾ ويٺل هن بندي جي مٽي ۾ اچي لڳا ۽ وڃڻ لڳا. جيڪڏهن يار نثار کوکر جوڳي ٻڌجي خبر ڏيڻ جي بدران صحافيانه ٽرڙ پائيءَ وچان ڇوٽي نظر (Short Sighted) ڌاريندي پنهنجا ذاتي رايا ڏئي ها ته ”فقير شبير سولنگي موت کان ڊڄي، هاٿي گيڙو رتا ڪپڙا پائي فقيرن جون درگاهون پيٽيندو ٿو وتي“ ته پوءِ ڪر نثار کوکر کي عاشقن جي لسٽ مان خارج ڪيو وڃي ها. پر هن يار وڏي دل گردو ڌاريندي فقير شبير سولنگيءَ بابت رپورٽ ۾ پيار واري واٽ ورتي آهي. هن ملڪ ۾ اهڙا هاڪاري قسم جا جرنلسٽ ڏاڍا گهٽ ملن ٿا. رهي ڳالهه فقير شبير سولنگيءَ جي ڇير جي ته اُها اُنهيءَ فقير جي ڇير هجي يا لاهور جي انتهائي خوبصورت طوائف ”ن“ جي پيرن ۾ پيل هجي. اسان لاءِ اهي سڀ ڇيريون ”سڀ رنگ سانول“ آهن.

ٿر جي اوپر ڏکڻ واري ڪنڊ ۾ دل کي ڇيرا ڏيندڙ لوڪ گيتن سان جهنجيل هڪ علائقو آهي، ”ڊٿ“ اُتان جون ٻه شيون ڏاڍيون مشهور آهن. هڪ ”ڊاٿڻ اُٺ“ جيڪا هلي ته زمين جو هينئون ڏري ۽ ٻئي شئي آهي ”جام ساقي“.

جوانيءَ ۾ ماڻهو جوانڙين جي زلفن جا اسير هوندا آهن، پر جام ساقي ڪامريڊ لينن جي ڏاڙهيءَ جو اسير رهيو ۽ ڪاڌيءَ جا ڪپڙا ۽ ڦاٽل چمپل پائي حيدرآباد جي گهٽين ۾ در در تي وڃي پمفليٽ ورهائيندو هو ۽ انقلاب جا نعرا هڻندو هو. پر پوءِ ستت ئي ڪيس روپوش ٿيڻو پئجي ويو ۽ وري جلد ئي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ دنيا جهان جي هارين ۽ مزدورن جو هيءُ عاشق عتابن، عذابن ۽ عقوبتن جي ڪاري ڪُن ۾ گهمريون کائيندو ۽ ٻيڙجندو رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت گذري ويو، پر "چٽي جب اسير تو بدلا هوا زمانہ تا."

ايئن چام ساقيءَ کي سوچيل منزل نہ ملي. پر عاشق تہ عاشق هوندو آهي، پر هو جڏهين هڪڙي عشق کي تتندو ڏسندو آهي تہ ٻئي عشق جي واٽ وٺندو آهي. ايئن ئي هن عاشق اُها ئي واٽ ورتي. جيڪا فقيرن جي درگاهن ڏانهن ويندي آهي ۽ ٽٽل دل کي سهارو ملي ويندو آهي. چام ساقي عتابن، عذابن ۽ عقوبتن مان نڪتو. پر ملامتن جي منهن ۾ اچي ويو. هن عاشق شبير سولنگي وانگر يا فقير حضور بخش (سابق ڪميونسٽ) وانگر ڪا چير تہ ڪا نہ ٻڌي، پر سندس لانڊريءَ ۾ هلندڙ استري چمڪا ڪندي ٿي رهي. وچ ۾ جڏهن منهنجي پشتون دوست آفتاب احمد شيرپائو چڱن وانگيان چڱائيون ڪندي ڪيس عزت ڏيندي، ڦرٽيءَ ڪرسيءَ تي وهاريو ۽ سواريءَ لاءِ سٺي فور وهيل ڊرائيو ڏني تہ مٿس وسندڙ ملامتون اڳي کان وڌي ويون. پر انهيءَ وچ ۾ هن نہ ڪو شاندار پلاٽ ورتو، نہ ڪو زمين جو ڪاتو پنهنجي نالي ڪرائيو. نہ ڪو نيڪو ڪنيو ۽ نہ ئي وري ڪنهن بئنڪ کان قرض ڪنيو. عاشق کي ڪهڙي خبر تہ اهي ڪم ڪيئن ٿيندا آهن، اهي تہ پنهنجي رمز ۾ رهندا آهن. هيءَ يار جڏهن ڪرسيءَ تان لٿو تہ خالي هٿين ۽ پيرين پيادي لٿو ۽ پوءِ ساڳئي لانڊري هئي ۽ استريءَ جا ساڳيا چمڪا هئا. باقي فقيرن جي در جي حاضري تہ سندس قسمت ٻڌجي چڪي آهي، جيڪا يا عمر هلندي رهندي، عاشق اهڙيون واٽون ڪو نہ ڇڏيندا آهن.

آئون نہ ڪو سياستدان آهيان، نہ ڪنهن درگاهہ جو غلام آهيان، نہ ڪو صوفي آهيان ۽ نہ وري مون کي گيڙو رتا ڪپڙا پاتٽا آهن. آئون تہ هن ننڍڙي دنيا جو عام ماڻهو آهيان، جنهن ۾ چڱايون گهٽ ۽ ڏنگايون وڌيڪ آهن. آئون تہ چاچي خوشونت سنگهہ وانگر اڪ جو ميرو ماڻهو آهيان. آئون پاڪستان ٽيليويزن جي اسڪرين تي جڪ ماريندو آهيان ۽ هر ايندڙ سرڪار جو هٿ ٻڌو پگهاردار نوڪر بہ آهيان. تنهن ڪري عاشقن جي هن قافلي ۾ ڪڏهين بہ شريڪ ٿيڻ جو ڪو بہ ارادو ڪو نہ ٿو رکان. پر مون کي ماسٽر شولو خوف جو ناول، ٽراٽسڪيءَ جي ڏاڙهي، آئي چن (مرحوم) جي مرڪ، هُن سرائيڪي عورت جو جسم، پنهنجي زال نجمہ جي دل، پنهنجي لاپرواهي، ڪجهہ سنڌي اديب دوستن جون منافقتون، چام ساقيءَ جي استري ۽ شبير سولنگيءَ جي پيرن ۾ پيل چير وڻنديون رهيون آهن ۽ وڻنديون رهنديون.

(1999ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خودڪشي: قسم، ڪارڻ ۽ سماجي جوڙجڪ تي اثر

اڄڪلهه جيئن اخبار کولِ ته پاڻ مارڻ جون خبرون اصل زور ويٺو وٺيون آهن. ھِن ھِن ڏينهن ۾ 17، 18 ڄڻا پاڻ کي ڦوڪيو ڇڏين. ڄڻ انسان نه ٿيو ڪو سگريٽ هجي. ماڻهو خودڪشيءَ ڇوٿو ڪري. هيٺ ان سوال جي باري ۾ ڪجهه عرض رکجي ٿو.

## خودڪشيءَ جا طريقا:

خودڪشيءَ جا طريقا ڪجهه هن ريت آهن: (1) هڪدم پنهنجو پاڻ کي ڪنهن به نموني ختم ڪري ڇڏڻ. (2) مخصوص روايتي طريقي سان پنهنجو انت آڻڻ جهڙو هارا ڪاري، جنهن ۾ ڪو به جپاني اڳيان تلوار اڀي رکي، پنهنجي جسم جو ڦڦڙن جي وچ وارو حصو تلوار ۾ پوري زور سان گهچائيندو آهي، انهيءَ جي باوجود پويان بيٺل سندس پيو ساٿي تلوار سان سندس سر اڏائيندو آهي. تنهن جي پويان ٿيون ماڻهو وري ٻئي ماڻهوءَ جو تلوار سان سر اڏائي هليو ويندو هليو ويندو آهي. جپان جي مشهور ليکڪ يوڪيوشيما پنهنجي ملڪ جپان کي آمريڪا جو غلام بڻجندو ڏسي 1970ع ۾ ائين خودڪشي ڪئي. ساڳيءَ طرح آفريقا جي ڪجهه قبيلن ۾ به مخصوص طريقي سان خودڪشي ڪئي ويندي آهي. (3) سلو پوائزن وانگيان خودڪشي ڪرڻ. جنهن ۾ ماڻهو پنهنجيءَ زندگيءَ کان تنگ ٿي چاٽندي ڪري به خوفناڪ قسم جا نشا پتا ڪندو آهي ۽ اُهي نشا ڪيس چاليهن ورهين جي ڄمار کان اڳ ۾ ختم ڪري ڇڏيندا آهن. ڳائڻ جي مشهور ٽولي بيٽلز جي ڪجهه فردن ائين ئي خودڪشي ڪئي. ڪجهه سوانح نگارن جو خيال آهي ته فرانس جي مشهور ليکڪ سارتري به ائين خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جو هو روزانه 60 ڪن نشي جا ڏرگس وٺندو هو، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس جسم جي ڪيمسٽري ايڏي مضبوط نڪتي جو هو 72 سالن جي ڄمار کي پهچي ويو. هونئن ته هن قسم جي خودڪشي گهٽو ڪري ڳائڻا ڪندا آهن. (4) هڪ قسم اجتماعي خودڪشيءَ جو به هوندو آهي. جيڪو انقلابن جي صورت ۾ ڪيو ويندو آهي. وڏيڪ ڏسو ايلياس ڪينيٽيءَ جي ڪتاب "ميڙ ۽ سياسي سگهه" (Crowds and Power). منهنجي خيال ۾ جيڪي سنڌي سورما هڪ ٻئي کي پٽڪن ۾ ٻڌي جنگ وڙهيا هئا، اهي به اجتماعي خودڪشي هئي.

## خودڪشيءَ جا ڪارڻ

اهي ته ٿيا خودڪشي جا قسم. هاڻي اچون ٿا خودڪشيءَ جي ڪارڻن تي. جيڪي هن ريت آهن: (1) وراثت: جيئن شگر جي بيماري ۽ ڪجهه ٻيون بيماريون ماڻهوءَ کي وراثت ۾ ملنديون آهن. تيئن ڪجهه ماڻهن کي خودڪشي به وراثت ۾ ملندي آهي. انهيءَ قسم جي خودڪشيءَ کي نسلي بيماري ڪري ليکيو آهي. (2) ماءُ پيءُ جو ڏاڍ: هن صورت ۾ ماءُ پيءُ يا ڪو سنياليندڙ ننڍپڻ ۾ ئي ٻارن جي سيني ننڍڙين ننڍڙين خواهشن تي لت ڏيندو آهي ۽ سندن فطري آزاديون محدود ڪري ڇڏيندو آهي ته ان صورت ۾ تقريباً 10 سالن کان وٺي 18 سالن جي ڄمار جو ٻار زندگيءَ کي بيڪار سمجهي خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي. انهيءَ قسم جي خودڪشيءَ جا ڪجهه مثال منهنجي سامهون آهن. پر بيان نٿا ڪجن. (3) عشق: نفسياتي قسم جي هن صورت ۾ ڪو نوجوان پنهنجي محبوبه کي نه پائي يا ڪا نوجوان ڇوڪري پنهنجي محبوب کي نه پائي يا ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي کي نه پائي زندگيءَ کي بيڪار سمجهي انت آڻيندا آهن. هن قسم جي خودڪشي سائوٿ ايشيا جي ملڪن ۾گهڻي پاتي وڃي ٿي. ماضيءَ ۾ به ۽ حال ۾ به. (4) آدرشن جو ٽٽڻ: ڪجهه ماڻهو پنهنجن آدرشن، خاص ڪري سياسي آدرشن کي ٽٽندو ڏسي همٿ هاري ويهندا آهن ۽ دنيا کي بيڪار سمجهي خودڪشي ڪندا آهن. (5) رشتن جي پيچ ڦاهه: هن صورت ۾ ڪنهن به عمر جا ماڻهو پنهنجن خراب ٿيل گهريلو حالتن کي ڏسي، پنهنجي ڪائنات کي ڊهندو ڏسي خودڪشي ڪندو آهي. هن حالت ۾ ڪو ڪو ماڻهو گهر جا ڀاتي قتل ڪري، ڦاسيءَ تي چڙهڻ جي صورت ۾ به خودڪشي ڪندو آهي. (6) جوش: نفسياتي قسم جي هن خودڪشيءَ ۾ ٿوري به ڳالهه تان چڙي ڪو به ماڻهو خودڪشي ڪري وجهندو آهي، جيتوڻيڪ سندس اڳ ۾ ڪو اهڙو ارادو نه هوندو آهي. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خودڪشيءَ کي اتفاقي خودڪشي بہ سڏي سگھجي ٿو. (7) بوريت: اهڙي قسم جون خودڪشيون گھڻو ڪري سڪين ستابن ملڪن ۾ ٿينديون آهن، جهڙوڪ سئيڊن ۽ آئيس لينڊ وغيره. اصل ۾ ماڻهوءَ جون جڏهن سڀ خواهشون پوريون ٿينديون آهن تہ پوءِ هو زندگيءَ جي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي ڪا واٽ نہ ڏسي يڪسانيت ۽ بوريت جو شڪار ٿيندو آهي ۽ ڪيس ڪا شئي نہ وڻندي آهي، نتيجي ۾ هو خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي. (8) اقتصاديات: هن خودڪشي جو بنياد سراسر خارجي آهي. هن صورتحال ۾ بيروزگاري ۽ مالي مجبورين هٿان مجبور ٿي ماڻهو ٻئي ڪا واهہ نہ ڏسندو آهي ۽ هڪ ڪليل رستي ڪرائيم ڪرڻ جي بدران خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي. اڄ ڪلهہ اسان وٽ هن قسم جون خودڪشيون وڌي ويون آهن. (9) ڊڪٽيٽر شپ: هيءَ بہ ٿپ خارجي سبب آهي. ڊڪٽيٽر شپ ٻن قسم جي ٿيندي آهي. (الف) ون پارٽي ڊڪٽيٽر شپ ۽ (ب) شخصي ڊڪٽيٽر شپ (Autocracy)، اها سياسي صورتحال ماڻهو جي نفسياتي توڙي سماجي ۽ اقتصادي حالتن تي دٻاءُ وجهندي آهي. نتيجي ۾ گھٽيل ماحول ۾ رهندڙ ماڻهن مان ڪافي ماڻهو خودڪشيون ڪندا آهن. ون پارٽي ڊڪٽيٽر شپ ۾ تہ اهي خودڪشيون لڪي وينديون آهن، پر شخصي ڊڪيٽيٽر شپ ۾ پڌريون ٿي پونديون آهن. هن صورتحال ۾ گھڻو ڪري اُهي ماڻهو خودڪشيون ڪندا آهن، جن کي پنهنجي ملڪ ۽ ملڪ جي ماڻهن جو فڪر هوندو آهي يا خود ظلم جو نشانو بڻبا آهن. (10) اجتماعي محرومي: جڏهن سياسي حالتون خراب ٿي وڃي انهيءَ حد تائين پهچنديون اهن تڏهين ماڻهن جو وڏو گروهہ يا علائقو محروميءَ جو شڪار ٿيندو آهي تہ انهيءَ احساس هيٺ اڃي ڪجھہ ماڻهو خودڪشيون ڪندا آهن. (11) بدامني: هن صورتحال ۾ ڪيترائي ماڻهو جان، مال، ملڪيت، گھرٻار ۽ عزت وڃائي ويهندا آهن تہ نتيجي ۾ خودڪشيءَ جي دروازي تائين پهچي ويندا آهن ۽ خودڪشي ڪري ڇڏيندا آهن. (12) ريتون رسمون: اسان وٽ ڪيتريون ئي اهڙيون ريتون رسمون آهن جن ۾ ڪمزور ۽ غريب ماڻهو ظلم جو نشانو بڻجي ٿو. جنهن ۾ خاص ڪري عورت ذات کي ظلم جو تمام گھڻو نشانو بڻايو ويو آهي ۽ ماضي ۾ جيڪي خودڪشيون ٿينديون رهيون آهن، انهن مان 75 سيڪڙو عورت ذات خودڪشي ڪئي آهي. عورتون ڳچيءَ ۾ رسو وجهي ٽنگجي خودڪشي ڪنديون رهيون اهن يا وري کوهہ ۾ ٽپو ڏيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو سلسلو اڃا ائين جاري آهي. (13) ثقافتي ٽڪراءُ: ڪميونيڪيشن وڌي وڃڻ جي ڪري مغرب جي ڪلچر جو مشرق جي ڪلچر سان ٽڪراءُ ٿيو آهي، ائين ئي شهر جي ڪلچر جو ٻهراڙيءَ جي ڪلچر سان ٽڪراءُ ٿيو آهي. ثقافتن جي انهيءَ ڀڃڪڙ ۽ ويڙهه اسان جا ڪيترائي قدر ٽوڙي وڌا آهن. ٽٽل قدرن هڪ اهڙي معاشري کي جنم ڏنو آهي. جن ۾ ٻين نقصانن سان گڏ خودڪشيءَ جي رجحان کي به وڌائيو آهي. (14) خودڪشيءَ جو گليمر: هي جديد نثر، شاعريءَ پڙهڻ ۽ ڊراما ڏسڻ سان پيدا ٿيو آهي، هن ۾ ڪيسٽن تي آيل ڪيترا مايوسيءَ وارا ڪلام به اچي وڃن ٿا. جيڪي ٻڌڻ سان ٻڌڻ واري جو من سرڪندو آهي ته هو پڻ خودڪشي، ڪري پوئيان پنهنجن قدمن جي نشانن کي ڇڏي وڃي. اصل ۾ خودڪشي ڪندڙ جو اهو قدم رومانويت جو هڪ روپ هوندو آهي. (15) ماڻهن جي ڇُرڪ: جڏهن ڪنهن هنڌ يا ڪنهن گهراڻي يا وري ڪنهن هڪ ئي ڏنڌي سان ٻڌل فردن جي گروهه جا پنهنجا ڪي مسئلا پيدا ٿي پوندا آهن ته ڪجهه نيم سياسي ۽ نيم سماجي ورڪر ڪين اهي هُشيون ڏيندا آهن ته سندن خودڪشيءَ سان گهٽن جا مسئلا حل ٿي ويندا. هشي ڏيندڙ ماڻهن جو خيال هوندو آهي ته جن ماڻهن کي هشي ڏني پئي وڃي، سي شايد مڪمل خودڪشي نه ڪن، پر ماڻهو چرچ تي لڳي خودڪشيءَ ڪري وڃهندا آهن. هيءَ خودڪشيءَ گهڻو ڪري پنهنجو پاڻ کي ساڙڻ جي روپ ۾ ڪئي ويندي اهي. (16) جسماني معذوري: اصل ۾ ماڻهو کي گهٽيون اهڙيون بيماريون ٿينديون آهن، جن جو علاج نه ٿي سگهندو آهي ۽ جي ٿي به سگهندو آهي ته ڪيترائي ماڻهو انهيءَ علاج جو خرچ پري نه سگهندا آهن. اسان وٽ اسپتالن جو اهڙو ڪو خاص نظام ناهي. ماڻهوءَ کي جڏهن پڪ ٿي ويندي، آهي ته بستري تي ليٽئي ليٽئي، پاڻ تڪليفون سهي ۽ گهر جي ٻين ياتين کي به تڪليف ڏيئي هيءُ جهان ڇڏڻو آهي ته پوءِ اهو ماڻهو هڪدم پنهنجي ۽ ٻين جي جان ڇڏائڻ لاءِ خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي. سنڌ ۾ هڪ ٻئي به مصيبت آهي ته جيڪو ماڻهو ڪن بيمارين يا انهن بيمارين کان بچڻ وارين ڪجهه دوائن وٺڻ ڪانپوءِ پنهنجو پاڻ کي نامرد سمجهندو آهي ته هيءَ دنيا ڪيس اونداهي نظر ايندي آهي ۽ هو خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي. (17) ناسٽلجيا: گذريل ڪجهه سالن ۾ سنڌ ۾ ڏنڌي ڌاڙيءَ ۽ نوڪريءَ ٽوڪريءَ سانگي ماڻهن ۾ وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي آهي. ماڻهو پنهنجا راڄ ڀاڳ ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين هنڌن تي وڃي آباد ٿيا آهن. انهن سان ٽي مسئلا پيدا ٿيا آهن. (الف) ٻين ماڻهن ۾ رهي ڪري تنهائيءَ، اوپرائپ ۽ عدم تحفظ جو احساس. (ب) پنهنجي راڄ ڀاڳ جي اُڪير ۽ (ج) اُهي ساڃيا ماڻهو جڏهن ڪن خاص موقعن تي پنهنجن راڄن ڀاڳن ڏانهن موٽن ٿا ته اُتي ڪين نه اهو ماحول ٿو ملي ۽ نه اُهي ماڻهو، جيڪي هنن راڄ ڀاڳ ڇڏڻ وقت ڇڏيا هئا. اُهي ٽيئي ڳالهيون گڏجي ماڻهن ۾ ناسٽلجيا ڏانهن ڇڪين ٿيون ۽ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي نه گهر جو ٿو سمجهي نه گهاٽ جو. انهيءَ مايوسيءَ ۽ تنهائيءَ جي ڪري به ڪو ڪو ماڻهو خودڪشيءَ ڏانهن وڌي ٿو، هن صورت ۾ سالن ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ خودڪشي ٿئي ٿي.

خودڪشيون اڳي به ٿينديون رهيون آهن، پر اڳي ماڻهن کي انهن خودڪشين جي خبر نه پوندي هئي. جڏهن ته هاڻي ميڊيا جي واڌاري سببان خودڪشيون لائيم لائيٽ ۾ اچي ويون ۽ ڪنهن سمجهو ماڻهوءَ لاءِ پريشانيءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. بهرحال خودڪشيءَ جا جيڪي به ڪارڻ آهن، اُهي هن اسمن ۾ مختصر ڪري سگهجن ٿا. (1) نفسياتي، (2) سماجي، (3) اقتصادي، (4) سياسي، (5) صحت.

## خودڪشيءَ جا سماجي جوڙجڪ تي اثر

جيتري قدر خودڪشيءَ جي سماجي جوڙجڪ تي اثر پوڻ جو تعلق آهي ته اسان وٽ گذريل ٻن، ٽن سئو سالن ۾ خودڪشي هڪ انفرادي فعل رهندو پئي آيو آهي، انهيءَ ڪري خودڪشي سڄي سماجي جوڙجڪ تي اثر وجهڻ جي بدران ڪجهه خاندانن تي اثر ڇڏي ٿي. تنهن ڪان پوءِ خودڪشي ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان ڪري ٿو. جيتوڻيڪ پلي ڪٽي انهيءَ جو ڪارڻ سماجي يا گهڻن ماڻهن سان لاڳاپيل هجي ٿو. پر پوءِ به هيءَ عمل سماج تي ايڏو ڪو اثر نٿو ڇڏي، جيڏو ڪرائيم ۽ ڪرپشن ڇڏين ٿا.

دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ پيدا ٿيل ڪنهن به قسم جي مسئلن جا ٻه حل آهن. (1) خود سماجي يا اقتصادي يا ٻين بيمارين جي حل اجتماعي بيماريءَ جي تشخيص آهي. مرض جي تشخيص خود پنهنجيءَ جاءِ تي حل آهي. (2) ماڻهن ۾ پکڙيل ڪنهن به قسم جي اجتماعي بيماريءَ جي حل جو ٻيو قدم ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ آهي. جيڪا انفرميشن جي ذريعي ئي پيدا ٿي سگهي ٿي. باقي حڪومتن کي عرض ڪرڻ. ويا ڪياڻ ڏيڻ يا نصيحتون ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪجهه بہ نہ ورندو. انفرميشن ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪري ٿي ۽ پوءِ ماڻهو پنهنجين حالتن مطابق انهيءَ جو حل ڳولي سگهندا. چاڪاڻ تہ ماڻهو پنهنجين حالتن کان جيترو پاڻ واقف هوندا آهن، اوتر ڪو بيو واقف نہ هوندو آهي. خود "علم" بہ طرفو وهڪرو آهي. علم ڏيندڙ رڳو ڏئي ڪو نہ ٿو. پر علم پرائيندڙ کان حاصل بہ ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪو عوام کي ٻڪرين جو ولر ٿو سمجهي تہ اهو پاڻ لکين ڪروڙين ٻڪرين مان هڪ معمولي قسم جي ولر ۾ گم ٿيل ٻڪري آهي. اجتماعي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڏس ۾ عوام هڪ خاص وقت ۽ خاص حالتون چونديندو آهي. سڄيءَ دنيا جي ملڪن جو عوام پنهنجي پنهنجي حالتن مطابق مختلف موقعن تي پاڻيءَ وانگر اٿلون ڪائيندو رهيو آهي ۽ اٿل ڪائڻ کان پوءِ پنهنجين غلطين تي بہ نظرثاني ڪندو پئي آيو آهي. باقي ليڊرڪ. جرنلسٽ ۽ سياستدان وغيره تہ صرف انفارميشن پهچائيندڙ ڪبوتر آهن، جن جي ڳلي ۾ چٺي ٻڌل هوندي آهي.

(1999ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خبر چار ۽ اخبار

وقت جا پنهنجا وارا ڇمارا ٿيندا آهن. اهو ٻه اڪين سان ڏٺوسين ته همراهه صبح جو سوير جيستائين چانهن جو وڏو ڪٽل اڳيان رکي ٿي چار ڪوپ نه رهڙيندو هو، تيستائين ست خٽر لڳا پيا هوندا هئا. پر جيئن ئي همراهه جي پيٽ ۾ چانهن پوندي ويندي هئي ته اڇي هورا ڪورا ڪٽندي هيس ۽ پيٽ ۾ آنڊ مانڊ شروع ٿي ويندي هئس. پوءِ ڪرو ڪٽي وٺي جهنگ ڏانهن ڊوڙ ڪندو هو ۽ اُتان واندو ٿي، مڇون وٽيندو، ڪلندو ڪڙڪندو واپس ٿيندو هو، ڇڻ ڪو ڪيپ ڪٽيو پيو اچي. ڪو همراهه وري پتي جي ٻيڙيءَ يا ڦڦڙ ڦاڙ سستي سگريٽ جو عادي هوندو هو ته آخري سوٽو هٽي وٺي جهنگ ڏانهن لُوهه ڪندو هو ته پوءِ دنيا جي ڪا ٻه طاقت ڪيس روڪي نه سگهندي هئي.

خدا جي قدرت آهي جو اڄڪلهه اڇي شهر جي اهڙن گهرن ۾ پيا آهيون جن لاءِ منهنجي ئي ٽيلي ناٽڪ سيريل ”ڪاروان“ جي هيروئن سڪان (هما اڪبر) ڊائڪي گاڏڙ اُردوءَ ۾ چيو هو، ”هڻ ته سهي، دروازو، تنهن جي پويان دروازو ۽ تنهن جي پويان دروازو، هٽ ته رڳو دروازا ئي دروازا پيا ڏسڻ ۾ اچن. ڪو انسان ته نٿو نظر اچي.“ سو گهڻين دروازن وارن انهن گهرن ۾ وريو اها پيا رنگ ڏسون ته همراه ڪي جيستائين صبح جو سوير اخبار هٿن ۾ نٿي اچي تيستائين همراهه اَڙيو پيو هوندو . پلي ڪٽي ماتلي جو جلاب پياريوس ته ٻه همراهه ڦٽڪندو ته پيو، پر غسل خاني ڏانهن ڊوڙ ڪا نه پائيندو. اخبار جي هاڪر کي هٿ ڪٽي وينو پٽيندو. پر جيئن ئي اخبار هٿ ۾ پهچنديس ۽ جيئن اخبار پڙهندو ويندو، تيئن ئي پيٽ ۾ ڪلاشنن جا برسٽ شروع ٿي ويندس ۽ پوءِ وٺي غسل خاني ڏانهن ڀڄندو. لڳي ٿو ته اخبار ٻه ڪو وڏو نشو ٿي پيئي آهي. باقي جيڪي همراه اخبار پڙهڻ سان بلڊ

وارن جيڪي ويهين صديءَ جون اهم ترين شخصيتون چاڻايون ته اهي پڙهڻ کانپوءِ لڳو ته گذريل صديءَ ۾ چڙ سپ ڦاڙها آمريڪين ماريا. باقي ٻين ملڪن جي ماڻهن رڳو منهن ۾ ڌوڙ پئي پاتي. بادشاهه ماڻهو آهن. ڪين ڪير جهلي!

چوڻ وارا چون ٿا ۽ لکڻ وارا لکن ٿا ته سرد جنگ دوران توڙي انهيءَ کانپوءِ وڏين اخبارن مان رڳو فرانسيسي اخبار ”لي موندي“ صحيح معنيٰ ۾ غيرجانبدار اخبار رهندي پئي آهي، جنهن لاءِ اوريانا فيلاسيءَ جهڙي صحافڻ پنهنجي جواني ڳاري ڦتي ڪئي.

صحافت جي دنيا ۾ ٽيون دوڙهيو ايشيا مان ٿيو، جيڪو هڪ عرب سڳوري ڪيو. نالو اٿس محمد هيڪل. ايران جي انقلاب کان سنت ئي پوءِ سندس ڪتاب "Return of Ayotullah" (آيت الله جي واپسي) شايع ٿيو، جيڪا هڪ رپورٽ هئي. ڪتاب ۾ اٺڻ سان امام خميني جي صبح سوير ايران ۾ آمد وقت اُتليل خلق ۽ آمريڪي سفارتخاني کي گهيرو ڪندڙ شاگردن جو ذڪر اچي ٿو. محمد هيڪل جڏهين اهو ذڪر ڪري ٿو ته ايئن ٿو لڳي ته سندس قلم ڪو ٻرندڙ جبل آهي، جنهن مان باهه جو درياءُ اٿلي پيو هجي. انهيءَ دوران اٿلي جي محترمه اوريانا فيلاسيءَ جا فرانسسي اخبار ”لي موندي“ لاءِ ورتل دنيا جي مکيه سياسي شخصيتن جا انٽرويو، انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي ڪتابي صورت ۾ "Interview with history" (تاريخ کان ورتل انٽرويو) ۽ Egoists(پنهنجي ناڙيندڙ شخصيتون) شايع ٿيا، جيڪي هت به ڪيترن ئي ماڻهن پڙهيا ۽ ڏندين آڱريون اچي وين. ڪجهه انٽرويو سنڌيءَ ۾ به ترجمو ٿيا، پر انهن ترجمن کو رنگ نه ڏيکاريو. ڪنهن کي انهن انٽرويوئن ۾ ڪِهڙتو آهي ته قرب ڪري اهو انگريزي ترجمو پڙهي. انهن ڪتابن جي ڇپجڻ دوران انگريزيءَ جي معروف، پر گهٽ اشاعت رکندڙ ادبي رسالي ”گرانٽا“ ۾ ڪمبوڊيا ۾ لڳندڙ خانه جنگي جي باري ۾ دل کي ڏکائيندڙ رپورٽ "Killing fields" (موتمار زمينون) جي نالي سان ڇپي، جنهن تي هڪ عدد فلم به ٺهي آهي، جيڪا گهٽن يارن ڏٺي آهي. انهيءَ صحافيءَ جو نالو مونکي وسري ويو آهي ۽ پر جي خدا نٽو پلائي ته نالو اٿس جيمس فينٽن. اها رپورٽ، رپورٽ ته ناهي پر نجو ڦهر آهي. اڄ ڪلهه جنهن صحافيءَ جي سڄي دنيا ۾ لانگ پئي لڳي، اهو پاڻ پولش آهي ۽ سندس ڏکيو نالو آهي رِشيارڊ ڪاپوشنڪي. هن همراهه جي هر رپورٽ لک جي آهي، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس هڪ رپورٽ دنيا ۾ تاڙهيا مچائي ڇڏيا آهن، جنهن جو عنوان آهي"The soccer war" (فوٽ بال جيءَ راند تان لڳندڙ جنگ). جيئن اڳي سنڌ ۾ ڪڏهين ڪڏهين ملاڪڙن تان جهيڙو لڳندو هو ته همراهه هڪ ٻئي کي لٺيون هٽي ڏڙهي ڇڏيندا هئا. ايئن هيءَ ڪو جهيڙو ته نه هو، پر فوٽ بال جي ملاڪڙي تان باقاعدي جنگ هئي، جيڪا ”تون ڇا“، ”تون ڇا“ تان ٿيندي لٺڻن آمريڪا جي ٻن ملڪن ايل سلواڊور ۽ هونڊرارس جي عوام جي وچ ۾ لڳي ۽ پوءِ ٻنهي ملڪن جون فوجون به انهيءَ جنگ ۾ شريڪ ٿي ويون ۽ ٻئي ملڪ رت ۾ ٻڏي ويا. رشيارڊ ڪاپوشنسڪي هيستائين پنهنجي سر مٿان 50 ملڪن ۾ 27 انقلاب ۽ بغاوتون وسائي چڪو آهي ۽ چار ڀيرا ڦاسي تان لٿو آهي. هاڻي پيو پنهنجي قلم سان دنيا کي ٿانبا ڏئي. باقي هتي ڪجهه همراهه هتان هتان يا ايجنسين کان خبرون وٺي انگريزيءَ ۾ لکي پاڻ کي ”ترم خان“ سڏائيندا ٿا وتن، انهن کي ڪپي ته رشيارد ڪاپوشنسڪي جهڙن صحافين جا پير ڌوئي پيئن.

رهي ڳالهه هتان جي پريس جي آزاديءَ جي ته سرڪار طرفان اها وڏ ۾ وڏ آزادي جنرل يحيٰ جي حڪومت ۾ مليل هئي. پر هت اسان وٽ ته حڪومت کان وڌيڪ اسان پاڻ لٺيون ڪٽيو هلون. هرڪو پنهنجو پاڻ لاءِ ته فڪري آزادي ته گهري ٿو، پر اهو ساڳيوئي شخص اختلاف راءِ جو حق نٿو ڏئي. پهرئين ته ڪپي اسان هڪ ٻئي کي قلم هلائڻ جي اجازت ڏيون، پوءِ سرڪار کان آزادي گهرون. فڪري آزادي ته هڪ صورتحال آهي، جيڪا اسان پاڻ کي هڪ ٻئي کان وٺڻي پوندي. پوءِ وڃي قصو ٺهندو ۽ ڳاڻو رڙهندو.

بي بي سي ريڊيو جي هندي سروس ۾ ڪڏهن ڪڏهن پراڻا ورتل انٽرويو به نشر ڪيا ويندا آهن. پاڻ به هڪ اهڙو انٽرويو ٻڌو، جيڪو پنڊت روي شنڪر جو هو. انهيءَ انٽرويو ۾ جڏهن روي شنڪر کان پڇيو ويو ته ”اوهان جو پاپ ميوزڪ جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ تنهن تي روي شنڪر جواب ڏنو ته ”آئون بنياد پرست ناهيان، پنهنجي ڪلاسيڪل سنگيت جي پسند کي پاپ ميوزڪ وارن تي مڙهڻ نٿو چاهيان. نوجوان ڳائين ٿا، نوجوان ٻڌن ٿا، ڀلي وڃي موجون ڪن. آئون ڇو ڪنهن جي واتن تي هٿ ڏيندو وتان. جنهن کي جيڪو رس وٺي. اهو آزاد آهي.“ ته اصل فڪري آزادي اِها آهي.

اسان وٽ هڪ ٻيو به بحث ڪڏهين ڪڏهين ڇڙي پوندو آهي جنهن ۾ هڪڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چون ٿا ته ”جرنلزم هڪ پروفيشن آهي.“ ۽ ٻيا چون ٿا ته ”جرنلزم هڪ مشن آهي.“ انهيءَ بحث کي آئون ٻئي رنگ ۾ چوڻ ٿو چاهيان، جيئن اڳ ۾ ڇيڙيو ويو آهي. جرنلزم جي ڊيفينشن سنئين سڌي پيئي آهي ته ڪنهن به اخبار جو خريدار اسٽال تان اها اخبار وٺڻ جي بدران ٻيءَ اخبار ۾ وڃي هٿ وجهندو، جنهن ۾ خبرون گهٽيون هونديون. پوءِ اها ٻئي اخبار پلي ڪٽي ٻيءَ ٻوليءَ جي هجي. هر ماڻهو بازار مان اهوئي ڪپڙو وٺندو، جيڪو سٺو به هوندو ۽ سستو به هوندو. پوءِ دڪاندار پلي ڪير به هجي. ايئن ٽي ٽي وي ميڊيا جو سلسلو آهي. جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو پروگرام وٽندڙ نه هوندو ته هو چينل بدلائي ٻيءَ ٻولي جو وٽندڙ پروگرام ڏسندو ۽ اڳتي هلي هو ٻي ٻوليءَ جي وٽندڙ پروگرام جو عادي ٿي ويندو ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي پروگرام ڏانهن ڪونه موٽندو. جيڪو هڪ پيرو ٿاهه ڪائي ويندو، پوءِ موٽي اتي ڪو نه ايندو. ته اها ته دنيا جي هر ماڻهوءَ جي سائيڪي آهي ته شئي سٺي به ڏيو ۽ سستي به ڏيو. هلو سائين، اچو اندرين صفحن جي مضمونن تي. ڪافي ماڻهو تازين ۽ گهٽين خبرن سان گڏ اندرئين صفحن ۾ ڇپجندڙ ڪالمن ۽ مضمونن کي پڙهڻ جا شوقين آهن ته انهيءَ لاءِ عرض ڪري ڇڏجي ته ميڊيا سان لاڳاپيل پوري دنيا انهيءَ ڳالهه تي متفق آهي ته ”سٺو مضمون اُهو آهي، جيڪو زندگيءَ جي ڪنهن به معاملي ۽ مامري کي اهڙيءَ طرح Explore ڪري. جو هڪ پاسي اهو مضمون انسان جي Aesthetic sense (جمالياتي حس) کي ڇُهي ته ٻئي پاسي اهو ساڳيو مضمون پڙهندڙ جي دماغ ۾ سوال ڪڙا ڪري ڇڏي. باقي معاملي ۽ مامري جو حل ڳولڻ پڙهندڙن جو ڪم آهي. مهرباني ڪري پڙهندڙ کي ڪڏهين به بيوقوف سمجهڻ نه گهرجي.“

ايئن جيڪڏهن ڪنهن سنڌي اخبار ۾ اهڙا مضمون نه هوندا ۽ تازيون گهٽيون خبرون نه هونديون ته اُها اخبار اسٽال تي پئي پئي دز ۾ لٽجي ويندي ۽ پڙهندڙ گراهڪ ٻيءَ اخبار ڏانهن هليو ويندو يا هاڪر کي سڌي سڌي ٻڌائيندو ته منهنجي گهر ۾ سڀاڻي کان اها اخبار نه پر ٻي فلاڻي اخبار اچلائي وڃج.

آخر اسان جي پڙهندڙ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. جو اڻ وٽندڙ شئي سندس مٿي ۾ هٽندا وتون؟ آخر سنڌي ٻوليءَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو سنڌي ٻوليءَ ۾ گراهڪ جي پسند جي اخبار نه نڪري؟

(2000ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪرڪيٽ، جواري ۽ ميڊيا

هڪڙو زمانو هوندو هو جو ملهن جي ڦهو ڦهه هوندي هئي ۽ ذات همراه ملهه ڏسڻ جي شوق ۾ ٻڏو پيو هلندو هو. مٿي تي وائلي يا بوشڪيءَ جو ڦهيڙ پٽڪو، هٿ ۾ ڪڙيائين لوڙهه، ٻارهن ٻارهن والن جي هرڪ جي سٿڻ، پيرن ۾ چيچٽ جُتي، اکين ۾ اڌ پاءُ سرمي جو ۽ ميڇون سڻ جي ڪانٽي تي رکي ڳوٺ مان نڪرڻ وقت همراهه هوڪا ڏيندا ويندا هئا ته ”هلندو ڪو ملاکڙي تي.“ جنهن کي ملاکڙي تي وڃڻ جو شوق ڪو نه هوندو هو. اُهو ٺوڪ هٽندي چوندو هو، ”هلندي ڪا ٺندي.“ انهيءَ زماني ۾ وڏا وڏا زميندار ملهن کي پاليندا هئا ۽ ڪيتريون ئي جوانڙيون ملهن کي ڏسڻ بنا، پر پٺ مٿن تي اکن چڪن هونديون هيون. انهيءَ زماني ۾ ملهن جا نالا اڻ ڏٺين جوانڙين سان پڙ ڪندا هئا. ملهه جي ميدان تي دهلن جا ٺڙڪا هوندا هئا، وڏيرا ۽ ننڍا صوبيدار (ASI) اڳيان ڪرسيون رکائي، ڪرسين تي ٺُوهه ٿي ويهي ٿري ڪئسل جا سگريٽ پنجين نمبر ۾ جهلي وينا سوٽا هٽندا هئا. سندن پويان خلق جي ڳپاڳيهه لڳي پيئي هوندي هئي. ڪي همراهه پنهنجي ڍڳي ڳاڏين تي چڙهي بيٺا هوندا هئا ۽ ڪي خفتي وري آسپاس بيٺل وڻن جي ڏارن تي چڙهي وڏي آرام سان ويهي ملهه ڏسندا هئا. جڏهين ملاکڙو ٺٺندو هو ته هرڪو پنهنجي پنهنجي پسند جي ملهه جي گرن جي باري ۾ نثر ۾ قصيدا ڳائيندو نظر ايندو هو ۽ پوءِ هفتو ڪن پيا ملهن جا قصا هلندا هئا. ڪڏهن ڪڏهين ملاکڙو هلندي ڪو ڪُپت ڪندو هو ته ٻن ڏرين جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پوندو هو ۽ ڪڙيائين لوڙهين جا هڪ ٻئي تي ٺڙڪا پئجي پوندا هئا. جهيڙو مچندو ڏسي ننڍو صوبيدار مڇ کي وٽ ڏيئي پوليس وارن کي هڪل ڪندو هو. پوليس وارا لڪڻ ڪٽي جهيڙي ۾ ڪاهي پوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ جلد ئي امن امان جي صورتحال بحال ٿي ويندي هئي. پر هڪ اڌ ڏڪيل همراهه پٽيءَ لاءِ اسپتال پهچي ويندو هو. شڪر رب جو، جو انهيءَ زماني ۾ ڪلاشن جهڙي ڪا بلا ملڪ ۾ نه هوندي هئي. نه ته ڪر اهڙو ئي حشر ٿئي ها، جهڙو اڄڪلهه فوٽ بال راند تان دنيا ۾ ٿيندو آهي.

هن وقت ملهه جو زور ٽٽي چڪو آهي. ملهه جي جاءِ تي ڪرڪيٽ راند جي ٽڙوٽڙ لڳي پيئي آهي ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ شير مير بحر جي جڳهه شگر جو مريض وسيم اڪرم والاري چڪو آهي. راڄن جا راڄ گهرن ۾، اوطاقن تي ۽ هوٽلن ۾ ٽي وي سيٽن جي اڳيان ويهي، چاڙين تي هٿ رکيو، ٻاڪو ڦاڙيو ويٺا نظر ايندا آهن. هڪڙي هڪڙي بال تي سندس ساهه هيٺ مٿي پيو ٿيندو آهي يا ايئن ڪٽي چئجي ته همراهن جو ساهه مٺ ۾ هوندو آهي. ڪرڪيٽ نه ٿي ڪا جنگ ٿي.

سچي ڏکڻ ايشيا ۾ جيتريون نوجوان ڇوڪريون ڪرڪيٽرن تي عاشق هونديون آهن، ايتريون ٻئي ڪنهن ٻه فيلڊ جي اسٽارس تي عاشق نه هونديون آهن. پرپٺ ملهن سان عشق ڪرڻ جا زمانا ويا. ڀارت ۾ جيترو رڻ سچن ٽنڊولڪر تي مٿل آهي، اوترو شاهه رخ تي مٿل ناهي. چوڻ وارا چون ٿا ته مرائي زبان جي شاعر ۽ اديب جي گهر ۾ پليل هئڻ جي ڪري ۽ ٻال سان گڏوگڏ ڪارائتن لفظن جي معنائن کي سمجهڻ وارو سچن ٽنڊولڪر پنهنجي جٺگوار ڪار کي ڀڃائي ڀارتي ڇورين کي جند ڇڏائيو وڃي. البت ڪجي لهجي ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ اڃڻ جاڙيجو آف جام ننگر ”جيڪا آئي سا اڳهي“ تي لٽل آهي. هتي اسان وٽ شعيب اختر ٻاڊي ٺاهڻ ۾ پورو آهي ۽ 10 پائرن پيٽن پائرن جو ٻارهون پاءُ يا گهر جي گيم ٽيم جو ٻارهون رانديگر. شاهد آفريدي پٽس جي موڇڙي ۾ آهي ۽ خانصاحب مٿانئس لٺ کٽيو بيٺو آهي ته. ”ڇورا جي ڪريو آهين ته ماري ماري ڀَت ڪري ڇڏيندو سانءِ.“

هاڻي اڇون ٿا اهم مسئلن ”مئچ فڪسيشن“ ۽ ”سٽي بازيءَ“ تي ته انهيءَ ٻنهي ۾ فرق ڪهڙو آهي. انهيءَ لاءِ پاڻ کي وري ملهن جي پٺ وٺڻي پوندي. جنهن زماني ۾ ملهه عروج تي هوندي هئي ته ڪڏهين ڪڏهين پهلوان پاڻ ۾ ”صلاح ڪري“ ملهه وڙهندا هئا ته ”پائو الف خان، پهرئين ملهه منهنجي ٻئي ملهه تنهنجي.“ يا وري ”پائو ب خان اڄوڪو ملاکڙو منهنجو، ايندڙ ملاکڙو تنهنجو.“ انهيءَ ”صلاح ڪري ملهه وڙهڻ“ جي عمل کي ڪرڪيٽ جي دنيا ۾ ڇٺبو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ميچ فڪسيشن.“ اهڙي ساڳئي طرح ملهن تي شرط لڳندا هئا. هڪڙو خفتي ٻئي خفتي سان تاڙو تاڙي تي هٽي چوندو هئو تہ ”جي ملهہ ڪٽي الف خان تہ منهنجي جوڙي ڏڳن جي آئي توکي. پر جي ملهہ ڪٽي ب خان تہ تنهنجي جوڙي ڏڳن جي ٿي منهنجي.“ انهي کي ڪرڪيٽ جي دنيا ۾ ”سٽي بازي“ چئبو آهي. هت ڏک جي رڳي ڳالهہ اها آهي تہ جواري يا سٽي باز پنهنجي ڪيل زبان سان اڳ بہ سچا هئا ۽ هاڻي بہ سچا آهن. جڏهين تہ ڏسٽا وائسٽا ماڻهو پڙهيا لکيا ماڻهو هڪڙي ڏينهن واعدو ڪندا آهن ۽ ٻئي ڏينهن پنهنجي واعدي تان ڦري ويندا آهن. جواريءَ جي زبان تي اعتبار تہ ڪري سگهجي ٿو، پر ڪنهن بظاهر اشراف ماڻهوءَ تي اعتبار ڪرڻ جي بدران چڱو آهي تہ ڪتو وڃي ڪائجي. اسان ماڻهن جو اخلاق تہ جوارين ڪان بہ ڪريل آهي. بهرحال ”ميچ فڪسيشن“ ۽ ”سٽي بازي“ جو اهو فرق آهي.

ميچ فڪسيشن جي باري ۾ اسان وٽ وڏو ڀڙڪ گذريل ورلڊ ڪپ ڪان پوءِ متو، جڏهين فائنل ۾ پاڪستان آسٽريليا ڪان ڏاڍين خراب حالتن ۾ ميچ هارائي. ٻين صوبن سان گڏوگڏ سنڌ ۾ بہ انهيءَ ميچ هارائڻ ڪان پوءِ شرطن ۾ هنيل ماڻهن جا لکين روپيا ٻڏا. پوءِ ڪن پنهنجا مٿا ڪوڙائيا، ڪن جون دليون ڪم ڪرڻ ڪان جواب ڏئي ويون، ڪي بيهوش ٿي ڪري پيا، جن کي نرڙ تي ڪير جون تريون هٽي مالشون ڪري هوش ۾ آندو ويو ۽ ڪن جي اڳيان دنيا ۾ انڌ چائنجي ويئي. ڪي پٿر ڪٽي رانديگرن جا مٿا ڦاڙڻ لاءِ ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ تي پهچي ويا. اتان ئي پنيور کي اها باهہ لڳي تہ ”پاڪستاني رانديگر ميچ فڪسنگ جا ڏوهاري آهن ۽ ڪين اهو خون معاف ڪرڻو ناهي.“

جيڪڏهن اهي ساڳيا رانديگر فائنل کٽي اچن ها تہ ڪين گلن جا هار پاريا وڃن ها. پر اهي ساڳيا رانديگر جڏهين فائنل هارائي آيا. انهيءَ ڪري موچڙن جا هار لاڪائڻ تيار ڪيا ويا. سنڌي ۾ چوندا آهن ”ڪرئي جو ڪير ناهي.“ ايئن رات جي پيٽ ۾ ”هيرا“ ڦري ”ولين“ ٿي ويا. انهن ساڳين رانديگرن ساڳئي ورلڊ ڪپ ۾ جڏهين بنگلاديش جي ٽيم جهڙي ڪمزور ترين ٽيم ڪان هارائيو. تڏهن تہ ڪير بہ ڪو ڪڇيو. ڇو ڪو نہ ڪنهن رڙ ڪئي؟ سبب پڌرو پيو آهي تہ راند تي جوا ڪيڏندڙن انهيءَ راند تي شرط ڪونہ هنيا، ڇاڪاڻ تہ سيني کي خبر هئي تہ بنگلاديش هارائي ويندو. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ سٽي باز يا جواريءَ بنگلاديش جي حق ۾ شرط ڪانہ رکي. تنهن ڪري جوا تي ئي نہ سگهي. انهيءَ راند جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعي تي جوارين مان ڪنهن نہ ڪنهن کي ئي نہ ئي وري هارائيو. ڪنهن جو بہ ڪو نقصان نہ ٿيو. انهيءَ ڪري گوڙ نہ ڪيو ويو تہ ڪا مئچ فڪسيشن ٿي آهي.

فائنل ۾ پاڪستان آسٽريليا ڪان ڇو هارائيو؟ انهيءَ تي عوام غور ڪرڻ جي اهل نہ ٿيو. ڇو سندن انگريزي ڪچي آهي. پر اسان جي ڇگن خاصن ماڻهن جي ڪنن تي جڏهين تيزيءَ سان فرفر ڪندڙ مختلف لهجن ۾ هلندڙ انگريزي پوندي آهي تہ اُهي انهيءَ کي جهڙي معنيٰ ڪڍي نہ سگهندا آهن يا وري هلندڙ ڪامينٽري تي ڌيان ڏيڻ جي بدران سڄو ڌيان اسڪرين تي هلندڙ راند تي ڏيو ويٺا هوندا آهن. هونئن بہ ٽي ويءَ جي مني اسڪرين اڄڻ ڪانپوءِ ڪنن ڪان وڌيڪ اکين ڪان ڪم وٺڻ جي اجتماعي نفسياتي ڪيفيت پيدا ٿي پئي آهي. اصل ۾ مٿي ويهي جيڪي جهونا جوڳي زباني ڪلامي ڳالهيون ڪندا آهن يا ايئن ڪٿي ڇئجي تہ جيڪي ساک وارا، تجربيڪار، رٽائر ٿيل ۽ ڪرڪيٽ جي راند ۾ هڪ هڪ بال تي لڳندڙ بئٽ جي ڌڪ ۽ فيلڊنگ تي گهري نظر رکندي ڪامينٽري ڪندا آهن. انهن جي زبان مان نڪتل هڪ هڪ لفظ ڌيان ڏيئي ٻڌڻ وٽان هوندو آهي. عام ماڻهو سندن راءِ تي ڪن ڏيڻ بدران پنهنجي ناڙي ويهي رهندا آهن. هتي اهو ڏسڻو آهي تہ ڪامينٽري ڪندڙ سياڻن ماڻهن ڇا ڇيو پوءِ ڳالهہ وجي ڇٽي بيهندي.

هڪ ڳالهہ تہ اها سامهون آئي تہ انگلينڊ ۾ ڪرڪيٽ جي وڏي ملاڪڙي جي موسم جون يا جولاءِ کان شروع ٿيندي آهي، پر ورلڊ ڪپ جو ملاڪڙو اپريل جي مهيني ۾ شروع ڪيو ويو. جڏهين اتي نسبتاً ٿڌ وڌيڪ هوندي آهي. جيڪا ڏکڻ ايشيا مان ايندڙ گرم ملڪن جي رانديگرن کي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي آهي ۽ جڏهين بہ ڪو سريلنڪا، پاڪستان ۽ ڀارت جو فيلڊر بيٽ مان نڪرندڙ بال کي جهپڻ يا روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ بال سندس هٿن کي ايئن اچي لڳندو آهي ڄڻ ڪيس هٿ ۾ وچون ڏنگ هنئي ويو هجي. انهيءَ ورلڊ ڪپ جي ملاڪڙي ۾ گورن کي سيني کان وڌيڪ ڊپ بہ سريلنڪا، پاڪستان ۽ ڀارت مان بيٺو هو تہ متان انهن ٽيمن کا ٽيم فائنل کٽي وڃي. گورن کي سڀ کان وڌيڪ ڊپ سري لنڪا جي ٽيم مان هو. ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ سري لنڪا وارا ورلڊ ڪپ جو اڳيون ملاڪڙو کٽي سيني جا ٽيا اونڌا ڪري ڇڏيا هئا ۽ ٻيو تہ سندن اڳئين ملاڪڙي کٽڻ جو ڪارڻ سندن فيلڊنگ هئي، جنهن ۾ سريلنڪا وارا بيٽ مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نکرنڊڙ بال کي ايئن جهٽ هٽندا آهن، جيئن باز آڙيءَ کي جهٽ هٽڊو آهي. ٻئي نمبر تي گورن کي پاڪستان جي ٽيم مان ڏپ هو، جنهن ٽيم لاءِ انگريزيءَ ۾ اها چوڻي مشهور آهي ته انهيءَ ٽيم تي ڪو به اعتبار ناهي. اها ٽيم ڪنهن به وقت مٽي چٽي سگهي ٿي ته ڪنهن به ملڪ جي سگهاري ۾ سگهاري ٽيم کي مٽي چٽائي، ڊوڙ ڪري ميدان ماري به سگهي ٿي. هن ٽيم جا آخري ڏهه اوور ڏاڍا خطرناڪ هوندا آهن. هن ڀيري ته پاڪستان جي ٽيم ۾ شعيب اختر جهڙو دهشت ڦهلائيندڙ بالر ۽ بال کي ٽانڊا ڏيندڙ شاهد آفريديءَ جهڙو بئٽسمين به پاڪستان جي ٽيم ۾ موجود هئا، تنهن ڪري ”رب خير ڪري“ واري حالت گورن جي اڳيان هئي. ٽئين نمبر تي ڀارت جي ٽيم مان خطرو هو، جنهن ۾ سچن ٽنڊولڪر، بنگالي ٽائيگر گنگولي ۽ راهل ڊريوڊ جهڙو ڳجهي مار ڪيندڙ بئٽسمين ۽ فيلڊر موجود هئا. ٽن طرفن کان خطرو محسوس ڪندڙ گورن اپريل جي ٽڌ ۾ ملاڪڙو شروع ڪيو ته جيئن فائنل تائين پهچندي گرم ملڪن جي انهن رانديگرن جا هٿ ۽ گوڏا سجائي وجهجن ۽ نتيجي ۾ گورن جي ڪا به ٽيم ملهه ماري وڃي. ٿيو به ايئن.

ڪامينٽري ڪندڙ سياڻن جي ٻي هڪ دلچسپ راءِ شاهد آفريدي جي باري ۾ به آئي، جنهن تي پاڪستان جي سينئر رانديگرن ڪن ڪونه ڏنو يا وري سمجهي نه سگهيا. سياڻن جو چوڻ هو، بلڪ رکي رکي رڙيون پئي ڪيائون ته آفريدي هڪ In-stinctive(جبلتي) رانديگر آهي. کيس رکي رکي سندس سينئر ساٿي جيڪي صلاحون ٽا ڏين، اهي صلاحون کيس ايئن ڪاري وجهنديون، جيئن ڪنهن شاندار گهوڙي کي اڻ چاڻ سوار ڪاري وجهندو آهي. سياڻن جي چوڻ جو مطلب اهو هو ته آفريديءَ کي قدرت طرفان هٿ ۾ وڇا مليل آهي. اهڙو رانديگر اڪيون پوري ڏک هٽندو آهي. پوءِ اهو ڪڏهن ٻڙي تي گوڏا کوڙي ويهي رهندو آهي ته ڪڏهن چوڪن ڇڪن جو مينهن وسائي مخالف ٽيم جا ڪن ڇپا، وات ڇپو ۽ ميون داپائو ڪري کيس وائڙو ڪري وجهندو آهي. اهڙو فطري رانديگر طبيعت جو سڌو سادو ماڻهو هوندو آهي، انهيءَ ڪري ٻين جي صلاح تي لڳي پنهنجي فطري رنگ مان نڪري پنهنجي اصليت وڃائي ويهي رهندو آهي ۽ پوءِ هو ڪڏهن به واپس پنهنجي رنگ ۾ موٽي نه سگهندو آهي. انگريز سياڻن جي چيل ڳالهه نيٺ اچي پير کوڙيا. جنهن آفريديءَ سري لنڪا جهڙي مضبوط ٽيم کي منهن ڏيندي 37 بالن تي سينچري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽي ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ ڇتو رڪارڊ ناهيو. اُهو آفريدي اڄڪلهه ٻاٽون ڪائي رهيو آهي. ٿيو اهوئي جيڪو ڪامينٽري ڪندڙ سياڻن چيو. هن وقت پٽين تي لڳل آفريدي جي تصويرن جي جاءِ شعيب اختر جون تصويرون والاري رهيون آهن. جيڪو ٻين جي صلاح تي لڳڻ بدران ڊوڙ جو ساڳيو فاصلو قائم رکيو اچي. اهو نوجوان بہ ڪنهن حد تائين Instinctive بالر آهي.

ڪامينٽري ڪندڙ سياڻن ورلڊ ڪپ جي ملاڪڙي جي آخر ۾ جيڪا سيني ڪان وڌيڪ ڪم جي ڳالهه ڪئي. اُها هئي تہ ورلڊ ڪپ جي فائنل تائين پهچندي پهچندي سخت تڏ ۾ بالن لڳڻ ڪري سعيد انور، انضمام الحق، اعجاز ۽ شاهد آفريدي زخمي ٿي پيا آهن. ڪنهن جو گوڏو سڄي پيو آهي، ڪنهن جي آڱر ڦٽجي پيئي آهي ۽ ڪنهن جو آڱوٺو سڄي پيو آهي ۽ ڪنهن جو هٿ ڪم ڪرڻ کان لاچار آهي. انهيءَ ڪري امڪان آسٽريليا جي ڪٽڻ جا موجود آهن. پر پاڪستاني ٽيم تي ڪو ڀروسو ناهي، ٿي سگهي ٿو تہ پاڪستان مخالف ٽيم جون ساريون اونڌون ڪري وڃهي. پر ٿيو اهوئي جيڪو چئن اهم ترين رانديگرن جي زخمي ٿيڻ ڪانپوءِ ٿيڻ گهرجي. تہ ايئن پاڪستاني ٽيم هارائي ويئي، جو ڪٽڻ سندن وس کان ٻاهر هو. رهي ڳالهه بنگلاديش کان هارائڻ جي تہ انهيءَ لاءِ هر ڪو سمجهي سگهي ٿو تہ اها هڪ ڊپلوميٽڪ هار هئي. سولي سنڌي ۾ ايئن ڪٺي چئجي تہ اسلام آباد مان پهتل ڪنهن سياسي حڪم تي ٻائرن کان هارائي ٻائرن کي ٽيسٽ ميچ کيڏندڙ ملڪن ۾ شامل ڪرائيو وڃي. اهوئي ڪارڻ هو جو اسلام آباد مان ملندڙ اهڙن حڪمن تي ڪاوڙجي وسيم اڪرم بيان ڏنو هو تہ ”آئون کهڙي قسم جو ڪئپٽن وڃي رهيو آهيان، جو مون کي اسلام آباد مان ملندڙ حڪمن مطابق راند ڪرائڻي ٿي پوي. ورلڊ ڪپ جا ڪئپٽن تہ اسلام آباد ۾ ويٺا آهن.“ وسيم اڪرم چڙ ۾ اچي بيان ڏيڻ جي بدران رڳو پنهنجي زبان بند رکي ها تہ پوءِ خلق تہ پيئي ڪاوڙجي ها. پر ”ميچ فڪسيشن“ جي جانچ جا دفتر ڪو نہ کلن ها.

هاڻي اچون ٿا هينسي ڪرونئي تي. انهيءَ هيستائين جيڪي بہ بيان ڏنا آهن ۽ سندس جيڪي بيان صحيح ڇپيا آهن، انهن جو حاصل مطلب اهو ٿو بيهي تہ، ”مون ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ ميچ فڪسيشن نہ ڪئي آهي، پر جن پارٽي سٽي بازن جي حوالي سان مون تي پارٽ وارن جي طرفان الزام لڳا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ کي برابر آئون سڃاڻان ٿو. مون کانئن جوا ۾ پندرهن هزار ڊالر کٽيا آهن، جيڪي مون وٽ گهر ۾ رکيل آهن. البت مون جيڪو کوڙ ڳالهايو هو، اُهو اهو هو تہ انهن پارٽي سٽي بازن سان منهنجي ڪا بہ ڄاڻ سڃاڻ ناهي. انهيءَ ڪوڙ تي آئون سخت پشيمان آهيان. مون پنهنجي شاندار حڪومت سان ڪوڙ ڳالهائيو آهي. انهيءَ ڪري ڪرڪيٽ تان هٿ کڻان ٿو.“ انهيءَ ساڳئي جملي کي ملھ جي ملاڪڙي جي خيال کان ايئن چئي سگهجي ٿو تہ ”آئون صلاح ڪري ملھ تہ نہ وڙهيو آهيان. باقي شرط هٽي ڏڱن جي جيڪا جوڙي ڪئي اٿم، اُها منهنجي گهر ۾ پڏل آهي.“ هتي اهو عرض ڪري ڇڏجي تہ ڪيترن ئي ملڪن وانگيان سائوٿ آفريڪا ۾ مئچ فڪسيشن تہ ڏوهہ آهي، پر شرط هٽي جوا ڪرڻ جي اجازت آهي. ڪرونئي جو ڏوهہ رڳو اهو آهي تہ هن نيلسن منڊيلا جي ملڪ جي ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهائيو ۽ ڪوڙ جي نتيجي ۾ پنهنجي ڪيريئر تان هٿ کڻي ويهي رهيو. جيتوڻيڪ سائوٿ آفريڪا جا ماڻهو اجا بہ ڪيس پائنئين ٿا.

رهي ڳالھ ميڊيا جي تہ پهرئين آسمان مٿي تي کڻڻ واري زي ٽي وي هئي ۽ پوءِ ٻي ميڊيا بہ ڏکي پيئي. زي ٽي وي تہ ايستائين بہ پهچي ويئي جو ڪنهن ناڪام ۽ اڻ چاتل ساڙ سڙئي سابق ڪرڪيٽر کي ڪئميرا جي سامهون ويهاري، انهيءَ جو انٽرويو وٺي اها ٽائٽل اسٽوري ٺاهي تہ 24 سالن جي ننڍي عمر ۾ 25 سينچريون ٺاهيندڙ ڪرڪيٽ جي تاريخ جي نمبر ون بئٽسمين ۽ اڏ منٽ جي اشتهار جو ڪرڙوين رپيا محنتاڻو وٺندڙ سپر ڊپر رانديگر سچن ٽنڊولڪر تي بہ مئچ فڪسيشن جو الزام مڙهي ڇڏيو ظاهر آهي اهڙي الزام ڪانپوءِ ٻيا رانديگر ڪي اُپ مان تہ نہ لٿا آهن. هاڻي ڏيئي وٺي سائوٿ آفريڪا جي ناتال صوبي ۾ رهندڙ زولو قبيلي جي شيدين ڏراڙن سان گڏ رهندڙ، ڪرڪيٽ کان وڌيڪ پنهنجن ۽ يارن ڏراڙن سان خوش رهندڙ، ميڊيا کان نٽائيندڙ، سوال جي جواب ۾ معصوم ٻارن وانگر مرڪي چپ ٿي ويندڙ ۽ اوچتي سڏ تي ڏيڍوٽي ڳري بيٽ ڪلهي تي کڻي ميدان ۾ بيهي مخالف ٽيم کي تهس نهس ڪندڙ لانسن ڪلوزنر ئي بچي ٿو. پر جنهن رفتار سان رانديگرن مٿان الزام لڳي رهيا آهن تہ اُهو ڏينهن پري ناهي، جڏهين اهو الزام ڪلوزنر تي بہ لڳندو ۽ ڪلوزنر بيٽ ڪلهي تي رکي روانو ٿي ويندو.

هي جيڪي ڪجھ لکيو ويو آهي، انهيءَ جو ڪو اهو مطلب ناهي تہ ڪو سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رانديگر فرشتا آهن. ڪيترائي رانديگر اهڙا به هوندا جن جو بر نه پربو هوندو ۽ ضرو مئچ فڪسنگ ڪندا هوندا. پر سنڌي ۾ چئبو آهي ته ”ڏٺي ڪي به ڏسجي“ ۽ پوءِ مٿس آڱر کڄجي. باقي هن وقت جن به رانديگرن تي ميڊيا ذريعي الزام لڳا آهن، اُهي سڀ جا سڀ سائوٿ آفريڪا جا آهن يا وري سائوٿ ايشيا جا. جڏهين ته ٻين ملڪن جا سڀ رانديگر فرشتا هجن، ته ايئن ته ٿي ئي نٿو سگهي. آسٽريليا جي رانديگرن به اهڙي حرڪت ڪئي هئي. پر انهيءَ حرڪت کي چپر ۾ رکيو ويو. ائين ڇو ڪيو ويو؟ ڇا زي ٽي وي انهيءَ معاملي تي ڇو چپ آهي؟ ڀلا جي سچن ٽنڊولڪر ميچ فڪس ڪئي آهي ته پوءِ ايئن به ٿي سگهي ٿو ته مٿس الزام هڻندڙ پارٽي ميڊيا به ڪنهن گوري جواريءَ سان ڪا اهڙي مئچ فڪسنگ هجي، جنهن ۾ پنهنجي ملڪ جي رانديگر کي خوار ڪرڻ جو ٺيڪو ڪنيو ويو هجي.

بهرحال هتي وڏو سوال اهو ٿو اٿي ته صرف انهن رانديگرن تي الزام ڇو ٿا مڙهيا وڃن، جيڪي آسٽريليا جي ٽيم کي ڏکيا ٿا پون؟ رانا ٽنگا تي به ته اهڙو ئي الزام لڳو هو. هن مزيدار سوال جواب پيڇڻ صفا سولو پيو آهي. جيڪو مون کي ڪجهه هن ريت سجهي ٿو.

آئون اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته الزامن جي پهرئين تيلي زي ٽي وي ئي ٻاري ۽ پوءِ ٻي ميڊيا دکي. ڳالهه ذري تي پڳي پيئي آهي ته نه رڳو زي ٽي ويءَ جو مالڪ آسٽريلين آهي، پر پارت جا 75 سيڪڙو ٽي وي چئنل آسٽريليا جي سيٺين جي ملڪيت آهنئ اسپورٽس جا چئنل به انهيءَ ساڳئي ماڻهو جي ملڪيت آهن. جيڪو آسٽريلوي سيٺ زي ٽي ويءَ جو مالڪ آهي.

آسٽريليا جا اهي ميڊيا ميگا (Mega) آسٽريليا جي ماضيءَ جي ٽائيڪون ڪيري پيڪر وانگيان ئي آهن. جيڪي ڏکڻ ايشيا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي مضبوط ٽيمن کي تباهه ڪري سڄي پت جي ديڳ آسٽريليا جي ٽيم کي کارائڻ چاهين ٿا. باقي رهيل ڪرڙ پنهنجي ٻين گورن پائرن کي کارائڻ چاهين ٿا.

(2000ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جرڳا ۽ راڄوٽيون

جڏهين چڱا، ڏسٽا وائسٽا ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو اڃا ڪپڙا پهري ڪڏهين روبرو ته ڪڏهن فونن ذريعي يا وري اخبارن جي ذريعي بيان ليکڪن ۽ جرنلسٽن سان گڏ مون جهڙي جنگ جي بلا کي ڏاهو يا دانشور سمجهي اپيلون ٽپيلون ڪندا آهن ته فلاڻي يونيورسٽيءَ ۾ فلاڻيون ڊگريون اٽڪي پيون آهن ۽ فلاڻو يا فلاڻو ڇوڪرو مري پيو آهي ته اوهان قرب ڪري جرڳو وهاري فيصلو ڪريو ته اها ڳالهه ٻڌي منهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳندي آهي ۽ آئون وائڙو ٿي سردار خير بخش مريءَ جي تصوير ڏانهن ڏسندو آهيان ۽ پوءِ خوش ٿي پنهنجو پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسندو آهيان ته ڪٿي منهنجي شڪل پڙهيل لکيل ۽ ڪڙهيل سردار خير بخش مريءَ جهڙي ته نه ٿي ويئي آهي! يا آئون عبدالقادر جوڻيجو مان ڦري وڏيرو شاهنواز جوڻيجو ته نه ٿي پيو آهيان!

جڏهن منهنجو اهو وهم دور ٿيندو آهي ته پوءِ اهو سمجهندو آهيان ته يا خلق جو اڃي مٿو ڦريو آهي يا منهنجي اڃي ڦٽي آهي. آخر اسان جي سفيد پوش ۽ نام نهاد پڙهئي لکئي طبقي کي ٿيو ڇا آهي؟ ڪٿي اسان انگريزي محاوري موجب ڪنهن پاڳل خاني ۾ ته ڦاسي نه پيا آهيون؟ لڳي ٿو ته جن به جهونن سياڻن اها چوڻي ناهي آهي ته ”ڇٽ پڙهيو الله اڙيو.“ انهن ماڻهن کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. انهيءَ چوڻيءَ ۾ ڪٿي به اهو ڇاڻايل ناهي ته ”غريب پڙهيو، الله اڙيو“ بيان اکرن ۾ ڪنهن خان خانان جو پٽ به ڇٽ ٿي سگهي ٿو. سماجي بيماريءَ جو اهو جيوڙو ڪنهن کي به ڳچيءَ مان جهلي سگهي ٿو. جو اهو جيوڙو عشق نه پڇي ذات جو پوئلڳ آهي يا وري ڪارل مارڪس جو پوئلڳ ڪميونسٽ، جنهن وٽ به ڪنهن به قسم جي طبقاتي وڇوٽي ۽ نسلي تفرقو ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت ۾ رڱيل چوڪراٺي پوتي ڪي جرڳا ٺاهي ڏوڻ جي پيدا ٿيل انهيءَ خوش فهميءَ مون جهڙن مٺ تي سگريٽ پيئڻ وارن گهٽن ليڪڪن، جرنلسٽن ۽ ماسترن کي سُرَ کان بتال ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڏيٺي نہ ونٺي ڪجهہ ماڻهو جي واهہ واهہ تي لڳي ٿي فوٽ زمين کان مٿي پيا ٿا هلون.

سڀ کان پهرئين ڳالهہ اها آهي تہ ”جرڳو“ قبائلي نظام جي اخلاقيات جو ايڏو وڏو ۽ بنيادي اٽوٽ انگ آهي، جنهن کي صرف ۽ صرف نظام جي پيڙهہ جو پٿر چئجي تہ ڳالهہ نهي ٿي. هڪ پاسي جيڪڏهن ”جرڳي“ جي عمل کي قبائلي نظام کان ٽوڙي ڌار ڪيو وڃي تہ پوءِ قبائلي نظام، قبائلي نظام نہ رهندو. ٻئي پاسي قبائلي نظام جي غير موجودگيءَ ۾ ”جرڳو“ هڪ لاحاصل ۽ بي معنيٰ عمل رهجي ويندو. ڪجهہ دوستن جو خيال آهي تہ قبائلي نظام ۾ راڪيٽ لانچر کان بہ وڌيڪ اثرائتو هٿيار قبائلي اخلاقيات آهي. انهيءَ اخلاقي نظام جو ڀرپور جائزو هن مختصر مضمون جي هڪ مختصر حصي ۾ وٺي نٿو سگهجي. پر ڪجهہ ڳالهيون نظر انداز بہ نٿيون ڪري سگهجن. اها ڳالهہ تہ پڌري پٽ پئي آهي تہ هڪ تہ اسان وٽ قبائلي نظام صرف صوبي سرحد جي ڪجهہ حصي ۾ ۽ بلوچستان جي ڪجهہ حصي ۾ رهندو پئي آيو آهي. جڏهن ٻن ڌرين ۾ ڪو وڏو ڦڏو هلندڙ هجي، تيلي ننيڙي هوندي آهي، پر انهيءَ ننيڙي تيليءَ مان آڙاهہ وڏو نڪرندو آهي. ايئن ڦڏي ۾ شروعات ڪنهن ننيڙي ڳالهہ تان ٿيندي آهي. پر پوءِ اهو ڦڏو وڌو ٿي ويندو آهي. ڦڏو ڪيڏو بہ وڏو هجي، پر اهو قبائلي اخلاقيات جي حدن کان ٻاهر نہ نڪرندو آهي. جرڳو بہ تڏهن رهندو آهي. جڏهن ڪي بہ قبيلا پاڻ ۾ اٽڪي پيا هجن يا وري هڪ ئي قبيلي جون ٻہ شاخون پاڻ ۾ اٽڪي پون. ظاهر آهي تہ انهيءَ صورتحال ۾ جي رڳو ”گن پاور“ کي بنيادي حيثيت حاصل هجي تہ پوءِ اهو ”گن پاور“ تہ ٻنهي ڌرين وٽ هوندو آهي. جرڳي ۾ جيڪا ڌر ٽوٽي ۾ وڃي تہ اُها پنهنجو ”گن پاور“ استعمال ڪري سگهي ٿي ۽ جرڳي کي رد ڪري سگهي ٿي، پر انهن جرڳن ۾ ”قبائلي اخلاقيات“ جا گڻ بندوق کان وڌيڪ اثر ڏيکاريندا آهن. جن ۾ جرڳي ۾ ويٺل چڱن مڙسن/ جيوريءَ ۾ اعتماد، قرآن شريف تي هٿ رکي ڪلام پاڪ جي عزت، ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي زبان ڏيڻ، ڦڏي دوران مخالف ڌر جي سردار جي عزت ۽ جان جو تحفظ ۽ جاني دشمن جي نياڻيءَ کي پنهنجي نياڻي سمجهڻ وغيره اچي وڃن ٿا. اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون ٿي بندوق کي پنهجو ڏيندڙ آهن ۽ بندوق کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ سگهاريون هونديون آهن.

پر ڪجهه سالن کان صوبہ سرحد جي برعڪس بلوچستان جي قبائلي نظام ۾ وڏا وڏا ڏار پوڻ شروع ٿي ويا آهن. جن جي وڏي ۾ وڏي نشاني اها آهي تہ اتان جي ڪجهه سردارن ۽ ڪجهه سردارن جي پٽن کي مخالف قبيلن جي ماڻهن قتل ڪيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئون تہ قبائلي اخلاقيات جون ٽوٽيون ٽنيا ڪيرايا ويا آهن. قبائلي جيوريءَ جي ميمبرن جي قتل کان پوءِ جرڳو پنهنجو جواز وڃائي ويٺو آهي. اها وڌندڙ ڪميونيڪيشن جي جهڙپ آهي، جنهن بلوچستان جي قبائلي نظام ۾ ڏار وجهي ڇڏيا آهن.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪجهه سالن کان بلوچستان جي ڏيڪا سيليءَ ۾ اسان وٽ اتر سنڌ ۾ ڪيترن ئي راڄن جي مالدار ڇڳن مڙسن پاڻ کي سردار سڏائي قبائلي نظام جو ٻج ڇٽڻ جي ڪوشش ڪئي. پَر انهن ”راڄوٽي نظام“ کي ڇڏي ”قبائلي نظام“ کي پنهنجو ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي آهي تہ اُها سر ريڊيو ڌڙ ڀاڪرو بڻجي ويئي آهي. قبائلي سردار سڏائڻ پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌ جي انهن علائقن ۾ هو قبائلي اخلاقيات جوڙي نہ سگهيا آهن. جو ڪا بہ اخلاقيات صدين کان پوءِ وڃي ٺهندي آهي. قبائلي اخلاقيات ۽ راڄوٽي اخلاقيات جي عدم موجودگيءَ جي نتيجي ۾ ڌاڙا، ارهہ زورايون، ڦرمار، ذاتين جا پاڻ ۾ بنا ڪنهن ڪوڊ جي جهيڙا، خون، زوري زنائون، ننڍن ٻارن سان ظلم، اغوا ۽ ڪارو ڪاريءَ جو ڪاروبار بنجڻ جهڙا واقعا سنڌ کي ويڙهي رهيا آهن. ”نہ ادهر ڪي رهي، نہ اُدهر ڪي رهي“ وارو معاملو بڻجي ويو آهي، ۽ اها ڳالهہ ڪنهن کان لڪل نہ رهي آهي.

سنڌ ۾ ڪڏهن بہ قبائلي نظام نہ رهيو آهي. پر هتي سوين سالن کان هڪ ٻيو نظام رهيو آهي، جنهن کي راڄوٽي نظام ڪري سڏيو ويندو آهي. هت هڪڙي ڳالهہ ٿلهي ليکي ڪري ڇڏجي تہ قبائلي نظام ۾ ڇڳو مڙس يا سردار نسلي بنياد تي پنهنجي ليکي ئي مقرر ٿيل هوندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو پنهنجي قبيلي جي ٻين ماڻهن کان وڌيڪ امير بہ هوندو آهي. ٻين اکرن ۾ قبائلي ڇڳو مڙس يا سردار نسلي بنياد تي پنهنجي ليکي ئي مقرر ٿيل هوندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هو پنهنجي قبيلي جي ٻين ماڻهن کان وڌيڪ امير ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇمندي ڇام هوندو آهي. جڏهن ته سنڌ جي راڄوٽي نظام ۾ ايئن نه هوندو اهي.
"راڄوٽي نظام" جو پهريون يونٽ پاڙو هوندو آهي. پاڙي جو چڱو مڙس هڪ نه پر ٽن کان پنجن تائين ماڻهو چڱا مڙس هوندا آهن. جن جي عمر هر صورت ۾ چاليهن ورهين کان مٿي هوندي آهي. انهن ماڻهن کي پاڙي جي گهرن جا سربراهه گڏجي اليڪٽ ڪرڻ جي بدران سليڪٽ ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته اليڪشن ۾ اهو خطرو هوندو آهي ته هڪ ته انهيءَ صورت ۾ جهيڙي ۽ پارٽي بازيءَ جو خطرو هوندو آهي ۽ ٻيو ته ڪو به نااهل ماڻهو پنهنجي دولت جي بنياد تي چونڊجي سگهجندو آهي. سنڌن سليڪشن جو بنياد طبيعت جي ٺڏائي، سهپ، جي طاقت، ڳالهائڻ کان وڌيڪ ٻڌڻ جي صلاحيت، جهان گردي، عقل جي ڳالهه جي ته تائين پهچڻ جي ذهانت. مختصر ڳالهه ۾ وزن هئڻ جي اهليت ۽ فيصلي ڪرڻ جي قوت هوندي آهي سنڌس مالي يا نسلي حيثيت کي نه ڏٺو ويندو آهي. قميص ڪلهن کان ڦاٽي پيئي هجيس يا ويلي تي ماني نه به ملندي هجيس ته به چڱو مڙس ليکيو ويندو آهي اهي ٽيئي يا پنج ئي چڱا مڙس گڏجي پنهنجهو هڪ چڱو مڙس سليڪٽ ڪندا آهن. پوءِ جڏهن پاڙي ۾ ڦڏو ڦڙو ٿيندو آهي ته سليڪٽ ٿيل چڱي مڙس جي سرواڻيءَ ۾ فيصلو ٿيندو آهي. فيصلي ۾ هي سزائون ڏنيون وينديون آهن: ڏڪويل ڏر جي پيرن ۾ پٽڪو رکي هٿ ٻڌي معافي وٺڻ، ڏنڊ ۽ راڄ مان نيڪالي. ظاهر آهي ته هر "راڄ" ۾ ست اٺ پاڙا هوندا آهن. راڄ گهٽو ڪري هڪ ئي ڳوٺ ۾ هوندو آهي. پر ڏنڌي ڏاڙيءَ جي حساب سان ساڳئي راڄ جا ماڻهو هڪ ٻئي کان ٿورا پر پرا ويڙهل هوندا آهن يا لڏي ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾. اهو راڄوٽي نظام جو ٻيو يونٽ هوندو آهي. جنهن ۾ هر پاڙي جا چڱا مڙس گڏجي وڏيرو سليڪٽ ڪندا آهن. وڏيري ۾ به اهي ئي خصلتون هونديون آهن. جيڪي چڱي مڙس ۾. اها ٻئي ڳالهه آهي ته اڄڪلهه زميندار کي وڏيرو چيو ويندو آهي. وقت سان گڏ ڪجهه لفظ پنهنجون معنائون وڃائي ٻيون معنائون اختيار ڪندا آهن. سو لفظ وڏيري سان به اها جٺ ٿي آهي. راڄ ۾ ڪو ڦڏو ٿيندو آهي ته پاڙن جا چڱا مڙس گڏجي وڏيري جي سرواڻيءَ ۾ فيصلو ڪندا هئا. جنهن ۾ ڏوهيءَ جون اهي ئي سزائون هونديون آهن. جيڪي پاڙي جا چڱا مڙس ڏيندا آهن.

راڄ کان پوءِ انهيءَ نيٽ ورڪ جو ٽيون يونٽ "ست راڄي" هوندو آهي جنهن ۾ ويهن ٽيهن ميلن ۾ ويڙهل ڌار ڌار راڄن جا وڏيرا گڏجي ايئن ئي پنهنجو چڱو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙس سليڪٽ ڪندا آهن، جيئن پاڻ سليڪٽ ٿيندا آهن. انهيءَ چڱي مڙس کي ”وڏيرو وڏو“ يا ٿلهو ”وڏو“ ڪري ڪوٺيندا آهن. انهن غريب وڏن يا وڏيرن وڏن جي فيصلي ۾ وڏا زميندار جهڙوڪ ”رئيس“ ۽ ”چام (Prince)“ دخل نہ ڏيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ رئيس ۽ چام پنهنجين من مستين ۾ پورا هوندا هئا. اڳتي هلي جڏهن برٽراجن جي اچڻ ۽ انهن جي وڏڻ جي ڪري زراعت جو ڏنڌو عروج تي پهتو تہ ڪيترن ئي نون پئدا ٿيل وڏن ننڍن زميندارن انهيءَ راڄوٽي نظام کي گهر پيڙو ڪري پاڻ چڱا مڙس بڻجي ويا. ائين راڄوٽي نظام، قبائلي نظام کا بہ اڳ ختم ٿي ويو. راڄوٽي نظام جي معنيٰ آهي ”صلح“ وارو نظام جيڪو هاڻي پڙ تي نٿو ليي.

پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ جتي قبائلي نظام اڃا ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود آهي، اتان جي يونيورسٽين جهڙوڪ پشاور يونيورسٽي ۽ بلوچستان يونيورسٽي ڪوئيٽا ۾ بہ شاگرد پاڻ ۾ وڙهندا آهن، پر اتي ڪو هيستائين جرڳو نہ ويٺو آهي. جيتوڻيڪ اتي وڏا وڏا طاقتور سردار موجود آهن تہ هتي الائي ڇو يونيورسٽين جي جهيڙي ۾ جرڳي جو تصور پئدا ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ اهو مسئلو ليڪڪن ۽ ماسترن جي بدران سياسي پارٽين، سرڪار ۽ قانون جو آهي. باقي ڪنهن کي سردار هئڻ جو پنهنجو خواب پورو ڪرڻو آهي تہ پلي لهي اچي ميدان ۾ پوءِ وٽي جون خبرون پانڌيٽڙا ڏيندا.

(2000ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجھ ادبي مامرا

چي ”لوڪ لڏڻ ۾، چري اڏڻ ۾.“ سو خلق خدا جي تہ نون سياسي مامرن ۾ ٽنگي پيئي آهي تہ ڏسون تہ اڳتي ڇا ٿو ٿئي، ۽ پاڻ وڃان ٿي وچان گهُٽ ڪائي ادبي مامرن تي ٿا اچون ۽ ڏسون تہ اُتي ڇا پيو ٿئي.

## لطيف سائين جا رسالا

ننڍا هوندا هئاسين تہ چاچو محمد سمون مرهيات ٻن پٽرين جي وچ ۾ سر جو سِٽو وَجهي ٻئي پٽريون پاڻ ۾ ٽڪرائيندو هو تہ سِٽو ڏکي پوندو هو ۽ سٽي سان پنهنجي سلفي دڪائي ڏگهو سوٽو هڻندو هو تہ سندس سٽل دماغ جاڳي پوندو هو. هڪ ٻيري سلفي دڪائي ۽ دماغ کي جاڳائي چيائين، ”ابا قادريا! لطيف سائينءَ جون ڪهڙيون ٿو خبرون پڇين، جيڏانهن ڇڪ تيڏانهن پورو. چورن سان بہ گڏ تہ ساڌن سان بہ گڏ، عاشقن سان بہ گڏ تہ نيڪ نمازين سان بہ گڏ، ڌاڙن سان بہ گڏ تہ بادشاهن سان بہ گڏ. لطيف سائين اٿئي ڇڙيو درياءَ، جيڪو پيئي سو پُر ٿيئي. پيڙهيون گذري ويندين پر لطيف سائين ڪٿندو ڪو نہ. يلا يلا!“

يلا يلا چاچا محمد سما! اڄ بہ جڏهين نئين ولايتي ادب جون پوٽيون ٿو پٽيان تہ اعليٰ تخليقي شاعريءَ جي اهائي وصف ٿي ملي، جيڪا تون بيان ڪندو هئين. ڦير رڳو اکرن جو آهي. اڄ بہ لطيف سائينءَ کي هر ڪو پنهنجي پاسي ڇڪيو بيٺو آهي.

خير، اها تہ ٿي لطيف سائين جي ڪلام جي وصف. پر پاڻ کي هتي لطيف سائين جي ڪلام تي بدران انهن رسالن جي باري ۾ ڳالھ ڪرڻي آهي، جن تان تازو وري ڦڏو دکي پيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ فلاڻي يا فلاڻي رسالي ۾ لطيف سائينءَ جو ڪلام ڪٽل آهي. ڪي وري انهيءَ ڳالھ تي سندرو ٻڌي بيهي رهيا اهن تہ فلاڻن فلاڻن رسالن ۾ ٻين شاعرن جو ڪلام شامل ٿيل آهي، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي ڀاهر ڪجي. اهي اختلافي رايا رڳو اڄ جا نہ اهن، پر ڪجھ وقت کان وٺي اها بحثا بحثي هلندي ٿي اچي. هت سوال ٿو اٿي تہ آخر اهو ڦڏو چو ٿيو آهي؟ پاڻ کي انهيءَ سوال جو وس آهر جائزو وٺڻو پوندو. ٿي سگهي ٿو تہ آئون غلط هجان، پر منهنجيءَ نظر ۾ انهيءَ ڦڏي جو ڪارڻ اهو آهي تہ هيستائين جن بہ ماڻهن لطيف سائين جو رسالو ترتيب ڏنو، انهن مان ڪجھ چٽا اڪيڊڪ.ذهن رکندڙ اهڙا محقق آهن، جيڪي Aesthetic sense (جمالياتي حس) کان وانجهيل ۽ ”اڪران وچ اڙيل“ آهن. يا ڪٿي فتح خان عرف صالح محمد شاهہ جي لفظن ۾ چئون تہ انهن لطيف سائين جو ڪلام سمڌو تہ آهي، پر ”پروڙيو ۽ پرجهيو“ ناهي ۽ سندن ”رڳون رباب“ ٿي نہ سگهيون آهن.

اهڙي قسم جي محقق لاءِ هن صديءَ جي دنيا جي وڏن وڏن شاعرن ۽ ناولسٽن جيڪي ڪجھ چيو يا لکيو آهي، سندن اُهي ڳالهيون هتي لکي نٿو سگهان. جو مونکي پنهنجو متو ڦاڙائڻو ناهي. پر هن صديءَ جي وڏي سنڌي شاعر شيخ اياز تمام گهڻيءَ ٺڏائي ۽ صبر کان ڪم وٺندي لکيو آهي تہ ”محقق جو لفظ حقي مان نڪتو آهي. جنهن جو ڪم آهي بڙ بڙ ڪرڻ.“

لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ جيڪي احساس، جذبا (Emotions) ڏيک (Visuaals)، جماليات (Aethetic sense) ,Creativity ۽ فڪر موجود آهن. شاعر جي انهن سيني رنگن کي ڪو اهل دل تخليقي شاعر ئي محسوس ڪري ۽ رسالي کي ترتيب ڏيئي سگهي ٿو. باقي نلها محقق ايستائين پهچي نٿا سگهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو رکي رکي اها بحثا بحثي شروع ٿي وڃي تہ ڪهڙي رسالي ۾ لطيف سائين جو ڪلام ڪٿل آهي ۽ ڪهڙي رسالي ۾ ٻين شاعرن جو ڪلام شامل آهي.

اها ڳالهہ تہ ٿي پنهنجيءَ جاءِ تي پر هن وقت لطيف سائينءَ جي رسالي جي ترتيب جي ڏس ۾ جيڪا وڏ ۾ وڏ ضرورت آهي، اهو ڪم ڪو اهڙو محقق ڪري سگهي ٿو. جيڪو انساني نفسيات کان چڱيءَ طرح واقف هجي. جيئن ڊاڪٽر محمد عالم سومري پلي جو ڪم ڪندي لطيف سائينءَ جو رسالو الف بي وارو ترتيب ڏنو آهي تہ جن پڙهندڙن کي مون وانگر ويسر جا گهوڙا آهن، اهڙن پڙهندڙن کي جي ڪنهن بيت جي پهرئين سٽ يا پهرئين سٽ جا ڪجھ پهريان لفظ ياد هجن تہ اهو هي رسالو کولي سڄو جو سڄو بيت پڙهي سگهي ٿو. اهڙي ساڳئي طرح ڪو نفسيات جو ڄاڻو مهربان لطيف سائين جي ڪلام کي عمر وارو ترتيب ڏيندو تہ جن کيءِ لطيف سائين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام ۾ تضاد جو شڪ آهي تہ اُهو شڪ گم ٿي ويندو. اُهو پڙهندڙ اها ڳالهہ سمجهي ويندو تہ لطيف سائين جو فلاڻو ڪلام جواني ۾ چيل آهي، جنهن ۾ هر انسان کي عشق جا گهوڙا هوندا آهن. فلاڻو ڪلام اڌڙوٽ عمر ۾ چيل آهي، جنهن ۾ گهرن ويچارن جي اپٽار ٿيل هوندي آهي ۽ فلاڻو ڪلام عمر جي پڇاڙيءَ واري پهر ۾ چيل آهي، جنهن ۾ شاعر الله ڪندو آهي ۽ زهد ۽ تقويٰ ڏانهن اشارا ڏيندو آهي. تہ ايئن عمر وار ترتيب ڏنل رسالو تضاد جا شڪ شوبا گم ڪري ڇڏيندو. هوندئن بہ سڄيءَ دنيا ۾ وڏن وڏن شاعرن جو يا پيو نثر نويس جو تخليقي ڪم عمر وار ترتيب ڏنو ويندو آهي. تہ اسان کي بہ ايئن ڪرڻ گهرجي. ايئن ڪرڻ سان لطيف سائينءَ جي ڪلام بابت پيدا ڪيل مونجهارا خودبخود ختم ٿي ويندا، ۽ توهان ۽ اسان اجائي بحثا بحثي ۾ ٽنگجڻ کان بچي ويندا سين.

## شاعريءَ جو ترجمو:

دنيا جي وڏن وڏن شاعرن جو اهو خيال آهي ۽ آئون پاڻ ائين سمجهان ٿو تہ شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻ ناممڪن آهي. پر انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهين ڪنهن کي شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻو آهي تہ انهيءَ کي کپي تہ ڪو بہ تخليقي شاهڪار پيءُ ٻوليءَ ۾ سڌيءَ طرح ترجمو ڪرڻ جي بدران اتان جي ماحول کي اڳيان رکي، پوءِ پنهنجي ماحول مطابق ٻيهر تخليق (Recreate) ڪري. مثلاً جي اکين جي سونهن جي ڳالهہ ڪرڻي آهي تہ ڪٿي ”ڪارين اکين“ جي بدران ”نيريون اکيون“ سونهن جي ۽ Pathosجي نشاني هجن ٿيون تہ پوءِ Recreateڪرڻ واري کي کپي تہ هو اِهو خيال رکي.

ترجمو ڪرڻ يا ٻيهر تخليق ڪرڻ جي باري ۾ ٻئي جيڪا مصيبت سامهون ٿي اچي، اُها اها آهي تہ خود حضرت مترجم جي ذهني توڙي جذباتي پهچ اوتري ئي هجي، جيتري اُنهيءَ تخليق ڪار جي آهي، جنهَن کي هو ترجمو ڪرڻ ويٺو آهي، ظاهر آهي تہ ترجمي ڪرڻ لاءِ اهڙيون شاهڪار تخليقون کپن، جيڪي ٻئي ملڪ ۾ سنڌي ادب جو ناماچار وڌائين. جيڪڏهن اسان ترجمي لاءِ لطيف سائينءَ جهڙا شاعر ٿيون ٿا چونڊيون تہ پوءِ اهڙا ماڻهو ڪٿان آڻيندا سين، جن جي ذهني ۽ جذباتي پهچ اصل تخليقڪارن جيتري هجي. باقي اصلي تخليق جون ٽنگون ٻانهون پيچي انڌا منڌا ترجما ڪري ٻين جي هٿ ۾ ڏيڻ خلق کلائڻ جي برابر آهي. انهيءَ ڪان تہ ڊڪيا ڀلا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ورهين جا وڇوڙا

ليڪڪ جي دل بہ ڏاڍي ويراڳڻ ٿيندي آهي، جنهن کي رکي رکي جِهڀيون اينديون آهن ۽ ڪيس وطن جون ويرانيون بہ ڇڪينديون رهنديون آهن. پوءِ اهو ليکڪ ڀلي يورپ يا آمريڪا جي ڪنهن بہ غوغاءَ شهر ۾ پنهنجي بنگلي ۾ ٺٽ ٺانگر سان زندگي گذاريندو هجي، لکين ڊالرن جون رائلٽيون وٺندو هجي ۽ سندس نالو سڄي دنيا ۾ ڌُهل جي ڏونڪي تي وڄندو هجي. مون کي تہ لطيف سائينءَ جو سُر مارئي بہ عمر مارئي جي واڪاڻ جي بدران سندس دل جو داستان ٿو لڳي، جيڪا دل پنهنجي ماروئڙن لاءِ روئندي رڙندي ٿي رهي ۽ جيڪا لطيف سائينءَ جي ناسٽلجيا ٿي لڳي.

تازو مغربي ادب جي مارڪيٽ ۾ سڄ ورهين کان ڇڙهيل ڪيترن ئي ليکڪن جا لکيل ڪيترائي اهڙا ڪتاب لٿل آهن، جن ۾ ليکڪ پنهنجي ڇڏيل وطن جي ماڻهن ۽ گذري ويل ورهين (وقت) کي ياد ڪري رت رنا آهن ۽ ڪتاب جو هر صفحو لفظن جي بدران لڙڪن سان ڀريل نظر اچي ٿو. اهڙن ليکڪن مان هڪ ليکڪ ايڊورڊ ڊبليو سعيد بہ آهي، جنهن جو اهڙو ئي ڪتاب "Out of Place" (وطن کان وڇڙيل) پڙ تي لٿل آهي، جنهن ۾ هُو پنهنجي وطن جي واريءَ کي ياد ڪري رنو آهي.

ڪولمبيا يونيورسٽيءَ (آمريڪا) ۾ پروفيسر رهندڙ ۽ ادب، ثقافت، موسيقيءَ، سياست ۽ سماجيات جي موضوعن تي 17 ڪتاب لکندڙ ايڊورڊ ڊبليو سعيد جا ڪجھ ڪتاب مون ڪجھ دوستن جي گهرن ۾ سجايل ڏٺا آهن ۽ گڏوگڏ رکي رکي سندس مضمون هتان جي انگريزي اِخبار ڊان ۾ ڇپجندا رهندا آهن، جن کي ڪجھ

شائق پڙهندا رهندا آهن. ڪجهه يارن کي اها خبر آهي ته ايڊورڊ ڊبليو سعيد نالي هڪ شخص خاص ڪري فلسطيني عوام جي حقن ۽ عام طور تي مسلمانن ۽ مشرق جي ٻين ماڻهن جي ثقافتن جي اصليت لاءِ پنهنجي سگهاري قلم سان وڙهندو نظر اچي ٿو. پر هن يار جو آڳو پيڇو ڪهڙو آهي؟ انهيءَ جي خبر تمام گهٽ ماڻهن کي آهي. هڪ ته سندس نالو ڏاڍو منجهائيندڙ آهي. جو سندس نالي ۾ اڳيان "ايڊورڊ" جو لفظ آهي ته پويان وري "سعيد" جو لفظ. ٻيو خود ايڊورڊ ڊبليو سعيد پاڻ به منڊل آهي ته "ڪي جاڻان مين ڪوڻ."

هيءُ يار جڏهن به ڪٿي ويزا وٺڻ لاءِ ويندو آهي ته ويزا ڏيڻ واري ڊر سندس شڪل ڏسي ۽ نالو پڙهي منجهي پوندي آهي. ايئن ڪيس آڏي پيچا جي ٽڪنڪيءَ تي چاڙهيو ويندو آهي. اهڙن وقتن تي سندس روح مان رڙ نڪرندي آهي. ته، "ڪاش آئون سچي جو سچو عرب هجان يا سچي جو سچو آمريڪي هجان ها يا سچي جو سچو مسلمان هجان ها ته ويزا ڏيڻ وارا مون کي ايڏو تنگ نه ڪن ها ۽ ها يا نه ۾ جواب ڏين ها. پر مون کي لڳي ٿو ته آئون ڪٿان جو به نه آهيان ۽ ڪير به نه رهيو آهيان." ڪيس اهو ڏک هاٽي ڏنيپ ڏيڻ لڳو آهي. جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا. وڏن ناميارن ماڻهن جا ڏک به وڏا ٿيندا آهن. عدم شناخت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو وڏو ڏک ٿي سگهي ٿو! ڪوئي ڪٿان جو ٿي نه رهي ته انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو عذاب ٿي سگهي ٿو!

اهو ته ٿيو ايڊورڊ ڊبليو سعيد جي پنهنجيءَ مسافر دل جو درد يا سندس کي محسوسات. پر ڏکويل دل جنهن شخص جي ڇاتيءَ هيٺان ڌڙڪي ٿي، اُنهيءَ جي ضرور ڪا نه ڪا اصليت ته هوندي. پاڻ کي اُها ڳولي لهڻي آهي. ابو اسعد ابراهيم جي پوٽي ۽ وادعي ابراهيم جي پٽ ايڊورڊ ڊبليو سعيد جي قوم آهي فلسطيني. سندس ماڻٽاڻو مذهب آهي پروٽيسٽنٽ عيسائي. سندس ڏاڏاڻو وطن يروشلم جو اهو حصو آهي، جنهن ۾ فلسطيني عرب رهندا هئا. جڏهن اسرائيل بڻيو ۽ يروشلم يهودين جي قبضي ۾ آيو ته يروشلم ۾ رهندڙ مسلمانن سان گڏوگڏ عيسائين کي به ڏنيپ سهڻا پيا ۽ نتيجي ۾ ايڊورڊ ڊبليو سعيد جو فلسطيني خاندان لڏي مصر جي شهر قاهره ۾ ويٺو. جتي سندس پيءُ وادعي ابراهيم ٽائيپ رائٽرن جو وڏو واپاري بڻجي ويو. انهيءَ ڪري ايڊورڊ ڊبليو سعيد لاءِ اهو به چئي سگهجي ٿو ته هو هڪ اميراڻي ۽ خرچاڻو خاندان ۾ ڄائو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سندس جنم قاهره جي بدران اسرائيل وچي يروشلم ۾ ڏاڏاڻي وطن ۾ ڪرائيو ويو. ايئن ايڊورڊ ڊبليو سعيد جو جنم 1935ع ۾ ٿيو. پنهنجي نالي جي باري ۾ ڏر ڏٺي لکي ٿو تہ، ”منهنجي جنم کان سٺت ٺي پوءِ ساڳئي سال خوبصورت ۽ فيشن ايبل ايڊورڊ پرنس آف ويلس دوري تي اچي نڪتو ۽ منهنجي خالص عربي نالي سعيد جي اڳيان ايڊورڊ جو لفظ ڦنبيو ويو، جيڪا سراسر بي وقوفي هئي.“ اها سندس بہ بيوقوفي ڇئبي جو وادعي کي ڊبليو ٻٽائي ڇڏيائين. انهيءَ ڪري پاڻ بہ ڪيس ايڊورڊ ڊبليو سعيد جي بدران مرڳو لکون ٿا ”ايڊورڊ سعيد“ ڪجهہ بيوقوفي تہ پنهنجي حصي ۾ بہ اچڻ گهرجي. بهرحال سندس تعليم جي ابتدا يروشلم جي بدران قاهره ۾ ٿي.

هاڻي اچون ٿا 295 صفحن تي ٻڌل ۽ دنيا جي مشهور اشاعتي اداري وائيڪنگ طرفان شايع ڪيل سندس ڪتاب Out of Place(وطن کان وڇڙيل) تي تہ اهو ڪتاب ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ لکيو ويو، جنهن جو ذڪر خود ايڊورڊ سعيد وڏي وستار سان ڪيو آهي. پر پاڻ سندس لکيل ڳالهہ جو ڪٿان ڪن تہ ڪٿان پڇ جهليندي. مختصر ڪري لکون ٿا. هو لکي ٿو تہ ”سيپٽمبر 1991ع ۾ دنيا جهان مان گڏ ٿيل ۽ پنهنجي وطن کان وڇڙيل فلسطينين جي هڪ گڏجاڻي اوسلو شهر ۾ ٿيڻي رهي هئي. انهيءَ گڏجاڻي کان اڳ آئون نيويارڪ مان پنهنجون ميڊيڪل ٽيسٽون ڪرائي آيو هوس. انهيءَ گڏجاڻيءَ جي هڪ وقفي دؤران مون پنهنجي زال مريم کي نيويارڪ ۾ فون ڪئي تہ ٽيسٽن جو نتيجو ڪهڙو آيو آهي. جنهن جي جواب ۾ مريم سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي جي ڳالهہ ڪندي اشارو ڏنو تہ پنهنجو خانداني ڊاڪٽر چارلس حاذي تنهنجي نيويارڪ ۾ اچڻ کان پوءِ تو سان ڳالهائڻ ٿو چاهي. انهيءَ ڳالهہ تي منهنجا ڪن وڳا ۽ ڪٽڪو ٿي بيٺو تہ منهنجيءَ صحت کي ڪو چڱو خاص ڌڪ لڳل آهي ڊاڪٽر چارلس حاذي کي مون فون تي جڏهن گهڻو تنگ ڪيو تہ هن مون کي اطلاع ڏنو تہ مون کي ليو ڪيميا (رت جو ڪئنسر) ٿي چڪو آهي. ايئن منهنجي مٿان ڊئموڪلس جي تلوار لٽڪڻ لڳي. نيو يارڪ پهچي مون اُتان جي سُٺي کان سُٺي ڊاڪٽر ڪانتي رام کان علاج ڪرائڻ شروع ڪيو ۽ منهنجي اندر جي دنيا ۾ وڏي اُٿل آئي ۽ مون کي وطن جا پٽ ياد اچڻ لڳا. 45 ورهين جي ڏکهي وڇوڙي کان پوءِ 1992ع ۾ آئون پنهنجي زال مريم ۽ ٻن ٻارن کي ساڻ ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي اباڻي ملڪ فلسطين ۾ پهتس ۽ ڪجهه عرصو اُتي رهڻ کان پوءِ موٽي آيس. جو ڊاڪٽر ڪانتي رام وڏي ڌيان ۽ گيان سان منهنجو علاج ڪري رهيو هو. 1993ع ۾ وري اڪيلي سر قاهره گهمي آيس. ڪيميو ٿراپيءَ ذريعي علاج هلندي مارچ 1994ع ۾ مون کي پڪ ٿي ويئي ته آئون زندگيءَ جي پوئينءَ پهر ۾ داخل ٿي چڪو آهيان. ايئن مون مئي 1994ع ۾ هيءُ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو.“ پوءِ هيءُ ڪتاب 1999ع جي آخر ڌاري تائين ڇپجي نڪتو ۽ هتان جي پڙهندڙ خفتين جي هٿ ۾ 2000ع جي اڱڻ ۾ پهتو پر تمام گهٽ ماڻهن وٽ.

ٻين ليکڪن جي ابتڙ ڪنهن حد تائين ايڊورڊ سعيد جا ڪتاب پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيا آهن. اهوئي حال سندس مضمونن جو آهي. پر ڪو ليکڪ جڏهن پنهنجي وطن ۽ گذري ويل وقتن جي ياد ۾ ڪتاب لکندي لڙڪ ڳاڙڻ لڳندو آهي ته اُهو ڪتاب سمجهڻ ۾ دير نه لڳندي آهي. ڇاڪاڻ ته مرڪون ۽ لڙڪ پاڻهوئي پاڻهي پڙهندڙ جي دماغ جيءَ هنج ۾ اچي ڪرندا آهن. هيءُ ڪتاب به هڪ اهڙو ئي ڪتاب آهي. جنهن ۾ دماغ جي بدران دل ڏک ڏک ڪندي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

هن ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ ٻي جيڪا ڳالهه سامهون اچي ٿي اُها آهي ته جڏهن ڪو ليکڪ لَڙندڙ وهيءَ ۾ لُڙهڻ لڳندو آهي يا ڪيس ڪا وڏي بيماري سٽ ڏيندي آهي يا ڪنهن جذباتي صدمي مان گذرندو آهي ته هو سڀ ڪجهه ڇڏي پنهنجي وطن ڏانهن ڊوڙندو آهي. پر هو جڏهن وطن پهچندو آهي ته اُتي ڪيس نه اُهي ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندا آهن. نه اُهي وڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. نه اُهي واٽون ڏسڻ ۾ اينديون آهن ۽ نه ئي اهي گهر گهاٽ ۽ گهٽيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. ته نتيجي ۾ هو ڪئين ڏک ڪٺي اُتان واپس موٽندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي فن ۾ منهن لڪائي روئندو آهي ۽ سندس قلم مان نڪتل لفظ لڙڪ بڻجي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته روئڻ ڪانسواءِ وٽس ٻي واٽ نه بچندي آهي. هن ئي ڪتاب ۾ ايڊورڊ سعيد هڪ اهڙو ئي ڏک روئندو نظر اچي ٿو. هو 45 ورهين جي وطن جي وڇوڙي کان پوءِ جڏهن قاهره شهر ۾ پنهنجي پاڙي وارين ناديه ۽ هديٰ سان ملڻ ويو ته اُتي ڪيس ننڍي هوندي ڪلهن تي کڻي گهمائيندڙ ڪاري پٽڪيءَ واري ٽنب سنهڙي پر صحت مند رهندڙ ڳوٺاڻي مسلمان پوڙهي احمد سعيد سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته ”هيءُ ايڊوَرڊ سعيد اُهو ناهي، جنهن کي آئون ڪلهن تي کڻي گهمائيندو هوس.“ ۽ پوءِ ايڊورڊ سعيد ڪيس منٿون ڪيون ته ”آئون اُهوئي ساڳيو آهيان، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي بيماريءَ هٽي ڪائي وڌو آهي.“

يارو! توهان پاڻ سوچيو تہ جيڪي ڪلهن تي ڪٽي گهمائين، اُهي ئي سڄاڻ ڪان انڪار ڪري ويهي رهن ۽ پوءِ ڪين منٿون ڪري مڃائڻو پوي تہ آئون اُهو ساڳيو ئي ماڻهو آهيان تہ انهيءَ ڪان وڌيڪ مسافر من تي ٻيون ڏک جون ڇريون ڪهڙيون لڳنديون؟ ڪو مٽيءَ جو مٽ نہ ٽٽي تہ انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻيو دل جو درد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ پنهنجي وطن لاءِ وڙهندڙ پنهنجي وطن ۾ پهچي بي وطن بڻجي وڃي تہ انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو عذاب ٿي ٿو سگهي؟

فرانزڪافڪا ڪان وٺي ايڊورڊ سعيد تائين پنهنجي نظر مان جيڪي بہ آتم ڪٿائون يا ٻين طرفان لکيل سوانح عمريون گذريون آهن. انهن ۾ هڪڙو پهلو ڪر ڪنيو بيٺو هوندو آهي ۽ اهو پهلو آهي ليکڪ جي زندگيءَ جو اهو حصو، جڏهن سندس زندگي پرائمريءَ ۽ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪرڻ واري وقت مان گذرندي آهي. هيءَ ڪتاب پڙهندي بہ پنهنجي نظر ايڊورڊ سعيد جي زندگيءَ جي انهيءَ حصي تي وڌيڪ رهي. ڪنهن بہ وڌيڪ حساس انسان ۽ خاص ڪري ليکڪ جي زندگيءَ جو هيءَ ئي حصو آهي. جيڪو گهڻو ڪري سندس زندگي جو رخ ڦيري، ڪيس ٻئي پاسي وٺي ويندو آهي، جنهن ڪي تمام ذهين ۽ ڪارائتو بئنڪر يا اقتصادي ماهر يا انجنيئرُ يا ڊاڪٽر بڻجڻو هوندو آهي. اُهو ساڳيو رخ فنون لطيفہ جي ڪنهن نہ ڪنهن شاخ ۾ منهن لڪائي روئندو يا ڪلندو نظر ايندو آهي. پر روئڻ وارا وڌيڪ ۽ ڪلڻ وارا گهٽ هوندا آهن. جيڪي ڪلندا آهن، انهن جا ٽهڪ ۽ مرڪون زخمي ٿيل نظر ايندا آهن. انهن فنونِ لطيفہ ۾ لکڻ جو فن بہ اچي وڃي ٿو.

ايڊورڊ سعيد بہ ٻين ليکڪن وانگيان پنهنجي زندگيءَ جي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪرڻ واري حصي تي گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. پر پاڻ هتي سندس لکيل ڳالهين مان ڪٿان ڪن تہ ڪٿان ٻيءِ جهلينديءِ ڳالهہ کي مختصر ٿا ڪريون. هو لکي ٿو تہ:

”آئون اٺن ورهين جو هوس تہ منهنجيءَ ڪنهن ماسترياڻيءَ ڪنهن تعليمي ڪميءَ تان ناراض ٿي، مون کي ڪلاس مان ٻاهر ڪيڏي بيهاري مسز جولين کي اُتي گهرايو. مسز جولين جي چهري تي سختي ڇانيل هئي. هوءَ مون کي ساڻ ڪري ڏاڪڻين تي چڙهي. مٿينءَ ماڙ تي هڪ بند دروازي جي اڳيان بيهي ۽ در



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ٺڪ ٺڪ ڪيائين. در کوليو ويو ۽ آئون وچي مسٽر جولين جي اڳيان بيٺس. مسٽر جولين کي مون پهريون ڀيرو ڏٺو. سندس ويڪرو ڦوندبيل ۽ ڳاڙهو چهرو ڏسي آئون ڏڄي ويس. سندس هٿ ۾ سنهڙو لڪڻ هو. آئون ڏنل ته هوس، پر دل ئي دل ۾ مون فيصلو ڪري ڇڏيو ته روئبو رڙبو ڪو نه. مسٽر جولين منهنجي ڪنڌ مان جهلي مون کي جهڪايو ۽ پوءِ هڪ ٻئي پويان ٽي لڪڻ ڏاڍي زور سان منهنجن پٺن تي وسايائين. اهي زوردار لڪڻ کائيندي مون پنهنجي اندر جي تڪليف جي بدران ڪاوڙ اُڀرندي محسوس ڪئي ته هيءُ ظالم جو ٻچو ڪير ٿيندو آهي، جيڪو منهنجي بي عزتي ڀيو ڪري؟ آئون ايڏو ڪمزور ڇو ٿي پيو آهيان جو مار پيو کاوان؟اندر جي انهيءَ ڪاوڙ منهنجي زندگيءَ جو رخ ڦيرائي ڇڏيو. مون لاءِ پنجن منٽن جو اهو تجربو سڄي زندگيءَ جو تجربو بڻجي ويو. گهر پهتس ته بابا ۽ امان به مون کي قصور وار بڻائي ڇڏيو. اهو اسڪول انهن انگريزن جو هو، جيڪي منهنجي وطن تي قبضو ڪريو ويٺا هئا. سندن ڪوليل اسڪول پڙهائيءَ جي بدران اسان عربن کي ماري سڌو ڪرڻ لاءِ هئا. هو مالڪ هئا ۽ اسان عربي پنهنجي ملڪ ۾ هئڻ جي باوجود Out of Place(وطن کان ڌار ٿيل) ماٺهو هئاسين."

اٺن سالن جي عمر ۾ پٺن تي وُٺل صرف ٽن لڪڻن ايڊورڊ ڊبيلو سعيد جي زندگيءَ جو رخ بدلائي ڇڏيو. نتيجي ۾ هڪڙي پاسي هو اڄان تائين پنهنجي سگهاري قلم سان فلسطينين جي حقن لاءِ جنگ وڙهندو ٿو اچي ته ٻئي پاسي 45 ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ پنهنجي هن ڪتاب ۾ اباڻن پٽن کي ياد ڪري رت روئي ٿو ۽ پنهنجي پراڻي پوڙهي مسلمان نوڪر احمد سعيد کي منٿون ڪري ٿو ته "مون کي سڃاڻ ته آئون ڪير آهيان."

(2000ع).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هي خلقت ڪيڏانهن ويندي؟

پورن ٽن سالن جيءَ ڇڪ ڇڪان ۽ ڏکي ويڙهه کان پوءِ ملڪ کان ٻاهر وڃي ليڪچر ڏيڻ واري، مرڪي مرڪي علاج ڪرڻ واري ۽ حبيب جالب جي خدمت گذار رهندڙ لاهوري نيورو فزيشن ڊاڪٽر شاهد مسعود بيگ تاريخ 27 مئي 2000ع تي صبح جو ڏهين وڳي آغا خان اِسپتال جي هڪ صاف سٿري ڪمري ۾ منهنجون ورزشي قسم جون ٽيسٽون وٺڻ کان پوءِ مرڪندي مونکي اطلاع ڏنو ته. ”هاڻي تون آجو آهين، ڪجهه وقت لاءِ تنهنجون وڪون لڏنديون رهنديون، انهن کي جهلي هلڻ هاڻي تنهنجي وس ۾ هوندو. البت ٽئين چوٿين مهيني جڏهن تنهنجي دل گهري ته مون سان ملي ويندو ڪجانءِ. صحت جي باري ۾ حال احوال ٻڌائيندَو وڃجانءِ. اصل ۾ GBSجي راڪاس (سينٽرل نروس سسٽم تي حملو ڪندڙ وائرس) توکي تمام هلڪو لوڏو ڏنوهو. تنهن هوندي به شايد اسان جون ڦڪيون فرق نه ڪن ها. پر هڪ ته توتي رب جيءَ ذات مهرباني ڪئي هيو ته تون پاڻ ڪٻڙيءَ جو وڏو رانديگر نڪتين. جو GBSجي خوفناڪ رانديگرن کي تريون هٽي چنڊي ٽڙڪا ڪرائيندي واپس پنهنجي پڙ ۾ پهچي ويو آهين. ٽئي ڳالهه ته لڳي ٿو ته تون ڪچيءَ جوانيءَ ۾ ڏاڍو رليو ۽ ڊوڙيو آهين. آئون اديبن ۽ شاعرن جي صحبت ۾ رهيو آهيان. مون کي اهڙ خبر آهي ته منهنجا اهي يار ٻين جي نسبت ۾ جيترا ذهني طور تي چست هوندا آهن، اوترائي جسماني طور تي سست هوندا آهن، پر اُهي محبتن جي پوين ٻين ماڻهن کان وڌيڪ رلندا ۽ ڊوڙندا آهن. تون به ڪچيءَ جوانيءَ ۾ محبت جي پويان ئي ڊوڙيو ۽ رليو هوندين. ڪنهن به بيماريءَ جو وڏي ۾ وڏو علاج ڊُڪ ڊوڙ ئي هوندو آهي.“ خوش مزاج ڊاڪٽر شاهد مسعود بيگ جا اهي جملا ٻڌي منهنجي دماغ ۾ ڪنوٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڏڇا ڦٽڪڻ لڳا ۽ مون کي اُها ”ڇوڪري“ ياد اچڻ لڳي، جنهن جي پويان آئون برسات ۾ رلندو ۽ ڊوڙندو هوس، انهيءَ وقت اُنهيءَ ”ڇوڪريءَ“ جي جسم ۾ هلت چلت ۾ صحت ۽ جواني پڙڪا ڏيندي هئي.

ٽي سال مٿو مٿي تي ڏيئي بيماريءَ ۾ منهنجو ساٿ ڏيندڙ دوست آفتاب شيخ (ٽي وي آرٽسٽ) سان گڏ جڏهن آغا خان اسپتال مان نڪري، پنهنجي نئين اُردو ٽي وي سيريل ”دهول“ جي رڪارڊنگ ڏسڻ لاءِ ٽي وي سينٽر ڏانهن راونو ٿيس ته ٻاهر ڪراچيءَ مٿان مڙيل ڪارن ڪڪرن کي ڏٺم ته اُها ”ڇوڪري“ منهنجي ذهن تي ڪڪرن وانگر ڇانيل رهي، پر وقت جون واڳون ڪير جهلي؟ جيڪو وقت جون واڳون جهلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اُهو وقت جي گهوڙي جي سنبن هيٺان اچي چيچرجي ويندو آهي. وقت پنهنجي موج ۾ مست وڳندو رهندو آهي.

هيءَ پروڪي سياري جي ڳالهه آهي. ڄامشوري يا حيدرآباد ۾ سيارو ”موسمز“ ٻٽجي نه ايندو آهي، پر چند ڏينهن جو ”مهمان“ٻٽجي ايندو آهي، پرسال به ايئن ٿيو.

گهر جي دروازي تي لڳل گهنٽيءَ جو آواز يا ٺڪ ٺڪ جو آواز رڳو آواز ناهن. انهن آوازن جي پويان باقاعدي ڪو اهڙو جملو لڪل هوندو آهي، جيڪو چوندو آهي ته ”آئون فلاڻو يا فلاڻي آهيان ۽ فلاڻي ڪم لاءِ آيل آهيان.“ ايئن ئي دروازي ڳالهائيو ته سهي، پر جملا مون کي سمجهه ۾ نه آيا. مڻ مڻ ڳريون وڪون ڪٽندي ( GBSجي ڪري) جڏهن در کوليم ته ٻاهر هڪ عورت بيٺي هئي. جسم ڳري دونهون ٻٽجي ويل، چوڙن هيٺان ٻانهون سڪل ڪاٺيون، اکين ۾ رڃ جا واڪا، پراڻي ۽ ميري گج جا شيشا اُڏاڻل ۽ پڙو ليڙون ليڙون. ايڏي ساري تباهه حال عورت کي ڏسي ڪري به دل اندر شاهدي ڏني ته هيءَ ڪا پنڻ واري عورت ناهي، پنڻ سندس وڙ ئي ڪونه ٿو لڳي. انهيءَ ڪري ڪيس خيرات ڏيڻ جي بدران ڏانهنس سواليه نظرن سان ڏٺم ته ٿڪل آواز ۾ چيائين. ”قادريا، منان ڪنهين ٿو اوڙڪين؟ (قادريا! مون کي نٿو سڃاڻين؟)“ مون سڃاتو مانس ته ڪونه پر سندس سوال ڳرو هو ۽ حجت وچان پڇيو ويو هو. مون منهن جي پڪائي ڪندي ڪٽي سندس ٻانهن مان جهليو ۽ کيس گهر اندر وٺي ويس. کيس ڪنهن معزز مهمان وانگر کٽ تي وهاري ڏِءُ تي ماني کارائي ويٺي. ماني کارائڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجا حال احوال شروع ڪيائين ته منهنجي پيرن هيٺان زمين ڪسڪڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي. هيءَ رڻ ٻٽجي ويل عورت اُها ئي "ڇوڪري" هئي جنهن جي پويان آئون رلندو ۽ ڊوڙندو هوس ۽ راتين جو منهنجا خواب سندس چوڌاري گردش ڪندا هئا. پوءِ "ڇوڪريءَ" جي جڏهن شادي ٿي تہ سندس ساهراڻي لڏي جي ماڻهن اتان پير چنڊيا ۽ پرپاسي ۾ ئي بئريج ايريا جي هڪ ڳوٺڙي ۾ ڪروڙن تي مٿو ڏوئيندڙ هڪ زميندار وٽ چڱو خاصو قرض کڻي وڃي سرڙيا هاري ٿي ويٺا. ڪجهہ سالن کانپوءِ ساڳئي زميندار کين لڏائي ٻئي ضلعي ۾ موجود پنهنجي ٻئي فارم ۾ ڪم سان لڳائيو. اُتي هڪڙي پاسي کين وقت سارو ان ڪپڙو ۽ ايمرجنسي ۾ وڏيڪ قرض ملندو رهيو. کين نہ ڪوٺن ۾ بند ڪيو ويو نہ زنجيرن ۾ ٻڌو ويو ۽ نہ ئي ڪم کان ٻچيل وقت ۾ سندس چرپر تي پابندي هڻي ويئي، تہ ٻئي پاسي وري کين سخت پورهيو، ڪمدارن جا دڙڪا، ٿي بي ۽ ساهہ جون بيماريون کائيندڙيون رهيون. ڏينهن جو مڙس کي ڪمدارن جا دڙڪا ۽ رات جو مڙس طرفان بي عزتيون. رات جو يارن جا سور پارن مان ڪيڻ لاءِ مڙس ٺرو پي ۽ جوائون ڪري پنهنجين زالن مٿان موچڙا وسائيندا رهيا، ايئن سندن استحصال ٿيندو رهيو. هڪ ڏينهن وٽن "اڃن ڪپڙن وارا" اچي نڪتا. جن کين سخت پورهئي جي گهاٽي مان ڪڍي، حيدرآباد جي آسپاس اچي وسائيو ۽ کين ڪجهہ وقت امداد ڏيڻ کانپوءِ اُهي اڇن ڪپڙن وارا منجهانئن هٿ ڪڍي، ڪنهن ٻئي منزل ڏانهن روانا ٿي ويا. شايد ڪنهن ٻئي لڏي کي ڪنهن ٻئي زميندار وٽان ڇڏائڻ هليا ويا. انهيءَ وچ ۾ لڏي جا ٻہ ٽي وڏڙا بہ هڪ ٻئي پويان ٻين زميندارن وٽ پهتا. وٽن پهچي منٿون ميڙيون ۽ پٽڪا پلاند ڪيائون. پر کين ڪنهن بہ زميندار قبول نہ ڪيو. هن پيري پيا زميندار "اهڙن هارين" کان ڊنل هئا. کين هيومن رائٽس وارن جو خوف هو. ايئن انهيءَ لڏي جون پيون سڀ واڪائون بند ٿي ويون. نيٺ پروکي سياري منهنجي ماضيءَ جي اها "محبوبہ" مون جهڙي بيماريءَ جي ماريل ماڻهوءَ وٽ اچي مون کي پيار جا ڪجهہ ڪٽا ڏيڻ جي بدران مون کان ڪجهہ قاتل رليون، ڪجهہ اٽو ۽ ڪجهہ سڪا پنڻ آئي هئي. جڏهن "ڏيڻ" وارا "پنڻ" تي لهي اچن تہ انهيءَ کان وڌيڪ ٻئي ڪهڙي بربادي هوندي.

دل کي ڏکوئيندڙ ڏکڻ سنڌ ۾ جنم وٺندڙ اهڙن واقعن کي ڇڏي لڙڪن کي لڪائڻ لاءِ منهن ٻئي پاسي ٿا ڪريون ۽ هڪ دل باش ۽ خوش باش شخص ڏانهن منهن ٿا ڪريون. اهو شخص پرباش بہ آهي، ڪلندڙ ڪلائيندڙ بہ آهي، چڱن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولاد چڱو به آهي، شاعر به آهي، هڪ ڪاهيءَ ڏر جي لبرل پارٽيءَ (پيپلز پارٽي) جو پنهنجي علائقي جي حد تائين چڱو مڙس به آهي، انساني حقن جو طرفدار به آهي، ظالم زميندار جو مخالف به آهي ۽ خود زميندار به آهي. اڳي ڪيس پنهنجي دل پشوريءَ جو فڪر هوندو هو ۽ هاڻي ڪيس اُتر سنڌ ۾ ٽيندڙ مار ماران سان گڏوگڏ ڏکڻ سنڌ جي لکين هارين جو فڪر رهندو آهي. اهو يار هارين جو فڪر هنن اکرن ۾ بيان ٿو ڪري ته: ”هي جيڪي اسان جا اڄن ڪپڙن وارا يار آهن، اهي سڀ منهنجين اکين تي، اهي ماڻهو ڏاڍا ڀلا آهن ۽ دل جي اڱڻ ۾ وهارڻ جهڙا آهن. پر انهن يارن الائي ڪهڙي سببن جي ڪري هارين کي جهالت ۽ غربت جي زنجيرن مان ڪيڏڻ جي بدران الٽو زميندارن کي هوشيار ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندن ڪن ڪٽائي ڇڏيا آهن ته پنهنجيون گهوٽيو ۽ پنهنجيون پيو ته ڪي نشا ٽين ۽ اک ڪڪڙي رهي. جيڪو زميندار سست هو، سو بانديڊ لئبر هٿ اچڻ جي واقعن کان پوءِ چست ٿي پيو آهي. جيڪو زميندار ايئرڪنديشنڊ ڪمرن ۽ گاڏين مان ٻاهر نه نڪرندو هو، اهو ور ڪٽي پنهنجين ٻنين ۾ ڪاهي پيو آهي. جيڪو زميندار فصل ڪٽڻ کان پوءِ ڪراچي يا لاهور وڃي شراب ڪباب ۽ شباب جي عياشين ۾ ٻڏل رهندو هو، اهو هاڻي پنهنجو راڄ جهلي گهر واريءَ ۽ واٽر ڪورس جي پاڻيءَ مان پورت ڪرڻ لڳو آهي ۽ سندس بئنڪ بئلينس وڌڻ لڳو آهي. جيڪو زميندار اکيون پوري لڏي ايندڙ هارين کي قرض ڏيندو هو، اهو هاڻي انهيءَ ڳالهه تي لهي آيو آهي ته اڳيان اعتماد وارا هاري به ڪيڏي ڊيلي ويجز تي زرعي مزدور رکڻ گهرجن. زميندارن وٽ وسيلا به آهن، وجهه به آهن ۽ ڪيس اهي لنگهه به سُجهڻ لڳا آهن، جن مان لنگهي ۽ پار پئي اڳئي کان وڌيڪ امير ٿي ويندو. پر جيڪي صدين کان وٺي مصيبتن جا ماريل ۽ عذابن جو شڪار اپوجهه هاري آهن، انهن وٽ نه ڪي وسيلا آهن، نه وري ڪين زراعت کان سواءِ ٻيو ڪو ڌنڌو اچي ٿو. اهي مسڪين ماڻهو بانديڊ لئبر جي اجايو ڇڏيل شوشي ۾ اچي تيزيءَ سان بيروزگار ٿيندا پيا وڃن. آخر انهن هارين جو ڇا ٿيندو؟ بکن ۽ بيمارين جا ماريل اهي ڏڻ ڪيڏانهن ويندا؟ اهي ته درد در جا ڌڪا کائي تباهه ٿي ويندا.“ ڊيموڪريٽڪ سوشلزم، جو هيءَ حامي يار پاڻ ڏيان لهٽي يا نه لهٽي، پر سنڌس ڪيل جاٽايل ڳالهه ڏاڍو ڳوڙهو ڏيان تي گهري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي ”يار“ کي بہ ڇڏي اچون ٿا ”نوجوان“ تي ڪچي جوانيءَ مان لنگهندڙ ”نوجوان“ سنڌ جي چونڊ پنجن اٺن گڙنگ زميندارن مان هڪ آهي. بئنڪ بئلينس جي حساب سان شايد سيني کان وڌيڪ. ڪولهين ۽ ڀيلن سان گڏ مانيون کائيندڙ ۽ پنهنجي طبقي کي ٺپ نظرانداز ڪري، هيئنئن طبقي جي پنهنجن ڪجهہ هم عمر دوستن کي پنجاهہ پنجاهہ لکن جي گاڏيءَ ۾ گهمائيندڙ ۽ سفر دوران پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن دہالت گاڏيءَ مان لهي، ڪنهن وڻ جي ڇانءَ هيٺان ٻانهن کي مٿي هيٺان ڏئي ننڊ ڪندڙ هيءُ عجيب و غريب ”نوجوان“ زميندار سياست کان ائين ڀڄندو آهي، جيئن ڪانءُ ڪمان کان. انهيءَ ڪري ڪيس سنڌ ۾ نہ سڃاتو ويندو آهي. پيءُ جي بيمار ٿي پوڻ کان پوءِ اڃي ڪاري جو هيءُ مالڪ هڻي پاسي لنڊن ۾ بہ ڪجهہ ڏينهن رهي ڪري ڪتابن جي دڪانن ۾ ٺي نظر ايندو. هيءُ نوجوان جڏهن تو مون ڀاري جي اڳيان ويهندو تہ صرف وڏيون ۽ ڪنهن حد تائين مستومست اکين سان ڏسندي ويٺو ڳالهيون ٻڌندو آهي، تہ لڳندو آهي تہ شايد سندس ذهن ڪنهن ٻيءَ جُوءِ ۾ رلي رهيو آهي، پر اصل ۾ ايئن نہ هوندو آهي. پر هيءُ جڏهن آهستي آهستي کلندو آهي ۽ رڪجي رڪجي ڳالهہ ڪندو آهي تہ ڪنهن بہ سمجهو، ٻڌندڙ کي سندس اندر ۾ ويٺل تخليقي سگهہ رکندڙ High Brow Intellectual(اعلي سطح جو دانشور) نظر ايندو آهي، پر شرط اهو آهي تہ ڪيس ٻڌندڙ ڏِٺي نظر رکندڙ هجي. جي نہ، تہ پوءِ ڏٻي ۾ ٺڪريون. مون کي ”چاچا“ ڪري سڏيندو آهي، پر انهيءَ ڪري نہ، تہ ڪو هو واقعي منهنجو پاڻيو آهي، پر منهنجن ڊرامن ۽ مضمونن ۾ ڪم آيل ڪجهہ جملن ڪيس منهنجو پاڻيو بڻائي ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ پاڻ پڙهيو لکيو نوجوان آهي، پر ڪيس اهو چڱي طرح معلوم آهي تہ دنيا جا وڏا وڏا ليکڪ ۽ هاليووڊ جا وڏا وڏا فلم ڊائريڪٽر اسڪول مان ڀڳل چوڪرا ٻڌيا، پوءِ اهو فرانزڪافڪا هجي يا رومين پولنسڪي (فلم ڊائريڪٽر). انهيءَ ڳالهہ جي خبر هوندي بہ بہ سال کن اڳ سندس اهو ارادو هو تہ زمينداريءَ جي چڪر ۾ پوڻ جي بدران آمريڪا وڃي فلم ميڪنگ جي تربيت وٺجي ۽ پوءِ هاليووڊ جي لڏي ۾ شامل ٿي ٿرڊ ورلڊ جي غريب ملڪن جي ستايل ماڻهن جي مسئلن تي فلمون ٺاهجن ۽ پنهنجي ذهن ۾ موجود آئيڊياز کي وڏي اسڪرين تي آڻجي. آمريڪا وڃي فلم ميڪنگ جي سکيا وٺڻ جا مالي وسيلا وٽس هئا ۽ ان کان اڳتي وڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ ڪانسواءِ پاڻ ۽ پنهنجن انهن ساڪائتن دوستن جي پر تي پنهنجا فارم آباد ڪري. مزدورن جي صرف انهيءَ وقت ضرور پوندي آهي، جڏهن فصل ۾ لٽل جنس پورين ۾ بند ڪري ٽرڪن ۾ اڇلائي ۽ ٽرڪن کي مارڪيٽ ڏانهن روانو ڪرڻو پوندو اهي. انهيءَ ”نوجوان“ جو اهو خيال سندس پهرئين پن خيالن يعني ”فلم ميڪنگ“ ۽ پوءِ ”ويلفيئر زميندار“ وانگيان ناڪامياب ٿو وڃي يا ڪامياب ٿو وڃي، انهيءَ جي پاڻ کي ڪا به خبر ناهي، چاڪاڻ ته پاڻ مشينن جي شيطاني چرخي مان چاڻون ئي ڪو نه. پاڻ ايترا پراڻا ماڻهو آهيون جو انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر ته ٺيا پري، پاڻ کي ته ٽي وي سڳوري به ٻار هلائي ڏيندا آهن. سو سڏي راند سوئنٽي جي ته اٿو اها. باقي اها پڪي پختي خبر اٿئون ته ”نوجوان“ جي فارم مان نڪتل باندبڊ لٺبر هڪ اڌ سيارو رکي ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ڪنهن جو در کڙڪائي چوندا ته ”اي صاب! مِنان ڪنهين ٿو اوڙڪين؟“ (صاحب! مون کي نٿو سڃاڻين)“ يا وري ”شام“ اخبار جي نمائندي اڳيان اڳي وانگيان پنهنجا سور اوري ويهي رهندا.

هي جيڪي ٽي حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن، انهن مان پاڻ جو اهو قطعي خيال ناهي ته ڪو پلي هاري پيا پيڙجن يا ظلم جو شڪار ٿين. پاڻ ته اهو ٿا چئون ته جيڪو زميندار ظالم آهي ۽ جيڪو زميندار استحصال ڪندڙن جو عذاب ڏيندڙ نمونو آهي، جيڪو زميندار هارين جي ٻچن ۾ اکيون وجهيو ويٺو آهي ۽ جيڪو زميندار هارين کي ٻڌيو ڪين باندبڊ لٺبر ٻڌايو ويٺو آهي ته اهڙي زميندار وٽان هاري ڇڏائڻ ته چا، ڪيس وٺ ۾ اونڌو ڪري ٻڌي ڇڏجي يا جيڪڏهن ائين نٿو ڪري سگهجي ته پهرئين جنرل ايوب ۽ پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي آندل زرعي اصلاحات جي دز ۾ ٻڏل فائيلن مٿان چڙهيل دز چنڊي ڦوڪي انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ حڪومت جي اڳيان ويهي منهن مٿو پٽيندي ماتم ڪجي. اڄڪلهه وارن کي جيڪي غير ملڪي ڊونرس طرفان ڊالر ملن ٿا، آخر اهي ڊالر انهيءَ ماتم تي چو نٿا خرچ ڪيا وڃن؟ هلو سائين جيڪڏهن ايئن نٿا ڪري سگهون ته پهرئين اها پلاننگ ته ڪري سگهجي ٿي ته جيڪي هاٿي هزارن جي منهن هاري زمين تان اکيڙيا پيا وڃن، پهرئين انهن جي مستقل روزگار جو بندوبست ڪجي. زمين تي به پهرئين ڪيٽون هٽبيون ۽ هر هلائبا آهن، پوءِ ٻج چٽبو آهي. ٺلهي سڪل پوٺي تي ٻج هارڻ ته ٻج جو وڃاڻ آهي هيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيروزگار ٽيندڙ هاري ته انسان آهن. ظاهر آهي ته هاري زراعت جو ڏنڊو ٿي چاڻن ٿا، کين هن مرحلي تي کو هيو ڏنڊو سيڪارڻ ائين آهي، جيئن پڪي گهڙي ۾ ڪن وجهڻ. اهي ماڻهو نه خود فئڪٽرين ۾ ڪپي سگهندا نه ٿي وري کين کو فئڪٽريون قبول ڪنديون. اهو ته پوءِ ائين ٿيندو ته جيئن ڪو مون کي چوي ته اها لکڻ پڪڻ جي بڪواس بند ڪر ۽ فلاڻي ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ جا اڪائونٽس وچي سنڀال يا آڏٽ ڪرڻ شروع ڪري ڏي يا لٽڻ آمريڪا وڃي فوٽ بال کيڏ.

پنڻ يا ڪجهه وقت خيرات تي هلڻ انسان ذات جي ذلت جي آخري حد جي پوائنٽي شڪل آهي انهيءَ کان ته اهو بهتر آهي ته هاري ڪنهن زميندار جي زمين ۾ پنهنجي حياتيءَ کي ڏوڙ ۾ ڳاري ڦٽو ڪري. ذلت جي آخري چيڙي تائين پهچڻ جي نسبت ۾ سرڙيو هاري تي رهڻ هزار ڀيرا چڱو آهي. منهنجي خيال ۾ اسان جا اڇن ڪپڙن وارا دوست انهيءَ صورتحال کي مون کان وڌيڪ ڄاڻندا هوندا، بلڪ ڄاڻن ٿا. ڇاڪاڻ ته فيلڊ ۾ هلن ٿا. انهيءَ هوندي به اهي دوست Bonded هارين کي لئبر جي ڪڏ مان ڪڍي "Nodded" ماڻهن جي ڪئمپ جي ڪن ۾ ڇو ٿا اڇلائين؟ آخر هيڏي ساري زمينن تان اکڙندڙ هيءَ خلقت ڪيڏانهن ويندي؟

انهن سوالن جي جواب جي خبر ڏر ڏٺين سان گڏوگڏ هين کي ته شايد هوندي، پر هارين کي ڪا به خبر ناهي ته سندن پنهل جسم کين ڪيڏانهن نيو پيو وڃي. هارين جي سسئيءَ جهڙي دل کي ڪا به خبر ناهي ته کين اٺ تي پڌيو، ڪيڏانهن ڪٺيو پيا وڃن. هارين باهه لڳيءَ پنيور کي ته ڏٺو آهي، پر کين ڪيچ مڪران جي ڪا خبر ناهي.

(2000ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهنگ جي دنيا ۾ زلزلو

26 جنوري 2001ع صبح جو اخبار ڪاوش پڙهي، غسل خاني ۾ گهڙڻ کان اڳ غسل خاني جي دروازي سان ٿي لڳل گهڙيال ۾ ٽائيم ڏٺم تہ صبح جا ٺيڪ سوا اٺ وڳا هئا. غسل خاني جو دروازو بند ڪري آرسيءَ جي سامهون بيهي جيئن ئي ڏاڙهي لاهڻ لاءِ بيٺس تہ مون کي ڦيري اچڻ لڳي تہ مونکي سورهن جا ويهہ آنا پڪ ٿي ويئي تہ منهنجي بيماري GBSاُٿلي پيئي آهي. نہ رڳو منهنجا چار سال پيا بہ ڇُٽا، پر سڄي زندگيءَ لاءِ ڪنهن بہ ڪم ڪان رهجي ويس. لاچار کي آچار ڪو نہ هو، سو مانٽ ڪري هيٺ پٽ تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيس. ياد رهي تہ هن بيماريءَ جا هيستائين جيڪي بہ علاج نيورو فزيشن کي ڇڏي ڪري عام فزيشن ڊاڪٽرن کان ڪرايا ويا آهن، انهن مان لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو ڪيس اُٿلي پيا آهن. پر منهنجو علاج تہ بين الاقوامي شهرت رکندڙ نيورو فزيشن ڪيو هو، پر پوءِ بيماريءَ چو اُٿلي پيئي! مون اها ڳالهہ ڳٽي پنهنجون هٿي مٺيون پيڙي زور لڳايو تہ هٿن ۾ طاقت محسوس ڪري اها پڪ ٿي ويئي تہ هي GBSنہ اُٿلي آهي، ڪو ٻيو چڪر ٿيو آهي. اهو سوچي اُٿي بيٺس تہ بدن ۾ ساڳي طاقت هُئي. ايئن ڏاڙهي لاهي، وهنجي سنهنجي ٻاهر نڪتس تہ پنهنجي زال نجمہ کي مون حيران پريشان ڏٺو ۽ ڪنهن حد تائين ڪاوڙيل بہ. سندس ڪاوڙ جو ڪارڻ اهو هو تہ پاڻ غسل خاني جو در وڄائي رڙيون ڪري مون کي ٻاهر نڪرڻ جو چئي رهي هئي ۽ مون هيڏو سارو گوڙ ڇو نہ ٻڌو. اصل ۾ ڪيس زلزلي جي خبر پئجي چڪي هئي ۽ هن مون کي غسل خاني کان جلدي ٻاهر ڪڍي بچائڻ ٿي چاهيو. عجيب عورت آهي، جو پنهنجي ٻچن کي ڪمري ۾ سُتل ڇڏي مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائڻ جي پوريان هُئي. ڪنهن سان ايڏي محبت بہ ڪبي آهي ڇا؟ اهو سوال اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو.

بهرحال حسب مزاج "جيڪي ڪجهہ ٿي چُڪو، سو ٿي چڪو." ڇئي وڏي ۾ وڏي سانحي کي پٺن تان اُڇلائي آئون ڪنهن اهم ميٽنگ لاءِ ڪراچيءَ روانو ٿي ويس. پر ڪوچ ۾ ويهڻ ڪانپوءِ پنهنجو پاڻ کي "جهنگ جي بلا" سڏائيندڙ ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ مون کي دل تي اهو ڳوڙهو ٿي بيهي رهيو تہ مون ۾ موجود شديد قسم جي حيواني جبلتن مون کي پنهنجي پيرن جي معرفت زلزلي جو اطلاع ڇو نہ ڏنو. اصل ۾ زلزلو پاٽيءَ جي لهرن وانگيان زمين هيٺان وهندو ويندو آهي ۽ انهيءَ زلزلي اچڻ کان هڪ بہ منٽ اڳ ۾ پيرن هيٺان هڪ سرڙاٽ ٿيندو آهي، جنهن مان اها بہ خبر پئجي ويندي آهي تہ اهو سرڙاٽ اُتر کان ڏکڻ طرف يا ڏکڻ کان اتر طرف وڃي رهيو آهي. پيرن ۾ جوتا پيل هوندا آهن تہ بہ خبر پئجي ويندي آهي.

قصو ڪوتاه، ڪراچيءَ پهچي آئون هڪ اهڙي شديد ۽ ڏکهي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿي ويس، جنهن ۾ ميٽنگ جي ايجنڊا هيڏي وڏي واقعي کان اهم بڻيل هُئي. لڳو ائين پئي تہ ايجنڊا خود هڪ وڏو زلزلو هجي. پورن ڇهن ستن ڪلاڪن جي هڻ هڻ دوران صرف هڪ نوجوان فئڪٽري اونر ايترو اطلاع ڏنو تہ سندس هڪ فئڪٽريءَ جي مشينن ڏيڍ منٽ ڪن لاءِ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ بس.

27 جنوري 2001 تي صبح جو سوير حسب عادت اخبار ڪاوش مٿان ڇانيل خبرون ۽ مضمون پڙهي، اُڪلائي، وهنجي سهنجي هيءُ مضمون لکڻ ويٺو آهيان تہ زلزلي بابت بيون سڀ وڏيون وڏيون خبرون ڇڏي مون لاءِ صرف پنج ننڍيون ننڍيون خبرون وڌيڪ ضروري بڻيل آهن. جيڪي هن مضمون کي اڳتي ڌڪڻ ۾ مدد ڪنديون. اُهي خبرون آهن: (1) ننڍي ڪنڊ ۾ 156 ورهين کان پوءِ ايڏو شديد زلزلو آيو. (2) ايس ڊي ايم ڇاڇرو پڙهيار صاحب ٻڌايو تہ ٿر ۾ اڪثر گهر ڪکن جا هجڻ ڪري خدا خير ڪيو. (3) بدين ضلعي جي مختلف علائقن ۾ زمين ڦاٽڻ جي ڪري پاٽي ڦوهارا ڪري وهڻ لڳو. (4) سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ ننڍو ڪنڊ هوريان هوريان زلزلن جي هماليائي مرڪز ڏانهن پيو رڙهي. (5) چين ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ زلزلي ۾ 5 لک ماڻهو مئا هئا.

ڪالهہ صبح کان شروع ڪيل هيءُ مضمون پورو ٿي، ايڊيٽر جي هٿن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪرندو، ڇپائيءَ جي مشينن جي هيٺيان گذرندو، جڏهين اوهان جي هٿن تائين پهچندو ته ايستائين اوهان تائين تباهيءَ جا جيڪي انگ اکر ۽ حقيقتون پهچي چڪيون هونديون. اُهي ڪجهه هن ريت هونديون (1) هن وقت جي انگن اکرن موجب ته وڏو نقصان گجرات صوبي جي گجراتي زبان ڳالهائيندڙن جي علائقي احمد آباد ۽ انهيءَ شهر کي ويجهو موجود، ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٿيل ڏسڻ ۾ ٿو اچي. پر ايندڙ هڪ ٻن ڏينهن اندر جيڪي انگ اکر گجرات صوبي جي سنڌي ڳالهائيندڙن (ڪڇي لهجي ۾) جي علائقي ڪڇ جي شهر ڀُڄ، جام ننگر، ٻني، سما وس، سومرا سر شيخ ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ٿيل تباهيءَ جي باري ۾ پهچندا، اُهي ايڏا ته ڀوائتا هوندا جو اوهان جو مٿو وڃي، پٽ سان لڳندو. (2) ڪڇ جي مقابلي ۾ سنڌ مان ايندڙ انگ اکر ٿڌا هوندا. البت زلزلي جي مرڪز کي ويجهو رهندڙ ٿرپارڪر جي برعڪس بدين ضلعي ۾ ڪجهه وڏيڪ نقصان جا انگ اکر پهچي چڪا هندا. (3) سائنسدانن جو چوڻ آهي ته زلزلي جا اجا وڏيڪ جهٽڪا به ايندا، پر سائنسدانن جي پڳ مٿ يارن فقيرن جو چوڻ آهي ته ڪو به جهٽڪو نه ايندو. فقيرن جو چوڻ آهي ته هڪ ته هيءُ جهٽڪو ايڏو وڏو آهي جو اجا ڪجهه وقت تائين جُهريل پٽيون ۽ ڪڏ وغيره ڪرندا رهندا ۽ نقصان ٿيندو رهندو ۽ ٻي ڳالهه ته ايڏي وڏي ڌڪ ڪائڻ ڪانپوءِ هراسيل ماڻهن کي اهي اوتارا (خوف جي نفسياتي ڪيفيت) ٿيندا رهندا ته شايد ٻيا جهٽڪا به اچي رهيا آهن. اهو علائقو ايندڙ ڪجهه سالن تائين خاموش رهندو، البت ڦنڊاران جوکو رهندو ايندو، مطلب ته هماليائي مرڪز مان اٿندڙ زلزلن جا جهٽڪا ايندا رهندا.

انهن ٽن ڳالهين جو ڳجهه ڳولي لهڻ لاءِ پاڻ کي ڀهرئين ”جهنگ جي دنيا (Folk Wisdom)“ ۾ ٽپڻو پوندو، تڏهين وڃي اصل ڳالهه جي ڳچيءَ مان جهليندا سين.

اوهان پاڪستان ٽيليويزن توڙي ٻاهرين چينلز تان ٽيلي ڪاسٽ ٿيندڙ ڪجهه خبرن ۾ دنيا جهان جي ايئرپورٽن تي هيروئن، چرس، ماري جئانا (چرس جو لئٽن آمريڪن قسم) ۽ آفيم وغيره جي سمگلنگ جا ڪيس پڪڙجندي ڏٺا هوندا. انهن ايئرپورٽن ۾ اهڙن ملڪن جا اهڙا ايئرپورٽ به اچي وڃن ٿا، جن جي شهرن جهڙوڪ نيويارڪ ۽ ٽوڪيو وغيره کي مشينن جا شهر (Cities of gadgets) چيو ويندو آهي. اهڙن ملڪن ۾ اهڙيون اهڙيون Deducitve مشينون موجود آهن، جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪسري جي عمل ذريعي نہ رڳو ايئرپورٽ تي لهي ايندڙ ٿيلهن، پر ماڻهوءَ جا آندا ڳجهيون پاهر ڏسي سگهجن ٿيون. اُنهي هوندي بہ ڪسٽمر آفيسرن جي هٿن ۾ اهڙيون زنجيرون جهليل هونديون آهن جن ۾ ڪُتا ٻڌل هوندا آهن. اهي جاسوس ڪُتا Deductive مشينن کان وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿي چڪا آهن. انهن ڪتن کي جڏهن ايئرپورٽ تي لهي آيل سامان مٿان ڇڏيو ويندو آهي تہ اُهي مشڪوڪ سامان ۾ چڪ وجهي ڇڪي ٻاهر ڪيندا آهن ۽ جنهن سامان ۾ مڙيئي خير هوندو آهي، اُنهيءَ کي سنگهي ڇڏي اڳتي هليا ويندا آهن. هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ انهن ڪتن جون حيواني جبلتون وڌيڪ زور آهن يا مشينون زور آهن؟ سائنسدان زور آهن يا ”جهنگل جهنگل ڦردي فقير“ زور آهن، جيڪي جبلتن جي زور تي ڳالهيون ڪندا آهن. اصل ۾ مغرب جي انهن ”جاسوس ڪتن“ کان وٺي انهن ڪتن کان بہ وڌيڪ سگهاريون حيواني جبلتون ڌاري رهندڙ سنڌ جي اصلي ڪتي ”اصيل“ ڪتي تائين اهڙا سڀ ڪتا بنيادي طور تي ”بگهڙ“ جي نسل سان واسطو رکن ٿا يا ايئن ڪٿي چئجي تہ اهي ”ڪتا“ ”بگهڙ جي ذات“ جي هڪ مُک شاخ آهن. هت لسانيات جي ماهرن کان معافي وٺندي ڪجهہ ٿن ٻولين سان ڪس ڪبي انگريزيءَ ۾ هڪ اصطلاح آهي. "Gang of wolves" (بگهڙن جو ٽولو) جنهن جي اصطلاحي معنيٰ آهي، خطرناڪ، چالاڪ، دور رس، دوربين ۽ ظالم ماڻهن جو ٽولو. اها معنيٰ انهيءَ ڪري بہ آهي جو انگريزي ٻولي شهر توڙي جهنگ جي ٻولي آهي. انهيءَ جي برعڪس خالص شهري ٻولي اردوءَ ۾ ”ڀيڙيا“ جي ٿلهي معنيٰ بيهي ٿي ”ظالم“ انهيءَ جي ابتڙ خالص جهنگ جي ٻوليءَ ۾ بگهڙ ماڻهو، جي معنيٰ ٿئي ٿي ”چالاڪ، تيز فهم ۽ هڪڙي ڏک ۾ ڏهہ مسئلا ڇڏائڻ وارو ماڻهو.“ اهي تہ ٿيا بگهڙ. هاڻي اچون جهنگ جي ٻين بلائن تي. اُنَ کي 200 ميلن پري کان اُٿندڙ زوردار واچوڙي جي خبر پوندي رهي آهي. ڳئون ـ کي طوفاني برسات اچڻ جي اڳواٽ خبر پوندي رهي آهي. ڪانگ پکيءَ کي سامونڊي طوفان جي اڳواٽ خبر پوندي آهي. اصيل گهوڙي کي پري کان ايندڙ حملہ آور جي خطري جو اڳواٽ اطلاع ملندو رهيو آهي. ائين ئي زلزلي جي خبر جديد ترين مشين کان بہ اڳ ۾ سهي، ڪانو، هُڙيو نالي جهرڪ ۽ جهنگ ۾ رلندڙ حضرت انسان کي بہ پوندي آهي. حيواني جبلن سان لوڌ ٿيل انهيءَ حضرت انسان کي توهان ”فقير“ بہ چئي سگهون ٿا.

زلزلي اچڻ کان لڳ ڀڳ پندرهہ منٽ اڳ ۾ سهو ڪن ايا ڪري اڳيان پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ڪٽي ۽ پوءِ اڪيون پوري زلزلي اچڻ جو اعلان ڪندو آهي. هيڏانهن هوڏانهن اڏامندڙ ڪانو زلزلي اچڻ کان لڳ ڀڳ ڏهه منٽ اڳ وڻن ۾ لڪي ويندا آهن ۽ سندن "ڪان ڪان" بند ٿي ويندي آهي ۽ گهري خاموشي ڇانئجي ويندي آهي. زلزلو پهچي ويندو آهي تہ پوءِ ڪانو اڏامي "ڪان ڪان" ڪري ڪن ڪائيندا آهن. هُرڻيا پڪي زلزلي جي اچڻ کان لڳ ڀڳ پنج منٽ کن اڳ ۾ گڏ ٿي، ڪنهن ننڍي قد جي گهاٽي وڻ ۾ ويهي ايڏي تہ چرچر ڪندا آهن جو ٻڌندڙ جي ڪنن ۾ سيٽيون وڃڻ لڳنديون آهن. فقير ڪي بہ ٿي منٽ اڳ سندس حواس پيرن جي ذريعي زلزلي جو اطلاع ڏيندا آهن.

هن وقت جيڪو ماحولياتي خرابو پئدا ٿي پيو آهي ۽ انٽرنيٽ ذريعي تيزيءَ سان اپ ۾ ڊوڙندڙ جيڪي نياپن جا سپر هاءِ جڙيا آهن، انهن مشين، فقيرن کي ڇڏي باقي سڀني ساهوارن کي منجهائي ڇڏيو آهي.

سو اها تہ ٿي جهنگ جي دنيا هاڻي اچون زلزلي جي مرڪز تي، جنهن جي خبر سائنسدانن کي گهٽ ۽ فقيرن کي وڌيڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ سائنسدان انهيءَ مرڪز کان پري ويٺل آهن جڏهن تہ فقير انهيءَ مرڪز جي ڪڇ ۾ ويٺا آهن. ڪالهوڪي زلزلي جو مرڪز ڪارونجهر جو ڏونگر آهي. سنڌ جي ڇيڙي تي ٿهيل شهر ننگر پارڪر جي مٿان اولهہ طرف بيٺل آهي، جيڪو اهو ڏونگر هڪ طرف سنڌين لاءِ رومانس بٺيل.آهي تہ ٻئي طرف خطري جي نشاني بہ بٺيل هيءَ ڪارونجهر ڏکڻ اولهہ طرف ڏهن پندرهن ميلن کان پوءِ پارت ۾ اولهہ طرف هلندو ڪڇ ۾ پکڙجي وڃي ٿو ۽ ڪڇ جو تمام گهڻو علائقو والاري ٿو، جتي ڪيس ڪارو جبل چيو ويندو آهي.

هت پهچي آئون پارڪرين کي شاهد طور واريان ٿو تہ اهي دل تي هٿ رکي اهو ٻڌائين تہ ڇا ڪٿين سالن کان وٺي رات جو ڪارونجهر گڙندو آهي؟ اوهان کي سورهن جاويهہ آنا اهو جواب ملندو تہ "ها، ڪارونجهر رات جو گوڙيون ڪندو آهي." جڏهين ڪو ڏونگر گڙندو ٿي رهي ٿو تہ معنيٰ تہ هيٺيان ڪا وڏي گڙ ٻڙ آهي. انهيءَ ڳالهہ کي اُتي ڇڏي اجا بہ ٻيءَ ڳالهہ تي اچون ٿا تہ ننگر پارڪر ڏانهن ويندي ٿر جي ڇيڙي وٽ ٿر جي واريءَ تي پيبل وڏا وڏا لسا ٿي ويل پٿر اوهان کي نظر ايندا. ڪئميرا جي اک لاءِ اهو هڪ خوبصورت ڏيک آهي، پر انسان جي اک جي سامهون موجود اهو ڏيک ذهن ۾ هڪ سوال ٿو اُٿاري تہ اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏا سارا وڏا ۽ گھٽا پٿر ڪارونجھر جي جبل کان ڪٽجي، اتي واريءَ تي ڇو پيا آهن؟ سڌو سنئون جواب پيو آهي تہ ڪنھن قديم زماني ۾ ڪارونجھر ڦاٽو آهي ۽ اهي شاهي پٿر اڏامي پندرهہ ويهہ ميل پري اچي اتي ڪريا آهن. ڪھڙي زماني ۾ ڪارونجھر ڦاٽو آهي؟ انهيءَ جو جواب جيالاجسٽ ۽ ڪيمسٽ وڏي آسانيءَ سان ڏيئي سگھن ٿا. رڳو انهن پٿرن تي ڏيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. آئون ايترو چئي سگھان ٿو تہ انهيءَ واقعي کان ڪئين سال پوءِ اتي ئي موجود ويرا واهہ جو سامونڊي بندرگاهہ هڪ ٻئي زلزلي ۾ تباهہ ٿيو آهي ۽ سمنڊ بہ پويان رڻ ڇڏي هٽي ويو آهي. البت ڪڏهن ڪڏهن سمنڊ جي وير ايستائين پھچي ويندي آهي.

زلزلي جي ڌوڙ بلڪل هرڻ جي ڌوڙ وانگيان هوندي آهي. ٿر ۾ تمام جھڪي، سائي پٽ ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ۽ ٽڪرين هيٺان پيل سڌي پٽرائين ميدان تي ڪنوڻ جي ڏچي وانگيان تيز. جابلو علائقي هيٺيان زلزلي جي رفتار 1800 ميل في ڪلاڪ Push and Pull جي صورت ۾ هوندي آهي ۽ موٽڻ وقت في ڪلاڪ 900 ميل Push and Pull جي صورت ۾ هوندي آهي.

زلزلي جي هماليائي مرڪز جي ويجھي ۾ ويجھو ملڪ سينٽرل ايشيا جي وڏي ۾ وڏي اسٽيٽ ڪازخستان آهي، جيڪا سينٽرل ايشيا جي اوپر ۾ آهي، پر هيستائين زلزلن جو وڏي ۾ وڏو نشانو ترڪمانستان رهيو آهي، جيڪو سينٽرل ايشيا جي اولهہ طرف وڃيو ايران سان لڳي ٿو. مشهور پولش جرنلسٽ رشيارڊ ڪاپوشنسڪي ترڪمانستان کي زلزلي جو زون سڏي ٿو. هن وقت ترڪمانستان ۾ آمريڪين جيڪي ڏڍا ڏڍ فئڪٽريون ٺاهيون آهن، جن ۾ ڪيترائي سنڌ جا انجنيئر بہ هائر ٿيل آهن، انهن فئڪٽرين جون عمارتون زلزلا پروف ٺهيل آهن. مسئلو رڳو اهو آهي تہ زلزلي جي مرڪز کان پري رهندڙ هيءَ اسٽيٽ زلزلن جو نشانو انهيءَ ڪري آهي جو زمين جي هيٺان زلزلي جي جيڪا واٽ ٺهيل آهي، اها ڪازخستان يا ڪرغيزستان جي ٿر جي بدران جبلن هيٺان ڊوڙندي وڃي ترڪمانستان کي ڏڪ هڻي ٿي. هي جيڪي چين جي زلزلي ۾ 5 لک ماڻهو مئا تہ اهي انهيءَ علائقي ۾ نہ مئا آهن، جيڪي گوبيءَ جي 1200 ميل ڊگھي ۽ ويڪري اجڙي ٿر کي ويجھا آهن. چاڪاڻ تہ واري زلزلي جي واٽ اڳيان بند جو ڪم ڏيندي آهي. اهڙي ساڳي طرح ڪارونجھر ۽ انهيءَ سان لاڳاپيل ڏونگر مان جيڪو زلزلو ٽٽو آهي يا انهيءَ کان ڏيڍ سئو سال اڳ جيڪو زلزلو ٽٽو يا تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان اڳ جيڪي به زلزلا تيا. انهن سڀني زلزلن کي جبلن هيٺان واٽ ملي آهي. انهيءَ ڪري هن زلزلي پڪ سان ڪڇ کي تمام وڏو ڌڪ هنيو هوندو. رهي ڳالهه احمد آباد وغيره جي ته اهو عرض ڪري ڇڏجي ته زلزلي جي مرڪز کان جيڪڏهن سڌ ۾ احمد آباد ڏانهن وڃبو ته وچ ۾ گجرات جو ٿر اچي ٿو. انهيءَ ڪري جيڪو احمد آباد کي نقصان پهتو آهي، اهو هيٺئن پهتو آهي ته ڏکڻ اولهه طرف ويندڙ زلزلي ڪڇ کي رڻ ڪري ڇڏڻ کان پوءِ احمد آباد کي الهندئين طرفان اچي ڌڪ هنيو آهي. پر اهو ڌڪ ايترو زوردار ناهي، جيترو اُتي نقصان ٿيو آهي. نقصان جو اصل سبب احمد آباد شهر جي بناوت آهي، جنهن ۾ سنهيون گهٽيون ۽ اجوڳا گهر پاتا وڃن ٿا.

سنڌ جو گهڻو بچاءُ ٿر ڪيو آهي، جو واري زلزلي کي ڪنهن بند وانگر روڪيندي آهي. فرق اهو آهي ته بدين ضلعي ۽ ڪڇ جي ٽڪرين جي وچ واريءَ جي علائقي جي ڊيگهه ٿوري آهي، جڏهن ته ميرپورخاص ضلعي ۽ ٿر پارڪر جي ڪس ۾ زلزلي جي مرڪز جي وچ ۾ واريءَ جو وڏو بند آهي. اهو ئي سبب آهي جو هڪ پاسي بدين ضلعي ۾ وڏيڪ نقصان پهتو هوندو ته ٻئي پاسي نئين ڪوٽ کان وٺي ميرپورخاص تائين گهٽ نقصان ٿيو هوندو. حيدرآباد ضلعي کي جيڪو معمولي زخم رسيو آهي، اهو بدين ضلعي وٽان آيل آهي، ٿر پارڪر ته زلزلي جي پٽ ۾ تمام ويجهوآهي، پر اتي انساني نقصان انهيءَ ڪري گهٽ ٿيو آهي جو واري خود بند بڻي آهي، پر بند ٽٽندي به آهي. پر گهٽ نقصان ٿيڻ جو ٻيو وڏو سبب اهو آهي جيڪو ڇاڇري جي ايس ڊي ايم پڙهيار صاحب ڪيو آهي ته ڪڪائڻ گهرن بچاءُ ڪيو. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئون ته اها "چنئوري" جي ڪرامت آهي. "چنئورو" هڪ اهڙو گهر آهي، جيڪو سياري ۾ سيءَ کان بچائيندو آهي، اونهاري ۾ قدرتي ايئرڪنڊيشنڊ جو ڪم ڏيندو آهي. سخت برسات ۾ ڀيا گهر ڪري پوندا آهن، پر چنئورو نه ڪرندو آهي. جو ننڍڙي گول ڪچي ڀت جو بچاءُ ڪاٺيا ۽ مٿان ستيل سڻ ڪندا آهن. زلزلي جي صورت ۾ چنئورو ڪري به پوي ته اندر ويٺل ماڻهو معمولي زخمي ٿيندو آهي. البت زلزلي جي صورت ۾ زمين ۾ ڏرڙ پوندا آهن.

پڙهيار صاحب پاڻ ڪٿان جو آهي، اها مون کي خبر ناهي، پر اها خبر اٿم ته پڙهيار ذات جي اڪثريت ڪڇ، ٿرپاڪر ضلعي جي تعلقي ڏيپلي ۽ بدين ضلعي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏکڻ ۾ رهندا آهن. تي سگهي ٿو ته اخبار واري سان ڳالهائڻ وقت سندس جينز اها ڳالهه ڪري ويا هجن.

هندستان پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه سال اڳي ڪڇ مان لڏي ايندڙ چاچي محمد سمي مون کي ننڍپڻ ۾ هڪ پهاڪو ٻڌايو هو ته "ابا، اُترين ڏونگر جا ڇهه ڏک، ڪارونجهر جا ٻه ڏک."

اهو پهاڪو ڪيتري حد تائين صحيح آهي، انهيءَ جو پتو هيءُ مضمون پڙهڻ تائين اوهان کي پئجي چڪو هوندو.

(2001ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زلزلي بابت ڪجھ وڌيڪ ڳالهيون

هڪڙو مضمون لکڻ کان پوءِ منهنجو انهيءَ ساڳئي موضوع تي لکڻ جو قطعي ارادو نہ هو، پر ماڻهن جون ايتريون تہ فرمائشون مون تي اچي ٽٽيون آهن جو ٻيهر ساڳئي موضوع تي لکڻ تي مجبور آهيان. اهي فرمائشون شايد انهيءَ ڪري بہ ٿيون آهن تہ ميڊيا ڪٽي ڀلي ٻين خبرن تي ڌيان ڏئي، پر خلقت جو ڌيان اڃا تائين زلزلي تي ٽڪيل آهي. ڪيترائي ماڻهو اڃا تائين هراسيل آهن ۽ هوائي توائي افواهن جو شڪار ٿين ٿا. ڪين وڌيڪ نقصان ٿيڻ جو ڊپ ويٺو آهي. اها ڳالهہ ڳڻي پنا ڪارا ڪرڻ ويٺو آهيان.

زندگيءَ ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل زلزلي جهڙي خوفناڪ قدرتي آفت جي مختلف پهلوئن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ ڪنهن اهڙي ٽڪريل سگهڙ جي ضرورت ناهي، جيڪو ڳاڙها ٻوڙ ڏسي ٻاهران آيل وڏن ماڻهن جي اڳيان هٿ جوڙي گهڙيل ڳالهيون هڻي، هڪ ٻاسي هر فن مولا قسم جو ماڻهو ٿي ويهي رهي تہ ٻئي پاسي وري اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ کي حيرت ۾ وجهي، ڪانئس داد وصول ڪري. ۽ نہ ئي وري ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي ضرورت آهي. جيڪو هيڏي حساس ماهري تي بنا ڪنهن تصديق ۽ ڄاڻ جي ڪنهن اهڙي اوطاقي (درٻاري) سگهڙ کي ٻچ ٻڌي مهري بڻائڻ جي چڪر ۾ ڪيس ”ماهر ارضيات“ جو خطاب ڏيئي، سڄيءَ سنڌ ۾ پڙهو ڦيرائي ڇڏي.

هيءُ جيڪو رت رئاڙيندڙ زلزلو آيو آهي، انهيءَ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري گهر گهر پهچندڙ اخبار ۾ اختصار سان ڇپائڻ لاءِ وڏي احتياط ۽ خبرداريءَ جي ضرورت آهي. جو اهو ڪم ڏکيو، منجهائيندڙ ۽ گهڻ پاسائون آهي. هن ڪم ۾ هوائي ڦٿاڪا ڇوڙڻ جي تہ جيتري بہ گنجائش ناهي. هن ڪم ۾ زلزلي واري علائقي جي جاگرافي، تاريخ، لسانيات، ائٿنالاجي، لوڪ سائنس، ارضياتي سائنس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ﭘﻬﺌي هنڌ آيل زلزلن جي باري ۾ ساڪائٽين جرنلسٽڪ رپورٽن، ذاتي Intuition، ڪامن سينس ۽ سوشل سائڪالاجي تي حال سارو نظر رکڻي آهي. جيڪڏهن ايئن نہ ڪيو ويو تہ پوءِ اُهي ٺلهيون ڦوڪون رهجي وينديون. هيترين سارين رپورٽن، خبرن اچڻ کانپوءِ انهيءَ ڳالهہ ۾ هاڻي ڪا بہ شڪ جي گنجائش نہ رهي تہ زلزلي جي وڏ ۾ وڏ سٽ ڪڇ ۾ ٿي آئي آهي. ڪڇ جا شهر ڀڄ، انجار، ڀچاءُ، رتلان ۽ راپڙ ۽ انهن شهرن جا پر وارا ڳوٺ زمين دوز ٿي چڪا آهن. ڀڄ کان ڏکڻ اوڀر طرف موجود شهر چام ننگر کي بہ وڏو ڌڪ لڳو آهي، جڏهن تہ لوڊاڻي، ٻني، صوفي صادق فقير جو اصلوڪو ڳوٺ ٻني، پنڙي، جهرو ۽ سماونس جون وسنديون اڃا تائين اونڌهہ ۾ آهن. اهو سڄو ڪڇ ماضيءَ ۾ گجرات جي بدران سنڌ سان لاڳاپيل رهيو آهي ۽ سمن جي دور حڪومت کان وٺي ڪڇ تي ڄاڙيجن سمن جي حڪمراني رهي آهي. حڪمران ڄاڙيجا سما تہ هندو آهن، پر سنڌ توڙي ڪڇ ۾ ڪيترائي ڄاڙيجا مسلمان بہ آهن. ايئن ئي جيئن راجستان ۾ جوٽيجا هندو بہ آهن تہ مسلمان بہ. انگريزن جي اچڻ کانپوءِ حڪمران ڄاڙيجا ڪڇ جي گاديءَ جو هنڌ ڀڄ ڇڏي چام ننگر ۾ ويٺا. مشهور آمريڪن ڪلچرل انٿراپالاجسٽ جيو ڊي فريٽر سترهن سالن جي فيلڊ ريسرچ کان پوءِ تازو جيڪو ريهاڙين تي Identity of Threadsڪتاب لکيو آهي. انهيءَ ۾ جيو ڊي فريٽر لکي ٿي تہ جڏهين ڪڇ جي راڄن پاڳن ۾ جيڪي شادين جا پٽ پوٽ ٿيندا آهن تہ ڇنن ۾ ٻي سڄي خلق بنا ڪنهن طبقاتي فرق جي هيٺ وڇايل فراسين تي ويهندي آهي. جڏهن تہ چام سانول ڄاڙيجي (ڪرڪيٽيئر اجئہ سنگهہ جو چاچو.) کي ويهڻ لاءِ کٽ ڏني ويندي آهي. ڪتاب ۾ هڪ اهڙي وڏي تصوير بہ ڇپيل آهي. اهو ڪتاب هن وقت ايس ايس پي سائين رکيو ميراڻي جي قبضي ۾ آهي. هت سنڌ ۾ ٽالپرن جي دور ۾ جيڪو وڏ ۾ وڏ سکو هلندو هو، اهو ڪڇ جي چامن جو هوندو هو، انهيءَ سکي کي ”ڊينگلو“ ڪري چوندا هئا.

هن وقت بہ ڪڇ ۾ سنڌي ذاتين جهڙوڪ ڄاڙيجا، سما، سومرا، سنگراسي، سوڍا، جت، هنگورجا، لنجا، مارو رباڙي، پڙهيار، مياڻا ۽ شيدي وغيره جي گهڻائي رهي ٿي.

ڪڇ جي زبان سنڌي آهي، جيڪا ”ڪڇي لهجي“ ۾ ڳالهائي ويندي آهي. سنڌيءَ جو اهو لهجو ڪراچي ۽ ڏکڻ ٺٽي جي سنڌي ٻوليءَ جي لهجي کي ايترو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ويجهو آهي، جيترو ”اترادي لهجو“ وچولي جي لهجي کي ويجهو آهي. مطلب ته ڪڇ جي ٻولي باقاعدي سنڌي آهي. انهيءَ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت اهو آهي ته ڏيپلي تعلقي ۽ مٺيءَ جي وٽ واري علائقي جي ڪيترن ئي ٻنين جو پراڻو رڪارڊ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به پيچ ۾ هو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل هو ۽ پاڪستان ۾ هلندڙ ٻنين جي ڪيس ۾ ڪتب ايندو رهيو جو ڦڏي واريون ڌريون انهيءَ رڪارڊ جو نقل ڪٽي هتي اچي ڪيس وڙهنديون هيون. ظاهر آهي ته آرڪائيوز جو اهو ذخيرو هاٽي پيچ شهر سان گڏ زمين ۾ دفن ٿي چڪو هوندو.

ڪڇ جو گهڻو علائقو ڏونگرن، ڏونگرين ۽ جابلو پٿن تي ٻڌل آهي. ڪڇ جي چاڻ ننگر واري علائقي جو ڪجهه حصو زرعي علائقي تي ٻڌل آهي. جنهن کي نرمدا درياءَ آباد ڪري ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو نرمدا ڊيم تي لکيل ارون ڌتي راءِ جي 60 صفحن تي ٻڌل شاهڪار مضمون ۾ ڪيس اهو لکڻو پئجي ويو ته نرمدا ڊيم ٺهڻ سان ڪڇ برباد ٿي ويندو. ڪڇ جو ڪجهه حصو وري رڻ پٽ تي ٻڌل آهي. انهيءَ رڻ پٽ هيٺان زمين اندر ڪن حصن ۾ چيڪي مٽي آهي، ڪن حصن ۾ ڊپٽين جا سلسلا آهن ۽ ڪن حصن ۾ گرينائيٽ پٿر جا سلسلا آهن.

ڪارونجهر جي ننگر پارڪر جي چيڙي کان وٺي ڏکڻ اولهه طرف هلندڙ ڪارونجهر 28 ميل هلي، گرينائيٽ پٿرن جي صورت ۾ رڻ پٽ ۾ هيٺ زمين اندر گهڙي وڃي ٿو. مطلب ته هيٺان ڪارونجهر آهي ۽ مٿان رڻ پٽ. اهو سفر 72 ميل هلي ٿو. 72 ميلن کان پوءِ وري ڪارونجهر ظاهر ٿئي ٿو. جيڪو سر اولهه طرف هلندو وڃي پيچ وٽ سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو. ڪر جي ڳالهه اها آهي ته انهيءَ سڄي جبل کي ڪڇ جو عام ماڻهو ”اصلي ڪارونجهر“ (ڪارو جبل) جي نالي سان به سڏي ٿو. چاڪاڻ ته اهو اصلي ڪارونجهر نه رڳو ڊيگهه ۾.وڌيڪ آهي. پر اوچائيءَ ۾ به تمام گهڻو مٿي آهي. ”اصلي ڪارونجهر“ جو لفظ ئي اهو صاف صاف ٻڌائي ٿو اهو اصلي ڪارونجهر ۽ پارڪر وارو ڪارونجهر هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي آهن.

انهيءَ سڄي پٽ کان واقف رهندڙ ۽ 1971ع جي جنگ ۾ ڪڇ مان لڏي ميرپور خاص ۾ وينل ڊاڪٽر محمد خان سميجي جو چوڻ آهي ته ”اصلي ڪارونجهر“ خاموش رهندو آهي. جڏهين ته ”پارڪر وارو ڪارونجهر“ رات جو گوڙيون ڪندو آهي. جڏهن ته ”اصلي ڪارونجهر“ ۽ ”پارڪر واري ڪارونجهر“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وچ ۾ جيڪو 72 ميلن وارو رڻ پٽ اچي ٿو. انهيءَ رڻ پٽ هيٺان گرينائيٽ پٿر لڌو ويو آهي. جيڪو پارڪر واري ڪارونجهر ۾ به ملي ٿو. پر عام ماڻهو لاءِ وڏي ثابتي ته لفظ ڪارونجهر ئي آهي.

سنڌ کان ڌتي گجرات ۾ شامل ٿي ويڻ واري موجوده ڪڇ جي باري ۾ ڪنهن کي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي ته ڪافي وقت پيچ ضلعي جي ڪليڪٽر (ڊي سي) رهندڙ ۽ پوءِ ڀارت سرڪار جي مرڪزي سيڪريٽري رهندڙ مدراسي آءِ سي ايس آفيسر موسيٰ رضا جي تازو لکيل دلچسپ انگريزي ڪتاب جي اردو ترجمي ”بلبلين نواب ڪي“ پڙهڻ کپي. اهو ترجمو شاهه محي الحق فاروقي ڪيو آهي ۽ اهو ڪتاب اسٽيٽ بئنڪ حيدرآباد جي لئبريريءَ ۾ موجود آهي.

هتي اهو به عرض ڪري ڇڏجي ته جيئن اصلي ڪارونجهر ۾ ڪيترن ئي لنگهن. چوٽين ۽ ٻين طرفن ڏانهن ڦٽندڙ ڏونگرن ۽ ڏونگرين تي الڳ الڳ نالا رکيل آهن. تيئن ڪجهه ماڻهو ”پارڪر واري ڪارونجهر“ کي ”ڪارونجهر جي مُڇ“ ڪري سڏيندا آهن. جيڪا ڳڙي ٿي. ايئن ئي ڪارونجهر جي سلسلي کان ڪئين ڀيرا وسيع ”هماليائي جبلن“ جو سلسلو آهي. جنهن جي ڏار ڏار هنڌن کي ڏار ڏار نالا ڏنل آهن. اهو زبان ۽ بيان جي خيال کان هڪ اختصار آهي ته گهٽي پٽاڙ ڪرڻ جي بدران ”سلسلو“ جو لفظ ڳنڍي هڪڙو ئي اکر لکي جند ڇڏائجي.

هاڻي اچون ٿا انهيءَ هنڌ تي جتان زلزلي جي مشين گن ڇٽي ٿي ۽ جنهن جو جيڪو نشانون بڻجي ٿو.

لنڊن يا ڪراچيءَ ۾ ارضيات ۽ تعميرات جي ماهر محمد اسحاق جو تاريخ 30 جنوريءَ جي ڪاوش ۾ اڳئين صفحي تي بيان موجود آهي ته زلزلي جي هڪ ڊائريڪشن (رخ) هوندي آهي. اهڙي ساڳئي طرح انٽرنيٽ يا ڪنهن ٻئي ذريعي سان حاصل ڪيل انسائيڪلو پيڊڪ معلومات جي آڌار تي تاريخ 2 فيبروري جي ڪاوش ۾ وسعت الله خان لکي ٿو ته ”هڪ پاسي زلزلو اچي ٿو ته ٻئي طرف سندس شدت ايتري محسوس نه ٿيندي.“ انهن ٻنهي راين جي جيڪا شيءِ ٺاهي ٺوڪي تصديق ڪري ٿي. اهو آهي ”ڪامن سينس“. جيڪو ايترو ڪامن ناهي. انهيءَ سڄيءَ ڳالهه کي سولائيءَ سان سمجهائڻ لاءِ ”مشين گن“ جو هٿيار وڌيڪ مناسب ٿو لڳي. جو انهيءَ جون گوليون پري به وڃن ٿيون ۽ پکڙجي به وڃن ٿيون. وڏي ڳالهه ته مشين ڇٽڻ وقت پوئتي به زوردار ڌڪو ڏيندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فطرت آهي ته اهو ته ڪو جواب نه ٿيو. جواب ته اهو ٿيندو ته ”سائين منهنجا، اتر لڳو آهي. اُڻ تي مستي چڙهي آهي. هاڻي اهو اڻ اُنڙين ۾ به ڪاهي پوندو ۽ چتو تي ماڻهن سان به وڙهندو.“

تاريخ 1 فيبروري جي اخبار ”شام“ ۾ هڪ وڏيڪ چاڻ ڏيندڙ خبر تصوير سميت ڇپي آهي ته پارڪر وارو ڪارونجهر رنگ بدلائي سفيديءَ طرف مائل ٿي رهيو آهي. اها خبر آخري نشاني آهي. جيڪا ٻڌائي ٿي ته مشين گن اتان ئي چٽي آهي. باقي جيڪي يار پائيپن ذريعي ڪارونجهر مان تيزابيت وارو مادو ڪڍڻ چاهين ٿا ته انهن کي چا تو چئي سگهجي.

باقي زلزلي جي انهيءَ مشين گن جيڪو پوئتي ڌڪ هنيو ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ بنا ڪنهن جاني نقصان جي جيڪو جڳهين ڪرڻ جو نقصان ٿيو ته ڳالهه اها آهي ته ٿر جي ماروئڙن پنهنجي اصلي پناهه گاهه چنئورو ڇڏي ڪچيون پڪيون جڳهيون نهرائيون ته اهو ته ٿيٽو ئي هو. بي ڌڪ جي ڳالهه اها آهي ته زلزلي جو ڌڌڪو ٻڌي ڪارونجهر جي آسپاس موجود مورن مان لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو مور مري چڪا آهن. جو موز ۽ گوهڙ پکي ڏڇٽي ۾ ڏڇٽا پکي آهن. واريءَ کي اجا به آئون بچاءُ تو سمجهان جو اها ڪامن سينس جي ڳالهه آهي ته پارڪر جي اوبر ۽ ڏکڻ طرف موجود راجستان کي پوئتي لڳندڙ ڌڪ مان نقصان نه ٿيو ته انهيءَ لاءِ شڪيل بچاڻيءَ جي مضمون ”چا اجا به ڪو زلزلو ايندو؟“ ۾ ارضيات جي ماهر ۽ هڪ شاندار اُستاد ڊاڪٽر اسد الله قاضيءَ چٽيءَ راءِ ڏيئي ڇڏي آهي.

قاضي صاحب پنهنجي انهيءَ راءِ ۾ هڪ ارضياتي اصطلاع "After Shock" ڏنو آهي. پر انهيءَ ارضياتي اصطلاح کي لفظي معنيٰ ۾ ڪٺندي هڪ ڪم جي ڳالهه ڪرڻ ضروري آهي، ته جيئن ماڻهن کي هاڻي انهيءَ شڪ مان نڪرڻ گهرجي.

(1) اڻ لکن زلزلن جي باري ۾ ته ڪو باقاعدي ارضياتي ماهر ئي جواب ڏيئي سگهي ٿو. پر ماضي قريب ۾ ڪارونجهر سلسلي جا صرف ٻه وڏا زلزلا آيا آهن. هڪ 1854ع جيڪو زلزلو آيو. انهيءَ جو رخ ڪڇ ۽ گجرات ڏانهن ئي هئو. ڪارونجهر جي ڪڇ ۾ موجود جين ڌرم جا مندر ڪجهه وقت اڳ تائين صحيح سلامت هئا. جيڪي لڳ ڀڳ ٽي هزار سال پراڻا آهن. جيڪڏهن وڏي ريڪٽر تي سنڌ جي طرف زلزلي جي ڪا مشين گن چٽي ها ته اهي مندر ڪونه بچن ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب تہ ٽن هزار سالن کان ڪوبہ زلزلو انهيءَ طرف کان سنڌ ڏانهن نہ آيو آهي، پيو وڏو زلزلو 1956ع ۾ آيو، جنهن ڪڇ جي صرف هڪڙي شهر انجار کي تباهہ ڪيو. اتهيءَ مان اها خبر ٿي پوي تہ ڪافي سالن تائين اتان کان ڪراچيءَ ڊويزن سنڌ کي نقصان پهچڻو ناهي. باقي هماليائي سلسلي جي طرف کان ايندڙ زلزلن جي ڪا رسائي تہ ڪانہ ٿي ڏسجي. البت ننڍا وڏا لوڏا تہ ايندائي رهيا آهن.

(2) اخبار ۾ ڪا هڪ اڌ اهڙي خبر بہ آئي آهي تہ سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ هيءَ علائقو هماليائي جبلن جي سلسلي کي ويجهو ٿي رهيو آهي تہ انهيءَ لاءِ چٽائي ڪري چڏڻ گهرجي تہ اهڙيون تبديليون هزارين نہ، پر لکين سالن ۾ ٿينديون آهن، تنهن ڪري بي فڪر رهو.

(3) ڪنهن بہ وڏي زلزلي اچڻ کان پوءِ هيٺ زمين اندر پاڃڙ پوندي آهي. جيئن زلزلي کان پوءِ زمين کان مٿي موجود پٽل گهر ۽ پٽيون ٿورو ٿورو ٿي پوءِ بہ ڪرنديون رهنديون آهن، ايئن ئي زلزلي کانپوءِ زمين کان هيٺ هلڪي پيچ ڏاهہ ٿيندي آهي. انهيءَ پاڃڙ کي ئي "After Shocks" چئبو آهي. پر هيٺئر سنڌ جي ڪنهن بہ علائقي ۾ ايڏي پاڃڙ نہ پوندي جو ڪو خاص جاني نقصان ڪري وجهي. اهڙي ڪنهن بہ ڳڻتيءَ جي ضرورت ناهي.

(4) سماجي نفسيات جي ماهرن جي اها پڪي پختي راءِ آهي تہ شديد فسادن، انقلاب، جنگين، خوفناڪ طوفان، تيزيءَ سان پکڙجندڙ وبائن ۽ زلزلن جيءَ صورت ۾ انهيءَ علائقي جي ماڻهن جي نفسيات هڪ جهڙي ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهو پنهنجين ڌار ڌار نفسياتي ڪيفيتن کي ڇڏي هڪڙي ڪيفيت ۾ وقت گذارڻ لڳندا آهن. ايئن سڄي خلقت گڏجي ڏوڪو کائيندي آهي. جنهن کي سماجي نفسيات ۾"Shock After Shock" چوندا آهن. جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو چوندو تہ ”مون کي ڌرتي ڏيڻ“ جو لوڏو آهي“ تہ پيا سڀ ماڻهو بہ پنهنجي پيرن هيٺان ڌرتي ڏبندي محسوس ڪندا آهن. جڏهين تہ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ هوندي آهي ۽ اهو صرف اجتماعي ڏوڪو هوندو آهي. وقت گذرڻ سان گڏ اها اجتماعي بيماري ماڻهن کي ڇڏي ويندي آهي. انهيءَ ڪري هاڻي ڪنهن بہ اهڙي افواهہ تي لڳڻ نہ کپي. هونئن هن بيماريءَ جو علاج ميڊيا ئي ڪري سگهندي اهي. پر اسان وٽ ميڊيا اڃا ايڏي ترقي نہ ڪئي آهي.

(5) هن زلزلي اچڻ کان پوءِ ڪيترن ئي ماڻهن کي ڦيري تي پئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن ئي ماڻهن کي مٽي جو سور وٺي ويو آهي، ڪيترائي ڀيرا Hallucination جا شڪار ٿي پيا آهن ۽ ڪجهه ماڻهن جا ڪن به وڃڻ لڳا آهن. اهڙا اطلاع بدين، ميرپورخاص ۽ ٿرپارڪر ضلعن مان مليا آهن. هن صورت ۾ عارضي نفسياتي مريضن جي مائٽ يا دوستن کي کپي ته اهي انهن مريضن کي ڪنهن سٺي نفسياتي ڊاڪٽر کان تپاسائين ۽ بيماريءَ جو سبب زلزلو ٻڌائين ته هڪ ٿي گوريءَ سان مريض صحت مند ٿي ويندو. هن بيماريءَ کي جسماني بيماري نه سمجهيو وڃي. خود منهنجي زال نجمه کي ڦيري ٿي پيئي هئي. جڏهن ڪيس بيماريءَ جي ڪارڻ کان آگاهه ڪيم ته خود به خود ٺيڪ ٿي ويئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن نفسياتي ڊاڪٽر وٽ وڃي علاج ڪرائڻ جي سگهه ناهي ته انهيءَ مريض جي ويجهن کي کپي ته اهي ڪوشش ڪري مريض کي بيماريءَ جو اصل ڪارڻ سمجهائين ته سمجهڻ ڪانپوءِ به مريض پاڻمرادو ٺيڪ ٿي ويندو.

(6) اسان جي اخبار وارن کي کپي ته ٿر پارڪر ۽ بدين ضلعن ۾ زمين ۾ ڏرڙن پوڻ جي ڪري جتي ڪارو پاڻي مٿي چڙهي آيو آهي، مٿا ڪوهه ڪارا ٿي پيا آهن. کوهن مان پاڻي سڪي ويو آهي ۽ ڪچا پڪا گهر ڊهي پيا آهن. انهيءَ نقصان جا انگ اکر گڏ ڪر ايڏيون ته ريهون رڙيون ڪن جيڏيون رڙيون 1935ع ۾ آيل ڪوئٽا جي زلزلي کان پوءِ (جنهن ۾ ڪوئٽا شهر مڪمل طرح تباهه ٿي ويو هو) زلزلي ۾ ماڻهن جي مرڻ ۽ دانهون ڪرڻ جا آواز فونو گراف جي رڪارڊ ۾ ڀريا ويا هئا. هن بندي جي گهر ۾ به اهو رڪارڊ هو. پر پڇي پيو (مهراڻي جي پيلُواڙي علائقي ۾ اهو پهريون فونو گراف آيل هو). ته جيئن ڪتان نه ڪتان ڪا واهر پهچي سگهي.

بهرحال جيڪي ڪجهه ٿيو سو ٿي چڪو آهي. هاڻي خلقت کي زلزلي کان ته ڊڄڻ جي ڪا ضرورت ناهي. باقي ماڻهو اڄڪلهه ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهه تي ڪلاشن ڪان وٺي مارٽر توبن تائين هٿيار ڪڍي ويهي ٿا رهن. انهيءَ نقصان لاءِ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي.

اسان ماڻهو بنيادي طرح تي احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهيون، جو اسلام آباد مان آيل اعجاز مهر جي رپورٽن کان وڌيڪ انگريزي اخبار جي رپورٽن تي اعتبار ڪريون ٿا. جڏهن ته اعجاز مهر جون رپورٽون تيز هونديون آهن. ايئن ئي جيڪا ڳالهه مون پکين ۽ جانورن جي باري ۾ لکي هئي ته اهي زلزلي جو اڳوات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اطلاع ڏيندا آهن تہ ڪجھہ سفيد پوش ماڻھن، خاص ڪري اسان جي ڪجھہ نام نهاد اديبن ۽ صحافين انھيءَ ڳالھہ تي اعتبار نہ ڪيو هوندو. پر هاڻي جڏهن ”هندستان ٽائيمز“ جي مضمون ۾ جپان ۽ آمريڪا جي حوالي سان اهي خبرون آيون آهن تہ جانورن ۽ پکين کي زلزلي جو اڳواٽ اطلاع ملندو آهي تہ هاڻي تہ انهن رهيل کهيل يارن کي بہ اعتبار ڪرڻ گهرجي.

رهي ڳالھہ زلزلي جي شدت جي ۽ طرف جي تہ انھيءَ لاءِ چاچي مرحوم محمد سمون جي ٻڌايل اها ڪڇي لوڪ سائنس ڪافي آهي تہ ”ابا اترئين ڏونگرين جا ڇهہ ڏڪ (ڪڇي زبان ۾ ڪارونجھر کي ڏنل خالص ڪڇي گار) ڪارونجهر جا ٻہ ڏڪ.“

(2001ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيون هجرتون

هينئر تہ ويجهڙ ۾ ڪا عيد ڪا نہ ٿي سجهي، پر جڏهن بہ جيئن بہ عيد اچڻ لڳندي آهي تہ ڪجهہ صحافين جو پڇيل هڪ سوال ڪنن ۾ وڃڻ لڳندو آهي تہ "هن ڀيري عيد ڪٿي ۽ ڪيئن ملهائيندا؟" وري جڏهين عيد پنهنجو وارو وڄائي ختم ٿي ويندي آهي تہ ساڳين صحافين طرفان رڪارڊ جو هيو ڀاسو وڃڻ لڳندو آهي تہ "هن ڀيري عيد ڪٿي ۽ ڪيئن ملهائيو؟"

بظاهر اهي ٻئي سوال رڪا، خالي، رسمي، سطحي، يڪسانيت جو شڪار ٿيل ۽ اهڙا بيڪار لڳندا آهن جو دل چوندي آهي تہ اهڙن ٻارن ڪان پيٺ هٿ مان ڦري، اڌ مان پيچي سندن ميز اڳيان رکي ڪين چئجي تہ "ڪو ٻيو سوال پڇو." پر وري جڏهين انهن سوالن تي من لائي غور ڪرڻ ڪان پوءِ تهہ تائين پهچبو آهي تہ اهڙن سوالن جي پويان هجرتن جي هڪ وڏي دونهين دُکندي نظر ايندي آهي، جنهن ۾ ڪئين چهرا، واٽون ۽ ماڳ مڪان دونهاتيل نظر ايندا آهن ۽ اڪين ۾ پاڻي اٽلڻ لڳندو آهي.

گذريل ڳچ سالن ۾ ڏنتي ڏاڙي، نوڪريءَ ٽوڪريءَ ۽ ڏيکا سيکيءَ سانگي سنڌ جا ڪئين ماڻهو پنهنجا راڄ ڀاڳ ڇڏي ننڍن وڏن شهرن ۾ آباد ٿي وڻ وڻ جي ڪاني ٿي ويا آهن. هجرتن جي هن لاڳيتي طوفان سنڌ جي ڳوٺاڻن ماڻهن کي پاڙان پٽي اهڙن اهڙن هنڌن تي وڃي اُڇلائيو آهي جتي هڪڙي گهٽي ٻئي گهٽيءَ ڪان اوپري آهي، هڪ در ٻئي در کي سڃاڻڻ ڪان انڪاري آهي ۽ هڪ هٿ ٻئي هٿ ڏانهن وڌڻ ڪان عاري آهي. سڀ رشتا ناتا بئنڪ اڪائونٽ ۾ جمع ٿي چڪا آهن، دل جي ڏڪ ڏڪ نوٽن جي ڪڙ ڪڙ ۾ ٻڏي چڪي آهي ۽ سچ جي جاءِ تي ڊالر اُڀرڻ لڳو آهي. ائين انساني رشتن ۽ محبت کي مالي آسودگيون ڪائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳيون آهن يا ائين ڪٽي ڇڻجي ته ڳجهون ماس پٽي چڪيون آهن ۽ هڏا وڃي بچيا آهن.

ظاهر آهي ته انهن ڏٺين وائٺين سوشيو اڪنامڪل حقيقتن انسان جي نفسيات تي گهاٽو اثر ڇڏيو آهي ۽ اثر ڇڏيندڙ رهنديون. انهيءَ ڪري انسان عمر جي هڪ حد تي پهچي پوئتي راڄن پاڳن ڏانهن موٽ ڪائيندو رهيو آهي. پر جڏهن هو اهڙي موٽ ڪائيندي عيد برات تي پنهنجن راڄن پاڳن ۾ پهچندو آهي ته ڪيس ''اصل ۾ ڇڏيل راڄ پاڳ'' ساڳئي شڪل ۾ نظر نه ايندو آهي. هو جيڪي اميدون رکي پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچندو آهي ته اهي اميدون نازڪ شيشن وانگيان فرش تي ڪري ۽ ڇيهون ڇيهون تي سندس ڳوٺ ڏانهن ڪچندڙ پيرن کي زخمي ڪري وڃهنديون آهن. پيرن جا اهي زخم عذاب بڻجي، دل ۽ دماغ ۾ گهڙي ويندا آهن. سندس پاروٽڻ ته هونئين ئي گم ٿيل هوندو آهي، پر انهيءَ جون نشانيون به نه ملنديون آهن. راندين جا هنڌ ڪيڙجي چڪا هوندا آهن، سوين هزارين ٻوليندڙ پکي غائب ٿي چڪا هوندا آهن. سواءِ ڪارن ڪانون جي، لوڪ ڏاهپ جون ڳالهيون ٻڌائيندڙ جهونا قبرن ۾ دفن ٿي چڪا هوندا آهن ۽ جي ڪو هڪ اڌ جهونو سياڻو بچيل هوندو آهي ته اهو انهيءَ حيرت ۾ گم هوندو آهي ته هيءَ دنيا دورنگي ڇا هئي ۽ هاڻي ڇا ٿي پيئي آهي، ۽ سندس نگاهن ۾ رڄ سڄ وسندي نظر ايندي آهي يا وري هتان هتان ٽنٽندڙ مکيون. بيمار ٻارن ۽ ڏبرن ڪتن تي گار جي رئي پيئي پوندي اٿس.

عيد لاءِ ڳوٺ پهچندڙ سنڌ اندر ئي هجرت ڪري مهاجر بڻجي ويل سنڌي ماڻهوءَ جا جيڪي سنگتي ساٿي هوندا آهن، اهي ڳوٺ جي پراڻي عيد گاهه ۾ نماز پڙهڻ ڪان سُتت ئي پوءِ ڪي ٿيلها تيار ڪري ڏنڌي ڏاڙيءَ يا نوڪريءَ ٽوڪريءَ سانگي وڃڻ لاءِ پنهنجي راڄ پاڳ کي ڇڏڻ جي تيارين ۾ لڳي ويندا آهن ته ڪي وري ڪوڏريون ڪٽي ٻنيءَ ٻاري جي ڪم تي چڙهي ويندا آهن ۽ ڪي وري لنيون ڪلهن تي رکي، ٻانهن ۾ ڦاسائي مال چارڻ هليا ويندا آهن. شام ٿيندي ٿيندي ڳوٺ ۾ رڳو ٻار ۽ عورتون وڃي بچنديون آهن. شام جو ماڻهو جڏهين ٻاهر نڪرندو آهي ته نه اڳيون واٽون ڏسڻ ۾ اينديون آهن ۽ نه اڳيان وڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. چوڌاري مايوسين جي ڀاڃن ڪان سواءِ ته ٻيو ڪو ڀاڃو به ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ جيئن ئي سانجهي ٿيندي آهي تہ ماڻهو گهر ۾ ويهي ڪچهريءَ لاءِ ايندڙ ماڻهن جو اوسيئڙو ڪيندو آهي تہ ڪنهن ڪي بہ دل جو اڳڻ ٿيندو نہ ڏسي سندس مايوسيون اُوپاسين ۾ تبديل ٿيڻ لڳنديون آهن. اهي اوپاسيون ننڊ اٽڻ جي بدران ننڊ ڦٽائڻ واريون هونديون آهن، جن ۾ بيزاري ڦٽڪندي نظر ايندي آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ گهر جا ڪجهہ ڳوٺ ۾ رهجي ويل پاتي ڪيس ڳوٺ جون اندروني ڪهاڻيون ٻڌائيندا آهن تہ انهن اندروني ڪهاڻين جا لفظ پٿر ٻڻجي سندس اندر جي دنيا کي سنگسار ڪرڻ لڳندا آهن.

راڄن پاڳن ۾ جيڪي اڳي ڪچهريون، محبتون، ڪامن سينس ۽ ٻڏي هوندي هئي، اُهي سڀ اڳئين نسل جي جهونن ۽ جهونڙين سان گڏ مقامن ۾ دفن ٿي چڪيون آهن، دليون دُڪانن تي وڪامڻ لڳيون آهن. لفظ ۽ جملا نيلام جي ٽڪنڪيءَ تي چڙهي چڪا آهن. واعدا وعيد چلهين جي رک ٿجي چڪا آهن. عقل گاهہ چرڻ هليو ويو آهي ۽ ڪوڙ، دغا ۽ منافقت گهونگهٽ پائي اڳڻ تي ڪاليءَ ديويءَ جو ناچ نچڻ لڳا آهن. شرافت ۽ Graceوفات ڪري چڪا آهن ۽ بيگناهہ عورتن ۽ مردن جي رت سان سنڌ جو نئون نقشو بنجڻ لڳو آهي.

سو اُئين اُداسي ۽ تنهائي جي ڏکهي رات ماڻهوءَ مٿان گذرندي سندس اندر ڪائيندي ويندي آهي. صبح تائين ڪيس پڪ ٿي ويندي آهي تہ هو ڌوٻيءَ جو ڪتو بڻجي نہ گهر جو رهيو آهي نہ گهاٽ جو. ٻئي ڏينهن هو ٽپڙ ٽاڙي ٻڏي ٻار ٻچا وٺي، دل جي هڪڙي دوزخ مان نڪري ٻئي دوزخ ڏانهن روانو ٿي ويندو آهي.

ائين اسان جي نين هجرتن، عيدن کي ماتم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

(2001ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ ذهني سفر

ڪن ڳالهين ۾ پاڻ صفا انڌا آهيون. ڪڏهن اُٺ اڳيان لنگهي وڃي ته نظر ڪانه اچي ته ڪڏهين واريءَ ۾ پيل سوئيءَ تي به نظر پئجيو وڃي. ڪيترن سالن کان ٻڌندو اچان ته انگريزي ۾ (پرنس Prince) نالي ڪو جادوئي ڪتاب آهي، جيڪو حڪومت ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ جو شاهه شاهوڪار نسخو آهي ۽ ڪيترائي سياستدان انهيءَ ڪتاب کي وهاڻي هيٺان رکي سمهندا رهيا آهن. پر پاڻ اجا تائين اهو ڪتاب پڙهي نه سگهيا آهيون. البت ماڻهن جي واتان اهو ٻڌو اٿئون ته انهيءَ ڪتاب ۾ محلاتي سازشن واري سياست ڪرڻ جا ڪي نادر نسخا موجود آهن. گهڻ پڙهئي پنجابي زبان جي شاعر ۽ منهنجي جگري دوست مشتاق صوفيءَ وانگر پاڻ به ڪنهن حد کان وڌيڪ مشهور ٿيل ڪتاب کان ٿاهه ڪائي پري ڀڄندا آهيون.

"پرنس" ڪتاب کان پري ڀڄڻ جو شايد اهو به سبب آهي ته هاڻي گهٽيون ڳالهيون ۽ واقعا عوام ۾ ٿي جنم وٺن ٿا. انهن خيالن کي سمجهڻ لاءِ هاڻي سماجي نفسيات (Social Psychology) جو علم ڪم اچي ٿو ۽ دنيا ۾ موجود ڪيترائي سامراجي ملڪ ۽ انهن جا خاص ادارا، تخت تي ويٺل حاڪم (Establishment) ۽ انهن حاڪمن کي دسي ڪيرائڻ وارا پهرئين جوڙ جا ملهه (Establishment of Anti Establishment)، حد کان وڌيڪ وڏن واپاري ادارن جا مالڪ، پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا جا مالڪ ۽ بئنڪر انهيءَ علم جي ذريعي بازي کٽي ملڪ ميدان ڪندا آهن.

سماجي نفسيات هڪ وسيع، گهرو ۽ ڏور مار علم آهي. جيڪو ڪن ماڻهن کي قدرت طرفان عطا ٿيل هوندو اهي ۽ ڪي وري انهيءَ موضوع تي لکيل ڪتاب جيءَ پڙهه پڙهان مان حاصل ڪندا آهن. هي هڪ جادوئي قسم جو علم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر هن جادوئي علم جي جادگرن جو سردار بلگاريہ جي ساون جبلن مان باهہ وانگيا پڙکي اٿيو ۽ ٻين سيني جون سڀ سارييون اونڌيون ڪري دمادم مست قلندر ڪري ويهي رهيو. دماغن جي هن شهنشاهہ جو نالو ايلياس ڪينيٽي آهي. جنهن هن يار کي نہ پڙهيو تہ جڻ ڪجهہ بہ نہ پڙهيائين ڪنهن بہ سمجهو ماڻهوءَ جي دماغ ۾ زندگيءَ بابت اڳ ۾ ئي موجود تصورات کي ٽوڙي تباهہ ڪرڻ وارو هيءُ ماڻهو 1905ع ۾ بلگاريہ ۾ ڄائو. ڪيترييون ئي ٻوليون ڄاڻندڙ هن همراهہ ويانا شهر ۾ تعليم ورتي، 1938ع ۾ برطانيہ مان اچي ٽڪو ۽ اُتان پوءِ پر فضا جبلن جي ملڪ سئٽزرليند جو رهواسي بڻجي ويو.

ايلياس ڪينيٽي پنهنجي آتم ڪٿا سميت ڪيترائي ڪتاب لکيا، پر هن هڪ عدد ناول Auto de fe (1935ع) ۽ سوشل سائڪالاجيءَ تي ٻڌل ڪتاب "Crowds and Power" (1960ع) اهڙا لکيا، جو اک نہ ڏسي گوڏي کي. اهي ٻہ ئي ڪتاب ڪيس نوبل پرائيز (1981ع) ملڻ جو ڪارڻ بڻيا، جنهن ۾ خاص ڪري "Crowds and Power" وڌيڪ اهميت رکندڙ آهي، جنهن هٽي پراڻين لکت ۾ آيل ڳالهين کي ڌوڙ ڪري ڇڏيو ۽ انساني ذهن کي نوان رخ ۽ نيون واٽون ڏنيون.

انهيءَ ڪتاب جون بہ ڪاپيون مون وٽ بہ هيون ۽ مون انهيءَ ڪتاب تي نظر بہ ڦيري هئي، پر پوءِ اُهي ٻئي ڪاپيون واڳن جي ور چڙهي ويون. جڏهن هينئر آغا رفيق وٽان انهيءَ ڪتاب جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ملي تہ پڙهي منهنجي ڪنن مان دونهان نڪري ويا تہ هيڏي وڏي ذهني طوفان تي لکان تہ چا لکان. انهيءَ ڪري ٿوري لکڻي کي گهڻو ڪري سمجهندا.

1901ع کان شروع ٿيندڙ خود نوبل پرائيز هيستائين امن لاءِ هٿ پير هڻندڙ سياستدانن، تخليقي ليکڪن، سماجي ورڪرن، سائنسدانن ۽ ايڪنامڪس جي ماهرن کي ملندو رهيو آهي، پر شروع کان وٺي اڄ تائين زندگي ۽ علم جي ٻين شعبن کي اهو انعام نہ مليو آهي. پر اهو ايلياس پهريون ۽ آخري ماڻهو آهي، جنهن کي سوشل سائڪالاجيءَ جي بنياد تي نوبل پرائيز مليو آهي. خود سندس هيءُ ڪتاب "Crowds and Power" ويهن سالن جي ڳوڙهي ۽ گهڻ رخي ريسرچ کان پوءِ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ ابتدائي قبيلن جي وحشتناڪ ناچن کان وٺي ڌار ڌار مذهبن ۽ عقيدن جي اپياس تائين ۽ انهيءَ اپياس کان وٺي دنيا ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿندڙ عوامي بغاوتن، خانہ جنگين، انقلابن، ۽ عظيم جنگين ۾ جديد انساني محرڪات تائين کي دائري ۾ آندو ويو آهي.

573 صفحن تي ٻڌل هن ڪتاب ۾ اُتڻ سان الياس ”ڊپ“ جي ڪيفيت کي اجهو هيئن بيان ٿو ڪري (هت ٿورڙو اختصار کان بہ ڪم ونڻو پوندو) ”انسان کي سڀ کان وڌيڪ جيڪا شئي ڊيڄاري ٿي، اها آهي ڪنهن اوپريءَ شيءَ جو ڇهاءُ آهي. هو انهيءَ اوپريءَ شئي کي سڃاڻڻ يا ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ آخر اها ڪهڙي بلا آهي، جيڪا اچي کيس لڳي آهي. انسان جي اها پوري پوري ڪوشش هوندي آهي تہ هو انهيءَ اوپري شيءَ کان پري رهي، جيڪا کيس اچي لڳڻ واري آهي. اونده ۾ جڏهين انسان کي ڪا اوپري شيءِ اوچتو ئي اوچتو اچي لڳندي آهي، اها کيس ڊپ وچان ايڏو تہ لوڏي وجهندي آهي جو سندس اندر ۾ مانڌاڻ مچي ويندو آهي. اهو اڻ ڄاتين شين کان ڊپ ئي آهي، جنهن جي ڪري انسان پنهنجي چوڌاري مورچا ٺاهي رهندو آهي. انهن مورچن ۾ بند ٿيل گهر بہ اچي وڃي ٿو تہ گهر جي چوڌاري اڏيل پٽ يا ڪوٽ يا لوڙهو بہ اچي وڃي ٿو. جڏهين کي ڦر ڪرڻ يا ڪاٽ هڻڻ وارا ماڻهو سندس گهر ۾ گهڙي ايندا آهن تڏهن کيس ڦرجڻ جو ايترو ڊپ نہ هوندو آهي، جيترو اوچتو ئي اوچتو بنا ڪنهن اڳواٽ ڄاڻ جي اونده مان نڪري آيل ڦورن جي اوپرائپ ڊيڄاريندي آهي. اسان هلندي ڦرندي جڏهن رش واري گهٽيءَ مان لنگهندا آهيون، جڏهن ڪنهن هوٽل يا ريل گاڏيءَ يا بس ۾ ويٺل هوندا آهيون تہ تڏهن اسان ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جي ڇهاءَ کان ڪن هٽندا آهيون. پر جيڪڏهن اسين ڇهاءَ کان بچڻ جي بدران ڪنهن اوپري انسان جي ويجهو ايندا آهيون تہ اها انهيءَ انسان جي ڪشش هوندي آهي. ڊپ اسان کي پري ڪندو آهي، ڪشش ويجهو آڻيندي آهي. ساڳئي وقت جيڪڏهن اسان کي اڳواٽ خبر پوندي آهي تہ ڪو ماڻهو بنا ڪنهن ارادي جي اچي اسان سان لڳو آهي تہ زبان مان پاڻمرادو وڏي تيزيءَ سان اهي اکر نڪري ويندا اهن تہ ”يار، معاف ڪجانءِ.“ پر جيڪڏهن اسين اهو سمجهندا آهيون تہ ڪو ماڻهو ڄاڻي واڻي اچي لڳو، آهي تہ اسان ڇرڪي پوندا آهيون ۽ نتيجي ۾ ڪن صورتن ۾ اسان انهيءَ ماڻهوءَ کي نفرت يا وري ناپسنديدگيءَ سان ڏسندا آهيون تہ ڪن صورتن ۾ وري ڪاوڙ وچان انهيءَ ماڻهوءَ سان اٽڪي پوندا آهيون. اهو سڄو سلسلو ”ڊپ“ جي ڪيفيت سان تعلق رکي ٿو. جيڪو اڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاتي ڇهاءَ مان پيدا ٿئي ٿو. اسان مان ڪي ماڻهو رش واري جڳهه تي رڳو انهيءَ ڪري ڦوڪجي ويهي رهندا آهن ته جيئن ڪو بيو ماڻهو کين نه ڇهي. پنهنجي چوڌاري اهڙو ڪوٽ انهيءَ ڪري اڏي ويهبو آهي ته جيئن ڊپ جي ڪيفيت کان بچجي. جڏهين ڪو ماڻهو ستل هوندو آهي ته ڪيس اها خبر نه هوندي آهي ته ڪو هو گهر ۾ پٽين جي پهري ۾ هوندو آهي، پر تڏهين به ستي ستي ڪيس ڪا اوپري شئي اوچتي اچي لڳندي آهي ته هو ڇرڪ ڀري اٿندو آهي. ڇرڪ خود ڊپ جو پهريون ڏاڪو آهي. ڪاوڙ کان پوءِ حيرت ۾ حيرت کان پوءِ ڇرڪڻ، ڇرڪ کان پوءِ ڪاوڙ "ڊپ" جا ڌار ڌار ڏاڪا آهن. صرف هڪ جڳهه اهڙي آهي، جتي انسان کي اوپري ڇهاءُ کان پوءِ به نه حيرت ٿيندي آهي، نه ڇرڪ ٿيندو آهي، نه ڪاوڙ ايندي آهي ۽ نه ئي ڊپ ٿيندو آهي. اها جڳهه آهي هجوم (Crowd) هجوم ۾ ته انسان مورڳو اڻ ڄاتن ماڻهن جي ڇهاءُ کي پنهنجي چوڌاري اڏيل مورچا سمجهندو آهي. ائين هجوم ۾ ماڻهو هڪ ٻئي کي ويجهو ٿيندا هڪ قلعو بڻجندا ويندا آهن. ائين هر ماڻهو پنهنجي شخصي نفسيات کي ڇڏي هجوم جي اجتماعي نفسيات ۾ گم ٿي ويندا آهن ۽ سڀ ماڻهو گڏجي ڪري "هڪ ماڻهو" بڻجي ويندا آهن. انهيءَ صورتحال ۾ نه ڪو جنس جو فرق رهندو آهي نه ڪو ڊنڊي جو ۽ نه وري ڪو پنهنجي پرائي جو فرق. ائين ماڻهو جڏهن ائين هڪ جسم و جان بڻجي ويندا آهن، تڏهن ڪنهن به شئي جو "ڊپ" نه رهندو آهي، پوءِ پلي ڪٽي گوليون ڇو نه وسنديون هجن. اهڙو هجوم ڪنهن کي به پڙڪائي سگهي ٿو."

ڇهاءُ، حيرت، ڇرڪ، ڪاوڙ ۽ ڊپ جي تفصيلي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ پينگوئن بڪس طرفان ڇپيل هن ڪتاب ۾ ايلياس "هجوم" تي اچي ٿو ته انهيءَ بلا جا ڪيترا ۽ ڪهڙا قسم آهن ۽ اهي ڪيئن پنهنجا عمل ۽ رد عمل ڏيکارين ٿا. ائين هو ويٺل هجوم (چار ديواريءَ اندر)، ڦاٿل قانونن کي نظر ۾ رکي گڏ ٿيل هجوم (ناچ، گانو ۽ شادي وغيره)تي بحث ٿو ڪري ۽ صدين کان وٺي هن رنگا رنگ انساني دنيا تي حيرت وجهندڙ معلومات ڏيئي پڙهندڙ کي ہوڏارون ڏيو ٿو ڇڏي. پر هت پاڻ متي لکيل سيني هجومن کي ڇڏي هڪ انتهائي خطرناڪ هجوم تي ئي بيهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، جنهن کي هو کليو هجوم (Open Crowd) سڏي ٿو. "هي هجوم پاڻ ۾ هڪ ڳجهه ۽ يا عمر رهندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتحال رکي ٿو. (مطلب تہ هيءُ هجوم جڳن کان هلندو ٿو اچي ۽ جڳن تائين هلندو رهندو.) هن اوچتي پيدا ٿيندڙ هجوم جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪنهن کي بہ ڪا بہ خبر نہ هوندي آهي تہ هيءُ وٽ وٽان ڇا تان پيٺي ٿئي. پهرئين پهرئين ڪجھ ماڻهو هڪ هنڌ ٽيٽل نظر ايندا آهن. وڌ ۾ وڌ پنج يا ڏهہ ماڻهو. نہ اڳ ۾ ڪو اعلان ٿيندو آهي ۽ نہ وري پوءِ ڪو اعلان ٿيندو آهي ۽ نہ ئي وري ڪا اهڙي اعلان جي توقع هوندي آهي. اوچتو ئي اوچتو ماڻهوءَماڪوڙن جيان گڏ ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ۽ چوڌاري ڪاراڻ ڇانئجڻ لڳندي آهي. جيئن پوءِ تيئن ڌار ڌار گهٽين مان ۽ رستن تان ماڻهن جون قطارون هن هجوم ۾ شامل ٿينديون وينديون آهن. انهن قطارن جو هڪڙو ئي رخ هوندو آهي جن جي اُنهن ماڻهن کي خبر بہ نہ هوندي آهي، اهي. جڏهن ڪي ڪنهن کان ڪجھ پڇندا آهن تہ ڪين ڪو جواب نہ ملندو آهي، پر تنهن هوندي بہ ٽڙ تڪڙ ۾ ماڻهو گڏ ٿيندا ويندا آهن. اصل ۾ انهيءَ هجوم جي چرپر ۾ منزل ماڻڻ جي ايڏي تہ تڪ ۽ تاءُ هوندي آهي ۽ منجهن اُتساهہ هوندو آهي جو سوچ ويچار ۽ پيچ پچاءُ جي ڪا گنجائش ئي نہ هوندي آهي. ائين سمجهو تہ هڪڙو اهڙو ڪرنٽ هوندو آهي جو اهو هر آيل ماڻهوءَ ۾ پربو ويندو آهي ۽ سڀ شخصيتون هڪ شخصيت ۾ گم ٿينديون وينديون آهن. پر رڳو ائين بہ نہ هوندو آهي. انهن ماڻهن جي اڳيان هڪ اهڙو گول هوندو آهي، جيڪو بنا ڳالهائڻ جي اڳواٽ طئہ ٿيل هوندو آهي. في الحال اهو گول اهوئي هوندو آهي، جتي گهاٽي ۾ گهاٽي خلقت، گڏ ٿيل هوندي آهي. اهو هجوم حد کان وڌيڪ مقصد سان ڀڌل هوندو آهي. انهيءَ هجوم جي مرڪز ۾ موجود ماڻهو بي غرض هوندا آهن، پر جن ڏهن يا ٻارنهن ماڻهن کان هجوم جي اُبتدا ٿي چڪي هوندي آهي، اهي پنهنجي مقصد سان ڀڌل هوندا آهن. اهو هجوم جيستائين رهندو آهي. ايستائين اهو ٻين ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو رهندو آهي. انهيءَ هجوم جي پهرئين ۽ سڀ کان وڏي اها خواهش هوندي آهي تہ خلقت جو زور اچا بہ وڌي. اهڙي خطري طور تي گڏ ٿيل هجوم جي اڳيان ماڻهن کان وڌيڪ ڪارائتي ٻي ڪا شئي نہ هوندي آهي. اهو هجوم گهرن، دروازن ۽ ڪلفن کي ليکي ۾ نہ آڻيندو آهي. پر جيڪي ماڻهو گهرن ۾ لڪل هوندا آهن انهن کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسندو آهي. هجوم جو ڪليو هجڻ جي معنيٰ اها آهي تہ اهو هجوم سيني ڏسين ۾ پکڙيل هوندو آهي. اها شئي هجوم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي خطرناڪ بنائي ڇڏيندي آهي اهڙي هجوم تي ڪنهن به قسم جي ڌمڪي يا ڇڙوڇڙ ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ڪو به اثر نه ڪندي آهي، پر الٽو ڇيرائي وجهندي آهي. تنهن ڪري اهڙي هجوم سان ڪا به ڪس ڪرڻ نه کپي.“

انهي ڪتاب ۾ اڳتي هلي ايلياس اهڙي خوفناڪ ڪليل هجوم جي پنهنجي منهن ڇڙوڇڙ ٿيڻ جي صورتحال ۾ انهيءَ ڪان پوءِ اها صورتحال پڌائي ٿو ته اهڙو هجوم پٽ سان پٽ کي وڄائي ڪيئن ۾ چو تخت و تاج کي تاراج ڪري هر سسٽم کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏي ٿو ۾ ڪيئن انقلابي سطح تي پهچي وڏا وڏا بت ڌهڻ لڳن ٿا. ليڪڪ اهڙي هجوم کي ”پڪڙجندڙ باھ“ جي لفظ سان مشابهت ڏئي ٿو.

اڳتي هلي ايلياس انهيءَ ڳالھ تي به اچي ٿو ته اهو ”هجوم“ پاڻ وٽ ”رڻ ڪري ڇڏڻ“ جي ڪيڏي سگھ رکي ٿو ۾ اها سگھ ڪيئن هڪ ”نئين نظريي“ کي انڌ جي حد تائين جنم ڏئي ٿي. ان ڪان پوءِ اهڙي هجوم جي خصوصيتن تي تفصيلي چنڊ چاڻ ٿيل آهي. اهي خصوصيتون ڪجھ هن ريت آهن: (1) هجوم هر وقت پنهنجو ڦهلاءُ چاهيندو آهي. (2) هجوم ۾ سڀ ماڻهو هڪ جهڙا بنجي ويندا آهن ۾ ڪو به ڦند فرق نه رهندو آهي. (3) هجوم وڌ ۾ وڌ گهاٽو بڻجڻ چاهيٿو (4) هجوم ڪونه ڪو رخ اختيار ڪري وٺي ٿو.

انهيءَ ڪان پوءِ ايلياس هجومن جي مختلف قسمن جي مختلف پهلوئن جي تاريخ بيان ڪري ٿو. جيڪا اچي جديد دنيا تائين پهچي ٿي. انهيءَ ۾ سڄي دنيا جي مختلف ملڪن، مذهبي ڪتابن، لوڪ گيتن ۾ لوڪ ناچن جي به نفسياتي نڪته نگاه ڪان به جائزو وٺي ٿو. مطلب ته هيءُ ڪتاب سيني ڪندن ڪان انسان ذات جي اجتماعي نفسيات، سماجيات، اينٿراپالاجي ۾ تاريخ جو ايڏو ڀرپور جائزو ٿو وٺي جو پڙهندڙ پاڻ کي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو ڏسي ٿو يا پنهنجو پاڻ کي زيرو پوائنٽ تي بيٺل ڏسي ٿو. جتان ڪيس وري ڀيو ذهني سفر شروع ڪرڻو آهي.

چوندا آهن ته پلا پليءَ جو ڇيھ ناهي. رڳن مٿان رڳون وينيون آهن. تازو هڪ ٻئي نئين ليکڪ تزيويتان تودوروف "Facing the exterme" نالي سان ڪتاب لکي هڪ وڏو جمپ ڏنو آهي. انهيءَ همراه ۾ سندس انهيءَ ڪتاب جو اڳتي هلي، ڪنهن ٻئي مضمون ۾ جائزو وٺبو.

(2001ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسڪرين، يورپ ۽ ڪتاب

پاڻ وٽ هتي رکي رکي اهڙيون ڳالهيون ڦاٽ ڪائينديون آهن تہ ”مغربي ملڪن جي ماڻهن جي هڻ پٽ ۾ وٽ وٺان وڌي ويئي آهي. انٽرنيٽ جو بول بالا آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا ماڻهن کي وڪوڙي ويئي آهي. وٽن وقت تمام گهٽ رهيو آهي جو هو ڪو ڪِتاب ڪڙو چڱي طرح پڙهي سگهن. انهيءَ ڪري اهي مغرب جا ماڻهو رڳو اليڪٽرانڪ ميڊيا مان معلومات حاصل ڪندا آهن.“ هتان جي ماڻهن کي اهو بہ شڪ آهي تہ اڄڪلهہ ماڻهو ڇپجندڙ ڪاغذن جي بدران اسڪرين تي ايندڙ ڏيکن ۽ لفظن تي وڌيڪ ڀروسو ڪن ٿا، انهيءَ ڪري ”ڪتاب“ جو جلدي زوال اچي ويندو. پاڻ وٽ رکي رکي اهڙا آواز اُٿن ٿا، روئڻو روئجي ٿو، بحثا بحثي شروع ٿي وڃي ٿي ۽ ليکڪن توڙي پڙهندڙن کي مايوسيءَ جو شڪار بڻجڻو پوي ٿو تہ اڳتي هلي ”ادب“ جو حشر الائي ڪهڙو ٿيندو. چاڪاڻ تہ مشين گيريءَ ۽ پيچ ڏُک جي اها مصيبت وقت سان گڏ اسان مٿان بہ ٽٽڻي آهي.

هئي پاسي اسان وٽ حڪومتي حلقن، تعليمي ادارن ۽ علمي گڏجاڻين ۾ ٻين ڪيترن ئي وڌيڪ اهم ۽ ڪارائتن موضوعن کي ڇڏي انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ تي ايڏو گهڻو زور ڏنو پيو وڃي تہ ڄڻ اهو ڪو علمي شعبو نہ هجي، بلڪ شيخ اياز جي لفظن ۾ اهي ڪي ڄڻ محبوبہ جي ڳلن وٽ ڪٽندڙ ڇڳون هجن، جن تي سچ لهندو اُڀرندو هجي.

انهن راين مان لڳي ٿو تہ اسان جا جيڪي ماڻهو مغرب جي ملڪن ۾ گهمڻ سانگي وڃن ٿا، انهن جي نظر اتان جي وهندڙ وڳندڙ زندگيءَ جي گهرائين تي پوڻ جي بدران گورين جي اگهاڙين ٽنگن ۽ شراب خانن ۾ بيئر جي چمڪندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلاسن تي وڏيڪ پوي ٿي. جيڪي ماڻهو تعليم سانگي اُتي وڃن ٿا تہ اُهي اُتي خاص ادارن، لائبريرين ۽ پنهنجي ڪمرن تائين محدود رهجي وڃن ٿا تہ جيئن اُهي اُتان ڊگريون وٺي، پنهنجو ڪيريئر ٺاهي سگهن. جيڪي ماڻهو وري ميٽنگن، ڪانفرنسن ۽ سيمينارن سانگي اُتي وڃن ٿا اُهي اتي پهچي پنهنجي اڳ ۾ ٺي سوچيل ٿيورين ۾ انگن اکرن ۾ ۽ پنهنجي شخصيت ۾ قاتل رهن ٿا يا وري محدود قسم جي بحثا بحثي ۾ ٽنگجي پون ٿا. ٿلهي ليکي ائين ڪٿي چئجي تہ اُهي ماڻهو پنهنجن پنهنجن ٺاهيل يا مٿين مڙهيل اهڙن ننڍن ننڍن جزيرن ۾ ڦاسي پون ٿا جو سندن نظر چوڌاري پکڙيل انساني سمنڊ جي گهرائين تي ايتري نٿي وڃي، جيتري پوڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪنهن جي نظر ڏڳهي بہ هوندي آهي تہ اهو ويچارو شريف ماڻهو هتي ڇڙندڙ بحثن ۾ اوپارو وهڻ جي حقيقت ڪي زبان تي آڻڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. انهن مامرن جي باري ۾ جيڪا هتي راڄاريت پئدا ٿي پيئي آهي، اُنهيءَ کي ٽوڙڻ نٿو گهري ۽ نہ چاهيندي بہ ڪيس راڄ ۾ پئدا ٿيل ڪليشي سان وهٽو ٿو پوي. شرافت هوندئن بہ ڏاڍي حضور شرم ٿيندي آهي. اها حضور شرمي "لحاظ" کي جنم ڏيندي آهي ۽ لحاظ وچان بندو يا پاسو ڏيئي لنگهي ويندو آهي يا وري هٺ جي گهڙيل ہين ماڻهن جي ڳالهين سان سُر ۾ سُر ملائيندو ويندو آهي. هوندئن بہ پاڻ ماڻهن ۾ اها ڪني عادت پيل آهي تہ اختلاف راءِ کي اسان ذاتي دشمنيءَ ڏانهن وٺي ويندا آهيون. ڪو بہ شريف ماڻهو ذاتي دشمنيءَ جي جهنجهٽ ۾ نہ پوندو آهي. ظاهر آهي تہ اسان جي وائيٽ ڪالر طبقي جا ماڻهو يا ائين ڪٿي چئون تہ انٽيليجينشيا جا ماڻهو کي لٺيون بندوقون تہ هڪ ٻئي کي ڪو نہ ٿا هڻن، پر ذاتي حوالن سان هڪ ٻئي جي ايذي غلاغيبت ٿا ڪن، لڪڙ تار ايذي ٿا هلائين، هڪ ٻئي تي اهڙا الزام ٿا هڻن جو اختلاف راءِ رکندڙ ماڻهوءَ کي هٽيو رڻ ڪريو وڃهن ۽ هڪ ٻئي جي روزي کسڻ جي پويان پئجيو وڃن. اهڙين حالتن ۾ شريف ماڻهوءَ کي بيوقوفيءَ جوُن ڳالهيون بہ ٻڌي ڪنڌ هيٺ ڪرڻو ٿو پوي ۽ اختلاف راءِ کان پاسو ڪرڻو ٿو پوي.

خير، هاڻي اچجي اصلي ڳالهہ تي تہ جيئن بہ واڌو بہ ڦري ٿين چار.

ڪتاب جي ذات سان پاڻ جي پراڻي ياري آهي، تنهن ڪري اها شيءِ ڪا ايتري اوپري ناهي. رهي ڳالهہ مغرب جي ملڪن، آمريڪا ۽ ڪئنڊا جي تہ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ کان ڏرتيءَ جي ٻئي پاسي آهن ۽ ڏاڍا پري آهن. البت يورپ جا مغربي ملڪ پاڻ کان ايترو پري ناهن. حيدرآباد کان ڪنڊڪوٽ وڃجي يا ايمسٽرڊيم هليو وڃجي ته پاڻ ڪنڊڪوٽ دير سان پهچبو ۽ ايمسٽرڊم اڳ ۾ پهچي وڃبو. فرق رڳو ڀاڙي پتي، خرچ پکي ۽ سفر جي جي سهوليتن جو آهي. انهيءَ ڪري پاڻ هتي راڳ چيڙيون ٿا يورپ جو، ڪتاب جو، اليڪٽرانڪ ميڊيا جو، انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جو، زندگيءَ جي هڻ پٽ جو ۽ انسان جي انهيءَ روح راڙي جو.

جڏهين انٽرنيٽ پڙ تي لٿو ته پاڻ وٽ هتي اهو حشروڙ مچي ويو ته سڄو علم انهيءَ دٻي ۾ رکيو ويو آهي. بحث شروع ٿي ويا. انٽرنيٽ جا ڪيفي کلي ويا ۽ ماڻهن قرض ڪڍا ڪٽي ڪمپيوٽر ورتا ته اجهو ٿا Global Village ۾ شامل ٿيون. پنهنجو رنگ ٿا بدلايون. جن ويچارن ماڻهن وٽ قرض ڪڍڻ جي به طاقت نه هئي، انهن جي گهرن ۾ نوجوان اولاد پنهنجين مائرن جي پيار کي بليڪ ميل ڪري روزانه ڏهه ويهه روپيا ڇڏائڻ شروع ڪيا ته پٽ وڃن ٿا انٽرنيٽ ڪيفي ۾ ٻئي پاسي سرڪار سڳوريءَ ۽ علم جي اڪابرن هُڙين،پکين وانگر چرچر ڪري اچي آسمان مٿي تي کنيو ته انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ کان سواءِ جيئڻ جنجال آهي.

پاڻ آهيون جهنگ جي بلا ٻسو سدائين ڳالهه دير سان سمجهه ۾ اچي. سو پيچ پيچان ۾ لڳي وياسين ته آخر انٽرنيٽ بلا آهي ڪهڙي؟ نوجوانن گهڻيئي سمجهايو. پر پاڻ کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، رڳو ايترو سمجهه ۾ آيو ته هاڻي ڪتاب خريد ڪرڻ جي ڳچ خرچ کان بچي ويندا سين. پر ڪيئن؟ اهو جواب پاڻ لاءِ نٽ نٽ گوپال هو. نيٺ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هڪ دوست کي منٿ ڪيم ته مون کي آمريڪن شيدياڻي خدا ترس ليکڪا مايا اينجليو جي سوانح عمري انٽرنيٽ تان ڪڍي ڏي دوست پُرخلوص هو، تنهن ڪراچيءَ ۾ وڃي وڏو مٿو هنيو ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اُهو دوست منهنجي مجبوري ٽينس جي راندیگرياڻي اسٽيفي گراف جي اگهاڙي تصوير کڻي آيو ته ڏاڍو خوش ٿيس، پر جڏهن مايا اينجليو جو مختصر مواد منهنجي اڳيان رکائين ته منهنجو وات ڏٻو ٿي ويو. ڪل 18 صفحا هئا، جن ۾ مايا اينجليو جو مختصر تعارف ۽ هڪ تعارفي قسم جو انٽرويو هو. پويان اهو اطلاع ڏنل هو ته ”باقي ڪتاب خريد ڪريو پنهنجي خرچ تي.“ مطلب ته رڳو اشتهار پلئه پيو. اونڌو ٿي سڌا ڏک هڻڻ واري انهيءَ ليکڪا جو ٻيو مواد ملي نه سگهيو. نيٺ لاچار ٿي انهيءَ مشين کي سمجهڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽرنيٽ جي هڪڙي ڪيفي ۾ وچي تماشو ڏٺم تہ سڀ ڇورا ڇنير ولايت جي ڇورين جون اگهاڙيون تصويرون ويٺا ڏسن يا وري پڳل انگريزيءَ ۾ ڇورين سان ويٺا Chattingڪن واھ جو علم نصيب ٿيو اهڙو جو ذري گهٽ اڳيون سوجهرو ڇٽ ٿي ٿيو. جُتي مٿي تي رکي وٺي ڀڳاسين.

انهن ٻن ٽن واقعن ڪانپوءِ جهنگ جي هيءَ بلا انهيءَ مشين کي سمجهڻ تان ڪٽي هٿ ڪنيو. پر پوءِ ڪا رب جي پلائي ٿي، هڪڙي ڏينهن پنهنجي ٽرانسسٽر تان سادي 7 وڳي واري شام جو بي بي سي تان هلندڙ هندي پروگرام ويٺي ٻڌم تہ انهيءَ ۾ ڪهه خطن جا جواب اچڻ لڳا. ڀارت جي ڪنهن دور دراز ڳوٺ مان مون جهڙي ڪنهن همراھ خط لکي اهو پڇيو هو تہ ”انٽرنيٽ ڪهڙي بلا آهي؟“ بي بي سي ريڊيو وارا ڏاڍي تحقيق ڪري پوءِ ڪنهن سوال جو جواب ڏيندا آهن. سو جواب ڏنائون تہ ”جيئن اڳي تار ڪاتو هوندو هو، ماڻهو هڪ ٻئي کي تارون ڪندا هئا تہ هڪڙو تہ اهي تارون دير سان پهچنديون هيون ۽ ٻيو تہ انهن تارن ۾ لکيل اکر ڦٽل هوندا هئا. هاڻي انهيءَ تار ڪاتي جو هڪ نئون قسم نڪتو آهي، جنهن ۾ تار ڏاڍي تيزي سان پهچي ٿي ۽ باتصويرن بہ اکر بہ چٽا پڙهڻ ۾ اچن ٿا. تار ڪاتي جي انهي نئين قسم کي ”انٽرنيٽ“ چوندا آهن“ سو ائين وچي پاڻ جي اڳيان ساڪاڻن ماڻهن ڳجهارت ڀڳي تہ انفرميشن ٽيڪنالاجي ڇا آهي.

هاڻي اچ سائين ڪتاب تي.

ٽي وي اسڪرين ۽ ڪتاب ۾ وڏو فرق رکيو ويو آهي.

ڪا بہ تصوير جيڪڏهن اسڪرين تي نظر اچي ٿي تہ اها تصوير هڪ طرفي (One Dimension) نظر اچي ٿي. ماڻهو يا ڪنهن بہ ڏيک جو هڪڙو طرف نظر اچي ٿو. همراھ جو منهن ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪياڙي نظر نہ ايندي، پر ٻئي پاسي قدرت انسان جي دماغ کي جيڪو خلقيو آهي، اهو دماغ هڪ طرفو هئڻ جي بدران گهڻ طرفو (Multi Dimensional) آهي. جڏهن اوهان ڪو ڪتاب، اخبار يا رسالو پڙهو ٿا تہ انهن ۾ لکيل ڳالهيون ۽ واقعا دماغ جي گهڻ طرفي اسڪرين تي آوازن سميت هلن ٿا ۽ اوهان ڪنهن بہ ڳالهہ يا واقعي جي گهٽڻ رخن کان واقف ٿا ٿيو. چپيل لفظ جي جيڪا ٻي سگهہ آهي، اُها آهي تہ جڏهين اوهان ڪا شيءِ اسڪرين تي ڏسو ٿا تہ اوهان جو دماغ اُنهيءَ ۾ ڦاسي رهجي وڃي ٿو ۽ اوهان اوهان جي سوچ هڪ طرفي ٿي وڃي ٿي جو اسڪرين وهان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعو ئي نٿي ڏئي تہ اوهان انهيءَ ڳالهہ جي گهرائيءَ ۾ وڃي سوچيو. اسڪرين انساني دماغ کي غلام (Slave Mind) بڻائي ٿي ڇڏي. جڏهن تہ توهان ڇپيل اکر يا ڪتاب پڙهو ٿا تہ انهيءَ ۾ مواد سان گڏ اوهان جي پنهنجي Imagination بہ گڏجي وڃي ٿي ۽ اوهان جو علم دوبالا ٿي وڃي ٿو. گڏوگڏ اوهان جو دماغ آزاد بہ رهي ٿو. آزاد دماغ جو فيصلو غلام دماغ جي فيصلي کان بچي وڃي ٿو. پيو تہ ٿيو، پر جيڪو 11 سيپٽمبر تي نيويارڪ ۾ پڙڏاڪ ٿيو تہ انهيءَ جي باري ۾ اسڪرين تي ايندڙ تصويرن کي بہ ڏسو تہ انهيءَ وقت برطانيا جي هڪ سست بدتميز، بد افعالي ۽ جواري جرنلسٽ ۽ اديب مارٽن ايمس جو روزانہ گارجين ۾ ساڳئي واقعي تي لکيل مضمون بہ پڙهي ڏسو تہ اوهان کي خبر پوندي تہ هڪ تخليقي دماغ انهيءَ واقعي کي ڪيئن نہ هڪ ٿرلر ۾ بدلايو آهي، جو پڙهي ماڻهو سچو ڏکي ٿو وڃي. ظاهر آهي تہ اهي سڀ تفصيل اسڪرين تي اچڻ ناممڪن هئا. ظاهر آهي تہ انهيءَ واقعي ۾ جيڪي ماڻهو بلڊنگ جي هيٺيان اچي ويا هئا، انهن جي حالت زار کي ڪئميرائون تہ جهٽي نٿي سگهيون، پر مارٽن ايمس جو قلم جهٽي ويو ۽ سندس بہ جملا ڏاڍا مشهور بہ ٿيا. هڪ هنڌ لکيائين تہ ”جيڪو آمريڪا جو يار آهي. اهو آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ مرد مجاهد (Freedom Fighter) آهي ۽ جيڪو آمريڪا جو يار ناهي اهو دهشتگرد آهي.“ ٻيو جملو هو تہ ”جيڪڏهن اسين هن دنيا جا ماڻهو اک جي بدلي ۾ اک ڪيندسين تہ ائين دنيا جا سڀ ماڻهو انڌا ٿي ويندا.“ هاڻي توهان پاڻ ٻڌايو تہ انهن جملن کي ڪهڙي ڪئميرا جهٽي اسڪرين تي آڻي پئي سگهي؟ اتي پڇجي تہ مون کي جيمس ڪيميرون (فلم ٽائيٽينڪ جو ڊائريڪٽر) بہ لاچار نظر اچي ٿو. تہ يورپ جا ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کي چڱيءَ طرح سمجهن ٿا تہ ڪتاب ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ڪيڏو فرق آهي. يورپ جي انهيءَ سوچ جو تازو مثال بہ ٻڌي ڇڏيو. برطانيا ۾ ڄمندڙ، نيوزيليند ۾ پلجندڙ ۽ هن وقت لنڊن ۾ رهندڙ ليکڪا في ويلڊن (Fay Weldon) بنيادي طور تي ڪاپوشنسڪي، نائپال، مارٽن ايمس ۽ آئين مڪ وان جي مقابلي ۾ وچولي درجي جي ليکڪا سمجهي ويندي آهي. ويچاريءَ کي ڪُنيءَ ڪنيو جو هيرن جواهرن جي هڪ انتهائي امير اٽالين ڪمپنيءَ سان هڪ معاهدو ڪري وڌائين تہ هوءَ پنهنجي ناول ۾ هڪ اهڙو واقعو بہ لکندي جنهن ۾ ڪمپنيءَ جا زيور چوري ٿي وڃن ٿا. بدلي ۾ ڪمپني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيس لڳ ڀڳ ڏهه ڪروڙ رپين جا زيور ڏيٽا ڪيا. جيئن ئي اها ڳالهه پريس ۾ آئي ته مائي مٿان اچي ممڻ متو ۽ يورپ جي خلقت مٿانئس گوڏا ڏيئي چڙهي ويئي ته نياڳي رن ڪتاب ۾ ملاوٽ ڪري رهي آهي. اسڪاٽ رائٽر ايل ڪئنيڊي ته مائيءَ کي اهڙيون گاريون ڏنيون جو اهي گاريون هن مضمون ۾ لکجن ته اخبار بند ٿي وڃي. ٻئي پاسي مائيءَ جا طرفدار ٻه اچي ٿٿا. مطلب ته انهيءَ ٿائيم ۾ مائيءَ کي ايڏو گهٽو. ڇڪيو ويو جو اسامه بن لادن ٻه پوئتي رهجي ويو. جنهن مان ظاهر ٿيو ته يورپ جو ماڻهو ڪتاب کي ڪيڏو نه گهٽو سيريس ٿو وٺي ايسٽ يورپ جي ملڪن روس، جمهوريا چيڪ ۽ پولينڊ ۾ ته ماڻهو ڪتابن ڪانسواءِ جيئرو ئي نٿو رهي ۽ اها رڙ لڳي پئي آهي ته ليکڪ پڙهندڙن کي پوري نٿا پون. سو اسان کي اهو وهم ته دماغ مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ته ڪتاب اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪان مار ڪائي رهيو آهي يا اتان ادب ختم ٿيڻ وارو آهي. اتي ته ادب ڏينهون ڏينهن وڌ آهي.

هاڻي اچو يورپ ۾ ماڻهن جي پيچ ڊڪ ۽ هڻ هٽان تي.

اسان جو ماڻهو جڏهين يورپ وڃي ٿو ته اهو اتان جي اسٽورن ۽ آفيسن ۾ ته هليو ٿو وڃي، پر ڪيس عام يورپي ماڻهن جي گهرن ۾ وڃي جائزو وٺڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي. ڪجهه شرم حيا ته ڪجهه يورپ ۾ پرائيويسي جو تصور ڪيس پرائو در ڪڙڪائڻ ڪان روڪي وجهي ٿو. جڏهن ته اصل حقيقت جو پتو ته گهر مان ئي پوندو آهي. ته بابا انهيءَ ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي، جڏهين يورپ جا ريسرچر اسان جي ملڪ ۾ اچي ريسرچ سانگي اسان کي ائين تورين تڪين ٿا جيئن گبول ۽ رانگڙ واپاري ٻڪرن کي چوڏاري هٿ لائي توريندا تڪيندا آهن. هو جيڪڏهن اسان سان ائين ڪن ٿا ته اسان ماڻهن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. اسان کي ٻه ائين ڪرڻ ڪپي. ائين ڪرڻ لاءِ ڪجهه هيئن ڪرڻ کپي ته پهرين ته سوٽ بوٽ لاهي، پائجي شوار قميص. قميص ٻه اهڙي جو گوڏن ڪان هيٺ پوندي هجي ۽ شلوار اٺ والي هجي ته واه واه. مٿي تي بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌل هجي ۽ پيرن ۾ چانديءَ وارو سئنڊل پيل هُجن. ڪرائي ۾ وانچ انگريز جي واريءَ جي هجي. وانچ ۾ اهو ڏسجي ته آيا هينئر گهر ياتي گهر ۾ هوندا يا نه. پوءِ حق حق ڪري وڃي گهر جي گهنٽي وڄائجي ته يورپ جو ماڻهو اوهان جي ڪپڙن کي ئي ڏسي متاثر ٿي ويندو. اتي چئي ڇڏيوس ته "بابل سائين: پرديسي مڙس آهيون، توهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ملڪ ڏسڻ آيا آهيون. ٻاهر ته گهڻو ڪجهه ڏٺو اٿئون، پر اوهان جي گهرن ۾ ڇا ٿو وهي واپاري، اها خبر ڪا نه اٿئون. اها خبر ڪيڏي ڪان پوءِ پنهنجي ملڪ ۾ وڃي اوهان ماڻهن تي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکنداسون."

بس ايترو ڊوز ئي ڪافي آهي ۽ يورپ جي ماڻهو اوهان کي ڇڪي گهر ۾ وٺي ويندو ۽ بنا رک رڪاءَ جي اوهان کي ٻاهر جو ڪڙپيل اسڪالر سمجهي گهر به ڏيکاريندو، ڳالهيون به ٻڌائيندو ۽ ماني ٽڪر به کارائي ڇڏيندو. ڇاڪاڻ ته ڪيس اهو ڪنڪو نه هوندو ته متان هيءُ اوپرو ماڻهو ڏاڙيلن جو موڪليل ڪو جانچوس هجي ۽ رات جو ڏاڙو نه هڻائي. پنجن ستن گهرن مان اوهان کي خبر پئجي ويندي ته يورپ ۾ ڪتاب، اليڪٽرانڪ ميڊيا، انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ هڻ پٽ ڪيتري پاڻي آهي.

يورپ جو ماڻهو روز اٺ ڪلاڪ ڪم ڪري ٿو. سو به هفتي ۾ پنج ڏينهن تڪو ڪم ڪرڻ، تڪو هلڻ، ٽپ ڏيئي تيزيءَ سان گاڏي ۾ ويهڻ، ڊوڙندي ڊوڙندي بس جي اڏي يا ريل جي اسٽيشن تي پهچڻ ۽ پنجن منٽن اندر ريل يا بس جي ذريعي روانو ٿي وڃڻ ۽ ٿورن لفظن ۾ گهٽي ڳالهه ڪري وڃڻ سندس قومي عادت آهي. بظاهر اهي ماڻهو اسان کي ڊوڙندا ڊڪندا ته نظر ايندا آهن، پر اسان اهو نٿا سوچيون ته انهيءَ تيز رفتاريءَ سان هو ڪيترو وقت بچائين ٿا.

صبح جو سوير بورچي خاني ۾ گهڙ ته مشينون حاضر آهن. چانهن ٺاهڻ جي مشين، ٽانون ڌوئڻ جي مشين ۽ ٽانون کي سڪائڻ جي مشين. ائين يورپ جو ماڻهو سراسري ويهارو ڪن منٽ ناشتي ٺاهڻ، کائڻ ۽ ٿانو ڌوئڻ ۾ لڳائي ٿو. سراسري ڏهاڪو منٽن اندر ٻارن کي اسڪول پهچائي موٽي اچي ٿو. انهيءَ کان پوءِ سراسري اڌ ڪلاڪ کن ۾ انٽرنيٽ تان ٽپال وصول ڪري ۽ ٽپال جو جواب ڏئي ٿو. انهيءَ کانپوءِ ساڍا 23 ڪلاڪ انٽرنيٽ ۽ فيڪس جون مشينون گهر ۾ پيون ڊوڙ پائينديون آهن. انٽرنيٽ ۽ فيڪس مشين تان اٿڻ کانپوءِ پندرهن ويهن منٽن اندر ماڻهو پنهنجي ڪم ڪرڻ واري هنڌ يا آفيس ۾ پهچي وڃي ٿو ۽ 8 ڪلاڪ يڪسوئي ۾ تيزيءَ سان ڪم ڪري ٿو. گهر ۾ واپس پهچڻ کان پوءِ ڪيس اسان وانگر نه بجلي وڃڻ جو ڪنڪو آهي، نه گٽر اٿلن جو ڊپ آهي ۽ نه ئي ڪيس پلمبر جي پويان ڊوڙڻو آهي. نه ڪنهن جو تپيدار يا صوبيدار ۾ ڪم ڦاسندو آهي. نه ئي ڪيس ڪم ڪارين سانگي آفيسن جا چڪر ڪاٽڻا پوندا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نہ ئي ڪنهن فيصلي ڦڙي ۾ وهٽو هوندو اٿس.

يورپ جو ماڻهو گهر ۾ پيل ٽي وي سيٽ ۾ ائين اکيون وجهي ڪو نہ ويهي، جيئن اسان ڪندا آهيون. ڏيئي وٽي ڪا خاص خبر ڏٺائون يا فوٽ بال جي راند ڏٺائون تہ وڃي دنگ ٿيو. ائين هو روز لڳ ڀڳ پندرهن ڪلاڪ ڪم ڪان آجو ۽ واندو هوندو آهي ۽ پہ ڏينهن (ڇنڇر ۽ آچر) پيا بہ.

اها هڻ پٽ جي جڻ، انٽرنيٽ جو Missuse۽ ٽي وي جي Obsessionتہ اسان ماڻهن جي مٽي ۾ لڳل آهي. رڳو ڄامشوري مان حيدرآباد لاءِ نڪر تہ ڏيڍ ڪلاڪ چنٽي. وري واپس ٿيڻ لاءِ "يا موليٰ تيرا آسرا." تنهن ڪان پوءِ بجليءَ وارن پلمبرن جي پويان ۽ گئزن ناهڻ وارن ۽ فونن وارن سان وٽ پڪڙ ڏار بيٺي هوندي آهي. ڪنهن ڪاموري ۾ ڪم ڦاٿو تہ ويٺو ڳهہ. جهيڙا جهٽا ۽ فيصلا ڦڙا الڳ. هاڻي توهان پاڻ ٻڌايو تہ انهيءَ هڻ پٽ ۾ پاڻ وڏيڪ گٽل آهيون يا يورپ جا ماڻهو؟ پڙهڻ لاءِ اسان وٽ ٽائيم گهٽو آهي يا يورپ وارن وٽ؟ هت پڙهندڙ تہ ڇا ليکڪ بہ جُٺ ۾ هوندو آهي. ايڏيءَ جُٺ ۾ ڪٿي ٿا ڪنهن جا پير بيهن.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ يورپ جي ماڻهن لاءِ واندڪائيءَ جي وندر جا اڻ ڳڻيا ذريعا آهن، پر ڏار ڏار خوبصورت جڳهين جي سفر، ناچ ڳانن ۽ شرابن ڪبابن ۾ ڪجھ وقت گذارڻ سان انهن ۾ هڪ قسم جي يڪسانيت پيدا ٿي پوي ٿي. انهيءَ جي ابتڙ ڪتاب هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن ۾ ايتري تہ رنگا رنگي (Variation) ملي ٿي ۽ ماڻهو علم جي ايترين تہ گهرائين ۾ ٿو وڃي جو ٽڪجي نٿو. انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ مان جيڪو علم ملي ٿو، اهو انسائيڪلو پيڊڪ محدود معلومات تائين آهي، تعارف جي حد تائين آهي ۽ ڪاروباري معاملن ۾ ڪم اچڻ جو آهي. پر انسان جي Aesthetic Senseکي ڇُهي سوال پيدا ڪرڻ جو ڪم پرنٽنگ ميڊيا جهڙوڪ ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جو آهي. هتي ڪيترن ئي ليکڪن جا اهڙا جملا ۽ ٽڪرا ڏيئي سگهجن ٿا، جن کي ڪڏهين بہ اسڪرين تي آڻي نٿو سگهجي. اهوئي سبب آهي جو يورپ ۾ ڪٿي بہ وڃي توهان ڇنڇر يا آچر جي اخبار خريد ڪندؤ تہ اها اوهان کي پريءَ وانگر مٽي تي ڪٿي هلٽي پوندي. ظاهر آهي تہ انهيءَ شيءِ جي اتي ايڏي گهرج آهي تڏهين تہ ڏٽي خرچ پڪا ڪري ايڏيون ٿلهيون متاريون اخبارون ڪين ٿا.

هن وقت يورپ ۾ ڇپجندڙ ڪتابن جو تعداد توڙي ميعار توڙي رفتار ايڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جو اسان تہ تصور بہ ڪري نٿا سگھون. ماڻھن وٽ پڙھڻ لاءِ وقت بہ آهي تہ ڪين اھو شعور بہ آهي تہ ڪتاب جيڪي در ڪولي ٿو. اھو در انفرميشن ٽيڪنالاجي نٿي ڪولي. يورپ ۾ تہ انفرميشن ٽيڪنالاجي مزدوريءَ جو ڪم آهي ۽ هر ڏنڌ ماڻھو اھا مزدوري گھٽو ڪري چينين. پارٽين ۾ پاڪستانين کان وٺي ٿو، ۽ پاڻ ليڪ جرنلسٽ، ڊاڪٽر، سيٺ، انجنيئر ۽ پيا وڏ ماڻھپي وارا ۽ گھٽي ڪمائيءَ وارا ڏنڌا جھلين ٿا.

هت اسين هُش ۾ خوش آهيون ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ کي ڪُل ڪائنات سمجھي علم جي ٻين وڏيڪ ڪارائتن شعبن کي نظرانداز ڪندا ٿا وڃون. اسان شل نہ ڪو نئون اصطلاح يا ڪو نئون اسم ٻڌي وٺون، پوءِ انھيءَ جي پويان ائين پيا ڊوڙندا آهيون، جيئن خفتي جوان ڪرڙ تي ٽنگيل ڳاڙھي اڳڙي ڏسي. انھيءَ جي پويان ڊوڙندا آھن. ڪتاب کي ڇڏي ڪٽي اسڪرين کي مٿي تي چاڙھيو اٿئون.

(2001ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پـ پـ هٽ

☆ ڪجهه يار اچا تائين فرانسيسي زبان مان آيل اهو جملو استعمال ڪندا آهن تہ، ”پُل هيٺيان ڪيترو ئي پاڻي وهي چُڪو آهي.“ جنهن جي سولي سنڌيءَ ۾ اها معنيٰ ٿئي ٿي تہ ”ڪيترو ئي وقت گذري چڪو آهي.“ پر اڄ جڏهين ٽي وي آرٽسٽ آفتاب شيخ سان سنڌس ٻي نڪي ۽ ٻچڙي ڦتڦڻئي يا وري ميان ساجد ميمڻ جي اک ڪڪڙي ڪري ڀوڙنڌڙ موٽرسائيڪل تي چڙهي سنڌو درياءَ جي پُل مٿان لنگهبو آهي تہ لڳندو آهي تہ سنڌو درياءَ ۾ ايترو پاڻي نہ رهيو آهي، جيترا ڏکويل پارجي اکين ۾ لڙڪ رهجي ويا آهن. درياءَ جي دل ۾ پاڻي بدران واري اُڏامي رهي آهي. جڏهين تہ ڏڪاريل ماڻهوءَ جي دل ۾ واري اُڏامڻ جي بدران ڏک جو واهڙ وهي رهيا آهن. اها صورتحال جڏهين پنهنجن اڇن ڪپڙن وارن واقفڪارن سان بيان ڪبي آهي تہ اُهي انچن، فوٽن، ڪيوسڪس ۽ معاهدن جا ڏکيا انگ اکر منهن ۾ هٽي ۽ پنهنجي انجنيئرنگ جي ڄاڻ جو رعب ڄمائي پنهنجا ڪپڙا ڇنڊڻ ۾ لڳي ويندا آهن ۽ پوءِ انهيءَ مسئلي تي وڏيڪ ڀسڪس ڪرڻ جي دعوت ڏيندا آهن، پر اها ساڳئي ڳالهہ جڏهين درياءَ جي آسپاس رهندڙ جهونن سياڻن سان ڪبي آهي تہ اُهي رکو گرهہ وات ۾ وجهي اٺوڙجڻ جي بدران گندي پاڻيءَ جو ڍڪ پيري، گرهہ کي نڙي کان هيٺ لاهي ڦاٽل پوتڙي سان هٿ اگهي هڪل ڪري چوندا آهن تہ ”درياءَ پاڻ تہ گوڙ ڪري ٿو. پر هِئي ڪنهن جو گوڙ ٻڌڻ وارو ناهي. درياءَ پنهنجي وس وارو آهي. پر هِئي ڪنهن جي وس ۾ اچڻ وارو ناهي. درياءَ کي سنگهرن ۾ ٻڌي نٿو سگهجي. درياءَ رُسندو بہ آهي تہ پرچندو بہ آهي. هينئر درياءَ برابر رُٺل آهي، پر ڪنهن بہ وقت پرچي، ٻنڌيون ڀڃي ۽ ڏڏڪا ڪري اڳيون پويون ڪسرون ڪڍي ڇڏيندو فڪر نہ ڪر بابل سائين، رک رب تي.“

ايئن هڪ پاسي ٻُکن، ڏکن ۽ ڏچن جي هوندي به اُميدون وڏ ڦڙيءَ وانگر وسنديون ٿيون رهن ته ٻئي پاسي ڪلف لڳل اعليٰ ڪاٽن جا وڳا پائيندي ڪري ۽ ڏي ۾ رهندي به مايوسين جي واري وسندي ٿي رهي. اڳتي الله مالڪ آهي، ڏٺو ويندو.

اڳي يونيورسٽين ۾ شاگردن جا ٻه خاص گروپ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هڪڙو گروپ اُهو هوندو هو، جنهن ۾ شامل شاگرد بنا ڪنهن سياسي لڳ لڳاپن جي پنهنجي منهن ڏنڊين ڏاند هوندا هئا. انهيءَ گروپ جا ڇوڪرا هڪڙي پاسي وائيس چانسلر ڪان وٺي پٽيوالي تائين هٿ جوڙ ڪري نيازمنديءَ سان هلندا هئا. پاڻ ڪان وڏي سان ائين جهڪي ملندا هئا. جو ذري گهٽ ايئن لڳندو هو ته چڻ پيرين پوندا هجن. ٻئي پاسي وري ڪنهن ترم خان ٻٽيل ڇوڪري تي مڇ به ڪانه ڇنڊيندا هئا. انهيءَ جو ڪارڻ اِهو هو ته انهن ڇورن جي "ڪارروائين جا مرڪز" ٻيا هوندا هئا. هو گهر جا ڪڪڙ ڇور ٻنجڻ جي ٻدران ست راڄي ٽپي ڏک ڪندا هئا. انهن روايت پسند (Traditonalist) سنڌي ڇوڪرن کي "ڏاڍا مڙس" ڪري ڇيو ويندو هو، جن ۾ سهپ جي سگهه به هوندي هئي. في يونيورسٽيءَ جي حساب سان انهيءَ گورپ ۾ ست اٺ ڇوڪرا هوندا هئا.

ٻئي گروپ ۾ ڊر ڊار سياسي پارٽين سان لاڳاپيل ڇوڪرا هوندا هئا. جيڪي ڏينهن ڏٺي جو سئو ماڻهن جي سامهون ڊار ڊار ميڪس جون گنس (Guns) کڻي هلندا هئا ۽ وائيس چانسلر ڪان وٺي پٽيوالن تائين داٻو رکندا هئا. سندن اک ڪڪڙي ۽ ڳالهائڻ ڪارو هوندو هو. اهي ڇوڪرا جڏهين هڪ ٻئي سان اٽڪندا هئا ته هاسٽلن ۾ گولين جون ريهون پيون پونديون هيون ۽ خوف به ٿيندا هئا. ڪين ڇڏائڻ وارا به موجود هوندا هئا. انهن ڇوڪرن کي "ليڊر" ڪري ڇيو ويندو هو.

البت اهي "ليڊر" ڇوڪرا "ڏاڍن مڙسن" ڇوڪرن ڪان ڪن هٽندا هئا. ڇاڪاڻ ته "ليڊرن" کي خبر هئي ته جيڪڏهن هنن ڪنهن "ڏاڍي مڙس" کي ڏکي وڌو ته پوءِ جيل ۾ وڃي ۽ پوءِ هڪدم ڇٽڻ جي ٻدران ڪين يونيورسٽيءَ ڪان پري ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ سڌو سڌو سائونڊ پروف گن جو شڪار ٻڄڻو پوندو ۽ جوابدار جي پير جو نشان به نظر نه ايندو. انهيءَ ڪري ئي "ليڊر" ۽ ڏاڍا مڙس" هڪ ٻئي جي منهن نه پوندا هئا.

هاڻي ڪجهه سختين جي ڪري اهي ٻئي گروپ وڏي حد تائين جهڪا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر سندن جاءِ ڪجهه ٻين گروپن والاري آهي، جن کي "ٽيڪنيڪل فائٽر" سڏي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته اهي گروپ جيڪي طور طريقا استعمال ڪن ٿا، انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪڙڪ ٻاهر نڪتي پوي. اصل ۾ انهن گروپن جو واسطو يونيورسٽين جي بدران ڪاليجن سان آهي، جيڪي هڪ پاسي عمر ۾ گهٽ آهن ته ٻئي پاسي وري سندن ذهني عمر (I.Q) وڌيڪ آهي. هي ڇوڪرا نه ”ڏاڍا مڙس“ آهن ۽ نه ئي ”ليڊر“ آهن. سندن مسئلو يا ته ”محبوبه“ آهي يا وري هڪ ٻئي تي ”داٻو رکڻ“ آهي ۽ يا وري پنهنجو ننڍڙو علائقو آهي. اِنهن ٻن مسئلن کي ڪٽي هو پاپولر انڊين فلم ”جوش“ وانگر علائقي وار به گروپ ٺاهي پاڻ ۾ وڙهندا آهن. پر سندن ويڙهه ڪنهن لڪل جڳهه تي ٿيندي آهي، جتي اڳواٽ هڪ ٻئي کي چئلينج ڏيئي وڙهندا آهن. سندن ويڙهه ۾ ڪنهن گن جي بدران جسماني سگهه، ڦڙتي، بيل (هٿ تي چڙهيل سخت قسم جا دستانا)، ڪلپس، چيلهه ۾ ٻڌل خوردم ۽ ٻن ڦارن وارا ننڍڙا چاقو هوندا آهن. ”عزت دا سوال اي“ تي وڙهندڙ هي گروپ جڏهين ميدان تي لهندا آهن ته اُنهيءَ کان اڳ هڪ ٻئي کي فون ڪري يا ڪنهن ننڍڙي ڇوڪري هٿان پيغام موڪليندا آهن. جي ڪا ڏُر آڻ ميجي ويئي ته ڳالهه ڇٽي، پر جي ڪنهن آڻ نه ميجي ته پوءِ جهيڙو ٿيندو آهي. جهيڙي جي معاملي ۾ وڏن اڳيان خاموش رهندڙ هنن گروپس جا ڇوڪرا جڏهين ويڙهه ۾ زخمي ٿيندا آهن ته مائٽن اڳيان زخمن جي حساب سان ڪنهن ننڍي يا وڏي حادثي جو بهانو ٻڌائي، پٽي وغيره ڪرائي وري ڏکن جو وير وٺڻ لاءِ پڙ تي چڙهندا آهن. تان جو هڪڙي ڌر وجهي آڻ ميجي. هنن همراهن جي جهيڙي جو دائره ڪار نه سياسي آهي نه ڪو وڏو ڪرائيم آهي ۽ نه وري قبيلائي آهي، پر اهو جاگرافيائي آهي. مطلب ته پاڙي جي لڄ رکڻي آهي ۽ پاڙن جي باربرن تي خبردار رهڻو آهي. حال آهر پيرن ۾ جاگر پائي ڇهن ڇهن ڪيسن واريون پينٽون پائي ۽ پنهنجي پسند جي ڪرڪيٽر (خاص ڪري وسيم اڪرم، شاهدي آفريدي ۽ شعيب اختر) جي وارن جي ڪٽ رکائي هلندڙ هنن ڇوڪرن جي خوبي اها آهي ته هيءُ نسل ٻيءَ سنڌ وانگر ڪلاس ڪانشس ناهي ۽ راس خاص واري طبقاتي فرق کي نٿو ليکي. منجهن خرابي اها آهي ته هي ڇوڪرا جيتري مائٽن ۽ پاڙي وارن جي عزت ڪندا آهن اوتري عزت آيل مهمان کي نه ڏيندا آهن ۽ مهمانن لاءِ هي ڇوڪرا رکا ۽ لاتعلق هوندا آهن. ايندڙ نسل هنن ئي ڇوڪرن جي ٻاچي ۾ پلجي رهيو آهي. ڏسون ته اُهو نسل ڪهڙو رنگ ٿو ڏيکاري.

(2001ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جنگ جا ڪَڪَر

پاڻ هيءُ مضمون تڏهين پيا لکون جڏهين ڪازخستان جي قديم آثارن جي خيال ڪان تمام سهڻي شهر الماآتي ۾ چوپڙ وچائجي چُڪي آهي، جتي پاڪستان، ڀارت، چين ۽ روس جا سربراهان مملڪت پاڻ سان چوپڙ راند جا وڏا وڏا خفتي وٺي اچي لٿا ۽ ساڳيا خفتي وٺي واپس به هليا ويا. چوڻ وارا چون ٿا ته انهن رانديگرن ۾ بظاهر رکو ڏسڻ ۾ ايندڙ، پر اندران گرما گرم صدر پيوٽن ڊپلوميسيءَ جي چوپڙ جا ڪئين ڪَرَ ٽو چاٽي ۽ اونڌيءَ کي سڌي ۽ سڌيءَ کي اونڌي ڪرڻ چاٽي. وٽيس ته سرن کي باهه ڏيئي ويهي رهي. وٽيس ته آڙاهه کي وسائڻ ۾ دير نه ڪري. ٻئي پاسي Folk Wisdom (لوڪ ڏاهپ) جي زور تي پنهنجي ملڪ کي پتل مان سون بڻائيندڙ چين مُلڪ جا ڏاها ۽ ڏاڍا مڙس به پڙ تي لٿا، جيڪي لٺ توڙي چٽ ڏيڪاري ڪم ٽپائي سگهن ٿا. ظاهر آهي ته ٽريون اُنهيءَ ڪري اچي گڏيون ته جهيڙو ٽارجي، جي اهو جهيڙو نه ٽريو ته ڪين به لهَس اچي ويندي جو هو پاڻ به جهيڙي جي پاڙي ۾ ويٺا آهن ۽ ڪين خبر آهي ته تيلي ننڍي، پر باهه وڏي هوندي آهي ۽ ٽر جي گُتي سؤ چوٽون ڪائيندي آهي. سو انهن همراهن وس ته وڏا ڪيا ته باجپائي ٽورو ڏوتيءَ کي ڊِرو ڪري ۽ صدر مشرف چاتي ڪولي نه هلي. پر تنهن هوندي به چا ٿو ٿئي، اُنهيءَ جو نتيجو ته هن مضمون ۾ چيچڻ تائين اچي چڪو آهي. نتيجو جيڪو به آيو پر هيءُ بندو پنهنجي ناڙيو ويٺو آهي. جيڪا هٽ عرض رکي ٿو، باقي رب ڏاڍو، رب جي ذات ڏاڍي.

(1) هتي اها ڳالهه ڏک مان لکجي ٿي ته اسان جا ڳچ پڙهيا لکيا ماڻهو عوام کي Under Estimateڪندا آهن ۽ خلقت کي جاهل سمجهي ٻُهڙن ۾ منهن هڻي ويهي رهندا آهن. جنهن سياستدان کي اليڪشن ۾ ووٽ نه ملن، اُهي پنهنجي اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ليئو پائڻ جي بدران عوام جو ڪجهو چنو پڙرو ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو ويٺو رهي. جنهن ليکڪ، محقق ۽ پبلشر جي ڪتاب يا رسالو يا اخبار نہ هلي، اُهو پنهنجي ڪم ڪي پرکڻ جي بدران پبلڪ تي ڦوڪيو وتي. جنهن ڳائڻي جو ڳائڻ پاپيولر نہ ٿئي، اُهو پنهنجي فن تي نظر وجهڻ جي بدران عوام جي بي قدريءَ جو راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ڏي. مطلب تہ اسان پنهنجيون غلطيون عوام تي مڙهيو ويهي رهون پاڻ ۾ ليي ڪجهہ نہ. ميارون ٻين تي. پر هن بندي جي نظر ۾ عوام ڏاڍو سياڻو آهي ۽ جيڪو ڪري ٿو، اُهو صحيح ڪري ٿو. رڳو عوام جي گڏيل سائيڪيءَ تي نظر وجهجي تہ ڳالهہ پڌري پٽ چٽي پوندي. معمول جي حالتن ۾ تہ عوام ڪي پرکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر غير معمولي حالتن ۾ عوام پڌرو ٿيو پوي.

پهرئين پهرئين جڏهين ڏيٺي نہ وٺي هندو بنياد پرستن جي گهيري ۾ ڦاٿل پارت جو شاعر وزيراعظم باجپائي اوچتو ئي هَڙ هَڙ ڪري پاڪستان جي بارڊر تي هٿياربند فوجون بيهاريون ۽ موٽ ۾ پاڪستان بہ پنهنجون هٿياربند فوجون سندن سامهون بيهاريون تہ عوام جا ڪن وڳا تہ ها ٻيلي ڳالهہ ۾ ڪجهہ ڳڙ آهي، اجهو ٿا جنگي هوائي جهاز زوزٽ ڪن ۽ ٺڙڪا ٿا ٿين. ائين عوام هڪ ٻئي کان پُڇ پُڇان شروع ڪري ڏني تہ جنگ لڳي ٿي يا نہ؟ پر پوءِ جيئن وقت گذرندو ويو تہ عوام جي اها پڇ پڇان گهٽ ٿيندي ويئي ۽ پريشان چهرن تي اطمينان جا تاثرات اُڀرڻ لڳا تہ هاڻي جنگ نہ لڳندي. ظاهر آهي تہ اهو عوام جو اجتماعي شعور هو، جنهن سندن ڪن ڪٽائيا تہ خطرو ٽري ويو آهيَ.

انهيءَ کان پوءِ تازو اڳي کان بہ وڌيڪ جنگ جا امڪان پئدا ٿيا ۽ ڪشمير واري پاسي ٻنهين فوجن جي وچ ۾ ٺڪاٺڪي ٿي، ماٺهو مُئا، اخبارن پنا ڪارا ڪيا. باجپائيءَ جون ڌمڪيون ۽ الرون وڌڻ لڳيون ۽ پاڪستان جي طرفان بہ اکيون ڏيکاريون ويون. تنهن کانپوءِ برطانيہ آمريڪا، اقوام متحده، فرانس، جرمني ۽ ٻين مُلڪن پنهنجن ماڻهن کي هوشيار ڪيو تہ پارت ۽ پاڪستان مان نڪري وڃو. ٻنهين ملڪ جي هوائي اڏن تان اڏامون غير ملڪي ماڻهن سان سٿجي نڪرڻ لڳيون. ٻنهي ملڪن جي اسٽاڪ ايڪسچينجز جون انڊيڪس ڪريون ۽ اربين روپين جا ٽوٽا پيا. ايترو ڪجهہ ٿي وڃڻ کانپوءِ عوام جي ڪن تي جونءِ بہ ڪا نہ ٿي چُري، ڪنهن بہ ڇهري تي ڪنهن بہ قسم جي جنگي ڪيفيت ظاهر نٿي ٿئي. هڪڙي ايمرجنسي اُها هوندي آهي، جيڪا گورنمينٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نافذ ڪندي آهي. ٻئي ايمرجنسي اها هوندي آهي، جيڪا ڪنهن اينڌڙ خطري جي طوفان کي محسوس ڪري عوام پنهنجو پاڻ تي نافذ ڪندو آهي. تہ اُها عوامي ايمرجنسي بہ پبلڪ ۾ ڏسڻ ۾ نٿي اچي. زندگي معمول مطابق هلي رهي آهي. 1965ع ۽ 1971ع جي جنگ کان اڳ اهو ڏٺو ويو هو تہ چورن چوري بند ڪري ڇڏي هئي. جڏهين تہ هن وقت چور ڇڪار، ڪاٺڙيا ۽ ڦورو بہ پنهنجي ڌنڌي سان لڳا پيا آهن. شادين جي دعوتن جي ڪارڊن جي ٽڙو ٽڙ لڳي پيئي آهي، فنڪشن پنهنجي عروج تي آهن، روڊن تي ساڳئي ٽريفڪ موجود آهي، مختلف مسئلن تي احتجاج جاري آهن ۽ ٽيليويزن تي ڪرڪيٽ ڏسندڙ فوٽ بال جون ميچون ڏسڻ لڳا آهن. عورتون سُرمون پيئون پائين، مرد مڇون پيا وٽين ۽ ٻار راند ۾ مصروف آهن. بک، اُڃ ۽ ڏاڍن جي هٿان ستائجڻ جي ڳڻتي تہ عوام ۾ موجود آهي، پر جنگ جي ڳڻتي ناهي. ايترين بين ڪيترين ئي ڳالهين مان لڳي ٿو تہ عوام جي ڇهين حواس اِهو محسوس ڪري ورتو آهي تہ جنگ نہ لڳندي.

(2) افغانستان جي بهاني آمريڪي فوجي ۽ جاسوس پاڪستان ۾ بہ موجود آهن. ڪين هن وقت پاڪستان جي حڪومت جي مدد ڪيي ٿي ۽ ناهي ٺوڪي ڪپي ٿي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندن اڏا موجود آهن. سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ آمريڪا واحد سُپر پاور وڃي رهيو آهي. سندن انهيءَ جنگ جي پويان ڪئين سبب موجود آهن. جيڪي سينٽرل ايشيا ۽ افغانستان جي نس نس کان واقف رهندڙ احمد راشد جي ٻن ڪتابن "Taliban" ۽ "Jihad" ۾ ڏسي سگهجن ٿا. اهي ڪارڻ ٻڌائين ٿا تہ آمريڪا پاڪستان مان هٽڻ نہ ڪيندو، نہ مڊوي هوٽل (ڪراچي) جي ڀچر ڇڏيندو ۽ نڪو جيڪب آباد ۽ پسنيءَ جا هوائي اڏا خالي ڪندو. آمريڪن ٻاهران پلي کهڙيون بہ ڳالهيون ڪندا هُجن، پر پاڪستان مان ٽپڙ نہ ويڙهيندا. ظاهر آهي تہ 70 ورهين جي عمر کان ٽپيل باجپائيءَ تي جنگ جو ڪهڙو بہ ڀوت سوار هُجي، پر صفا انڌو ٿي جيڪب آباد، پسني ۽ ڪراچيءَ تي حملو ڪري نٿو سگهي. جڏهين تہ پاڪستان هوڻ ئي جنگ جي موڊ ۾ ناهي. تہ اهو ڪارڻ بہ ٻُڌائي ٿو تہ جنگ نہ لڳندي.

(3) ڀارت جي قبضي ۾ آيل ڪشمير ۾ تہ ڪافي وقت کان ٺُڪا ٺُڪي هلي رهي آهي ۽ گوليون ۽ بم وڃي رهيا آهن. پوءِ هينئر اوچتو ئي اوچتو ڀارت سرڪار جي ڪهڙي مُٺي آهي جو انهيءَ ٺُڪا ٺُڪي ۽ مارا ماريءَ کي ڪارڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻٽائي جنگ تي سندرو ٻڌي بيهي رهي آهي. جڏهين ته پاڪستان سرڪار اُتي وڙهندڙ جماعتن تي پابندي هٽي چڏي آهي، سا به آمريڪا جي زور بار تي. پاڪستان ته عالمي مبصر به بيهارڻ لاءِ تيار آهي ۽ ٻئي پاسي خود ڀارت ڪي به ته ڪشمير اندر وڙهندڙن کي منهن ڏيڻ جي چوٽ مليل آهي. ڀارت پنهنجا اهڙا ذريعا ڪشمير اندر به استعمال ڪري سگهي ٿو. صدر مشرف سندن هٽ ته نه ٻڌا آهن. انهيءَ هوندي به ڀارت سڄي بارڊر تي فوج بيهاري پاڪستان کي چئلينج ڏئي بيهي رهيو آهي ته وڙهنداسين. اها ته گهر ويٺن سان ويڙهه ٿي. ته آئون نٿو سمجهان ته ڀارت رڳو ڪشمير جي اشو کي ڪٽي جنگ ڪندو هجي. منهنجيءَ نظر ۾ انهيءَ ارهه زورائي جي پويان ٻيو مقصد آهي، جنهن کي اقتصادي جنگ چئبو آهي.

اصل ۾ افغانستان جي مامري کان پوءِ آمريڪا، يورپ، جپان ۽ مارٽن ايمس (Martin Amis) جي لفظن ۾ آمريڪا جي ڪنٽرول ۾ رهندڙ"Death Mega" بين الاقوامي مالي ادارن نه رڳو پاڪستان کي اڳين قرضن ۾ ڇڏ چوٽ ڪئي، پر ٻيو به مال پاڻي اُچلايائون. ڪا امداد ظاهري طور تي ڏنائون ته ڪا وري ڳجهه ڳوهه ۾، جنهن جي خبر تمام گهٽ ماڻهن کي آهي. ظاهر آهي ته انهيءَ مال پاڻيءَ جو ڪجهه حصو پاڪستان جي سوشل سيڪٽر تي خرچ ٿئي ها ۽ ملڪ جون اقتصادي حالتون بهتر ٿين ها. انهيءَ کان علاوه غير ملڪي انويسٽ مينٽ ٿئي ها، پاڪستان ۾ موجود معدني دولت کوٽجي نڪري ها، پائيپ لائنون وڇايون وڃن ها ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنيون پنهنجا ڪارخانا کولين ها. اڄ پاڻيءَ جي کوٽ آهي، جيڪا شايد آئنده نه رهي. ته انهيءَ صورت ۾ زراعت کي انڊسٽري بنائي وڌائيو وڃي ها ۽ زراعت جي بنياد تي ٻڌل ڪارخانا جُڙن ها. ڀارت کي اهي سڀ ڳالهيون نظر ۾ هيون ته متان پاڪستان اقتصادي طور تي ڪانٽس وڌي وڃي. ڀارت انهيءَ جو اهو علاج ڳوليو ته پاڪستان جو جيڪو پئسو پبلڪ سيڪٽر ۾ وڃي رهيو آهي، اُهو ڇو نه دفاعي سيڪٽر ۾ هليو وڃي. اها ئي ڳالهه ڳنڍي ڀارت پنهنجي فوج پاڪستان جي بارڊر تي اچي بيهاري ته پاڪستان کي مليل پئسو بارود تي خرچ ٿئي. ڀارت ڏک ته جانچي هنيو هو، پر تازيون رپورٽون اهو ٿيون ٻڌائين ته خود ڀارت اقتصادي ڏچي ۾ اچي ويو آهي. غير ملڪي واپاري ۽ سرمائيدار جنگ جي خطري جي ڪري اُتان پنهنجا تپڙ ويڙهي رهيا آهن، غير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪي سرمائيڪاري بند ٿي رهي آهي. بمبئيءَ جي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ توقع کان وڌيڪ لاٿ آئي آهي. هاٽي قصو اُتي وڃي پهتو آهي. جيڪا ترقي انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪئي هئائون. انهيءَ کي به وڏو ڌڪ لڳو آهي ته مطلب ته اقتصادي ميدان ۾ ٻئي کي ڪيرائيندي ڪيرائيندي پارتي پاڻ به ڪري پيا آهن. ظاهر آهي ته انهيءَ اقتصادي رزلٽ اچڻ ڪانپوءِ پارت وڌيڪ بار ڪٽي نٿو سگهي جو اُتان جو عوام اڳ ئي غربت جي ڏچي ۾ ڦاٿل آهي. انهيءَ ڪري پارت کي هاٽي پنهنجي ضد تان هٿ ڪڍڻو پوندو ۽ جنگ نه لڳندي. پئسا تو بولتا هي.

(4) اها ڳالهه ته سنئين سڌي بيٺي آهي ته جنگ جو عمل هڪ اهڙو عمل آهي. جنهن ۾ ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ عقل جي جاءِ جذبات والاريندا آهن ۽ اها جذباتيت جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويندي آهي. هونئن به جنگ ڪرڻ ڪو عقل جو ڪم ته ناهي. پنهين ڌرين جي جذبات ۾ اچڻ ڪانپوءِ جڏهين ڪا به هڪڙي ڌر پنهنجو علائقو وڃائيندي آهي ۽ پنهنجن ماڻهن کي مرندي ڏسندي آهي ته اُها ڌر ٻئي ڪا واهه نه ڏسي پنهنجا آخري هٿيار استعمال ڪندي آهي. اتفاق سان ٻنهي ملڪن وٽ ائٽمڪ پاور موجود آهي. جيڪو انهيءَ چاٿايل صورت ۾ هڪ ڌر استعمال ڪري وجهندي ته ٻئي ڌر به ائٽمي گز ڪمان مان ڪيندي. نتيجي ۾ ٻئي ملڪ مڪمل طور تي تباهه ٿي ويندا. ٻنهين ملڪن ۾ بجلي ذر ذر خدا حافظ چئي رواني ٿي ويندي آهي. ٻنهي ملڪن ۾ رڳو برسات وڌيڪ ٿي وسي ته گهر ڪريو پون. ماڻهو مريو پون ۽ مال توڙي ملڪيت لڙهيو وڃي ته انهيءَ حالت ۾ جنگ ڪهڙو حشر ڪندي. اُها ٻنهي ڌرين کي خبر آهي. تنهن ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن وٽ اهڙا سوڪ ادارا موجود ناهن. جو خلقت کي سنڀالي سگهن.

هتي هڪڙي هيٺائي ڦاڙ ڳالهه به ٻڌائڻ ضروري آهي. پارت ۾ ارون ڌتي راءِ کان به پر هٿ وڌي ڪري ٿي هڪ جرنلسٽ/ ناولسٽ ڪن ڪيا آهن. جنهن ؛ Glass Palace؛ نالي سان ناول لکي ادبي دنيا ۾ تاڙهيا مچائي ڇڏيا آهن. انهيءَ يار جو نالو آهي اميتاو گهوش.

بنگالي نسل جي هن جرنلسٽ/ناولسٽ کي شايد نيويارڪر يا نيويارڪ ٽائيمس وارن ڏاڍا ڏوڪڙ ڏيئي، انهيءَ ڌنڌي سان لڳائيو ته پهرئين پارت ۽ پوءِ پاڪستان جيڪي ائٽمي ڦهڪا ڪرايا آهن. اهو ائٽمڪ پاور پارت کي ڪيترو نقصان رسائي سگهي ٿو. انهيءَ تي ريسرچ ڪري رپورٽ مئگزين کي ڇپڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏي. فيلڊ ۾ لهڻ ڪانپوءِ هن جيڪي حقيقتون گڏ ڪيون، اُهي سڀ جون سڀ پڙهڻ وٽان آهن. پر هڪ هنڌ هو بيان ٿو ڪري ته پاڻ پارت جي اُتر ۾ پاڪستان جي بارڊر سان لڳندڙ ڪنهن برفاني چوٽيءَ تي هڪ ڪرنل سان مليو. گهوش جو لکڻ آهي ته اوچين برفاني چوٽين تي وقت گذاريندڙ ماڻهوءَ جي نظر هلي ٿي وڃي (ماڻهو انڌو ٿيو وڃي). بت جا اُگهاڙا حصا جهڙوڪ هٿ ۽ پير سخت ٿڌ ۾ چمڙيءَ کان محروم ٿي وڃن ٿا ۽ ماڻهوءَ جو ذهن به ڪنهن حد تائين ڪم ڇڏي ٿو وڃي ۽ نفسياتي طور تي اهو ماڻهو وائڙو، اڌ چريو ۽ جهيڙاڪ ٿي ٿو پوي. ته جنهن پارتي ڪرنل سان گهوش مليو، اُهو به ذهني طرح تي چيڙاڪ، ضدي ۽ ذهني مريض بڻجي چڪو هو. گهوش جڏهن ڪائنس پڇيو ته ”جنگ ٿي ته اوهان ڇا ڪندؤ؟“ تي ڪرنل جواب ڏنس ته ”اسان کان پيو ڪجهه نه پُڄو ته هت موجود ڪنهن وڏي گليشيئر تي ائٽم بم هٽنداسين.“ اها ڳالهه ٻڌي گهوش جي پيرن هيٺان ترا نڪري ويا، جو کيس اڳ ۾ ئي ريسرچ مان اهو معلوم ٿي چڪو هو ته جيڪڏهن ڪنهن گليشيئر تي ائٽم بم هڻيو ويندو ته ٻئي ملڪ ٻڏي ويندا ۽ گليشيئر مان اُٿندڙ پاڻي ٻنهين ملڪن جي ماڻهن کي گهيلي وڃي سمنڊ ۾ اڇلائيندو. ته ائٽم بم جي استعمال جو هڪ رُخ اهو به آهي. جنهن جي چرئي ڪرنل کي خبر نه هئي.

ظاهر آهي ته ائٽم بم جي انهيءَ تخريبي سگهه کان باجپائي به واقف آهي ته جارج فرنانڊس به. پاڪستان ته اڳ ۾ ئي هٿ ڇنڊيو جنگ کان پري بيٺو آهي. باقي آئون نٿو سمجهان ته پارت حڪومت اهڙي حرڪت ڪري ويهي جو ٻئي ملڪ جذباتي حدن تائين پهچي ائٽمي قوت استعمال ڪري وجهن ۽ پوءِ ڪک نه گڏجي ڪک سان. ته اها ڇاڻ به ٻنهي ملڪن کي جنگ تائين وٺي نه ويندي.

خدا ڪنهن جي مت نه ڪسي، باقي هرويرو ته جنگ ڪا نه لڳندي. اڄ نه ته سياڻي جنگ جا ڪکر هٽي ويندا.

(2002ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هٿ جي وِڃا

ادي منهنجي کي چوان ته پاڻ کي اها به خبر هئي ته اليڪشن ڇو ۽ ڪيئن ٿيٽي هئي ۽ انهيءَ جا نتيجا ڪهڙا نڪرڻا هئا. پاڻ کي اها به ڪُڙڪ پيل آهي ته هن وقت سياست جي جيڪا ديڳ پچي پيئي، اُنهي جي اندران ڇا نڪرڻو آهي. پاڻ کي اُهي به پسڻ پيا پون ته سال ڏيڍ رکي ڏکڙ تي اٺو ڇو ۽ ڪيئن لڳڻو آهي. هونئن به جيڪو پاءُ اٽي جو ڪائي ٿو، انهيءَ کي اهي سڄا اتا پتا آهن، پر پوءِ به وندر وچان ٿي سهي هڪڙا ڇٽا سياست تي ڳالهائي ڳالهائي هڦ ٿي پيا آهن ته به مُڙڻ ڪان لاچار آهن، جو سندن ڏنڊو ئي اُهو آهي. جيڪا جنهن جي مرضي، پر پاڻ اهڙيءَ حالت ۾ وچان ئي ٻيو سُر ٿا ڪڍون. جنهن ۾ lfs ۽ Buts جي ڪا به گنجائش ناهي.

يورپ ۾ گهڙ ته هڪڙو شهر ٻئي شهر کان ٻه رتيون ڪسر ڪڍيو ويٺو آهي. ڀلا ڀليءَ جو ڪو ڇيهه ئي ناهي. جي اک ٻوڙ ته ٻڏندي وڃي، جي دل مان رسا ڪڍ ته ترڪندي وڃي ۽ ڀلا جي دماغ تي زور ڏي ته اک نه ڏسي گوڏي ڪي. هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ هئڻ ته اهو ڪپي ها ته پاڻ کي پئرس جو شهر پسند اچي ها. جتي دنيا جهان جو ذات ليکڪ لڏا لاهي اچي وهندو آهي جي دل هٽن ۾ ڪٽي خريدار کي ڳولڻ جي چڪر ۾ هجون ها ته ايمسٽرڊم شهر دل ۾ گهر ڪري ويهي رهي ها. ڀلا جي اکين جي وچ مان نڪ ڪڍرائڻو هجي ها ته لنڊن جهڙو ٻيو ڪو شهر ليڻئي ڪو نه ها. پر پاڻ کي انهن سڀني شهرن کان جيڪو شهر وڌيڪ وڻيو، اُهو اسڪاٽ لينڊ جو شهر ايڊنبرو آهي، جتي اسان پارن جهنگ جي بلائن لاءِ جهنگ جا مزا به آهن ته شهر جا مزا به. هن شهر ۾ قانون جو احترام ڪندي سگريٽن جو پاڪيٽ ڪيسي ۾ وجهيو اوٻاسيون ڏيندو وت ته به خير، پر

جي پلا قانون ٽوڙيندي سگريٽ کي پنجين نمبر ۾ ڦاسائي، سوٽا هٽي سگريٽ کي تر ڪري ٽوٽو روڊ تي اڇلاءِ ته پر خير پر انهيءَ ڪان وڏي ڪري وٺن جو پاسو وٺي ناڙا ڇوڙ ڪر ته به ٺهيو.

انهيءَ ايڊنبرو شهر ۾ هر سال سيپٽمبر جي مهيني ۾ انڊو پاڪ جي ماڻهن جو ميڙو لڳندو آهي. پاڻ به رڳي الله تي ٻوسڪيءَ جي ڊگهي قميص ۽ هرڪ جي گهاٽي سُٽڻ پائي وڃي اُنهيءَ ميڙي مان نڪتاسين. جتي ڪئين رنگ لڳا پيا هئا. هڪڙي پاسي ڳاڙهيون پڙيون پائي هلنڌڙ بئنڊ باجي وارا اسڪاٽ ۽ ٻئي پاسي گوڏيون ٻڌي ڍهل وڄائڻ وارا سک وڄت وڄت ۾ ملائي اغرب مغرب کي هڪ ڪريو بيٺا هئا. سندن اُها گڏيل وڄت ٻڌي اهو پتو ڪو نه ٿي پيو ته ڪٿان اسڪاٽ سُر شروع ٿو ٿئي ۽ ڪٿان پنجاب جي وڄت ٿي شروع ٿئي. اُنهن سازندن جي اڳيان وري ڇورا ۽ ڇوريون ڇيريون ٻڌي نچندا پئي هليا. سنگيت ڪڏهين به نسلي تفرقو نه رکندو آهي ۽ محمود و اياز هڪ ئي هوندا آهن. ٻئي پاسي PTVجو اسٽار عثمان پيرزادو ۽ سندس پائر پتلين جي تماشي کي ڪٽيو بيٺا هئا. ٿئي پاسي ٻارن جي وٺ آئسڪريم تي ۽ وڏن جي ڪاهه سنبوسن ۽ چٽن تي هئي. پاڻ ٻيو سڀ ڪجهه ڇڏي گهڙي پياسين دڪانن واري حصي ۾ هڪڙي دُڪان ۾ ڇا ٿو ڏسان ته اُتي ٿر جي ڪنهن هُنر مند عورت جي هٿ جي وڃا رکي آهي. اهو هڪڙو گج هو. جنهن جي رنگن، ڊزائينن، تصويرن ۽ ٽوپي جي ورن وڪڙن ۾ اصليت چانيل هئي ۽ اُنهي ۾ هڪ اهڙي قسم جو ردم موجود هو، جهڙو ردم ڪنهن شاندار وڄت ۾ هوندو آهي. اهڙو هٿ جو هنر به سنگيت جي ڪنهن ڌُن وانگيان دل جي تارن کي ڇُهندي اندر جي دنيا ۾ مانڌاڻ مچائيندو ويندو آهي پر انهيءَ گج تي ڪنڊ وٺ لڳل جڏهين قيمت جي چٽڪي پڙهيم ته پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. گج جي قيمت هئي هڪ هزار پائونڊ يعني پاڪستان جا ٻڌا 930000 روپيا لکيل هئي. اها ايڏي ساري قيمت پڙهي پاڻ دُڪان واري حصي تان هٽ ڪنيو ۽ ناچ گاني واري حصي ۾ اچي بيٺاسين ته جيئن دل جو بار لاهي هلڪا ٿي سگهون. اهڙا ساڳيا گج ٿر جي ڳوٺن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 300 روپين ۽ وڌ ۾ وڌ 500 روپين ۾ بنا ڪنهن متا ڪُٽ جي ملي ويندا آهن. ڏوڪڙ چنڊيو ۽ مال ڪٿي روانا ٿي ويو. هاڻي توهان ئي ڪٿي ٻڌايو ته ڪٿي 500 روپيا ۽ ڪٿي 930000 روپيا. سدا جي ڏکويل گذريل صديءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظيم ليکڪ فرانز ڪافڪا پنهنجي محبوبہ ميلينا کي هڪ خط ۾ لکيو هو تہ.
”هيءُ جيڪو خط توکي لڙڪن جي صورت ۾ لکي رهيو آهيان، مون کي پڪ آهي تہ منهنجا اهي لُڙڪ وچ ۾ ٿي جهرو (ننڍڙا اُڏامندڙ جن پوت) جهڻي ويندا.“
سو ايئن ٿي پنهنجي ملڪ ۾ ڪيترائي جهرو موجود آهن. جيڪي ٽاريلين جا لُڙڪ جهڻي وڃي ولايت ۾ لکين روپين ۾ وڪڻندا آهن. اسلام ڪوٽ ۽ چاڇري جي وچ ۾ ميگهواڙن ۽ پيلن جا وڏا راڄ موجود آهن. جتي ڪوهن مان منو پاڻي ملندو آهي. اُتي پيل مال چارڻ جو ڌنڌو ڪندا آهن ۽ پٽن جي ٽٺونڪن تي ويهي ڪنن تي هٿ رکي ٿهر جا لوڪ گيت ڳائيندا آهن. سندن آواز سان ڌهر ٻُري اُٿندا آهن. جڏهن تہ ميگهواڙ مرد ۽ عورتون گڏجي ڪٽا آٽندا آهن. جن ۾ هڪ قسم جي موسيقيت پاتي ويندي آهي. اُٽت ۾ سُرَ پاتا وڃن ٿا. اهي ڪٽا اُتي گهٽ ۾ گهٽ 500 روپين ۾ وڌ ۾ وڌ 800 روپين ۾ ملندا آهن. اُهي ساڳيا ڪٽا ڪراچي ۾ 4000 هزار روپين ۽ اسلام آباد ۾ 6000 روپين ۾ وڪرو ڪيا ويندا آهن. اهو ڪم بہ جهروئن يا ايئن ڪٽي چئون دلالن (مڊل مين) جو آهي.

گجن ۽ ڪٽن ڪانسواءِ اسان وٽ درياءَ جي ڪپرن تي آباد شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٽيندڙ تيليءَ جو ڪم جهڙوڪ ڪارا، تڏا، ڊيڪيون وغيره. هٿونگو تعلقي ڪپرو ۾ ٻانڌڻي جو ڪم. ڪشمور ۽ هالا ۾ جنديءَ ۽ ڪاٺ تي چٽ جو ڪم. ڪوهستان ۽ ٿر ۾ ڀرت جو ڪم. ٽنڊو محمد خان ۽ مٽياريءَ ۾ ٽيندڙ بلاڪ پرنٽنگ. سانگهڙ ضلعي ۾ رلين جو ڪم. جيڪب آباد جون ٽوپيون. حيدرآباد ۾ ٽالپرن جي زماني کان ٽيندڙ فراسين جو ڪم. لاڙ ۾ ڦهيرين جا ٺاهيل چوٽا چوٽيون. پاڪڙا ۽ سنج ۽ نصرپور ۾ ٺهندڙ مٽيءَ جي ٿانون ۽ ٿانون مٿان ٽيندڙ چٽ جي ڪم تائين سنڌ جي هڪڙي رنگ کان وٺي ٻئي رنگ تائين شهرئون شهر. ڳوٺئون ڳوٺ ۽ هندو هند هٿ جي وڃا يا ايئن ڪٽي چئون تہ فن ۽ هُنر جو هڪ کان هڪ اعليٰ نمونو ملي ٿو. جنهن جو ڪارڻ سنڌ ۾ موجود پنجن هزار سالن جي تهذيب آهي يا ڪٽي ايئن چئون تہ اُهو هڪ پنجن هزار سالن جو اجتماعي تجربو ۽ وزدم آهي. جنهن انهن شاهڪارن کي جنم ڏنو آهي.

انهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ وقت سان گڏ اُنهيءَ هنرمنديءَ جي نمونن ۾ تبديلي ايندي رهي آهي. جيڪا هڪ فطري ڳالهہ آهي. پر ماضي قريب ۾ يا حال ۾ هلندڙ وقت جي دوران ٻن قسمن جون جيڪي تبديليون آيون آهن. اُنهن مان هڪڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلي تہ اها اهي تہ اُنهن هنرن جي اصليت گمر ٿيندي نظر اچي ٿي. اُنهيءَ تبديليءَ جو ڪارڻ بي روزگاريءَ جي ڪرٿ ۾ اچي ٿوري وقت اندر لبي ٿيي وارو ڪم آهي. ٻئي تبديلي اصلي ڪم جي اصليت کي برقرار رکندي. اُنهيءَ جي بنياد تي ڪم ۾ سُونهن آندي ويندي آهي. جنهن ۾ اڳيون ردم جيئڻ جو تيئڻ موجود آهي. ڪو بہ پارکو اُنهن ٻنهين تبديلين جي فرق کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. اعليٰ قسم جي ڪم جي پويان جيڪي Motivesڏسڻ ۾ اچن ٿا. اُهي ڪجهہ هن ريت آهن: پٻڻ جو گل، ڪونجن جي قطار، اڪڙ وڪڙ سنڌو درياءَ جو وهڪرو، منگهہ، مور، ڳيرو، ماڪيءَ جون مکيون، اڪن جون ڦـلڙيون، ماڙي، طوطو، نيرنگيون، گولاڙو، پَنِ، نسريل سُرَ ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ.

اسان جي اُنهن هنرن ۾ جيڪا اصلي سونهن ۽ تخليقيت ملي ٿي جيڪڏهن اُنهن کي برقرار رکي ڪم ڪيو وڃي ۽ پوءِ وچ ڪٽي (مڊل مين) جي ڦرمار کي نظرانداز ڪندي مارڪيٽ ڪيو وڃي تہ اُنهيءَ ڪم جي ڊمانڊ ننڍي پيماني تي خود پاڪستان جي وڏن شهرن سان گڏوگڏ فطرت پسنديءَ ڏانهن تيزي سان وڌندڙ اسڪينيڊيوين ملڪن (ڊينمارڪ، سُئيڊن، ناروي ۽ هالينڊ)، قدامت پرست برطانيہ، ڪلچر اَئنٿراپالاجيءَ ۾ ورتل جرمني ۽ شاهہ شاهوڪار ملڪ ڪئناڊا ۾ وڏي پيماني تي پاتي وڃي ٿي. اهو تہ ٿيو اُهو مارڪيٽ، جتي سنڌ ۾ موجود هٽ جي وچا وڏن اگهن ۾ وڪرو ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهين اسان في پيس 50 هزار رپين ۾ ۾ بہ وڪڻون تہ اُهو پيس مغرب جي ملڪن جي خريدارن لاءِ تمام سستو آهي ۽ اسان ماڻهن لاءِ وڏو ڊچڙ آهي.

اسان ماڻهو ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪريون. رڳو ڪا اهڙي ايماندار ۽ معقول قسم جي ڪا اهڙي سرڪاري يا غير سرڪاري تنظيم ڳاهي وجهون تہ خود اُنهي ڪم تي ايندڙ خرچ بہ اسان کي اهڙن غير ملڪي ڊونرس کان ملي سگهي ٿو. جيڪي واقعي بہ ٽئين دنيا مان غربت ختم ڪرڻ ۾ پرخلوص هجن. ڳالهہ سچي خلوص جي آهي ۽ ٻنهنجن ماڻهن سان دلي جاني محبت جي آهي. اوهان وٽ خلوص هوندو تہ ڊونر بہ خلوص سان ملندو. نہ سنڌ گدڙن کاڌي آهي ۽ نہ ئي مغرب ۾ ڪا ايتري پيل ٿيل آهي. وٽڻ وارو هٿ سچر هوندو تہ ڏيڻ وارو جي دل وڏي ٿي ويندي.

اُنهيءَ سچي رٿابنديءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن بہ غريب مرد يا عورت (هت اهو بہ عرض ڪري ڇڏجي تہ عورت ذات اهو ڪم وڌيڪ ڪري ٿي) جي اڳيان اُها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالھ رکجي تہ پائي جيڪڏھن اوھان اصلي رنگ ۾ رنگيل ۽ پنھنجي تخليق جي آڌار تي جيڪو ھنرمنديءَ جو شاھڪار ناھي ڏينڊؤ تہ اسان توھان کي گھٽ ۾ گھٽ ڏھ ھزار روپيا ۽ وڌ ۾ وڌ ويھہ ھزار روپيا ڏينداسين تہ اھڙو ڪير ھوندو جيڪو ناڪار ڪري ويھي رھندو. ھڪي مرحلي ۾ جيڪا ڏر اھو ڪم ھٿ ۾ ڪٽندي تہ اُنھيءَ لاءِ بہ ھڪ وڏو Incentiveموجود ھوندو. مارڪيٽ تائين ڪم کي پھچائيندي جيڪو خرچ پڪو ايندو. اُھو ڪٽي سٽي بہ پلا ھڪ شاھڪار تي ھيو نہ. تہ پنج ست ھزار روپيا تہ بچي پوندا. ٽيڪس ھٽڻ وارا بہ اُنھيءَ ڳالھ تي وڏي چوٽ ڏيئي سگھن ٿا تہ بابا پنھنجي ملڪ لاءِ زرمبادلو ٿا آڻيون. ظاھر آھي تہ جھڙي بہ ڦٽي سٽي حڪومت ايندي تہ اُنھي کي ڳالھ تي ڪھڙو اعتراض ھوندو. ھڪڙي پاسي زرمبادلو ايندو تہ ٻئي پاسي اسان جي ملڪ جو ڪلچر مغرب تي ڪنھن نہ ڪنھن حد تائين اثر بہ ڇڏيندو. ھٽ جي اھا وچا شوبزنس ۾ بہ پنھنجا رنگ ڏيکاريندي. جيئن انڊيا ۾ ڏٺو وڃي ٿو.

ٻئي پاسي ھٽ جيڪو اسان ماٺھن کي ٻُک ۽ بي روزگاريءَ سٽي رکيو آھي، آسمان جون اکيون خالي آھن. جنھن جي جي ڪري برسات بہ نہ ٿي وسي. ٿر ۽ ڪوھستان ۾ ڪارو ڏڪار آھي، پاڻي جي ڪوٽ آھي، ھاريءَ جي ڪوڏر ھنيءَ ۾ وھڻ جي بدران گھرن ۾ ٽياس تي تنگي پيئي آھي، زميندار سيٺين ڪان قرض ڪٽي اليڪشنون وڙھيا آھن. ڪاريگر پٽ پٽجي ويا آھن، خرچ نہ ھٽڻ جي ڪري ٻار پڙھڻ ڪان لاچار آھن. بيمارين ھٽي ماٺھن کي رھڙي وڌو آھي ۽ علاج بہ مھانگو آھي تہ دوائون بہ ھٽ لائڻ ڪان پري آھن. ملڪ جو خزانو ڪيترو بہ پريل ھجي، پر ڪو ماٺھو ضرورت جون شيون وٺڻ لاءِ بازار ۾ اچي ٿو تہ اُھو اگھہ ٻڌيو مٿي تي ھٿ ڏيو ويھو رھي. تہ انھن لاچارين جو علاج اُنھيءَ ۾ ئي آھي تہ اسان وٽ جيڪا ھٽ جي وچا آھي، اُھا ڪٽي اچلائي پنھنجين زندگين کي رڻ ۾ رلائڻ ڪان بچايون.

عورتن جون تنظيمون عورتن جي آزاديءَ جي باري ۾ پلي ڪيتريون بہ رٿائون جوڙين، پر ھن بندي جو خيال اھي تہ جيستائين عورت کي اقتصادي آزادي نصيب نہ ٿيندي، تيستائين ٻئي ھٽ مٿي تي ھوندس ۽ پيئي سٽبي ڪُٽبي. اُھا اقتصادي آزادي عورت جي ھٿن ۾ موجود آھي، رڳو اُھي ھنر مند ھٿ صحيح مارڪيٽ تائين پھچن. ھونئن بہ ٻک جا چڪ مرد جي دل دماغ تي تالا ھٽي ڇڏيندا آھن. ڪانئس عقل ڇڏائي ويندو آھي ۽ پوءِ وينو پاڻ ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزور کي ماريندو ۽ ڪٽيندو ۽ يارن جا سور ٻارن مان پيو ڪڍندو آهي. يا وڃي چوريون ڪندو، ڌاڙا هڻندو، اغوا ڪندو ۽ قرمار ڪندو. نتيجي ۾ وري ٻه پوليس وڃي سندن گهرن تي ڪڙڪندي ۽ گهر جي عورتن کي آزار ۾ وجهندي. جڏهن ڪنهن کي ٻُک چڪ هڻندي آهي ته اُهو چتو ٿي پوندو آهي ۽ پاڻيءَ مان نڪري سڀ رشتا وساري ويهي رهندو آهي. اُنهن حالتن جو اندازو ته خود اُنهيءَ Victim کي هوندو. باقي جن جو پيٽ ڀريل آهي، اُنهن کي ڪهڙي خبر ته خالي پيٽ ڪهڙا رنگ ٿو لائي.

ته جڏهين اسان وٽ پنهنجي هنرمنديءَ جي ننڍڙي گهٽي موجود آهي ته اُتان نڪري چو نه پار پئون. اُها واٽ اسان وٽ موجود آهي ته ٿلهيون ڳالهيون ۽ اجايا بحث ڪرڻ جي بدران چو نه اها واٽ جهليون. واٽون واٽن مان ڦٽنديون آهن، جڏهين هڪڙي واٽ کلي ته ٻيون واٽون به کلي پونديون. ماڻهو ڪاري مٽي جو ڍٽي آهي، گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو.

اصل ۾ هٿ جي وڃا جي سلسلي ۾ مٽي چاٿايل تجويز آئون چئڻ چڱن اڳيان رکي چڪو آهيان، جيڪي اُهو ڪم ڪري سگهن ٿا. پر موٽ ۾ مون کي ماٺ ئي ملي آهي. آئون پاڻ رولڙي ڪاٺ جهڙو هجان ها ته پاڻ ئي هٿ پير هڻان ها ۽ ٿوري گهڻي حاصلات ٿي وڃي ها، پر بي وس اُتن بار چڙيا. هاڻي هن اخبار جي معرفت هيءَ تجويز سنڌ جي گهٽگهرن يا وري پوءِ اينڊڙ حاڪمن جي اڳيان چڙيان ٿو. وڌيڪ الله مالڪ آهي.

(2002ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق جو اصلي ڪوڊ

سچ ڪري پڇو تہ پاڻ کي اها خبر ناهي تہ ويلنٽائين ڪهڙي شئي جو نالو آهي. اها ڪا ڇوڪري آهي يا گل ٻوٽي جو نالو آهي يا وري ڪنهن خاص ڏسڻ جهڙي هنڌ جو نالو. نہ ئي اها خبر اٿئون تہ انهيءَ شئي ڪڏهين، ڪٿي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ جنم ورتو. نڪو وري اها ڪا ڄاڻ اٿئون تہ انهيءَ ڏينهن جي پويان ڪهڙي اسٽوري موجود آهي جو اهو ڏينهن وڏي ڌوم ڌڙاڪي سان دنيا ۾ ملهائجڻ لڳو آهي. البت ايتري خبر اٿئون.تہ هڪ تہ اهو ڪو معاملو دل جو ٿو ڏسجي ۽ ٻيو تہ انهيءَ نالي سان٬شايد ڪا وهسڪي ملي ٿي جيڪا دل جي بدران اک ڪڪڙي ڪري ٿي. اُنهيءَ جي وڌيڪ تصديق تہ اُهي موالي ئي ڪري سگهن ٿا، جن کي پنهنجيءَ دل کان وڌيڪ اک عزيز هوندي آهي. باقي جيڪو اهو اڄ ويلنٽائين ڊي ملهائيو پيو وڃي، اُنهيءَ جي تصديق وري ڪو عشق کي ماڊرنائيز ڪندڙ نوجوان ئي ڪري سگهي ٿو. پاڻ کي تہ انهن اصلي عاشقن جي خبر آهي، جيڪي سالن جا سال عشق ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻاري رک ڪري ڦٽي ڪندا هئا، جنهن مان دونهون نڪرڻ بہ بند ٿي ويندو هو. ماڻهو چون ٿا تہ عشق ڪبو ناهي، ٿي ويندو آهي. اها ڳالهہ ميچڻ وٽان بہ آهي ۽ ڪم جي بہ آهي، سٺي بہ آهي ۽ دل سان لڳي بہ ٿي. پر جڏهن سنڌ جي اصلي ۽ اصيل عاشقن جي زندگين ۾ منهن ٿا هڻون تہ ڳالهہ وڃان ئي ٻئي ٿي نظر اچي. جيڪا بہ نظر اچي ٿي، اُها هت بيان ڪجي ٿي. وڌيڪ فيصلو تہ وڃي ڪن پڙهڻ وارا.

اڄڪلهہ تہ هڪ ئي پاسي، ڪان نڪتل ٻن ٻن ٽن ٽن ڌارن وارا بليڊ نڪري پيا آهن. غسل خاني ۾ گهڙي آئيني جي سامهون بيهي، ڳلن تي فوم هڻي، ٻہ ٽي بليڊ جا رهڙا هڻو تہ ڏاڙهي ليپيئي نہ. مٿان وري خوشبودار اينٽي سيپٽڪ

شيونگ لوشن هٽو ته هڪڙي پاسي خوشبو جهڪا ڪري ته ٻئي پاسي ڳلن تي نه ڦٽ نڪري نه ڦرڙي. پر چمڙيءَ جا ماهر ڊاڪٽر چون ٿا ته جسم جي ڪنهن به حصي تي اهڙي خوشبو نه هٽو. جيڪا اينٽي سيپٽڪ هجي. چاڪاڻ ته اها ڳالهه هاڻي پڌري پٽ اچي پيئي آهي ته اهي اينٽي سيپٽڪ جتي هڪڙي پاسي ڦٽ ڦرڙيون پيدا ڪندڙ Bad Guysجيوڙا ماري ٿا ڇڏين، اُتي قدرت طرفان اسان جي جسم تي اهڙا Good Guysجيوڙا به پاتا وڃن ٿا. جيڪي چمڙيءَ جي بيمارين سان وڙهي ويڙهه ڪائي بيمارين کي پڇائين ٿا. جڏهن اينٽي سيپٽڪ جسم جي ڪنهن به حصي تي هٽجن ٿا ته اهي بچاءُ ڪندڙ گڏ گائيز جيوڙي به ماري وجهن ٿا. انهيءَ ڪري فائدي کان وڌيڪ نقصان ٿئي ٿو. پر جيڪو همراهه عشق ۾ شوق ۾ ٻڏل هوندو آهي، اُهو اهڙيون ڳالهيون ته ٻڌندو آهي. شوق جو ڪو ملهه ٿي ناهي سچڻ سائين.

پر ڪو وقت اڳ ۾ نه اهڙا نه ڏارا بليڊ هوندا هئا. نه فوم هوندو هو ۽ نه وري اينٽي سيپٽڪ شيونگ لوشن. تڏهن عشق به چمڪندڙ ڳلن ۽ سٺن ڪپڙن جي بدران دلين سان ڪيو ويندو هو. شوق رڳو ايترو ڪيو ويندو هو جو ٻين جي اکين ۾ سرمو وجهڻ (بيوقوف بنائڻ) جي بدران پنهنجين اکين ۾ سرمو وجهي اکين کي تجليون بٽايو ويندو هو. سو بهرحال هيءَ ڳالهه ايتري گهٽي پراڻي به ناهي. بس ايتري پراڻي آهي، جڏهن ڪجهه پيار جا قدر ته ڪجهه اخلاقيات جا قدر ڪم ڏيکاريندا هئا. اهو رواج شايد اڃا تائين به سنڌ جي ڪن پٽن ۾ موجود هجي. ايئن به ٿي سگهي ٿو ته اهڙي قسم جو عشق ڪارا ڪاريون ٿيندي ڏسي موڪلائي به چڪو هجي ۽ رڳو انهيءَ عشق جون ڳالهيون رهجي ويون هجن. جيڪي ڪجهه به آهي، انهيءَ عشق جو قصو ڪجهه هيئن ٿو بيهي.

ڪنهن به ڇوڪري ڇنير کي جڏهين ڏاڙهيءَ جي ساوڪ ايندي هئي ته ڪيس ڳلن تي ٿوري گهٽي خارش به ٿيندي هئي ۽ من به اُچلون ڪائيندو هو ۽ هو گهر جي وڏن کان لڪ ڇپ ۾ ماءُ يا ڀاڄائي کان ان جون ٻه ٽي پائيون يا گيهه جي لوٹڙي ڇڏائي وڃي دُڪان تان ٽٽندو هو ۽ اهو وڪٽي، پئسا وٺي، انهن پئسن مان هڪ عدد سستو ٻه پاسائون بليڊ وٺي. بچيل پئسا اڳتي جي ور ۾ وجهي اچي گهران نڪرندو هو. گهر اچي جتيون چندڻ کان پوءِ هتان هتان سَر جي ڪا ڪاني هٿ ڪري، ڪانيءَ کي مُڇي وٽان سِير ڏيئي سِير ۾ بليڊ وجهي ڪانيءَ کي بليڊ جي ٻنهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڙن وٺان ڏاڳي جي ورن سان قابو ڪري ڦِٽي سِٽي آرسي گوڏي تي رکي ڏاڙهيءَ جا وار لاهيندو ويندو هو. پهريون پيرو بليڊ جي استعمال ڪرڻ جي ڪري ڪيس ڳلن تي هڪ اڌ ٽُڪو بہ اچي ويندو هو. اُنهي دوران مٿس گهر جي ڪنهن نہ ڪنهن جهوني جي نظر پوندي هئي تہ اُهو جهونو ڳِٽيءَ ۾ پئجي ويندو هو تہ ”هائو پيلي! چوري هٿ ۾ پاڪي ڪنيو آهي، هاٿي ڪٽي نہ ڪٽي اڪ اڙائي ويهي رهندو. متان اُبتا پير نہ ڪٽي. اهو سوچي جهونو ڪيس ڦِري ايندو هو ۽ ڪيس ٻانهن مان جهلي پاڻ وٽ وهاري، پنهنجي تجربي جي آڌار تي روايتن ڪي پاٺي ڏيندي، متائنس عشق جو اصلي ڪوڊ چنڊبيندو ويندو هو. جيڪو هن ريت هوند هو:

ڪوڊ نمبر (1) راڄ ياڳ ٿيندو آهي. جڏهين راڄ ۾ ڦيٽاڙو پوندو آهي تہ پاڳ ۾ بہ رولو پوندو آهي ۽ لوڙهو لوڙهي ڪي ڪائڻ لڳندو آهي. انهيءَ ڪري راڄ ۾ اک ميري ڪرڻي ناهي.

ڪوڊ نمبر (2) پنهنجي ذات يا قبيلي وارا پائر ٿيندا آهن ۽ سيد جي ڏاڍي ذات اهلبيت هوندي آهي. انهي ڪري پنهنجي ذات ۾ اک ميري ڪري هن دنيا ۾ بيچڙو نہ ٿيڻو آهي ۽ اهل بيت ۾ اک اڙائي عاقُوبت خراب ڪرڻي ناهي.

ڪوڊ نمبر (3) ڪنواري نياڻي ست قرآن آهي. سڀ قسم ٽٽي سگهن ٿا، پر ڪنواري نياڻيءَ جي مٿي تي هٿ رکي پوءِ مٺي مارائي بہ قسم نہ ٽوڙبو آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ ڪنواري ڇوڪري تي اک ميري ڪرڻي ناهي.

ڪوڊ نمبر (4) فلاڻن فلاڻن راڄن ۾ تنهنجن وڏن نيمڪ کاڌو آهي، انهيءَ ڪري انهن راڄن ۾ اک ميري ڪري نمڪ حرام ٿيڻو ناهي.

ڪوڊ نمبر (5) پاڻ جي هنن پٽن ۾ عورت ذات ستايل ۽ پيڙهيل هوندي آهي. سندن ڇوڏاري ڪهاڙيون پيون ڦرنديون آهن. هيستائين عورتون ڪوهن ۾ پڏي ايتريون نہ ميون آهن، جيتريون الزامن ٻوڙيون آهن. انهيءَ ڪري دل اڙائڻ ڪانپوءِ هر مامرو پنهنجي سر تي وسائڻو آهي، پر محبوبن تي ڪک بہ سهڻو ناهي. نقصان پنهنجي ليکي ۾ وجهڻو آهي، فائدو سڄڻن جي ليکي ۾ وجهڻو آهي. پنهنجي دل ڦٽجي تہ ڦٽجي پر محبوب جي آڱر تي بہ رهڙ اچڻ نہ گهرجي.

ايئن ڇوڪرو مڙس عشق جي ڪوڊ جا پنج ئي اسم دل ۽ دماغ ۾ پالي پوءِ ڏنگي، ڏکئيءَ تاحيات عشق جي ڳولا ۾ نڪرندو هو ۽ ڪنهن اهڙي راڄ، ڳوٺ يا لڏي ڪي ڦيرا ڏيندو هو، جيڪو ڪوڊ سان نہ ٽڪرائجي. تنهن زماني ۾ عشق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هنڌ ڳوٺ کان کوهہ يا تلاءُ يا واٽر ڪورس ڏانهن ويندڙ واٽ هوندي هئي. جنهن واٽ تان گذري روز صبح ۽ شام جو عورتون پاڻي ڀرڻ وينديون هيون ۽ هڪڙي قسم جو گس ٺهي ويندو هو. هو انهيءَ گس جي ڀنهي پاسي پاڻي ڀرڻ وقت ايئن لِڪي لِڪي ڦيرا ڏيندو هو تہ متان عورت جو ڪو وارث شڪي ٿي مٿس لوهہ ڪري لنين ڪهاڙين سان ڀڙهي نہ وجهيس يا وري آڏيءَ ڀچا ۾ ڦاسائي راڄ ڪي گڏ نہ ڪري وجهي. شڪر رب جو انهيءَ زماني ۾ ڪلاشن ۽ اوزيءَ جهڙيون ماڻهن جا ڏڌا ڏڙ سر ڪٽڻ واريون ڏائڻيون زمين تي ڪو نہ لٿيون هيون. انهن هٿيارن کان بہ وڌيڪ سر ڀٽيندڙ بلا "شڪ" منهن ڪو نہ ڪڍيو هو ۽ ماڻهو ويچارا سڌا سادا هوندا هئا. جُوٽيون ڪونہ ڪڇنديون هيون ۽ آگريون اُڀيون ڪونہ ٿينديون هيون. پر تنهن هوندي بہ اها اجازت ڪا نہ هوندي هئي تہ ڪو ڏاريو واٽ وينديءَ عورت سان ڳالهائي سگهي. انهيءَ ڪري اهو اصلي عشق هلندو هو اشارن تي. مطلب تہ تڏهين عشق جي ميڊيا اشارن تي ڪم ڪندي هئي، باقي دل اکين جي معرفت اڙجندي هئي. فطرت پنهنجو رنگ هر دور ۾ ڏيکاريندي رهي آهي. ڪوشش بہ رنگ لائيندي هئي ۽ "چوکرو مڙس" ڪنهن نہ ڪنهن دل کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو هو. اڪثر شاديون بي جوڙ هونديون هيون، سو ڪا نہ ڪا عورت مري مٿو ڏيندي هئي. اشارن سان سلسلہ عشق جانان شروع ٿي ويندو هو. حضرت عشق وڏا وڏا ملهہ ماريا آهن.

پهريون اشارو عورت وٽان ايندو هو. سلام ٿيندو هو، پر ڏاڍو ڳجهو. اها عورت ٻين عورتن کان نظر بچائي، ٻئي گهڙا هڪڙي ڪڇ جي پاسي ڪري همراهہ ڏانهن نهاري، بچيل هٿ سان پنهنجي چُني مٿي ڪٽندي هئي تہ همراهہ سمجهي ويندو هو تہ حضرت عشق حملہ آور ٿي پنهنجو رنگ ڏيکاري ويو آهي. اُنهيءَ کان پوءِ هن بي زبان عشق جي اشارن جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويندو هو. پوءِ جي سلسلي جي شروعات ايئن ٿيندي هئي تہ ٻئي ڏينهن اُها عورت پاڻيءَ ڀرڻ جي وقت ڪنهن نہ ڪنهن ڪم جو ڪو نہ ڪو ٻهانو ڪري ٻين عورتن کي روانو ڪري ايستائين گهر ويهي رهندي هئي، جيستائين اُهي ٻيون عورتون پاڻي ڀري پنهنجي گهر پهچي وينديون هيون. پوءِ مذڪوره عورت اڪيلي گهڙو کڻي پاڻي ڀرڻ نڪرندي هئي. چوکري مڙسن کي بہ اها کُڙڪ پئجي ويندي هئي تہ اڄ سڄڻ سائين اڪيلا نڪرڻ وارا آهن. پاڻي تي ايندي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي عورت رومال جي هڙوٽڙي واٽ تي اڇلائي اڳتي نڪري ويندي هئي ۽ پويان همراهه اها هڙو ٽڙي ور ۾ وجهي ڪنهن گهاٽي وڻ جي لڪل ڇانوَ هيٺان کوليندو هو ته ڪيس رومال ۾ ويڙهيل هڪ عدد ڦوٽو، هڪ عدد مصريءَ جو ٽُڪر ۽ اِڪيءَ جي سياڳي انگ ۾ يعني 3 يا 5 يا 7 عدد لونگ نڪري ايندا هئا. پر ڪو گل وغيره نه هوندو هو. چاڪاڻ ته گل جي عمر ننڍي هوندي آهي ۽ عشق جي عمر وڏي. اڄڪلهه جيڪي يار يا يارڙيون هڪ ٻئي کي گل ڏيندا آهن، انهيءَ عشق جي عمر به گل جيتري ئي مختصر هوندي آهي. سو بهرحال ڦوٽي جي نشاني ائين ڪميونيڪيٽ ڪندي هئي ته، ”تون هن ڦوٽي جهڙو خوشبودار آهين.“ مصريءَ جو ٽڪرو اهو ٻڌائيندو هو ته ”تون مون کي مصريءَ جيان مٺو آهين“ ۽ لونگ اهو ٻڌائيندا هئا ته، ”ملاقات جي وچ ۾ جيڪي ڏينهن (3 يا 5 يا 7) گذرندا، اُهي خوشبوءِ ڇڏيندڙ هوندا، پر ڪوڙا ۽ ڏکيا گذرندا. انتظار خوشبوءِ دار به هوندو آهي ته ڪوڙو به هوندو آهي. ڪوڙاڻ جو ٻيو مطلب خوف خطرو به ٿي سگهي ٿو.“ انهيءَ کان پوءِ ٽئي يا پنجين يا ستين يا نائين ڏينهن تي هڪ عدد ٻيو رومال پاٽيءَ جي واٽ جي ڪاپي يا ساڄي پاسي وجهي ڪرندو هو، انهيءَ ۾ هڪ عدد ڪُوئلو يا هڪ عدد چاڪ جو ٽڪر يا هڪ عدد تاري يا هڪ عدد پتر هوندو هو. اهو رومال به عورت ڦٽي ڪندي هئي، جو عشق جا حق واسطا عورت وٽ ئي محفوظ هوندا هئا. مرد ”ويچارو“ هوندو هو، سندس ايڏو وس نه هلندو هو جيڏو عورت جو. مرد وري اهو رومال کڻي وڃي لڪ ڇپ ۾ کوليندو هو ته انهن اشارن جون معنائون ڪجهه هن ريت نڪرنديون هيون ته جيڪڏهن رومال واٽ جي ساڄي پاسي اڇلايل هوندو ته مطلب اهو نڪرندو ته انهيءَ پاسي ملاقات ٿيندي. پر جي رومال کاٻي پاسي اُڇلايل هوندو هو ته معنيٰ ته کاٻي پاسي واري ڪنهن هنڌ تي ملاقات ٿيندي. اهڙي طرح رومال ۾ جيڪڏهن ڪوئلو رکيل هوندو ته معنيٰ ته ڪاري رات جو ملنداسين. پر جي رومال ۾ چاڪ جو ٽڪر هوندو ته معنيٰ ته اڇي ڏينهن جو ملنداسين. وري اهڙي ساڳئي طرح رومال ۾ جي پتر پيل هوندو ته معنيٰ ته انهيءَ پاسي جيڪو ڪڏو آهي، اُتي ڪچهري ڪبي. پر جي رومال ۾ تاري پيل آهي ته مطلب ته انهي پاسي جيڪو انهن وڻن جو جهنگ آهي اُتي ويهي ڪچهري ڪبي.

انهيءَ کانپوءِ چاٽايل جڳهه تي ڪچهري ٿيندي هئي، پر هونديون هيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيون ڳالهيون ۽ دل وٺان ڇيل ڪي گفتا. انهن ڳالهين ۾ هوس جي بدران پيار پيو جهلڪيون ڏيندو هو. پوءِ اهو وجي جڏهن سال ٻن کان پوءِ ميچوئر ٿئي. جيڪا اڇڪلهه تڪڙ ٿي ٿئي، اُها ڪا نہ هوندي هئي. ماڻهن جي دل ۾ صبر جا مڻ پيا وسندا هئا. پوءِ اها عورت هجي يا مرد. ڪڏهين ڪڏهين تہ سالن جا سال محبت ڀرين ڳالهين ۾ نڪري ويندا هئا. ايتري تڪڙي دانگي منهن تي ڪو نہ ملبي هئي، جو عشق خود احترام هو ۽ اهو احترام ڏاڍو دير سان ٽٽندو هو ۽ فطرت پنهنجو رنگ ڏيکاريندي هئي، جنهن کان پڪي پڪڻ بہ آجو ڪونهي. بهرحال ايئن اهو سلسلو ڊيگهہ ڪائي سالن تائين وجي پوندو هو.

فطرت جو هڪ ٻيو رنگ بہ آهي تہ هيءَ جيڪا محبت آهي اُها يڪسانيت جو شڪار بہ ٿيندي آهي ۽ ڪي اهڙا واقعا بہ جنم وٺندا آهن، جيڪي محبت جي ديوار ۾ ڏار وجهندا آهن. پر فقيرن جو اهو خيال بہ آهي تہ اڳي محبت ۾ ڏار تہ ڪونہ پوندا هئا، پر اُها ايتري گهرائيءَ ۾ هلي ويندي هئي يا ايئن ڪٽي چئون تہ ڇاهي وانگر منهن لڪائي ويندي هئي ۽ ڏار پوڻ جو رڳو دوکو ٿيندو هو. مطلب تہ ڏار ڪو نہ پوندا هئا، پر ظاهر اهو پيو ڏسڻ ۾ ايندو هو شايد ڪي ڏار پئجي ويا آهن. انهيءَ "شايد" مان روسامو جنم وٺندو هو. قربت ۽ روسامو هڪ ٻئي لاءِ لازم و ملزوم هوندا آهن. رسبو انهيءَ سان آهي، جنهن سان هجت هوندي آهي جي هجت ئي نہ هوندي تہ روسامو ڇا جو! اهي ننڍا وڏا روساما وڌي جڏهين وڻ ٿيندا هئا ۽ ٺاهہ جي ڳالهين ٻولين مان ڪجهہ بہ نہ ورندو هو تہ پوءِ وڏي پيار مان هڪ ٻئي کان يا عمر لاءِ موڪلائبو هو ۽ اهو آخري موڪلاڻي وڇڙي ويلن جي دل جو درد ٻڌجي ٻنهين ڌرين جي اندر ۾ ڏونهيون ڏکائي ڇڏيندو هو.

ڪارو ڪپڙو ماتم جي نشاني آهي، پوءِ اهو امامن جو ماتم هجي يا رٻاڙين ۾ دودي سومري جي شهادت جو ماتم هجي يا وڇڙي ويل محبتن جي درد جو ماتم هجي. اهو ماتم ڪارا ڪپڙا پارائي ڇڏيندو آهي. سو ايئن جڏهن اهو محبت جو وڇوڙو قطعي ٻڌجي ويندو هو تہ مرد پائيندو هو ڪارا ڪپڙا، پر عورت عشق جي انهيءَ اصلي ڪوڙ کان آجي هوندي هئي. ڇاڪاڻ تہ جي ويچاري تي پائي ڪارا ڪپڙا تہ ٿو سر ڪڇيس يا وري عمر لاءِ تي ٿئي خوار خراب. متس وسن ٿا مهڻن ۽ طعنن تنڪن جا سٽڪا. ٻئي پاسي ميل شاوَنسٽ معاشري ۾ مرد کي ڪٽ لڳڻي ئي ناهي. جيڪي ڪيس وٽي سو وجي ڪري. پر ڪينس وڇڙي ويل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگتياڻيءَ جو وڏو خيال رکندو ھو ۽ ڪارو ويس ڏسي ماڻھن کي اھا خبر پئجي ويندي ھئي تہ ھمراھہ عشق جو سٽيل آھي. پر اھا ڪنھن کي بہ خبر ڪا نہ پوندي ھئي تہ ڪٿي ۽ ڪنھن سان دل اڙايائين. نہ پاڻ ڦڙڪ ٻاھر ڪڍندو ھو. نہ ڪو ڪانئس ڪير پڇندو ھو. اھو بہ ھڪڙو ڪوڊ ھوندو ھو.

اڄڪلھہ "محبت" جو لفظ ڏاڍو سستو ٿي پيو آھي. پر اڳي محبت وڏو پٿر ھوندو ھو. جيڪو يوناني لوڪ ڪٿا جي سزا يافتہ ڪردار سسيفس وانگر ڪلھن تي کڻي جبل تي يا عمر لاءِ پيو چڙھندو ۽ لھندو ھو. محبت ڪندڙ ۽ پوءِ محبوبن کان وڇڙي ويل اھو مرد ڪارا ڪپڙا پائي سڄي حياتي ماتم ۾ گذاري ڇڏيندو ھو. اھو ڪارو ويس جواڻي کان وٺي شادي تائين، شاديءَ کان وٺي اولاد پيدا ٿيڻ ۽ پوءِ ڏاڏو ۽ نانو ٿيڻ تائين جاري رھندو ھو. پاڻ جو بيان ڪيل ھيءُ عشق جڏھن قبر کي ويجھو پھچندو ھو تہ پويان پٽن يا پوٽن وٽ اھا وصيعت رجسٽر ڪرائيندو ھو تہ کيس دفن بہ ڪاري ڪپڙي جي ڪفن ۾ ڪيو وڃي. پر وصيعت جي باوجود کيس اڇي ڪپڙي جو ڪفن نصيب ٿيندو ھو. پونئير مئلن سان ليکا ڪري ويندا ھئا. پر مئل جيئرن سان ليکو ڪري نہ سگھندا ھئا. درد ۽ ماتم تہ ايستائين ئي ھلي سگھندو آھي، جيستائين بندو جيئرو ھوندو. مئي کان پوءِ ڪھڙا ماتم يار! جيڪي ويا سي ويا. موٽي ڪو نہ آيا. بقول قرت العين حيدر جي تہ "قلم تہ ھٿ ۾ ڏئي ڇڏيئي، پر اھا پٽي ھٿ ۾ ڪا نہ ڏنئي، جنھن تي پنھنجيون پرايون قسمتون لکي سگھون." يا وري ٻئي ھنڌ لکيو اٿس تہ "منھنجي دل ٻرڻ ڇڏي ڏنو آھي، اھا دل ايترو تہ سڙي چڪي آھي جو ھاڻي انھيءَ رک ۾ ٻاھہ لڳڻي ئي ناھي."

سو پائو، اھي وقت بہ ويا تہ ماڻھو بہ ويا ۽ اھو عشق ڪارو ڪفن پائي قبر ۾ دفن ٿي چڪو آھي.

(2002ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهي تہ ڏسو

هي سڀ ڪجهہ لکندي جيڪڏهن ڪو اڌ نالو ولايت مان اچي ٽپو تہ ڪير ايئن نہ سمجهي تہ ڪو آئون روايتي ۽ رسمي اسڪالرن وانگيان "تقابلي جائزي" جي ناليءَ ولايت جي شيخر ڪڪڙن سان سنڌ جو اهڙو ڪڪڙ ويڙهائڻ ويهي رهيو آهيان، جنهن اجا پهرئين بانگ مس ڏني هجي. اها بئي ڳالهہ آهي تہ هن ڪتاب جو ليکڪ ڪالهوڪو چپن ڳاڙهو ڇورو آهي. مون تہ ڪيس چام شوري جا روڊ ڪڇيندي ڏٺو آهي يا حيدرآباد ۾ انٽرنيٽ اڳيان ويهي اوپاسيون ڏيئي قيد ڪاٽيندي ڏٺو آهي. انهن ٻنهي جڳهين کان هٽي ڪري ٻاهر منهن ۾ کهڙو ڏوڙ پائيندو رهيو آهي، انهيءَ جي خبر تہ سندس هن ڪتاب مان ئي پوي ٿي. هونئن ٻاهرو ٻاهر اهڙو تہ لحاظي تنظر ايندو آهي جو سعديہ دهلويءَ جي لفظ ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ "شڪر ٿي پيو آهي جو مرد ٿي پيو آهي. جي عورت هجي ها تہ هر وقت پيٽ سان هجي ها." پر جڏهن لکڻ ٿو ويهي تہ اهڙو بدلحاظو ٿيو پوي جو دل چوندي آهي تہ ست ڏينهن جُوتا پُسائي رکجن ۽ پوءِ اچي انهن جوتن سان اچي وٺجيس.

فرانس ملڪ ۾ هڪڙو مست ملنگ ليکڪ ٿي گذريو آهي بلئس سئنڊراس. سارتر جو هم عصر هو ۽ ايڏا ٿلها متارا ڪتاب لکندو هو جو هڪڙو ئي ڪتاب ورائي ڪنهن کي هڻ تہ اُهو مرڻ کان اڳ اوپاسي بہ نہ ڏئي. اُنهيءَ زماني ۾ کُلي لکڻ وارن مٿان آمريڪا ۾ FBI (آمريڪا جو جاسوس ادارو) وارن جو موچڙو پيو وسندو هو ۽ برطانيہ جو انفرميشن منسٽر اک ۾ سوئر جو وار وجهيو پيو هلندو هو. انهيءَ ڪري ڪجهہ ذهين ۽ فسادي ڇورن پنهنجي ملڪ آمريڪا مان تڏا پٽيا ۽ فرانس جا وڻ وڃي وساياٺون جو اُتي فڪري آزادي هُئي. انهيءَ آزاديءَ مان فائدو وٺندي هڪ ڪڙڪ قسم جو ادبي رسالو ڪڍيائون Paris Review. سو اهي ڇورا هڪڙي ڏينهن انٽرويو وٺڻ لاءِ پهتا بلئس سئنڊرارس وٽ. ڇورن کي

ٻئي پاسي اسان جي نقاد جو حال وري اِهو آهي، جيڪو اڄ ڪلهه جي بين الاقوامي سياست جو آهي، جنهن لاءِ هن دور جي مقبول ترين ۽ بدتميز ترين جُواري جرنلسٽ ناولسٽ مارٽن ايمس (MARTIN AMIS) سيني ڪان پهرئين اهو جملو چڏيو تہ ”جيڪو اسان جو يار آهي، اُهو آزاديءَ لاءِ وڙهي ٿو ۽ جيڪو اسان جو يار ناهي. اهو دهشتگرد آهي.“ سو نقاد ڪي بہ چڏيون ٽا تہ پلي انهيءَ جملي جي صورتحال ۾ ٽنگيو پيو هجي. هت وٽ وهنديءَ ڪي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ملڪ جي آزاديءَ کان اڳ ۾ تخليقي ادب جي دنيا ۾ امر لعل هنگوراڻيءَ ”ادو عبدالرحمان“ لکي جيڪا دونهين دکائي هئي، اُها ملڪ آزاد ٿيڻ کانپوءِ چئن چڳن جي هٿ ۾ پهچي باهہ ٻڻجي ويئي. اُنهيءَ بہ اُجهامڻ ۾ دير نہ ڪئي. اها باهہ دکائڻ وارا ڪجهہ چٽا تہ هيءَ دنيا دورنگي چڏي عدم جا راهي بڻيا، پر ڳچ چٽا اڃا حال حيات آهن، جن ۾ جهونا جوڳي بہ آهن تہ جوان سال بہ. جهونن جوڳين مان ڪي صحت جي خرابيءَ جي ڪري. ڪي چڳَ مڙسيءَ جي پڻڪي ٻڌجڻ جي ڪري تہ ڪي سرڪاري ۽ مجلسي مصروفيتن جي ڪري موجوده سنڌ جي پبلڪ کان ڪٽيل آهن. منجهن لارين ۾ چڙهي خوار خراب ٿيڻ، پاڪڙا هوٽلن ۾ پنجن ڏهن روپين واري ڪٽ وٺي رات ٽڪڻ ۽ هتان هُتان جون ڳالهيون ٻڌڻ، ڪلر جي پوٽي تي هارين نارين سان ويهي ڪپڙا خراب ڪرڻ ۽ هن دور جي سنڌ کي سمجهڻ جي همٿ نہ رهي آهي. انهيءَ ڪري اسان جا اهي سائين ڪا اهڙي ڳالهہ لکن بہ ٿا تہ اُها ٽيهارو چاليهارو سال اڳ جي سنڌ جي آهي. ڪي وري ٻُڌ سُڌ تي لکن ٿا تہ سندن تير نشاني تي نٽو لڳي. مشاهدو تہ وڃي ٻن پئي، پر ڳچ يار مطالعي جون ٽانگيون بہ خالي ڪيو ويٺا آهن ۽ لکڻ وقت ڳالهہ کي چڏائڻ جي جديد ۽ زوردار طريقن کان بہ اڻ واقف آهن. هڪڙي پاسي جهونن جوڳين جو اِهو حال آهي تہ ٻئي پاسي اسان جا جوان سال يار سنڌ جي عام خلقت سان گوڏو گوڏي ۾ ملائي ويهي هن دور جي سنڌ کي سمجهڻ جي بدران هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڏنڌي سان لڳل نظر اچن ٿا. پنهنجا پنهجا ٽولا ناهي هڪ ٻئي کي ڪلهن تي کڻي رڳو پنهنجي قد وڌائڻ ۾ پورا آهن يا صبحون شامون ملهائڻ ۽ فنڪشن بازيءَ جي چڪر ۾ اهن. منجهن موجود ”آئون“ هاٿي وڏي ڪري زوال پذير شهزادن کي گهٽو جهٽ هٿندڙ نفسياتي بيماري نرگسيت (NARCCISIM) تائين پهچي چڪي آهي. بين لفظن ۾ ايئن ڪٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُٽيجي تہ اها پيڙهي بہ سنڌ جي عوام کان ٿپ ڪٽيل آهي. ڏڪار رڳو سنڌ جي زمين تائين پهتل ناهي، پر گڏوگڏ اهو ڏڪار اسان جي ذهنن ۽ لکڻين ۾ بہ گهڙي ويو آهي. انهيءَ ذهني ڏڪار ۾ جي ڪٿي چار ڦڙيون وسنديون نظر اچن ٿيون تہ اُهي انهن صحافين جي ڪاتي ۾ وڃن ٿيون. جيڪي تجزياتي رپورٽون لکن ٿا. اسان پنهنجي دانشورانہ ٽرڙپائيءَ (Intellectualistic Snobbery) وچان پنهنجي مچ مروڙي جيڪڏهن صحافيءَ کي گهٽ درجو ڏيئي ٿا وهون تہ اها اسان جي خام خيالي آهي يا ڪو نظر جو ڦير آهي.

نظر جي ڦير ۽ نرگسيت جي پکڙيل وبا جي هن دور ۾ پنهنجو پاڻ کي وساري نثار کوکر پنهنجين رپورٽن تي ٻڌل 268 صفحن تي پکڙيل جيڪو ڪتاب "مسافر محبتون" پڙ تي لاٿو آهي، اُهو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ "وکري ٽائيپ" جو ڪتاب آهي.

ڇهن حصن ۾ ورهايل هيءُ ڪتاب ٽيڪنيڪي طور تي ستن انگن ۾ ڊوڙندڙ ڪنهن پليءَ گهوڙيءَ جي پنڌ وانگيان آهي. جيڪا "وک" جي انگ سان اسٽارٽ وٺي "رلي" ۽ "مَنَ" مان ٿيندي، پنهنجي انگ بدلائيندي، جڏهن "سراڙي" جي بدران "ٽہ پيريءَ" ۾ پوندو اهي تہ وڃي "جُهڙون" هٽندو آهي ۽ پنهنجون اڳيون ڪاڳو مُريو پوئينءَ ساڇي سنب سان ڦٽي زخمن جي بازار لڳائي ڇڏيندي آهي. انداز بيان جي اها ترتيب سڌي.سڌي هينئين ۾ اچي ڇَڪَ ٿي هڻي. جزئيات کي ڇڏي ڪري سڄي ڪتاب جو مجموعي تاثر پڙهندڙ جي ذهن تي ايئن پوي ٿو، جو اُتڻ سان باهہ ڏيئي پوءِ ٿڌو ڪري ڪاٺڻ جي بدران ليکڪ پهرئين ٿڌو هٿ رکي، پوءِ باهہ کي مچائيندو ويو آهي. پر ساڳئي ڪتاب جي مجموعي تاثر کي ڇڏي ڪري پڙهندڙ جيڪڏهن ڪتاب جي جزئيات ۾ ويندو تہ ليکڪ هن رپورٽ کي هنرمنديءَ جي قائدن، قانونن ۽ ضابطن مان ڪڍي اکين ڏٺي ڪنن ۽ ٻڌي "حال احوال" کي ڪنوڻ جي جهٽڻ وانگيان تخليقي آرٽ جي ڪنهن ٽڪري ۾ تبديل ڪُرڻ جو ڪم ڏيکاريو آهي، جيڪو صحافت جي دنيا ۾ پاڪستان جي حد تائين تہ محال نظر اچي ٿو ۽ هن وقت جي سنڌي ادب ۾ خال خال نظر اچي ٿو. هن ڪتاب ۾ ارادي طور تي مواد ۽ محنت، ۽ غير ارادي طور تي مواد ۽ ڊڪشن ۾ هڪ قسم جو اهڙو ٻٽو توازن پيدا ڪيو آهي، جيئن ڪبوتري (خانہ بدوش قبيلي جي عورت) رسيءَ تي هلڻ وقت رکندي آهي ۽ سندس ڪرڻ جو ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻـ خطرو نـ هوندو آهي ۽ جنهن جي پهرئين وک توريل تڪيل ۽ پوءِ جون وکون Instinctiveهونديون آهن.هي رپورٽون ٻـ ايئن ئي آهن، جن ۾ پهرئين وک طور تي نثار کوکر فيلڊ ريسرچ جو محنت طلب ڪم ڪندو نظر اچي ٿو ۽ پوءِ جي وکن ۾ هو ڪلاڪار ٻڻجي Images, Visuals ۽ ردم تخليق ڪري ٿو. ظاهر آهي تـ جيڪڏهن سندس انداز بيان ۾ اهي تخليقي جهتَ نـ هجن ها تـ پڙهندڙ سندس گڏ ڪيل املهہ مواد ۾ Explore ڪيل نئين سنڌ جا ڪارا ڪٽا توڙي مِـٺا پهلو نظر انداز ڪري ڇڏي ها.

هن ڪتاب ۾ نثار کوکر موجوده سنڌي سماج جي هيٺاهين مٿانهين ۽ اوسن پاسن سان منهان منهن ٿي، پنهنجيءَ شخصيت کي فطري حد تائين پري ڪري ۽ پت جي پرئين پاسي تائين ڏسندڙ اکين سان ڏسي، مواد جي صورت ۾ سنڌ جا جيڪي رنگ چٽيا آهن، اُهي ئي رنگ گهٽ ۾ گهڻ مون پاري ماڻهوءَ جي اندر ۾ اهو ساڙ ۽ حسد پيدا ڪندا آهن تـ آئون ڇو نـ نثار جون ٽنگون پڇي پاڻ اُهو ڪجهہ ڏسي سگهيو آهيان. جيڪي هن ڏٺو آهي.

موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو وارن طرفان ڇپايل هن ڪتاب ۾ ڇا ڪجهہ نٿو اچي وڃي. نئين جنريشن جا ڪچا ڪنئورا ڪپهہ کان ٻـ هلڪا ۽ رتل تتل توڙي پٽرن کان ٻـ ڳرا عشق، ڪي لفظن جي خوشبوئن تـ ڪي پرفيوم جي خوشبوئن ۾ جهڙا پوڙ ٿيل خط ۽ نياپا نڙا، عارضي خوشين جا دوڪا، يا عمر جا ڏک، مايوسيون، تنهائيون ۽ جنسي Wilderness. موالين جا ڏنڊا ڪوندا، ڊُڪَ ۽ سوٽا، گفتا، سوشلسٽن جا ڇيهون ڇيهون ٿي ويل خواب، ذهني آوارگي ۽ ڪوڙاڻ. سياسي مفاد پرستي، ذهني مفلسي، عوام سان دوکيبازي ۽ خالي لفظن جون ڪوڙڪيون سوسائٽيءَ جي شرطن شُروطن ۽ بندن قيدن کان آجيون ٿي ويل شخصيتون ۽ انهن جا پنهنجا Hang Ups. ميڙن ۾ هڪڙي پاسي مزارن کان دور مکين سان جهنجيل مٺائي، ڪچن رنگن ۾ رڱيل چوٽا ۽ ڳانيون، يارن ۽ يارڙين جا ميلاپ ۽ ٻبلين شبلين جا ٻي سرا ۽ ٻي ڳرا ٺُمڪا تـ ٻئي پاسي مزارن ۾ ۽ مزارن جي آسپاس موجود قابوسيت، اجتماعي هسٽيريا، سائيڪو ٿراپيءَ جو تشدد ۽ چريائيءَ سان پريل طور طريقا. تصوف جهڙي شاندار تصور جي جاءِ تي سطحي ذهنيت جا مظاهرا ۽ بيوسيءَ جي جانداهہ ۾ پيسجندڙ زائرين، ڪن ڳوٺن ۾ موجود سانت، سڪون، امن امان، يڪسانيت، بوريت، بڪ، ٻي وسي ۽ تنهائيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دهشتگردي

چون ٽا تہ سياري جي ڊگهي رات هجي. همراهہ سج لٿي ساڻ ڏاڍيون مانيون ٽڪيون کائي، نَڙُ ٽي، مڇون وٽيندا، ڏاڙهين تي هٿ هڻندا اچي اوطاق ۾ ٽڻا. هڪڙي همراهہ ڪنگهڪار ڪري پهرئين نڙي صاف ڪئي ۽ پوءِ يوسف زليخا جو قصو شروع ڪيائين. قصو دلچسپ هو، سو هر ڪنهن ڪن من ڏيئي ٻڌو. اهو قصو سڄي رات هلندو رهيو. وڏي فجر جو اهو قصو پورو ٿيو تہ محفل ۾ ويٺل هڪڙي ڊراڙ هڪل ڪري قصو بيان ڪندڙ کان پڇيو تہ "ياڻو قصو تہ واهہ جو ٻڌائيہ. اصل تنگ توري ڇڏيئہ. پر اهو تہ ٻڌاءِ تہ يوسف مائي هو يا مڙد هو؟"

سو اڄ ڪلهہ آمريڪا عراق جنگ جي حوالي سان جڏهين بين الاقوامي دهشتگرديءَ جي باري ۾ جيڪا بحثا بحثي ۽ تقريرون ٿين ٿيون، اِهي ٻڌي ڪري پاڻ جو حال بہ انهيءَ ڊراڙ جهڙو ٿيو وڃي تہ ٻيون ڳالهيون تہ سڀ جون سڀ اکين تي تہ هيئن ٿيو يا هونئن ٿيو يا وري هيننئن هونئن ٿيندو. پر اها خبر ڪير بہ نٿو ٻڌائي تہ "دهشتگردي" نر آهي يا مادي، يا وڃان وري ٿي وري ڪا ٽئين جنس آهي جنهن جو زور رڳو ٽاڙين وڃائڻ تي آهي.

پاڻ جو جڏهين اهڙين ڳالهين تي اچي مٿو ڦرندو آهي تہ پوءِ ٻيو سڀ ڪجهہ ڇڏي ڇڏي چئن سياڻن جو در وڃي جهليندا آهيون. جيڪي ٻيءَ دنيا جي ريت ڪريت ڇڏي اوپارا وهندا آهن. انهن سياڻن مان ڪي ڪتابن ۾ لڪا ويٺا هوندا آهن ۽ صرف پنهنجي قلم سان ڳالهيون ڪندا آهن. تہ ڪي وري ڪانپ ڪي ڏاڍو ڇڪي وهندا آهن ۽ هڪل ڪري ڳالهين جا جهڻ هڻندا ويندا آهن. يا وري آئين اسٽائين جي مشهور و معروف جملي "Imagination is more powerful than knoweldge" کي نظر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي پنهنجي عقل کي ڊوڙائڻو پوندو آهي. سو انهيءَ اُڌاري ورتل چاڙ ۾ پنهنجي ڪامن سينس جي زور تي دهشتگرديءَ جون پاڙون کوٽي ڪڍيون اٿئون تہ اها آخر ڪهڙي بلا آهي، جنهن ماڻهن جون متيون اچي منجهائيون آهن. هاڻي ڪو هي ڳالهيون ميجي ٿو تہ واه واه پر جي ڪو نٿو ميجي تہ اهو لاهي بہ جوتا هڻي منهنجي مٿي ۾.

## وٺ وهنديءَ کي.

جيڪڏهن دنيا جو ڪو سپر پاور ڪنهن بہ پڪي پختي شاهديءَ جي آڌار تي يا نلهي بڌ بسُڌ تي يا پنهنجي نئين قسم جي جنگي ٽيڪنالاجيءَ کي آزمائڻ خاطر يا اُرهہ زورائيءَ جي نشي ۾ اچي يا دنيا تي رعب داب وهارڻ يا لوڀ لالچ ۾ اچي يا دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ کي پنهنجي ابي جي ملڪيت سمجهي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪنهن نڌڻڪي، ڪمزور، ڪجهہ ڪجهہ ٽرڙي، بي وس ۽ مسڪين ملڪ تي چڙهائي ڪري ٿو ۽ غيبات ٻڌجي بم بارود ٿو اڇلائي تہ اهڙي سگهاري ملڪ جي انهيءَ عمل کي "جنگي جنون" چئي سگهجي ٿو، "جارحيت" چئي سگهجي ٿو، "بي واجبي" چئي سگهجي ٿو، "ارهہ زورائي" چئي سگهجي ٿو ۽ "ڪارو ناحق" چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن انهن سڀني لفظن کي گڏي ڪري هڪ اکر ۾ اڏائڻو آهي تہ انهيءَ عمل کي "جنگي ڏوهہ" (War Crime) چيو ويندو آهي، پر انهيءَ عمل کي ڪنهن بہ صورت ۾ دهشتگردي (Terrorism) نٿو چئي سگهجي.

جيڪڏهن ڪنهن سپر پاور جي رهڙي ۾ ايل ڪو نڌڻڪو ۽ ڪمزور ملڪ يا انهيءَ ملڪ جي ليڊر شپ اهو سڀ ڪجهہ سمجهي ٿي تہ جنهن سپر پاور مٿس حملو ڪيو آهي، اُنهيءَ وٽ اهڙا جنگي هوائي جهاز موجود آهن. جيڪي بنا ڪنهن پائليٽ جي اڏامندي مٿي اڏامن ٿا. جيڪي هيٺ هنيل رڊار (Radar) ۾ بہ ڏسڻ ۾ نٿا اچن ۽ پاڻ کي ڪئين ميل پري ويٺل ماهرن کان ڪمپيوٽر تي حڪم وٺي، پوءِ ڪنهن بہ قسم جا بم اهڙو تہ چٽي هڻن ٿا جو نشريات واري گاڏي جي اها ايريل اڏائي ڇڏين ٿا. جنهن جي ذريعي نشريات ٻڌي ۽ ڏٺي وڃي ٿي. اهڙا ساڳيائي هوائي جنگي جهاز الائي ڪيترو مٿان کان هيٺ روڊ تي ويندڙ ڪنهن گاڏيءَ ۾ ويٺل چئن ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي، سمجهي ۽ پوءِ ڏک سان رڳو انهيءَ گاڏي کي ڪنهن قسم جي بم سان ائين اڏائي ڇڏين ٿا جو اتان لنگهندڙ ٻين گاڏين تي ڪو بہ اثر نٿو پوي. اهو ساڳيو سپر پاور ٻيو تہ نهيو پر ڊالفن مڇي (اکين وارن ٻلهڻ) جي جبلت (Instincts) کي استعمال ڪندي سمنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وچايل بارود جا فيوز اڏائي، انهيءَ بارود کي بيڪار بڻائي ٿو. اهڙين ٻين ڪيترين ئي ٽيڪنالاجين جي جناتي سگهه کي محسوس ڪندي ڪري ٻہ ڇاڻايل نندڙ ۽ ڪمزور ملڪ دل جي ڏڍ جي زور تي يا پنهنجي انا کي تسڪين ڏيڻ لاءِ يا پنهنجي ڀرم رکڻ لاءِ يا پنهنجو پٽڪو ۽ عزت بچائڻ لاءِ يا پنهنجي ملڪ جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ يا پنهنجو حق بچائڻ لاءِ يا ظالم جي ظلم کي روڪڻ لاءِ پنهنجي حال سارو متو مٿي تي ڏيئي جنگ ڪري ٿو تہ اسان تہ ڪٿي انهيءَ عمل کي "مزاحمتي جنگ" يا "حب الوطني" يا "دفاعي جنگ" چوڻ لاءِ ٻڌل آهيون، پر دشمن سپر پاور انهيءَ دفاعي جنگ کي "جنگي ڏوهہ" (Crime Ware) تہ چئي سگهي ٿو، پر "دهشتگردي" (Terrorism) نٿو چئي سگهي.

جيڪڏهن ڪي بہ هڪ جهڙا يا ڪو ڏاڍو ۽ ڪو ڪمزور ملڪ پاڻ ۾ جنگ ڪن ٿا مثلن جيئن ايران ۽ عراق جي ڊگهي جنگ هلي يا پوءِ عراق ۽ ڪويت جي مختصر جنگ هلي يا هن وقت آمريڪا ۽ عراق جي جنگ هلي رهي آهي يا ڪيترن ئي سالن کان ڪرد ٻروچ پنهنجي آزاديءَ لاءِ عراق ۽ ترڪيءَ سان جنگ جوٽيو اچن. مطلب تہ ڪنهن بہ قسم جي جنگ ۾ جيڪڏهن ڪنهن بہ ڌر جو ڪو بہ ماڻهو پيٽ سان بم ٻڌي ڪنهن عوامي جڳهہ جي بدران ڪنهن فوجي ڪئمپ يا ڪنهن فوجي چوڪيءَ يا ڪنهن فوجي ٽئنڪ يا ڪنهن فوجي سپاهيءَ يا عملدار تي خودڪش حملو ڪري ٿو ۽ پنهنجي سر وڃائڻ سان گڏوگڏ دشمن فوجين جو بہ سر اڏائي ٿو تہ اهو عمل بہ "دهشتگردي" جي ذمري ۾ نٿو اچي.

اٽلي ملڪ ۾ هڪ ڏاڍن ماڻهن جو جابلو علائقو آهي، جتي زلزلا بہ گهڻا ايندا آهن ۽ ماڻهو بہ ڏاڍا زور آور آهن. انهيءَ علائقي کي "سسلي" ڪري چوندا آهن. مافيا جو تصور اتان ئي نڪتو. ڪيترن ئي سالن کان وٺي اُتي زور آور ۽ زور آوريءَ ۾ بہ چالاڪيءَ کان ڪم وٺندڙ گروهہ ٿيا. جيڪي مال پاڻي هٿڻ جي چڪر ۾ وڏي هوشياريءَ سان ويڙهہ کي بہ ٽيڪنڪ بڻائي وڙهندا رهيا. انهن ويڙهاڪ گروهن کي "مافيا" سڏيو ويو. خود فقط "مافيا" اصل ۾ اٽالين ٻوليءَ جو آهي، جيڪو هاڻي دنيا جي سڀني زبانن ۾ مروج آهي. آمريڪا ۾ خانہ جنگيءَ جو جڏهن خاتمو ٿيو ۽ پوءِ وچ ۾ جيڪو Hungerجو پيريڊ آيو. اُنهيءَ کان پوءِ آمريڪا دنيا جو سڀني ۾ سٺيو ملڪ بڻجي ويو ۽ ڊالر جي ريل پيل ٿي. سلسليءَ ۾ موجود "مافيائن" جي وات ۾ پاڻي آيو ۽ اُنهن زور آور ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪا جو رخ رکيو ۽ وڏن وڏن شهرن ۾ آباد ٿي انهن مافيائن پنهنجو مائٽاٽو ڏنڊو شروع ڪيو ۽ آمريڪا جي پوليس کي ڏينهن جا تارا ڏيکاريندا رهيا. پر پوءِ وارا ڇمارا تہ ٿيندا ئي آهن. هن وقت هڪ اڌ کي ڇڏي باقي خير خيريت لڳي پيئي آهي. اهو ڏنڊو هاڻي اٽالين جي بدران خود آمريڪين جي هٿ ۾ آهي يا وري سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ آمريڪا ۾ پهتل ”رشين مافيا“ پاڻي وجهي ٿي ۽ ڪجھ ”ميڪسيڪن مافيا“ بہ. هيٺي پاسي ٿائليند جي باردر سان لڳو لڳ برمي مافيا ۽ پاڪستان جي باردر جي لڳو لڳ افغان مافيا پاڻيون وجن ٿيون. اهي مافيائون هوني مان چرس، آفيم ۽ هيروئن وغيره ٺاهي، ڪجھ ملڪن کي ڇڏي ڪري باقي سڄي دنيا ۾ مختلف لنگهن مان لنگهي سپلاءِ ڪن ٿيون ۽ موالين کي ڏري تي وهارين ٿيون. سندن انهن حرڪتن ۽ موالين جي اک پور کي ڏسي ڪري اشراف ماڻهن جي اشراف ملڪ هالينڊ جي حڪومت پنهنجن موالين کي هيروئن جهڙي موتمار نشي تان ٽارڻ لاءِ چرس واپرائڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي آهي. انهن ويچارن تہ اهڙيون سلفيون بہ ٺاهيون آهن، جيڪي سيلن تي هلن ٿين، جيڪي بٽڻ آن ڪرڻ سان دکيو پون. اهي سڀ مافيائون پنهنجي جاءِ تي، پر ”دهشتگردي“ جي حوالي سان جن مافيائن تي آڱر کڄي ٿي، انهن جي ڏر ڪولمبيا ۾ پاڻي وجي ٿي، جن کي سياسي مافيائون (Political Mafias) چيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اهي ڏاڍا سياسي دشمنيون پاڙڻ سان گڏوگڏ مال پاڻي بہ هٽن ٿا. هن وقت توهان جيڪڏهن ميڊيا تي گهري نظر وجهندئو تہ توهان کي خبر پوندي تہ هيءَ نئي ڏينهن ڪولمبيا جي ڪنهن شهر يا جهنگ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڏڙي جا ويهہ ٽيهہ ماڻهو سٽيا پيا هوندا آهن ۽ سندن جسم گولين سان ٽنگ ٽنگ ٿيل هوندا. توهان کي جيڪڏهن اهو ملڪ گهمڻو آهي تہ وڃي مزي سان ٽيلار ڪريو، ڇاڪاڻ تہ اهي چيٽڙ همراهہ (Sharp Shooters) ايندي ويندي جو نالو نہ وٺندا آهن ۽ نہ ئي سندن گولي نشاني کان هٽي ڪري هيٺي ڪنهن کي لڳندي آهي. پوليس ۽ فوج کان وڌيڪ چالاڪ ۽ ڏاڍين انهن مافيائن جو البت جرنلسٽ شڪار بڻيا آهن. جن کي اغوا ڪري آڪيڙا چاڙهي ۽ اڌمئو ڪري شهر ۾ روڊ تي اڇلائي ويندا آهن. بهرحال ڪولمبين مافيا جي اڳيا هيون مافيائون پاڻي پرين، باقي انهن مافيائن کي ڪنهن بہ صورت ۾ دهشتگرد نٿو چئي سگهجي. انهن کي ڏوهاري (Crimnals) چئي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهشتگردي وچان ئي تئي بلا آهي. اها تئي بلا ڪيئن آهي؟ اڇو ته انهيءَ سوال کي ڏک ڏک ڪري پيچون ۽ دهشتگردي ۽ ڪرائيم جي فرق کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. انفرادي يا اجتماعي سطح تي ”دهشتگردي“ هڪ اهڙي ڪيفيت آهي، جيڪا مشهور نفسياتي بيماري ”سائڪو پاٿي (Psycho Pathy)“ سان ملندڙ جلندڙ هڪ مرض آهي. يا جيڪڏهن هن خوفناڪ بيماريءَ کي سنن شاعراڻن لفظن ۾ بيان ڪريون ته پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته هيءُ هڪ اهڙو انڌو عشق آهي، جنهن وٽ نه ڪو عقل آهي ۽ نه ئي ڪو پنهنجي پرائي جو لحاظ ۽ نه ئي مرڻ مارڻ جو ڪو خوف. دهشتگرد جي دماغ کي Captive Mind(ڀئي ڪنهن شيءِ جي ور چڙهيل دماغ) چيو ويندو آهي.

## اڇو نشانين تي.

(1) دهشتگرد جي دماغ جي ڏور روبوٽ جيان جيئن ته ٻين جي ورچڙهيل هوندي آهي. انهيءَ ڪري هو ڪڏهين به، ڪٿي به ۽ ڪنهن به صورت ۾ اهوئي ڪجھ ڪندو، جيڪو ٻين جو آکيو هوندو. جڏهن ته ڪرمنل ڪنهن به وقت پڙهايل پٽي کان هٽي ڪري به پنهنجي دماغ جو رخ بدلائي سگهي ٿو. پوءِ اهو خودڪش ڪمانڊو ئي ڪٿي ڇو نه هجي.

(2) جيڪڏهن ڪو شخص هلنديءَ جنگ (باقاعده جنگ) ۾ پيٽ سان بم ٻڌي ڪنهن فوجي نڪاڻي تي حملو ڪري پنهنجي سر سان گڏ ٻين جو سر اڏائي ٿو ته اهو نه دهشتگرد آهي ۽ نه ئي وري جنگي ڏوهاري. پر باقاعده جنگ ۾ پُل جي بدران باقاعده سوچي سمجهي ڪنهن عوامي هنڌ تي پوءِ اهو مارڪيٽ هجي يا بازار هجي يا ڪو ٻيو اهڙو هنڌ، اتي هوائي يا زميني حملو ڪري عام ماڻهن کي ماري ٿو ته اهو ”جنگي ڏوهاري“ ته آهي پر دهشتگرد ناهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اڻ سڌيءَ ويڙهه ۾ يا امن امان واري صورتحال ۾ پيٽ سان بم ٻڌي يا ڪنهن به ميڪ جي گن ڪٽي يا ڪو جهاز اغوا ڪري ڪنهن عوامي هنڌ تي ڏک هٽي ڏوهي ۽ بي ڏوهي جي فرق محسوس ڪرڻ بدران بي قصور زالون، مرد ۽ ٻار ماري ٿو وجهي ته پوءِ اهو ”دهشتگرد“ آهي.

(3) ڪرمنل ڪارروائي ڪرڻ دوران پنهنجي بچاءُ جو به خيال رکندو آهي. پر ”دهشتگرد“ انڌ ۾ اچي ڪارروائي ڪندو آهي، پوءِ يا فقير چٽ يا سارنگي چٽ.

(4) ڪرمنل جيڪڏهن پنهنجي سر تان آسرو پلي به ڪا ڪارروائي ڪندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته به ڪيس ٻڪري نڪري جو خيال هوندو آهي، پر دهشتگرد ٻڪري سان گڏ نڪري کي به چٽٽي ڪري وجهندو آهي.

(5) ڪارروائي دوران ڪرمنل عاقل بالغ هوندو آهي بلڪ مافيا جي ڪرمنل جهڙي چالاڪ شئي ته هوندي ئي ناهي، جڏهن ته دهشتگرد ذهني طور تي نابالغ هوندو آهي.

(6) ڪرمنل جي خاص نشاني اها آهي ته ڪيس هر وقت جسم جي ڪنهن نه ڪنهن حصي تي خارش محسوس ٿيندي رهندي آهي. ڏاڙيل ذر ذر سٽر ڪنهندو آهي. جنگي ڏوهاري ڊسپلين ۾ هٺ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ٻانهن کي جهٽ هٽي وجهندو آهي. جڏهن ته دهشتگرد مٿي جو ڪو نه ڪو وار جهلي انهيءَ کي ڇڪيندو رهندو آهي.

(7) ڪرمنل جي هلٽي عام ماڻهن جي هلٽي وانگر هوندي آهي. جڏهن ته دهشتگرد جسم کي سيٽي هلندو آهي ۽ سندس وک ڪڏهن سڌي ته ڪڏهين صفا پاسيري وڃي پوندي آهي.

(8) ڪرمنل عام ماڻهن وانگر اکيون ڇنڀيندو آهي. جڏهن ته دهشتگرد ڪڏهن تمام گهٽ يا ڪڏهن تمام وڌيڪ اکيون ڇنڀيندو آهي.

(9) ڪرمنل هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ويندو آهي.جڏهن ته دهشتگرد جي نظر سامهون هوندي آهي.

(10) ڪرمنل هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڊر سان ڪسندو رهندو آهي ۽ گهٽو وقت امن امان سان گذاري نه سگهندو آهي. جڏهن ته دهشتگرد ڪيترو به وقت امن امان سان گذاري سگهندو آهي. ايستائين چپ هوندو جيستائين ڪا خاص ڊر سندن چاهي نه گهمائي.

(11) ڪرمنل عام زندگيءَ ۾ ماڻهن سان اُٽي ويٺي نرم گفتار هوندي ڪري به ڪڏهن نه ڪڏهن ڪنهن اشاري جي ذريعي يا ڳالهه ٻولهه جي ذريعي پنهنجي ڏاڍ مڙسيءَ جو شو آف ڪري وجهندو آهي. جڏهن ته دهشتگرد عام زندگي ۾ نرم گفتار نه هٺ جي باوجود به ڪڏهن به شو آف نه ڪندو. محفل ۾ ڪو ماڻهو مٿس چڙهت ڪندو يا رعب ڄمائيندو يا ڪيس تنگ ڪندو ته اهو برداشت ڪري ويندو. ڪرمنل گار نه سهندو. دهشتگرد گار به سهي ويندو، پر ڊڄندو ڪڏهن به نه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اهي آهن دهشتگرد جون نشانيون. پر هتي ٻوليءَ جي ماهرن جي اڳيان هٿ ادب جا ٻڌي معافي گھرندي لفظ "دهشتگردي" جي باري ۾ ڪجھ عرضڙو ڪبو.

دهشتگردي جي لفظي معنيٰ تي ٽئي، "دهشت پکيڙيندڙ" جيڪڏهن اسان انهيءَ جي لفظي معنيٰ تي ويندا سين تہ ڳوٺن ۾ ڪو چراغ (ٻناپٽي خچر) نڪرندو هو تہ دهشت پکڙجي ويندي هئي، جو سنڌي ماڻهن لاءِ اهو ڪو اوپرو خوفناڪ جناور هوندو هو، پر هاڻي تہ سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ اهو هڪڙو مسڪين ترين ۽ شريف ترين جانور آهي، سو خچر ويچاري کي تہ دهشتگرد نٿو چئي سگھجي. ائين ئي "ڳور پٽ" جهڙو معمولي جانور بہ دهشتگرد نہ ٿيو. اصل ۾ هن وقت "دهشتگردي" جي اصطلاحي معنيٰ کي وٺبو جنهن جي خصوصيتن کي هن مضمون ۾ بيان ڪيو ويو آهي. باقي Terrorism جي ٽرم جو سنڌيءَ ۾ متبادل لفظ آهي. جيڪو "دهشتگردي" نہ. پر "هڙدا بادي" آهي.

سو انهيءَ غريب ڏراڙ کي معاف ڪندا. جنهن پڇيو پئي تہ. "يوسف مائي هو يا مڙد" جو ڪڏهن قصا ئي اهڙا بيان ٿيندا آهن ۽ وڏا وڏا ماڻهو چئنلن تي ويهي اهڙيون تہ ڦڙڪيون ڪائيندا آهن جو ڏراڙ منجهيو پوي.

(2003ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جارج مائيڪس

# انگريزن جا پرڪار

برطانيہ ۾ هر ڪا شئي اونڌي آهي. يورپ جي ٻين ملڪن ۾ مسڪين ۾ مسڪين ماڻهو آچر ڏينهن پنهنجو بهترين بوٽ سوٽ پائي ٻاهر نڪرندو آهي تہ جيئن ماڻهو ڪيس عزت سان ڏسن. ائين سڄو ملڪ بود ۾ پريل هوندو آهي. برطانيہ ۾ نواب صاحبن کان وٺي ڪارن جي ڪارخانن جي مالڪن تائين، امير ۾ امير انگريزي ٽڳڙيون پائي هلندو آهي، ڏاڙهي بہ نہ لاهيندو آهي، ائين آچر جي ڏينهن سڄو برطانيہ منڌلءِ پوتاڙيل لڳندو آهي. ٻئي يورپ جا ماڻهو جنهن موضوع تي ڳالهائڻ کان وڌ ۾ وڌ نٽائيندا آهن، اهو موضوع آهي موسم جو. پر برطانيہ ۾ توهان جيڪڏهن هڪڙي ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سئو ڀيرا هيءُ جملو نہ چيو تہ انگريز اوهان کي واهيات قسم جو ڏڏ ماڻهو سمجهندا. اهو جملو آهي تہ "ڪيئن ٿو ڀائين واهہ جي موسم آهي نہ؟"

ٻئي يورپ ۾ ڪاڏو کائڻ وقت ماڻهو ڪانٽي کي ڪوڏر وانگر استعمال ڪندا آهن، پر انگريز وڏي نفاست سان ڪانٽو ڪٺي ڀهرئين اپو ڪري پوءِ اونڌو ڪري پليٽ ۾ ڀيل ڀڳڙي کي بہ کٽي وٺندو آهي. ٻئي يورپ ۾ بس کي بيهارڻ لاءِ بس جو ڪنڊيڪٽر گهنڊٽي وڄائيندو آهي. پر برطانيہ ۾ بس کي بيهارڻ لاءِ مسافرن کي گهنڊٽي وڄائڻي پوندي.

ٻئي يورپ ۾ ٻلين کي ٻلين جي ميرٽ مطابق ڪٽيو ويندو آهي، ڪن ٻلين کي پيار ڏبو آهي تہ ڪن ٻلين کي عزت ڏبي آهي. پر برطانيہ ۾ ٻلي کي ائين پوڄيو ويندو جئين قديم زماني ۾ مصر ۾ ٻلين کي پوڄيو ويندو هو.

ٻئي يورپ جا ماڻهو پنهنجي علم جو رعب ڄمائڻ لاءِ گفتگو ۾ ارسطو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افلاطون وغيره جا حوالا ڏيندا آهن، پر برطانيه ۾ صرف جاهل ماڻهو انهن يوناني ۽ لاطيني فلسفين جا نالا کڻي رعب ڄمائيندو آهي. اتفاق سان کو جاهل اڌ اکري انگريز انهن فلسفين کي پڙهي وٺندو آهي ته پوءِ اُهو به اهي نالا کڻڻ ڇڏي ڏيندو آهي.

ٻئي يورپ جي هر ڪا قوم پنهنجي قوم کي ٻين سڀني قومن کان وڌيڪ بهادر سڏائيندي آهي، پر انگريز اڌ دنيا فتح ڪرڻ ڪانپوءِ به پنهنجو پاڻ کي ٻين قومن کان وڌيڪ بهادر قوم نه سڏائيو.

ٻئي يورپ ۾ ڪجهه سيڪڙو ماڻهو ڏوهاري هوندا آهن، ڪجهه سيڪڙو ماڻهو ايماندار هوندا آهن ۽ باقي جيڪي ماڻهو هوندا آهن اهي ڌوٻي جي ڪتي وانگر نه گهر جا هوندا آهن نه گهاٽ جا. پر انگريزن ۾ تمام گهٽ سيڪڙو ماڻهو ڏوهاري هوندا آهن ۽ باقي سڀ ماڻهو ايماندار هوندا آهن.

ٻئي يورپ ۾ ماڻهو يا ڪوڙ ڳالهائيندا آهن ته يا وري سچ ڳالهائيندا آهن. پر انگريز ڪوڙ ته بلڪل نه ڳالهائيندا آهن، پر سچ ڳالهائڻ ته سندن خواب و خيال ۾ نه هوندو آهي.

ٻئي يورپ جا ماڻهو زندگيءَ کي راند سمجهندا آهن، پر انگريز ڪرڪيٽ کي راند سمجهندا آهن.

انگريز هر قسم جي اختلاف راءِ سهي ويندو پر موسم جي باري ۾ انگريز توهان کي ڪنهن به قسم جي فڪري آزادي ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندو. ڳڙن جو ڦهڪو هجي، برف جو سرڙاٽ پيو پوي ۽ طوفان وڻن کي پاڙئون پٽي رستا بند ڪري ڇڏي ته اهڙي موسم ۾ ڪو انگريز اوهان کي چوي ته "واهه سائين واهه اڄ ته موسم واهه جي آهي ڏاڍي وڻي پئي." انگريز جي انهيءَ ڳالهه سان اوهان ها ۾ ها ملايو ته پوءِ سڄي عمر لاءِ اوهان کي تيز مشاهدي جو مالڪ، وڏو دانشور ۽ حد پلو ماڻهو ڪري ليکيو ويندو.

ٻين ماڻهن جي دلين ۾ دونهين دکنديون آهن، پر انگريزن جي دل ۾ برف ڄميل هوندي آهي. توهان ٻئي يورپ ۾ نڪري وڃو ته اتي اوهان کي ڪيترائي ماڻهو بنا ڪنهن سبب جي تڏا ساهه پريندا نظر ايندا. اهي ڪيفيتون سلاوڪ قوم جي ماڻهن ۾ خطرناڪ حد تائين موجود آهن. انهيءَ بيماريءَ جا شڪار ٿيل سلاوڪ اوهان کي وڏن مفڪرن وارو ڏيکاءُ ڏيندا. ڪنهن سلاوڪ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندئو ته اُهو توهان کي چوندو ”ڪڏهن آئون ڏاڍو خوش هوندو آهيان ۽ ڪڏهن وري ڏاڍو اُداس ٿي ويندو آهيان. پلا ائين ڇو آهي؟“ يا وري چوندو آئون ڏاڍو ڳجهو ماڻهو آهيان. ڪڏهن دل چوندي آهي ته ڪاش!آئون هتان جي بدران ٻئي ڪنهن جڳهه تي هجان ها.“ توهان سندن انهيءَ ڳالهه جو به ڪو جواب نه ڏيندئو ته هو چوندو ته ”جڏهن آئون رات جي وڳڙي ۾ جهنگ ۾ هوندو آهيان ته هڪڙي وڻ تان ٽپ ڏيئي ٻئي وڻ ۾ وڃي لڙڪندو آهيان ته سوچيندو آهيان ته زندگي ڪيڏي نه عجيب شئي آهي. ”ٻئي پاسي انگريز هر ڳالهه کي گهٽائي پيش ڪندو آهي. اوير يورپ جو نوجوان پيار جو اظهار ڪرڻ وقت پنهنجي پياريءَ جي اڳيان گوڏا کوڙي چوندو ”هن پري تري دنيا ۾ تون سيني کان وڌيڪ سهڻي من موهڻي، پياري ۽ وڻندڙ ڇوڪري آهين تو ۾ جيڪا شئي آهي سان دنيا جي ڪنهن به عورت ۾ ناهي. تو کانسواءِ آئون هڪ منٽ به زندگي گذاري نه سگهندس.“ انهيءَ ڳالهه ڪرڻ کانپوءِ به ساڳئي ڳالهه تي زور ڏيندو ۽ جي ڇوڪريءَ کو به جواب نه ڏنو ته هو اتي جو اتي پنهنجو پاڻ کي گولي هڻي ڪيندو. اوير يورپ ۾ اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ناهي. پر انهيءَ جي ابتڙ انگريز جو ٻچو پنهنجي محبوبه جي پٺيءَ تي هٿ هڻي چوندو ”توکي خبر آهي ته مون کي تو سان محبت ڪرڻ تي ڪو به اعتراض ناهي.“ پر پلا انگريز جي صفا پيار ۾ چريو هوندو ته چوندو ”منهنجي چوڻ جو مقصد آهي ته.....پر تنهنجي مرضي الائي ڇا آهي. پلا وڌيڪ ڇا چوان؟ ”هڪڙي انگريز پيار ۾ اچي ڇوڪريءَ کي چيو ”منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته.....“ ايترو چوڻ کانپوءِ اهو انگريز پورا ٽي ڏينهن اتي خاموش ويٺو رهيو.

جڏهن آئون برطانيه پهتس ته منهنجو خيال هو ته مون کي انگريزي اچي ٿي. هڪ ڪلاڪ کانپوءِ مون کي خبر پئي ته مون کي انگريزيءَ جو هڪ لفظ به صحيح نٿو اچي. ستن سالن کانپوءِ مون خبر پئي ته برطانيه ۾ ڪنهن کي به صحيح انگريزي ڳالهائڻ نٿي اچي.

آئون پنهنجي هڪ انگريز دوست سان پب ۾ ويهي شراب پيئي رهيو هوس، اسان ٻئي ڪائونٽر جي سامهون اسٽولن تي ويٺا هئاسين ته اوچتو ئي اوچتو هڪڙو بم اڏامندو پب ڪان وال ڪن پري ڦاٽو. سچ ته اهو آهي ته ڊپ ته مون کي به ڏاڍو ٿيو. پر دم جهلي اسٽول تي ويٺو رهيس. پر جان ڪٽي ڏسان انگريز پائو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اسٽول ڏانهن ته ڏسان ٿو ته اسٽول ته موجود آهي، پر انگريز غائب آهي. ٿوري دير کان پوءِ منهنجي نظر انگريز دوست تي پئي ته چا ٿو ڏسان ته همراه پٽ تي ڪريو پيو آهي ۽ ڇهري تي خوف ڇانيل اٿس. جڏهن پنهنجا حواس درست ڪيائين ته ڪپڙا ڇنڊيندي اٿي بيهي رهيو ۽ مون کي چيائين ته ”واهه ڙي يار واهه! تون ته ڪو ڏاڍو ڏڄڻو ماڻهو آهين. ايترو ڏڄي وئين جو خوف وچان اسٽول تان ڇڙي نه سگهئين.“

اوڀر يورپ ۾ کهرو ٿيڻ سولو آهي. اوهان ڪنهن به هنڌ بيهي ايندن ويندن ماڻهن کي جانورن جي نسبت سان ڪجهه به چئي سگهو ٿا مثلاً ڪتي جا پچ، گڏهه جا ڦر وغيره وغيره. اتي اوهان پنهنجي مخالفن لاءِ وڏي پيماني تي افواهه گهڙي ماڻهن کي ٻڌائي سگهو ٿا. پراگ شهر ۾ هڪ معمولي قسم جو مصور جوا ۾ ڏوڪڙ ڪمائيندو هو. ساڻ ۾ اچي هئي مصور لاڪائنس چيو ”يار وڏو ڪنجوس ماڻهو آهين. رات جيڪي پئسا جوا ۾ ڪمائي سي سڀ هئي ڏينهن مصوريءَ تي خرچ ڪري ڇڏيئي.“ پر برطانيه ۾ رکو ٿي هلڻ جا طريقا ٻيا آهن. اوڀر يورپ ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اوهان کي ڪوڙ هٽي ٻڌائي ته اوهان ڪيس آرام سان چئي سگهو ٿا ته ”بابا تون تو ڪو ڏاڍو ڪوڙو ماڻهو آهين، تو جهڙو واهيات ماڻهو ته دنيا ۾ نه ليندو.“ پر انگريز کي توهان رڳو اهو چئي سگهو ٿا ته. ”يار تو جيڪا ڳالهه ٻڌائي آهي ائين ٿيندو ته ناهي. پر ائين ٿي به سگهي ٿو. ڪيئن آئون ڪوڙ ٿو هٽان؟“

ڪجهه سال اڳ جڏهن مون کي ڇڙا ڏهه اکر انگريزي جا ايندا هئا ته مون مترجم جي نوڪريءَ لاءِ درخواست ڏني. منهنجي ”انگريزي ٻڌڻ ڪانپوءِ نوڪري ڏيندڙ ماڻهو ڏاڍن مٺن ۽ نرم لفظن ۾ چيو ته. ”ڏڄي ڏڄي تو ڳالهه ڪريان ته تنهنجي انگريزي ٿوري ٿوري ڪچي آهي. تي سگهي ٿو ته آئون غلط هجان“ اهڙي درخواست جيڪڏهن اوڀر يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ ڏيان ها ته نوڪري ڏيندڙ پنهنجي ماتحت کي چئي ها ”اڙي! هن چگي مڙس کي اهڙو ٺڏو هڻ جو چاڙهين تان گِڙگندو هيٺ وڃي ڪري“

قطار ٻڌي بيهڻ انگريزن جو قومي جذبو ۽ فرض آهي. موڪل جي ڏينهن ۾ بسن جي اڏن، ٻيڙين جي گهاٽن، چانهن جي هوٽلن ۽ آئيس ڪريم جي دڪانن اڳيان انگريز وڏيون وڏيون قطارون ٻڌي بيهندا آهن. رات جو ماءُ پيءُ ٺڏهن ڏاڍا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُداس ٿي ويندا آهن. جڏهن پار قطار ٺاهي ننڍ ڪرڻ لاءِ پنهنجن بسترن ڏانهن روانا ٿيندا آهن.

انگريز جڏهن پنهنجي ڪنهن دوست سان گڏ شام جو گهمڻ نڪرندو آهي ته هو اهو سڄو وقت خاموش رهندو آهي، پر جڏهن هو پنهنجي ڪتي سان گڏ گهمڻ نڪرندو آهي ته ڳالهيون ڪري ڪري ڪتي جا ڪن ڪائي ويندو آهي.

انگريز اديب ۽ شاعر هئڻ لاءِ هي شرط لازمي آهن: (1) گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن ڏاڙهي لاهڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته ڏاڙهي لاهڻ سرمائيدارانه عادت آهي. پر جيڪڏهن چوٿين ڏينهن ڏاڙهي ڪوڙڻي پئجي وڃي ته اهڙي نمونې ڪوڙجي جو ڳلن تي ٽن ڏينهن جي ڏاڙهيءَ جي ڪوٺا موجود هجي. ائين ڪرڻ سان ليکڪ شاهڪار لکڻيون تخليق ڪري سگهي ٿو. (2) اوهان کي ڪپي ته ڪنهن حد تائين اوهان ماڻهن کي روز ٿوري رکائي ضرور ڏيکاريو. ائين ڪرڻ سان ماڻهن کي اها خبر پوندي ته روز مره جون جيڪي ريتون رسمون آهن، اهي چٽڪيون آهن، مثلاً ”هيلو! ڀلا خوش ته آهين؟“ يا ”تنهنجي وڏي مهرباني.“ جهڙا جملا چوڻ اجائي بڪواز آهي. (3) پنهنجي ملڪ جي ماڻهن يا ٻئي انسان ذات لاءِ ڀلي جي ڳالهين جي پرواهه نه ڪريو ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان اوهان عملي سياست جو شڪار ٿي ويندئو. اديب ۽ شاعر کي صرف نظرياتي سياست ڪرڻ گهرجي. (4) ڪنهن به سياسي پارٽي ۾ شامل نه ٿيو ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان اوهان ذهني غلامي جو شڪار ٿي ويندئو. جيڪي به سياسي پارٽيون عوام جي ڀلي لاءِ ڪم ڪنديون هجن انهن تي چٽي تنقيد ڪريو. جيڪڏهن اديب ۽ شاعر چٽي تنقيد نه ڪندو ته اهو سياسي ڌڻ جو معمولي جانور بڻجي رهجي ويندو. (5) ڪنهن به ڪميونسٽ حڪومت کي بنا دير جي هڪدم سامراجي قوت يا ري ائڪشنري حڪومت چئي ڇڏيو. برطانيه جي ليبر پارٽي کي بيوقوف پوڙهن جي ٽريڊ يونينسٽ جماعت چئي ڇڏيو. اهڙي ساڳئي طرح فرينچ سوشلسٽن کي سرمائيدار ٽولي جا چمچا. آمريڪا جي مزدور تحريڪن کي سرمائيدارن جون پاڙيتو تحريڪون قرار ڏيڻ ۾ ڪا به هٻڪ نه ڏيکاريو. دنيا جون جيڪي به سوشلسٽ جمهوري ۽ انارڪسٽ حڪومتون آهن، اتان جي ملڪ کي پوئتي پيل ملڪ سڏڻ تمام ضروري آهي. (6) توهان جيڪڏهن اديب ۽ شاعر آهيو ته صرف انهي حڪومت کي سنو چئو جيڪا برهمڻ ازم، روحانيت، جنن ڀوتن ۽ ٽراٽسڪي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حامين تي ٻڌل حڪومت هجي.

برطانيه ۽ اوپر يورپ جي ڪامورن ۾ وڏو فرق آهي. اوپر يورپ جو ڪامورو پاڻ کي جنگ جي ميدان ۾ بيٺل جنرل سمجهندو آهي. جيئن بهادر جنرل پنهنجي فوج کي پوئتي نه هٽائيندو آهي ائين ڪامورو پنهنجي لکيل حڪم کي نه موٽائيندو آهي. ڪاموري جا دڙڪا توبن وانگر ٺڪاءُ ڪندا آهن ۽ سندس زبان مشين گن وانگر هلندي آهي. جيئن جنرل جنگ وڙهندي گهر نه ٿيندو آهي ائين ڪامورو به پاڻ گهر ٿيڻ بدران ڪاغذ گهر ڪري ڇڏيندو آهي. اوپر يورپ جي ڪامورن جو خيال آهي ته انساني سماج وجود ۾ ئي انهي لاءِ آيو آهي ته سڀ ڪم ڪاريون ڪامورن جي هٿ هيٺ هجن. سماج ۾ ڪجهه شيطان ماڻهو انهيءَ لاءِ پيدا ٿيا آهن جيڪي گڏجي ڪري ڪامورن جي خلاف ڳالهيون ٿا ڪن ۽ پوءِ پنهنجون درخواستون، شڪايتون ۽ مسئلا ڪامورن وٽ کڻي ٿا اچن. ڪامورا اهڙن شيطان ماڻهن کي جهڙو مهانبو اهڙو موچڙو هڻندا آهن. ڪين سرد ۽ گندلن انتظارگاهن ۾ ويهاري ويهاري رت ڪيو ويندو آهي. پوءِ ڪين اٽينشن ۾ بيهاري دڙڪا ڏنا ويندا آهن ۽ آخر ۾ ڪين خالي هٿين واپس موٽايو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهن شيطان ماڻهن سان ٻلي ڪوئي واري راند به ڪئي ويندي آهي. ڪين چيو ويندو آهي ته پنجين ماڙ تي وڃو. اُتي وري ڪين حڪم ٿيندو آهي ته ٽئين ماڙ تي هليا وڃو. اتان وري ڪين اصلي آفيس ڏانهن روانو ڪيو ويندو آهي، جتي ڪين ست سريون ٻڌائي وري پنجين ماڙ تي موڪليو ويندو آهي. ائين درخواست گذار هلي هلي ستارن وانگر گردش ڪندا خلا ۾ گم ٿي ويندا آهن. اوپر يورپ جو ڪامورو جيڪڏهن سمجهي ٿو ته انگريز ڪامورو به سندس جهڙو جنگجو جوان هوندو ته اها ڀل اٿس. انگريز ڪامورو پاڻ جنگ ۾ بيٺل جنرل جي بدران واپاري سمجهندو آهي. سندس طبيعت نرميءَ ۽ نوڙت واري هوندي آهي، هو وڏي اعليٰ ظرفي سان مرڪندو آهي. انگريز ڪامورو هر ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار هوندو آهي. هو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هنن ڳالهين تي عمل ڪندو آهي: (1) انگريز ڪامورو جيڪو به آرڊر ڪڍندو آهي ۽ هدايتون جاري ڪندو آهي، انهن ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪندو آهي جو انهن جي ڪابه معنيٰ نه هوندي آهي. (2) انگريز ڪامورو فيصلو ڪرڻ جي بدران همدردانه غور ڪرڻ جو واعدو ڪندو آهي يا وري ڀيهر غور ڪرڻ جو واعدو ڪندو آهي. (3) اصولي طور تي انگريز ڪامورو هر وقت عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي، پر عملي طرح تي هو ڪنهن ڪانفرنس ۾ هليو ويندو آهي يا ماني کائڻ هليو ويندو آهي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري چانهن پيئڻ ۾ مصروف هوندو آهي. (4) اوپر يورپ جو ڪامورو هلنديءَ وارن امير ماڻهن دوستن، سوٽن، ماساتن، سالن، مسواڙين ۽ ساٿي ڪامورن جي سفارش تي ڪم ڪري ڏيندو آهي. پر عوام جو خدمتگار ۽ ايماندار انگريز ڪامورو ڪنهن جي بہ چوڻ تي ڪنهن جو بہ ڪو بہ ڪم نہ ڪندو آهي. پلي اوهان ڪير بہ هجو پر ڪم ڪاڻ آڱوٺو هوندو. ڪو ڪم ٿي نہ ٿيندو آهي. جمهوريت جي اها ئي وڏي ۾ وڏي خوبي هوندي آهي تہ ڪنهن جو بہ ڪم نہ ٿئي.

برطانيہ جي سياست ۾ پارٽي بدلائي لوٽو بنجڻ عيب جوڳو عمل ناهي. ڇاڪاڻ تہ اتي سيني پارٽين جو منشور ساڳيو آهي. قدامت پرست پارٽين ۾ لبرل ماڻهو گهڻا هوندا آهن ۽ لبرل پارٽين ۾ قدامت پرست وڌيڪ هوندا آهن.

آمريڪا جا ماڻهو صرف انهيءَ ڪري فرانس گهمڻ ويندا آهن تہ جيئن هو پئرس شهر جي مختلف هنڌن تي بيهي پنهنجو فوٽو ڇڪائي سگهن ۽ موٽي اچي آمريڪا ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکارين تہ هو پئرس گهمي آيا آهن. جرمن ماڻهو دنيا جي سفر تي انهي ڪري نڪرندا آهن تہ جيئن هو پنهنجي گائيڊ بوڪ تي ٽڪ مارڪ ڪري سگهن تہ هو ڪهڙا ڪهڙا هنڌ ڏسي آيا آهن. پر انگريز سفر تي آخر ڇو ٿو نڪري؟ انهيءَ جو هڪڙو ڪارڻ تہ اهو آهي تہ جڏهين پاڙيسري گهمڻ نڪري ويو آهي تہ پوءِ هو پوئتي ڇو رهي. ٻيو ڪارڻ اهو آهي تہ ڪين ننڍي هوندي اها سکيا مليل هوندي آهي تہ سفر ڪرڻ سان دماغ وسيع ٿيندو آهي. سفر تي نڪرڻ ڪانپوءِ انگريز جو دماغ وسيع ٿئي يا نہ ٿئي البت سوئز ۽ جرمن ڪاڏا ڪائي ڪائي سندن جسم وسيع ٿي ويندو آهي. ٽيون ڪارڻ اهو آهي تہ انگريز پنهنجي ملڪ ۾ آيل سياحن کان ڪن تار ڪرڻ لاءِ ٻئي ملڪ ڏانهن نڪري ويندا آهن. انگريز جڏهن سفر تي نڪرندو آهي تہ ساڻس ٻيا انگريز بہ گڏ هوندا آهن ۽ هو ٻين ملڪن ۾ انهن لاءِ ويندا آهن تہ اهي سڻن سڻن ماڻهن سان ملاقاتون ڪن. منهنجي چوڻ جو مقصد آهي تہ انگريز ٻين ملڪن ۾ وڃي پنهنجي پاڙي جي انگريزن سان ملاقاتون ڪن. انگريز جڏهن پنهنجي گهر ۾ هوندا آهن تہ پوري پوري ڪوشش ڪندا آهن تہ پاڙيسري ڏانهن اک کڻي بہ نهارجي پر اهي ساڳيا انگريز جڏهن ٻين ملڪن ۾ پنهنجن پاڙيسرين سان ملندا آهن تہ هڪ ٻئي کي وڏا وڏا ڀاڪر پائي ملندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي شراب پياريندا آهن.

(1995ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جارج مائيڪس

# آمريڪين جا احوال

آمريڪا ۾ جوتا ائين چمڪندا آهن جيئن ٻي عظيم جنگ کان پوءِ انگريزن جا پاجاما چمڪندا هئا. آمريڪي ڪيڏيءَ نه خبرداريءَ سان هلندي جوتن کي ميرو ٿيڻ کان بچائي وڃي پر پوءِ به هو واٽ ويندي، موچيءَ جي دڪان ۾ گهڙندي ۽ حجامت ڪرائيندي گهٽ ۾ گهٽ چار يا پنج ڀيرا جوتا ضرور پالش ڪرائيندو. آمريڪي هڪ ”جوتا سجاڳ“ قوم آهي.

برطانيه ۾ مون کي ڪپڙن جو شوقين ماڻهو ڪري ليکيو ويندو هو، پر آئون جڏهن آمريڪا پهتس ته وڏي ياءُ ڀهرين ست مون کي چيو ته ”هڪدم وڃي نوان ڪپڙا وٺي اچ. اهي تو وارا فقيرن وارا ڪپڙا هن ملڪ ۾ نه هلندا.“ آمريڪا ۾ پهچڻ کانپوءِ اوهان پنهنجيون اڳيون سڀ قميصون ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيو ۽ نيون قميصون وٺي اچو. آمريڪا ۾ قميص ڳاڙهي رنگ جي هوندي ته ان تي ڪارا ليڪا اڪريل هوندا. جي قميص آسماني رنگ جي هوندي ته انهيءَ تي اهڙيون اگهاڙيون تصويرون ڇپيل هونديون، جيڪي بجلي جي روشني ۾ وڏيڪ اگهاڙيون ڏسڻ ۾ اينديون.

انگريز ڪن ڪولي منهنجي ڳالهه ٻڌن ته آمريڪن لانڊريون ڪين حيرت ۾ وجهي ڇڏينديون. آمريڪا ۾ لانڊريون نه رڳو توهان جون قميصون وڏي صفائي سان ڌوئي ڏينديون، پر اهي قميصون جڏهن مشين مان نڪرنديون آهن ته نندين نندين اگهڙين جي صورت ۾ نڪرڻ جي بدران صحيح سلامت نڪري اينديون آهن. هڪ انگريز لاءِ انهيءَ کان وڌيڪ خوشي جو موقعو ڪٿان اچي سگهي ته توهان جيڪا ڪپڙن جي ٿيلهي پري لانڊري موڪلي هجي ۽ پوءِ نه رڳو اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيلهي بہ ساڳي اڇي مليس ۽ ڪپڙا بہ ساڳيا اڇي ملنس. برطانيہ ۾ جڏهن ڪپڙن جي ٽيلهي لانڊري مان اڇي ملندي آهي تہ انهن ۾ اوهان جي واهيات ڪپڙن جي بدران ٻارن جا نيپڪن، مائين جا گائون، وڪٽورين ڪڇا ۽ جوتن جا ڪشا اچي ملندا آهن.

آمريڪا ۾ توهان اهڙو جيڪٽ پائي هلو. جنهن جي استري ايئن ٽيل هجي چڻ بليڊ جي ڌار هجي ۽ توهان جي وات ۾ جيڪو سگار هجي، اهو گهٽ ۾ گهٽ بہ يا ٽي فوٽ ڊگهو هجي. نئين قسم جون موٽر ڪارون ٺاهڻ وارن کي ڪپي تہ هو گاڏيءَ جي سامهون واري ونڊ اسڪرين جي شيشي ۾ هڪ وڏو خوبصورت ٽنگ چڏي ڏين تہ جيئن ڪار هلائڻ وقت مالڪ سولائي سان سگار چڪي سگهي. انهيءَ سگار سان توهان سئنيما هال ۾ ويهي اڳئين سيٽن تي ويٺل همراهہ جو ڪن بنا معافي وٺڻ جي ساڙي سگهو ٿا.

آمريڪا جي نيويارڪ شهر جي ڪنهن بہ زير زمين ريل گاڏي ۾ جيڪڏهن اوهان صبح جو 9 وڳي کان وٺي 5 وڳي شام تائين سفر ڪندئو تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي عدد ماڻهو پڪين وانگر اوهان جي مٿي ۽ ڪلهن تي اچي ويهي رهندا، ڪجهہ پوڙهيون عورتون سرڪنديون اوهان جي گوڏن مٿان سٽجي وينديون ۽ جڏهين اوهان پنهنجي ڪوٽ جي کيسن ۾ هٿ وجهندا تہ کيسن ۾ اوهان کي بہ ٽي ٻار ويٺل نظر ايندا.

ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جون 102 ماڙيون آهن. راڪفيلر سينٽر ۾ جيترا ماڻهو نظر ايندا آهن انهن جو تعداد يورپ جي ڪجهہ مشهور شهرن جي برابر هوندو. ٽيڪساس جي اسٽيٽ ۾ برطانيہ جهڙا ٽي ملڪ اچي ويندا. ٽيبل تي اوهان جي اڳيان جيڪو ڪنڊ جو پيالو پيل هوندو آهي انهن مان ڪنڊ ڪڍڻ لاءِ اوهان کي اٿي ڪرسي تي چڙهي ويهڻو پوندو ۽ پوءِ بيلچي سان اوهان کي ڪنڊ ڪڍڻي پوندي. اتي جيڪو اوهان کي ماچيس ملندو سو ماندڻي جي ڪوڪي جيڏو هوندو. انهن ماچيسن ۾ پيل تيلي جي سائيز برطانيہ جي جهنگ مان هٿ آيل ڪنهن سڪل ٻنڊ کان ڪنهن بہ صورت ۾ ننڍي نہ هوندي. اوهان سڄي رات انهيءَ تيليءَ تي هٿ پير سيڪي پنهنجو پاڻ کي گرم رکي سگهو ٿا. اوهان جيڪڏهن آمريڪا جي هوٽلن ۾ ويهي چڪن پيس جو آرڊر ڏيندا تہ توهان جي اڳيان پڪل ڪڪڙن جا ايترا ٽڪر رکندا جيڪي اوهان سڀ کائي ويا تہ هوٽل جي در تائين پهچڻ کان اڳ وفات ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندئو. آمريڪا مان نڪرندڙ روزانہ اخبار ڪنهن بہ صورت ۾ انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا جي فل سيٽ کان گهٽ نہ هوندي.

آمريڪا ۾ جنهن رفتار سان مشين گيري جو استعمال وڌي رهيو آهي، انهي مان لڳي ٿو تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ معاملا هن ريت حل ٿيندا. (1) ٻئڻ دٻائڻ سان اوهان پيار ۾ گرفتار ٿي ويندئو. (2) هئنڊل هلائڻ ساوهان جي شادي ٿي ويندي. (3) تار ڇڪڻ سان اوهان جي طلاق پاٽيهي ٿي ويندي. (4) دروازي جو ناب (هٿيو) گهمائڻ سان اوهان برسات ۾ وهنجڻ لڳي ويندا. (5) ڪتاب ۾ لڳل ٻٽڻ دٻائڻ سان سپ ڪتاب پڙهي اوهان عالم ٿي ويندئو.

آمريڪا ۾ واٽ ويندي يا بس ۾ ويٺي ويٺي اوهان جي جنهن بہ آمريڪيءَ سان ڏيٺ ويٺ ٿي ويندي تہ اهو آمريڪي پنجن منٽن ۾ اوهان کي پنهنجو ڏنڌو، آمدني ۽ بئنڪ بئلنس ٻڌائي ڇڏيندو. اوهانکي هو اهو بہ ٻڌائي ڇڏيندو تہ پاڻ سندس زال سان ڪيترو وفادار آهي يا نہ! تنهن ڪانسواءِ هو اوهان کي محبوبہ جي لئبريس عمر ۽ ڏنڌو بہ ٻڌائي ڇڏيندو. اوهان کي اهو بہ ٻڌائيندو تہ هن انڪم ٽئڪس وارن کي ڪيئن بيوقوف بڻايو آهي.

آمريڪا ۾ اوهان کي هنڌ هنڌ مشين نظر اينديون. جيڪا اوهان جي خط تي ٽڪلي هڻي خط روانو ڪري ڇڏيندي. هڪڙي اسٽيشن تي ٿهيل انهيءَ مشين ۾ مون خط روانو ڪرڻ لاءِ سڪو مشين جي واٽ ۾ اڇلايو پر جيئن تہ سڪي جي قيمت وڌيڪ هئي، انهيءَ ڪري مشين ڪارروائي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. مون کي انهيءَ مشين وٽ منٺل ڏسي هڪڙو آمريڪي وڏي آيو ۽ حال حقيقت پڇيائين. مون مامرو ٻڌايو مانس ۽ پڇيو مانس تہ ٿهيو ڇڏينس ڪٿي آئون پيو سڪو ٿو وڃهان. اها ڳالهہ ٻڌي پڇيائين تہ نہ بابا ائين وري ڪيئن ٿيندو؟ اسان جي انهيءَ گفتگو دوران ڏهہ پندرنهن ٻيا همراهہ بہ اچي ٽٽا. انهن مان ڪي واڻهڙو هئا، ڪي ريل کاتي وارا هئا، ۽ ڪي پوسٽ وارا هئا. سڀني گڏجي مشين جو گهيرو ڪيو ۽ مشين تي ڏڪن، لٺين ۽ ٺونشن جو مينهن وسائي ڏنائون. مشين تي مار ماران جي اها ڪارروائي ايستائين جاري رهي، جيستائين مشين منهنجو سڪو ٻاهر اوڳاريو. انهيءَ ڪارنامي کانپوءِ سڀني آمريڪين خوشي وچان رڙيون ڪري هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون ۽ ٺهڪ ڏيئي هڪ ٻئي کي ڀاڪر وجهي خوشيون ملهائڻ لڳا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرکائيندڙ انڪشاف هوندا آهن. نہ باڪسرن جون خبرون هونديون آهن. نہ خوف ناڪ وارداتن جون خبرون ڇپنديون آهن ۽ نہ ئي وري ڪنهن غير اهم ليڊر جي غير اهم تقرير جي باري ۾ پارهن ڪالمن واريون رپورٽون ڇپبيون آهن. ٿاهيٽي جي اخبارن ۾ صرف خبرون ڇپجنديون آهن. جيڪي اٿڙيون هونديون آهن. سو اتي جي يڪيون مهيني جون اخبارون پڙهندس تہ جيئن مونکي خبر پوي تہ گذريل مهيني ۾ نيويارڪ ۾ ڇا وهيو واپريو. نيويارڪ مان ٿاهيٽي آئون ويندو ئي انهيءَ لاءِ آهيان تہ اتي وڃي نيويارڪ جون خبرون پڙهان."

ريڊرس ڊائجسٽ ۾ ڪتابن جا جيڪي اختصار ڇپبا آهن. اهي ڪڏهن ڪڏهن اصلي ڪتابن کان بہ وڏا هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ اهي اختصار ڪتاب لکجڻ کان اڳ ريڊرس ڊائجسٽ ۾ اچي ويندا آهن.

آمريڪا ۾ هر رياست جا پنهنجا قانون آهن، جن مان ڪجهہ هن ريت آهن: (1) رياست منيسوٽا ۾ مردن ۽ عورتن جا ڪپڙا سڪائڻ لاءِ ساڳي رسي ٽنگي نٿا سگهجن. (2) انڊيانا ۾ ڪو بہ حجام ٻار جا وار ٿاهڻ وقت ٻار کي ڪنن وڍڻ جي ڌمڪي ڏيئي نٿو سگهي. (3) مسوري ۾ ٻاهر اجهائڻ واري ڪچي پائڻ جي منع ٿيل آهي. (4) انڊيانا ۾ ٽوم ڪائڻ ڪانيءِ جيئن ڪلاڪن تائين ڪو بہ ماڻهو بس ۾ چڙهي نٿو سگهي. (5) ڪيليفورنيا ۾ لائيسنس وٺڻ ڪانسواءِ ڪو بہ ماڻهو ڪوئو ڦاسائي نٿو سگهي. (6) جارجيا ۾ ڪنهن کي بہ چور چئي سڏڻ ڏوهہ آهي.

منهنجي ملڪ هنگري ۾ پلو ماڻهو اهو ئي ليکبو آهي، جيڪو پنهنجي آخري قميص بہ لاهي ضرورتمند کي ڏيئي ڇڏي. امريڪا ۾ پلو ماڻهو اهو ڪري ليکبو آهي، جيڪو قميص لاهي ڏيڻ جي بدران ضرورتمند کي قميص خريد ڪرڻ لاءِ ڏوڪڙ ڏيندو آهي، پر قميص خريد ڪرڻ لاءِ آمريڪي شرط وجهندو آهي تہ انهن ڏوڪڙن مان جيڪا قميص خريد ڪئي وڃي اها خود ڪانئس خريد ڪئي وڃي، پيو تہ ضرورتمند ڪميونسٽ نہ هجي.

(1995ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### خوشونت سنگھ

# ٻارت ۽ ٻارت جا جوتشي

(جڏهن غريب ماڻهو بک، بيماريءَ ۽ بي انصافيءَ جو شڪار بڻبو آهي، جڏهن سفيد پوش طبقي جو ماڻهو پنهنجي ميرٽ جي باوجود پنهنجي اصلي جڳهه ۽ حيثيت والاري نه سگهندو آهي، جڏهن لکاپتي ماڻهو رات جي پيٽ ۾ بنا محنت جي ڪروڙ پتي ۽ ارب پتي ٿيڻ جي چڪر ۾ پوندو آهي، جڏهن سياستدان ملڪ جي بادشاهه بڻجڻ جا خواب ڏسندو آهي ۽ جڏهن بادشاهه بڻيل سياستدان ڪرسي وڃڻ جي خوف ۾ وٺبو آهي، تڏهن وهم جي بيماري ڪالرا وانگر پکڙجي ويندو آهي. وهم جي اها وبا اسان جي پاڙيسري ملڪ ٻارت ۾ به پکڙيل آهي، جتي انهن زنده پيرن فقيرن ڪي يو گي، ساڌو ۽ جوتشي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جيڪي هن ملڪ ۾ به پاتا وڃن ٿا ۽ سندن ڪيل ڳالهين کي پٿر تي ليڪو سمجهيو ويندو آهي. گڏهه ساڳيو آهي. رڳو آٽر بدليل آهن. هتي ٻارت جي انهي صورتحال تي خوشونت سنگھ جي لکيل مضمون جو ترجمو پيش ڪجي ٿو.)

تاريخ 3 فيبروري 1962ع تي پنج لڳي پنجٽيهه منٽ ٿيا هئا، جڏهن اٺ گرهه ڪيپري ڪورن سان وڃي گڏ ٿيا ته جوتشين ڌرتي جي گرهه سان جنگ جوڙڻ جو اعلان ڪيو. عين انهيءَ وقت سڄي ٻارت ۾ اگني ماتا کي پيٽا ڏيڻ لاءِ هزارين ڏيئا ۽ اوڙاهه ٻاريا ويا . مٽي ۾ ٻيوت ۽ ڪچن ۾ ملبوس ٻوگين، جٽا ڌاري ساڌوئن ۽ نراڙ تي چندن جي ٻورو هٽنڌڙ پنڊتن پويتر ڪتابن ۾ لکيل پرار ٿنائون پڙهڻ شروع ڪري ڏنيون. اهڙي طرح زيان خور ۽ پاپي گرهن سان ٻارت ماتا جي ٻوگين، ساڌوئن ۽ پنڊتن جنگ جوٽي ڇڏي. جوتشين پڪيءَ پڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيشنگوئي ڪري ڇڏي تہ جيڪڏهن ديوتائن کي صحيح نموني سان نہ ريجهايو ويو تہ دنيا ختم ٿي ويندي. دهليءَ مان ڀارت جي وڏي ۾ وڏي گروءَ سواميءَ نرسنگهہ گرجي مهاراج پنهنجي اڳڪٿي ڇپائي ڀارت ۾ ورهائي تہ جيڪي گرهہ پاڻ ۾ مليا آهن. اُهي ڌرتي ۽ ڌرتي جي هزارين بادشاهن کي رت ۾ وهنجاري ڦٽو ڪندا. وڏن وڏن امير سيٺين. انهيءَ سواميءَ کي ڪروڙين روپيا پيٽا ۾ ڏنا ۽ ڪيترين ئي عورتون سندس پيرن تي اچي ڪريون. موت ۾ سوامي جي ساٿن واعدو ڪيو تہ هو سندن پاران پرارٿنا ڪندو. ۽ اها بہ اُميد ڏيکاريائين تہ قربانيون ۽ پرارٿنا ڀارت کي بچائي سگهن ٿيون. گڏوگڏ هو معنيٰ خيز مرڪ سان اهو چوندو رهيو تہ ڀارت کي ڇڏي ٻين ملڪن جو الائي ڪهڙو حشر ٿيندو.

اينڊڙ 48 ڪلاڪن جو جيڪو وقت اچڻو هو. انهيءَ ڇاٽايل وقت کان هڪ هفتو اڳ ڀارت جون سڀ بسون، ريل گاڏيون ۽ هوائي جهاز ماڻهن سان سٽجي ويا. سڀ ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي رهيا هئا. اسٽاڪ مارڪيٽ ڪري چڪو هو. ناٽي جي مٿاسٽا وارن اعلان ڪري ڇڏيو تہ اهي تڏهن پنهنجون آفيسون بند ڪندا. جڏهن ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ پهچي ويندا. ڪيترن ئي دوڪاندارن دڪان بند ڪري مٿان نوٽيس هڻي ڇڏيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ دڪان 6 فيبروري تي کلي. ڀارت جي قديم زبان سنسڪرت ۾ هڪ نئين لفظ جو واڌارو ٿيو. اهو لفظ هو ”اشٽ گرهہ“ معني تہ اٺن گرهن جو ميلاپ.

ٻہ ڏينهن ٻہ راتيون ڀارت جا سڀ شهر ائين خالي ٿي ويا. ڄڻ ڪو اتان راڪاس برڙ باڪاس لنگهيو آهي. اهڙيون لاتعداد ٽانڪون پيدا ٿي پيون جتي ماڻهن جا ميڙن جا ميڙ گڏ ٿي پرار ٿنائون ٻڌڻ لڳا. انهن ٽانڪن تي مڻن جا مڻ گيهہ. چانور ۽ ناريل باهہ ۾ ساڙي اگني ديوتا کي قرباني ڏني وئي. رڳو دهلي شهر ۾ جنگ جي ديوي ”چنڊي“ جي شان ۾ 84 لک 81 هزار ڀيرا ورد ڪيو ويو. اهڙي ساڳي طرح رگ ويد ۾ آيل پرارٿنا ”گائتري“ جو ورد ڪيو ويو. سڄي سڄي رات لائوڊ اسپيڪرن تان گائتري جي ڌم لڳي پئي هئي. جن ماڻهن کي سنسڪرت نٿي آئي. اُنهن وري پنڊتن کي 51 روپيا مقرر ٿيل في مطابق پنهنجي گهرن ۾ آڻي ويهاريو تہ سندن پاران گائتري پڙهن.

گرهن ۽ پنڊتن جي وچ ۾ اها جنگ هلندي رهي. تان جو 5 فيبروري تي چنڊ ڪيپري ڪارن گرهہ جو ساٿ ڇڏيو ۽ دشمن پيڇڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ اها جنگ يوگين وجي ڪتي.

انهن 48 ڪلاڪن ۾ 12 منٽن جي پڙڏڪ ۾ هزارين مڻ سچو مکڻ، چانور، ناريل، ۽ پيون شيون ساڙيون ويون. گهٽ ۾ گهٽ ڏهه لک ڊالر ماڻهن جي کيسن ۾ نڪري برهمڻن جي جهوليءَ ۾ پيا. گورنمينٽ پلاننگ ڪميشن جي هڪ مکيه ميمبر بيان ڏنو ته 48 ڪلاڪن جي انهي بحران ۾ ڪم روڪجڻ جي ڪري حڪومت کي 7 ڪروڙ ڊالرن جو نقصان پيو.

هندن جا پويتر ڪتاب "ويد" عيسوي سنه کان تقريبن هڪ سال اڳ مرتب ڪيا ويا هئا، جن ۾ گرهه شناسي ۽ علم نجوم به اڇي وڃن ٿا. اڪثر جوتشي پيشن گوئي ڪرڻ وقت 6ع جي مشهور جوتشي واراهٰا مهاراتا جي ڪتاب "برهت سامهتا" مان لاڀ پرائيندا آهن. انهي ڪتاب جي تشريح 9ع ۾ ياتوت پالا نالي شخص ڪئي. اڄڪلهه سڄي ڀارت ۾ انهيءَ تشريح مان نجومي ڪم وٺندا آهن. علم جوتش جي انهن ماهرن کان گهڻو اڳ راجائن ۽ مهاراجائن وٽ وڏا وڏا جوتشي رکيل هئا، جن جي درٻارن ۾ ٻين درٻارين کان وڌيڪ عزت هوندي هئي. رشي گارگا دعويٰ سان لکي ٿو ته، "جيڪو بادشاهه علم نجوم ۽ علم گرهه شناسي جي عالمن ۽ هوشيار ماڻهن جي ڳالهه کي پاڻي نٿو ڏئي، انهي جو انت ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. جيئن رات روشنيءَ کانسوءِ اجائي آهي، جيئن آسمان سج کان سواءِ اجايو آهي، ائين بادشاهه جوتشي کانسواءِ هڪ اهڙو انڌو ماڻهو آهي، جيڪو رستي تي هٿوراڙيون ڏيندو هلي ٿو."

رشي گارگا جي انهن اکرن کي هر دور جي هندو راجا مهاراجا مان ڏنو آهي. جيئن يورپ جا بادشاهه مسخرن کي ساڻ رکندا هئا تيئن هندستان جون درٻارون جوتشين جون آمجگاهه رهيون آهن. اهي جوتشي راجائن جا ٽڻ ڪڍندا هئا، شادين جون تاريخون مقرر ڪندا هئا ۽ جنگين ڪٽڻ جا ڏڻ ڏسيندا هئا. ڪيترائي جوتشي ائين پنهنجا سر وڃائي ويٺا، پر جوتش جو علم جاري ساري رهيو. پهرين مسلمان ۽ پوءِ انگريزن انهن جوتشين جي پاڙ پٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هندن جي دلين مان جوتشيءَ کي ڪڍي نه سگهيا. 1761ع ۾ مرهٽن ۽ افغانن جي جيڪا جنگ لڳي، انهيءَ جنگ ۾ مرهٽن جو تعداد افغانن کان ٻيڻ تي هئو، پر مرهٽا ڪيترائي مهينا مهاجوتشيءَ جي انتظار ۾ رهيا ته هو ڪڏهن ته جنگ شروع ڪرڻ جي اجازت ڏئي ته جيئن فتح حاصل ڪري سگهجي. ايڏي ڊگهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظار کان پوءِ نيٺ جوتشي حڪم ڏنو تہ 14 فيبروريءَ تي فجر جي مهل افغانن تي حملو ڪيو ويندو تہ مرهٽن کي فتح نصيب ٿيندي.نتيجي ۾ ڇهن ڪلاڪن جي جنگ ۾ مرهٽن کي مٽي چٽٽي پئجي ويئي ۽ پنهنجا ٽيهہ هزار ماڻهو مارائي وڃائون ۽ اتر ڀارت سندن قبضي مان نڪري ويو.

هندو حڪمرانن هندستان وچائي چڏيو پر جوتشين مان ايمان نہ وڃايائون. اُنهي ڪانپوءِ انگريزن سان جيڪي بہ هندن جون ويڙهيون هليون، انهن ويڙهين ۾ هندو جوتشين جي چوڻ تي لڳا رهيا ۽ شڪست پويان شڪست کائيندا ويا. تان جو 1849ع تائين سڄو ڀارت انگريزن جي قبضي هيٺ اچي ويو. هاڻي جڏهن ڀارت تي مسلمان ۽ انگريز جو راڄ ختم ٿي ويو آهي تہ بہ ڀارت تي جوتشين جو راڄ قائم آهي. هن وقت گهٽ ۾ گهٽ 52 هزار پڪا پختا جوتشي ڀارت تي قابض آهن جڏهن تہ ٽڙڪو ٽڙڪو جوتشي لکن جي تعداد ۾ موجود آهن.

ڪيترائي پڙهيل لکيل هندو بظاهر جوتشين ۽ نجومين کي نہ مڃيندا آهن، پر اندرو اندر اڳڪٿين تي ڀاڙيندا آهن.

هر هندوءَ جي ٻار جي ڄمڻ جو وقت وڏي خبرداري سان نوٽ ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ اهو وقت خاندان جي برهمڻ کي ٻڌايو ويندو آهي، جيڪو زائچو ڪڍندو آهي ۽ اهو زائچو سندس زندگي جو مستقل حصو بڻجي ويندو آهي. ٻار جي جهنڊ وٺڻ، يا مٿو ڪوڙڻ، ٻارن کي ڳانو ٻڌڻ ۽ پوءِ اسڪول وڃڻ تائين سندس زائچي مطابق عمل ڪيو ويندو آهي، ڀيا تہ ٿهيو پر جيڪي ڀارتي ڀاڻ کي ذري گهٽ انگريز بڻائي ويٺا آهن. اهي ٻين موقعن تي نہ ٿي سهي، شادي جي تاريخ زائچي مطابق مقرر ڪندا آهن. هندو ڌرم موجب شاديون لڪئي جو ليکو آهي. جيڪي مائٽ پنهنجي اولاد جي شادين لاءِ اخبارن ۾ اشتهار ڏيندا آهن. اهي بہ زائچي جو شرط ضرور وجهندا آهن. ڀارت ۾ شادين جون باقاعدي موسمون ٿينديون آهن. صرف ناستڪ زائچي ۽ شاديءَ جي موسم کي ليکي ۾ نہ آڻيندا آهن. 3 فيبروري کان 5 فيبروري تائين سڄي ڀارت ۾ هڪ بہ شادي نہ ٿيندي آهي. ڀارت جي تقريبن هڪ ارب آبادي جوتش جي علم لاءِ انهيءَ ڪان وڌيڪ ڀلا ڪهڙي عقيدت جو اظهار ڪري سگهي ٿي!

ڀارت جي مسلمانن وٽ بہ اهڙي قسم جا ڪيترائي طور طريقا آهن. پر اهي گهٽ ۾ گهٽ جوتشين جي زائچن کان بچيل آهن. مسلمانن کي ڇڏي ڪري باقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجوده هندو سوسائٽي ۾ جوتش جو علم گھر ڪري ويھي رهيو آهي. ڀارت جو صدر مرحيات ڊاڪٽر راجندر سنگھ پرشاد جوتش ۾ وڏو يقين رکندو هو ۽ ڪيترن ئي جوتشين کان ملڪ جي آئيندي بابت زائچا ڪيرائيندو هو. جواهر لعل نهرو جي ڪيبينيٽ جا تقريباً سڀ وزير جوتشين وٽ قائل هوندا هئا ۽ دوري تي نڪرڻ کان اڳ ملڪي معاملن بابت جوتشين کان صلاحون وٺندا هئا. پنجاب جي پھرئين چيف منسٽر ته باقاعدي هڪڙو جوتشي ايڊوائيزر ڪري رکيو هو، جنهن جي چوڻ کانسواءِ ڪو به سرڪاري ڪم نه ڪندو هو. هڪ ٻيو وڏو سياستدان جيڪو اڳتي هلي هڪ صوبي جو چيف منسٽر بڻيو، اهو پاڻ جوتش جو ڪم ڪندو هو ۽ اڳڪٿيون ڪندو هو. زائچي مان ڪيس معلوم ٿيو ته اڳاري جو ڏينهن لاڪائنس نياڳو آهي، انهيءَ ڏينهن (اڳاري جي ڏينهن) تمام ضروري ۽ نازڪ مسئلن کان ڪن ٽار ڪندو هو ۽ ڪو به ڪم نه ڪندو هو. سندس اها ڳالھ نيٺ سچي ثابت ٿي، جو حزب اختلاف وارن حراماپائي ڪري اڳاري جي ڏينهن سندس خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ پيش ڪئي. اڳاري جو ڏينهن هئڻ جي ڪري چيف منسٽر صاحب ڪک پڇي پيٺو نه ڪيو ۽ هارائي ويھي رهيو.

اسان جا جيڪي آمريڪا ۽ يورپ کان متاثر ٿيل وڏا وڏا دانشور پڙجن ٿا، انهن مان ڪيترائي دانشور جوتشين ۾ يقين رکندا آهن. 1962ع ۾ 3 فيبروري کان 5 فيبروري تائين وڏن وڏن سول ۽ فوجي آفيسرن جون جيڪي ميٽنگون رٿيل هيون، انهن ميٽنگن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سڀ آفيسر وڏيون وڏيون منڊيون پائي پھتا. انهن منڊين ۾ ياڳ يلي ڪرڻ جا پٿر فٽ ٿيل هئا ۽ اهي منڊيون کين سندن جوتشين ڏنيون هيون.

ڀارت ۾ جوتشين کي يا علم نجوم کي رد ڪرڻ جو هڪ ئي غير معمولي مثال ملي ٿو، اهو مثال جواهر لعل نهرو جي شخصيت جو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي پويتر بنائڻ جي چڪر ۾ پويتر ندين ۾ وڃي وهنجندا هئا يا پنهنجن گرهن ۾ يقين رکندا هئا، جيڪي جوتشي جو پچ تي هلندا هئا، انهن سڀني کي جواهر لعل نهرو بچڙو ڪندو هو. جوتش ۾ ورتل ڀارت کي هُن "هسٽيريا ۾ ورتل ملڪ" ڪري سڏيو ۽ خبردار ڪيائين ته ملڪ کي انهي هسٽيريا جي بيماريءَ کان آجو رکيو وڃي. اتر پرديش جي اڳوڻي چيف منسٽر ڊاڪٽر سمپورانند پنهنجي وزير اعظم جواهر لعل نهرو کي باقاعدي وارننگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني تہ نهرو پنهنجو پاڻ کي ايستائين سنڀالي هلي، جيستائين گرهہ ڪيپري ڪارن سان گڏ آهن. موٽ ۾ جواهر لعل نهرو ڪيس بچڙو ڪري گهر پيڙو ڪيو.

5 فيبروري 1962ع ڪانپوءِ جيئن ڀارت جو وزيراعظم گرهن جي بحران مان بچي نڪتو تيئن ملڪ بہ انهي بحران مان بچي نڪتو. جڏهن اهو بحران ٽريو تہ هڪڙو سوال اٿيو تہ ڇا اهو بحران هڪڙي قسم جي اجتماعي بيوقوفي هئي؟ يا ويدن مان جيڪي منتر پڙهيا ويا ۽ اگني ديويءَ کي پيٽائون ڏنيون ويون، انهن جي نتيجي ۾ ملڪ تباهہ ٿيڻ کان بچي ويو؟ انهن سوالن جي جواب ۾ هندن تي ڪاوڙيل ڪن نوجوانن پنڊتن جا لائوڊ اسپيڪر ڀڃي ڦٽا ڪيا ۽ ڪانئن ڪمايل ملڪيت ڦري کين پينگيو ڪيو. ڪيترن ئي ڪافي شاپس ۽ هوٽلن ۾ اهو بحث ڇڙي پيو تہ جن ماڻهن سڄي ملڪ مٿان هيڏي وڏي ڪل ڪرائي، انهن سان سرڪار ايڏي نرمي ڇو اختيار ڪئي آهي. ٻئي پاسي اخبارن ۾ اهڙا خط بہ ڇپيا جن ۾ لکيو ويو تہ ملڪ ۾ ”اوم“ جو جيڪو لکين ڀيرا ورد ڪيو ويو، انهيءَ ورد تہ ملڪ کي بچايو آهي ۽ ٻئي دنيا کي بہ بچايو اهي.

ڀارت ۾ اهو بحث اڃان تائين جاري آهي.

(1995ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خوشونت سنگهه

# پارليامينٽ ۾ منهنجا ڪجهه سوال

(خوشونت سنگهه جي بدنام زمانہ ڪتاب ”سيڪس، اسڪاچ ۽ اسڪالر شپ“ جو هڪ دلچسپ باب.)

هيءَ ڳالهه اپريل 1980ع جي هڪ شام جي آهي. انهيءَ زماني ۾ آئون پندرهن روزه رسالي New Delhiجو ايڊيٽر هوس. انهيءَ شام جو مون کي وزير داخلہ گياني ذيل سنگهه (جيڪو پوءِ ڀارت جو صدر بہ ٿيو.) فون ڪيو تہ ”مبارڪوون هجنئي، تنهنجو نالو راجيہ سڀا جي ميمبري لاءِ رٿيو ويو آهي.“ ائين چئي، هن منهنجي مٿان ٽورو ٽڪيندي چيو، ”مون کي پڪ آهي تہ تون انڪار نہ ڪندين، جو مون کي اچا صدر صاحب سان بہ هيڪا هيڪي ڪرڻي آهي.“

اصل ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ مون کي ڪڙڪ پئجي وئي هئي تہ مون کي اهڙو سڏ ٿيڻ وارو آهي. ذيل سنگهه جي فون کان ڪجهه ڏينهن اڳ مون کي اندرا گانڌيءَ جو نياپو مليو هو تہ هو مون کي مهاراشٽر مان لوڪ سڀا جي سيٽ تي چوندن ۾ بيهاري رهي آهي. پر جڏهن اميدوارن جي لسٽ پڌري ٿي منهنجو نالو نہ هو. هن پيري جيڪو مون کي راجيہ سڀا جي ميمبري ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو، اُهو اندران گانڌيءَ جي بدران سنجئہ گانڌيءَ جو واعدو هو ۽ مون کي خبر هئي تہ سنجئہ گانڌي پنهنجن واعدن تان ڦرڻ وارو ماڻهو ناهي. انهي وقت مون کي ڪو بہ اهڙو وهم نہ هو تہ ڪو آئون وڏو ليکڪ يا صحافي آهيان جو ملڪ ۾ مون کان ڪيترائي وڏا اديب ۽ شاعر موجود هئا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ دي السٽريٽڊ ويڪلي آف انڊيا جي ايڊيٽريءَ دوران مون وڏو نالو ڪمايو هو. پر انهيءَ وقت بہ ملڪ ۾ مون کان وڏا ڪڙپيل صحافي موجود هئا. سو مون

ڪيو. تقرير ڪرڻ جو شاهه ڪاريگر هو ۽ جملا گوليءَ وانگر سندس زبان مان نڪرندا هئا. البته سندس اها بدقسمتي هئي جو هو ٿرڙن، مشڪرن ۽ رننگ ڪامينٽريءَ وانگر تقرير ڪندڙ نٽ نٽ گوپال قسم جي ميمبرن کي منهن ڏيئي نه سگهندو هو جو سندس گهرا جملا انهن ميمبرن جي مٿي مٿان لنگهي ويندا هئا. تنهن هوندي به مدعي سست ۽ گواهه چست قسم جي چمچن ۽ هڪ ٽرو ميمبر جي. ڪي. جين جي.جواب ۾ اهڙا جملا چڪي هٽندو هو جو سڄو ايوان کل ۾ رڙهي ويندو هو. افسوس جو پيلو مودي جي اوچتي موت ڪري ايوان ٺهڪن کان وانجهو رهجي ويو.

اپوزيشن جي ميمبرن مان ايل ڪي آڏواڻي، جسونت سنگهه، حڪم نارائڻ، ديو ياديو، لارڊلي، موهن سنگهه ۽ دنيش گوسوامي ڳالهائڻ جا ست واتيون بلائون هئا. نون ميمبرن مان وري جئه للیتا هندستاني حسن جو اڻ لڀ نمونو هئي. وڏي محنتي قسم جي ڇوڪري ۽ تقرير ڪرڻ جي ماهر هئي. منجهس هڪڙي خامي هئي جو ايوان ۾ گهڻو وقت خاموش رهندي هئي. اهڙي ساڳي طرح مارگريٽ الوا به اثر ڇڏيندڙ مقرر هئي، پر جنهن ڏينهن حزب اختلاف ڇڏي حزب اقتدار ۾ آئي ته انهيءَ ڏينهن کان سندس تقريرن مان هوا نڪري ويئي. اهو ساڳيو حشر ستيه پال ملڪ سان ٿيو، جڏهن هن لوڪ دل پارٽي ڇڏي. باقي ڪانگريس ۾ حال نه هو. منجهن ڪافي عورتون به هيون جنڪي ايوان ۾ اچي رڳو ڪانگريس جو نمبر وڌائينديون هيون. امرجيت ڪور سٺي پارليامينٽيرئن هئي ۽ ايوان ۾ اچي لاڳيتو لڪيل ۽ ٺهيل ٺڪيل تقريرون ڪندي رهندي هئي. ٿلهي چمڙي وارو ميمبر ڪلپ ناٿ راءِ، جيڪو اڳتي هلي وزير بڻيو، انهيءَ جو رويو وري ٽپ اٽوٽندڙ هو. انهيءَ ڪري چيئرمين ڪيس گهٽو ڳالهائڻ نه ڏيندو هو. سندس دوست سيتارام ڪيسري ڳالهائيندو ته هو، پر جيڪا ڳالهه ڪندو هو، چٽڪي هوندي هئي. اسان ۾ ڪجھ ميمبر وري اهڙا هوندا هئا، جيڪي ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري ويندا هئا. جيئن راميشور پرساد سنگهه هو. جيڪو ڊيٽي نه ونٽي پوائنٽ آف آرڊر تي بيهي رهندو هو ۽ هرويرو هدايت الله جهڙي فراخ دل ۽ اصيل ماڻهوءَ سان وات پوندو هو ۽ پوءِ ٽڪي پئسي جي ڳالهه تي واڪ آئوٽ ڪري ويندو هو. اڳتي هلي سندس جاءِ سريش ڪلماڏي ورتي، جنهن وٽ انگ اکر ۽ دليل هوندا هئا ۽ اڪيلي سر حڪومت کي اچي ٽوڻنين تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽندو هو. ڳالهائڻ جي ڏانو وارو ماڻهو هو. پر سندس تقرير مان اثر نڪري ويندو هو. چيئرمين وينڪٽ رامن به ڪيس ڳالهائڻ جو موقعو ڏيندو هو ته پلي چڪي رکي.

مون سان وري اها جڻ هوندي هئي، جنهن جي ڪري آئون پنهنجي حيثيت ميڃائي نه سگهيس جو هڪ ٻئي پويان جيڪي ميمبر منهنجي پر ۾ اچي ويٺا، اهي فرشته سيرت جنتي ماڻهو هئا. پهرئين مون سان گڏ سهڻي نرگس گڏ وهندي هئي. جڏهن نرگس اها سيٽ خالي ڪئي ته پارٽ جو مشهور شاعر پاگوتي چرن ورما پنهنجي سيٽ ڇڏي منهنجي پر ۾ اچي ويٺو. مون کان سينيئر ميمبر هو. پر هائوس کي هو ڳالهائڻ جي بدران ننڊ ڪرڻ جي آرامده جڳهه سمجهندو هو. هو ايوان ۾ پهچندو به تڏهين هو، جڏهن سوالن جوابن جو وقفو هلندو هو ۽ چڱو خاصو گوڙ مچندو هو. اچڻ سان ورما جِي مون سان هٿ جوڙ ڪري سيٽ تي ٽيڪجي ننڊ ڪندو هو. هڪ ڏهاڙي هڪ ميمبر مرڪي مرڪي ڳالهائي رهيو هو. سندس مرڪ ۾ گهرائي هئي. مون انهيءَ ميمبرن جي مرڪ کان متاثر ٿي ورما جِي کان پڇيو، "انهيءَ ميمبر جو نالو ڇا آهي؟" ته جواب ڏنائين، "پاڻ کي ڪنهن جي به نالي ٻالي جي خبر ناهي." ائين چئي وري اکيون پوري ڇڏيائين. ڪجهه مهينن کان پوءِ ورما جي گذاري ويو ۽ سندس جاءِ تي 90 سالن جو سليم علي اچي ويٺو. جنهن جي زندگي جو مقصد ئي هو پکين کي ڇوٽو ڪرائڻ. ڪيس ڏسي منهنجي دل چوندي هئي ته جي منهنجي عمر جا ڪجهه سال هن درويش کي ملي وڃن ته نقصان ۾ نه ويندس. وڏو الله لوڪ ماڻهو هو.

راجيو گانڌي جي اچڻ کان اڳ راڄيه سڀا پوڙهن ماڻهن جو ايوان بڻيل هو. سندن سراسري عمر پنجاهيءَ کان ٽپيل هئي. انهن ماڻهن پوري اڌ صدي پيڍين ۽ ڪرسين تي ويهي ڏنڊا ڪيا هئا. ويهڪ جا ڏنڊا ڪرڻ جي ڪري اڪثر ميمبرن جا هاضما خراب ٿيل هئا ۽ اهي موڪن ۽ پيٽ جي بيمارين ۾ ورتل هئا. ڪجهه ميمبر مٺن پيشابن جا مريض به هئا. انهن ميمبرن ايوان ۾ وڏو مسئلو کڙو ڪري ڇڏيو هو. پيٽ جي بيماري ۽ بدهضمي ته پنهنجي جاءِ تي پر اسان پارت جا ماڻهو پر ۾ ويٺل ماڻهن جي احساسن جو خيال نه رکندا آهيون ۽ ماڻهن جي وچ ۾ ويهي وهڪ واري جاءِ مان نڪاءِ ڪڍڻ عيب نه سمجهندا آهيون. ڏپ وڃان ڪنهن جو نڪ سڙي ته پلي وڃي سڙي. اهڙي قسم جا ٿي بي شرم ميمبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي آسپاس بہ موجود هئا. هڪڙو ميمبر منهنجي پويان ايچ ايل ڪپور جي پر ۾ ويهندو هو، اهو رکي رکي اهڙا ڦرڙاٽ ڪندو هو جو لڳندو هو تہ همراهہ زبان جي بدران وهڪ واري جاءِ مان ڳالهائڻ جو عادي آهي. هڪ ڀيري تہ ايڏو وڏو ٺڪاءُ ڇڏيائين جو ڪپور اڳتي وڌي مون کي چيو، "يار! ايوان کو اهڙو قانون جوڙي ڇڏڻ کپي جنهن ۾ پويان هوا ڇڏڻ ۽ ٺڪاءُ ڪڍڻ کي غير قانوني ۽ غير پارلياماني فعل سمجهيو وڃي." مون انهيءَ ڏينهن سوچي ڇڏيو تہ ميمبري جو مدو پورو ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ چيئرمين وينڪٽ رامن کي چوندس تہ "پنهنجن خيالن جي اظهار لاءِ وهڪ واري جاءِ جي بدران زبان استعمال ٿيڻ کپي ۽ اهو بل پاس پاس ڪرايو." پر منهنجي بدقسمتي اها هئي جو منهنجي پر ۾ هڪ ٻئي پويان اهڙا اشراف ميمبر اچي ويٺا، جيڪي پاڙي وارن جي ذاتي آزاديءَ جا سخت حامي هئا تہ جيڪو جتان ڳالهائي انهيءَ کي اتان ڳالهائڻ ڏجي ۽ پنهنجي نڪن جي قرباني ڏيڻ گهرجي.

جيڪي ميمبر هريجن جي ڪوٽا ۾ آيا هئا، انهن کي ايوان جو ڊيڪوريشن پيس سمجهيو ويندو هو ۽ کين انهيءَ اُميد سان ميمبر بڻايو ويو هو تہ هُو پنهنجي سنهري خاموشيءَ کي برقرار رکن. تہ هو جڏهن بہ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ کين ايستائين انتظار ڪرڻو پوندو هو، جيستائين ٻين سيني پارٽين جا ميمبر ڳالهائي دنگ ڪن. هائوس خالي ٿي وڃي ۽ پريس گئلري ۾ بہ چٽا وڃي بچن تنهن ڪانپوءِ ڳالهائين. انهن غريبن جو اهو حال ڏسي منهنجو مٿو پيو ڀرندو هو. نيٺ مون کان رهيو نہ ٿيو ۽ مون ٻين 17 ڇڙن روشن خيال ميمبرن سان گڏجي اسان پنهنجو گروپ ٺاهيو. انهي گروپ ۾ ڪانگريس (S)، نيشنل ڪانفرنس، سوشلسٽ پارٽي ۽ ريپبليڪن پارٽي جا ڪجهہ آزاد ميمبر شامل ٿيا. اسان ايس ڊبليو ڌاپي کي پنهنجو ليڊر ۽ غلام رسول منٽو کي پنهنجو ڊپٽي ليڊر بڻايو. چيئرمين اسان جي ٽولي کي پارٽيءَ جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو ۽ ميمبرن جي انگ جي حساب سان اسان کي ڳالهائڻ جو ٽائيم الاٽ ڪيائين. اهو ئي وقت هو، جڏهن پنجاب صوبي ٽهڪڻ شروع ڪيو هو ۽ اڪالي دل جا ميمبر ٻنهين ايوانن مان استعيفا ڏئي چڪا هئا. مون گذريل عرصي دوران هڪ آزاد ميمبر جي حيثيت اختيار ڪري ورتي هئي، پر جڏهن سرڪار پنجاب ۾ رڻ ٻاريو تہ آئون سرڪار جي مخالفت ۾ هليو ويس. مون ٻين مسئلن تي بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهايو هو ۽ خاص ڪري خارجہ پاليسي تي بحث ڪندي پاڪستان جو پاسو کڻندو هوس. اهڙي ساڳي طرح اطلاعات و نشريات، ميڊيا، تعليم، ريلوي ۽ ثقافت جي شعبن تي بہ ڇڪي ڳالهائيندو هوس. پر جڏهن پنجاب ۾ رڻ ٻريو تہ منهنجو وڏو موضوع پنجاب، سک ۽ اڪالي بڻجي ويا، ۽ حڪومت کي ايترو ڇڪي رکيم جو حزب اختلاف ۾ هليو ويس. نتيجي ۾ ڪانگريس پارٽي جي سينني بندوقن جو منهن مون ڏانهن ٿي ويو.

مون ۾ جيتري بہ ڳالهائڻ جي سگهہ هئي اها مون پنجاب جي ڏکوئيندڙ صورتحال ڏانهن موڙي ڇڏي. نہ رڳو اهو، پر سک انتها پسند پنڊران والي ۽ ٻئي پاسي ڪامريڊ هري ڪشن سنگهہ جي خلاف سڀ رسا توڙي ڳالهايم. حڪومت عوام سان واعدو ڪيو هو تہ ڪجهہ بہ ٿي وڃي پر گولڊن ٽيمپل ۾ فوج کي گهڙڻ نہ ڏنو ويندو. پر ڪانگريس جڏهن اهو واعدو ٽوڙيو تہ مون نہ رڳو مون کي مليل اعليٰ سرڪاري ايوارڊ پدم ڀوشن سرڪار کي واپس ڪيو پر اڪيلي سر اندرا گانڌي تي ڇتا حملا شروع ڪري ڏنا. ائين نہ رڳو اندرا گانڌي پر حزب اختلاف وارا بہ منهنجي مخالفت تي لهي آيا. اندرا گانڌي پنهنجي تقرير ۾ مون کي "قوم جو غدار" جو لقب ڏنو. ايئن آئون سڄي ايوان ۾ ولين بڻجي ويس. پر مون ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ لاڳيتو انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندو رهيس تہ اڪالي ليڊرن کي آزاد ڪري، ساڻن ڳالهيون هلايون وڃن. هون انهن سک فوجين جي بہ حمايت ڪئي، جيڪي آپريشن بليو اسٽار جي نتيجي ۾ فوج جون نوڪريون ڇڏي اڪالي دل پيڙا وڃي ٿيا هئا. سڄي ملڪ جي ميڊيا بہ منهنجي پويان ڪاهي پئي ۽ مون کي فرقي پرست سک سڏي منهنجو پٽڪو لاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ڪجهہ مهينن کان پوءِ اندرا گانڌي جو خون ٿيو تہ مون چيئرمين کان اجازت وٺي اندرا گانڌي کي خراج تحسين پيش ڪيو. جو اهو منهنجي ضمير جو آواز هو. شديد اختلافن جي باوجود منهنجي اندر ۾ اندرا لاءِ عزت ۽ پيار هو. جيئن تہ اندرا گانڌي کي خراج تحسين پيش ڪندي مون دليان جانان ڳالهايو هو، تنهن ڪري منهنجي تقرير ٻين سينني ميمبرن جي تقرير کان وڌيڪ وزنائتي هئي. انهيءَ تقرير ۾ مون ڇهن نڪتن تي زور ڏنو هو. هڪ نڪتو اهو هو تہ اها اندرا گانڌي هئي، جنهن مون سان دوستي نڀائيندي مون کي هن ايوان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ آندو. پيو نڪتو اهو هو ته اندرا گانڌي جيڪي ڪجهه سکن سان ڪيو، انهي ۾ ڪيس ضرور ڏک رسيو هوندو. ٽيون نڪتو اهو هو ته هڪ سک جي حيثيت ۾ آئون انهي تي پشيمان آهيان ته ڪيس خون ڪرڻ وارا سک هئا. جن انتقام ورتو ۽ اندرا گانڌي انتقام جو نشانو بڻي. چوٿون ۽ آخري نڪتو اهو هو ته اها اندرا گانڌي ئي هئي جنهن ملڪ کي متحد، مضبوط، عزتدار ۽ خوشحال ملڪ جي حيثيت ڏني..... منهنجي انهيءَ تقرير کي نه دور درشن، نه آل انڊيا ريڊيو ۽ نه ئي وري پريس ڪا جڳهه ڏني. چاڪاڻ ته اندرا گانڌي جي قتل جي جواب ۾ اتر ڀارت جي ڪيترن ئي شهرن ۾ هزارين بي گناهه سکن جو سوچي سمجهي ڪوس ڪيو ويو، جنهن تي حزب اقتدار توڙي حزب اختلاف جا ميمبر وات تي ڄڻ هٿ ويهي رهيا. نتيجي ۾ آئون وري به ايوان ۾ اڪيلو رهجي ويس.

پنجاب سان سرڪار جيڪا جٺ ڪئي هئي، انهيءَ ڪري آئون ڪانگريس سرڪار جو سخت مخالف هوس. پر انهيءَ هوندي به جڏهن راجيو گانڌي سنت لنگووال سان جيڪو معاهدو ڪيو، مون انهيءَ معاهدي کي ”نئين فجر جو جنم“ چئي واکاڻ ڪئي. ٻه ڀيرا سکن جي دهشتگرديءَ جي خلاف تقرير ڪيم، يونائيٽيڊ اڪالي دل جي دهشتگردن کي مجرم قرار ڏنم ۽ گڏوگڏ اهو به چيم ته ڪنهن پرامن طريقي سان گولڊن ٽيمپل جو قبضو انهن دهشتگردن کان ڇڏايو وڃي. جي ٻنهين نتا مڃين ته طاقت به استعمال ڪئي وڃي. مون خالصتان جي جهنڊي جي به ڇٽي پٽي مخالفت ڪئي ۽ اختياريءَ وارن کي ڪن ڪٽايم ته ٻيهر رتو چاڙهڻ ٿيڻ واري آهي. اهو به چيم ته قبضو ڇڏائڻ ۾ جيتري دير ٿيندي، اوترو رت وڌيڪ وهندو ۽ تي سگهي ٿو اهو مسئلو ڪئنسر جي مرض وانگر پکڙجي وڃي. انهن تقريرن جي باوجود به مون کي فرقہ پرست سک ڪري ڇيو ويو. باقي جيڪو سکن سان ظلم ٿيو اهو ڪنهن ٻيءَ ڌر سان ٿئي ها ته به آئون ڇتو ٿي ڳالهايان ها.

ڇهن سالن جي ميمبري دوران هر سيشن ۾ سراسري ٻه ٻه تقريرون ڪيون ۽ اڌ درجن کن سوال پڇيا. ميمبري مان آئون ڪيترو به خوش ۽ مطمئن رهيس پر انهي هوندي به جيئن پوءِ تيئن منهنجي اک پٽجڻ لڳي ته پارليامينٽ جي ملڪ جي مامرن ۾ ايتري خاص دلچسپي ناهي. هڪڙو ته خود جيڪي ميمبر هئا، اهي پارليامينٽ کي سنجيدگيءَ سان وقت نه ڏيندا هئا. روز سوالن جوابن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وقفي ڪان پوءِ هال خالي ٿي ويندو هو. شام جي گڏجاڻيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ ٻه درجن ڪن ميمبر حاضر هوندا هئا. جيڪي وزير هئا اهي وري ميمبرن جي ڳالهين تي ڌيان ڪو نه ڏيندا هئا. اهي يا ته وينا پنهنجن چمچن سان سس ڦس ڪندا هئا يا وري وينا فائيل پڙهندا هئا. پريس ۾ انهيءَ بي ڌياني جي ڏوهاري رهندي هئي. صحافي ٻه آيا نه آئي جهڙا، پريس گيلري خالي ڪري ويندا هئا. صرف پي ٽي آءِ ۽ يو ايس آءِ جا ٻه نمائندا حاضر هوندا هئا. انهن کي ٻه جيڪي مرضيءَ ۾ ايندو هو اهو رڪارڊ ڪندا هئا. هڪ ٻن صحافين کي ڇڏي ٻيا صحافي ڪوڙن تي ٻڌل ڳالهيون رهڙي ڇڏيندا هئا. اهو تجربو ته مون کي ميمبر ٿيڻ کان اڳ هڪ صحافيءَ جي حيثيت ۾ به هو.

هڪ ڀيري پارليامينٽ ۾ ويهي ٻنهين اچي تنگ ٿيس ته ٻاهر وڃان ٿوڪي هندستان ٽائيمز ۾ هڪ سخت ڪالم لکي ويهي رهيس. اصل ۾ اهو ڪالم لکڻ کان اڳ مون ائبرون واگ جو برطانيه جي ميمبرن جي باري ۾ Spectator۾ لکيل ڪالم پڙهيو هو، جنهن منهنجي همت وڌائي ته آئون به پنهنجي ڪالم ۾ ڪا اهڙي چند پٽيان. ائبرون واگ انهيءَ ڪالم ۾ انگريز ميمبرن کي بي ڪما، سست، پچ لتڪائو، واهيات، ترڙا ۽ جاهل ڪري سڏيو هو. مون پنهنجي انهيءَ ڪالم ۾ نه رڳو پنهنجي ليکي ميمبرن جي لاڪ لاٿي پر گڏوگڏ ائبرون واگ جا حوالا به ڏنم. انهيءَ ڪالم تي گهڻن ميمبرن کي باهه وٺي وئي ۽ پنجاب مان آيل ڪانگريس پارٽي جي ميمبر ست پال سنل جي سرواڻي ۾ ميمبرن ۽ ميمبرياڻين جي وڏي تعداد منهنجي خلاف رٽ پيش ڪئي ۽ انهيءَ وقت جي چيئرمين هدايت الله کان گهر ڪيائون ته مون کي پارليامينٽ جي بي عزتي ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سوگهو ڪيو وڃي. ڪجهه ڏينهن رکي هدايت الله رولنگ ڏني. هن پهرين ته منهنجو سڄو ڪالم پڙهي ٻڌايو ۽ پوءِ اها رٽ پڙهي ٻڌائي، جيڪا ست پال اينڊ ڪمپني ڏني هئي. انهيءَ کان پوءِ هن گهرائي ۽ مزاح سان ڀريل جملن سان اها رٽ ٽڏي ڇڏي. هدايت الله مون کي سوگهو ڪرڻ جي بدران ميمبرن جي سينس آف هيومر تي وٽ ڪري ڏني. نه رڳو اهو ڪيائين، پر اڳتي هلي جڏهن ڇهن سالن جو مدو پورو ڪري جيڪا الوداعي تقرير ڪيائين انهيءَ ۾ به منهنجي خلاف پيش ٿيل رٽ جا حوالا ڏئي سڄي هائوس کي مُرڪن سان ستي ڇڏيائين. جيتوڻيڪ وقت سان گڏو گڏ مون ۾ اها مايوسي پيدا ٿيندي پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي تہ پارليامينٽ قومي مسئلن تي ايترو ڌيان نٿي ڏئي. تنهن هوندي بہ منهنجي اها خواهش هئي تہ آئون ٻيا ڇهہ سال پارليامينٽ ۾ رهان. پوءِ نامينٽ ٿي اچان يا پنجاب مان چونڊ وڙهي اچان. ميمبر ٿيڻ سان ملڪ جا مسئلا حل ٿين يا نہ ٿين پر ميمبر جي حيثيت ۾ وڏن گهراڻن جي بنايل ٽولن ۽ ڪلبن ۾ وڃي آءُ ٻڳت ٿيندي آهي. ماڻهن کي هڪ ڀيرو ڪرسي جي ۽ وڏ ماڻهپي جي چُوس پيدا ٿي ويندي آهي تہ پوءِ اها چُوس سولائي سان نہ ڇڏيندي آهي. سو آئون بہ انهي چوس جو شڪار ٿيڃي ويس. انهي هوندي بہ مون ٻيهر راڄيہ سڀا ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پنجن ئي آگرين جو زور نہ لڳايو. اهو ئي سوچي اڌوري سڌوري ڪوشش ڪيم تہ آئي تہ روزي، ٽري تہ بلا. مون کي ذهن ۾ اهو اجايو خيال هو تہ منهنجو آواز پڙهيل لکيل پنجابين ۾ ٻين آوازن کان وڌيڪ اثرائتو آهي، پر صدر صاحب ۽ وزيراعظم پنهنجي ليکي صحيح سوچيندا هجن. هونئن بہ ميمبر اسيمبلي ۾ ويهي وات کولي يا چپن تي چُپ هڻي ويهي رهي، تہ انهيءَ سان ڪو خاص فرق نٿو پوي. قافلي کي تہ جيڏانهن وڃڻو هوندو آهي، اوڏانهن ئي پيو ويندو آهي.

(1997ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني پارٽي انگريزي ليکڪن ۽ صحافين کان وڌيڪ ’کيس پڙهيو ٿو وڃي.
فيشن جا حامي مرد ۽ عورتون کيس انهيءَ ڪري نٿا سهن جو هو هيڏو مشهور
ماڻهو ٿي ڪري به پنهنجي ڪِني ڏاڙهي نٿو ڪوڙائي. جڏهن ته فيشن جا مخالف
مرد ۽ عورتون مٿس انهيءَ ڪري ناراض آهن جو هو ڏاڙهيءَ کي ڪيس هٽي
فيشن ٿو ڪري. دنيا جي هر وڏي ليکڪ وانگيان نڪته چيني جي جانباهه ۾
پيسجڻ وارو خوشونت سنگهه ايڏو ئي سخت جان آهي. جيڏو دنيا جي ڪنهن به
وڏي ليکڪ کي هئڻ گهرجي. مخالفتن کي ليکي ۾ نه آڻڻ وارو هي سک جو
ٻچو پاڪستاني پنجاب جي هڪ ڳوٺ جي رئيس خاندان ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي
ڪيريئر جي ابتدا آل انڊيا ريڊيو تان ڪيائين. جتان کيس ڀارت جي پرڏيهي
کاتي ۾ مقرر ڪيو ويو. ڀارت جي سفارتخانن ۾ ڪم ڪندي جڏهن
سيڪريٽري جي عهدي تي پهتو ته سندس جهيڙو ڀارت جي انتهائي ذهين ۽
ايماندار پر ٽرڙي وزير خارجه ڪرشنا مينن سان ٿي پيو. به شينهن هڪ ٻيلي ۾
ماپي نه سگهيا. انهيءَ ڪري خوشونت سنگهه نوڪري کي طلاق جا ٽي پٿر هٽي
اچي صحافي ٿيو. ڀارت جي مشهور رسالي السٽريڊ ويڪلي آف انڊيا جو جڏهن
ايڊيٽر بڻيو ته رسالي جي سرڪيوليشن 36000 هئي. جنهن کي ڪٽي چئن لکن
تائين پهچايائين. هڪ موقعي تي رسالي جي مالڪ کيس حد کان وڌندو ڏسي
سندس قلم ۾ رسو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته بنا ڪنهن اطلاع ڏيڻ جي ماڻ
ماٺوڙي ۾ پنهنجي محبوبا ڪار ايمبيسڊر ۾ ويهي اچي گهران نڪتو. نتيجي ۾
رسالو وڃي پٽ سان لڳو. وچ ۾ جڏهن کيس ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي
پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو ويو ته هائوس ۾ کيس ڀارت جي ليجينڊري
اداڪاره نرگس سان گڏ سيٽ ملي.نرگس جو دهلي ۾ گهر نه هو. انهيءَ ڪري هن
خوشونت سنگهه کي چيو ”تنهنجو جيڪو خالي فليٽ پيو آهي. انهيءَ ۾ مون کي
رهڻ ڏي.“ انهي تي خوشونت سنگهه بنا رک رکاءَ جي کيس چيو ”هڪڙي شرط
تي فليٽ ڏيندو سانءَ ته تون فليٽ ۾ رهڻ ڪانپوءِ اها ڳالهه مشهور ڪندينءَ ته
تون خوشونت سنگهه جي بستري ۾ سمهندي آهين ۽ اهي افواهه پکڙجڻ سان
منهنجي لئه ٿي ويندي. آئون فخر محسوس ڪندس.“ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ محمد
خان جوڻيجي جي جواني ۾ فينٽسي رهنڌڙ نرگس. خوشونت سنگهه سان تاڙي
تاڙي سان ملائيندي اها ڳالهه قبول ڪئي. خوشونت سنگهه جو لکڻ آهي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرگس اهڙي عورت هئي، جيڪا عمر وڌڻ سان وڌيڪ خوبصورت بڻجندي ويئي. بهرحال هن وقت سخت قسم جي نڪتہ چينين جو نشانو بڻجندڙ هن بي پرواهہ بادشاهہ جي جيڪا بہ لکٽي انگريزيءَ ۾ ڇپجندي آهي، اها هٿي ڏينهن پارت جي سيني ٻولين جون وڏيون اخبارون لفٽ ڪنديون آهن. سندس انگريزي ناول ”دهلي“ انگريزي ادب ۾ ٽاڙهيا مچائي ڇڏيا آهن. تازو 31 جولاءِ تي رات جو نوين وڳي ايل ٽي وي وارن سندس هي انٽرويو ٽيلي ڪاسٽ ڪيو آهي. هت انهيءَ انٽرويو جو ترجمو ٿو ڏجي، جيڪو ديڳ جو هڪڙو داڻو آهي. ڇڪي ڏسو تہ ڪوڙو آهي يا ٽيسٽي آهي.)

سوال: اوهان مذهب تي گهڻو ڪجهہ لکيو. سکن جي ڌرمي ڪتابن جو ترجمو بہ ڪيو. سکن جي سچي تاريخ تي بہ گهڻو ڪجهہ اوهان لکيو. پوءِ مذهب جي سيريس لکڻين کي ڇڏي اوهان سيڪس تي ڪيئن لکڻ لڳا؟

جواب: جڏهن مون سفارتي نوڪري ڇڏي لکڻ شروع ڪيو تہ مون اِهو فيصلو ڪيو تہ هيءَ زمانو مقابلي جو زمانو آهي. مون کي ڪنهن نہ ڪنهن شيءَ ۾ اسپيشلائيزيشن ڪرڻ کپي سو مون فيصلو ڪيو تہ سک ازم تي اسپيشلائيزيشن ڪرڻ کپي. سک ازم تي، سکن جي تاريخ تي ۽ سک ڌرم تي. اوهان جيترو ڪجهہ منهنجي نالي پڙهيو آهي اهو مون ئي لکيو آهي، ٻئي ڪنهن ڪو نہ لکيو آهي. پوءِ جيئن آئون مذهبن جي باري ۾ پڙهندو ويس تہ مذهبن مون کي منجهائي اڇي ماريو.

سوال: مذهب ۽ سيڪس ٻنهين تي اوهين ڪيئن ٿا لکي وجو؟

جواب: آئون ٻين شين تي بہ لکندو آهيان. نيچر تي بہ لکندو آهيان. اوهان پيا چئو تہ مذهب ۽ سيڪس تي ڪيئن ٿو لکان. اوهان ڪاجو راهو جا مندر ڏٺا آهن. بنارس ويا آهيو؟ اتي انهن مندرن ۾ مذهب آهي يا نہ؟ سيڪس آهي يا نہ؟ ٻئي اهي ٻئي شيون زندگي جو هڪ حصو آهن.

سوال: 82 سالن جي ڄمار ۾ اوهان جي واتان سيڪس سيڪس جو ٻڌي ماڻهو تہ عجب ٿا کائين تہ خوشونت سنگهہ الائي ڪهڙيءَ شي مان ٺهيل آهي؟

جواب: سيڪس تي لکندي مون کي واهيات ڳالهيون تہ لکيون ئي ناهن. سيڪس ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيندو آهي، اهو تہ مون لکيو ئي ناهي. باقي اُهي ڇون ٿا، انهن جي باري ۾ آئون ڇا ٿو چئي سگهان. دل تہ سندن بہ ٻِت ٻِت ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، وري پڇن مون کان ٿا تہ تون سيڪس ايتري دلچسپي سان ڇو ٿو لکين. پڻي، جيڪڏهن اوهانکي دلچسپي ناهي تہ پڇو ڇو ٿا؟ پڙهو ڇو ٿا؟ باقي اها ڳالهہ تہ سڌي پيئي آهي تہ جيڪڏهن تنهنجي پيءُ ۽ ماءُ تي سيڪس جو ڀوت سوار نہ هجي ها تہ تون ڪرهت مون کان سوال پڇڻ لاءِ موجود نہ هجين ها. اوهان انهيءَ شيءَ کي زندگيءَ مان ڪيئي ٿي نٿا سگهو.

سوال: پر اوهان جي لکڻين ۾ سيڪس، اسڪاچ ۽ عورت ضرورت کان وڌيڪ حاوي آهي. انهيءَ ٽنهي شين تي اڄڪلهہ اوهان ايتري ٿي ڏيان گيان سان لکندا آهيو، جيترو ڪنهن زماني ۾ سک ڌرم تي لکندا هئا. لڳاتار اوهان جا هڪ پٺي پويان اهڙا ڪتاب آيا آهن جو ماڻهن جو ڌيان اوڏانهن هليو ويو آهي.

جواب: اوهان جو ڌيان شايد منهنجي ڪتاب: Sex، Scotch and Schol-arship: ڏانهن ويل ٿو ڏسجي. انهي ڪتاب جي ٽائيٽل تي نہ وڃو. انهي ڪتاب ۾ تہ ادب تي مضمون آهن، اديبن تي مضمون آهن. ٽائيٽل کي ڇڏي ڏيو. اندر پڙهو. باقي جيڪا اها ڳالهہ مشهور ٿي ويئي آهي تہ آئون اڪ جو ميرو ۽ واهيات قسم جو ماڻهو آهيان تہ اها ڳالهہ بلڪل صحيح آهي. آئون بلڪل واهيات ماڻهو آهيان. جيڪي ائين چون ٿا، انهن تي مون کي ڪو بہ اعتراض ناهي، جنهن جي مرضي هجي اهو پلي چوندو وتي منهنجي باري ۾. باقي ايترو ٻڌائي ٿو ڇڏيانو تہ جيڪڏهن منهنجي دماغ تي سيڪس جو ڀوت سوار هجي ها تہ ڪر آئون صبح جو ساڍي ڇئين وڳي کان شام جو ستين وڳي تائين لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪيئن ڪري سگهان ها.

سوال: جيئن اوهان "Men and Women in My Life" ۾ مردن ۽ عورتن جي باري ۾ سندن انتهائي ذاتي زندگيءَ جا تفصيل ڏنا آهن، اهو سڀ ڪجهہ پڙهي سڀ ماڻهو ڇرڪي پون ٿا. اوهان ائين ڇو ڪيو آهي؟

جواب: مون کي بہ ذاتي زندگي جا اهڙا تفصيل نہ ڏنا آهن. انهي ڪتاب ۾ ڪا بہ اهڙي پرسنل ڳالهہ لکيل ناهي، جنهن لاءِ اهو ڪٿي چئجي تہ سيڪس جو ذڪر وڌيڪ آهي.

سوال: هن عمر ۾ بہ اوهان وٽ ڇوڪرين جا ميڙ ايندا ويندا رهندا آهن، سڀ ڇا آهي؟ اوهان صرف فلرٽ ڪندا آهيو يا انهيءَ کان وڌي ڪري بہ ڪجهہ ڪندا آهيو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب: آئون ڪنهن کي بہ پاڻ وٽ نہ گهرائيندو آهيان. پاڻيهي ايندا آهن. اوهان جي وڏي پيماني تي بدنامي ٿي وڃي تہ پوءِ ڪيترائي مرد ۽ عورتون اوهان وٽ پاڻيهي ڇڪجي ايندا آهن.

سوال: بدناميءَ مان اوهان جي ڇا مراد آهي؟

جواب: يئي، ماڻهو مون کي پڙهن ٿا. جتي ڪٿي منهنجو ذڪر ٿو رهي، ڳالهيون ٿيون اڏامن. مون وٽ سهڻيون ڇوڪريون لنگهي ايندڻون آهن. شام جو آئون ڏاڍو خوش ٿيندو آهيان، پر شرط اهو آهي تہ ٿوري دير لاءِ مون وٽ ويهن، گهڻو وقت ويهنديون آهن تہ پوءِ آئون پاڻ تنگ ٿي پوندو آهيان. اڄ تائين ڪنهن بہ اها جرئت ناهي ڪئي جو بنا فون ڪرڻ جي هلي اچي. پهرئين فون ڪري پڇنديون آهن تہ "گهر ويٺو آهين؟ اچان" آئون چوندو آهيان تہ "پنجن منٽن لاءِ ٿيون اچو تہ اڌ ڪلاڪ پلي اچو ويهو. اڌ ڪلاڪ کان وڌيڪ مون کان برداشت نہ ٿيندو آهي.

سوال: توهان ساڻن صرف ڳالهہ ٻولهہ ڪندا آهيو؟

جواب: بلڪل.

سوال: اهڙي قسم جي ڇوڪرين جو چوڻ آهي تہ خوشونت سنگهہ وٽ ويهي انسان پنهنجو پاڻ کي سيف سمجهنديون آهيون.

جواب: هاڻي خبر ناهي تہ اها راءِ مون کي داد ڏيڻ لاءِ ڏني ويندي آهي يا سندن ڪو چوڻ جو ٻيو مقصد هوندو. اها ڳالهہ بلڪل صحيح آهي تہ آئون ڪنهن کي هٿ نہ لائيندو آهيان. بس ڳالهيون ڪندو آهيان. سندس حال احوال پڇندو آهيان. جيڪڏهن ڪو مسئلو هوندو اٿن تہ دلچسپي وٺندو آهيان.

سوال: توهان چئو ٿا تہ ڇوڪرين کي هٿ نہ لڳائيندا آهيو تہ پوءِ ٻيو اوهان ۾ ڇا آهي جو اوهان وٽ عورتن جي اچ وڃ لڳي پئي هوندي آهي، اوهان وٽ ايندڻون آهن ۽ ٻاهر وڃي فخر سان ٻڌائينديون آهن تہ.....؟

جواب: ٻاءُ اهو تہ وڃي انهن کان پڇ. آئون تہ هڪ ٿلهو، بدشڪلو پوڙهو ماڻهو آهيان. ڪنهن کي ڪا سوکڙي بہ نہ ڏيندو آهيان. ڳالهيون ڪرڻ ايندڻون آهن، ڪجهہ دير ويهي هليون وينديون آهن. ڪا ڪا ٻاهر وڃي منهنجي گلا ڪندي آهي. منهنجي گهران ڪائي پيئي وڃي چونديون آهن تہ خوشونت وڏو واهيات ماڻهو آهي، دل جو ڪوڙو ماڻهو آهي، اک ميري اٿس. اها تہ انهن جي مرضي آهي، ٻاهر جيڪي وڃي چون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال: ڪجهه عورتن ڪي اوهان ڏيءُ ڪري سڏيندا آهيو. جيئن ڪامنا پرساد آهي. توهان پاڻ چوندا آهيو ته توهان لاڪائنس پيءُ برابر آهيو. پر اوهان جڏهين متس لکندا آهيو ته سندس جسم جي عضون جي باري ۾ به لکي ويندا آهيو؟

جواب: اها ڳالهه ته آئون پنهنجي پوٽيءَ جي باري ۾ به لکي سگهان ٿو. منهنجي پوٽي تمام سهڻي آهي. انهي ۾ ڀلا ڪهڙي خرابي آهي، سونهن جي واکاڻ ۾ حدبندي ته ڪري نٿي سگهجي. ڪامنا پرساد جو جسم تمام سهڻو آهي، مون اها ڳالهه لکي آهي. سعديه دهلوي جي شڪل تمام سهڻي آهي، اها ڳالهه مون لکي آهي. انهي ۾ آئون ڀلا ڪهڙي زيادتي ٿو ڪريان.

سوال: توهان ماحوليات تي لکيو، مذهب تي لکيو. ڪهڙو موضوع آهي جنهن تي اوهان نه لکيو آهي، پر اوهان جي شناخت اها آهي ته خوشونت سنگهه سيڪس تي گهڻو ٿو لکي. ٻين ڳالهين تي اوهان ڪجهه به نه لکيو آهي.

جواب: پنهنجي جيڪا قوم آهي، اها هڪ بيمار قوم آهي. اهو جيڪو خلل آهي دماغ جو، اهو پاڻ جي ملڪ جي ماڻهن ۾ آهي، منهنجي دماغ ۾ ڪو به اهڙو خلل ناهي.

سوال: هڪ ٻي ڳالهه اوهان جي باري ۾ ڪئي ويندي آهي ته اهڙيون عورتون جن سان اوهان جي سنگت ساٿ هئي، اوهان سان ڏيڻ وٺڻ هئن، اوهان انهن عورتن جي مرڻ کانپوءِ انهن جي باري ۾ اهڙيون اُهڙيون ڳالهيون لکيون آهن جيڪي اوهان ڪي نه لکڻ کپنديون هيون.

جواب: ديويا راڻي جي باري ۾ مون لکيو هو. لکڻ وقت منهنجو خيال هو ته شايد مري وئي آهي، پر اتفاق سان هوءَ جيئري هئي، مون جيڪي ڪجهه سندس باري ۾ لکيو. انهي تي ڏاڍي خوش ٿي ته مون سندس باري ۾ لکيو آهي. منهنجي مرڻ کانپوءِ جيڪڏهن ڪو منهنجي خلاف لکي ته ڀلي لکي، مون کي ڀلا ڪهڙو اعتراض آهي. آئون ته مرڻ کان پوءِ به ماڻهن جي خلاف لکي ڇڏيندو آهيان. جيڪڏهن ڪو برو ماڻهو مري وڃي ته انهيءَ جي مرڻ تي ماڻهن کي ڏک ٿيڻ نه کپي، انهيءَ جي خلاف ڪجهه لکيو وڃي ته ماڻهن کي ناراض ٿيڻ نه کپي، آئون به مري ويس ته ڇڙهيس نٿئي تان.

سوال: اوهان ڪڏهين ڪڏهين اهڙي راءِ ڏيئي ڇڏيندا آهيو جو ماڻهو ڪاوڙ جي پوندا آهن، جيئن اوهان رابندر ناٿ ٽئگور جي باري ۾ راءِ ڏيئي ڇڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چترويد شوا جي باري ۾ راءِ ڏيئي ڇڏي، لکي ڇڏيو. اوهان تي پوءِ ڪافي هنگامو ٿي پيو. اوهان جي اهڙن راين سان پوريون ڪميونسٽيون ناراض ٿي وينديون آهن.

جواب: آئون چا تو ڪري سگهان. اها تہ منهنجي ايماندارانہ راءِ آهي تہ گرو ديو ٽئگور شاعر ڀلي ڪيترو بہ وڏو هجي، پر ڪيس ناول ۽ ڪهاڻي لکڻ نہ ايندا هئا. اسان تہ اهو پئي ٻڌندا آياسين تہ ٽئگور عظيم ليکڪ آهي، پر مون تہ پڙهي ڇئي ڇڏيو تہ سندس نثر ۾ ڪهڙي عظمت آهي؟ ڪا بہ ناهي. اتي مون تي بنگالي چڙهي ويا. منهنجو ڪلڪتي ۾ گهيراءُ ڪيائون. چوڻ لڳا ”اسان ٽئگور جي پوڄا ڪندا آهيون، توکي ڪيئن همت ٿي آهي جو ٽئگور جي خلاف لکيئہ؟“ انهيءَ تي مون چيو مان تہ ”اوهان ٽئگور جي پوڄا ڪرڻ جي بدران ڪيس پڙهي ڏسو، پوءِ مون سان ڳالهائيو.“ ڪيترائي افسانہ نگار آهن، جن ٽئگور کان وڌيڪ سٺيون ڪهاڻيون لکيون. پريم چند، راجندر سنگهہ بيدي، منٽو، ڪرشنچندر، اهي سڀ ٽئگور کان وڌيڪ سٺا ڪهاڻيڪار آهن. باقي اوهان ڪنهن کي ديوتا بڻائي ڇڏيندئو تہ مٿس تنقيد نہ ٿئي، اها ڳالهہ تہ اجائي آهي. پنجابي ٻوليءَ ۾ بہ آهي اهڙو ماڻهو ڀائي وير سنگهہ. گهڻ شاعري لکي اٿس، پر تمام سٺي شاعري ڪئي اٿس. پر جيڪي ناول لکيا اٿس اهي ڪنهن ڪم جا ناهن. هاڻي جي اوهان چئي وجهو تہ وير سنگهہ سيڪنڊريٽ ليکڪ آهي تہ پنجابي تہ اوهان جو سر ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. سهپ جو تہ مادو ئي ناهي اسان ۾. پاڪستان ۾ بہ اوهان علامہ اقبال جي خلاف ڪجهہ بہ نٿا چئي سگهو. جيڪڏهن ڪا سيڪنڊريٽ شي لکي اٿس تہ چوڻو پوندو تہ سندس فلاڻو شعر سٺو ناهي. هڪڙي پاسي لکندو هو ”اٿو منهنجي غريبن جي دنيا کي جاڳائي وجهو ۽ انقلاب آڻيو.“ تہ ٻئي پاسي نوابن جون حاضريون ڀري سندن واکاڻ لکندو هو تہ جيئن ڪٿان گرانٽ ملي وڃي. مرزا غالب جو حال بہ اهو هو تہ هيڏو شاعر ٿي ڪري بہ پنهنجي پينشن جي حاصلات لاءِ ڪلڪتي تائين وڃي ڪمشنر جون حاضريون ڀريندو هو، نوابن اڳيان وڃي جهڪندو هو. اها تہ هڪ فطري ڳالهہ آهي. اهڙي قسم جو تضاد تہ هر سٺي ليکڪ ۾ هوندو آهي. ناولسٽ ۾، رائٽر ۾ ۽ شاعر ۾ اهڙا تضاد هوندا آهن. شخصي.

سوال: غالب پنهنجي پينشن وٺڻ لاءِ دربار ۾ ويندو هو. اوهان بہ تہ سنجيو گانڌي وٽ اسيمبلي جي سيٽ وٺڻ ويا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب: آئون پنهنجي ليکي وٽس هلي نه ويو هوس. هن پاڻ مون کي چيو هو ته ”تو اسان جي ڏاڍين مدد ڪئي هئي، جڏهن اسان تڪليفن ۾ هئاسين. هاڻي يا سفير ٿي يا اسيمبلي جي سيٽ وٺ.“ مون ميمبريءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني.

سوال: ماڻهو چون ٿا ته اسيمبلي جي سيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ توهان ايمرجنسي تائين سندس سپورٽ ڪئي.

جواب: آئون هينئر به ايمرجنسي کي سپورٽ ٿو ڪيان. مون انهيءَ لاءِ سپورٽ نه ڪئي هئي ته ڪو مون کي ميمبري هئي انهيءَ ڪري. مون ته عام طور تي ايمرجنسي کي سپورٽ ڪئي هئي ۽ آجيان ڪئي هئي، پر پوءِ جڏهن ايمرجنسي کي غلط استعمال ڪيو ويو ته آئون ايمرجنسي جي خلاف سرگرم ٿي ويس.

سوال: اندرا گانڌي سان اوهان جا تمام سٺا تعلقات هئا. هن اوهان کي راڄيه سڀا ۾ سيٽ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي صدر جي ڪوٽا مان. پر پوءِ اوهان جا هڪ ٻئي سان تعلقات خراب ٿي ويا. خاص ڪري سکن جي خلاف آپريشن ڪانپوءِ.

جواب: مون کي اندرا گانڌي نه پر سنجئه گانڌيءَ راڄيه سڀا ۾ موڪليو. انهن ڏينهن ۾ سنجئه وٽ سياسي طاقت هئي. مون کي اختلاف هو. مون کي خبر هئي ته آپريشن جا نتيجا خراب نڪرندا. انهن ڏينهن ۾ سيڻي وزير داخلا هو. مون پارليامينٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا وارننگ ڏني ته ائين نه ڪريو. اهو به چيائون ته اسان جي نيت فوج موڪلڻ جي ناهي. زبان سان ته چيائون پر هڪڙي ڪن مان ٻڌي ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏيائون. فوج موڪليائون. حد کان وڌيڪ سک ماريا ويا. آئون ته اهو گناهه ڪڏهن به ڪين معاف نه ڪندس.

سوال: اوهان جنهن نموني پدم پوشن جو اعزاز گورنمينٽ کي واپس ڪيو ته ڪيترائي لبرل ماڻهو اوهان تي ڪاوڙجي پيا هئا ته توهان بنياد پرست ٿي پيا آهيو. سک ازم لاءِ.

جواب: اهو ته منهنجي نقادن جو نظريو آهي. پر انهي وقت منهنجو خيال اهو ويٺو هو ته منهنجي ڪا ته سڃاڻپ به هجي.

سوال: توهان هڪڙي پاسي سنجئه گانڌي جي ڏاڍي واڪاڻ ڪندا آهيو. ٻئي پاسي سندس زال مونيڪا گانڌي لاءِ ٿا چئو ته اها هڪڙي عام عورت آهي. منجهس جان ناهي. ڪدڙين جهڙي عورت آهي.

جواب: ته اها ڪا ڳالهه لڪل ناهي. منهنجي انهيءَ ڳالهه جي ڪري مون تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاوڙيل آهي. هڪ ڀيري مون کنهن گجراتي اخبار کي انٽرويو ڏيندي اهڙيون ڳالهيون ڪري وڌيون، جيڪي ڪيس نہ وٺيون تہ مون کان ناراض ٿي ويئي. پاڻ ۽ ماٺس مون تي گوڏا ڏيئي چڙهي ويون، مون تي تہ جيڪا وٺ ڪيائين، انهي جو تفصيل ٻڌائي نٿو سگهان. اها اسان جي وچ جي ڳالهہ آهي.

سوال: نيلم مهاجن سنگهہ (ڀارت جي مشهور جرنلسٽ) اوهان تي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو هو تہ اوهان عورت ذات جي بي عزتي ڇا ڪريو؟

جواب: مونکي خبر ناهي تہ اها مائي ڪيتري لکيل پڙهيل آهي، مون تي ڪيس ڪيو هئائين، ڪورٽ ڊسمس ڪري ڇڏيو. ڪيس اصل ۾ سندس مرضي هئي آئون سندس باري ۾ پنهنجن ڪالمن ۾ لکان. مون کي پنهنجي مختصر سوانح عمري ۽ تصويرون بہ ڏيئي ويئي هئي، مون ڪيس تمام نرم لهجي ۾ خط ۾ لکيو ۽ تصويرون بہ واپس ڪيون مانس تہ مونکي معافي ڏي. آئون توتي لکي نٿو سگهان. پوءِ بدلو وٺڻ لاءِ مون تي ڪيس ڪيائين. بہ ڀيرا مَنهنجي گهر اچي چڪي آهي، ماني کائي ويئي آهي. قسم ڏيئي پڇوس تہ مون سان ملڻ نہ آئي هئي؟ وڌيڪ پلا ڇا ٿو چئي سگهان.

سوال: اهي عورتون اوهان کان سرٽيفڪيٽ وٺڻ چو ٿيون چاهين تہ سندن باري ۾ لکو ۽ سندن واکاڻ ڪريو؟

جواب: اهو تہ اوهان ٻڌايو. جيڪي منهنجا ڪالم پڙهندا آهن، اهي ٻڌائين تہ آخر اهي عورتون چو ٿيون چاهين تہ آئون ئي سندن تعريف ڪريان.

سوال: هن عمر ۾ اوهان جوان لڳا پيا آهيو، ڪارڻ ڇا آهي؟

جواب: پنهنجي صحت جو خيال رکندو آهيان. کاڌي جو خيال رکندو آهيان تہ گهڻ کاوان. پنجابي کاڌي جي ويجهو ئي نہ ويندو آهيان، چو تہ اهي جيڪي اڦراٽا آهن، چانيي جو ساڳ آهي، مکڻ ۽ ڏونئرو آهي، اهو کاڌو تہ ماٺهوءَ کي ڪم کان وڃائيو ڇڏي. دماغ ۾ بہ بهہ پرجي ويندو آهي. مون کي ديسي کاڌو کائڻو هوندو آهي تہ ڏکڻ ڀارت جو کاڌو کائيندو آهيان، جيڪو هلڪو بہ ٿيندو آهي ۽ سوادي بہ آهي. باقي گهر ۾ تہ يورپي کاڌو کائيندو آهيان، جيڪو هلڪو هوندو آهي.

سوال: يورپين کاڌو يا خوبصورت ڇوڪرين جي ڪمپني؟

جواب: نہ. ڇوڪرين جي ڪمپني ڪاڏي تائين تہ رهندي ئي ناهي، 8 وڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ آئون ڪنهن کي گهر ۾ ويهڻ ئي نه ڏيندو آهيان.

سوال: ڇيو ويندو آهي ته اوهان ٿرڙا آهيو. اوهان ڪنهن پارٽي يا ٻي ڪنهن محفل ۾ ويندا آهيو ته اتي جيڪڏهن ڪو چيف گيسٽ يا ڪو وي آءِ پي يا ڪو وزير ٿوري به دير ڪندو آهي ته اوهان اٿي هليا ويندا آهيو.

جواب: ٿرڙو ته آهيان، مون ۾ ٿرڙپائي آهي، پر وقت جي پابندي کي ڪو ٿرڙ پائي ٿو چوي ته اها ڳالهه غلط آهي. مون کي جيڪڏهن ڪو پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏيندو آهي ته آئون هڪ منٽ به ليٽ نه ڪندو آهيان. منهنجي گهر ڪو اچڻو هوندو آهي ته صاف صاف ٻڌائي ڇڏيندو آهيانس ته ليٽ ڪرڻي ناهي. جيڪڏهن ڪو ليٽ ڪندو آهي ته آئون ڏکيو پئجي ويندو آهيان ۽ وقت تي پاڻ ڪيس اٿاري ڇڏيندو آهيان، نه ته منهنجي زال ڪيس اٿاري ڇڏيندي آهي ته هاڻي وقت پورو ٿيو ۽ گهر مان اٿو.

سوال: اوهان جي ايترين سارين عورتن سان چاڻ سڃاڻ رهي آهي، ملاقاتون ٿينديون رهيون آهن، ڪنهن سان محبت جو سلسلو به هليو؟

جواب: جنهن سان محبت ٿيندي آهي، انهي جي باري ۾ دنيا کي ٻڌائڻ خراب ڳالهه آهي. باقي ايترو ٻڌائي سگهان ٿو ته ها! محبت ٿي.

سوال: ڪيترين سان هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج؟

جواب: محبتن جي ڳڻپ نه رکندو آهيان.

سوال: مطلب ته محبتون گهڻيون آهن؟

جواب: ها! گهڻيئي آهن.

سوال: اڃا محبت جو ڪو سلسلو جاري آهي؟

جواب: جي جاري آهي. جيستائين دل جي دنيا آباد آهي، هتي ۾ ئي نه سهي، اکين ۾ جنبش آهي.

سوال: توهان جي انهي ڳالهه سان پوڙهن کي حوصلو ملندو.

جواب: ها! ڏسجي.

سوال: جيڪڏهن اوهان ٻيهر جوان ٿي وڃو ته اوهان جي سڀ کان وڏي خواهش ڪهڙي هوندي؟

جواب: خواهش ته اها آهي ته جواني ۾ اسان بزدل هئاسين. جيڪي مليون، انهن کي چوڻ جي همت نه ٿي. هاڻي حوصلو پيدا ٿيو آهي ته ٻيهر جوان ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پياسين تہ دل جي ڳالھ زبان تي آڻي ڇڏيندا سين.

سوال: سيني کان وڌيڪ خوبصورت عورت اوهان کي ڪهڙي لڳي؟

جواب: اهو ڪو سوال خاص سوال ناهي. اها مونکي خبر پئجي نہ سگهندي آهي تہ ڪهڙي وڌيڪ سهڻي آهي، ڪهڙي گهٽ. ڇاڪاڻ تہ سونهن جو مدار صرف شڪل تي نہ هوندو آهي، سونهن جو مدار شخصيت تي هوندو آهي، شخصيت ۾ موجود سڀ شيون ملي ڪري عورت کي خوبصورت بڻائينديون آهن.

سوال: جيئن پنهنجو حسن صاحب (پارت جو مشهور مصور) آهي، اهو اڄڪلھ ماڌوري ڊڪشت جي پويان چريو آهي. سندس الاهي ساريون پئننگس ٺاهيندو پيو وڃي. ائين ئي لکڻ واري جي دماغ ۾ بہ ڪا اهڙي عورت هوندي، جنهن جي ڪري لٽريچر لکيو ويندو آهي. اوهانجي دماغ ۾ ڪا اهڙي عورت آهي، جيڪا چوويهہ ڪلاڪ دماغ ۾ وسندي هجي؟

جواب: منهنجي زندگيءَ ۾ ڪا بہ ماڌوري ڊڪشت ناهي، اڃان تائين تہ ناهي.

سوال: اڳتي هلي ڪري اچي سگهي ٿي؟

جواب: دعا ڪر.

(1997ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ليري ڪولنس

# نوابن ۽ راجائن جا شوق شڪار

پڻڪي وارو نوڪر پير پير ۾ ڏيندو خاموشيءَ سان پنهنجي شاهي قد بت واري مالڪ ڏانهن وڌڻ لڳو. نوڪر جا پير اگهاڙا هئا ۽ هو فرش تي وڇايل چيتن، واگهن ۽ شينهن جي وڇايل کلن تان هلندو مالڪ وٽ پهتو. سڄو فرش کلن سان والاريل هو. نوڪر جي هٿ ۾ چانديءَ جي ٽري هئي، جيڪا 1921ع ۾ پرنس آف ويلس جي مان ۾ ڏنل دعوت لاءِ خاص آرڊر تي لنڊن مان گهرائي وئي هئي. ٽري تي چانهه جو شاندار سيٽ رکيل هو. جنهن مان دنيا جي بهترين چانهه جي خوشبو اٿلون ڪائي رهي هئي. چانهه سان گڏ فورٽنم ۽ ميسن ڪمپنيءَ جا بسڪوٽ رکيل هئا. اهي بسڪوٽ هر هڪ هفتي ڪانپورءِ لنڊن مان هوائي جهاز ذريعي گهرايا ويندا هئا. مالڪ جي شاهي بيڊروم جي ڀتين ۾ جانورن جون سڪل کلون ۽ چانديءَ جو ٽرافيون ٽنگيل هيون. کلون چيٽڙ مالڪ جي رائفل مان نڪتل گولين جي نشاني هيون ته ٽرافيون وري سندس پولو راند واري نيٽ ۽ ڪرڪيٽ راند واري بيٽ جون نشانيون هيون. لڳو پئي ته همراهه هٿن جو ڦڙت هو. نوڪر ٽري وڃي مالڪ جي پلنگ سان لڳل ميز تي رکي ۽ جهڪي سلام ڪيائين. ريشم جي پٽين سان ٻڌل مالڪ جي پئنور ڪاري ڏاڙهيءَ مان لڳو ٿي ته همراهه سک آهي.

”حضور چانهه حاضر آهي.“ نوڪر نرم آواز ۾ پٽڪو ڪندي چيو.

ڇهه فوٽ چار انچ ڊگهو ٻلا مڙس آرس ڀڃي پلنگ تان اٿيو ته ٻيو نوڪر ڪنهن لڪل ڪنڊ مان نڪري نروار ٿيو ۽ مالڪ جي شينهن کلهن مٿان ريشم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي چادر وڌائين. چادر پوڻ سان مالڪ اکين مان نند ڪڍي ٻئي ڏينهن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. اهو مالڪ پٽيالا رياست جو اٺون مهاراجا هزهائينس ياديوندرا سنگهه هو.

ياديوندرا سنگهه هڪ اهڙي جماعت جو سربراهه هو. جيڪا جماعت دنيا جي اهم ترين جماعتن مان هڪ هئي ۽ سندس سربراهي جو ڪو به مٽ نه هو. هو هندستاني شاهزادن جي چيمبر جو چانسلر هو. هيروشيما جي ڌوڙ ٿي وڃڻ کان پوءِ جڏهن ٻي عظيم جنگ ختم ٿي ۽ سڄي دنيا جي نقشي جا بنياد پٽجي ويا هئا. انهيءَ کان ٻه سال پوءِ به 565 مهاراجائن، نوابن، راجائن ۽ حاڪمن تي ٻڌل اها جماعت دائم قائم هئي. هندستان جي زمين جو ٽيون حصو ۽ ماڻهن جي آباديءَ جو چوٿون حصو انهن پيڙهيائتن حاڪمن جي هٿ ترين هيٺان هو. سندس هر قسم جي مالڪي هلندي هئي. برطانوي دور حڪومت دوران ٻه هندستان هئا. هڪڙو هندستان صوبن ۾ ورهايل هو. جن تي انگريز دهليءَ ۾ ويهي حڪمراني ڪندا هئا ۽ ٻيو هندستان اهو هو جن تي انهن 565 رياستي حاڪمن جو راڄ هلندو هو.

رياستي شاهزادن جي چڙوچڙ هٿڻ جي ڪري جڏهن انگريزن هندستان کي فتح ڪيو. انهيءَ وقت جن شاهزادن فاتح انگريز کي ٻڪ وجهي آءُ ڀڳت ڪئي ۽ انگريزن جي جنگين ۾ مدد ڪئي، انهن کي انهيءَ شرط سان تخت تي وهڻ جي اجازت ڏني ته هو انگريزن جي ٻياني پريندا. انگريز هر رياستي حاڪم سان ڌار ڌار معاهدا ڪيا. جن ۾ ٻه ڳالهيون مشترڪ هيون. هڪ ته دهليءَ ۾ ويٺل وائسراءِ کي سڄي هندستان جو حاڪم سمجهيو ويندو ۽ ٻيو ته دفاع ۽ خارجه جا کاتا دهلي وٽ رهندا. موٽ ۾ انگريزن انهن حاڪمن کي کلي چوٽ ڏني ته هو پنهنجي رياست ۾ جيڪي ڪجهه ڪندا، انهيءَ لاءِ ازاد هوندا. هڪڙي پاسي حيدرآباد دکن جي نظام ۽ ڪشمير جي مهاراجا جون رياستون ته آبادي جي لحاظ کان اولهه يورپ جي ڪنهن به ملڪ جي برابر هيون ته ٻئي پاسي ڪاٺياواڙ جي رياست جي آبادي صرف نيويارڪ شهر جي سينٽرل پارڪ جي برابر هئي. انهن شاهزادن مان ڪي ته دنيا جا امير ترين شاهزادا هئا ته ڪي وري ايترا غريب هئا جن وٽ رڳو ڍڳين جا ڌڻ هئا. چار سئو رياستون ته ويهه چورس ميلن کان به گهٽ هيون. انهن ننڍين رياستن ۾ ڪي اهڙيون به رياستون نهيون، جن جو انتظام انگريزن جي انتظام کان بهتر هو ۽ اتان جا ماڻهو وڌيڪ سکيا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي رياستون وري اهڙيون هيون جتي جي رعايا جي چوڙي لتل هئي.

هندستان جي سيني رياستن جي سراسري ﮨﮈبي تہ في شاهزادي وٽ 11 سندون، 8. 5 زالون، 6. 2 ٻار، 8. 2 خانگي ريل جا گاڏا، 4. 3 رولس رائيس ڪارون مالڪيءَ ۾ هيون ۽ في شاهزادي 9. 22 چيتا شڪار ڪيا هئا.

اها صورتحال 1947ع ۾ ڏاڍي منجهي پئي ۽ مسئلا پيدا ڪري وڌائين.

گانڌي، نهرو ۽ ڪانگريس وٽ تہ سڌو سڌو جواب هو تہ اهي رياستون ختم ڪري آزاد ڀارت ۾ ڳاري ڇڏبيون. ڪانگريس وارن جي انهيءَ رويي ڪي ڏسي رياستي حاڪمن ياديوندرا سنگهہ کي پنهنجو چڱو مڙس بڻايو هو. سنڌس رياست پٽيالہ پنجاب جي دل هئي ۽ سڄي ڀارت ۾ وڏ ۾ وڏ امير رياست هئي. نہ رڳو اهو پر انهيءَ سک مهاراجا وٽ سينچورين ٽئنڪن سان هٿياربند پوري انفينٽري ڊويزن بہ موجود هئي.

هندستان جي شاهزادن جي چيمبر جو چانسلر مهاراجا هزهائينس ياديوندرا سنگهہ جنهن وقت نوڪر جي آنڌل چانهن مان سرڪيون ڀري رهيو هو. انهيءَ وقت سنڌس ذهن تي وڏو ٻار چانيل هو ۽ ذهني مونجهارو ڪيس جهليو بيٺو هو. ڪيس پڪ هئي تہ جيڪا ڪچٽي ڪانگريس پئي پچائي، انهيءَ ڪان هندستان جو وائسراءِ اڻ واقف هو. ڪيس اها بہ خبر هئي تہ سنڌس پنجاب واري رياست کان ڇهہ هزار ڀري لنڊن ۾ جيڪي ڪجهہ وهي واپري رهيو هو. انهيءَ حساب سان مهاراجا پاڻ ۽ سنڌس ساٿين لاءِ نهرو ۽ سنڌس ڪانگريسي سوشلسٽ ساٿين هٿان مستقبل ۾ ڪا چڱائي نصيب ٿيڻي نہ آهي.

لنڊن ۾ ويهي جيڪو شخص رياستي حڪمرانن جي ڏر ٻڌجي لفظن جي جنگ وڙهي رهيو هو، اهو ڪو خود مهاراجا نہ هو، پر انگريز هو. اهو انگريز هندستان جي وائسراءِ جي چاهڻ ۽ اجازت کانسواءِ لنڊن ۾ موجود هو. انهيءَ انگريز جو نالو سرڪونراڊ ڪالرفيلڊ هو، جيڪو هڪ عيسائي مبلغ جو پٽ هو. ڪيس ڀارت جي حڪومت هلائيندڙ انگريزن جي سگهہ توڙي انگريزن جي ڪمزوريءَ جي پلڻ پت چاڻ هئي. ڪارفيلڊ پنهنجي نوڪريءَ جو گهڻو حصو هندستان جي رياستن ۾ گذاريو هو. انهيءَ ڪري هندستان جي رياستي حڪمرانن لاءِ سنڌس دل ۾ عزت هئي. سنڌس پڪي پختي راءِ هئي تہ هندستان جي ٻلائي انهيءَ ۾ آهي، جنهن ۾ هندستان جي شهزادن جي ڀلائي اهي. هن پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌي نهرو ۽ ڪانگريس جي اڳيان ريوڙي ٿي مخالفت ڪئي، جيتري ڪانگريس وارا پاڻ رياستي حڪمرانن جي مخالفت ڪري رهيا هئا.

انهيءَ وقت يعني مئي 1947ع ۾ ڪار فيلڊ هندستان جي وائسراءِ جو سياسي معاملن جو سيڪريٽري به هو. وٽس وائسراءِ جي ڊپٽي وارا اختيارات هئا. هو پنهنجي اختيارن جي زور تي شاهزادن جي شهنشاهه برطانيا وٽ وڪالت ڪري رهيو هو.

هندستان جو وائسراءِ سرمائونٽ بيٽن دهلي موٽڻ تائين ذهني طور تي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي جهيڙي ۾ ڦاٿل هو. تنهن ڪري ڪيس ايترو وقت ئي نه مليو جو هو رياستي شاهزادن طرفان سندس ڊپٽيءَ ڪار فيلڊ جي جوٽيل جنگ تي ڌيان ڏيئي سگهي. پر انهيءَ هوندي به ڪار فيلڊ سندرو ٻڌيو ويٺو هو. ڪيس پڪ هئي ته سندس باس مائونٽ بيٽن پنهنجي يار نهروءَ جو پاسو نه ڇڏيندو. انهيءَ ڪري ڪار فيلڊ لنڊن وڃي ديرو ڄمائي ويٺو هو ته جيئن هو شاهزادن لاءِ ڪي رعايتون وٺي سگهي. ڪار فيلڊ لنڊن ۾ اهوئي ڪمرو وڃي وسايو هو. جيڪو خاص طور تي هندستان جي رياستي حاڪمن جي استعمال لاءِ هو. لنڊن ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا جي اڀ ڪندي آفيس ڪي جان مورلي جي زماني کان وٺي ”سونُو پڃرو“ ڪري چيو ويندو هو. جنهن جڳهه تي سيڪريٽري ويهندو هو. انهيءَ جي سامهون هڪ جهڙا به وڏا دروازا انهيءَ ڪري ٺهرايا ويا هئا ته جيڪڏهن هڪ جهڙي حيثيت جا ٻه مهاراجا هڪ ئي وقت اچي نڪرن ته ڌار ڌار دروازن مان اندر داخل ٿين. ائين نه ٿئي جو هڪڙو مهاراجا اڳيان هجي ۽ ٻيو پويان هجي ۽ پويان رهجي ويل مهاراجا پنهنجي بي عزتي محسوس ڪري.

جنهن وقت ڪارفيلڊ شاهزادن طرفان ڪيس وڙهي رهيو هو. انهيءَ وقت انهيءَ آفيس ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ وڏي ٺٺ ٺانگر ۽ رعب داب سان ڪرسيءَ تي وهندو هو. سندس اڳيان ڪار فيلڊ اهو مؤقف اختيار ڪيو ته برطانيه جي تاج اڳيان صرف ۽ صرف شاهزادن ئي آڻ مڃي آهي. تنهن ڪري هاڻي جڏهن هندستان کي آزاد ڪيو پيو وڃي ته انهن شاهزادن کي اڳيان ساڳيا اختيارات ملڻ کپن. انهيءَ کان پوءِ سندس مرضي آهي ته ڀارت ۾ شامل ٿين يا پاڪستان ۾ جيڪڏهن شاهزادن کي اهي اختيارات ۽ آزادي نه ڏني وئي ته اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو ويندو تہ برطانيا سرڪار رياستن سان دغا ڪئي آهي.

جيڪڏهن قانوني بنيادن تي ڏٺو وڃي تہ ڪار فيلڊ جيڪي دليل ڏنا، سي صحيح هئا. پر جيڪڏهن انهن دليلن ۽ قانوني بنيادن جي نتيجي ۾ رياستون عملي طرح تي شاهزادن جي حوالي ڪيون وڃن ها تہ ڪر انهن جا ڀيانڪ نيجا نڪرن ها. سيڪريٽري آف اسٽيٽ جيڪڏهن ڪار فيلڊ جي چٺي تي عمل ڪري ها ۽ آزاد ڀارت کي بالڪن رياستن وانگر ورهائي ڇڏي ها تہ معاملو شملا ۾ ويٺل نهروءَ جي سمجهہ کان بہ ٻاهر نڪري وڃي ها.

معروف ليکڪ رڊيار ڪپلنگ جون محسوسات اهي آهن تہ پروردگار مهاراجائون رڳو انهي ڪري تخليق ڪيا هئا تہ اهي ماڻهن کي شاندار محل، چيتا، هاٿي ۽ هيرا جواهر ڏيکارين. اهي مهاراجائون سگهارا هجن يا نئڙت وارا، امير هجن يا غريب، پر سندن نسل هر صورت ۾ اعليٰ آهي. اعليٰ نسل جي انهن ماڻهن جي باري ۾ هندستان ۾ جيڪي وڏيون وڏيون ڏند ڪٿائون مشهور هيون، اهي ماٿهو هاٿي تباهيءَ جي چانئٺ تائين پهچي چڪا هئا. سندن چڱائين ۽ بڇڙائين، شان شوڪت، لٽ مار، مورڪ پٽي ۽ سوداءَ هڪڙو تہ لوڪ گيتن کي جنم ڏنو، ٻيو تہ دنيا کي وچ وڇان قسم جي خوابن ۾ ويڙهي ڇڏيو هو. سندن باري ۾ گهڙيل ڪيتريون ئي ڏند ڪٿائون دولت جي شاندار جادوئي غاليچي ذريعي بنا روڪ ٽوڪ جي ترنديون سندن ملڪ جون سرحدون ٽپي ويون هيون، پر هاٿي سندن انت اچٹو هو ۽ لگو ايئن پئي تہ جنهن ڏينهن بہ اهي مهاراجائون ختم ٿيا، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ دنيا خالي خالي رهجي ويندي.

سندن باري ۾ جيڪي حڪايتون سامهون آيون آهن، اهي دلچسپيءَ کان خالي ناهن.

چيو وڃي ٿو تہ بڙودا جو مهاراجا باقاعدي قيمتي پٿرن جي پوڄا ڪندو هو. سندس تاج سون سان مڙهيل هو. سڄي رياست ۾ سونارن جو صرف هڪ ئي خاندان هوندو هو، جنهن کي سون مڙهڻ جي اجازت مليل هئي. انهيءَ خاندان جي سيني فردن جا ننهن ڇڏيل هوندا هئا. جيڪي غير معمولي طور تي ڊگها هوندا هئا ۽ هو انهن ننهن ذريعي سون جي اٽت ڪندا هئا تہ جيئن اٽت ۾ ڪنهن بہ قسم جي خامي نہ رهي. سندس گڏ ڪيل تاريخي هيرن جواهرن ۾ "ڏکڻ جو تارو" نالي دنيا جو ستون نمبر وڏو هيرو بہ شامل هو. اهو هيرو نيپولين ٽئين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوکڙيءَ طور شهزادي بوجين کي ڏنو هو. سندس ذخيري ۾ قيمتي سوکڙي هڪ وڏو رانديڪو هو، جنهن ۾ ڪيترائي موتي، لعل، ماڻڪ ۽ زمرد پُوئي انهن مٿان قلڪاري ڪئي وئي هئي.

مهاراجا پرت پور وٽ ته ملڪيت جو ٽهائين وڌيڪ ذخيرو موجود هو. وٽس عاج جو هڪ وڏو فني شاهڪار موجود هو. جنهن کي ٺاهڻ ۾ سالن جا سال لڳا هئا.

دنيا جو وڏي ۾ وڏو پکراج ڪپور ٿلا جي سک مهاراجا جي پڳ ۾ لڳل هو، جيڪو ڪنوڻ وانگر پيو ڏچندو هو. سندس پيش دامن ۾ ٽي هزار هيرا موتي مڙهيل هوندا هئا، جيڪي نگاهن کي بيهڻ ئي نه ڏيندا هئا.

جئپور جي مهاراجا جو تمام وڏو خزانو راجستان جي جابلو علائقن ۾ پوريل هو. جتي اهو خزانو پوريل هو اتي ڪيترن ئي پيڙهين کان وٺي راجپوتن جي هڪ ويڙهاڪ قبيلي جو پهرو رهندو هو. هر مهاراجا کي سڄي حياتي ۾ صرف ۽ صرف هڪڙو ڀيرو اهو خزانو ڏسڻ ۽ انهيءَ مان قيمتي پٿر ڪڍڻ جي اجازت هوندي هُئي ۽ اهي قيمتي پٿر سڄي حياتي هر مهاراجا کي ڪم ايندا هئا. انهيءَ پوريل خزاني مان جيڪي شيون ٻاهر نڪتيون، انهن ۾ هڪڙو هار به هو، جيڪو لعلن ۽ ماڻڪن جي ٽن لڙهين ۾ پُويل هو ۽ هڪڙو هڪڙو لعل ماڻڪ بدڪ جي آني جيترو هو. انهيءَ کان سواءِ ٽي وڏا زمرد پڻ هئا. جن مان هر هڪ جي تور 90 قراط هئي.

پٽيالا جي سک مهاراجا وٽ تمام وڏو خزانو هو. وٽس موتين جو هڪ اهڙو هار به هو، جيڪو لنڊن جي للوائيڊ ڪمپنيءَ وٽ ڏهه لک ڊالرن ۾ انشوئر ٿيل هو. انهيءَ هار جو سينا بند نيري ۽ اڇي رنگ جي 1001 هيرن سان مڙهيل هو. 20 صديءَ جي آمد کان اڳ پٽيالاجي انهيءَ مهاراجائن ۾ اهو رواج هوندو هو ته سال ۾ هڪڙو ڀيرو مهاراجا اگهاڙو ٿي اگهاڙو رعايا اڳيان اچي بيهندو هو، ڪيس صرف اهو هار پيل هوندو هو. ٻين لفظن ۾ مهاراجا شولنگ جي ديوتا شودار وارو ڏيکاءُ ڏيندو هو. مهاراجا جيئن جيئن رعايا منجهان اگهاڙو ٿي لنگهندو ويندو هو ته رعايا رڙيون ڪري ڪيس داد ڏيندي هئي. اهو سمجهيو ويندو هو ته مهاراجا جي انهيءَ ديدار سان شيطاني قوتون پڇي وينديون.

ميسور جي پهرئين مهاراجا کي ڪنهن چيني حڪيم صلاح ڏني ته پرميل جي بيماريءَ جو دنيا ۾ هڪ ئي هڪ ٺڪ علاج آهي ته هيرن کي پيهي، انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اٿي مان سُتي ٿاهجي. بدقسمتي اها هئي جو مهاراجا وٽ جيڪو به هيرن جو ذخيرو هو، اهو رياست جي جانداهن هيٺان اچي چٽٺي ٿي ويو. جن ناچو ڇورين کي اها سُتي پياري ويندي هئي انهن کي رياست جي هاٿين تي سوار ڪري سڄي رياست ۾ گهمايو ويندو هو. مهاراجا جي خزاني ۾ جيڪي هيرا ۽ ماڻڪ زنده سلامت بچيا هئا، انهن جا هار پوئي هاٿين جي سونڊن ۾ ٽوپيا ويندا هئا.

بڙودا جو مهاراجا جنهن هاٿيءَ تي سواري ڪندو هو، اهو هاٿي سؤ سالن جي هڪ وڏي بلا هو. اهو هاٿي پنهنجن ڏندن سان وڏن وڏن ملاڪڙن ۾ ويهارو هاٿين کي چيري ڦاڙي ماري چڪو هو. ڪيس ڪَجائن کان وٺي اوڊٿين تائين سون سان سينگاريو ويندو هو. ڪجائن ۾ ويهن هنڌن تي ڏهه ڏهه سونيون لڙيون پوئيل هونديون هيون ۽ هر لڙيءَ جي قيمت سٺ هزار ڊالر هوندي هئي.

ڪهاڻيون به چون ٿيون ۽ حقيقتون به ٻڌائين ٿيون ته ڀارت جي شاهزادن جي پيڙهين کان وٺي خاص سواري هاٿي هوندا هئا. هندو ڏند ڪٿائن موجب هاٿي رام جي هٿن مان جنم ورتو. انهيءَ ڪري هاٿي اهڙا ٿنيا آهن، جيڪي آسمان ۽ بادلن کان ٽيڪ ڏيو بيٺا آهن. ميسور جو مهاراجا سال ۾ هڪ ڀيرو ڪنهن وڏي هاٿيءَ جي سامهون ويهي هٿ ٻڌي ڪنڌ جهڪائي سجدو ڪندو هو ته جيئن قدرتي قوتون مٿس مهربان رهن. شهزادي جي حيثيت جو اندازو انهيءَ مان لڳايو ويندو هو ته وٽس ڪيڏيءَ عمر جا ۽ ڪيڏي قد بت جا ڪيترا هاٿي نمائش لاءِ آندا ويا. ايترا ۽ اهڙا هاٿي نه اڳ ڪنهن ڏٺا هوندا نه ڪي پوءِ ڏسندا. گهٽ ۾ گهٽ هزار هاٿين جو جلوس نڪرندو هو. انهن هاٿين مٿان گلن سان پوئيل چادرون وڇايل هونديون هيون. انهي جلوس جي اڳواٽي سيني هاٿين کان ڳرو ۽ سگهارو هاٿي ڪندو هو، جنهن مٿان تخت تي مهاراجا ويٺل هوندو هو. انهيءَ هاٿيءَ جي هيٺين ڪمبيءَ کان وٺي مٿي چٽيءَ تائين سڀ سنج سونا هوندا هئا، جنهن مان مهاراجا جي طاقت جو اندازو ٿيندو هو. انهيءَ هاٿيءَ جي پويان ٻه هاٿي هلندا هئا اهي به سڄا سون سان سنجيل هوندا هئا، پر مٿانئن ڪو به سوار ويٺل نه هوندو هو. هزار هاٿين جو قافلو جيئن ئي عوام اڳيان ظاهر ٿيندو هو ته خاموشيءَ ڇانئجي ويندي هئي. اصل ۾ مهاراجا جي هاٿي جي پويان جيڪي ٻه هاٿي بنا سوارن جي هوندا هئا، انهن لاءِ اها ڳالهه مشهور هوندي هئي ته خالي ڪجائن تي مهاراجائن جي وڏن جا روح سوار آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بڙودا جا شهزادا وري هاٿين جي ملاکڙي جا شوقين هوندا هئا. اهي ملاکڙا ڏسي ماڻهن جون دليون دهڪي ويندون هيون. ٻه شاهوڙ هاٿي پير وڇائي ريهون ڪندا هڪ ٻئي مٿان اچي ڪڙڪندا هئا ته ڄڻ زمين لڏي ويندي هئي. اهي ايستائين جبلن وانگر هڪ ٻئي مٿان ڪڙڪندا رهندا هئا، جيستائين هڪڙو هاٿي مري نه وڃي.

اوڀر هندستان جي رياست ڏين ڪئنال جو راجا به هاٿين جي ملاکڙي جو شاهه شوقين هو ۽ هر سال هزارين مهمان گهرائي، انهن جي سامهون ملاکڙو ڪرائيندو هو. انهيءَ ملاکڙي جو نٽ ٿانگر ته وڏو هوندو هو، پر اهو ملاکڙو ايترو خونريز نه هوندو هو، جيترو بڙودا جو مهاراجا ڪرائيندو هو.

اٺويهين ۽ ويهين صدي جي موڙ ۾ گواليار جي مهاراجا فيصلو ڪيو ته سندس محل کي سينگارڻ لاءِ ڇت ۾ ٻتين جون اهڙيون جهالرون لڳائجن، جيڪي بڪنگهم پيلس جي جهالرن کان به وڏو ۽ سهڻو ڏيکاءُ ڏين. اهي جهالرون ٺهرائڻ لاءِ هن جڏهن وينس شهر جي ڪاريگرن کي آرڊر ڏنو ته ڪاريگرن مهاراجا کي چتاءُ ڏنو ته سندس محلات جي ڇت انهن جهالرن جو بار سهي نه سگهندي. جواب ۾ ڇت جي سگهه ڪٿڻ لاءِ هن پنهنجو ڳري ۾ ڳرو هاٿي خاص طور تي ٺهرايل ڪرين ذريعي ڇت تي چاڙهيو. جانور جي بار هيٺان اچي ڇت ڪا نه ڪري. انهيءَ ڪري مهاراجا اعلان ڪيو ته چاٿايل جهالرون ڇت ۾ ٽنگيون وڃن، ڇت ڪا نه ڪرندي ۽ ٿيو به ايئن.

جڏهن ملڪ ۾ موٽر ڪار آئي ته شاهزادن موٽر ڪار کي سواريءَ جي بدران نٽ ٿانگر لاءِ استعمال ڪيو. سواري جو ذريعو هاٿي ئي رکياٿون. هندستان ۾ پهرين موٽر ڪار 1892ع ۾ آئي. اها موٽر ڪار فرانس جي ڪمپنيءَ ڊي ڊيون باٿوٽن خاص طور تي پٽيالا جي مهاراجا لاءِ ٺهرائي موڪلي هئي. مهاراجا پنهنجو ۽ ڪيس مليل موٽر ڪار جو مان مٿانهون رکڻ لاءِ ڪار جي نمبر پليٽ تي 0: جو انگ هڻرايو.

حيدرآباد جو نظام سخت قسم جو ڪنجوس ماڻهو هو. انهيءَ ڪري هن ڪار حاصل ڪرڻ جو هڪ خاص طريقو اختيار ڪيو. ڪيس جڏهن به خبر پوندي هئي ته حيدرآباد دکن جي شهر جو ڪو امير ماڻهو موٽر ڪار وٺي آيو آهي ته هو سڏو اتي پهچندو هو ۽ ڪار جي واکاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ مالڪ کي ڪن ڪٽائيندو هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جيڪڏهن اها ڪار ڪيس سوڪڙيءَ طور ڏني وڃي تہ ڪيس تمام گهڻي خوشي ٿيندي. اهڙيءَ طرح 1947ع تائين پهچندي پهچندي سندس گئريجن ۾ سوين موٽر ڪارون گڏ ٿي ويون. اهي موٽر ڪارون گئريج ۾ ئي بيٺيون رهيون ۽ ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪيون ويون.

هندستان جي شاهزادن جي خاص پسند رولس رائيس موٽر ڪار هئي. هنن انهيءَ ڪمپنيءَ جون ڪيتري ئي قسم جون گاڏيون گهرايون. جن ۾ ليمونزين، ڪوپيزاسٽيشن ويگن ۽ ٽرڪون پڻ اچي وڃن ٿيون. پٽيالا جي مهاراجا وٽ جيڪا پهرين پهرين موٽر ڪار ڊابون آئي هئي، اها ننڍڙي هئي. انهي کان پوءِ هن هڪ ٻئي پويان 27 رولس رائيس گاڏيون خريد ڪيون. جن ۾ ويچاري ڊابون الائي ڪٿي لڪي وئي.

هندستان ۾ سڀ ۾ سٺي ۽ شاندار رولس رائيس پرت پور جي مهاراجا وٽ هئي، جنهن جي پرزن ۾ چانديءَ جو استعمال ٿيل هو. ماڻهن ۾ اهو افواه پکڙجي ويو تہ پرت پور جي مهاراجا جي گاڏيءَ ۾ ويهڻ کان پوءِ اندران ئي اندران ڪي اهڙيون لهرون اٿن ٿيون، جيڪو شهوت وڌائين ٿيون. انهيءَ ڪري سندس جيڪو بہ دوست شاهزادو شادي ڪندو هو تہ اها موٽر ڪار ڪجهہ ڏينهن لاءِ مهاراجا کان اڌاري وٺي ويندو هو. پرت پور جي مهاراجا خاص آرڊر تي رولس رائيس وارن کان شڪار ۾ ڪتب ايندڙ موٽر ڪار بہ ٺهرائي. سن 1921ع ۾ هڪڙي ڏينهن مهاراجا پاڻ سان گڏ پرنس آف ويلس ۽ سندس اي ڊي سي لارڊ لوئس مائونٽ بٽن کي انهي گاڏي تي شڪار ڪرايو. انهي موٽر ڪار ۾ چڙهي شڪار ڪرڻ کان پوءِ هندستان جو مستقبل ۾ مقرر ٿيندڙ اهو وائسراءِ پنهنجي ڊائري ۾ لکي ٿو، "ڪليل ميدان ۽ جهنگ ۾ ڪار ڪڏن ڪوهن ۽ ڪنڊن مٿان ائين ڊوڙي رهي هئي. جيئن ٻيڙو سمنڊ مٿان ترندو آهي."

سڄي هندستان ۾ سڀني کان وڌيڪ غير معمولي لئنڪاسٽر رنگ ڍنگ واري ڪار الور جي مهاراجا وٽ هئي. ڪار جا اندريان توڙي ٻاهريان پرزا سونا هئا. ڪار جو اسٽيئرنگ عاج جي مينا ڪاريءَ جو شاندار نمونو هو. گاڏيءَ جا ڪشن سون جي تارن سان مڙهيل هئا. اهو هڪڙو مشيني معجزو هو، جو انهيءَ ڪار جي انجڻ اهڙي تہ مضبوط هئي جو موٽر ڪار ايڏي ڳري هئڻ جي باوجود 70 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ڊوڙندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غريب رعايا تي جيڪي ٻه ڳريون ڳريون فيون ۽ ٽئڪس لڳندا هئا. اهو سڀ پئسو انهن شاهزادن جي خزاني ۾ وڃي پيڙو ٿيندو هو ۽ اهو خزانو پنهنجي ذاتي عياشين تي خرچ ڪندا هئا.

هندستان ۾ رياستن ۾ سڀ ۾ سٺو انتظام گواليار جي رياست ۾ هو. جنهن جي مهاراجا کي وري بجليءَ تي هلندڙ ريل گاڏيءَ جو شوق هو. سندس محل ۾ دعوتن ڪائڻ لاءِ هڪ تمام وڏو هال ٺهيل هو. جنهن ۾ هڪ تمام وڏي ميز پيل هئي. انهيءَ ميز مٿان 250 فوٽ چانديءَ مان ٺهيل ريل جون پٽڙيون لڳل هيون. اهي پٽڙيون ٽيبل تان ٿينديون. پٽ ۾ ٻٽايل سرنگهه مان لنگهنديون شاهي بورچي خاني ۾ وڃي ڇيهه ڪنديون هيون. مهاراجا وري سامهون اهڙي هنڌ وهندو هو. جتي ڪيترائي ليور، ايڪسيليٽر. سئچ ۽ الارم جا سئچ فٽ ٿيل هوندا هئا. جن جي ذريعي ميز مٿان وڇايل ريل جي پٽڙين مٿان بجليءَ جون ريل گاڏيون بورچيخاني مان کاڌو کڻي مهمانن اڳيان لنگهنديون ويندديون هيون ۽ مهمان پنهنجي پسند جا کاڌا پليٽن ۾ لاهيندا ويندا هئا. مهاراجا ڪڏهن ڪنهن مهمان سان مذاق ڪرڻ لاءِ سئچ تي هٿ رکي ڇڏيندو هو ته کاڌو سرڙاٽ ڪري انهيءَ مهمان وٽان لنگهي ويندو هو ۽ مهمان جي پليٽ خالي رهجي ويندي هئي. هڪڙي شام جو مهاراجا وائسراءِ جي شان ۾ دعوت ڪئي. مهاراجا جي ڪنٽرول ۾ بجليءَ جا جيڪي سئچ لڳل هئا. سي شارٽ سرڪٽ ٿيڻ جي ڪري سندس قبضي مان نڪري ويا. بس پوءِ ته ريل گاڏي وٺي ڊوڙڻ شروع ڪيو. پوڙ پلاءِ، ست رڇيون اڏامنديون معزز مهمانن جي منهن مٿي تي ڦهڪا ڪنديون ويون. هٿي مهمانن جو پيڙو پوڙي وڌائين. وائسراءِ جي موجودگيءَ ۾ اهو حادثو تي پوڻ ائين ئي هو، جيئن سچ پچ ريل گاڏي جو حادثو ٿي پيو هجي. مهاراجا انهيءَ شام ڪنهن سان اکيون ملائڻ جهڙو نه رهيو.

جهونا ڳڙهه جو نواب وري ڪتن جو شوقين هو. سندس پسند جي هر ڪتي کي الڳ الڳ شاندار ڪمرو مليل هوندو هو. هر ڪمري ۾ ٽيليفون، بجلي ۽ نوڪرن جي سهوليت حاصل هئي. جڏهن ڪو ڪتو ڄمندو هو ته انهيءَ جو ڄم شاندار ڪمري ۾ ٿيندو هئو. جڏهن ڪو ڪتو مرندو هو ته انهيءَ کي باقاعدي رسمن مطابق قبرستان ۾ وڏي شان سان دفن ڪيو ويندو هو. جهونا ڳڙهه جي نواب جڏهن پنهنجي پسند جي ڪتي روشانه جي شادي هڪ ڪتي بابيءَ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائي ته هندستان جي هر شاهزادي، امير ماڻهوءَ ۽ مشهور ماڻهوءَ کي انهيءَ دعوت ۾ گهرايو. ويندي وائسراءِ کي به دعوت ڏنائين. پر وائسراءِ دعوت ۾ اچڻ کان ڪتو جواب ڏنس. انهيءَ دعوت ۾ ڏيڍ لک هندستان جا معزز ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ڇچ وڏي ٺٺ سان هاٿين تي نواب جي چوڪيدارن جي پهري ۾ نڪتي ۽ ڪتيءَ جي شادي ٿي. ڪتي ڪتيءَ جي انهيءَ شادي تي انهي زماني ۾ ڪل سٺ هزار ڊالر خرچ ٿيو. اهو خرچ جيڪڏهن هو پنهنجي رعايا تي ڪري ها ته گهٽ ۾ گهٽ 12 هزار ماڻهن جو سڄو سال مزي سان ڪٽجي وڃي ها.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته تاج محل دنيا جي هڪ وڏو تخليقي شاهڪار آهي، جنهن سان هندستان جي ڪنهن به رياستي حاڪم جو محل برميچجي نٿو سگهي. ميسور جي راجا جو محل 600 ڪمرن تي ٻڌل هو ۽ ڪيترن ئي پهلوئن کان اهو وائسراءِ هائوس کان وڌيڪ شاندار هو. انهي محل جا ويهه ڪمرا ته چيتن، واگهن، شينهن ۽ هاٿين جي کلن سان ڍڪيل هُئا. اهي جانور ميسور جي شاهزادن جي ٽن پيڙهين هٿان شڪار ٿيل آهن. رات جي وقت ميسور واري محل جي ڇتين، درن ۽ درين ۾ هنيل هزارين بلب ائين جلندا ڏسڻ ۾ ايندا هئا، ڄڻ روشنيءَ جو سمنڊ اٿلي پيو هجي. ڳاڙهي سنگ مرمر مان ٺهيل جئيپور جي هوا محل ۾ 903 دريون هيون، جن جا چوڪٺ سنگ مرمر جي پٿر تي ٺيل چٽن جو اعليٰ شاهڪار هئا. اڏيپور محل اڇي سنگ مرمر مان ٺهيل هو ۽ ڍنڍ جي وچ ۾ ٺهيل هو، جيڪو آسمان سان ڪلهو هنيو بيٺو هو. ڪپور ٿله جي مهاراجا جڏهن ورسيلز ۾ لوئس انئين جو محل ڏٺو ته موٽي اچي ساڳئي طرز تي پنهجي ننڍڙي رياست ۾ سروج بادشاهه محل ٺهرايو. اهو محل فرانس مان آيل ڪاريگرن ٺاهيو ۽ سينگاريو. انهيءَ محل ۾ درن ۽ درين توڙي ديوارن تي فرينچ طرز جا پردا لڳايا ويا ۽ محل اندر فرانسيسي نوادرات رکيا ويا. محل ۾ فرينچ ٻوليءَ کي استعمال ۾ آندو ويو. محل ۾ ڪم ڪندڙ سڀ نوڪرن جا پٽڪا لاهي ڪين شاهي فرانسيسي وڳون ۽ واسڪوٽيون پارايون ويون ۽ سندن جتين ۾ چانديءَ جا نعل هنيا ويا.

هندستان جي شاهزادن جا محلن ۾ وهڻ جا تخت توڙي سوارين مٿان رکيل تخت به ڏسڻ وٽان هئا. ميسور جو تخت 28 مڻ سون توري ٺاهيو ويو هو. انهيءَ تخت تائين پهچڻ لاءِ به سون جا 9 ڏاڪا چڙهڻا پوندا هئا. نو ڏاڪا انهي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنيا ويا هئا جو چيو وڃي ٿو تہ وشنو ديوتا کي سج تائين پهچڻ لاءِ نو ڏاڪا پار ڪرڻا پيا هئا. اوڙيسا جي حاڪم.جو تخت هڪ وڏي پلنگ وانگيان هو. هن اهو پلنگ نما تخت لنڊن جي نوادرات جي واپاريءَ کان ورتو هو ۽ پوءِ ان ۾ موتي مڙهائي تخت بنايو هئائين. اهو تخت هوبهو راڻي وڪٽوريا جي شاديءَ واري پلنگ جهڙو هو.

رامپور جي نواب جو تخت ديول نما هڪ وڏي هال ۾ رکيل هو. انهيءَ هال جي سنگ مرمر مان ٺهيل ٿلهي تي اگهاڙين عورتن جون تصويرون چٽيل هيون. اهو تخت سورج بادشاهہ واري محل ۾ رکيل تخت جهڙو هو، جنهن ۾ هنڌ هنڌ سون استعمال ٿيل هو.

جيڪي ماڻهو ايڏن محلن ۾ ايڏن تختن تي وهندا آهن انهن کي وقت گذارڻ لاءِ ڪو نہ ڪو مشغلو اختيار ڪرڻو پوندو آهي. انهن نوابن ۽ راجائن جا ٻہ وڏا مشغلا هئا. هڪ شيل شڪار ۽ ٻيو جنسي عياشي. شهزادو هندو هجي يا مسلمان، پر حرم سندن محلن جو اڻوٽ انگ هو. انهن حرمن ۾ ڪيترين ئي نچڻيون ۽ سريتون موجود هونديون هيون. سندن رياستن ۾ جيڪي جهنگ هوندا هئا اهي سندن ذاتي ملڪيت ۾ شمار ٿيندا هئا. شاهزادا انهن جهنگن ۾ وڃي چيتن جو شڪار ڪندا هئا. انهيءَ هوندي بہ 1947ع تائين ويهارو هزار کن چيتا اڃا بہ بچيل هئا. ڀرت پور جي مهاراجا ڀهريون چيتو اٺن سالن جي عمر ۾ ماريو هو. 35 سالن جي عمر کي پهچڻ تائين هن ايترا چيتا شڪار ڪا هئا جو محل جون ڀتيون ۽ فرش چيتن جي کلن سان ڍڪجي ويا هئا. ڀرت پور جي مهاراجا جڏهن وائسراءِ لارڊ هارڊنگس کي شڪار جي دعوت ڏني هئي تہ ٽڙو ٽن ڪلاڪن ۾ 482 پکي ماريا ويا. گواليار جي مهاراجا پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ 1400 چيتا شڪار ڪري ماريا ۽ ڪتاب بہ لکيائين. جنهن جو عنوان هو ”چيتي جي شڪار جي گائيڊ.“

پٽيالا جي مهاراجا ياديوندر سنگهہ جو پيءُ سرڀوپيندر سنگهہ پٽيالا جو اٺون مهاراجا هو. سندس قد پٽ وانگان ڇهہ فوٽ چار انچ ۽ وزن پوڻا چار مڻ هو. سندس چپن ۾ تاءُ ۽ اکين ۾ رعب هو. هو روزانو ڏهہ سير کاڌو کائيندو هو. رڳو نيرن ۾ ٻہ ڪڪڙ پيٽ ۾ هٽي ويندو هو. هو پولو جو شاهہ ڪاريگر رانديگر هو، ايتري قدر جو محل جو هڪڙو ڪمرو ڪٽيل ٽرافين سان ڍڪجي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس. وٽس پولو کيڏڻ لاءِ دنيا جون پنج سئو بهترين گهوڙيون هيون. پوپيندر سنگهه ڪچي جواني کان وٺي عياش هو. ڪيس پولو ۽ شڪار کان به وڌيڪ حرم سان دلچسپي هئي. هو پاڻ لاءِ سُريتن جي چونڊ پاڻ ڪندو هو ۽ سندس حرم ۾ 350 سهڻي کان سهڻيون عورتون موجود هيون. پنجاب ۾ اونهاري ۾ ڏاڍي گرمي پوندي آهي، پوپيندر سنگهه انهيءَ گرمي کان بچڻ لاءِ محل کان ٻاهر هڪ وڏو تلاءُ ٺهرايو هو. جنهن ۾ برف جون سرون وجهي ٿڌو ڪيو ويندو هو ۽ شام جو هو پنهنجي سريتن کي وٺي تلاءُ ۾ اچي وهنجندو هو. وهسڪي ۽ سريتن مان موجون ماڻيندو هو. سندس ذاتي ڪمري جي پٽين توڙي ڇتين تي قديم هندستان جي اگهاڙين تصويرن جا نادر نمونا اڪريل هوندا هئا.

مهاراجا پوپيندر سنگهه عادتي عياش هو. انهيءَ ڪري هو پنهنجي سريتن جا ماڊل به بدلائيندو رهندو هو. سندس محل جا در عطر فروشن، هيرا جواهر وڪندڙ سونارن ۽ درزين لاءِ کليل هوندا هئا. وٽس فرانسيسي ۽ انگريزي پلاسٽڪ سرجري ڪندڙن جي ٽيم به موجود هئي، اهي سڀ سريتن جي ٺاهه ٺوهه ۾ ڪم ڏيندا هئا .عمر جا پنهنجا ليکا ٿيندا آهن، پوڙهپڻ ڪي ڪو به روڪي نه سگهندو آهي ۽ هڪڙي ڏينهن طاقت ڪمِ ڇڏي ڏيندي آهي. سو پوپيندر سنگهه جي ڀرپور جنسي قوت به سندس ساٿ ڇڏيو. هندستان جو ذات ويد حڪيم محل ۾ گڏ ڪيو ويو. سون چاندي، لوهه، هيرن ۽ ٻوٽين مان ڪڪ ۽ معجون ٺاهيا ويا، پر ديسي درمل دوا ڪجهه به نه ڪيو. ديسي ويدن ۽ حڪيمن کان ڳالهه زور ٿي وئي ته سر پوپيندر سنگهه فرانس جا جنسي ماهر گهرايا، انهن ريڊيم کي به استعمال ڪيو پر عمر جي جنهن بيماريءَ ڪيس جهليو هو، انهيءَ بيماري ڪيس نه ڇڏيو. ڀلاڙي قسمت تنهنجا ليکا! سوپوپيندرسنگهه کي هين راجائن ۽ شاهزادن وانگر بوريت اچي ڪنيو ۽ انهيءَ بوريت ڪيس ماري ڦٿو ڪيو.

ديوتائن جي سحر ۾ ورتل هندستان ڪيترين ئي ڏند ڪٿائن کي جنم ڏنو آهي. ميسور جا مهاراجائون پاڻ کي چنڊ جو اولاد سمجهندا هئا. ميسور جو حاڪم سال ۾ هڪ ڀيرو سرءُ جي اماس ۾ پنهنجو پاڻ کي چندر ديوتا جي حيثيت ۾ پڌرو ڪندو هو. نون ڏينهن لاءِ هو هماليه جي ساڌوئن وانگر محل جي پونئين اونداهي ڪمري ۾ پنهنجو پاڻ کي بند رکندو هو. انهيءَ عرصي دوران ڪنهن به ماڻهو جو هٿ ڪيس ڇهي نه سگهندو هو ۽ ڪا به اک ڪيس ڏسي نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندي هئي. اهي ڏينهن هو نہ ڏاڙهي لاهيندو هو ۽ نہ ئي وري وهنجندو هو. ڇيو ويندو هو تہ سندس جسم چندر ديوتا جو روپ ڌاري وٺندو آهي. نون ڏينهن پورا ٿيڻ کانپوءِ سندس شاهي هاٿي کي سون ۽ هيرن جواهرن سان سينگاري محل جي در اڳيان آندو ويندو هو ۽ مهاراجا مٿس سوار ٿيندو هو. جيئن ئي هاٿي روانو ٿيندو هو تہ سندس چوڌاري چوندب اوٺي ۽ گهوڙيسوار پهريدار گڏ ٿي ويندا هئا ۽ اهو قافلو ميسور جي ٻوڙن واري ملاڪڙي وارو رستو وٺي روانو ٿيندو هو. رستي جي ٻنهين پاسي سندس رعايا گڏ ٿيندي هئي ۽ برهمڻ ماترائون پڙهندا هئا. انهيءَ کانپوءِ سندس وار لاٿا ويندا هئا، وهنجاريو ويندو هو ۽ ڪاڏو ڪارايو ويندو هو. جيئن ئي سج ٻڏندو هو ۽ اونده ٿيندي هئي تہ ڪيس ڏوڏان ڏوڙ ڪاري گهوڙي تي سوار ڪيو ويندو هو. گهوڙو جيئن ئي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيندو هو تہ رستو روشنين ۾ جهڙا پوڙ ٿي ويندو هو. رستي جي ٻنهي پاسن کان بيٺل خلق ۾ خوشيءَ جي لهر ڇائنجي ويندي هئي تہ چندر ديوتا جو پٽ پنهنجي رعايا ڏانهن موٽي آيو آهي.

اڏيپور جا مهاراجا تہ ميسور جي مهاراجائن کان بہ وڌي ڪري پنهنجو پاڻ کي سورج ديوتا جو اولاد سمجهندا هئا. سندن وڏا تہ قديم زماني ۾ پورا ٻہ هزار سال بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي هندستان جي تخت جا مالڪ رهيا هئا. اڏيپور جو حاڪم ٻہ سال ۾ هڪ ڀيرو جيئري جاڳندي ديوتا جو روپ اختيار ڪندو هو. سندس محل جي چوڌاري ڍنڍ هوندي هئي، جنهن ۾ خوفناڪ قسم جا مانگر مڇ پيا ترندا هئا. هڪ ڏينهن هو ڍنڍ جي محل واري ڪناري جي چوڪنڊيءَ تي اچي رعايا کي ديدار ڪرائيندو هو. سندس پويان سندس وزير مشير بيٺل هوندا هئا ۽ حاڪم سميت ڪين اچا ڳائون پيل هوندا هئا ۽ يوناني ناٽڪ جو حصو معلوم ٿيندا هئا.

بنارس جا حاڪم ٻين حاڪمن وانگر ايڏا ڀيڪيدار تہ نہ هئا، پر ڌرمي نڪتہ نگاهہ کان بہ وکون وڌيڪ هئا. بنارس جي مهاراجا جو حڪم هو تہ هو جيئن ئي ننڊ مان اک پٽي تہ سندس نظر پويتر جانور ڳئون تي پوي. انهيءَ ڪري ملازم ڇا ڪندا هئا جو صبح جو سوير ڳئون کي وٺي مهاراجا جي سمهڻ واري ڪمري جي ڪليل دڙي وٽ بيهاريندا هئا ۽ پوءِ ڳئون کي ڪُک ۾ چونڱون ڏيندا هئا، جنهن تي ڳئون پير هٽندي هئي ۽ رنڀ ڪندي هئي. ڳئون جي آواز تي مهاراجا ننڊ مان جاڳي پوندو هو ۽ سندس نظر وڃي ڳئون تي پوندي هئي. هڪ ڀيري مدراس جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو مهاراجا رامپور جي نواب وٽ مهمان ٿي اچي سندس محل ۾ ٽِڪيو. مهاراجا جو رهائش وارو ڪمرو نواب جي ڪمري جي سروبر مٿان ئي منزل تي هو. نواب صاحب کي مدراس جي مهاراجا جي عادت جي خبر هئي، پر لاڪائنس مسئلو پيدا ٿي پيو ته ڪيئن ٻئي منزل تي مهمان جي ڪمري جي دري تائين ڪيئن پهچي. مهمان جي بهرحال عزت ته رکڻي هئي ۽ خواهش پوري ڪرڻي هئي. سو ڇا ڪيائين جو ڪرين گهرائي رکيائين ۽ فجر جي مهل ڪيئن کي ڪرين تي چاڙهيو ويو ته جيئن مهاراجا دريءَ مان ڪيئن جو ديدار ڪري سگهي. ڪيئن مسڪين جو ڏنو ته ڪيس الاهي ڪهڙي بلا ڪٽيو مٿي پئي وڃي سو ڪيئن ويچاريءَ خوف وچان وڏو ٻڙڏڪ مچائي ڏنو ۽ محل ۾ ستل سيني.ماٺهن جي ننڊ حرام ڪري ڦٽي ڪيائين. ٻيچ پڇان شروع ٿي وئي ته ڪهڙي اچي مصيبت ٽٽي آهي، مهاراجا ڌرمي هجي يا ناستڪ، هندو هجي يا مسلمان، مال ملڪيت وارو هجي يا خانداني طور تي ڪٽل هجي يا ڪو گياني هجي، پر انهن سيني مهاراجائن گڏجي ڪري هندستان جي برطانوي حڪومت کي پورا ٻه سئو سال هٿي ڏني. انگريزن جا رياستن سان اهي مضبوط لڳ لاڳاپا ئي انگريزن جي پاليسي ”ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ جو بنياد هئا. اصولي طور تي اهو طئہ ٿيل هو ته انگريز سرڪار ڪنهن به مهاراجا کي هٽائي يا تخت تي وهاري سگهي ٿي؛ اهوئي ڪارڻ آهي جو هڪ اڌ مثال ڇڏي باقي تقريبن سيني جا سڀ رياستي حڪمران انگريزن سان ٻٽ ٿيو بيٺا هئا. جڏهن به انگريزن جي خلاف ڪا هوا هلندي هئي، تحريڪ اٿندي هئي ته انهن کي چيپائڻ ۾ رياستي حڪمران مک رول ادا ڪندا هئا.

23 سيپٽمبر 1917ع تي ترڪن کان حائفہ جو علائقو ڦرڻ ۾ جوڌپور جي مهاراجا جي فوج ڪم آئي. چين سان ٿيل ٻن جنگين، فلسطين، مصر ۽ فرانس ۾ ٽيندڙ ويڙهہ ۽ برما کي حاصل ڪرڻ واري جنگ ۾ انگريزن جي حڪم تي بيڪانير رياست جي اوٺي فوج مٿو مٿي سان ڏيئي وڙهي، 1917ع ۾ گواليار جي رياست انگريزن جي مدد لاءِ انفينٽري جون ٽي پلٽڻون ۽ اسپتال جو ٻيڙو ڏنو. انهن پلٽڻن تي جيڪو به خرچ آيو، اهو گواليار جي حڪمران پاڻ پريو.

1923ع ۾ جئپور جو مهاراجا ميجر جي حيثيت ۾ فرسٽ جئپور انفينٽري کي وٺي پاڻ وڃي اٽلي جي مونيٽي ڪاسينو جي پهاڙي لهاندين ۾ جنگ وڙهيو. بوندي جي مهاراجا کي به برما جي جنگ وڙهڻ دوران ڏيکاريل بهادري تي ملٽري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراس جو تمغو مليو.

رياستي حڪمرانن جي انهي وفاداريءَ جي عيوض ۾ انگريز سرڪار ڪين وقت بہ وقت اعزازن ۽ سوڪڙين سان پڙي چڙيندي هئي. انهن رياستن جي حاڪمن کي موتين سان مڙهيل شين جو ڏاڍو شوق هو. انهيءَ ڪري انگريز سرڪار ڪين اهڙي قسم جون ئي سوڪڙيون ڏيندي هئي. گواليار، ڪوچ بهار ۽ پٽيالا جي مهاراجائن کي اعليٰ ۾ اعليٰ اهو اعزاز حاصل هوندو هو تہ هو ”ايڊورڊ ستين“ جي پر ۾ اي ڊي سي جي حيثيت ۾ وهندا هئا. آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين انهن مهاراجائن کي باقاعدي اعزازي ڊگريون بہ ڏنيون. ڪيترين ئي نوابن، راجائن ۽ مهاراجائن جي ڇاتين تي آرڊر آف اسٽاف انڊيا ۽ آرڊر آف انڊين ايمپائر جا ٻلا چمڪندا نظر ايندا هئا.

انگريزن جي حڪومت دوران ڪنهن بہ رياست جي حاڪم جو پتو انهيءَ مان پوندو هو تہ ڪيس ڪيترين توبن جي سلامي ٿي ڏني وڃي. توبن جو تعداد مقرر ڪرڻ، وڌائڻ ۽ گهٽائڻ وائسراءِ جي هٿ وس هو. انگريز سرڪار اهو نہ ڏسندي هئي تہ ڪنهن جي رياست وڏي آبادي واري ۽ سکي ستابي آهي، پر اهو ڏسندي هئي تہ رياست جو حاڪم ڪيش ڪيترو ڪم آيو آهي. حيدرآباد دکن، ڪشمير، ميسور ۽ بڙودا رياستن جي حاڪمن کي ايڪيهين توبن جي سلامي ملندي هئي. جڏهن تہ باقي ٻين حاڪمن کي ترتيبوار اوڻويهين، سترهن، پندرهن، تيرهن ۽ نون توپن جي سلامي ڏني ويندي هئي. 1425 اهڙا بدقسمت راجا، نواب ۽ حاڪم هئا، جن جي نصيب ۾ ڪا بہ سلامي نہ لکيل هئي. اهي هندستان جا وساريل رياستي حاڪم هئا، جن جي شان ۾ ڪا بہ توپ نہ اٿندي هئي.

هندستان جا مهاجرائون رڳو شان شوڪت،عياشين، چونچلن، بيوقوفين ۽ اجائي خرچ جي ڪري مشهور نہ هئا، پر ڪيترائي پنهنجن ڪارنامن جي ڪري بہ مشهور ٿيا. ڪيترائي حاڪم هٿ جا صاف سٿرا ۽ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو هئا، جن سٺي انتظاميہ قائم ڪري پنهنجي رياستي رعايا کي فائدا بہ ڏنا. اوڻويهين ۽ ويهين صديءَ جي موڙ تي بڙودا جي رياست ۾ هڪ ڪان مٿي شادين تي پابندي هنئي وئي، تعليم مفت ۾ ڏني ويندي هئي ۽ نصاب سائنسي بنيادن تي ترتيب ڏنو ويندو هو.. بڙودا جي حاڪم اڇوتن کي برابريءَ جا حق ڏيڻ جي باقاعدي مهم هلائي، پر انهن معاملن ۾ گانڌي جيان مشهور نہ ٿي سگهيو. پر سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتساھ ايترو ئي ھو، جيترو گانڌي جي من ۾ ھو. ھن اڇوتن جي تعليم ۽ تعليم دوران رھائش وارا ادارا ٺاھيا. اڇوتن جو مشھور ليڊر ڀيم راءِ رامجي امبيڊڪر، بڙودا جي حڪمران جي ئي خرچ تي ئي نيويارڪ جي ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ پڙھيو. بيڪانير جي راجا پنھنجي رعايا لاءِ ٿر واري علائقي ۾ ھٽرادو ڍنڍيون کوٽي انھن ۾ پاڻي آندو ۽ باغ پوکرايائين. ڀوپال جي حاڪم ھندستان ۾ پھريون ڀيرو عورتن کي برابريءَ وارا حق ڏنا، ميسور جي حاڪم پنھنجي رياست ۾ سائنس جي بھترين فئڪلٽي وجود ۾ آندي، تنھن ڪانسواءِ ھائڊرو اليڪٽرڪ بندن ۽ ڪارخانن جو چار وڇايائين. جئيپور جي مھاراجا پنھنجي رياست ۾ دنيا جي سڀ دوربيني ھٽائي، جتان سائنسدان آسمان جو جائزو وٺندا ھئا. ٻئي عظيم جنگ کان پوءِ رياستي حاڪمن جي جيڪا نئين پيڙھي وجود ۾ آئي، اھي حاڪم پنھنجن وڏن جي مقابلي ۾ گھٽ ٽرڙا ھئا ۽ وڌيڪ سياڻا ھئا. ڪين تبديل ٿيندڙ دنيا جو چڱي طرح احساس ھو. پٽيالا جي نئين مھاراجا پنھنجي پيءُ سريوپيندر سنگھ جي حرم کي بند ڪيو. گواليار جي مھاراجا ھڪ عام چوڪريءَ سان شادي ڪئي، جيڪا ڪنھن آفيسر جي ڌيءَ ھئي. شادي ڪرڻ کانپوءِ مھاراجا پنھنجو شاندار محل ڇڏي ڏنو. ڏک رڳو انھيءَ ڳالھ جو آھي تہ جن حاڪمن کي پنھنجيون رياستون وڏي اھليت ۽ ذميواريءَ سان ھلائڻيون ھيون، انھن کي بہ ھيڻن عياش ۽ بي عقل مھاراجائن جھڙو ڪري ڇاٽايو ويو آھي.

ھندستان جي ٻن رياستن جي ڪري، جن جي حاڪمن کي ايڪويھ توبن جي سلامي ملندي ھئي، تن جي لنڊن ۾ ويھي سرڪونراڊ ڪارفيلڊ جي ڪيل دعويٰ سنجيدگي ۽ وزن اختيار ڪري وئي. ٻئي رياستون وڏي ۾ وڏيون رياستون ھيون ۽ ٻنھين کي سمنڊ جو ڪنارو نصيب نہ ھو. ٻنھين جي رعايا جو مذھب حاڪمن جي مذھب کان الڳ ھو. ٻنھي حڪمرانن جو گڏي ڪري وڏو خواب اھو ھو تہ سندس رياستن کي آزاد قومن جي صورت ۾ تسليم ڪيو وڃي.

رستم دوران، ارسطوءِ دوران واليءَ ممالڪ آصف جاہ، نواب مير عثمان الخير بھادر ”ايڪسالٽيڊ ھائي نيس حيدرآباد دکن جو ستون نظام ھو ۽ برطانوي تخت و تاج جو وفادار ھو، مگر وڏو ڏوم ڏڙڪو رکندو ھو. ھڪ پڪي ۽ ڇاٽو مسلمان جي حيثيت ۾ ھندستان جي وڌ ۾ وڌ زمين ۽ آدمشماريءَ واري رياست تي حڪومت ھلائيندو ھو. سندس رياست ۾ ٻہ ڪروڙ ھندو ۽ ٽيھہ لک



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمان آباد هئا. مير عثمان 5 فوٽ ٽي انچ قد جو هڪ ننڍڙو اپرو ۽ پوڙهو شخص هو، سندس وزن 45 سير هو. سالها سال پانن کائڻ جي ڪري سندس ڏند ڪاڇي ڪپي ڪارسرين ڳاڙهين ننڍڙين ڳوڙهين ۾ تبديل ٿي ويا هئا. کيس هر وقت دل ۾ خوف ويٺو هوندو هو ته ڪو کيس زهر ڏيئي ماري نه وجهي، انهيءَ ڪري ماني کائڻ کان اڳ هو اها ماني ٻئي ماڻهو کي ٿوري ٿوري کارائي پڪ ڪندو هو. جيڪو سندس کاڌي مان ٿورو ٿورو مکڻ، مٺائي، ميوات، پان ۽ آفيم کائيندو هو. انهيءَ غريب جا ٽڻ ٽي ويندا هئا. بند هٿ رکڻ واري هن واليءَ رياست به پهرين عظيم جنگ ۾ انگريز بهادر جي خدمت ۾ ڏهه ڪروڙ ڊالر پيش ڪيا هئا. انهي ڪري انگريز بهادر کيس وڏي ۾ وڏو خطاب ڏنو هو.

1947ع ۾ نظام دکن کي دنيا جو شاهوڪار ۾ شاهوڪار شخص سمجهيو ويندو هو. سندس دولت جا قصا ڪهاڻيون ذند ڪٿا بڻجي ويا هئا. ايڏي ملڪيت هوندي به هو سستي ڪاٽن جو معمولي پاجامو ۽ چند روپين ۾ ورتل واهيات قسم جا سليپر پائي هلندو هو. حياتي جا پنجٽيهه سال ته هڪڙي ترڪي ٽوپيءَ ۾ ڳاري ڇڏيائين. وٽس ماني کائڻ جا هڪ سئو سونا سيٽ هئا، پر هو ٽڏي تي ويهي ٽين جي ٿالهين ۾ ماني کائيندو هو. منجهس ڏپ جو اهڙو هاڃو هو جو اصل مهمانن جا نڪ بند ڪري ڇڏيندو هو. 1944ع ۾ جڏهن کيس اطلاع ڏنو ويو ته لارڊ ويول سندس مهمان ٿي اچي رهيو آهي ته نظام هڪدم دهلي تار ڪئي ته جنگ جي هن مهانگائيءَ جي دور ۾ چا واقعي لارڊ ويول شيمپيئن پيئندو؟ هر آچر تي حيدرآباد دکن ۾ مقرر ٿيل انگريز سرڪار جو نمائندو نظام دکن سان ملڻ ايندو هو. سندس اڳيان هڪڙو چانهن جو ڪوپ، هڪڙو بسڪوٽ ۽ هڪڙو سگريٽ مهمانيءَ طور رکيو ويندو هو. هڪ ڀيري بنا اطلاع جي اوچتو ئي اوچتو انهيءَ نمائندي سان گڏ انگريز اعليٰ عملدار به گڏجي آيو. هڪ وڏيڪ مهمان کي ڏسي هن نوڪر جي ڪن ۾ ڦس ڦس ڪئي ۽ ٿوري دير کانپوءِ اعليٰ انگريز آفيسر لاءِ به چانهن جو ڪوپ، هڪ عدد بسڪوٽ ۽ هڪڙو سگريٽ ڪڇي آيا.

اڪثر رياستن ۾ اهو رواج هوندو هو ته سال ۾ هڪ ڀيرو رياست جا معزز ۽ امير ماڻهو پاڻ سان گڏ سون جو هڪ هڪ ٽڪرو کڻي ايندا هئا ۽ رياست جو حاڪم سون جي ٽڪر کي ڇهي ڏٺيءَ کي واپس ڪري ڇڏيندو هو. پر حيدرآباد دکن جي درٻار ۾ جيڪو به چڱو مڙس پاڻ سان گڏ سون جو ٽڪر کڻي ايندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظام اهو سون جو ٽڪر پر ۾ پيل ڪاغذ جي ٿيلهي ۾ وجهندو ويندو هو. هڪ ڀيري ڪو معزز سون جو وڏو سڪو ڪٽي نظام دڪن وٽ آيو. سڪو زمين تي ڪري رڙهڪڻ لڳو ته نظام تخت تان لهي گوڏن پر گسڪندي سون جي ٽڪر ڪي وڃي جهليو. هڪ ڀيري نظام بيمار ٿي پيو ته بمبئي مان ڊاڪٽر علاج لاءِ پهتو ته جيئن نظام جو علاج اليڪٽرو ڪارڊيو گرام جي ذريعي ڪري سگهجي. ڊاڪٽر جڏهن پنهنجي مشين هنئي ته مشين ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. نيٺ ڊاڪٽر کي خبر پئي ته نظام صاحب بجلي جي بل جا پئسا بچائڻ لاءِ محل جي ڪيترن ئي حصن جي بجلي ڪٽائي ڇڏي هئي. نظام جي سمهڻ جو ڪمرو صفا جهوپڙيءَ وانگيان لڳندو هو. جنهن ۾ هڪ عدد پراڻو پلنگ، ٻه بورچيخاني ۾ ڪم ايندڙ ڪرسين جهڙيون ڪرسيون، ٽوٽن سان ڇلڪندڙ ايش ٽري ۽ خالي ٽوڪريون پيل هونديون هيون. سندس آفيس جي به حالت خراب هئي، انهيءَ هوندي به سندس محل جون ڪنڊون پاسا ڳٽپ کان ٻاهر ملڪيت سان ڀريل پيا هوندا هئا. نظام وٽ 280 قراطن جو ليمي جيڏو جيڪب نالي قيمتي هيرو هوندو هو. جيڪو هن پراڻي اخبار ۾ ويڙهي پنهنجي ڊيسڪ جي خاني ۾ رکي ڇڏيو هو. نظام انهيءَ هيري کي پيپر ويٽ طور استعمال ڪندو هو. محل جي ٻي ترتيب ۽ ٻي سري باغ ۾ ڪيتريون ئي ٽرڪون گپ ۾ گتيون بيٺيون هونديون هيون. جيڪي سون سان ڀريل هيون. نظام وٽ ايترا ته هيرا جواهر موتي ۽ ماڻڪ هوندا هئا جو اهي جيڪڏهن پڪا ڍلي سرڪس ۾ رکيا وڃن ته ڪر سيءِ فوٽ پاٿ ڀرجي وڃن ها. اهي قيمتي هيرا جواهر نظام جي محل ۾ روڪڙن نوٽن سان گڏ اخبارن ۾ ويڙهي ڪمرن جي ڪنڊن پاسن ۾ رکيا ويا هئا ۽ نوٽن مٿان ڪوئن جي وارو وار هوندي هئي.

دڪن جي نظام وٽ طاقتور فوج هئي، جيڪا ڳرن هٿيارن سان مسلح هوندي هئي. وٽس آزادي حاصل ڪرڻ جي چڱي خاصي سگهه هئي، پر هڪ ته بندرگاهه نه هوس ۽ ٻيو ته رياست جي خلق منجهائنس بيزار هئي. سندس رياست ۾ هندو تمام گهڻا هئا. جيڪي پنهنجي مسلمان حاڪمن سان ڪو نه ٺهندا هئا. انهيءَ صورتحال ۾ فرانس ملڪ جي اڌ جيتري هن رياست جو ۽ رياست جي حاڪم جو انت خراب ٿيڻو ئي هو. ڪيس جڏهن سر ڪونراڊ فيلڊ اطلاع ڏنو ته انگريز جون 1948ع تائين هندستان ڇڏي ويندا ته رڙ ڪري چيائين ”آخر ڪار آئون آزاد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندس.“

اها ساڳي خواهش هندستان جي هڪ ٻئي طاقتور واليءِ رياست جي هئي، جيڪا هندستان جي ٻئي ڇيڙي تي هئي. اها رياست دنيا جي خوبصورت ترين وادي ڪشمير هئي، ڪشمير جي رياست جو والي مهارجا هري سنگهه هو. جيڪو هندن جي اوچي ذات برهمڻ مان هو. سندس رياست جي رعايا ۾ اڪثريت مسلمانن جي هئي، جن جو تعداد چاليهه لک هو. ڪشمير رياست جو هڪڙو ڇيڙو هماليه جي هنج سان وڃي لڳو ٿي ته ٻيو ڇيڙو لداخ، تبت ۽ سنڪيانگ سان ڪلهو هنيو بيٺو هو. هي علائقو اهڙي هنڌ هو جتي نئون اڀرندڙ ملڪ پاڪستان، چين ۽ افغانستان سان اچي مليو ٿي.

مهاراجا هري سگنهه هڪ ڪمزور، منجهيل ۽ ڳالهه جو ڪچو ماڻهو هو. سندس اڌ وقت ڄمون جي ونٽر محل ۾ تفريح ڪرڻ ۽ اڌ وقت سرينگر جي گلن ۽ وڻن جي ويڙهن ۾ ويڙهيل خوبصورت سمر محل ۾ گذرندو هو. مهاراجا هري سنگهه جنهن زماني ۾ ڪشمير رياست جي واڳ سنڀالي هئي، تڏهن هن رياست تي يڪي سر حڪم هلائڻ ۽ رعايا کي گوڏي هيٺان رکڻ لاءِ تڙتڪڙ ۾ نبيري لاءِ سنگدلانه قسم جا پير کنيا هئا ۽ پنهنجيون سڀ جيلون سياسي مخالفن سان پري ڇڏيون هيون ته جيئن ئي جواهر لعل نهرو پنهنجي اباڻي ملڪ ڪشمير ۾ داخل ٿئي، تيئن ئي کيس جيل جا در ڏيکاريا وڃن. هري سنگهه وٽ ايتري فوج هئي جو هو پنهنجي رياست جي سرحدن جي حفاظت ڪري پئي سگهيو. کيس پنهنجي رياست کي آزاد ملڪ بنائڻ جو ارادو هو. پر اها سندس خواب خيالي ۽ ڇريائي ثابت ٿيو.

(1995ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وسلاوا سزائم بورڪا جو انٽرويو

(1901 کان جاري ٿيندڙ نوبيل پرائيز جي حاصلات دنيا جي اڪثر سٺن شاعرن ۽ ليکڪن جو وٽندڙ خواب رهندو آيو آهي، پر اهو خواب لاڪائنن ايڏو به اُسڙڪائيندڙ نه رهيو آهي، جيترو نوبيل امن انعام حاصل ڪرڻ لاءِ سياستدان هٿ پير هٽندا آهن. سبب اهو آهي ته سياستدانن جي برعڪس ليکڪ ۽ شاعر بي پرواهه بادشاهه هوندا آهن ۽ گهڻو ڪري "آئي ته روزي، نه ته بلا" جي ڪيفيتن ۾ رهندا آهن ۽ پبلسٽيءَ جي بدران وڏيڪ سٺو لکڻ جي چڪر ۾ پيل هوندا آهن. انهيءَ هوندي به جڏهين ڪنهن ليکڪ يا شاعر کي اهو انعام ملندو آهي ته پوءِ اهو يا ته پاڻي مان نڪري ويندو آهي يا سارتر وانگر ٺڏي ڇڏيندو آهي يا سولزهي نٽسن وانگر پريشان ٿي ويندو آهي ته اهو انعام ڪهڙي بلا آهي يا جان اسٽيئن بيڪ وانگر شڪايت ڪندو آهي ته هيءَ عمر به ڪا ايوارڊ وٺڻ جي آهي يا وري صفا نجيب محفوظ وانگر پئسا وارثن جي حوالي ڪري پاڻ واهيات فليٽ ۾ رهندو آهي ۽ صبح جو هيٺ لهي ڪوڪي تي نيرن ڪندي اخبار پيو پڙهندو آهي، جهڙوڪر مينهن تي پاڻي پيو.

ڪنهن به قسم جي ميجيل ۽ چاتل سچاتل ايوارڊ ملڻ تي ڪنٽروورسي لازمي عمل آهي. ڇاڪاڻ ته انعام ڏيڻ واري جيوري فرشتن تي ٻڌل نه هوندي آهي، انسانن تي ٻڌل هوندي آهي، جيڪو غلطين جو گهر آهي. ٻي ڳالهه ته ڪيمونيڪيشن اڃا انهيءَ حد تائين نه پهتي آهي، جو جيوريءَ وارا دنيا جهان ۾ تخليق ٿيندڙ ادب کان واقف هجن. ڪيترائي حقدار ليکڪ ۽ شاعر انهن ٻولين ۾ ترجمو نه ٿيندا آهن، جن جي ڄاڻ جيوريءَ وارن کي پوي. جي ڪجهه شاهڪار ترجمو ٿيندا به آهن ته اهي ترجما اهڙا هوندا آهن، جيڪي اڳيون سوجهرو به ڇٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري وجهندا آهن. جيئن خود اسان وٽ سنڌي ۽ اردوءَ ۾ وڏين وڏين تخليقن جو سوجهرو چٽ ڪيو ويندو آهي. ٺئين ڳالهه ته ٺئين دنيا جي ادب جي نامزدگيءَ لاءِ اتان جي سرڪاري ثقافتي ۽ ادبي تنظيمن کي لکيو ويندو آهي، جيڪي پنهنجن اهڙن پيارن ۽ پيارين جا نالا موڪليندا آهن. جن جو نالو ادب جي وٽي تي به لکيل نه هوندو آهي. نتيجي ۾ اهڙيون سفارشون جيوريءَ کي ڊسٽ بن ۾ اڇلائڻيون پونديون آهن. انهن رنڊڪن هوندي به جنهن به ليکڪ ۽ شاعر کي نوبيل ادب انعام ملندو آهي ته انهيءَ جي باري ۾ پڙهي نه مايوسي ٿيندي آهي ۽ نه ئي وري جيوريءَ تي آڱر کڻڻ جو موقعو ملندو آهي. انهيءَ هوندي به ارڙهن اٺويهن جو فرق رهجي ويندو آهي، جيڪا هڪ فطري ڳالهه آهي.

گذريل ڪجهه سالن کان لاڳيتو نوبيل ادب انعام لاءِ آءِ چن ۽ ميلان ڪنديرا جهڙن شاهه ڪاريگر شاعرن ۽ ليکڪن جي نامزدگي ٿيندي پئي اچي پر ايڏا وڏا مصروف نالا ڇڏي هڪ هئي پوريان ٽوني ماريسن، آئرلئنڊ جي اڻ ڇاتل شاعر ۽ وسلاوا سزائمر بورڪا کي نوبيل ادب انعام ملڻ تي پڙهندڙ جي خفتين کي حيرت ته ٿي آهي، پر ڪين پڙهڻ کان پوءِ حيرت دور ٿي ويل ٿي ڏسجي ۽ جيوريءَ تي ايڏو ڪو وڏو اعتراض نه اُٿيو آهي. پلان پليءَ جو ڇيهه ڪونهي، ڪنڊن پاسن ۾ ڪئين ارڙ ليکڪ ۽ شاعر ويٺا آهن، انهيءَ حساب سان نوبيل ادب انعام هڪ ساڪائتو انعام آهي.

وسلاوا سزائمر بورڪا جي شاعري اچا پاڻ جي هٿن تائين نه پهتي آهي، پر چوڻ وارا چون ٿا ته وسلاوا حقدار آهي. هئي ڳالهه ته رشين ماسٽرز کي ڇڏي، انهن کان پوءِ معيار توڙي مقدار جي حساب سان اوپر يورپ ۾ وڏو ادب چيڪ، سلاوڪ ۽ پولشن نسل جي ماڻهن تخليق ڪيو آهي. سبب اهو چاٿايو وڃي ٿو ته جيڪي قومون حملہ آورن جي لنگهن تي آباد آهن ۽ سٽبيون ڪٽبيون رهنديون اهن، اهي قومون وڏا فنڪار پيدا ڪنديون آهن. وسلاوا خود پولش آهي ته سندس پولش هجڻ ئي ڪافي آهي ته هو وڏي شاعره هوندي.

هت روزانہ ”ڊان“ ڪراچي جي ٿورن سان شاعره جو ڪجهه تعارف ۽ ننڍڙو انٽرويو ترجمو ڪري پيش ڪجي ٿو. مترجم)

ٽي هفتا ڪن اڳ وسلاوا سزائمر بورڪا ڏکڻ پولينڊ جي ڪاراڪوو شهر جي هڪ ٺهيل ٺڪيل پر ٻن ڪمرن واري ننڍي فليٽ ۾ رهندي هئي. پر ٽي هفتا اڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر ۾ وڏنڊڙ گوڙ ۽ مونجهاري کان تنگ ٿي هُوءَ شهر مان کسڪي ويئي ۽ زاڪو پوني جي جبلن ۾ وڃي رهي. اتي جبلن ۾ هڪڙو مسافرخانو ٺهيل آهي، جنهن ۾ بنا اٽيچڊ باٿ جي ننڍڙا ننڍڙا ڪمرا آهن. اهو مسافرخانو ليکڪن، شاعرن ۽ فنڪارن جي پسند جي جاءِ آهي. انهيءَ مسافرخاني جي ٻي منزل ليکڪن جي رهائش لاءِ مخصوص ٿيل آهي. انهيءَ مسافرخاني ۾ فون به لڳل ناهي، جيڪو ڊسٽرب ڪري. ڇڏن ۽ اچن وارن واري هن وهي ڪاڏل عورت کي تنهائي تمام پياري آهي ته جيئن آرام سان ڪنڊ پاسي ۾ ويهي شاعري لکي. انهيءَ مسافرخاني ۾ هوءَ چپ چاپ پنهنجو نئون نظم لکي رهي هئي. 30 آڪٽوبر تائين ڪيس ٻاهرئين دنيا جي ڪا به ڪڙڪ نه هئي، پر 30 آڪٽوبر تي بقول سندس ته مٿانئس سڄي دنيا اونڌي ٿي اچي ڪري ۽ اهو ڏينهن اهو هو جنهن ڏينهن اسٽاڪ هوم ۾ کيس نوبيل ادب انعام ملڻ جو اعلان ٿيو. جيڪا اڻ ڄاتي ۽ اڻ ڳاتي هئي. انهيءَ انعام تي نه رڳو خود سزائمر بورڪا کي حيرت ٿي پر سڄي پولينڊ جي ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. انهيءَ حيرت جو ڪو اهو ڪارڻ نه هو ته ڪو سزائمر بورڪا سٺي شاعره نه هئي. حيرت انهيءَ ڳالهه تي هئي ته ٻي عظيم جنگ کان پوءِ سڄي ايسٽ يورپ جو ادب سياست ۾ ورتل هو ۽ سياسي ادب لکڻ اورا ئي وڏيڪ ڇاتل سڃاتل پئي رهندا آيا، جڏهين ته سزائمر بورڪا جي شاعري سياسي هئڻ جي بدران آفاقي هئي.

سزائمر بورڪا رنڙ زال آهي. ڪيس اولاد ناهي. محفلن ۾ وڃڻ يا ڪٽي وڃي پنهنجي شاعري ٻڌائڻ کان ٽپ جواب ڏيئي ڇڏيندي آهي. سندس ماڻهن سان صرف هڪڙو لڳ لاڳاپو رهندو پئي آيو. اهو اخبار ۾ ڇپجندڙ ڪالم هو، جنهن جو عنوان آهي ”پڙهڻ ضروري ناهي.“ سدائين ڪندون پاسا جهلي وهندڙ هن شاعره جي مٿان جڏهين اوچتو اوچتو نوبيل ادب انعام ڪڙڪيو ته هن ڪُلي ڳالهايو.)

سوال: اوهان کي پنهنجي ويڳاڻپ ۽ اڪيلائي ايتري ڇو ٿي وڻي؟

جواب: ڇو ته انهيءَ کان سواءِ آئون لکي نه پئي سگهان. اها ڳالهه ته مون کي سمجهه ۾ ئي نٿي اچي ته ڪو شاعر هجي ۽ پوءِ به پنهنجي سُک ۽ چُپ لاءِ نه وڙهي. بدقسمتيءَ سان شاعري گوڙ گهمسان ۾، ماڻهن جي ميڙ ۾ يا بس ۾ ويهي تخليق ڪري نٿي سگهجي. منهنجي خيال ۾ ته شاعر کي پنهنجي چوڌاري رڳو چار پٽيون کپن، جن ۾ فون به وڃڻ لاءِ نه هجي. لکڻو آهي ته پوءِ ائين ئي ڪرڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال: توهان جا ڪجھ شعر داخلي ڪيفيتن تي ٻڌل آهن ۽ ڪجھ شعر وري وسيع سياسي نظرين تي ٻڌل آهن. تہ ڇا اوهان وٽ ڪي خاص نظرياتي مول متا آهن؟

جواب: منهنجو ڪنهن بہ نظرياتي مول متي ۾ اعتبار ناهي. حقيقت اها آهي تہ ڪڏهين ڪڏهن مون کي ڪنهن شيءِ جي باري ۾ روحاني ڇڪ ٿيندي آهي، جنهن ۾ اچي ڪڏهين آئون دنيا جي باري ۾ لکندي آهيان ۽ ڪڏهين وري اندر کي اوريندي آهيان. آئون لکندي تہ ڪنهن هڪ فرد لاءِ آهيان پر پوءِ اها شاعري گهڻن فردن تائين پهچي ويندي آهي، جيڪي منهنجا پڙهندڙ آهن. ڪيترائي شاعر آهن، جيڪي ماڻهن کي ميڙڻ لاءِ لکندا آهن، محفلن لاءِ لکندا آهن. اهڙا شاعر پنهنجي چوڌاري ماڻهن جو ميڙ ڏسي جيا۽و ماڻيندا آهن، پر آئون انهيءَ ڳالھ کي وڏيڪ مان ڏيندي آهيان تہ منهنجو شعر ڪو ماڻهو ماڻ ميڻ ڪنڊڙيءَ ۾ ويهي پڙهي. منهنجي دل گهرندي آهي تہ منهنجي شاعريءَ جو لڱ لاڳاپو ڏار ڏار ماڻهن سان پنهنجي ليکي هجي.

سوال: ڇا توهان جي شاعري پاڻ وٽائڻ لاءِ آهي؟

جواب: جيڪا ڳالھ اوهين چئو ٿا پاڻ وٽائڻ جي تہ ائين هوندو. سچ پڇو تہ مون انهيءَ ڳالھ تي ڪڏهين بہ سنجيدگيءَ سان نہ سوچيو آهي، پر اها حقيقت آهي تہ پنهنجا احساس شاعريءَ ذريعي اڻ واقف ماڻهن تائين پهچائڻ جو جيڪو عمل آهي، سو ٿورو گهڻو تہ اهوئي آهي تہ انسان پنهنجي دل جي ڳالھ ٻين کي ٿو آڇي. ٻئي پاسي موٽ ۾ خوشي ٿي ملي. ڏک ڏوجهرا تہ سڀ ڪنهن لاءِ رکيا آهن. شاعر کي جڏهين اهي ڏک ڏوجهرا سامهون ٿا اچن تہ اهو يا اها بيان تہ ڪري ٿي ٻين جي اڳيان اُهڙا بہ ڪيئين ماڻهو وينا آهن، جيڪي ڏک ڏوجهرا ڏسن بہ ٿا، سهن بہ ٿا، پر انهيءَ جو اظهار خاموشيءَ ۾ لڪل هوندو آهي.

سوال: اوهان شاعري لکڻ ڪيئن شروع ڪئي؟

جواب: ائين ٿيڻو هو، سو ٿي ويو. ٿي سگهي ٿو تہ جيڪو منهنجي گهر جو ماحول هو، انهيءَ ڪري شاعريءَ ڏانهن ڇڪجي ويس. اسان جو گهر مڙيئي دانشور هو، جتي ڪتابن جي باري ۾ گهڻي ڳالھ ٻولھ هلندي هئي. اسان گهر جا ياتي پڙهڻ جا خفتي هئاسين، خاص ڪري بابا سائين. مان پنجن ورهين جي هيس تہ مون شعر لکڻ شروع ڪيا. مون جيڪا انهيءَ وقت شاعري ڪئي هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اها ٻاراڻي شاعري هوندي. بابا کي منهنجي ڳالھ وڻندي هئي، سو کيسي ۾ هٿ هڻي مون کي پئسا ڏيئي ڇڏيندو هو. مون کي ياد ناهي تہ ڪيترا پئسا ڏيندو هو. ايترو ياد اٿم تہ اهي پئسا مون لاءِ تمام گهڻا هوندا هئا.

سوال: توهان شروعاتي سالن ۾ جيڪا شاعري ڪئي. انهيءَ ۾ سماجي حقيقت نگاري هوندي هئي. اوهان ڪميونزم جي واڪاڻ ڪئي، ڪارڻ؟

جواب: هاڻي اها ڳالھ سمجهاڻ ڏاڍي ڏکي آهي. انهيءَ وقت جيڪي حالتون هيون، انهن حالتن کي اڄڪلھ جا ماڻهو سمجهن نٿا. سچ تہ اهو آهي تہ ان وقت مون پنهنجي حال سارو انسانيت کي بچائڻ پئي چاهيو، پر انهيءَ لاءِ جيڪا واٽ ورتيم اها ڏاڍي خراب هئي. مون تہ انسان ذات جي ڀلي لاءِ اهو ڪم ڪيو. گهڻو وقت پوءِ مون کي اها ڳالھ سمجھ ۾ آئي تہ انسان سان پيار ڪرڻ جي بدران ڪين اُٽٽ ۾ آڻجي. آئون انسانيت سان پيار تہ ڪندي آهيان، فرد کي چاهيندي آهيان، آئون ماڻهن کي سمجهڻ جي ڪوشش تہ ڪندي آهيان. پر سندن مسئلن جو حل سندن مٿي ۾ نہ هڻندي آهيان. مون جيڪا شروع ۾ شاعري ڪئي، اها مون لاءِ وڏو سبق هئي. اها منهنجي جواني جي غلطي هئي. اها غلطي مون بہ چڱي نيت دل ۾ رکي ڪئي هئي ۽ بدقسمتي هئي تہ اائين رڳو مون نہ ڪيو. پر ڪيترن شاعرن اها غلطي ڪئي. پوءِ جڏهين ڪين جيلن ۾ وڌو ويو. پوءِ وڃي اک پٽيائون ۽ پنهنجو نظريو بدلائيائون. منهنجا ڀاڳ هئا جو آئون قيد ٽيڻ کان بچي ويس. اصل ۾ بچيس انهيءَ ڪري جو سياست ۾ مون ايتري گهڻي ٽنگ نہ اڙائي هئي. جن اڙائي، انهن سان اها جڻ ٿي.

سوال: توهان جا دوست چون ٿا تہ اوهان ۾ حس مزاح تمام گهڻي آهي، جيڪا اوهان جي شاعريءَ ۾ بہ موجود هوندي آهي. توهان پنهنجي شاعريءَ ۾ کل ڀوڳ کي ڪيترو اهم ٿيون سمجهو؟

جواب: انهيءَ سوال جي جواب ۾ مون کي ڪا وڏي وات ڳالھ ڪرڻي ناهي. ڪا هام ڪا نہ ٿي هڻان پر مون کي لڳي ٿو تہ سنگت ساٿ ۾ کل ڀوڳ جون ڳالهيون ڪرڻ جي ذات مون ۾ آهي. ظاهر آهي تہ ڪجھ منهنجا شخصي دوست آهن ۽ اهي ڪي منهنجا پرستار وغيره نہ آهن. بس ائين ڪٿي چئو تہ مُنهنجي اها سنگت ساٿ شروع کان وٺي روڻ کلڻ ۾ مون سان ساٿ ۾ رهي آهي. ظاهر آهي تہ کلڻ ۽ چرچو ڀوڳ ماڻهوءَ لاءِ ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال: اوهان جون جيڪي ڪل پوڳ جون ڳالهيون آهن، اهي اوهان جي شاعريءَ ۾ اچي وڃن ٿيون؟

جواب: اها تہ قدرتي ڳالهہ آهي آئون سوچي سمجهي شاعريءَ ۾ ڪل پوڳ آڻيندي آهيان ۽ ڪڏهين ڪڏهين پين ڪي ڪلائنٽ لاءِ بہ شاعري ڪري وجهندي آهيان. مثلن مون کي خط لکندي مزاحيہ پنج سٽا لکڻ ۾ مزو ايندو آهي. موٽ ۾ مون کي بہ منهنجا دوست خطن ۾ اهڙا پنج سٽا لکندا آهن.

(1996ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ادب ۽ سياست

(سنڌ جي علمي، ادبي ۽ صحافتي حلقن ۾ ادب ۽ سياست جو بحث پهرين پهرين ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگيءَ جي نالي سان هليو. جڏهين اهو بحث ٿڌو ٿيو ته وري ”ڪميٽمينٽ ۽ ادب“ جي نالي سان هليو. جڏهن سوويت يونين ٽٽو ته انهيءَ کان پوءِ ساڳيو موضوع ”مزاحمتي ادب“ جي نالي سان شروع ٿيو، جيڪو اڃا جاري آهي. انهيءَ موضوع جي لحاظ کان سنڌي ادب ۾ هن وقت ٽي ڌڙا آهن. هڪڙن جو چوڻ آهي ته، ”جيڪي اسان جي سياسي ڌڙي سان ڪميٽيڊ آهن، اهي ئي مزاحمتي ادب تخليق ڪن ٿا“. ٻين جو چوڻ آهي ته. ”جيڪي ڪنهن سياسي ڌڙي جي بدران پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان ڪميٽيڊ آهن. اهي ئي مزاحمي ادب تخليق ڪن ٿا.“ ٽيا وري انهن ٻنهين راين سان اختلاف رکندي چون ٿا ته ”اسان صرف پنهنجي قلم سان ڪميٽيڊ آهيون. جيڪا شيءِ محسوس ڪنداسين، ايئن لکنداسين. اسان ڪنهن ٻئي جو پاٽي پرڻ لاءِ تيار ناهيون.“

هتي آئون ڪنهن تي پنهنجي راءِ مڙهڻ جي بدران دنيا جي ڪجهه هاڪاريل اديبن جا رايا ڏيان ٿو، پر اهي رايا ڏيڻ کان اڳ هڪ ڳالهه جي چٽائي ضروري آهي. اها هيءَ آهي ته جيئن صحافي سياسي مبصر هوندو آهي، ائين اديب به سياست تي لکندي سياسي مبصر بڻجي ويندو آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته صحافي بروقت راءِ ڏئي ڇڏيندو آهي، جڏهن ته اديب طوفان گذري وڃڻ کانپوءِ ٻڌائيندو آهي ته پڙ تي ڇا بچيو. انهيءَ ڳالهه جو هن وقت ڀرپور مثال اوريانا فيلاسي آهي، جيڪا صحافيت به آهي ته اديب به آهي. جڏهين يونان ۾ باهه ٻري رهي هئي ته صحافيءَ جي حيثيت ۾ هوءَ پنهنجي اخبار ”لي موندي“ کي روز رپورٽ موڪليندي هئي، جڏهين ته اديب جي حيثيت ۾ هن انهيءَ ٻرندڙ

باھہ تي ڪيترا سال پوءِ دل کي جھپيون ڏيندڙ ناول "A Man" لکيو. ساڳي طرح جڏهن لبنان ۾ رت جون نديون وهي رهيون هيون تہ صحافيءَ جي حيثيت ۾ روزانہ پنهنجي اخبار کي رپورٽ موڪليندي هئي. جڏهن تہ اديب جي حيثيت ۾ ساڳئي موضوع تي گهٽ پوءِ بور ڪندڙ ناول ”انشاءَ الله“ لکيائين. گراهم گرين بہ مرڻ گهڙيءَ تائين ائين ڪندو رهيو.

سو هتي جيڪي اديبن جا ”سياست ۽ ادب“ تي رايا ڏجن ٿا، انهن مان ڪجھہ رايا گذري ويل سياسي حالتن کي اڳيان رکي ڏنا ويا آهن، پر انهن راين جي حيثيت مستقل آهي. هي رايا رسالن "Paris Reviw" "Granta" ۽ "Horizon" کي ڏنل انٽرويوئن مان ڪنيا ويا آهن. تہ رايا پڙهو ۽ پڙهي فيصلو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ فيصلي جو حق صرف پڙهندڙ کي مليل آهي. لکندڙ ڪجھہ بہ ڪري، پر اها مرضي پڙهڻ واري جي آهي تہ هو ليکڪ جي ڳالھہ کي مڃي يا اڇلائي ڦٽو ڪري.

## ميلان ڪنديرا

☆ ماڻهو چون ٿا تہ ”تاريخ فيصلو ڪندي.“ تاريخ وري ڪهڙو فيصلو ڪندي تاريخ تہ پاڻ اسان کي بيچڙو ڪندي. اسان ائين ڇو ٿا سوچيون تہ تاريخ انصاف ڪندي. تاريخ تہ اسان سان بي انصافي ڪندي. تاريخ جا فيصلا تہ بيوقوفيءَ سان پريا پيا آهن.

☆ ڇرپائپ انسان جي فطرت ۾ شامل آهي، فاشزم انسان جي فطرت ۾ شامل آهي، ڪميونزم انسان جي فطرت ۾ شامل آهي ۽ مارا ماري انسان جي فطرت ۾ شامل آهي. انهيءَ ڪري هيءَ دنيا تڏهن جنت بڻبي جڏهين انسان انسان نہ رهندو.

☆ ڪو بہ سياسي نظام اهو ئي ڪجھہ ڏيئي سگهي ٿو، جيڪو ڪجھہ نظام هلائيندڙ انسان جي هٿ وس آهي. جيڪڏهن خون ڪرڻ انسان جي وس کان ٻاهر هجي تہ پوءِ ڪو بہ سياسي نظام جنگ ڇيڙي نٿو سگهي. سياسي نظام اوهان کي ڪيترو بہ چوي تہ چار ڪلوميٽر پري ٽڪ اڇلائي ڏيکار يا اسٽالين حڪم ڏئي تہ سؤ وکون پري پيشاب جي لار پهچائي ڏيکار، پر اوهان ائين ڪري نہ سگهندا. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ اوهان جي وس کان ٻاهر آهي. هڪ باقي خون ڪرڻ اوهان جي وس ۾ آهي. اهو ڪم اوهان کنهن بہ سياسي اڳواڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حڪم تي ڪري سگھو ٿا.

☆ جيڪڏهن اوهان ننڍي قوم جا ماڻهو آهيو ته پوءِ تاريخ ٻڌائي ٿي نٿا سگھو. ڇاڪاڻ ته تاريخ هڪ بي رحم قوت آهي.

## گارشيا مارڪئز

☆ ادب کي سياسي هٿيار ٻڌائي ڪم ۾ آڻڻ کي آئون مناسب نٿو سمجهان، پر مرضي نه هوندي به ليکڪ جا سياسي نظريا سندس لکڻين ۾ ظاهر ٿي پوندا آهن ۽ ماڻهن تي اثر ڇڏيندا آهن. منهنجا ڪتاب به لاطيني آمريڪا جي شناخت کي اڀارين ٿا ۽ ماڻهن کي پنهنجي ثقافت جو احساس ڏيارين ٿا.

☆ گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته سياست رڳو چونڊن جو نالو آهي. يا سياست اهڙي قسم جي شيءِ آهي، جنهن جو لڳ لاڳاپو فقط حڪومت جي جوڙجڪ سان آهي، پر ائين ناهي. لاطيني آمريڪا جي شناخت کي اڀارڻ لاءِ ادب، سئنيما، مصوري ۽ موسيقي وڌيڪ لازمي آهن.

☆ فن کي ڪڏهين به حڪومت جي خدمت لاءِ ڪم نه آڻجي، پوءِ اها حڪومت ڀلي ڪهڙي به سٺي هجي.

## نورالدين فرح

☆ اسان سوماليه جا ماڻهو جيستائين هڪ ٻئي جون واتون بند ڪرڻ، هڪ ٻئي جا ترا ڪيڏڻ ۽ هڪ ٻئي جا سر ڪٽڻ ۾ پورا هونداسين ته تيستائين ٻين جا ئي غلام رهنداسين. تنهن ڪري ليکڪ کي کپي ته هو ڪنهن به سياسي ڌڙي ۾ شامل ٿي ڌُر ٻڌجڻ جي بدران پنهنجي لکڻين جي ذريعي جهيڙا ٽاري.

☆ ليکڪ قوم جي حافظي جو خزانچي، قوم جي خواهشن جو امين ۽ عوامي راءِ جو رکوالو آهي. انهيءَ ڪري ايماندار ليکڪ اهو ٿي آهي، جيڪو پنهنجو قلم نٿو وڪڻي. آئون اهڙن ليکڪن جي خلاف آهيان، جيڪي پارٽي بازي واري سياست ۾ قائل هوندا آهن. جڏهن به ڪو ليکڪ سياستدان ٿيندو آهي ته ڪيس رکي رکي ڪو نه ڪو سياسي پليٽ فارم استعمال ڪرڻو پوندو آهي ۽ نيٺ نتيجو اهو وڃي نڪرندو آهي ته ڪيس ٻين سياسي ڌرين سان سمجهوتو ڪرڻو پوندو آهي ۽ انهن سياسي سمجهوتن کان بچڻ لاءِ ليکڪ کي کپي ته هو ڪا سياسي ڌر ٻڌجڻ جي بدران پنهنجي ليکي سياسي حقيقتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري. ائين ڪرڻ کان پوءِ ئي ليکڪ سياسي معاملن جي باري ۾ ماڻهن کي خبردار ڪري سگھي ٿو. پر جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان سياسي پارٽيءَ جي مفادن ۾ ڦاسي پوندئو تہ نتيجي ۾ اوهان ماڻهن جون اهڙيون ڳالهيون سياستدانن جي فائدي ۾ ويندڀون، پر اديب جي اهڙي دانهن مان قوم کي ڪو بہ فائدو نہ پهچندو.

☆ ليکڪ کي حڪومت بدلائڻ جي بدران عوام جي سياسي سوچ کي بدلائڻ گهرجي. ائون يورپ جا مزا چڙدي آفريڪا ۾ انهيءَ ڪري اچي رهيو آهيان تہ جيڪي ڪجهہ لکان، اهو منهنجو آفريقي تجربو هجي.

☆ جيڪي آفريقي يورپ ۾ رهي ڪري آفريقا جي باري ۾ ٿا لکن، اهي لکڻيون ڪنهن ڪم جون ناهن. اها تہ آفريقين سان دغا آهي، جو آفريقا کان ٻاهر ويهي آفريقين جي طرفان لکجي. آفريقا ۾ جيڪي تڪليفون ۽ ڏک ڏوجهرا آهن، جيڪا بک آهي، اهي سڀ تڪليفون آئون بہ ٻين آفريقين وانگر سهندو آهيان. انهيءَ ڪري مون کي خبر آهي تہ ڇا لکڻ گهرجيم.

## جارج آرويل

☆ جڏهن هينري ملر جو ڪتاب "Topic of Cancer" (سيڪس جي موضوع تي لکيل ناول) ڇپجي پڌرو ٿيو، تڏهن اٽليءَ جون فوجون زمين آسمان هڪ ڪنديون حبش ۾ گهڙي رهيون هيون ۽ ٻئي پاسي هٽلر جا عقوبت خانا ماڻهن جي جسمن سان سٽيا پيا هئا. اهو ڪو اهڙو وقت تہ نہ هو جو ويهي پئرس جي گهٽين ۾ شراب وڪڻندڙ حرامخور آمريڪين جي باري ۾ سٺو ناول لکجي. جيڪو بہ ليکڪ سياسي واقعن کان ڪن ٽارڻو ڪري تہ پوءِ اهو ليکڪ يا تہ بڪواز ٿو ڪري يا گڏهہ جو ڦر آهي.

## ڊبليو ايچ آڊين

☆ جن ليکڪن سياسي دڪان وجي کوليا، انهن سياست سان بہ جڻ ڪئي ۽ پاڻ سان بہ جڻ ڪيائون. ليکڪ سٺو سياستدان ٿي ئي نٿو سگهي. چاڪاڻ تہ هڪ تہ جيڪو بہ ليکڪ سياست ۾ گهڙي ٿو، اهو زوري گهڙي ٿو. ٻيو تہ ليکڪ خلق کي منهن ڏيڻ لائق ٿي ناهي.

☆ مون کي اجا تائين سياست جو شوق بيٺو آهي، پر مون کي خبر آهي تہ سماجي ۽ سياسي بي انصافين کي منهن ڏيڻ لاءِ ادب تخليق ڪرڻ جي بدران بهتر آهي تہ يا تہ سڌو سڌو سياسي ايڪشن ڪئجي يا وري صحافين وانگر اخبارن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنئين سڌي رپورٽنگ ڪري حقيقن تان پردو کڻجي. فن تہ سياست جي ڪنهن ڪم جو ناهي. يورپ ۾ جيڪڏهن دانتي، شيڪسپيئر ۽ مائيڪل اينجلو جي ڇٽي تي هلجي ها تہ ڪم نہ ٿي ها. اديب جي سياسي ڊيوٽي رڳو اها آهي تہ هو ماڻهن کي ٻوليءَ جي درست استعمال ڪرڻ جو گُر سيکاري. سياسي ماڻهو ٻوليءَ جو ڀيڙو ٻوڙي ڇڏيندا آهن، لفظن جي معنيٰ ڦٽائي ڇڏيندا آهن. نتيجي ۾ ٻوليءَ جي جاءِ نعرا بازي واري موچڙا ڪٽ والاريندي وينديء آهي.

## جيڪ ڪيرووي

☆ هل ڙي هل! آئون پاڻ ويٽنام وڃڻ لڳو پيو آهيان تہ ويٽنام تي ڊوڙ لڪندس. مون کي سياست کان وڌيڪ گاڏيون چورائڻ يا دوستن کي ڪارائڻ پيارڻ ۽ نشي جون گوريون کائي بهشت جهڙو سير ڪرڻ جو وڌيڪ شوق آهي.

☆ جيڪا ڳالهہ ليکڪ ٽن اکرن ۾ ڪندو آهي، اها ساڳئي ڳالهہ سياستدان پندرهن هزارن اکرن ۾ ڪندو آهي.

## آرٿر ڪوئسلر

☆ جڏهين آئون فرانس يا آسٽريليا ويندو آهيان تہ اتي ويهي لڳندو اٿم تہ پرديس ۾ آهيان ۽ منهنجو دلي لڳاءُ برطانيا سان ٿي آهي. وري جڏهين واپس برطانيا ايندو آهيان تہ هتي ويهي جلاوطنيءَ جو احساس ٿيندو اٿم.

☆ فرانس ۾ قيد ۾ رهڻ کان اڳ اسپين جي قيد ۾ هوس. موت جي ڪوٺڙي ۾ اڪيلو رکيو هئن ۽ ڪنهن بہ وقت مون کي گوليءَ سان اڏائي پئي سگهيا. اسپين جي جيل ۾ رهڻ کانپوءِ فرانس جو جيل سهڻ مون لاءِ سولي ڳالهہ هئي. مختلف ملڪن جي جيلن ۾ رهڻ کانپوءِ مون کي ٻين ڳالهين سان گڏ انهيءَ ڳالهہ جي.بہ خبر پئي تہ آزاديءَ جا ڪيترا ڏاڪا ٿيندا آهن. جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ اڪيلو رهڻ آزاديءَ جو ڪريل ۾ ڪريل ڏاڪو آهي. قيد ۾ اڪيلو رهڻ کان تہ ٻڌي مرڻ چڱو آهي.

☆ مون ڪميونزم جي مخالفت ڪا نہ ڪئي، پر ڪميونزم اسٽالين جو روپ ڌاري مون کي پاڻ کان ڌار ڪيو.

☆ هت برطانيا ۾ آئون ووٽ ڏيندو آهيان ۽ چونڊن جي نتيجي جي باري ۾ زور شور سان اڳڪٿيون بہ لکندو آهيان. اليڪشن مون لاءِ هڪڙي اهڙي راند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ منهنجي شرڪت ضروري ٿي پوندي آهي. مهرباني ڪري سياست تي مون سان وڌيڪ نہ ڳالهايو.

## ماريوس وارگاس للوسا

☆ ادب قوميتن کان مٿاهون آهي. ادب کي ڪنهن هڪڙي ئي قوم جي سوڙهين پابندين ۾ ٻڌي ڇڏڻ ادب کي قتل ڪرڻ جي برابر آهي.

☆ ليکڪ سياسي ذميوارين کان آجو ناهي. پر مون کي سيني کان وڌيڪ خراب، غلط، بيڪار ۽ واهيات ڳالهہ تڏهين ٿي لڳي، جڏهين ڪو سياسي ماڻهو پنهنجو اصلي ڪم ڇڏي ادب ۾ اچي ٽنگ اڙائيندو آهي. ادب سياسي هٿيار ناهي، پر جيڪڏهن آهي بہ سهي تہ ٿپ مڏو هٿيار آهي. انهيءَ ڪري چڱائي انهيءَ ۾ آهي تہ سياستدان وڃي سياست ڪري ۽ پنهنجو قيمتي وقت ليکڪ ٽيڻ جي چڪر ۾ نہ وڃائي.

☆ مون کي ڪجهہ اهڙا ليکڪ سمجهن ٿا، جن پنهنجين لکڻين ۾ ادب ۽ سياست کي اهڙو تہ ملايو آهي جڻ منڍيءَ تي ٽڪ. بريخت جو مثال تمام وڏو مثال آهي. بريخت تہ غير معمولي مثال هو، پر مون کي ڪئين اُهڙا ليکڪ بہ سجهن ٿا، جن ادب کي سياسي هٿيار سمجهي سياسي نظرين جو پرچار ڪيو ۽ ادب ۾ منهن پر وڃي ڪريا.

## آچي بي

☆ جڏهن منهنجي ملڪ نائيجيريا سميت سڄو آفريقا بينڪي نظام جي خلاف وڙهي رهيو هجي تہ سيني ليکڪن تي فرض ٿئي ٿو تہ هو انهيءَ ويڙهاند کان ڪن ٽار نہ ڪن. اوهان آفريقي آهيو. جڏهين سڄي دنيا اوهان جي مٿان اونڌي ڪئي ويئي آهي تہ پوءِ اندر جي آنڌ مانڌ کي ڇو لڪائجي. اهڙين حالتن ۾ غيرجانبدار رهڻ ناممڪن آهي.

☆ سياستدان تہ چاهيندا آهن تہ اوهان سندن پيرن ۾ ڪريا پيا هجو. پاور جو استعمال ڪرڻ اسان جي سيني سياسي ليڊرن جي بيماري آهي. ڪين خبر ئي ناهي تہ سندن تعداد آٽي ۾ لوڻ برابر آهي. ڌرتيءَ جو اصل مالڪ ۽ وارث تہ عوام آهي، جيڪو چپ آهي. انهيءَ ڪري ليکڪ کي کپي تہ هو ليڊرن جي زبان ٻڌڻ جي بدران عوام جي زبان ٻڌجي.

(1996ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ممتاز مفتي

# احترام

(ممتاز مفتيءَ ڪي سندس لکڻين جي حوالي سان هر پڙهيو لکيو ماڻهو سڃاڻي ٿو پر سندس شخصيت کان گهٽ ماڻهو واقف آهن. خاص ڪري سنڌي ماڻهو. سنڌي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صرف ايتري خبر آهي ته ممتاز مفتيءَ تي ڪتاب ”لبيڪ“ جي لکڻ جي ڏوهه ۾ ڪفر جي فتويٰ لڳي هئي. سو هت سندس ٿورن اکرن ۾ گهٽو ذاتي تعارف ضروري آهي.

ظاهر آهي ته پيءُ کي پٽ کان وڌيڪ ڀيو ڪير سڃاڻي سگهي ٿو. سو هت آئون سندس پٽ ۽ منهنجي مهربان دوستن عڪسي مفتيءَ جا ڪجهه جملا ترجمو ڪيان ٿو. عڪسي مفتيءَ لکي ٿو: ”ممتاز مفتيءَ کي ننڍ پڻ ۾ پنهنجي گهر جي ماحول کان نفرت هئي. جڏهن سندس والد مفتيءَ محمد حسين ٻي شادي ڪري ڇڏي ته ممتاز مفتيءَ جي والده صغريٰ بي بيءَ جي حيثيت گهر جي نوڪرياڻيءَ جهڙي رهجي وئي. ڪيس پيءُ تي ڏادي ڪاوڙ آئي ۽ پاڻ گهر ڇڏي هليو ويو. ڪئين ورهيه گذري ويا. سندس والد مفتي محمد حسين 90 سالن جي ڄمار کي پهچي ويو. پر ممتاز مفتيءَ نه ساڻس مليو ۽ نه ئي ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪيائين“..... ”ممتاز مفتي وڏيون وڏيون خطائون معاف ڪري ڇڏيندو هو. پر ڪنهن ننڍيءَ ڳالهه تان رسي ويندو هو. سندس شخصيت ۾ تضاد ئي تضاد هو. ڪاوڙيل هئڻ جي باوجود ممتاز مفتي شرميلو هو. ٽٽل ٽٽل ۽ ڊنل ڊنل رهندو هو. خوف جو شڪار ۽ تمام گهٽي احساس ڪمتريءَ جو شڪار. ڪڏهن ڪنهن ڪاموري سان نه ملندو هو. آفيس ۾ پٽيوالن ۽ ڪلرڪن سان ياري رکندو هو. ڪين يار! چئي سڏيندو هو ۽ ساڻن اٿندو ويهندو هو. ڪاموري کان ڊڄندو هو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪاوڙيل رهندو هو. هڪ ڪاموريءَ کي ٽونشا هٽڻ جي ڪري ڪيترائي سال سسپينڊ رهيو. پيشاب جي حاجت ٿيندي هئس ته ڪامورن جي غسل خاني ۾ وڃڻ بدران عام استعمال جو غسل خانو ڳولهي لهندو هو يا پوءِ ٻاهر جهنگ جو پاسو وٺندو هو.“..... ”قدرت الله شهاب جي مرڻ کان ڪجهه سال پوءِ سندس پياري پٽ عڪسي مفتي (آئون) ٻئي شادي ڪري ڇڏي. ممتاز مفتيءَ ٻئي شاديءَ کان چڙيل رهندو هو. ايتري قدر جو هن پنهنجي پيءُ کي به ڪڏهن معاف نه ڪيو. پٽ ته شادي ڪرڻ سان ئي سندس گهر ڇڏي ويو ته ممتاز مفتي اڪيلو رهجي ويو. ٺپ اڪيلو. سندس نفرت معنيٰ وڃائي ويهي رهي.“..... ”مفتي پٽ سان وڃي لڳو. مجذوبيت ڇڏي فاقيري رنگ ۾ هليو ويو. هڪ پراڻي بستري تي ليٽيو پيو هوندو هو يا پوءِ ڇڏڪين واري رليءَ تي ويهي ڪجهه لکندو رهندو هو، ڪجهه سوچيندو رهندو هو.“ ....”سندس وفات کان پوءِ فيصل آباد مان هڪ ڇوڪريءَ مون کي خط لکيو. جنهن جا آخري جملا هئا ته ڪين خدا مليو يا نه. اها ڳالهه ته هو پاڻ ڄاڻندا هوندا يا توهان! پر منهنجي اها تمنا هئي ته جيڪڏهن خدا مون وٽ هجي ها ته آئون ڪين ڏئي ڇڏيان ها.“..... ”سندن جنازي جي موقعي تي ڪيسا ڪتريندڙ بشني به پوئتي نه هٽيا. بشنين جو پورو ٽولو جنازي دوران ممتاز مفتيءَ جي پرستارن کي ڦريندو رهيو. گهٽن جا ڪيسا ڪٽجي ويا. هڪڙي همراهه جو ڪيسو ڪٽائو ته چوڻ لڳو، ته ”هيءَ ڪهڙيءَ مشڪري آهي؟“ انهيءَ تي احمد بشير جواب ڏنو ته، ”ممتاز مفتي ويندي ويندي پنهنجا هٿ ڏيکاري ويو آهي.“ ته اهو آهي ممتاز مفتي جو مختصر تعارف. جيڪو سندس پُٽ عڪسي مفتي جي ڪجهه چونڊ جملن ۾ بيان ٿيل آهي. هاڻي اچون ٿا خود ممتاز مفتي ”احترام“ جهڙي اوپري ۽ ڏکئي موضوع تي ڇا ٿو لکي ـ سنڌيڪار)

دعا ڪريو ته ڪو ماڻهو محترم نه بڻجي.

سياڻن جو چوڻ آهي ته احترام هڪ ديوار آهي. جيڪا محترم ۽ احترام ڪندڙن جي وچ ۾ آڏو اچي ويندي آهي ۽ اها قرب پيدا ٿيڻ نٿي ڏئي. اها ديوار خوف پيدا ڪندي آهي. جڏهن ته خوف هاڪاري نه پر ناڪاري جذبو آهي. احترام ٻنهي پاسان ٿيندڙ محبت جي امڪانن کي گهٽائي ڇڏيندو آهي. پيءُ پٽ جي رشتي کي ئي وٺو ته پٽ لاءِ اهو لازمي آهي ته هو پيءُ جو احترام ڪري. انهيءَ ڪري پيءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کي ويجهو اچي نٿا سگهن. ڪنهن سياڻي واهہ جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ. ”جيڪڏهن پہ ماڻهو هڪ ٻئي جي پر ۾ وينا هجن، پر وٽن ڳالهائڻ لاءِ ڪا ڳالهہ نہ هجي تہ پڪ ڄاڻو تہ ٻئي ڄڻا پيءُ پٽ آهن.“ جڏهن رشتو ايڏو ويجهو آهي ۽ هڪ ٻئي سان ورتاءُ ايڏو پري هجي تہ اها صورتحال احترام جي بخشيل آهي. خبر ناهي تہ ڇو پيءُ کي ايڏو محترم بڻائي اولاد کي پري ڪيو ويو آهي. انهيءَ دوريءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو Father Hostility جو جذبو پيدا ٿيو ۽ انهيءَ Love Rate جي ڪري جنريشن گئپ جو مسئلو وجود ۾ آيو.

اڄڪلهہ جي نوجوانن تي نڪتہ چيني ڪريو تہ اهي جواب ٿا ڏين تہ سڄو ڏوهہ وڏن جو آهي. انهن اسان جي سکيا چڱي طرح نہ ڪئي. وڏن اسان کي پٽ پيلي سمجهيو. اسان کي ڳالهائڻ نہ ڏنائون. اسان جي دلين ۾ ڊپ جو ڄار وڇائي ڇڏيائون. ننڍا انهيءَ ڳالهہ ۾ سچا آهن. اسان سچ پچ کين ڳالهائڻ نہ ڏنو. هنن جڏهن بہ ڳالهائڻ لاءِ وات کوليو تہ اسان کين اهو چئي سندن وات بند ڪيو تہ ”ماٺ! وڏن جي سامهون ٿو ڳالهائين.“

ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اها سڄي چالاڪي ماءُ جي آهي. مائرن جي ايڏي تہ گهاٽي ۽ تکي آهي جو اهي اهو نٿيون چاهين تہ Lust for possession سندن ٻار پيءُ کي ويجها هجن. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اولاد پيءُ کي ويجهو ويو تہ مائرن کان پري هليو ويندو. تنهن ڪري اهڙو هٺ چو نہ جهلجي جو ٻار پيءُ کان ڊڄن ۽ کيس ويجها نہ وڃن.

اسان جي سماج ۾ مائرون ٻارن کي پيءُ کان ڊيڄارينديون رهنديون آهن تہ. ”نہ نہ، پٽ ايئن نہ ڪر. جي پٿهين کي خبر پئجي وئي تہ مار کائي ويهي رهندين.“ يا ”آئون پٿهين کي ٻڌائي ڇڏينديس تہ تو انهيءَ ڏينهن تو ڪوڙ ڳالهايو هو.“ يا ”چپ! پٿهين پيو اچي.“

اسان جي گهرن ۾ اهڙا جملا جتي ڪٿي ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. ٻار اهو سمجهندا آهن تہ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪا خراب ڳالهہ ناهي، پر بابي کي خبر نہ پوي. ماءُ جي سامهون پلي پيا گوڙ ۽ جهيڙو ڪريو، پر پيءُ جي سامهون چپ رهڻو آهي. نتيجو اهو ٿو وڃي نڪري تہ ٻيو سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي، پر بابو وچ ۾ وڏي رنڊڪ آهي. ماءُ هر وقت ٻارن کي ڪن ڪٽائيندي رهندي آهي تہ پيءُ جو احترام لازمي آهي. باقي ايئن ڪڏهن ڪا نہ چوندي تہ منهنجو احترام ڪريو، مون کان ڊڄو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذاري. وڏيءَ عمر جو هر ماڻهو نئين دؤر کي حقارت سان ڏسندو آهي، نئين جنريشن جي باري ۾ سمجهندو آهي تہ اها نئين پيڙهي سڌي رستي تي ناهي. ڪو پيءُ پنهنجي پٽ کي برابريءَ جو درجو ڏيڻ لاءِ تيارئي ناهي. پيءُ پٽ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي. پر هو ڪڏهن بہ پٽ لاءِ پنهنجن نظرين جي قرباني نہ ڏيندو.

(1997ع)

سس، بعض جي رقيب آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃن ها ۽ ڪيس ملين ڊالرن جي حساب سان وڏيڪ رائلٽي ملي ها. پر پاڻ ٽوٽي جو هيءَ سودو ڪري وڏيڪ شهرت ڪمائي ويئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٽوٽو ڪائڻ بہ نہ رڳو پنهنجي فائدي ۾ ويندو آهي، پر خلق خدا جي بہ فائدي ۾ ويندو آهي.

جيڪڏهن سندس هيءُ سڄو مضمون سنڌي ۾ ترجمو ڪجي ها تہ فل اسڪيپ سائيز ۾ لڳ ڀڳ سئو صفحن تي وڃي بيهي ها. پر هت انهيءَ مضمون جو اهڙو اختصار ڏجي ٿو، جيڪو سڄي دنيا جي آبپاشيءَ جي ماهرن تي پوي ٿو. باقي جيڪي مقامي ڳالهيون لکيون اٿائين، اُهي هن اختصار ۾ ڪٽيون ويون آهن سواءِ چند ضروري ڳالهين جي. تنهن هوندي بہ ضرور ڪٿي نہ ڪٿي ڪوٽ ٽوٽ رهجي ويئي هوندي.

هت پيو اهو عرض بہ ڪري ڇڏجي، تہ مون کي جيڪڏهين سندس ڪنهن ادبي فن پاري جو ترجمو ڪرڻو پوي ها تہ شايد سندس ڏيڍ لفظ بہ نہ ڪٽيان ها. ڇاڪاڻ تہ بندي جي خيال ۾ ڪنهن بہ ادبي تخليق جو اختصار ڪرڻ اهڙين آهي، جيئن ڪنهن وڏي مصور جي ٺاهيل شاندار تصوير مان ڪو رنگ ۽ ڪجھ ليڪون غائب ڪرڻ. ظاهر آهي تہ ايئن ڪرڻ سان تصوير تصوير نٿي رهي پر اختصار ڪندڙ جو ڪرائيم رهجي وڃي ٿو. پر جيئن تہ هيءَ هڪ تحقيقي رپورٽ آهي، مترجم وٽ صفحن جي ڪوٽ آهي. انهيءَ ڪري ايئن ڪرڻو پئجي ويو. پاڻ کي هو مطلب سان مطلب، سو پورو ڪيوسين. باقي جيڪڏهن پنهنجي ايندڙ نسل جو خيال نہ رکندڙ ڪنهن زميندار کي يا ڪنهن ڪاموري کي يا بين الاقوامي مالي ادارن جي اڇلايل چند ڊالرن تي پلجندڙ ڪنهن NGOجي صاحب موصوف کي هن مواد سان اختلاف آهي تہ اهو وڃي ارون ڌتيءَ سان ڳالهائي، منهنجو مٿو نہ کائي ـ مترجم)

مون کي اها خبر آهي تہ منهنجي اکين جي اڳيان موجود هندومت کان بہ جيڪا پراڻي تهذيب آهي، اها ايندڙ چوماسي ۾ سروور بند ۾ گڏ ٿيندڙ پاڻي ۾ ٻڏڻ واري آهي، جو تهذيب جي خاتمي لاءِ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالت پنهنجو مقدس ٺپو هڻي ڇڏيو آهي. دهلي شهر ۾ موجود ڀارت جي سپريم ڪورٽ جي انهيءَ فيصلي ۾ ڪورٽ سگهوريءَ جي پيچيل سوالن ۽ سرڪار سگهوريءَ جي ڏنل جوابن کي پڙهي مون کي ڪل ٿي اچي. جنهن کي هرو ڀرو جي گستاخي نہ سمجهيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالھ چٽي ڪري ڇڏيان تہ آئون انهن ماڻهن مان ناهيان، جيڪي ڳوٺن ۾ موجود راويتي سسٽم جون واڪاڻون ۽ شهري زندگيءَ جون گلائون ڪندا نظر ايندا آهن. مون پنهنجي زندگيءَ جو ڪجھ حصو ڳوٺن ۾ بہ گذاريو آهي تہ اتي مون کي ويڳاڻپ، اڻ برابري ۽ اُرھ زورائيءَ جا ڪئين رنگ نظر آيا آهن. آئون ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ موجود روايتن ۽ ريتن رسمن کي پنهنجي اصلي شڪل ۾ ابد تائين قائم رکڻ جي حق ۾ ناهيان. پر مون کي پنهنجو تجسس نرمدا ماتريءَ جي ڳوٺن ۾ وٺي ويو. انهن ڳوٺن ۾ مونکي اُميد، ڪاوڙ، چاڙ، غلط چاڙ، سياسي دوڪيبازي، انجنيئرنگ جي ڪارنامن جا ظاهري ڏيک، سوشلزم جو غلط استعمال، سياسي انتها پسندي، ڪامورا شاهيءَ جون منافقتون، غلط علم تي ٻڌل جذباتيت ۽ بين الاقوامي امداد جي مشڪوڪ سياست جهڙيون حقيقتون گپ ۾ ڇڙهيون هٽنديون نظر آيون.

اهو سڀ ڪجھ ڏسي منهنجي جبلت (Instinct) مون کي مجبور ڪيو تہ آئون ادبي دنيا جا وڏا فن پارا پڙهڻ ڇڏي آبپاشيءَ جي مامرن تي ٻڌل رپورٽون ۽ ڊاڪيومينٽريون نظر مان ڪيان تہ ڏسان تہ هيءَ زمين، هي درياءَ ۽ هيءَ جهنگلي جيوت آخر ڪنهن جي ملڪيت آهن. عوام جي يا حڪومت جي؟ هنن مامرن ۾ آخر بي گهر، بي در ۽ دربدر ڪير ٿو ٿئي؟

جڏهين مون اهي رپورٽون ۽ ڊاڪيومينٽريون نظر مان ڪيون تہ منهنجا تہ وڻ وڃي ويا. هڪ پاسي حڪومت ٿي چوي تہ "سروور بند جي رٿا هڪ تمام مهانگي رٿا آهي، پر انهيءَ جي نتيجي ۾ لکين ماڻهن کي پاڻي ملندو. اها رٿا اسان جي شاھ رڳ آهي." تہ ٻئي پاسي پبلڪ ٿي چوي تہ، "اهي ماڻهو آخر اسان کي زهر ڇو نٿا پيئاري ڇڏين، گهٽ ۾ گهٽ اسان هنن غليظ ٻرن ۾ رهڻ کان تہ ڇٽي پونداسين."

ڀارت هن وقت بندن ٺاهيندڙ ملڪن ۾ ٽئي نمبر تي اچي ٿو. سينٽرل واٽر ڪميشن جي انگن اکرن موجب هن وقت ملڪ ۾ ننڍا وڏا 3600 بند موجود آهن، جن مان 3300 بند آزاديءَ کانپوءِ ٺاهيا ويا آهن. جڏهين تہ اڃا 1000 ٻيا بند ٺهي رهيا آهن. انهيءَ هوندي بہ ملڪ جي پنجين پتي آبادي يعني 20 ڪروڙ ماڻهو صاف پاڻي کان وانجهيل آهن ۽ 60 ڪروڙ ماڻهو اهڙا آهن، جن وٽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪو بہ بندوبست ٿيل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خريد ڪيون وينديون. ڪن صورتن ۾ اها ”امداد“ ظاهري طور تي ڏني ته هڪڙي ڪم لاءِ ويندي آهي، پر اندرو ئي اندر اها رقم استعمال ڪنهن ٻئي ڪم ۾ ڪئي ويندي آهي. مثال طور 1993ع ۾ برطانيه وارن ملائيشيا کي 234 ملين پائونڊ جو وڏو قرض بظاهر ته گاڻو بند ٺاهڻ لاءِ ڏنو پر ٻئي پاسي اوورسيز ڊولپمينٽ ايڊمنسٽريشن جي رپورٽ ۾ ڇاڻايو ويو ته اهو بند ملائيشيا لاءِ نقصان وارو ثابت ٿيندو. انهيءَ ڪري انهي قرض ڏيڻ جو مقصد ملائيشيا کي ترقي وٺائڻ لاءِ آهي، جنهن جي موٽ ۾ ملائيشيا برطانيه کان 130 ملين پائونڊن جا هٿيار خريد ڪندو. ايئن معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون.

1994ع ۾ برطانوي ڪنسلٽنٽس ٻاهرئين ملڪن سان ٿيندڙ معاهدن مان 250 ملين پائونڊ ڪمايا. پروجيڪٽ مئنجيمنٽ جي شعبي کان پوءِ ٻئي نمبر تي پيا جيڪي معاهدا رقم ڪمائي آيا. اهي معاهدا ماحولياتي اثرن جو جائزو وٺڻ جي باري ۾ هئا. ”ترقياتي ڪم“ جي ڌنڌي جا اصول سڌا ۽ سولا آهن. مثال طور جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن ٺهندڙ وڏي بند جي رٿا جي ڪري پيدا ٿيندڙ ماحولياتي اثرن جو جائزو وٺڻ جو ڪم مليو ۽ اوهان نتيجي ۾ اهڙي رپورٽ ٺاهي وڌي ته ڇاڻايل بند مان انساني زندگي ۽ جهنگلي جيوت کي تمام گهٽو نقصان پهچندو ته پوءِ اوهان خود تاريخ جو حصو بڻجي ويندئو ۽ پاڻ کي بيروزگار ڪنسلٽنٽ سڏرائيندئو. اوهان کان لئنڊ ڪروزر جيپون، فائيو اسٽار هوٽلن جا مزا، موڪلن جا ٽڪ ۽ ٻارن جي مهانگي تعليم وغيره ڦرجي هوا ۾ اڏامي وينديون. انهيءَ ڪري ها ۾ ها ملايو ۽ ٽڪ ڪريو.

آبپاشي لاءِ ڪنهن به بند ٺاهڻ جو مقصد هوندو آهي ته چوماسي جي موسم ۾ پاڻي جي هڪ هنڌ ذخيرو ڪيو وڃي ۽ سال جي باقي بچيل مهينن ۾ اهو پاڻي واهن جي ذريعي پاڻيءَ کان وانجهيل زمين تائين پهچائي احتياط سان استعمال ڪيو وڃي. نون واهن جي ذريعي آباد ٿيندڙ انهيءَ علائقي کي ”ڪمانڊ ايريا“ چيو ويندو آهي. زراعت جي خيال کان اهو باراني علائقو هوندو آهي. جيڪو چوماسي ۾ برسات ذريعي سال ۾ هڪ ڀيرو فصل پيدا ڪندو آهي ۽ جتان جو ماحولياتي نظام انهيءَ هڪ ئي فصل سان ڳانڍاپيل هوندو آهي، هتي سوال اهو ٿو اٿي ته انهيءَ باراني علائقي ۾ جيڪڏهن اتان جي فطرت جي خلاف سڄو سال آبادي ٿيندي رهندي ته انهيءَ جو رد عمل ڪهڙو ٿيندو؟ اهڙي علائقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امیتاو گهوش

# هڪ هڪاٽي

(ڪجهه الماتي ۾ متل ڊپلميٽڪ ميڙي رنگ ڏيکاريو. ڪجهه آمريڪي ايلچيءَ سَن ڪٽائيا. ڪجهه سنڌر جنرل مشرف چنڊ ڇوٽ ڪئي ۽ ڪجهه ٻاٻپائيءَ ڀر ڏني تہ امن ڏانهن ويندڙ رستو صاف ٿي ويو. پاڻ ٻڌل آهيون امن سان. باقي ڪنهن، ڪيئن ڇو ۽ ڇا ڪيو، انهيءَ سان اسان ٻڌل ناهيون. بقول اردو واري جي تہ پاڻ ڪي انب کائڻا آهن، وڻ ناهن ڳڻڻا. جيڪو دل چاهيو پئي سو ٿي ويو.

امیتاو گهوش 1956 ۾ ڄائو ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان انٿراپالاجيءَ ۾ ڊي فل ڪيائين، سندس نئين ناول Glass Palace ادبي دنيا ۾ هٽي واڇٽ وڃائي ڇڏيا.جيڪو برما جي آخري بادشاهي خاندانن جي زوال تي لکيل آهي. انهي ناول لکڻ کان اڳ ۾ جڏهن ڀهرئين ڀارت ۽ پوءِ پاڪستان وارن ائٽمي ڌهڪا ڪرائيا تہ آمريڪا جي رسالي نما اخبار نيويارڪر کيس ڀارت ۽ پاڪستان موڪليو تہ خبرون ڪڍي اچ تہ اُتي ڪهڙو وڻل وهيو. نتيجي ۾ انهيءَ موضوع تي لکيل سندس مضمون نيويارڪر جي 26 آڪٽوبر ۽ 2 نومبر جي پرچي ۾"Count Down" جي عنوان سان ڇپيو، جنهن جو اختصار سان ترجمو هت پيش ڪجي ٿو- مترجم)

11 مئي تي ڀارتي حڪومت راجستان جي ٿر واري علائقي ۾ ٻڌل ڳوٺ پوڪرڻ جي ڀر ۾ ائٽمي تجربو ڪيو. انهيءَ ائٽمي تجربي جي ڪاميابي جي خوشي ۾ حڪومت مناٿيون ورهايون. گڏوگڏ اهو بہ فيصلو ڪيو ويو تہ پوڪرڻ ۾ ”شڪتي جي عبادتگاهہ“ ٺهرائي وڃي. پوڪرڻ کان وٺي دهليءَ تائين حڪومتي حلقن ۾ خوشي ئي خوشي ڇانيل هئي. 28 مئي تي دهليءَ جي لال قلعي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزيراعظم باجپائيءَ جي تقرير جو بندوبست ٿي چڪو هو. انهيءَ ساڳئي ڏينهن پاڪستان وارن بہ ائٽمي ڌڪو ڪرائي وڌو. جڏهن باجپائي ڊائيس تي تقرير ڪرڻ لاءِ پهتو تہ سندس منهن جو پنو لٿل هو ۽ سندس خوشي خاڪ ۾ ملي چڪي هئي.

منوهر جوشي پوکرڻ ۾ ننڍو ٿي وڏو ٿيو. هاءِ اسڪول تائين تعليم ورتائين. سندس مائٽ غريب هئا، انهيءَ ڪري ڪيس اڳتي پڙهائي نہ سگهيا. اڳتي پڙهي نہ سگهڻ ڪري هن هڪ دوڪان ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي. پر جيئن تہ ڪيس لکڻ جو شوق هو، انهيءَ ڪري هو ننڍا ننڍا تبصرا لکي هڪ هندي اخبار ڏانهن موڪلڻ لڳو. نتيجي ۾ انهيءَ اخبار ڪيس پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو. جوشي جڏهن مون سان پوکرڻ ۾ مليو تہ سندس عمر 36 سال هئي. ڪيس اکين تي عينڪ ۽ چپن تي مرڪ چڙهيل هئي. سندس چوڻ مطابق هو 11 مئي تي ماني کائڻ کان پوءِ کٽ تي ننڊ ڪري رهيو هو تہ ٿيڙيءَ جو ڪيس زمين لڏندي محسوس ٿي ۽ پاڻ کٽ تان ڪري پيو. ڪيس اُها ڪڙڪ پئجي وئي تہ اهو زلزلو ناهي، پر ڪو ٻيو جهٽڪو آهي. هو ڳالهہ جي تہ تائين پهچي ويو ۽ هڪدم پنهنجي اخبار سان رابطو ڪيائين. ايئن منوهر جوشي پهريون جرنلسٽ هو، جنهن انهيءَ واقعي جو اطلاع دنيا تائين پهچايو.

چندن بترا منهنجو پراڻو واقفڪار آهي. هن آڪسفورڊ مان تاريخ ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي ۽ نئين دهليءَ ۾ رهي ٿو. ڪنهن زماني ۾ مارڪسسٽ هو، اڄ ڪلهہ هڪ بااثر اخبار جو ايڊيٽر هئڻ سان گڏوگڏ بي جي پي جو حامي بہ آهي. هن صاف لفظن ۾ صاف مون کي چيو تہ، "ٻن سئو سالن جي بينڪيت اسان وٽان خود داري ڦُري ورتي آهي. اسان وٽ اهو قومي فخر ناهي، جيڪو گورن وٽ آهي. اسان کي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اسان حڪومت ڪرڻ جي قابل ناهيون. اسان جي ڪاميابين، اسان جي قدر و قيمت ۽ اسان جي صلاحيتن کان هميشہ انڪار ڪيو ويو آهي. جڏهن آزاديءَ جي تحريڪ هلي رهي هئي تہ مهاتما گانڌيءَ چيو هو تہ جيڪڏهن توهان وٽ بندوق ناهي تہ ڇا ٿي پيو، اوهان وٽ اخلاقي سگهہ تہ آهي. پر پنجاهہ سالن کانپوءِ اسان هاڻي اهو ڄاڻون ٿا تہ نِلهي اخلاقي سگهہ پوري ڪونہ پوندي. اخلاقي سگهہ کي ڪير ڪنگهي بہ نٿو. پر اڄ جڏهين اسان پنهنجو پاڻ کان ٿا پڇون تہ پنهنجي احساس ڪمتريءَ کي ڪيئن ختم ڪريون تہ انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو سُنيءَ ۾ سُنو جواب بہ ڏئي آهي.“
ولاس پاسوان ڀارت جي قومي اسيمبليءَ جو هڪ اهڙو اڇُوت ميمبر آهي، جنهن چوندن ۾ رڪارڊ ووٽ حاصل ڪيا. ڪَسيل بُت، خشخشي ڏاڙهي ۽ سوني فريم واري عينڪ پائي هلندڙ ولاس پاسوان مون سان وچان ئي ٻئي ڳالهہ ڪندي چيو تہ، ”اهي ائٽمي تجربا ڀارت جي قومي مفاد ۾ نہ هئا. اهي تجربا رڳو هڪ پارٽيءَ جي مفاد ۾ ڪيا ويا هئا تہ جيئن موجوده حڪومت کي اندر ئي اندر ٽٽڻ کان بچائيو وڃي. پاڪستاني عوام ڀارت سان دوستي رکڻ ٿي چاهي، پر اسان جي حڪومت انهيءَ دوستي جو جواب ائٽمي ڌمڪي سان ڏنو. اهو بہ اهڙي ملڪ ۾ جتي عام ماڻهو بک جو ماريل آهي، جتي پوڙهي ٿي اڃي تہ کوهن جا ڳوٽ پاڻيءَ ۾ وهيو ٿا وڃن، جتي ويهہ ڪروڙ ماڻهو پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن ۽ اسان آهيون جو هر سال 35 هزار ڪروڙ روپيا هٿيارن تي خرچ ڪري ٿا ڇڏيون.
ماڻهن جا رايا ڪجهہ بہ هجن پر حقيقت اها آهي تہ ڏکڻ ايشيا ۾ نيو ڪليئر سگهہ کان ڊڄڻ جا ڪيئي سبب آهن. ڀارت توڙي پاڪستان ٻنهي وٽ بيليسٽڪ ميزائيل موجود آهن. وسيلن جي گهٽتائي هئڻ جي ڪري انهن ملڪن جا نيو ڪليئر وار هيڊ ڪنهن هڪ ئي هنڌ ٺاهيا ويا هوندا. مثال طور ڀارت جي نيو ڪليئر هٿيارن جي باري ۾ اهو خيال ڀاتو وڃي ٿو تہ اُنهيءَ دفاعي پيداوار جو صرف هڪ يونٽ يعني ڀابا ائٽمڪ ريسرچ ممبئيءَ ۾ ئي ٻڌايو ويندو. ائين ئي شايد پاڪستان بہ هوندو. انهيءَ ڪري اهو خيال حقيقت تي ٻڌل ٿو لڳي تہ ٻئي ملڪ هڪڙي ئي ڌڪ ۾ پنهنجين ائٽمي پيداواري سهوليتن وارن هنڌن کي اڏائي سگهن ٿا.
ڀارت جا وڏا شهر پاڪستان جي وڏن شهرن کان ۽ پاڪستان جا وڏا شهر ڀارت جي وڏن شهرن کان ڪجهہ سؤميلن جي پنڌ تي آهن، جيڪو ايڏو وڏو پنڌ ناهي. انهيءَ ڪري ڪٿان بہ ڇڏيل ميزائيل اندو پاڪ جي ڪنهن بہ شهر تائين پهچڻ ۾ صرف پنج منٽ لڳائيندو. پنجن منٽن جو وقت ڪو ايڏو وڏو گهٽو ناهي. انهيءَ ڪري ٻنهي ڌرين جي فوجي ماهرن ڌڪ جو جواب ڌڪ سان ڏيڻ جي رٿابندي ڪري ڇڏي هوندي.
ڪانتي باجپائي منهنجي پراڻي دوست آهي ۽ الي نوئي يونيورسٽيءَ مان اسٽريٽجڪ اسٽڊيز ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪيل اٿس. سندس شمار نيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا وڏا سوسٽ اُٿندا آهن. هوا جو اهو داٻ ڪئين هزار پائونڊ في چورس انچ تائين پهچي ويندو آهي، اهو بلڪل ائين هوندو آهي، جيئن ڪو ماڻهو پريشر ڪُڪر ۾ بند هجي. فرق رڳو اهو هوندو آهي ته هوا جو اهو داٻ پريشر ڪڪر جي داٻ کان ڪئين هزار ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي ۽ نتيجي ۾ هوا جي اُٿندڙ طوفان جي رفتار به هزارين ميل في ڪلاڪ جي حساب تي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو بروقت سڙي مرڻ کان بچي وڃي ته اهو طوفان ڪيس توب جي گولي وانگر اچي لڳندو ۽ ڪيس ڏاٿا ڏاٿا ڪري اڏائي ڇڏيندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو طوفان جي انهيءَ دٻڙاٽ کان به بچي ويندو ته سندس ڦڦڙ ڦاٽي پوندا. جيڪڏهن ماڻهو اڏندڙ شين جي ڌڪ کان بچي ويندو ته سندس اندروني عضوا ڦاٽي پوندا.-اڄڪلهه جيڪي گهرن، آفيسن، هوٽلن ۽ دڪانن وغيره جون عمارتون ٺاهيون ويون آهن، اُهي عمارتون 160 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ايندڙ طوفان جي دٻ جهلي سگهن ٿيون، پر هيءَ 2000 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان اٿندڙ طوفان انهن عمارتن جو ڪهڙو حشر ڪندو انهيءَ جو اندازو هر ماڻهو لڳائي سگهي ٿو. ڀتيون ۽ ڇتيون اتو ٻٽجي رهجي وينديون ۽ شهتير ڪکن وانگر اڏامڻ لڳندا. شهرن ۾ موجود ڪاڏي ڀيتي جي پچائڻ لاءِ ڪم ايندڙ سيِ سيلنڊر ڦاٽي پوندا. ميونسپل، طبي ادارا ۽ پوليس جا ٿاٿا اڏامي ويندا ۽ شهر جو سڄو ڍانچو اچي پٽ پوندو. ائٽم بم کان پوءِ موت ته ڪو مهڻو نه رهندو، پر لکين ماڻهن جي جسمن تي زخمن جا ہرڙ پئدا ٿي پوندا. جيڪي ماڻهو اهڙيءَ حالت ۾ جيئرا رهندا، اُهي مري ويل ماڻهن جا ڀاڳ ڀلا سمجهندا. جڏهن اُهو سڀ ڪجهه ٿي ويندو ته اُنهيءَ کان پوءِ به لکين ماڻهو بي گهر، بي در ٻٽجي ويندا ۽ ڪنهن نه ڪنهن پاسي منهن ڪري هلڻ لڳندا. روڊ رستا ماڻهن سان ايترا ته سٽجي ويندا جو ڪنهن به قسم جي گاڏيءَ کي واٽ نه ملندي. مرد، عورتون، ٻار، پوڙها، امير ۽ غريب سڀ پنڌ ۾ هوندا. ڪيترن ئي جا جسم سڙيل هوندا ۽ ڪيترائي زخمن وچان لاچار هوندا. شعائن جي جي منهن ۾ آيل ڪيترائي ماڻهو بيمار ٻٽجي چڪا هوندا. کائڻ لاءِ ڪجهه به نه هوندو. پاڻي پيئڻ لائق نه رهندو. دوا دارون ختم ٿي چڪا هوندا. جبلن مان وهي ايندڙ پاڻي زهريلو ٻٽجي چڪو هوندو. درياءَ تباهه ٿي ويندا. وبائون منهن ڪڍنديون ۽ ماڻهو ماڪوڙين وانگيان مرڻ لڳندا. مُردا نه ارٿي تي چڙهندا ۽ نه ئي قبر ڀيڙا ٿي سگهندا. چوڏاري قيامت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي قيامت هوندي.“

اهو مسلم ليگ نواز شريف جي حڪومت جو دور هو جڏهن منهنجو هوائي جهاز لاهور جي ايئر پورٽ تي لهي رهيو هو ته مون کي ڪئين ڪتڪا بيٺا هئا ته پارٽي شهريءَ جي حيثيت ۾ مون سان جانچ جونچ ۽ پُڇا جي ناليِ ۾ وڏي جڻ ٿيندي. آئون انهيءَ جُڻ لاءِ تيار هوس. پر جڏهن لاهور جي ايئرپورٽ تي پهتس ته مون کي رڳو آگر جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏني وئي. جُڻ جي بدران مون کي پاڪستانين جي مهمانوازيءَ کي منهن ڏيڻو پئجي ويو.

جماعت اسلامي جو امير قاضي حسين احمد هڪ خوش اخلاق ماڻهو آهي، مون کي چيائين، ”جڏهن ٻن قومن جا هڪ ٻئي ۾ شڪ شوبا به هجن ۽ دشمني به هجي ته اهڙيءَ صورت ۾ ائٽمي جنگ جو خطرو ته موجود رهندو. ائٽمي هٿيارن جو استعمال به ٿيندو. جنگ ۾ ماڻهو چريا ٿي پوندا آهن. جڏهن ڪنهن هڪڙيءَ قوم کي اهو ڊپ ٿيندو ته سندس شڪست ٿيڻ واري آهي ته اُها ذِر ذلت کان بچڻ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿي.“

پاڪستان ۾ آخري ٽيهري انساني حقن جي علمبردار عاصمه جهانگير سان گڏ گذاريم هوءَ هڪ اهڙي سياستدان جي ڌيءَ به آهي، جنهن سدائين حقن جي ڳالهه ڪئي. عاصمه جو چوڻ هو ته، ”سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو، چاڪاڻ ته پاڻ جون پاليسيون عقل کان وانجهيل آهن. ايڏهاڪ تي پيا هلون پاڻ چئني طرفن کان غلط اطلاعن ۾ گهيريل آهيون. پاڻ جي هڪ ٻئي سان تاريخي دشمني آهي ۽ هڪ ٻئي جي خلاف جهاد جي شديد جذبن ۾ قاتل آهيون. ٻئي قومون تقدير پرست آهن، جن جو خيال آهي ته ڏڪار، سوڪهڙو ۽ حادثو وغيره اسان جي نصيب ۾ لکيل آهي. ٻنهين طرفن کان فيصلو ڪندڙ طاقت ڳاڻ ڳٽين ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.“

ظاهر آهي ته ائٽمي هٿيارن جو اصل نشانو ته عوام کي ٿي بنجڻو آهي، پوءِ اهو عوام ڀارت جو هجي يا پاڪستان جو.

(2003ع)

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عبدالقادر جوڻيجو پهرين نومبر 1945ع تي جنهاڻ تعلقي مٺي، ضلع ٿرپارڪر ۾ هڪڙي خوشحال گهراڻي ۾ ڄائو. هن جو والد مريد حسين جوڻيجو پوليس کاتي ۾ ملازم هو. هو 1962ع کان 1976ع تائين اُستاد رهيو. پوءِ 7 جون 1976ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي ڄامشورو ۾ پبليڪيشن آفيسر ٿيو. جتان مختلف عهدن تان ٿيندو، وڃي اداري جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر واري عهدي تائين پهتو. هاڻ سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي حيدآباد جي چيئرمين طور پنهنجو فرض نڀائي پيو.

عبدالقادر جوڻيجي جا عوامي ۽ سماجي زندگيءَ، سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن ليکڪن تي خاڪن، ترجمي، ادب، تعليم، ميڊيا، ثقافتي انٿروپولاجيءَ ۽ ادبي خطن جهڙن موضوعن تي هيستائين ٻارهن ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن: ۽ سنڌس هن نئين ڪتاب ۾ الڳ الڳ موضوعن تي مختلف مضمون شامل آهن. جيڪي هن سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي مسئلن توڙي عالمي اَدب جي چونڊ ڪتابن مان پڙهي ۽ پروڙي اسان تائين پهچايا آهن.

عبدالقادر جوڻيجو صاحب، ڊراما کيتر ۾ اعليٰ ڪارڪردگيءَ تي 1989ع ۾ صدارتي ايوارڊ، قسطوار ڊرامي "ديوارين" تي 1983ع ۾ ۽ 1985ع ۾ قسطوار ڊرامي "ڪاروان" تي بهترين ليکڪ جو ساليانو پي ٽي وي ايوارڊ، 1989ع ۾ پي ٽي وي سلور جوبلي ايوارڊ، 1988ع کان 1998ع واري ڏهاڪي جو پي ٽي وي ايوارڊ ۽ ريڊيي پاڪستان جو 1999ع ۾ گولڊن جوبلي ايوارڊ (قومي) ماڻي چُڪو آهي.

عبدالقادر جوڻيجي جي ڊرامي "ديوارين" کي ڏکڻ ايشيا جي پهرئين ٽي وي ڊرامي طور بي بي سي چئنل 4 وارن انگريزي ترجمي سان، قسطوار ٽي وي ڊرامي "سيڙهيان" کي آمريڪا توڙي ڪئناڊا سميت تيرهن مُلڪن ۽ قسطوار ٽي وي ڊرامي "پراندا" کي ڪئناڊا ۽ ٻين مُلڪن ۾ ٻه ٽيليڪاسٽ ڪيو ويو.

عبدالقادر جوڻيجي صاحب سنڌي توڙي اُردو ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ٽي وي ناٽڪ لکيا آهن. هن جا جيڪي ٻه ناٽڪ ريڊيي ۽ ٽي وي تان نشر ٿيا آهن. تن کي ڏسندڙن ۽ ٻُڌندڙن تمام گهڻو ساراهيو آهي. گڏوگڏ هُو ادب، ثقافت، تعليم، آرڪيالوجي، اوشينولوجي ۽ صحافت وغيره سان لاڳاپيل ارڙهن کان وڌيڪ ادارن جي مختلف ڪميٽين جو ميمبر رهيو آهي ۽ هينئر بڻ پاڻ ڪيترن ئي ادارن جو ميمبر آهي.

Rs: 180.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪائو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٿِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪَٽين، جيڪي بہ ڪَٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)



عبدالقادر جوڻيجو پهرين نومبر 1945ع تي جنهاڻ تعلقي منيءَ ضلع ٿرپارڪر ۾ هڪڙي خوشحال گهراڻي ۾ ڄائو. هن جو والد مريد حسين جوڻيجو پوليس کاتي ۾ ملازم هو. هو 1962ع کان 1976ع تائين اُستاد رهيو. پوءِ 7 جون 1976ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي ڄامشورو ۾ پبليڪيشن آفيسر ٿيو. جتان مختلف عهدن تان ٿيندو، وڃي اداري جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر واري عهدي تائين پهتو. هاڻ سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي حيدرآباد جي چيئرمين طور پنهنجو فرض نڀائي پيو.

عبدالقادر جوڻيجي جا عوامي ۽ سماجي زندگيءَ، سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن ليکڪن تي خاڪن، ترجمي، ادب، تعليم، ميڊيا، ثقافتي ائنٿروپولاجيءَ ۽ ادبي خطن جهڙن موضوعن تي هيستائين ٻارهن ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن؛ ۽ سنڌس هن نئين ڪتاب ۾ الڳ الڳ موضوعن تي مختلف مضمون شامل آهن، جيڪي هُن سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي مسئلن توڙي عالمي ادب جي چونڊ ڪتابن مان پڙهي ۽ پروڙي اسان تائين پهچايا آهن.

عبدالقادر جوڻيجو صاحب، ڊراما کيتر ۾ اعليٰ ڪارڪردگيءَ تي 1989ع ۾ صدارتي ايوارڊ، قسطوار ڊرامي "ديوارين" تي 1983ع ۾ ۽ 1985ع ۾ قسطوار ڊرامي "ڪاروان" تي بهترين ليکڪ جو ساليانو پي ٽي وي ايوارڊ، 1989ع ۾ پي ٽي وي سلور جوبلي ايوارڊ، 1988ع کان 1998ع واري ڏهاڪي جو پي ٽي وي ايوارڊ ۽ ريڊيو پاڪستان جو 1999ع ۾ گولڊن جوبلي ايوارڊ (قومي) ماڻي چُڪو آهي.

عبدالقادر جوڻيجي جي ڊرامي "ديوارين" کي ڏکڻ ايشيا جي پهرئين ٽي وي ڊرامي طور بي بي سي چئنل 4 وارن انگريزي ترجمي سان، قسطوار ٽي وي ڊرامي "سيڙهيان" کي آمريڪا توڙي ڪئناڊا سميت تيرهن مُلڪن ۽ قسطوار ٽي وي ڊرامي "پراندا" کي ڪئناڊا ۽ ٻين مُلڪن ۾ ٻه ٽيليڪاسٽ ڪيو ويو.

عبدالقادر جوڻيجي صاحب سنڌي توڙي اُردو ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ٽي وي ناٽڪ لکيا آهن. هن جا جيڪي ٻه ناٽڪ ريڊيو ۽ ٽي وي تان نشر ٿيا آهن. تن کي ڏسندڙن ۽ ٻُڌندڙن تمام گهڻو ساراهيو آهي. گڏوگڏ هو ادب، ثقافت، تعليم، آرڪيالوجي، اوشينولوجي ۽ صحافت وغيره سان لاڳاپيل ارڙهن کان وڌيڪ ادارن جي مختلف ڪميٽين جو ميمبر رهيو آهي ۽ هينئر پڻ پاڻ ڪيترن ئي ادارن جو ميمبر آهي.

Rs: 180.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com